پرسترونیکا

میخائیل گورباچوف

پيارا ۽ پا بوھ ماڻ،
سنڌ ڌرتيءَ کان ڏجي ڌارُ ڪيل

لاءِ سوکڙي -

پيار مان

ڊاڪٽر گھنشيام پرڪاش
ڪشور
٦ ڊسمبر ٩٨ع

پېرېستروئىكا

PERESTROIKA

(يېڭى تەشكىل)

پرسترویکا

(نئین تشکیل)

گورباچوف

گھنشام پرکاش

روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو
1989ع

(هن ڪتاب جي هن ترجمي جا سڀ حق واسطااداري وٽ سوگها)

ڪتاب جو نالو : پرسترونيڪا، (نئين تشڪيل)
ڇپائيندڙ : روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو
ڇاپيندڙ : امير. خان پرنٽنگ پريس گاڏي ڪاتو حيدرآباد
ڪمپوزنگ : عبدالغفور ٻيڊائي / محمد يوسف سومرو / محمد علي سومرو
لي آئوٽ ڪيلي گرافي : عبدالرسول بلوچ
سال : 1989ع
ڇاپو : پهريون

قيمت -/67
-/85
-/125

PERESTROIKA, Writtten by
MIKHAIL GORBACHEV.
Translated in Sindhi by, GHANSHAM PURKASH
Publication by, ROSHANI BULICATION,
Kandiaro Sindh.
First Edition July 1989.

وچور

مضمون	صفحو
پڙهندڙن ڏانهن	17
باب پهريون	
* نئين تشڪيل: شروعات، بنيادي اصول ۽ انقلابي ڪردار	29
* نئين تشڪيل: هڪ تڪڙي ضرورت	29
* لينن ڏانهن موٽ، نئين تشڪيل جو سرچشمو	41
* نئين تشڪيل هڪ باقاعدي سوچيل سمجهيل منصوبو آهي، نه ڪي لباڙ	44
* وڏيڪ سوشلزم ۽ وڏيڪ جمهوريت	59
* تاريخ جا سبق	63
* اسان ڪي ڪهڙي شيءِ نئين سٽاءَ لاءِ آتساهيو	74
* نئين تشڪيل هڪ انقلاب آهي	83
* ڇا هي مٿان کان مڙهيل انقلاب آهي؟ پارٽي ۽ نئين تشڪيل	92
باب ٻيون	
* نئين تشڪيل جو عمل جاري ٿئي ٿو، پهريان فڪري نتيجا	99
* سماج کي چرپر ۾ آندو وڃي ٿو، هي سڀ ڪيئن شروع ٿيو؟	100
* نئين تشڪيل جو عمل تيز ٿئي ٿو	105
* اسان وٽ ڏهيل ڏڪيل فارمولا ناهن	107
* صاف گوئي يا سچ ڳالهائڻ جو عمل اڃا وڌي	124
* نئين تشڪيل ۽ پڙهيل لکيل ماڻهو	132
* نئين اقتصادي ۽ سماجي پاليسي، عمل جي ميدان ۾	136

مضمون	صفحو

* اقتصادي سڌارا، سوويت يونين جي ڪميونسٽ پارٽي جي مرڪزي ڪميٽي جو اجلاس ١٩٨٧	137
* مڪمل ڪاسٽ اڪائونٽنگ کي اختيار ڪرڻ	144
* مرڪزيت جو نئون تصور	146
* اسان جا مقصد عالمي صنعتي معيار آهن	150
* نئين تشڪيل جو سگهارو عمل (؟)	155
* نئين تشڪيل جي سماجي پاليسي	160
* جمهوريت جي رستي تي ـ اسان جي اهم دولت	167
* قانون جي پابندي، جمهوريت جو اهم ترين عنصر	171
* نئين تشڪيل ۽ سوويتيون	178
* ٽريڊ يونين جو نئون ڪردار	183
* نوجوان ۽ نئين تشڪيل	186
* عورتون ۽ خاندان	188
* سوشلسٽ ملڪن جي سنگت هڪ بي مثال تنظيم	191
* وقار ۽ اعتماد	197
* نئين تشڪيل ۽ اوڀر جا ملڪ	201

باب ٻيون

* اڄ جي دنيا کي اسان ڪيئن ڏسون ٿا، اسان ڪيئي بيٺل آهيون.	215
* نئين سياسي سوچ	221
* اسان نئون موقف ڪيئن اختيار ڪيو	230
* ماسڪو جو هٿ	239
* نئين سوچ جا عالمي نتيجا	242
* ايمانداراڻه ۽ ڪليل پرڏيهي حڪمت عملي	251

مضمون | صفحو

باب چوٿون

* سوويت يونين ۾ سوشلسٽ دنيا ۾ نئين تشڪيل 256
* سچو سوشلزم ڇا آهي؟ 256
* نون لاڳاپن ڏانهن وک وڌائڻ 261

باب پنجون

* عالمي برادري ۾ ٽينءَ دنيا جو وجود 271
* علائقائي جهڳڙا 274
* سيني قومن کي پنهنجي ترقي لاءِ پنهنجي پسند جو رستو چونڊڻ جو حق آهي 282
* ايشيا ۽ پئسفڪ سمنڊ جو مسئلو 285
* ايشيا ۾ ائٽمي بارود گهٽائڻ 291
* سوويت يونين ۽ هندستان جا لاڳاپا 293
* هڪ پوائنٽي ڏينڊ 295
* لاطيني آمريڪا: عظيم تبديلين جو دور 297

باب ڇهون

* سوويت پرڏيهي پاليسي ۾ يورپ جي اهميت 302
* تاريخ جو ورثو 303
* يورپ، اسان جو گڏيل گهر 308
* هڪ ضرورت - گڏيل يورپي پاليسي جون ضرورتون 310
* يورپ جي ڀلائي جا امڪان 312
* ٻه جرمن ديس 315
* يورپ ۾ بارود کي گهٽائڻ 318
* يورپ ۾ سهڪار 323
* يورپ ۾ نئين سوچ جي ڀرين علامت 325

صفحو | مضمون

* يورپ ۽ آمريڪا 327
* يورپ جي ذميواري 330

باب ستون

* بارود گهٽائڻ جا مسئلا ۽ سوويت يونين ۽ آمريڪا جا لاڳاپا 331
* اسان آمريڪا مان ڪهڙي اميد رکون ٿا 335
* آمريڪا، ”پهاڙ جي چوٽي تي هڪ چمڪندڙ شهر“ 338
* دشمن جو تصور 342
* هٿيارن جي تياري جي ضرورت، ڪنهن کي ۽ ڇا لاءِ ؟ 344
* حقيقتن جي باري ۾ وڌيڪ ڳالهيون 349
* اوپرائپ، بچڙائي آهي 351
* جنيوا ملاقات ڏانهن هڪ وک 356
* جنيوا 357
* جنيوا کان پوءِ 359
* ائٽمي ڌماڪن تي پابندي 360
* ائٽمي بارود کي ختم ڪرڻ جو پروگرام 363
* جنيوا کان پوءِ آمريڪي عمل 368
* چرنوبل مان ڪهڙو سبق مليو 372
* رڪياوڪ 374
* رڪياوڪ کان پوءِ 383
* ماسڪو فورم ۽ وچئين فاصلي تائين مار ڪندڙ ميزائيل 389
* آخري لفظ 402

پڙهندڙن ڏانهن

هي ڪتاب لکندي منهنجي خواهش اها رهي آهي ته سوويت يونين آمريڪا ۽ دنيا جي هر ملڪ جي ماڻهن سان سڌو سنئون ڳالهايان.

مون کي گهڻن ئي ملڪن جي حڪومتن جي سربراهن ۽ اڳواڻن سان ملڻ جو موقعو مليو آهي. آءٌ عوام جي چونڊيل نمائندن سان مليو آهيان. پر هن ڪتاب لکڻ مان منهنجو مقصد آهي ته سڄي دنيا جي ماڻهن سان سنئين سڌي ڳالهه ٻولهه ڪريان. اهڙن مسئلن تي ڳالهايان، جن جو تعلق اسان سڀني سان آهي.

هي ڪتاب مون ان ڪري لکيو آهي، ڇوته مون کي هنن جي ساڃهه ۽ سمجهه تي ڀروسو آهي. مون کي پڪ آهي ته مون وانگر هنن کي به اسان جي ڌرتيءَ جي مستقبل جي باري ۾ ڳڻتي آهي ۽ اهو مسئلو تمام گهڻو اهم آهي.

ان کي هڪٻئي سان ملڻ گهرجي، پاڻ ۾ ڳالهيون ڪرڻ جي عمل کي جاري رکڻ گهرجي. اسان کي تڪراري مسئلن کي سک ۽ سهڻي سلوڪ واري جذبي سان نبيرڻ گهرجي، نه ڪي مخالفت يا دشمني جي روين سان. مان مڃان ٿو ته ڪنهن به هڪ مسئلي تي بحث لاءِ هر ماڻهو مون سان سهمت ڪونه ٿيندو. تنهن ڪري خيالن جي ڏي وٺ ڏاڍي ضروري آهي. منهنجو هي ڪتاب ”پرسترو ئيڪا“ (نئين تشڪيل) خيالن جي اهڙيءَ ڏي وٺ جي هڪڙي ڪوشش آهي. هي ڪتاب نه ڪو سائنسي مقالو آهي ۽ نه ئي وري پروپيگنڊا لاءِ لکيو ويو آهي. ان جي باوجود پڙهندڙن جو هن ڪتاب ۾ اهڙن نظرين، نتيجن ۽ تجرباتي طريقي سان تعارف ٿيندو، جن جي گهرائي ۾ واضح ڪسوٽيون توڙي بنيادي نظرياتي اصول نجرڪندا نظر ايندا آهن.

هن ڪتاب ۾ نئين جوڙجڪ جي مختلف پاسن تي غور

ڪيو ويو آهي. اهڙن مسئلن کي سامهون آندو ويو آهي، جيڪي سينني کي درپيش آهن. نئين جوڙجڪ جي عمل ۾ تمام وڏي پئماني تي جيڪي تبديليون آنديون ويون آهن. هتي انهن جو ئي ذڪر ٿيل آهي ۽ ان اڙانگي عمل جي مختلف مرحلن جو ذڪر ٿيل آهي. انهيءَ پس منظر منجهه اسان جي دور جي هڪ بي مثال خاص اهميت ۽ ان عظيم عمل ۾ اسان جي ذميواريءَ کي پڌرو ڪيو ويو آهي.

مون چاٽي واٽي هن ڪتاب ۾ انگن اکرن جي تفصيل ڏيڻ کان پاسو ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ اسان جي منصوبن ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي طريقن تي بحث ٿيل آهي ۽ سمجهه ته هي ڪتاب به ـ طرفي ڳالهين جي ابتدا آهي. ڪتاب جي گهڻي حصي ۾ اسان جي نئين سياسي سوچ ۽ پرڏيهي حڪمت عملي جو فلسفو بيان ٿيل آهي. جيڪڏهن هن ڪتاب قومن جي وچ ۾ اعتماد ۽ نيڪ نيتي جي جذبن کي سگهارو بڻايو ته هن ڪتاب جو مقصد پورو ٿي ويندو.

- پرسترويڪا (نئين تشڪيل) يا پيهر تنظيم ڇا آهي؟
- اسان کي ان جي ضرورت ڇو پيش آئي؟
- ان جو گر (Substance) ۽ ان جا مقصد ڪهڙا آهن؟
- اها ڪهڙين شين کي رد ڪري ٿي ۽ ڪهڙين نين ڳالهين کي جنم ڏئي ٿي؟
- پرسترويڪا (نئين تشڪيل) جو عمل ڪيئن اڳتي وڌي رهيو آهي. سوويت يونين ۽ سڄي عالمي انساني برادري کي ان مان ڇا حاصل ٿيندو؟

هي سڀ ڏاڍا اهم سوال آهن ۽ هرڪو ماڻهو انهن سوالن جا جواب ڄاڻڻ چاهي ٿو. انهن ۾ هر سياسي ڪارڪن، واپاري، ڏاها، صحافي، استاد، پادري، اديب، شاعر، شاگرد، مزور ۽ هاري شامل آهي. سوويت يونين ۾ جيڪو عمل جاري آهي، هو ان کي سمجهڻ چاهين ٿا، هن ڪتاب جي ضرورت ان ڪري به آهي جو اولهه جي اخبارن منجهه توڙي ٽيليويزن تي منهنجي ديس جي 'ناپسند' جو اظهار اجهان ٿئي ٿو.

پرسترونيڪا (نئين تشڪيل) اسان جي سماج جي علمي جيون جو محور بنجي چڪي آهي ۽ اهو ٿيڻ اڻ ـ ٽر هو. ڇوته انهيءَ تي ئي اسان جي ملڪ جي مستقبل جو دارومدار آهي. ان جي نتيجي ۾ ظاهر ٿيندڙ تبديليون سڀني سوويت شهرين کي متاثر ڪنديون ۽ ان جو تعلق اسان جي بنيادي مسئلن سان آهي. هر ماڻهو اهو چاهڻ گهري ٿو ته (اسان جو نسل، اسان، اسان جو آئينده نسل ۽ ان کان پوءِ ايندڙ نسل) ڪهڙي قسم جي سماج ۾ زندگي گذاريندو.

ٻيا سوشلسٽ ملڪ به سوويت يونين ۾ جاري پرسترونيڪا (نئين تشڪيل) جي عمل کي دلچسپي سان ڏسن پيا. انهن جي ترقيءَ لاءِ ۽ جاکوڙ جي لاءِ پڻ اهو دور ڏاڍو اهم آهي. اهي پڻ معاشي ۽ سماجي ترقي جي رفتار کي تيز ڪرڻ لاءِ نوان نوان طريقا ڳولي رهيا آهن ۽ انهن کي ڪتب آڻي رهيا آهن. ان ميدان ۾ ڪا وڏي سوڀ حاصل ڪرڻ لاءِ اسان سڀني کي گڏجي منصوبا ٺاهڻ آهن ۽ گڏيل سهڪار سان اڳتي وڌڻو آهي.

هاڻي هي ڳالهه سولائي سان سمجهه ۾ اچي سگهي ٿي ته ٻيا ملڪ اسان جي ديس ڏانهن ڇو پيا ڏسي رهيا آهن. ڳالهه هي آهي ته اسان جو ديس عالمي مسئلن جي حل لاءِ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي.

انهن ڪارڻن جي ڪري مون، آمريڪي پبلشر جي اها رٿ قبول ڪئي ته آءٌ هي ڪتاب لکان. اسان چاهيون ٿا ته ماڻهو اسان جي ڳالهه ٻڌن ۽ اسان کي سمجهن. سوويت يونين اڄ عظيم تبديلن جي دور مان لنگهي رهيو آهي. ڪميونسٽ پارٽي ١٩٨٠ع جي ڏهاڪي جي وچ ڌاري موجوده حالتن جو تنقيدي تجزيو ڪيو ۽ پرسترونيڪا (نئين تشڪيل) جي حڪمت عملي جا اصول جوڙيا. ان حڪمت عملي ۾ ديس جي ۽ معاشي ترقي جي رفتار کي تيز ڪرڻ ۽ زندگي جي سڀني شعبن کي نئين سر منظم ڪرڻ جا مقصد سامهون رکيا ويا. سوويت عوام ان حڪمت عملي کي چڱي طرح سمجهيو آهي ۽ ان کي قبول ڪري ان مطابق ڇستيءَ سان ڪم

ڪري رهيا آهن. پرسترائيڪا (نئين تشڪل) جي حڪمت عملي تي عمل ڪرڻ سان سڄو سماج چُرپُر ۾ اچي ويو آهي. اهو صحيح آهي ته اسان جو ديس گهڻو ڦهليل آهي. اهو به درست آهي ته اسان ڪي ڪافي مسئلا حل ڪرڻا آهن ۽ انهن سڀني کي حل ڪرڻ سولو ڪم ناهي، پر اها به حقيقت آهي ته اسان ان ڪم جي شروعات ڪري چڪا آهيون ۽ تبديلي جو عمل شروع ٿي ويو آهي. هاڻي ان عمل کي روڪڻ يا ان کان ڪَنّي ڪترائڻ ممڪن ناهي، ڇو ته هي اڳتي وڌڻ جو دور آهي ۽ وقت پوئتي ناهي موٽندو.

آمريڪا ۽ اولهه يورپ ۾ پرسترائيڪا (نئين تشڪيل) جون مختلف تشريحون ٿي رهيون آهن. هڪ تشريح اها به آهي ته اسان کي پرسترائيڪا (نئين تشڪيل) جي ضرورت ان ڪري پيش آئي، جو اسان جون معاشي حالتون گهڻيون خراب ٿي ويون هيون. اهو به چيو ويو ته اسان سوشلزم کان بدظن ٿي ويا هئاسين، ڇو ته سوشلزم جا مقصد ۽ مثالي منزل جي حاصلات ناممڪن نظر پئي آئي. اهي ڳالهيون نه رڳو حقيقت کان پري آهن پر ناممڪن ۽ ڪل جو ڳيون پڻ آهن، پوءِ پل اهي ڳالهيون ڪرڻ وارن جو مقصد ڇا به هجي.

اهو سچ آهي ته پرسترائيڪا (نئين تشڪيل) جي تحريڪ جو ڪارڻ اهو هو ته اسان، ڪجهه سالن کان پنهنجي ملڪ ۾ تيندڙ ترقي جي رفتار کان مطمئن نه هئاسين. اسان اهو محسوس ڪيو ته اسان سوشلزم ۾ موجود، ترقي جي صلاحيتن مان پورو فائدو نه ورتو هو. اها ڳالهه خاص طور تي اسان جي عظيم انقلاب جي ستر (٧٠) سال ۾ ڏاڍي شدت سان محسوس ٿي. اسان وٽ هڪ مضبوط مادي بنياد موجود آهي. قيمتي تجربو اسان وٽ موجود آهي ۽ هڪ اهڙي عالمي سوچ موجود آهي، جيڪا اسان جي سماج کي با مقصد ۽ مسلسل ڀرو ٿڻا (Completion) جي منزل ڏانهن وٺي وڃي سگهي ٿي، ته جيئن پنهنجي جا کوڙ سان مقدار توڙي خاصيت جي لحاظ کان سٺي کان سٺا نتيجا حاصل ڪندا رهون.

آءُ شروع ۾ ئي اها ڳالهه چوڻ چاهيان ٿو ته پرسترونئيڪا (نئين تشڪيل) جو عمل اسان جي اندازي کان وڌيڪ ڏکيو ثابت ٿيو. اسان کي گهٽين ڳالهين جو ٻيهر جائزو وٺڻو پيو. پر اها حقيقت آهي ته هر وک تي اسان کي وڌ کان وڌ اهو يقين ٿيندو ويو ته اسان درست رستي تي هلي رهيا آهيون ۽ درست عمل ۾ رڌل آهيون.

ڪجهه ماڻهن جو خيال آهي ته اسان جي ديس ۾ پرسترونئيڪا (نئين تشڪيل) تحت مقرر ڪيل مثالي انداز ڏکيا ۽ ايترا مهانگا آهن، جو عالمي ميدان ۾ اسان جون پيش ڪيل هاڪوڪيون صلاح جون تجويزون رڳو انهيءَ ڪارڻ ڪري پيش ڪيون ويون آهن. اهو چوڻ وارا اڻوجهه ۽ گهٽ سمجهه وارا آهن. سڄي دنيا کي خبر آهي ته سوويت يونين عالمي امن ۽ ٻه طرفي سهڪار لاءِ سالن کان جاکوڙ ڪري رهيو آهي ۽ اسان هر دفعي اهڙيون ڦل دائڪ تجويزون پيش ڪيون آهن، جو جيڪڏهن انهن تي عمل ڪيو وڃي ته عالمي حالتن ۾ بهتري ۽ توازن پيدا ٿي وڃي ها.

ان ۾ ڪو به شڪ ڪونهي ته اسان کي ڏيهي ترقي جي لاءِ پرامن عالمي حالتن جي سخت لوڙ آهي، پر اسان جا مقصد عالمي آهن. اسان کي اهڙي دنيا گهرجي، جنهن ۾ جنگ نه هجي. هٿيارن جي ڊوڙ نه هجي، ائٽمي هٿيارن نه هجن، ائٽمي هٿيار نه هجن، ظلم ۽ ڏاڍ نه هجي. رڳو ان لاءِ نه ته اسان کي پنهنجي قومي ترقي لاءِ اهڙين حالتن جي ججهي لوڙ آهي، پر معروضي حالتن پٽاندر پڻ اهي سڀ ڳالهيون سڄي ڌرتي جي ڳولي لاءِ ڏاڍيون اڻ ملهه آهن. اسان جي نئين سوچ ان کان به هڪ قدم اڳتي آهي. اڄ دنيا نه رڳو ائٽمي تباهي جي خطري جي پاڇولي منجهه 'جيءَ' رهي آهي. اسان کي ملي سائنسي ۽ ٽيڪنالاجيڪل ترقي جي نتيجي ۾ پيدا ٿيل بدمزگي کي به دور ڪرڻو آهي. اڄ جي انسان کي اهڙا مسئلا سامهون آهن، جيڪي اڳي نه هئا ۽ جيڪڏهن اسان سڀني گڏجي انهن مسئلن جو متفق حل نه ڳوليو ته اسان مڙني جو مستقبل خطري ۾ پئجي ويندو. اڄ

سپئي ملڪ ڪنهن نہ ڪنهن طرح سان هڪٻئي جا محتاج آهن ۽ هٿيارن جا ڍڳ سي بہ ائٽمي ميزائلن جا ڳودام عالمي اڙائي جي ابتدا ڪي ممڪن بڻائي سگهن ٿا. پل ان جو جواز هجي ٻوڙي نہ هجي يا پل اها اتفاقي طرح ٿي، ڇو نہ ڇڙي پوي. پوءِ پل ڪٿي ان جو سبب ٽيڪنڪي غلطي هجي يا ڪٿي انساني غلطي. پر ان ائٽمي لڙائي جي ڪري ڌرتي تي مڙئي مخلوق تباهي جو ٻج بنجي ويندي.

سپ ماڻهو ان ڳالهہ سان سهمت آهن تہ اهڙا ائٽمي جنگ کان پوءِ نہ ڪو کٽڻ وارو بچندو ۽ نہ تہ وري هارائڻ وارو باقي رهندو. يعني انسان تہ انسان پر ڪو ساهوارو بہ باقي ڪونہ رهندو اهو زندگي کي جوکو آهي ۽ سڄي انسانيت جي هيٺناڪ تباهي آهي.

جيتوڻيڪ ائٽمي جنگ منجهہ سموري زندگيءَ جي فنا ٿيڻ جي منظر جو تصور ٿي ڏاڍو هانءَ ڏاريندڙ ۽ لڱ ڪانداريندڙ آهي. پر ڳالهہ اڃا اڳتي وڃي ٿي. هر پل بہ پل تيز کان تيز ٿيندڙ هٿيارن جي ڊوڙ، دنيا جي سياسي ۽ فوجي حقيقتن جو پس منظر ۽ ائٽمي هٿيارن کان اڳ واريءَ سياسي سوچ جي روايت جو اڄ بہ موجود هجڻ، اهي سپ ڳالهيون ملڪن ۽ قومن جي وچ سهڪار جي واٽ ۾ رنڊڪ بڻيل آهن. اوڙ ۽ اولهہ ٻنهي مڃن ٿا تہ قومن ۽ ديسن جي وچ سهڪار سان ئي فطرت جي خزانن کي محفوظ رکي سگهجي ٿو، تہ جيئن انهن وسيلن جي جوڳي استعمال ۽ پيهر تخليق جي ضمانت ڏيئي سگهجي، جيڪي اسان جي بقا لاءِ ڏاڍا ضروري آهن ۽ انسانذات لاءِ اهوئي ڪجهہ اهم آهي تہ انساني نسل ۽ ان جي سپيتا کي قائم دائم رکي.

اهو بہ درست آهي تہ دنيا اڄ اها ناهي، جيڪا اڳي هئي ۽ دنيا جي نون مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ گذريل صدين جي سوچ اڻپوري ۽ چس آهي. مثال طور ڇا اڄ جي حالتن ۾ اها ڳالهہ چئي سگهجي ٿي تہ، ”جنگ سياست جو ئي حصو آهي، رڳو طريقا بدليا آهن.“ اڄ لڙائي مان مطلب، ڌرتي جي گولي جي بربادي کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ ٿو ٿي سگهي. تنهن ڪري اها چوڻي ئي سراسر غلط

آهي. سوويت اڳواڻ ان نتيجي تي پهتا آهن ۽ اسان پيهر اعلان ڪريون ٿا ته سنسار کي اڄ نئين سياسي سوچ جي لوڙ آهي ۽ سوويت اڳواڻ ان نئين سوچ کي ساپيا بڻائي رهيا آهن. ان جو ثبوت دنيا مان بارود جي ڍڳ کي گهٽائڻ لاءِ اسان جي جاکوڙ آهي. پر پرسترائيڪا (نئين تشڪيل) ۾ اسان جون نيون تجويزون ان نئين سوچ جي ڪري سرجيون آهن ۽ اسان انتهائي ايمانداري ۽ خلوص سان اهي تجويزون دنيا جي سامهون رکيون آهن.

نئين تاريخي فڪر جي عمل جو دائرو گهٽو ڦهليل آهي ۽ اهو هن دور جي سڀني بنيادي مسئلن تائين ڦهليل آهي.

اڄ جي دنيا جا سڀ تضاد، سياسي ۽ سماجي نظامن جا اختلاف ۽ مختلف قومن جي الڳ الڳ دل گهرين موقفن جي باوجود هي دنيا هڪ ايڪو آهي. اسان سڀ هڪ ئي ٻيڙي جا سوار آهيون، جنهن جو نالو "ڌرتي" آهي ۽ اسان کي گهرجي ته ان کي برباد ٿيڻ کان بچايون. اسان کي ٻيو دفعو 'نوح جي ٻيڙي' ڪونه فراهم ڪئي ويندي.

علم سياست جي پيڙهه حقيقتن تي رکڻ گهرجي. اڄ جي دنيا جي سڀ کان وڏيڪ پڪي پختي حقيقت سوويت يونين ۽ آمريڪا جي هٿيارن جا وڏا وڏا ڍڳ آهن جن ۾ ائٽمي توڙي روائتي ٻئي هٿيار شامل آهن. تنهن ڪري ٻنهي ملڪن تي سڄي دنيا ڏانهن وڏي ذميواري عائد ٿئي ٿي. ان ذميواري جو احساس ڪندي اسان ايمانداريءَ سان سوويت-آمريڪي لاڳاپن کي بهتر بڻائڻ چاهيون ٿا ته سوويت يونين ۽ آمريڪا ۾ گهٽ ۾ گهٽ ايتري سڪ سلوڪ پيدا ٿي وڃي جو ان بنياد تي اهڙن عالمي مسئلن کي حل ڪيو وڃي جيڪي سڄي انسانيت جي مستقبل جي لاءِ انتهائي اهم آهن.

اسان وڏي واڪي اعلان ڪريون ٿا ته اسان آمريڪا جي عالمي وڏيرپ ۽ عالمي اقتدار جي رويي کي رد ڪريون ٿا. اسان آمريڪي سياست ۽ زندگي جي عنصرن کي پسند ڪونه ٿا ڪريون. اسان آمريڪي عوام جي ان حق جو احترام ڪريون ٿا ته اهو ۽

دنيا جون سڀ قومون پنهنجي پنهنجي دستور، قانون، روايت، رسم رواج ۽ پسند مطابق زندگي گذارين.

اسان چڱي طرح ڄاڻون ٿا ۽ مڃون ٿا ته آمريڪا جديد دنيا ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. اسان عالمي ثقافت جي واڌ ويجهه ۾ آمريڪي عوام جي حصي جي اهميت کي تسليم ڪريون ٿا ۽ اسان آمريڪا جي جائز مفادن کي به تسليم ڪريون ٿا. اسان چڱي طرح سمجهون ٿا ته آمريڪا جي شموليت کان سواءِ، عالمي ائٽمي تباهي جي خطري کي ٽارڻ ۽ مضبوط امن قائم ڪرڻ ناممڪن آهي. اسان آمريڪي عوام خلاف ڪي برا ارادا نٿا رکون. اسان زندگي جي سڀني شعبن ۾ هنن سان سهڪار ڪرڻ لاءِ تيار آهيون.

اسان هنن سان برابري جي بنياد تي، ٻه طرفي سڪ سلوڪ جي ماحول ۾ ۽ ٻه طرفي سهڪار جي بنياد تي گڏجي ڪم ڪنداسين. ڪڏهن ڪڏهن اسان کي آمريڪي رويي جي ڪري گهڻي مايوسي ٿيندي آهي. جڏهن آمريڪا اسان جي ملڪ کي غاصب، اڳرائي پسند يا ”شيطاني حڪومت“ چئي ٿو، ته اسان کي شڪ ٿيندو آهي ته شايد آمريڪي سرڪار صلح ۽ سهڪار جون ڳالهيون رڳو لوڪ لڄا کان ڪري رهي آهي. اسان جي باري ۾ ڪهڙيون ڪوڙيون ڳالهيون ڦهلايون ٿيون وڃن. اسان جي ماڻهن خلاف دشمني ۽ بي اعتباري جو مظاهرو ڪيو ويندو آهي. اسان ڏانهن اڻ سڌريل رويا اختيار ڪيا وڃن ٿا ۽ اسان تي هر قسم جي پابندي لڳائي وڃي ٿي.

اها آمريڪا جي سوڙهي سوچ يا تنگ نظري آهي ۽ ان جو ڪو به جواز يا ڪارڻ ڪونهي. وقت تيزي سان گذري رهيو آهي. اڄ ان موقعي کي هٿان وڃائڻ نه گهرجي. اسان کي جلد ئي اثرائتا قدم کڻڻ گهرجن. نه ته اسان ان ڏس ۾ مناسب موقعي جي انتظار ۾ ويٺا رهنداسين ۽ وقت هٿان نڪري ويندو ۽ پوءِ سواءِ سڪڻ هٿن مهٽڻ جي ڪجهه به ڪين ورندو. اسان کي هينئر ۽ هن گهڙيءَ ئي تعميري ۽ ڏور-رس ڳالهيون ڪرڻ گهرجن. ان مقصد لاءِ اسان سوويت ۽ آمريڪي شهرن جي وچ ۾، سوويت آمريڪي عوامي نمائندن ۽

سياستدانن جي وچ ۾، توڙي آمريڪي ۽ سوويت شهرين لاءِ ٽيليويزن ۽ ٻين رابطن قائم ڪرڻ جو بندوبست ڪيو وڃي.

اسان پنهنجي پرچار جي وسيلن ذريعي اولهه جي ملڪن جي موقف کي چڱي طرح پيش ڪندا آهيون. اسان ابتڙ سوچن ۽ متضاد سياسي نظرين جي پوئلڳ ماڻهن جي وچ ۾ ملاقاتن جي همت افزائي ڪندا آهيون. ائين ڪرڻ سان اسان کي اهڙي عالمي سياسي لاڳاپن جي نظام قائم ڪرڻ ۾ سولائي ٿيندي، جنهن کي سڀ ديس دل سان قبول ڪن.

اسان اها دعويٰ نٿا ڪريون ته ان موضوع تي ڏسيل طريقو ڪو 'پٿر تي ليڪو' آهي. اسان وٽ اهڙو ڪو به ٺهيل ٺڪيل فارمولو ڪونهي جيڪو هر جڳهه، هميشه ۽ هر مسئلي جو حل اڪ چنبي ۾ پيش ڪري. اسان آمريڪا ۽ ٻين ملڪن سان گڏجي خلوص ۽ ايمانداري سان سڀني مسئلن کي پوءِ اهي ڪيڏا به ڪٺي ڏکيا ڇو نه هجن، نبيرڻ ۽ سلجهائڻ چاهيون ٿا ●

گورباچوف

پرېستروئىكا

(ئەيىن تشكىل)

باب پهريون

پرسترو ئيڪا (نئين تشڪيل)

شروعات، بنيادي اصول ۽ انقلابي ڪردار

پرسترو ئيڪا (نئين تشڪيل) ڇا آهي؟ اُن جو تصور ڪيئن آيو؟ سوشلزم جي تاريخ ۾ سندس معني ۽ اهميت ڇا آهي؟ ان سان سوويت عوام کي ڇا هٿ حاصل ٿيندو؟ ۽ باقي دنيا تي ان جو ڪهڙو اثر پوندو؟ انهن سوالن جو تعلق سڄي دنيا جي ماڻهن سان آهي. هاڻي آءٌ پهرين سوال کان شروعات ڪريان ٿو.

پرسترو ئيڪا (نئين تشڪيل) هڪ تڪڙي ضرورت

سوويت يونين ۾ پرسترو ئيڪا (نئين تشڪيل) جي شروعات ۽ ان جي بنيادي اصولن جو اپياس ڪرڻ وقت هڪ ڳالهه کي سامهون رکڻ ضروري آهي. پرسترو ئيڪا (نئين تشڪيل) رڳو ڪجهه جوشيلن ماڻهن يا اڳواڻن جي ذهن جي پيداوار ڪونهي. جيڪڏهن ائين هجي ها ته ڪا تحريڪ ڪو عمل ڪا مڪمل گڏجاڻي ۽ ڪا به پارٽي ڪانگريس عوام کي ان عمل ۾ شريڪ نه ڪري سگهي ها، جيڪو اڄڪلهه اسان ڪري رهيا آهيون ۽ جنهن ۾ ڏينهون ڏينهن وڌ کان وڌ سوويت ماڻهو شامل ٿي رهيا آهن.

پرسترو ئيڪا (نئين تشڪيل) اسان جي سماجواد (Socialist) معاشري جي ترقي جي عظيم ڪارنامن مان پيدا ٿيندڙ تڪڙي ضرورت آهي. اسان جو سماج هڪ عظيم تبديلي جي تقاضا ڪري رهيو آهي. اهو گهڻي عرصي کان اُن تبديلي جو انتظار ڪري رهيو هو، ۽ جيڪڏهن اڃا به پرسترو ئيڪا (نئين تشڪيل) جي عمل کي شروع ڪرڻ ۾ دير ڪئي وڃي ها ته مستقبل قريب ۾ ملڪي حالتون گنڀير ٿي

وچن ها ۽ پريشان ڪندڙ سماجي، اقتصادي ۽ سياسي گهوٽالا پيدا ٿين ها. اهي نتيجا اسان پنهنجي سماج ۾ انين ڏهاڪي دوران پيدا ٿيندڙ صورتحال جي ايماندارانه ۽ وسيع تجزيي مان حاصل ڪيا آهن. اها صورتحال ۽ ان مان پيدا ٿيل مسئلا اڄ ڪلهه ملڪ جي سرواڻن جي سامهون آهن. ان سرواڻ ست ۾ گذريل ڪجهه سالن اندر ڪي نوان ماڻهو سامهون آيا آهن. آءُ ان تجزيي جي نمايان نتيجن تي ڳالهائيندس.

ان تجزيي دوران اسان ڪي هر دفعي پنهنجي راءِ تبديل ڪرڻي پئي. پنهنجي ماضي قريب ۽ ان کان به اڳ جي تاريخ تي پيهر نظر وجهڻي پئي.

روس جتي ستر (٧٠) سال اڳ هڪ عظيم انقلاب آيو هو، گهٽو پراڻو ملڪ آهي. هتان جي تاريخ جا ڪوڙ، سوين ۽ ڏڪيداڙڪ واقعن جو عجب ۾ وجهندڙ ڏيکاءُ آهي. هن ديس دنيا کي گهٽيون ڏي ايجادون ۽ جڳ مشهور ماڻهو ڏنا آهن.

پر سوويت يونين هڪ نئون ديس آهي. جنهن جي عمر ڪا گهڻي ڪونهي. جديد دؤر ۾ ان جهڙا بيا ملڪ موجود ناهن. گذريل ستن ڏهاڪن ۾، جيڪو انساني سڀيتا جي تاريخ جي هڪ مختصر مدت آهي، اسان جي ملڪ صدين جو سفر طيءِ ڪيو آهي. پوئتي پيل، نيم جديد بينڪي، نيم جاگيرداري روسي شهنشاهيت جي جڳهه، دنيا جي هڪ عظيم طاقتور رياست ورتي آهي. عظيم تخليقي قوتون، سگهاريون ذهني صلاحيتون، هڪ اعليٰ ترين جديد سڀيتا، هڪ سؤ (١٠٠) کان وڌيڪ قومن ۽ قوميتن جي بيمثال برادري، ٢٨ ڪروڙ عوام جي لاءِ پروسي جوڳي سماجي حفاظت ۽ ڌرتيءَ جي ڇهين حصي جي برابر ايراضي. اهي سڀ اسان جون اڻ-مٽ سوڀون آهن ۽ سوويت عوام کي انهن سوڀن تي فخر ڪرڻ جو پورو پورو حق آهي.

آءُ اها ڳالهه ڪا ان ڪري ڪونه ٿو ٻڌايان ته ڪو پنهنجي ديس جي خوبين کي، سندس ماضي ۽ حال کي وڏائي پيش ڪريان.

مان نٿو چاهيان تہ مون کي اهڙو ساراهيندڙ سمجهيو وڃي، جنهن وٽ **"منهنجي"** جي معنيٰ **"سڀ ڪان سٺو"** ۽ دليل ڪان سواءِ اعليٰ هجي. هينئر ڏي هينئر مون جيڪي ڪجهہ چيو آهي، اهي اڻ-مٽ حقيقتون ۽ تصديق ٿيل سچائي آهي ۽ اسان جي ڪيترين ئي نسلن جي محنت جو ڦل آهي. اها ڳالهہ سچ وانگر سنڄي ۽ پڌري آهي تہ منهنجي ديس جي ترقي انقلاب جي ڪري ئي ممڪن ٿي سگهي. اهي سڀ عظيم انقلاب جا ڪرشما آهن. اسان لاءِ اها سوشلزم جي هڪ اڻ ملهہ سوکڙي آهي، ۽ سوشلزم هڪ نئون تڪور سماجي نظام آهي. اسان جي عوام جي تاريخ ساز فيصلي جو ڦل آهي. انهن سوين جي پنيان اهي وسوسا آهن جيڪي اسان جي بزرگن، اسان جي ابن ڏاڏن ۽ ڪروڙين پورهيت عوام، مزورن، هارين ۽ دانشورن جي دلين ۾ هئا، جن ستر (٧٠) سال اڳ پنهنجي ملڪ جي مستقبل جون وا ڳيون سنڀاليون هيون.

مان چاهيان ٿو تہ پڙهندڙ انهن سڀني ڳالهين کي ڌيان ۾ رکي ۽ ان تي غور ڪري، نہ تہ هو اها ڳالهہ سمجهي نہ سگهندو تہ انهن ستر (٧٠) سالن ۾ ڇا وهيو واپريو ۽ اڄ اسان جي سماج ۾ ڇا ٿي رهيو آهي. آءٌ پنهنجي ترقي جي تاريخي پاسن جو پوءِ ذڪر ڪندس، پهريائين آءٌ ان صورتحال جي وضاحت ڪيان، جنهن کي سمجهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي ۽ جيڪا ١٩٨٠ع تائين اسان جي ملڪ ۾ پيدا ٿي چڪي هئي. ان صورتحال سان منهن ڏيڻ لاءِ ئي اسان کي آخرڪار پرسترونيڪا (نئين تشڪيل) جي عمل کي اختيار ڪرڻو پيو.

ويهين صدي جي ستين ڏهاڪي جي وچ ڌاري، اها ڳالهہ واضح ٿي اسان جي سامهون اچي چڪي هئي تہ اسان جي تاريخ جي ڪنهن خاص منزل تي، ڪا اهڙي تبديلي ٿي چڪي هئي، جنهن جي ظاهري طرح سان ڪابہ وضاحت ڪانہ ٿي سگهندي هئي. اسان جي ملڪ جي اڳتي وڌڻ جي سگهہ گهٽجندي پئي وئي، اسان جا معاشي منصوبا هر پيري ناڪام وڃي رهيا هئا ۽ مسئلن جا انبار ڪٺا ٿي ويا هئا، جيڪي ڏينهون ڏينهن وڌندا پئي ويا. اسان

جي سماج ۾ هڪ جهڙائپ ۽ اڳتي نہ وڌڻ جا رويا پيدا ٿي ويا هئا، جيڪي سوشلزم لاءِ بلڪل اوپرا ۽ نہ سهڻ جوڳا هئا. يعني اسان اڳيان هڪ اهڙو ڏکيو سلسلو اچي ويو هو، جنهن اسان جي سماجي ۽ اقتصادي ترقي جا پير ونگي ڇڏيا هئا ۽ اهو سڀ ڪجهہ اهڙي دؤر ۾ ٿي رهيو هو، جنهن دؤر ۾ سائنس ۽ ٽيڪنالاجي ۾ آيل عظيم انقلاب، سماجي توڙي معاشي ترقيءَ جا نوان در کولي ڇڏيا هئا.

اها عجب ۾ وجهندڙ صورتحال هئي. هڪ تمام وڏي سگهاري مشين جو وڏو ڦيٿو حرڪت ۾ هو پر پرزن ان ڦيٿي جي ڪم ڪندڙ حصي تائين طاقت ڏئي ڪانہ پئي پهچائي يا ڊرائيو بيلٽ ڍلا ٿي ويا هئا.

ان صورتحال جو تجزيو ڪندي، اسان سڀ کان اڳ اقتصادي ترقي جي رفتار جي گهٽتائي جي نشاندهي ڪئي. گذريل ۱۵ سالن ۾ آمدنيءَ ۾ واڌاري وارو انگ اڌ کان بہ گهٽجي ويو هو، ۽ ۱۹۸۰ع جي ڏهاڪي جي شروعات ۾ ايتري حد تائين هيٺ ڪري چڪو هو جو ڳالهہ اقتصادي نااهليءَ جي ڪنڌي تي اچي پهتي هئي. هڪ اهڙو ملڪ جيڪو دنيا جي اُسريل ملڪن کي ويجهو پهچي چڪو هو، هاڻي مختلف شعبن ۾ ٻين ملڪن کان پوئتي ٿيڻ لڳو. صنعتي پيداواري صلاحيت، صنعتي پيداوار جي معيار، سائنسي ۽ ٽيڪنيڪل ترقي، جديد ٽيڪنالاجي واري پيداوار ۽ ٻين ترقي‌يافتہ طريقن جي استعمال ۾ اسان جي ڪارڪردگي گهٽ ۾ گهٽ سطح تائين ڪري چڪي هئي ۽ گهربل حد توڙي هاڻوڪي پيداوار منجهہ مقدار ۽ معيار جي لحاظ کان فرق ڏينهون ڏينهن وڌي رهيو هو ۽ اهڙو فرق 'تنزل' ڏانهن اشارو ڪري ٿو.

صنعتي پيداوار جي ميدان ۾ خاص ڪري وڏين صنعتن ۾ هلايل "پيداوار وڌايو مهم" جنهن کي پهرئين درجي جي اهميت ڏني وئي هئي، پنهنجو پاڻ مقصد بنجي چڪي هئي. سا ڳيو نتيجو سيڙپ جي منصوبي جو ٿيو. ڪيترائي اهڙا گهري خرچ وارا منصوبا هئا، جيڪي اعليٰ سائنسي ۽ ٽيڪنيڪل معيارن تي پورا

ڪونہ پئي لڳا.

جيڪو صنعتي ڪارڪن ۽ ادارو سڀ کان سرس پورهيو، ڪچو مال ۽ رقم خرچ ڪندو هو، تنهن کي ئي سڀ کان وڌيڪ سٺو سمجهيو ويندو هو. صنعت ۾ مال نه اهڙو وارو ، استعمال ڪندڙ کي ’خوش‘ ڪرڻ چاهيندو آهي، پر اسان وٽ واپرائيندڙ يا خريدار ڪارخانن جي رحم ڪرم تي هو، ڪيس ڪارخانن جي ناهيل مال کي مجبور ٿي خريد ڪرڻو پوندو هو. اهو نتيجو هو ’پيداوار وڌايو‘ مهم جو!

اسان جي اڪثر اقتصادي ماهرن جي اها عادت بڻجي چڪي هئي تہ هو قومي اثاثن کي وڌائڻ جو فڪر ڪونہ ڪندا هئا پر وڌيڪ ’ڪچو مال‘، ’محنت‘ ۽ ’وقت‘ صنعتي پيداوار ۾ لڳائي، سچو ڏيان شين جي قيمتن وڌائڻ تي ڏيندا هئا. ان جو نتيجو اهو نڪرندو هو تہ ’وڌيڪ پيداوار وڌايو مهم‘ جي باوجود شين جي کوٽ پيدا ٿي ويندي هئي.

صنعتي پيداوار جي هڪ ايڪي تي اسان پين آسريل ملڪن جي ڀيٽ ۾ ڪچو مال، سگهہ ۽ ٻين ضرورتن جي لاءِ وڌيڪ رقم خرچ ڪندا هئاسين ۽ اڃا بہ ڪري رهيا آهيون. اصل ۾ قومي دولت جي زور تي اسان ڪيترن ڏهاڪن تائين وڏي پيماني تي صنعتي ترقي ڪئي آهي. اسان کي صنعتي پيداوار ۾ مقداري واڌاري کي وڌيڪ اهميت ڏيڻ جي عادت پئجي وئي هئي. تنهن ڪري اسان پيداوار ۾ گهٽتائي جي انگ کي روڪڻ لاءِ صنعتي خرچن ۾ سلسل واڌارو ڪندا رهياسين. اسان ٻارڻ ۽ توانائي جي صنعتن کي گهٽي ترقي ڏني ۽ صنعتي پيداوار ۾ قدرتي ذخيرن جو استعمال وڌائي ڇڏيو سون.

جيئن جيئن وقت گذرندو ويو، تيئن تيئن ذخيرن جي قيمت وڌندي وئي ۽ انهن کي حاصل ڪرڻ ڏکيو ٿيندو ويو. ان سان گڏو گڏ مقرر ڪيل بنيادي اثاثي ۾ پڻ واڌاري جي طريقي واري ڦهليل استعمال ڪري، افرادي قوت ۾ هٿرادو کوٽ پيدا ٿي ٿوئي.

هاڻي ان صورتحال ڪي ڪنهن نہ ڪنهن نموني ٺيڪ ڪرڻ لاءِ وڏا وڏا اجايا سجايا بونس ڏنا ويا. ان ڪوٽ جي پورائي لاءِ طرح طرح جون لالچون ڏنيون ويون. ڳالهہ وڌي وڃي ان حد کي پهتي جو واڌو رقم حاصل ڪرڻ لاءِ پيداواري رپورٽن ۾ ڪاغذن ۾ پيداوار وڌائي ڏيکارڻ جـو لاڙو پيدا ٿي ويو. مفت خوري جو لاڙو وڌڻ ويجهڻ لڳو. ايمانداراڻي ۽ اعليٰ درجي جي محنت جو اگهہ گهٽجي ويو، ۽ سيني لاءِ هڪجهڙي اجوري جو لاڙو عام ٿي ويو. "ڪم ۽ "استعمال" جا الڳ الڳ ماپا ٻڌجي ويا ۽ ان ۾ عدم توازن پيدا ٿي ويو، ۽ پوءِ صنعتي پيداوار ۾ ڪوٽ جـا لاڙا اسان جـي صنعتي سرشتي ۾ اهم حصو ٻڌجي ويـا. تنهن ڪري نہ رڳو پورهئي جـي پيداوار جي سگهہ ۾ ترقي رڪجي ويئي پر سماجي انصاف جا اصول پڻ مجروح ٿيا ۽ خبر پئي تہ وسيع اقتصادي ترقي واريءَ مهم، اسان کي اقتصادي جمود ۽ نااهليءَ واري ڏيڍ ۾ ڌوڪيندي پئي وڃي.

اسان جـي معاشيات تـي مالي دٻاءُ وڌندو پئي ويـو. اسان عالمي مارڪيٽ ۾ تيل توڙي ٻارڻ جي پين ذخيرن ۽ ڪچي مال جو وڏي پئماني تي وڪرو ڪيو، پر پوءِ بہ تسليءَ جوڳا نتيجا نہ نڪتا، ويتر اقتصادي حالتون اڃا بہ خراب ٿي ويـون. پين ملڪن کان حاصل ٿيندڙ رقمون گهڻو ڪري وقتي ڏکائين کي ڏور ڪرڻ ۾ خرچ ٿينديون رهيون. انهن رقمن مان اسان معاشيات کـي جديد بڻائـڻ ۽ ٽيڪنالاجـي منجهہ پنهنجي ڪوٽ جي پـوراؤ لاءِ استعمال ڪونہ ڪيو.

پيداواري ترقي جي رفتار ۾ ڪوٽ ۽ معاشي جمود، سوويت سماج جي زندگي جـي پين پاسن کي پڻ متاثـر ڪيو. ان ڪري سماج ۾ منفي لاڙا وڌيـا ويجهيا. ان سـان نالـي ماتـر Residual Principle پيدا ٿيو. ان نالي ماتر اصول مطابق سماجـي ۽ ثقافتي پروگرام کي رڳو اهي رقمون ملي سگهنديون هيون جيڪي صنعتن ۾ سرمائيڪاري ڪرڻ کان پوءِ بچي پونديون هيون. ڪيترا پيرا سماجي مسئلن ڏانهن ڌيان ڏيڻ ۾ سستي کان ڪم ورتو ويندو هو،

تنهن ڪري سماجي شعبو پٺن کان پوئتي رهجي ويو. ان ۾ ٽيڪنالاجيڪل ترقي، اسٽاف جي مهارت ۽ بهتر ڪارڪردگي جو خيال نه رکيو ويو.

ان شعبي ۾ ڪيترين ئي متضاد ۽ سمجهه کان ٻاهر ڳالهيون نظر آيون. اسان جي سماج ۾ روزگار کي يقيني بڻايو ويو آهي، ۽ بنيادي سماجي ضمانتون ڏنيون ويون آهن پر اسان رهائش، خوراڪ جي مقدار ۽ معيار، سفر جي وسيلن جي بهتر بندوبست، طبي خدمتن ۽ تعليم جي شعبن ۾ وڌندڙ ضرورتن کي پورو ڪرڻ ۽ مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ ناڪام وياسين. اهي اهڙا مسئلا هئا، جيڪي ڪنهن سماج جي ترقي جي سفر دوران پيدا ٿيندا آهن.

اها هڪ بي معنيٰ صورتحال هئي. سوويت يونين ۾، جيڪو رڪ، ڪچي مال، ٻارڻ ۽ توانائي جي اُپت ۾ دنيا ۾ سڀني کان اڳڀرو هو، هاڻي اتي ضرورت کان به گهٽ اُپت ٿيڻ لڳي ۽ ان جو ڪارڻ انهن کي اجايو وڃائڻ جو لاڙو ۽ غير ماهرانه استعمال هو. اڳ ڪاڌي خوراڪ جي جنسن کي پيدا ڪرڻ وارن ملڪن ۾ سڀ کان ڀرپور سوويت يونين جو ڳاڻاٽو ٿيندو هو پر هاڻ اهو ساڳيو ملڪ ڪاڌي لاءِ لکين ڪروڙين ٽن اناج پرڏيهه کان گهرائڻ تي مجبور آهي. اسان وٽ في هزار مريضن لاءِ سڀ کان وڌيڪ اسپتالون، بسترا ۽ ڊاڪٽر موجود آهن. ان هوندي به اسان جي طبي سهوليتن واري انتظام منجهه، واضح طرح سان خرابيون موجود آهن. اسان جا راڪيٽ ته 'هيلي جي پڇڙ تاري' کي ڳولي وٺن ٿا ۽ مهارت سان زهره (Venus) تائين اُڏام ڪري سگهن ٿا پر ان سائنسي ۽ ٽيڪناليجيڪل سوڀ سان گڏوگڏ اسان وٽ سائنسي سوڀن کي اقتصادي ضرورتن جي لاءِ استعمال ڪرڻ ۾ مهارت جي کوٽ پڻ موجود آهي. اڄ به اسان جي گهرو استعمال جي شين جو معيار انتهائي ڪريل آهي.

بدقسمتي سان ڳالهه اتي ختم نٿي ٿئي، پر اسان جي عوام ۾ نظرياتي ۽ اخلاقي قدرن (V lues) جي زوال جو لاڙو به آهستي

آهستي وڌي رهيو آهي.

هر شخص ڏسي پئي سگهيو ته ترقي جي رفتار ڏينهون ڏينهن ڍِري وانگي گهٽجي رهي هئي، ۽ شين جي اعليٰ معياري ضابطي جو سڄو سرشتو اڏنگي انداز سان هلي رهيو هو. سائنس ۽ ٽيڪنالاجي ۾ نون واڌارن ۾ان ڪوبه سبق نه ورتو ويندو هو. زندگي جي معيار کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ واري ڪم ۾ سستي اچي چڪي هئي، ڪاڏي جي شين جي فراهمي ۾ ڏکيايون پيش اينديون هيون، اهڙي طرح رهائش، روزانه استعمال جي شين ۽ سماجي ضرورتن کي پورو ڪرڻ ۾ دقت ٿيندي هئي.

نظرياتي سطح تي سستي جي لاڙي ڪري نون خيالن ۽ نون پيدا ٿيندڙ مسئلن کي تعميري تنقيدي سوچ سان ڏسڻ وارن روين جي خلاف جذبو ابڙي رهيو هو. حقيقي يا فرضي ڪاميابي جي مشهوري ۽ وارو لاڙو عام هو. خوشامد ۽ چاپلوسي جي همت افزائي ٿيندي هئي. عام پورهيتن ۽ شهر واسين جي ضرورتن ۽ مشوري ڏانهن ڌيان نه ڏنو ويندو هو. سماجي علمن ۾ رڳو فرضي منطق تي ٻڌل اصولن ۽ قاعدن کي پسند ڪيو ويندو هو. ۽ اڳتي وڌايو ويندو هو. بيڪار ۽ بي بنياد ڏڌنيا ۽ حڪم ابدي سچايون ڪري پيش ڪيون ويندون هيون. سائنسي، نظرياتي ۽ ٻيا بحث (جيڪي فڪر کي ۽ تخليقي عمل کي اڳتي وڌائينديون آهن) مرده ٿي چڪا هئا. ثقافت، فن ۽ صحافت ۾ به منفي لاڙا پيدا ٿيا، ساڳيو حال تدريس (Teaching) ۽ طب جي شعبن جو ٿيو، جن ۾ وچولي سطح جي ذهنيت 'لڪير جي فقيري' وڏيون ٻاڙون هڻڻ ۽ قصيده گوئي جا لاڙا ظاهر ٿيا.

جيئن ته اسان سماجي حقيقت جي اهڙي تصوير پيش ڪندا هئاسين جنهن ۾ مشڪلاتن ۽ مسئلن جي وجود کان ئي انڪار ڪيو ويندو هو، جنهن ڪري اسان کي اگرا نتيجا ڀوڳڻا پيا. قول ۽ فعل ۾ وڏي وٿي پيدا ٿي وئي هئي. عام شهري ڪڏهن به پنهنجي رد عمل کي ظاهر نه ڪندا هئا، پر ڪين سگهڻ نعرن تي رتيءَ برابر

اعتبار ڪونہ رهيو هو. هاڻي سرڪاري اعلانن ۽ عوام جي ذهني قبوليت ۾ وڏي وڇوٽي پئدا ٿي وئي. جيڪا ڳالهہ سرڪاري طرح چئي ويندي هئي ۽ اخبارن ۾ ڇاپي ويندي هئي يا درسي ڪتابن ۾ لکي ويندي هئي، سا عوام اڳيان مشڪوڪ ۽ اعتراض جوڳي ٿي وئي. شهرين جي اخلاق کي سرو لڳي ويو. عظيم انقلاب جي جوش ڀرئي زماني، پهرين پنج سالہ منصوبي، وطن دوستي جي يادگار جنگ ۽ جنگ کان پوءِ سري سان نئين تشڪيل جي ڪري پئدا ٿيل اتحاد ۽ اتفاق ڪمزور ٿي ويو. عادي شراب خوري نشي جي عادت ۽ ٻيا ڏوهہ ڏينهون ڏينهن وڌي رهيا هئا. اسان جي ثقافت ۾ ٺهيل ٺڪيل نالي ماتر ثقافتي نمونا، عزت حاصل ڪرڻ لڳا. جنهن مان هلڪڙائپ ۽ اڇاتري ذوق جو اظهار ٿيندو هو. اهڙي طرح اسان نئين سوچ کان وانجهجي وياسين ۽ نون خيالن کان بنهہ لاتعلق ٿي وياسين. پارٽي جي طرفان سرواٽي ۽ نظرداري جا فرض مناسب طريقي سان ادا نہ ڪيا ويا ۽ اهم سماجي عملن ۾ پارٽي جي طرفان شروعات نہ ڪئي وئي. هر ماڻهو سرواڻ ست (Leader-ship) ۾ جمود ۽ تبديليءَ جي فطري عمل جي خلاف ورزي محسوس ڪري رهيو هو. ايتري حد تائين جو ڪميونسٽ پارٽي جي سياسي بيورو ۽ پارٽي جي مرڪزي ڪميٽي جي ڪم جو معيار بہ ڪري پيو. حڪومت، مرڪزي ڪميٽي توڙي پارٽي جي تنظيم ۾ آهستي آهستي اهي خرابيون وڌڻ ويجهڻ لڳيون.

سياسي تماشي بازيءَ، انعامن جي مارا ماريءَ، خطابن ۽ پگهارن ۾ اضافو ڪيو ويو. عوام جي درست خيرخواهي، سندن زندگي جي معيار ۽ ڪم جي حالتن کي بهتر بڻائڻ ۽ بهتر سماجي ماحول پئدا ڪرڻ طرف ذرو بہ ڌيان نہ ڏنو ويو. اهو لاڙو پاڙن تائين پهچڻ لڳو. ۽ "سڀ ڪجهہ هلي سگهي ٿو." نظم توڙي ضبط جي جذبي ۽ ذميواري جي احساس کي اپاريوئي ڪونہ ويو. انهن ڪوتاهين کي لڪائڻ لاءِ نمائشي منصوبا شروع ڪيا ويا. مرڪز ۽ مقامي سطح تي مختلف جنم ڏينهن ملهايا وڃڻ لڳا. روزمره جي حقيقتن ڏانهن

ڏيان هٽائي هٿ نوڪيءَ خوشحالي واري دنيا جا سپنا ڏسڻ کي سٺو سمجهيو ويو. سپنن ۽ حقيقتن پنهي ۾ وٿي ڏينهون ڏينهن واضح ٿيندي وئي.

پارٽي جي ڪيترين ئي علائقائي تنظيمن ۾ اصول کي برقرار رکڻ ۽ خراب لاڙن، سستي، هڪ ٻئي جي عيبن کي ڍڪڻ ۽ ضابطي جي ڪمي کي ٻنجو ڏيڻ جي صلاحيت ختم ٿي چڪي هئي. گهڻن ئي اهم عهدن تي ڪم ڪندڙ پارٽيءَ جي ميمبرن ڪي ضابطي ۽ پڇاڻي کان مٿانهون سمجهيو ويندو هو. نتيجي ۾ ڪم مڪمل نه ٿي سگهندا هئا ۽ ٻيون اهم غلطيون پئدا ٿينديون هيون.

ڪيترين ئي انتظامي سطحن تي قانون جو احترام ڪونه ڪيو ويندو هو ۽ نماشي ڪارڪردگي، رشوت جي استعمال، غلامانه ذهنيت ۽ خوشامد کي پسند ڪيو ويندو هو. پورهيت ماڻهو جائز طرح سان اهڙن ماڻهن جي سلوڪ تي ناراض هئا، جن کي اعتماد ۽ ذميواريءَ جا عهدا ڏنا ويا هئا، تن ان حيثيت کي فائدو وٺڻ ۽ پنهنجي اختيار کي ناجائز استعمال ڪرڻ ۽ تنقيدن کي خاموش ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو. هنن پنهنجي لاءِ ذاتي دولت ڦاهڻ شروع ڪئي. جيڪڏهن ڪن ڏوهه جو ڳا منصوبا نه ڦاهيا ته به ان ۾ ملوث ضرور هئا.

ان دور ۾، جنهن جو اسان ذڪر ڪري رهيا آهيون، ڪيترن ئي اهم مسئلن کي جيئن تيئن ڪري حل به ڪيو ويو. پر ٻهريون ته اهي ڪجهه اهڙا مسئلا هئا، جيڪي گهٽي وقت کان حل طلب هئا ۽ ٻيو اهو ته جيترا به فيصلا ڪيا ويا، ان تي عمل بلڪل گهٽ ٿيو يا وري مورڳو عمل ٿيوئي ڪونه ۽ جيڪا ڳالهه ويتر اهم آهي، آها اِها آهي ته اهي فيصلا توڙي قدم وسيع ۽ موثر نه هئا. هو سماج جي رڳو ڪجهه پاسن تي اثرانداز ٿيندا هئا. اجگر جيڏين رڪاٽن جو نظام پنهنجي جڳهه تي قائم رهندو هو.

پارٽي تنظيمون ته فعال رهيون ۽ ڪميونسٽن جي وڏي اڪثريت خلوص ۽ بي غرضيءَ سان عوام جي خدمت ۽ اڳواٽي جا فرض ادا ڪندي رهي، پر اهو چوڻو پوندو ته بي ايمان، ترقي

جي شوقين ۽ خود غرض ماڻهن کي روڪڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪانہ ڪئي وئي. رياست ۽ پارٽي تنظيمن، جيڪي بہ عملي قدم کنيا سي وقت جي ضرورتن کان گهڻو گهٽ هئا. جيستائين مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ ڪجهہ سوچيو يا ڪيو وڃي، ان وچ ۾ اهي مسئلا گهڻو گنڀير ۽ خوفناڪ ٿي ويندا هئا. مجموعي طرح سان سماج ضابطي کان نڪتو پئي ويو. اها اسان جي غلطفهمي هئي تہ اسان کي حالتن تي ضابطو آهي. اهڙي صورتحال جي باري ۾ ڏي لينن خبردار ڪيو هو. گاڏي ان طرف ڪا نہ پئي وئي، جنهن طرف گاڏي جي ڊرائيور چاهيو پئي.

ان دور کي رکو اونداهو دور ٿي نہ سمجهڻ گهرجي. سوويت عوام جي گهڻي اڪثريت ايمانداري سان ڪم ڪري رهي هئي. سائنس، معاشيات ۽ ثقافت جي ترقي ٿيندي رهي. ان صورت ۾ منفي ۽ عملن جي موجودگي اڃا بہ اذيت ڏيندڙ هئي.

توهان کي اها ڳالهہ سمجهائڻ لاءِ تہ صورتحال ڪيتري خراب هئي ۽ هڪ مڪمل تبديليءَ جي ضرورت ڪيتري شديد هئي، مون هيٺئر ڪافي گهڻو ڪجهہ چيو آهي. پارٽي ۾ ايترو همت ۽ سگهہ موجود آهي، جو اسان صورتحال جو ٿڌي سيني سان جائزو وٺون ۽ اها ڳالهہ تسليم ڪريون تہ بنيادي تبديليون اسان لاءِ اٽل آهن.

هڪ نظر، تعصب کان خالي ۽ ايمانداراڻيءَ سوچ سان غور ۽ فڪر ڪرڻ کان پوءِ اسان هن نتيجي تي پهتاسين تہ اسان جو ديس گهري گهوٽالي جي چائنٽ وٽ بيٺل آهي، ان نتيجي جو اعلان اپريل ۸۵ع جي مرڪزي ڪميٽي جي مڪمل اجلاس ۾ ڪيو ويو. ان بيٺڪ ۾ پرسترونئيڪا (نئين تشڪيل) جي حڪمت عملي جي شروعات ڪئي وئي ۽ ان جا بنيادي اصول طئہ ڪيا ويا.

.. آءٌ ان ڳالهہ تي زور ڏيڻ چاهيان ٿو تہ اهو تجزيو اپريل ۸۵ع جي مڪمل اجلاس کان گهڻو اڳ ۾ شروع ڪيو ويو هو. اهو آسمان مان ڪونہ لٿو هو، بلڪ سوچيل سمجهيل فيصلو هو. اهو سمجهڻ درست ڪونهي تہ ڪو مارچ ۸۵ع ۾ ٿيل مرڪزي

ڪميٽي جي مڪمل اجلاس ڪيان پوءِ (جنهن ۾ سون کي جنرل سيڪريٽري چونڊيو ويو هو.) هڪ مهيني بعد اوچتو ماڻهن جو هڪ ٽولو سامهون اچي ويو، جنهن سڀ ڪجهه سمجهيو ۽ چاتو ٿي ۽ انهن سڀني سوالن جا درست ۽ واضح جواب ۽ سڀني مسئلن جا چٽا حل پيش ڪري ڇڏيا. اهڙا معجزا ٿيندا ناهن.

تبديليءَ جي ضرورت نه رڳو زندگي جي مادي ماحول ۾ سرجي رهي هئي، پر عوام جي ذهن ۾ به اها اسري رهي هئي. جن ماڻهن کي عملي تجربو حاصل هو، جن کي انصاف جو خيال هو ۽ جن بولشويڪ ازم سان وفاداري جو وچن ڪيو هو، سي ڪمن جي نهيل طريقن تي تنقيد ڪندا هئا ۽ بداخلاقي ۽ انقلابي مقصدن توڙي سوشلسٽ قدرن جي تباهي جي علامتن تي ڳڻتي ظاهر ڪندا هئا.

مزور، هاري ۽ ڏاها، مرڪزي ۽ مقامي پارٽي جا ڪارڪن سڀ ملڪ جي حالتن تي سنجيدگي سان سوچڻ لڳا. اها ڳالهه آهستي آهستي سڀني کي سمجهه ۾ اچي رهي هئي ته اهڙي صورتحال گهڻي عرصي تائين قائم نه رهي سگهندي. آڪٽوبر انقلاب مان پيدا ٿيل **اصول** ۽ **قدر** سوشلزم لاءِ عظيم جدوجهد کي پيرن هيٺيان لتاڙيو وڃي، اها ڳالهه انهن لاءِ ڏاڍي ڳڻتي ۽ ڪاوڙ جو ڪارڻ هئي.

سڀ ايماندار ماڻهو درد منديءَ سان محسوس ڪندا هئا ته عوام جي سماجي ڪمن ۾ دلچسپي ختم ٿي رهي آهي، پورهئي جو مناسب احترام نٿو ڪيو وڃي ۽ هر ماڻهو (خاص طرح سان نوجوان) هر قيمت تي نفعو حاصل ڪرڻ لاءِ آتا هئا. اسان جي عوام ۾ قدرتي طرح اها صلاحيت موجود پئي رهي آهي ته هو قول ۽ فعل جي جي وٿي ترت محسوس ڪري وٺندا آهن. روسي لوڪ ڪهاڻيون اهڙن ماڻهن خلاف ڪل ڀوڳ سان ڀريون پيون آهن. جيڪي نمائشي ۽ ڪوڙي شان شوڪت جا شوقين آهن ۽ **ادب**، جنهن اسان جي ملڪ جي روحاني زندگي ۾ هميشه اهم ڪردار ادا پئي ڪيو آهي ۽ جنهن ۾ بي انصافي ۽ اقتدار جي غلط استعمال تي بي رحمي سان تنقيد ڪئي وئي آهي، اديبن، قلمسازن، ٿيٽر جي پيشڪارن ۽

اداڪارن پنهنجي شهپارن ۾ عوام سوشلزم جي سوين ۾ يقين کي وڌيڪ پختو پئي ڪيو آهي ۽ ان اميد کي اجاگر ڪيو ۽ جاڳايو تہ سماج جو روحاني طرح پيهر جنم ضروري آهي. دفتري پابندين ۽ سزائن جي باوجود انهن عوام کي اخلاقي طرح سان پرسترونيڪا (نئين تشڪيل) لاءِ ذهني طرح تيار پئي ڪيو.

انهن سيني ڳالهين ذريعي اڄ پڙهندڙن کي اها ڳالهہ ذهن نشين ڪرائڻ چاهيان ٿو تہ انقلابي تبديلي جي لاءِ اسان جي عوام ۽ پارٽي ۾ سگهہ ۽ قوت جو ذخيرو آهستي آهستي جمع ٿيندو رهيو آهي ۽ پرسترونيڪا (نئين تشڪيل) جي باري ۾ اسان جا خيال رڳو وقتي فائدي لاءِ ڪونهن، بلڪ اهو اسان جي غيرمطمعن روح جو آواز آهي، انقلاب کان ورثي ۾ مليل مقصدن سان اسانجي اٽل وفاداري جي ان-ٽڪ تقاضا آهي. اسان ان مسئلي جي حل لاءِ ڏاڍي محنت ۽ جاکوڙ سان نظرياتي بنياد فراهم ڪيو آهي. ان جاکوڙ سماج جي باري ۾ اسان کي بهتر علم ڏنو آهي ۽ اسان جي اڳتي وڌڻ جي ارادن کي وڌيڪ پختو ۽ مضبوط بنايو.

لينن ڏانهن موٽ
پرسترونيڪا (نئين تشڪيل) جو نظرياتي سرچشمو

اسان جي عظيم انقلاب جو بخشيل جوش ۽ سگهہ اهڙا نہ هئا جو پارٽي ۽ عوام اهڙين حالتن سان مصلحت ڪن، جيڪي انقلاب جي حاصلات کي ضايع ڪري ڇڏين. لينن جون لکڻيون ۽ سندس تجويز ڪيل سوشلزم جا مقصد، اسان لاءِ هميشہ جدلي ۽ تخليقي سوچ جو اڻ-کٽ خزانو رهيا آهن. اهي اسان جي فڪري سرمائي ۽ اسان جي سياسي بصيرت جو سرچشمو آهن. لينن جو تصور ڏي اعليٰ اخلاقي قوت، وسيع تر روحاني ۽ ذهني ثقافت جي معيار توڙي عوام جي مقصد ۽ سوشلزم سان بي غرض محبت جي بي مثال مورت آهي. لينن ڪروڙين ماڻهن جي دلين ۽ دماغ ۾ هميشہ زنده آهي ۽ زنده رهندو. جيئن جيئن اسان وٽ منفي لاڙن جا

جبل آيا ٿيندا ويا، تيئن تيئن لينن جي ڇڏيل ورثي سان دلچسپي ۽ انِ جيءَ لکڻين مان سڌو سنئون فيض حاصل ڪرڻ جي خواهش به وڌندي وئي. ڳالهين جا گهڻي، منطق باز ۽ لڪير جي فقيرن جي لاڳو ڪيل هٺ نوڪيلن پابندين کي ٽوڙي، علم ۽ تجربي جي ان سرچشمي مان اڄ اجهاڻ، اسان لاءِ تمام ضروري هو ۽ اهو ڏاڍو ڦل دائڪ ثابت ٿيو. لينن جي خيالن جي ڀيٽر اپياس سان سماج ۽ پارٽي، کي ججهي قوت ملي آهي ۽ اسان جي سماج ۾ پيدا ٿيل سوالن جي وضاحت ۽ انهن جا جواب ڳولڻ ۾ پڻ مدد ملي آهي. لينن جي پڇاڙڪين لکڻين ڏانهن خاص طرح سان ڌيان ڏنو ويو. ان ڏس ۾ آءٌ پنهنجي ذاتي تجربي جي بنياد تي دليل ڏيندس.

لينن جي هڪ سو سترهين (١١٧) جنم ڏڻ جي ملهائڻ ميڙ ۾ مون پنهنجي ٢٢ اپريل ٨٣ع واري تقرير ۾ لينن جي خيالن جو حوالو ڏنو هو، جيڪي هو معروضي اقتصادي قانونن کي ذهن ۾ رکڻ جي ضرورت، منصوبه بندي ۽ ڪاسٽنگ اڪائونٽنگ * جي

* ڪاسٽنگ اڪائونٽنگ: قومي اقتصادي منصوبي جي حدن اندر ڪنهن هڪ ڪارخاني جي ڪم ڪرڻ جو خاص طريقو. ان مطابق ڪنهن ڪارخاني ۾ سرڪاري ملڪيت مان پيداوار جي ذريعن کي ڪتب آندو ويندو آهي. سڀ خرچ ۽ سرڪار بجيٽ ۾ ويندڙ رقم، ان نفعي مان ادا ڪئي ويندي آهي، جيڪا ان ڪارخاني جي شين کي وڪڻي حاصل ڪئي ويندي هئي. ان کانسواءِ سائنسي خيالن، ٽيڪنالاجي ۽ پيداوار جي خاص خرچن کي به ادائيگي ۾ شامل ڪيو ويندو آهي. سرڪاري خزاني مان ڏي ڪارخاني کي وڌائڻ ۽ ان کي جديد بنائڻ تي رقمون خرچ ڪيون وينديون آهن. ١٩٨٧ع ۾ اهو نظام مڪمل طرح سان لاڳو ڪيو ويو. ان مطابق هڪ ڪارخانو پنهنجا سڀ خرچ پورا ڪندو آهي ۽ سرڪاري بجيٽ ۾ ادا ڪيل رقم ان نسبت سان گهٽائي ويندي آهي.

باري ۾ پڌرا ڪيا هئا. ان ڏس ۾ ڪجهه سال ۽ رويي جي وچ ۾ جيڪو لاڳاپو بڻيو آهي، ان کي عقل سان استعمال ڪرڻ ۽ مادي ۽ اخلاقي ترغيبن کي ڪتب آڻڻ به ضروري آهي. ميڙ ۾ موجود ماڻهن لينن جي خيالن ڏانهن، ان اشاري جي جوش ۽ جذبي سان حمايت ڪئي. مون کي محسوس ٿيو ته منهنجي سوچ منهنجي ساٿي پارٽي ميمبرن جي جذبن سان ڪافي مطابقت رکي ٿي. گهڻائي ماڻهو، جن کي اسان جي مسئلن جي ڄاڻ هئي، جن نيت ۽ خلوص سان حالتن کي سڌارڻ چاهيو ٿي، سي مون سان سهمت هئا. حقيقت هيءَ آهي ته منهنجي ساٿي پارٽي ميمبرن جي گهڻائي نواڻ ۽ سڌاري جي تڪڙ ضرورت محسوس ڪري رهي هئي. بهرحال مون کي اهو چوڻ جي اجازت ڏيو ته مون کي احساس هو ته هرڪنهن کي منهنجي رپورٽ پسند نه آئي هئي. آءٌ پاڻ به اهو سمجهندو هئس ته منهنجي رپورٽ انهن حالتن ۾ ايتري حوصلي مند نه هئي، جيتري هئڻ گهرجي ها.

اڄ اسان کي لينن جي آخري لکڻين مان چڱي ڄاڻ حاصل ٿي چڪي آهي. اهي لکڻيون لينن جو سياسي ورثو آهن. هاڻي سمجهه ۾ اچي ٿو ته سندس لکڻين جو مقصد ڇا هو. گهڻو بيمار هوندي پڻ لينن سوشلزم جي مستقبل جي باري ۾ درد مندي سان سوچيندو هو. کيس ان سرشتي لاءِ مستقبل جي خطرن جو اڳ ۾ ئي احساس هو. اسان کي سندس ڄاڻ کي سمجهڻ گهرجي. کيس خبر هئي ته اڳتي هلي سوشلزم کي وڏا وڏا مسئلا درپيش ايندا. سوشلزم کي بورزوا انقلاب جا گهڻا ڇڏيل ڪم ڪرڻا پوندا، جيڪي ظاهري طرح سان سوشلزم جا مسئلا نه هئا، يا گهٽ ۾ گهٽ سوشلسٽ ترقي جي تسليم ٿيل نظرين کان گهڻو مختلف ضرور هئا. لينن جو دور واقعي اهم، مخصوص ۽ سبق ڀريو آهي، ڇوته ان دور ۾ مارڪسي-ليننيي جدليت جي سگهه تسليم ڪئي وئي، جنهن ۾ سڀ نتيجا موجود تاريخي حالتن جي ڇنڊ ڇاڻ مان حاصل ڪيا ويا. اپريل جي گڏجاڻيءَ کان گهڻو وقت اڳ، اسان مان گهڻن ماڻهن ڇاڻي ورتو

هو ته معاشيات، ثقافت، جمهوريت ۽ پرڏيهي پاليسي ۾ نتيجن جو بنياد معروضي تاريخي حالتن جي چنڊ ڇاڻ تي رکيو ويندو آهي. اپريل جي گڏجاڻيءَ کان گهڻو اڳ ۾ هو سمجهي چڪا هئا ته اقتصاديات سپيتا، جمهورت ۽ پرڏيهي پاليسي، مطلب ته سڀني شعبن ۾ سڀني تفصيلن جو ٻيهر جائزو وٺڻ نهايت ضروري آهي. اهو نڪتو اهو هو ته ان نئين سوچ کي مروج زندگي جي عملي ٻوليءَ ۾ بيان ڪيو وڃي.

پرسترائيڪا (نئين تشڪيل)

هڪ باقاعده سوچيل سمجهيل منصوبو آهي نه ڪي لباڙ

پرسترائيڪا (نئين تشڪيل) ۽ ان سان لاڳاپيل مسئلن جو خاڪو آهستي آهستي ظاهر ٿيو. اپريل جي مڪمل اجلاس کان گهڻو وقت اڳ ۾ پارٽي ۽ رياست جي اڳواڻن جي هڪ جماعت ملڪ جي معاشيات جي مڪمل چنڊڇاڻ شروع ڪري ڏني هئي. اها چنڊڇاڻ جو بنيادي بڻي. سائنسدانن ۽ ماهرن جي سفارشن، اسان جي سڀني وسيلن ۽ سماجي فڪر جي اعليٰ ترين سرمائي کي ڪتب آڻيندي اسان ان ابتدائي تجويزن کي هڪ سرشتي جي شڪل ڏني ۽ پوءِ ان تي عمل شروع ڪيوسين. ان عمل دوران اسان وٽ تعميري خيالن جو هڪ خزانو جمع ٿي ويو. تنهن ڪري اپريل جي مڪمل گڏجاڻي ۾ اسان لڳ ڀڳ هڪ سوچيل سمجهيل باقاعده پروگرام پيش ڪيو. هڪ واضح ۽ چٽي حڪمت عملي ملڪ جي ترقي لاءِ سامهون رکي سين ۽ ان تي عمل ڪرڻ جو منصوبو پيش ڪيوسين اسان جي سامهون اها ڳالهه پڌري هئي ته رڳو مٿاڇري چند قوڪ ۽ ننڍي ڪاٽ ڪوٽ سان ڪم ٿتي ملي سگهيو. ان مشين جي مڪمل صفائي ۽ مڪمل مرمت جي ضرورت هئي. وڌيڪ انتظار ۾ وقت وڃائڻ جي گنجائش باقي موجود ڪانه هئي. ٻهريان ئي ڪافي وقت ضايع ٿي چڪو هو.

پهريون مسئلو هو معاشيات جي سڌاري ۽ ڪيئن سگهاري بڻائڻ جو. ان شعبي ۾ اسان کي پراڻي طريقي جي نقصانڪار لاڙن

جي ابتڙ درست طريقي تي اڳتي وڌڻو هو. تنهن ڪري سڀ کان اڳ ۾ معاشيات لاءِ سڻي تنظيم ڪرڻ ضروري هو. ضابطي کي سخت ڪرڻ هو. تنظيم جي سطح کي اوچو ڪرڻ هو ۽ ذميواري کي مقرر ڪرڻ هو، ۽ جن شعبن ۾ اسان پوئتي رهجي ويا هئاسين، انهن ۾ اڳتي وڌڻو هو. تمام گهٽي جا کوڙ کان ڪم ورتو ويو ۽ اها جا کوڙ اڃا سوڌو جاري آهي. ان جا پهريان نتيجا سامهون اچي رهيا آهن. معاشيات جي ترقي جي رفتار ۾ ڊرائي جو لاڙو بيهجي ويو آهي ۽ ان جي رفتار آهستي آهستي تيز ٿي رهي آهي.

اسان کي اها چاڻ هئي ته رڳو اپترو ڪرڻ سان معاشيات کي چرپر ۾ نئون آڻي سگهجي. ان کان به وڌيڪ پيا اهم پاسا آهن. معاشيات جي انتظام جي وڏي سطح تي پرسترويئيڪا (نئين تشڪيل) ان لاءِ هڪ مضبوط مادي بنياد جي تعمير، نئين ٽيڪنالاجي، سيڙپ جي حڪمت عملي ۾ تبديلي ۽ صنعتي انتظام جي اوچي معيار جي ضمانت، اهي سڀ نهايت اهم ڪم هئا.

مختصر طور ته ائين چئي سگهجي ٿو ته سائنسي ۽ ٽيڪنالاجيڪل ترقي جي رفتار کي تيز ڪرڻ، اسان جو مقصد به هو ته فرض به. اهو رڳو اتفاق نه هو ته اپريل جي مڪمل اجلاس کان پوءِ سوويت سرواڻن جيڪو پهريون ڪم ڪيو، آهو اهو هو ته سوويت يونين جي ڪميونسٽ پارٽي جي مرڪزي ڪميٽي جي هڪ اهم ڪانفرنس جون ۱۹۸۵ع ۾ ڪوٺائي وئي، ته جيئن ان مسئلن تي بحث مباحثو ۽ سوچ ويچار ڪيو وڃي. هي اهڙو مذاڪرو يا ڪچهري ڪونه هئي، جنهن جا اسان گذريل ڪيترن سالن کان عادي بڻجي چڪا هئاسين. ان گڏجاڻي ۾ سخت ۽ سگهاري تنقيد ڪئي وئي. زياده متحرڪ معاشيات ۽ معاشي ترقي جي زياده تيز رفتاري لاءِ چڱن ۽ اثرائتي طريقن ۽ ذريعن تي وسيع ۽ گهرو بحث ڪيو ويو، ته جيئن اسان جي معاشيات جي سطح بلند ٿئي. ان سال دوران سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ميدانن ۾ وسيع ۽ نوس پروگرام جوڙيا ويا. ان جو مقصد معاشيات جي مڪمل روح کي

تبديل ڪرڻ ۽ هڪ 'صفاتي تبديلي' ڪرڻ آهي ته جيئن هن صدي جي پڇاڙي تائين اسان اوچي عالمي سطح تائين پهچي وڃون.

اسان معاشيات جي نئين سر اڏاوت ۽ تنظيم لاءِ سيڙپ جي نئين حڪمت عملي ڪي رائج ڪري ڇڏيو آهي. نئين جوڙجڪ جي جڳهه تي اسان موجوده ڪارخانن ۾ سنا نوان ٽيڪنيڪل اوزار ڏيڻ شروع ڪيا آهن. هاڻي اسان پنهنجن وسيلن ڪي ڪفايت شعاري سان خرچ ڪنداسين ۽ شين جو معيار بهتر بنائيندا سين. اسان ڪاڻين ڪوٽڻ جي صنعت تي هاڻي به گهٽو ڌيان ڏينداسين پر صنعتن جي ڪچي مال، ٻارڻ ۽ توانائي تي خرچ ڪرڻ وقت وسيلن ڪي بچائڻ ۽ سنڀالي خرچ ڪرڻ تي زور ڏينداسين. اهڙا طريقا استعمال ڪنداسين جنهن سان بچت ٿئي ۽ زيان نه ٿئي.

پوئتي پيل انجنيئرنگ جي صنعت ڪي جديد طريقن تي منظم ڪرڻ لاءِ هڪ خاص پروگرام ٺاهيو ويو آهي ته جيئن انجنيئرنگ جي شين جو معيار ايتري حد تائين بلند ٿي وڃي ته جيئن ١٩٩٠ع جي ڏهاڪي جي شروعات ۾ عالمي سطح تي پهچي وڃي. ان پروگرام سان اقتصادي مشنري جي صورت ئي بدلجي ويندي، ۽ اسان چڱي طرح چاڻون ٿا ته ائين ڪرڻ، ٽيڪنالاجي ڪل ترقي ۽ معاشي ڪارڪردگي ڪي وڌائڻ لاءِ نئين مواد ي تبديلي لاءِ اهو اهم آهي. ايترو اهم جو مون ڪي ان ڪتاب ۾ ان جو هر هر ذڪر ڪرڻو پوندو.

يقيناً معاشيات ۽ اقتصاديات ئي اسان جي ڌيان جو مرڪز رهي آهي ۽ اڄ به آهي. پر ان سان گڏوگڏ اسان ديس جي اخلاقي ۽ نفسياتي صورتحال تبديل ڪرڻ جو پڻ ڪم شروع ڪيو آهي. ١٩٨٠-٧٠ع جي ڏهاڪي ۾ گهڻائي ماڻهو اهو سمجهي چڪا هئا ته اسان پنهنجي سوچ ۾ ۽ نفسيات ۾، تنظيم، طريقي ۽ نمونے ۾ زبردست تبديلي ڪرڻ کان سواءِ هڪ قدم به اڳتي وڌي نه پئي سگهياسين. پارٽي، رياستي مشينري ۽ اعليٰ ترين سطح تي هرهنڌ تبديلي جي ضرورت هئي. سو پارٽي جي مرڪزي ڪميٽي ۾ اهو

ڪجهہ ٿيو آهي ۽ حڪومت ۽ ٻين ادارن ۾ بہ ائين ئي ٿيو آهي. سڀني سطحن تي مختلف ڪارڪنن کي بدلائڻ ضروري هو. هاڻي نون ماڻهن سرواڻي وارا عهدا سنڀاري ورتا آهن، هي اهي ماڻهو آهن جن صورتحال کي سمجهي ورتو هو، ڇا ڪرڻ گهرجي؟ ۽ ڪيئن ڪرڻ گهرجي؟ جي جواب ۾ سندن ذهن ۾ درست ۽ ڦل دائڪ خيال اڀريا هئا.

سڀ ڪان اڳ ۾ سوشلسٽ انصاف جي اصولن جي انحرافي خلاف جدوجهد جي شروعات ڪئي وئي. ان ڳالهہ جو بلڪل لحاظ نہ رکيو ويو تہ اهي خلاف ورزيون ڪنهن ڪيون آهن. سچ ڳالهائڻ جي طريقي تي عمل ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو. جيڪي ماڻهو، پارٽي، حڪومت، ان جي اقتصادي ادارن ۽ ان جي عوامي تنظيمن جي، (جيڪي انهن ادارن جي ڪم کي ڪليل طريقي سان هلائيندڙ هيون) حق ۾ هئا، انهن کي ادارن جي ڪمڪار جي باري ۾ ڳالهائڻ جي کليل اجازت ڏني وئي ۽ غير ضروري بندشون ۽ منع ناما هٽايا ويا.

اسان ان نتيجي تي پهتا آهيون تہ جيستائين اسان انساني عنصر کي چرپر ۾ نٿا آڻيون، جيستائين اسان عوام، گڏيل پورهئي جي ادارن، عوامي تنظيمن ۽ مختلف سماجي ٽولن جي مختلف مفادن کي ذهن ۾ نٿا رکون، جيستائين اسان انهن تي اعتماد نٿا ڪريون ۽ کين عملي ۽ اڏاوت واري ڄاڪوڙ ۾ شامل نٿا ڪريون، تيستائين نہ رڳو اسان جي لاءِ مقرر ڪيل ڪمن کي پورو ڪرڻ ناممڪن ٿيندو. بلڪ ملڪ جي حالتن کي پڻ تبديل ڪري نہ سگهنداسين.

آءٌ هميشہ لينن جي هڪ عجب ۾ وجهندڙ اصول کي ساراهيندو آهيان. اهو اصول آهي: ”سوشلزم عوام جي زندهہ تخليقي عمل جو نالو آهي.“ سوشلزم کو نهيل ڍڪيل، فڪري نظام کونهي، جنهن جي هدايتن مطابق سماج ٻن ٽولن ۾ ورهائجي ويندو آهي. هڪ آهي جيڪي حڪم هلائيندا آهن ۽ ٻيا جيڪي انهن حڪمن جي پوئواري ڪندا آهن. آءٌ سوشلزم جي اهڙي سطحي ۽ مشيني

تصور جي سخت خلاف آهيان.

عوام، انسان آهن ۽ منجهن تخليقي رنگارنگي موجود آهي. هو تاريخ ٺاهيندا آهن. پرسترو ئيڪا (نئين تشڪيل) جو پهريون قدم ۽ ان جي ڪاميابي جو لازمي شرط اهو آهي ته انهن ماڻهن کي جاڳايو وڃي، جيڪي گهري ننڊ سمهي پيا آهن. هنن کي حقيقي طرح فعال بڻايو وڃي ته جيئن نئين سر اڏاوت سان هو پنهنجي محنت ۽ محبت کي محسوس ڪن. هر ماڻهو اهو محسوس ڪري ته هوئي ان ملڪ جو مالڪ آهي، پنهنجي ڪارخاني، دفتر يا اداري ۾ سندس حڪم هلندو آهي. اهو ئي سڀ کان اهو ڪم آهي.

فرد کي هر عمل ۾ شامل ۽ متحرڪ ڪرڻ اسان جي ان نرالي شروعات جو اهم ترين پهلو آهي. پرسترو ئيڪا (نئين تشڪيل) هڪ تجرباتي ليبارٽري آهي جتي فرد ۽ سماج ٻئي پنهنجا پنهنجا جوهر ڏيکاري سگهن ٿا. ان عمل مان گذري سماج پيهر "جي" اٿندو. ان مان ئي اندازو ٿي سگهي ٿو ته جيڪو ڪم اسان شروع ڪيو آهي، ڪيترو نه اهم ۽ گنڀير آهي. پر ان عظيم مقصد جي لاءِ جيڪو اسان جي سامهون آهي، ان رستي جي اڳر جيڏين مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ ئي درست سوچ ۽ طريقو آهي.

اسان جيڪو ڪجهه ڪري رهيا آهيون ان جون مختلف وضاحتون ۽ تشريحون ٿي سگهن ٿيون. پراڻي آکاڻي آهي ته هڪ مسافر ڪجهه ماڻهن کان، جيڪي هڪ عمارت جوڙي رهيا هئا، واري واري سان پڇيو، "تون ڇا ڪري رهيو آهين؟" هڪ ماڻهوءَ ڪاوڙ مان جواب ڏنس "تون ئي ڏس، اسان انهن منحوس پٿرن کي صبح کان شام تائين کڻندا رهندا آهيون." ٻيو ماڻهو جنهن جا گوڏا جهڪيل هئا، اٿيو ۽ ڪنڌ سڌو ڪري فخر سان چوڻ لڳو "ڏسو اسان هڪ عبادت گاهه ٺاهي رهيا آهيون."

تنهن ڪري جيڪڏهن توهان ان اعليٰ مقصد کي نظر ۾ رکو ٿا جيڪو ڌرتيءَ جي سرسبز ٽڪري تي هڪ چمڪندڙ مندر وانگر آهي ته وزني کان وزني پٿر به توهان کي هلڪو نظر اچي

ٿو ۽ انتهائي ٿڪائيندڙ محنت خوشي جو سرچشمو بڻجي وڃي ٿي.

اڳي ڪان سئو ڪم ڪرڻ لاءِ اڳي ڪان ڪجهه وڌيڪ محنت تہ ڪرڻي پوندي، مون کي اهو جملو ”اڳي ڪان ڪجهه وڌيڪ محنت“ ڏاڍو وڻندو آهي. منهنجي لاءِ اهو رڳو سڪڻو نعرو ڪونهي. اها منهنجي روزمره جي ذهني ڪيفيت آهي، منهنجو مزاج آهي. ماڻهو جيڪا بہ ذميواري کڻي، ڪيس ان جو مڪمل جائزو وٺڻ گهرجي ۽ ان ڪم لاءِ پنهنجي روح جي گهرائي ۾ محبت ۽ لڳاءُ محسوس ڪرڻ گهرجي. پنهنجي دل ۽ دماغ ۾ ان کي سليقي سان وسائڻ گهرجي. رڳو ان صورت ۾ ئي انسان ڪجهه وڌيڪ محنت ڪري سگهي ٿو.

گهٽ حوصلي وارو ماڻهو ڪڏهن بہ ”ڪجهہ وڌيڪ محنت“ ڪونہ ڪندو. هو مشڪلاتن آڏو هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيندو. مشڪلاتون هن کي دسي وجهنديون. ان جي ابتڙ جيڪڏهن ڪو انسان اٽل ۽ اڻ-ميي يقين جو مالڪ آهي، علم سان هٿياربند آهي، اخلاقي طرح سان مضبوط آهي تہ هو ڪڏهن بہ شڪست تسليم نہ ڪندو. هو سيني طوفانن ۾ لنگهي پار پوندو. اسان جي تاريخ تہ اسان کي اهو ئي پڙهائي ٿي.

اڄ اسان جو سڀ ڪان اهم ڪم فرد کي روحاني طرح بلند ڪرڻ آهي. اسان کي فرد جي ”اندر جي ڪائنات“ جو احترام ڪرڻ گهرجي. ان کي اخلاقي سگهہ سان مالا مال ڪرڻ گهرجي. اسان کي سماج جي سيني ذهني صلاحيتن ۽ ثقافتي امڪانن کي ڪتب آڻيندي سماجي طرح سان باعمل شخصيت جي اڏاوت ڪرڻي آهي، جنهن وٽ پرپور روحاني خزانو هجي، جيڪو انصاف پسند ۽ باضمير هجي. فرد کي علم ۽ احساس هجڻ گهرجي تہ ان ڳالهہ جي هوندي قوم، وطن ۽ انسانيت کي سندس خدمتن جي ضرورت آهي. ان جي وقار يا عزت تي ڪوبہ هٿ نہ کڻندو. ان سان اعتماد ۽ احترام وارو سلوڪ ڪيو ويندو. جڏهن ماڻهو کي ان ڳالهہ جو يقين هوندو تہ هو وڏي کان وڏو ڪم ڪري سگهي ٿو.

اها حقيقت آهي تہ پرسترونيڪا (نئين تشڪيل) ڪنهن نہ ڪنهن طرح هر شهري کي متاثر ڪري ٿي. اهي ماڻهو جيڪي موجوده زندگي جي طريقي ۾ ئي مزي سان وقت گذاري رهيا آهن، انهن کي نئين تحريڪ مان تڪليف پهچندي آهي. آءٌ هتي توهان جو ڌيان سوشلزم جي هڪ خاص پاسي ڏانهن ڇڪائيندس. اهو خاص پاسو اسان جي سماج ۾ سماجي سلامتي جو اعليٰ معيار آهي. هڪ طرف اهو سماجي تحفظ يقيناً هڪ برڪت آهي ۽ اسان جو وڏو ڪارنامو آهي، پر ان جو هڪ پاسو اهو بہ آهي جو ان سان حرامخورن جا جاوا ٿيو وڃن.

اسان جي ملڪ ۾ بيروزگاري جو نالو بہ ڪونهي. رياست روزگار پنهنجي ذمي ڪيو آهي. اهڙي شخص کي بہ روزگار ڏنو ويندو آهي جيڪو پنهنجي نڪمائي يا ڪم جي ضابطي جي خلاف ورزيءَ واري ڏوهہ ۾ نوڪري کان برطرف ڪيو ويو هجي. ان ڪانسواءِ پگهارن جي هڪجهڙائي اسان جي زندگي جو لازمي حصو بڻجي چڪي آهي. هڪ شخص بلي ڪٽي خراب پورهيو ڪندڙ هجي پر پوءِ بہ آرام سان زندگي گذارڻ لاءِ حڪومت کيس چڱو پورهيو ڪندڙ پورهيت جيترو وظيفو ڏيندي آهي. ڪجهہ نہ ڪرڻ واري ماڻهو جي ٻارن کي بہ ’مقدر جون نوڪرون کائڻ‘ لاءِ تنها ڇڏيو وڃي. اسان جي سماجي ڀلائي جي فنڊ ۾ گهڻي رقم رکي وئي آهي، جنهن مان عوام کي مالي مدد ملندي آهي. انهن رقمن مان ننڍن ٻارن جي اسڪولن (Kinder Gartens) يتيم خانن، نوجوان پائينر ادارن (Houses and places of young pionee-rs)* ۽ ٻارن جي تخليقي شوق ۽ راندين کي وڌائڻ وارن ٻين

* پائينر ادارا: باقاعده تعليمي ادارن ڪانسواءِ اهڙا ادارا جتي ٻارن ۾ تخليقي ڪم ۽ علم سان وڌيڪ دلچسپي پيدا ڪئي ويندي آهي. انهن جي تخليقي صلاحيتن کي وڌايو ويندو آهي. پيشہ ورانہ سکيا ڏني ويندي آهي ۽ سماجي دلچسپين ۾ حصو وٺڻ جو شوق ڏياريو ويندو آهي.

ادارن کي مدد ڏني ويندي آهي. عوام کي تعليم ۽ صحت جي سلامتي ڏني ويندي آهي. صحت ۽ تعليم جو سڄو خرچ حڪومت برداشت ڪندي آهي. ماڻهن کي زندگيءَ جي ناڪامين کان تحفظ حاصل آهي. اسان انهن سڀني خدمتن تي فخر ڪندا آهيون.

پر اسان اهو به ڏسون ٿا ته بي ايمان ۽ دوکي باز ماڻهو سوشلزم جي انهن نعمتن جو ناجائز فائدو وٺندا آهن. هو رڳو پنهنجي حقن تي زور-ڏيندا آهن، هو پنهنجي فرضن کان غافل هوندا آهن. هو غلط ڪم ڪن ٿا، ڪم کان وَڻءَ وڃن ٿا ۽ شراب پيئڻ تي زور اُٿن. اهڙن گهٽن ماڻهن قانونن ۽ ضابطن کي پنهنجي خود غرض مقصدن مطابق بڻائي ڇڏيو آهي، هو سماج کي تمام ٿورو ڏيندا آهن پر ان جي باوجود به سماج کان جيڪو به حاصل ڪري سگهندا آهن اهو ڪجهه ڇڪي وصول ڪندا آهن. هو ناجائز فائدو حاصل ڪرڻ ۾ شرم محسوس نٿا ڪن. اهي اُهي ماڻهو آهن جن حرام جون پگهارون وصول ڪيون آهن ۽ بنا محنت جي آمدني حاصل ڪئي اٿن.

پرسترونيڪا (نئين تشڪيل) جي پاليسي ۾ انهن سڀني ڳالهين کي درست طرح سان ڏٺو ويو آهي ۽ هاڻي اسان سوشلزم جي ان اصول تي صحيح معنيٰ ۾ عمل ڪري رهيا آهيون. ”هر ماڻهو کان سندس همت ۽ صلاحيت مطابق ڪم ورتو ويندو ۽ هر شخص کي ان جي ڪم جي معيار ۽ مقدار مطابق اجورو ڏنو ويندو.“ اسان سڀني کي سماجي انصاف فراهم ڪرڻ چاهيو ٿا ۽ سڀني کي برابري جا حق ڏيڻ چاهيون ٿا. سڀني لاءِ هڪ ئي قانون آهي. سڀ هڪ ئي ضابطي جي ماتحت آهن، ۽ سڀني جون هڪ ئي وقت وڏيون ذميواريون آهن. پرسترونيڪا (نئين تشڪيل) سماجي ذميواري ۽ اُميدن جي سطح کي بلند ڪندي. رڳو اهي ماڻهو تبديليون پسند نٿا ڪن جن کي يقين آهي ته جيڪو ڪجهه ڪين گهرجي، سو انهن کي ملي رهيو آهي ته پوءِ هو ڇو پنهنجو پاڻ کي ’نئين مصيبتن‘ ۾ وجهن. پر جيڪڏهن ڪنهن جو ضمير زنده آهي،

جيڪڏهن واقعي هن پنهنجي ملڪ جي ماڻهن جي مفادن کي وساريو ناهي ته پوءِ هو ان طرح نٿو سوچي. نه ئي ان کي ائين سوچڻ گهرجي. ڪاپيل پٽي جو رويو مفاد پرستن کي اڳڀرو ڪري ٿو. اسان هاڻي جمود کي برداشت ڪري نٿا سگهون.

اسان اهو سوال هن طرح ٿا ڪريون: مزور ۽ مئنيجر، زرعي مشينن تي ڪم ڪندڙ ۽ اجتماعي اداري جو انتظام سنڀاليندڙ، صحافي ۽ سياسي ڪارڪن، هرڪنهن کي پنهنجي اسٽائيل ۽ ڪم ڪرڻ جي طريقن ۾ ڪجهه نه ڪجهه تبديلي ڪرڻ گهرجي، ۽ پنهنجي ڪم ۽ مرتبي جو تنقيدي جائزو وٺڻ گهرجي. اسان سوچي سمجهي بي عملي ۽ پراڻ پسندي کي مات ڪرڻ واري فرض کي چڱي طرح عوام اڳيان رکيو آهي ته جيئن هر ماڻهو جي آڪڙ کي وڌو اهنج رسي. ان جو رد عمل گهڻن ماڻهن ۾ خاطريءَ جوڳو ٿيو آهي ۽ انهن جو انگ گهٽائي ۾ آهي. رڳو ڪجهه ماڻهن ۾ منفي رد عمل ٿيو ۽ انهن ۾ گهٽو ڪري اهڙا ماڻهو آهن جيڪي چڱي طرح ڄاڻن ٿا ته ڪين پراڻا طريقا پسند آهن. اسان کي پنهنجو پاڻ کان حق حساب وٺڻ گهرجي ته ڇا اسين ضمير مطابق ڪم ڪريون ٿا، يا ضمير واري زندگي گذاري رهيا آهيون؟ تي سگهي ٿو ته اسان ڪجهه معاملن ۾ غلطي ڪئي هجي؟ يا اسان اهڙيون ڪسوٽيون اختيار ڪيون هجن جيڪي اسان لاءِ اوپريون هجن. مثال طور اسان سيني ۾ 'بابو صاحب' واري ذهنيت پيدا ٿي ويئي آهي ته اسان شهري نه آهيون پر رڳو واپرائيندڙ آهيون. پر جيڪڏهن اسان پنهنجي ڪم جي معيار کي بلند ڪريون ۽ وڌيڪ شرافت کان ڪم وٺون ته اسان واقعي هڪ سچي سوشلسٽ زندگي جي طريقي کي تخليق ڪري وٺنداسين.

اسان کي گهرجي ته اڳتي وڌڻ لاءِ مستقبل تي نظر رکون. سوبي ساڻ لاءِ اسان کي وڌيڪ سياسي تجربي، وڌيڪ نظرياتي ڪشادگيءَ، وڌيڪ ذميواري ۽ همت جي ضرورت آهي. اسان کي پرسترونئيڪا (نئين تشڪيل) جي عمل کي سوشلزم جي اعليٰ

اوچاين تائين پهچائڻ ۾ ڪامياب بڻائڻ گهرجي. اسان چاهيون ٿا ته سڀ عوامي ادارا، صنعتي آپت کي بهتر بڻائڻ واريون مثالي ٽيمون ۽ تخليقي ادارا، مڪمل طرح سان اعليٰ ترين ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪن. شهري نيون دلچسپيون پيدا ڪن ۽ هو بهتر مصروفيت ۽ ڪارڪردگي کي ڀرپور اختيار ڪن، جنهن کي هو پوئتي ڇڏي آيا آهن. مختصر اهو ته اسان کي هر سماجي شعبي ۾ ڪشادي جمهوريت آڻڻ گهرجي. جمهوريت ئي ان ڳالهه جي ضمانت آهي ته هاٺوڪن پروگرامن کي اڳتي وڌايو وڃي ۽ سماج کي پوئتي ڌڪجڻ کان بچايو وڃي.

اسان چاڻي ورتو آهي ته جيڪڏهن اسان جي ملڪ ۾ جمهوري طريقو فطري طرح سان جاري رهي ها ته اسان جون هاڻوڪيون گهٽيون ڏکائيون اسان اڳيان ئي نه اچن ها. اسان تاريخ جي ان سبق کي چڱي طرح ذهن ۾ سموئي ڇڏيو آهي ۽ ان کي ڪڏهن به نه وساريندا سين. اسان مضبوطي سان ان طريقي تي عمل ڪنداسين ته سوشلزم ۾ سمايل جمهوريت جي عنصرن کي مسلسل ترقي ڏيڻ ۽ عوامي خود مختيار ادارن کي وسعت ڏيڻ سان ئي اسان صنعتي پئداوار، سائنس، ٽيڪنالاجي، ثقافت، فن ۽ ادب ۾ ۽ ٻين سماجي شعبن ۾ ترقي ڪري سگهون ٿا. ان طريقي سان اسان اهو ضابطو پيدا ڪري سگهون ٿا جيڪو رضاڪارانه هجي ۽ عوام پاڻ ئي ان کي پسند ڪن ۽ عمل ۾ آڻين. پرسترويڪا (نئين تشڪيل) جو پروگرام جمهوريت جي ذريعي عمل ۾ آڻي سگهجي ٿو. اسان جو اهو فرض آهي ته انساني عنصر تي زور ڏيئي سوشلزم جي امڪانن کي روشن ڪريون ۽ انهن کي وڌ ۾ وڌ ڪتب آڻيون، ۽ ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ جمهوري عمل تي وڌي جمهوري رويي جي سڀ کان وڌيڪ ضرورت آهي. ان ڏس ۾ اقتصادي مشنري ۽ انتظاميه جي سڌاري جي پڻ ضرورت آهي. ان سڌاري جو اهم عنصر گڏيل محنت جي ادارن جي ڪردار کي وڌيڪ وسيع ۽ اثرائتو بڻائڻ آهي. جيئن ته اسان سوشلسٽ جمهوريت جي واڌ ويجهه

تي زور ڏيندا آهيون، تنهن ڪري اسان ذهني ترقي، عوامي بيداري ۽ فعال، سماجي پاليسي تي گهڻو ڌيان ڏيئي رهيا آهيون. ان عمل ذريعي اسان انساني عنصر کي جاندار بنائڻ چاهيون ٿا.

اولهه جي ملڪن ۾ لينن کي اڪثر انتظامي عمل ۾ حاڪماڻي ۽ آپيشاهي طريقا استعمال ڪرڻ جو حامي ظاهر ڪيو ويو آهي. ان مان خبر پوي ٿي ته هو لينن جي خيالن کان ڪيڏا نه اڻ ڄاڻ آهن ۽ گهڻو ڪري هو لينن جي خيالن کي ٽوڙي مروڙي به پيش ڪندا آهن. حقيقت هي آهي ته لينن جي خيال ۾ سوشلزم ۽ جمهوريت کي الڳ الڳ نٿو ڪري سگهجي. جمهوري آزادين جي حاصلات جي ذريعي ئي پورهيت عوام راڄ حاصل ڪري سگهن ٿا. جمهوري عمل جي ڦهلاءُ سان گڏوگڏ هو پنهنجي حاڪميت کي مضبوط ڪندا آهن ۽ اُن کي مڪمل ڪندا آهن. لينن جو هڪ پيو نظريو به ذڪر جوڳو آهي. ڪنهن عملي منصوبي جي جيتري وسعت هوندي ۽ سڌارڻ ۾ جيتري گهرائي هوندي اوتري ئي ان ۾ وڌ کان وڌ دلچسپي پيدا ڪرڻ گهرجي ۽ ڪروڙين عوام کي ان ضرورت جو اچا به وڌيڪ اعتبار ڏيارڻ گهرجي. جيڪڏهن اسان بنيادي ۽ سڀ پاسائين نئين سر اڏاوت ڪرڻ چاهيون ٿا ته اسان کي جمهوريت جي سيني امڪانن کي به عمل ۾ آڻڻو پوندو.

ڪنهن به حڪمت عملي کي عوام جي قبوليت جي معيار مطابق بڻائڻ لاءِ ان ۾ تبديليون آڻڻ به سگهڻ گهرجي. عوام جي ردعمل ۽ تنقيد پنهي جي نتيجن کي نظر ۾ رکندي سندن سوچن، راين ۽ مشورن کي پنهنجي تجويز ڪيل منصوبن ۾ شامل ڪرڻ گهرجي. عوام تمام گهڻيون ڪارائتيون ۽ دلچسپ ڳالهيون پڌائيندو آهي، پر مٿانهان ماڻهو گهڻو ڪري انهن ڳالهين کي سمجهي نه سگهندا آهن. عوام جي ڳالهين جي باري ۾ ان قسم جي هٺيلي ۽ اڪڙ واري نمونـي کي اسان هر قيمت تي روڪڻ چاهيون ٿا. پرستروئيڪا (نئين تشڪيل) جي ڪاميابي لاءِ سڀ کان اهم شيءِ ان حڪمت عملي ڏانهن عوام جو رويو آهي. ان ڪري رڳو نظرياتي

سوچن تي پاڙڻ ڪافي نہ هو. پر جيڪي سبب موجود هئا، انهن کي ڏسندي اسان فيصلو ڪيو تہ شهري زندگي ۾ مڪمل جمهوري تبديلي جي عمل کي جاري ڪيو وڃي. اهي تجويزون اسان سوويت ڪميونسٽ پارٽي جي مرڪزي ڪميٽي جي جنوري ۱۹۸۷ع واري مڪمل گڏجاڻي ۾ پيش ڪيون هيون.

مڪمل گڏجاڻي سوويت سماج کي جمهوري بنيادن تي مضبوط بنائڻ جي وسيع جاکوڙ جي همت افزائي ڪئي. عوام رضاڪارانہ حڪومت هلائڻ ۽ سچ ڳالهائڻ جي واڌ ويجهہ جي حمايت ڪئي. اڄ اسان ڏسي رهيا آهيون تہ قوم جي حق ۾ اهي نوان خيال ڪيڏو نہ همت ڏياريندڙ ثيا. گڏيل پورهئي جي هر مرڪز ۾ جمهوري تبديليون ظاهر ٿي رهيون هيون. وڏيڪ سچائي، هيٺين سطحن کان حقيقي ضابطو، اڳتي وڌي سوچڻ ۽ ڪم ڪرڻ ۽ ڪم ۾ نيون ايجادون ڪرڻ اڄ اسان جي زندگيءَ جو حصو بڻجي چڪيون آهن.

جمهوري عمل پرستروئيڪا (نئين تشڪيل) جي سموري عمل کي اڳتي وڌايو آهي. ان جي مقصدن کي وڏيڪ مٿانهون بڻايو آهي ۽ اسان جي سماج کي پنهنجي مسئلن کي سمجهڻ جي بهتر صلاحيت ڏني آهي. ان عمل اسان کي ان لائق بڻايو تہ اسان اقتصادي ۽ معاشي مسئلن کي وسيع پس منظر ۾ رکي ڏسون ۽ سماجيات، اقتصاديات ۽ سڌارن جو نئون پروگرام پيش ڪري سگهون. هاڻي اسانجو اقتصادي سرشتو سڄي سماجي ۽ انتظامي سرشتي ۾ بهتر ڪردار ادا ڪري رهيو آهي، ۽ ان جي پيڙهہ نون جمهوري اصولن تي رکي وئي آهي.

اهو ڪم اسان جون ۱۹۸۷ع جي CPSU جي مڪمل گڏجاڻي ۾ پورو ڪيو. ”معاشي انتظام جي انقلابي نئين تشڪيل جا بنيادي اصول“ * جي عنوان تحت ان پروگرام جي منظوري

* Fundamentals of Radical Restructuning of Economic Management.

ڏني وئي. لينن جي ”نئين اقتصادي پاليسي“ ڪان پوء، جيڪا ۱۹۲۱ع ۾ جاري ڪئي وئي هئي. اهوئي پروگرام سڀ ڪان اهم ۽ انقلابي آهي، جيڪو اسان جي ديس جي اقتصادي سڌارن جي لاء جاري ڪيو ويو آهي.

هاڻوڪي اقتصادي سڌارن ۾ هر سطح تي دفتري انتظامي طريقن بدران اقتصادي انتظامي طريقن تي زور ڏنو ويندو. صنعتي انتظاميه کي وسيع جمهوري اصولن تي جوڙيو ويندو. انساني عنصر کي وڌ ڪان وڌ فعال بڻايو ويندو.

انهن سڌارن جي پيڙهه ڪارخانن ۽ اجتماعي صنعتي ادارن جي اڳي ڪان وڌيڪ آزادي ۽ خود مختياري تي رکي وئي آهي، ته جيئن هو ٿوري وقت ۾ پنهنجو ڪم هلائڻ ۽ پنهنجو خرچ ڪڍڻ جي لائق بڻجي وڃن، ۽ اجتماعي محنت جي ادارن کي سڀ مناسب اختيار ڏنا ويندا. هاڻي هو بهتر انتظام ڪرڻ ۽ بهتر نتيجا حاصل ڪرڻ جي لاء مڪمل طرح ذميوار هوندا: هر اجتماعي اداري جو نفعو ان جي ڪارڪردگي جي معيار مطابق مقرر ٿيندو.

ان ڏس ۾ مرڪزي اقتصادي انتظام کي ڪارخانن جي سڌي ڪارڪردگي جي لاء بلڪل نئين انداز ۾ نئين سر منتظم ڪرڻو پوندو، مرڪزي انتظاميه کي ڪارخانن جي روزانو جي ڪمن ڪان آزاد ڪيو ويندو، ان کي اقتصادي ترقي کي متاثر ڪندڙ اهم عملن جي حڪمت عملي تي مڪمل طرح سان ڌيان ڏيڻ جو موقعو ملندو. ان خواهش کي حقيقت ۾ بدلائڻ لاء اسان ٽڪڙي رٿابندي، قيمتن جي نظام، صنعت جي خرچ ۽ رقمن جي ڏي وٺ جي انتظام، مادي ۽ ٽيڪنالاجيڪل آپت فراهم ڪرڻ جا وسيع انتظام، سائنسي ۽ ٽيڪنالاجيڪل ترقي جي تنظيم، پورهئي ۽ سماجي شعبن ۾ ڏور رس ۽ اثرائتا سڌارا لاڳو ڪيا. انهن سڌارن جو مقصد ايندڙ ٻن ٽن سالن ۾ تمام گهڻي مرڪزيت واري انتظام جي جڳهه تي، (جيڪو رڳو حڪم ڏيڻ تي يقين رکندو هو.) هڪ جمهوري سرشتي کي قائم ڪرڻ آهي. تنهن ڪري جمهوري سرشتي جي پيڙهه جمهوري

مرڪزيت ۽ خود انتظاميءَ تي رکي وئي آهي.

اقتصادي انتظام ۾ خاصيتي تبديلي ڪرڻ لاءِ بنيادي اصولن جي منظوري ڏيڻ پرسترو‌ئيڪا (نئين تشڪيل) جو هڪ اهم ۽ وڏو قدم هو. هاڻي پرسترو‌ئيڪا (نئين تشڪيل) سماجي جيون جي لڳ ڀڳ هر پاسي سان لاڳو ٿئي ٿي. هي سچ آهي ته پرسترو‌ئيڪا (نئين تشڪيل) جو مواد، طريقن ۽ شڪلين جي باري ۾ اسان جا خيال بهتر کان بهتر ٿيندا ويندا. وڌيڪ چٽا ٿيندا ويندا ۽ عمل جي دوران انهن جي درستگي به ٿيندي ويندي. اهوئي فطري عمل آهي. اهو هڪ زندهه عمل آهي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته تبديلين جي عمل ۾ نوان ۽ وڏا مسئلا به اڳيان ايندا آهن. ۽ انهن جا حل شروع کان سوچيل سمجهيل ڪونه هوندا، پر سموري منصوبي جو تصور ۽ پرسترو‌ئيڪا (نئين تشڪيل) جي 'تصوير' نه رڳو مواد جي خيال کان پر پنهنجي جزن جي نقطئه نظر کان به اسان جي ذهن ۾ بلڪل چٽي آهي. پرسترو‌ئيڪا (نئين تشڪيل) جي معنيٰ آهي جمود جي عمل کي شڪست ڏيڻ. ڪم ۾ رنڊڪ بڻجندڙ جوڙجڪ کي ٽوڙڻ، سماجي ۽ اقتصادي ترقي جي رفتار کي تيز ڪرڻ لاءِ ۽ ان کي وڌيڪ چرپر ۾ آڻڻ لاءِ هڪ نئين انتظام کي قائم ڪرڻ، جيڪو وڌيڪ اعتماد جوڳو ۽ اثرائتو بڻجي.

پرسترو‌ئيڪا (نئين تشڪيل) جو مطلب آهي عوام جي اڳڀرتي وڌندڙ نئين سوچ، ان جو مطلب آهي جمهوريت، سوشلسٽ خود حڪومتي، نئين سوچ ۽ ڪم جي نون طريقن جي همٿ افزائي، انتظام ۽ ضابطي جو بهتر معيار. وڌيڪ سچائي، سماج جي هر شعبي ۾ تنقيد ۽ خود تنقيدي پرسترو‌ئيڪا (نئين تشڪيل) جي معنيٰ آهي فرد لاءِ احترام ۽ ان جي وقار جي حفاظت.

پرسترو‌ئيڪا (نئين تشڪيل) جومطلب آهي سوويت معيشيت جي هر شعبي ۾ بي مثال ترقي. قومي معاشيات جي عمل ۾ جمهوري مرڪزيت جي اصولن جو زندهه ڪرڻ ۽ اقتصادي قاعدن کي برابريءَ جي بنياد تي جاري ڪرڻ، دفتري ۽ انتظامي طريقن

۽ حڪمن ذريعي ڪم هلائڻ (Management) جي رويي کي بنهه تياڳڻ ۽ هر موقعي تي نوان ۽ سوشلسٽ ڪارڪردگي جي همت افزائي ڪرڻ.

پرسترونيڪا (نئين تشڪيل) جي معني آهي سائنسي طريقن کي مضبوطيءَ سان اختيار ڪرڻ. هر نئين سوچ کي ٺوس سائنسي بنيادن تي قائم ڪرڻ جي اهليت، سائنسي ۽ ٽيڪنالاجيڪل انقلاب (S.T.R) جي ڪاميابين کي هڪ منظم معاشيات سان هم آهنگ ڪرڻ.

پرسترونيڪا (نئين تشڪيل) جو مطلب آهي سماجي شعبي جي ترجيحي بنيادن تي ترقي، ته جيئن سوويت عوام جي ضرورتن کي چڱي نموني سان پورو ڪيو وڃي. انهن ضرورتن ۾ رهائش ۽ ڪم ڪرڻ جون بهتر حالتون شامل آهن. کين سٺو آرام ۽ وندر فراهم ڪئي وڃي. بهتر تعليمي طبي سهولتون ڏنيون وڃن. پرسترونيڪا (نئين تشڪيل) جو مطلب آهي ثقافتي ۽ روحاني سرمائي ڏانهن مسلسل ڌيان ڏنو وڃي. هر فرد توڙي سماج کي ثقافتي نعمتن سان مالا مال ڪيو وڃي.

پرسترونيڪا (نئين تشڪيل) جو مطلب آهي ته سماج مان سوشلسٽ اخلاقيات (Morality) جي بگڙيل شڪل کي ختم ڪيو وڃي، ۽ سماجي انصاف جي اصولن کي مڪمل طرح لاڳو ڪيو وڃي. قول ۽ فعل ۾ مطابقت هجي. حق ۽ فرض گڏو گڏ هجن. ايماندارانه ۽ اعليٰ قابليت واري محنت کي شانائتو مقام ڏنو وڃي. پگهارن ۽ ڪپت جي شين ۾ برابري جي رويي کي ختم ڪيو وڃي.

اهو آهي اسان جي پرسترونيڪا (نئين تشڪيل) جو تصور، اهي آهن اسانجا فرض ۽ ايندڙ دور ۾ اسانجي محنت جا مول ۽ مقصد، ۽ اهو عرصو ڪيترو ڊگهو هوندو، ان بابت هن وقت ڪجهه نٿو چئي سگهجي. يقيناً ان ۾ ٻن يا ٽن سالن کان وڌيڪ وقت لڳندو. اسان بامقصد، سخت ۽ اڻ ـ کٽ ڪم ڪرڻ لاءِ سندرو ٻڌو آهي ته جيئن ويهين صديءَ جي پڇاڙي تائين اسانجو ديس نئين اوچاين تائين پهچي وڃي.

گهڻو ڪري اسان کان سوال ڪيو ويندو آهي ته پرستروئيڪا (نئين تشڪيل) مان اسان ڇا حاصل ڪرڻ چاهيون ٿا. اسان جي منزل ڪهڙي ۽ ڪٿي آهي؟ انهن سوالن جو اسان تفصيلي ۽ قطعي جواب نٿا ڏيئي سگهون. اڳڪٿيون ڪرڻ يا هن سماجي عمارت جي سيني عنصرن کي اڳ ۾ مقرر ڪرڻ جيڪا اسان پرستروئيڪا (نئين تشڪيل) جي دوران جوڙينداسين، اهو اسانجو طريقو ناهي.

پرجيستائين بنيادي تصور ۽ اصول جو تعلق آهي، پرستروئيڪا (نئين تشڪيل) جي آخري مقصدن جو تصور اسان جي ذهن ۾ چٽو آهي، اهو مقصد آهي سوويت زندگيءَ جي هر پاسي کي مڪمل نئون بڻائڻ، سوشلزم کي سماجي تنظيم جي بهترين شڪل ڏيڻ، پنهنجي سماجي نظام جي اهم ترين پاسن اقتصادي، سماجي، سياسي ۽ اخلاقي پاسن جي انسان دوستي کي وڌ ۾ وڌ ڪتب آڻڻ.

آءٌ وري ورجايان ٿو ته پرستروئيڪا (نئين تشڪيل) ڪا خيالي روشني يا الهام ناهي. پنهنجي زندگي جي نئين سر اڏاوت جو مطلب آهي ته اسان نوان ۽ تيز رفتاري جي معروفي ضرورت کي سمجهون ۽ قبول ڪريون. اها ضرورت اسان جي سماج جي ڪک مان پيدا ٿي آهي. پرستروئيڪا (نئين تشڪيل) جو روح حقيقت ۾ آهي ته اها سوشلزم کي جمهوريت سان ڳنڍي ڇڏي ٿي. ۽ سوشلسٽ تعمير جي 'ليننی تصور' جي 'نظرئي' ۽ عمل ٻنهي کي هڪ ڪري ڇڏي ٿي. اهوئي پرستروئيڪا (نئين تشڪيل) جو روح آهي، اهوئي سندس سچو انقلابي ڪردار ان جو دائرو جيڪو زندگي جي سيني شعبن تي ڇانيل آهي.

هي عظيم مقصد ان لائق آهي ته ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي وڃي، ۽ اسان کي پڪ آهي ته اسان جي جاکوڙ انسانذات جي سماجي ترقي ۾ قيمتي واڌارو ثابت ٿيندي.

وڌيڪ سوشلزم ۽ وڌيڪ جمهوريت

پرستروئيڪا (نئين تشڪيل) جو سوشلزم سان هڪ نظام

جي حيثيت ۾ ڪهڙو تعلق آهي، ان مسئلي تي هرهنڌ بحث ٿي رهيو آهي. خاص طرح سان پرسترائيڪا (نئين تشڪيل) ۾ اسان جي ڳالهه ٻولهه ٻيستائين چٽي نه ٿيندي جيستائين اسان ان پاسي تي غور نه ڪنداسين.

ڇا پرسترائيڪا (نئين تشڪيل) جو مطلب اهو آهي ته اسان سوشلزم يا ان جي بنيادي اصولن کي ڇڏي رهيا آهيون. ڪجهه ماڻهو ان سوال ۾ اميد جي جهلڪ ڏسن ٿا ۽ ڪن ماڻهن کي ان مان خوف محسوس ٿئي ٿو.

اولهه جي ملڪن ۾ اهڙا ماڻهو آهن جيڪي اسان کي اهو ٻڌائڻ چاهين ٿا ته سوشلزم گهوٽالي مان لنگهي رهيو آهي ۽ تنهن ڪري اسانجو سماج اڳتي وڌڻ جي لائق نه رهيو آهي. ۱۹۷۰-۸۰ع جي پڇاڙي ۽ ۱۹۸۰-۹۰ع جي شروعات جي صورتحال جي تنقيدي تجزئي جي معني، هو اها وٺندا آهن ته هاڻي اسان جي سامهون رڳو هڪ رستو آهي ته اسان اقتصادي انتظام ۽ سماجي ادارن ۾ سرمائيداراڻو نمونو اختيار ڪنداسين ۽ آهستي آهستي پنهنجو پاڻ سرمائيداري ناڻي شاهي ڏانهن واپس هليا اينداسين.

انهن جو چوڻ آهي ته اسان جي سوشلسٽ نظام ۾ رهندي پرسترائيڪا (نئين تشڪيل) جي منصوبن مان ڪجهه به نه ورندو. هنن جي راءِ اها آهي ته اسان پنهنجو سرشتو بدلائي، ٻئي سماجي سياسي نظام جي طريقي کي اختيار ڪريون. هو اهو به چوندا آهن ته جيڪڏهن سوويت يونين سنڌن دلپسند رستو اختيار ڪري ۽ سوشلسٽ رستي کان هٽي وڃي ته اولهه جي ملڪن سان ان جا لاڳاپا وڌيڪ دوستاڻا ٿي ويندا. هو ته ان حد تائين به چوندا آهن ته ۱۹۱۷ع وارو آڪٽوبر انقلاب هڪ غلطي هئي، جنهن جي ڪري اسانجو ملڪ عالمي سماجي ترقي کان بلڪل ڪٽجي ويو!!

اولهه ۾ اپرندڙ اهڙن افواهن ۽ اندازن کي ختم ڪرڻ لاءِ آءٌ هڪ ڀيرو وري چوندس ته اسان پنهنجي سڀني سڌارن کي پنهنجي سوشلسٽ سرشتي جي طريقن مطابق ڏي ڪري رهيا آهيون. اسان

سوشلزم ۾ سمايل عملن کي ساھون رکي ٿي موجود ۽ اينديڙ مسئلن جي حل جي گولا ڪريون ٿا. نہ ڪي سوشلزم کان ٻاھر. اسان پنھنجي ڪاميابين ۽ غلطين کي بہ سوشلسٽ معيارن سان ڏي ماپيون ٿا. جن ماڻھن کي اھا اميد آھي تہ اسان سوشلسٽ رستي تان ھٽي وينداسين، انھن کي آخرڪار مايوسي ٿيندي. پرسترائيڪا (نئين تشڪيل) جي پروگرام جي ھر حصي ۽ سڄي پروگرام جو بنياد "وڌيڪ سوشلزم وڌيڪ جمھوريت" جي اصول تي رکيو ويو آھي.

وڌيڪ سوشلزم جو مطلب آھي وڌيڪ تيزي ۽ وڌيڪ تخليقي ڪوشش، وڌيڪ تنظيم، بھتر انتظام، اقتصادي تنظيم ۾ سائنسي طريقي ۾ چاڙھ، انتظاميہ ۾ بھتر ڪم ۽ عوام جي لاءِ مادي طرح سان وڌيڪ خوشحالي ۽ بھتر زندگي. ان جو مطلب آھي وڌيڪ جمھوريت سچائي ۽ روزانو جي زندگي ۾ وڌيڪ اجتماعيت، صنعتي ڪم ۾ وڌيڪ ثقافت ۽ انسان دوستي، عوام جي وچ ۾ سٺا سماجي ۽ ذاتي لاڳاپا، ماڻھوءَ جي لاءِ وڌيڪ مان ۽ احترام جو تحفظ.

وڌيڪ سوشلزم جو مطلب آھي وڌيڪ وطن پرستي ۽ عظيم مقصدن کي حاصل ڪرڻ جي آس. ملڪ جي داخلي حالتن جي باري ۾ وڌيڪ ڦل دائڪ ڏيان ۽ انھن حالتن جا عالمي ميدان ۾ ھاڪاري اثرات.

ٻين لفظن ۾ انھن سڀني شين جي گھٽائي، جيڪي سوشلزم ۽ انھن نظرياتي تصورن ۾ موجود آھن، جيڪي سوشلزم کي ھڪ متاھون سماجي اقتصادي سرشتو بڻائين ٿيون.

حقيقت ھي آھي تہ اسان سوشلزم جي اعليٰ سطح تي پھچي رھيا آھيون. ان کان منھن نہ موڙي رھيا آھيون. اھا ڳالھہ اسان ايمانداري سان چئون ٿا. اسان نہ پنھنجي عوام کي دوکو ڏيون ٿا ۽ نہ ئي عالمي عام راءِ کي. اھڙي طرح بہ ڳالھہ ڪانھي تہ اسان کو نئون غير سماجواد سماج جوڙي رھيا آھيون يا ٻئي ڪيمپ ۾ وڃي رھيا آھيون. اولھہ جي ملڪن جي انھن ماڻھن کي، جيڪي چاھين ٿا تہ اسان سوشلزم کي ڇڏي ڏيون، ڏاڍي مايوسي ٿيندي.

هاڻي وقت آهي تہ هو چڱي طرح اها ڳالهہ ذهن ۾ ويهارين تہ اهو ڪڏهن بہ نہ ٿيندو، ۽ هو ان مطابق ئي سوويت يونين سان ڳنڍيل عمل جا لاڳاپا قائم ڪن.

آءٌ چاهيان ٿو تہ اسان جو مطلب چڱي طرح سمجهيو وڃي. اسان سوويت ماڻهو سوشلزم جي حق ۾ آهيون. اسان پين تي پنهنجا نظريا نٿا مڙهيون. هر ماڻهو کي پنهنجي پنهنجي رستي جي چونڊ جو حق آهي. تاريخ پاڻ ئي غلط يا درست جو فيصلو ڪندي رهندي. اڄ، جيئن مون ڪجهہ نمائندهہ آمريڪي شخصيتن کي چيو هو (جن ۾ سائرس وينس، هنري ڪسنجر ۽ ٻيا ماڻهو شامل آهن.) اسين ايترو چٽي نموني محسوس ڪري رهيا آهيون. جيترو پهريائين ڪڏهن بہ نہ ڪيو هو تہ سوشلزم جي نظام ۽ رٿابنديءَ جي اقتصاديات جي ڪري اوهان جي نجي / ذاتي ڪاروبار جيّ معيشت جي پيٽ ۾ اسان جي تنظيمي پاليسين ۾ تبديليون سولائي سان آڻي سگهجن ٿيون. جيتوڻيڪ اهو درست آهي تہ اسان کي پاڻ وٽ اهي تبديليون آڻڻ ۾ ڏکيائون پيش اچي رهيون آهن.

اسان کي وڏيڪ سوشلزم جي ضرورت آهي، ان ڪري اسان کي وڌيڪ جمهوريت جي ضرورت آهي. جيئن اسان سمجهون ٿا تہ ۸۰—۱۹۷۰ع ۽ ۹۰—۱۹۸۰ع جي ڏهاڪن ۾ پيش اينڌڙ مشڪلاتون ۽ مسئلا سوشلزم جي سماجي ۽ سياسي سرشتي ۾ ڪنهن گهوٽالي جون نشانيون ڪونهن، پر اهي سوشلزم جي اصولن تي درست طرح ۽ مستقل عمل نہ ڪرڻ سان پيدا ٿيا هئا. اهي مسئلا انهن اصولن کان منهن موڙڻ جيّ ڪري پيدا ٿيا هئا. اهو نتيجو اهو هو تہ اسان سوشلسٽ ترقي جيّ شروعاتي دؤر جي خاص تاريخي حالتن مان پيدا ٿيل سماجي تنظيم جي طريقن ۽ شڪلين سان چنبڙيل رهياسين.

سوشلزم هڪ نئون ۽ ننڍي عمر وارو سماجي سرشتو آهي. هيءُ هڪ زندگي جو نمونو آهي جنهن ۾ وڌڻ ويجهڻ ۽ پنهنجي پورڻتا جا گهڻا امڪان آهن. اهي امڪان اڃا اڃا اجرا ٿي اڳيان

ايندا رهندا. سوشلزم ۾ موجوده سماج جي سائنسي، ٽيڪنالاجيڪل اقتصادي، ثقافتي ۽ نظرياتي ترقي ۽ انسان جي اوسر ۽ ذهني ۽ روحاني ترقي جي اهم بنيادي مسئلن جي حل جا امڪان موجود آهن. ان جو ثبوت اهو رستو آهي جيڪو اسان جي ملڪ اڪٽوبر ١٩١٧ع کان پوءِ اختيار ڪيو. ان رستي ۾ اسان کي اڻ ڳڻيون مشڪلاتون پيش آيون. تمام وڏا ترت فيصلا به ڪرڻا پيا، ۽ مسلسل ۽ اڻٿڪ محنت به ڪرڻي پئي. پر ان رستي ۾ اسان وڏيون وڏيون سوڀيون به حاصل ڪيون آهن.

تاريخ جا سبق

اهو چوڻ درست ٿيندو ته انقلاب کان پوءِ اسان جي ترقيءَ جي واٽ تي وڏيون وڏيون مشڪل منزلون آيون. ان جو سبب گهڻو ڪري سامراجي قوتن جي اسان جي گهريلو معاملن ۾ بي شرميءَ واري مداخلت هئي، ۽ ٻيو سبب حڪمت عملي جون غلطيون ۽ غلط طور طريقا به هئا. ان جي باوجود سوويت يونين جي ترقي جاري رهي. اسان وٽ اهڙو سماج قائم ٿي چڪو آهي، جنهن عوام کي پنهنجي آئيندي جي باري ۾ اعتماد آهي. جيڪڏهن سچ کي رهنما بڻايو وڃي ته هر حقيقت پسند اهو قبول ڪندو ته نقصانن، خرابين ۽ ناڪامين جي باوجود سوويت تاريخ بنا ڪنهن شڪ شبهي جي ترقي جي تاريخ آهي. اسان وٽ رستي جي کوٽ هئي. اسان گهڙي گهڙي رستو وڃائي ويهندا هئاسين. غلطيون ڪندا هئاسين. ان سفر ۾ گهڻو رت وهيو. گهڻو پگهر ضايع ٿيو. پر اسان مستقل مزاجي سان اڳتي وڌندا رهياسين ۽ ڪڏهن به رڪجڻ يا واپس موٽڻ جو نه سوچيوسين ۽ نه ئي پنهنجي ڪٽيل-بازي کي ڇڏيوسين، ۽ نه ئي ڪڏهن اسان کي سوشلزم جي چونڊ تي افسوس ٿيو.

اسان جيئن جيئن هڪ اڻ ڏٺل مستقبل ڏانهن وڌندا وياسين، تيئن تيئن اسان وڏا وڏا ڪم ٿوري وقت ۾ پورا ڪياسين. اهو سوچڻ ڏاڍو ڏکيو آهي ته اسان ڪيترين غلطين کان بچي پئي

سگهياسين ۽ اسان جو سفر اهڙو ئي صاف هجي ها جهڙو نيوسڪي پراسپيڪٽ * جو سڌو سنئون رستو آهي. مثال طور ملڪ ۾ وسيع پيماني تي صنعتن جو سرشتو قائم ڪرڻ اهو ڪيڏو نه وڏو ۽ ڪيترو نه ڏکيو ڪم هو! اسان ڪهڙين حالتن ۾ اهو ڪارنامو سر انجام ڏنو؟ گهرو لڙائي ۽ چوڏهن پرڏيهي طاقتن جي مداخلت * ملڪ کي تباهه ڪري ڇڏيو هو. اسان جي معاشي ناڪه بندي ڪئي وئي ۽ اسان جي چوڌاري ليڪو ڪڍيو ويو ته جيئن اسان پين تائين نه پهچي سگهون ۽ ٻيا اسان تائين نه پهچي سگهن. اسان وٽ جمع ٿيل ذخيرا نه هئا، بينڪون نه هيون. اسان وٽ جيڪا به دولت هئي ان کي پنهنجي ملڪ جي اندرين علائقن جي ترقي تي خرچ ڪرڻ ضروري هو، جن کي زار جي ظالمانڻي دور ۾ ظلم ۽ محرومي جو شڪار بڻايو ويو هو. انقلاب جي فائدن کي تحفظ ڏيڻ لاءِ اسان کي جلد از جلد هڪ قومي صنعتي پيڙهه بڻائڻي هئي ۽ ان لاءِ اسان کي پنهنجن ئي ذريعن تي ڀاڙڻو پيو. خرچ ۽ کپت کي گهٽ ۾ گهٽ سطح تي حد جي اندر رکڻو هو. ظاهر آهي ته ان نئين اڏاوت جو جهجهو بار عوام کي ئي کڻڻو پيو، جن ۾ گهڻائي هارين جي هئي.

اسان کي پنهنجي صنعت کي خاص طرح سان وڏي صنعت (بجلي پيدا ڪرڻ ۽ مشين جوڙڻ جي صنعتن کي، جيڪي بلڪل

* Nevsky Prospekt : لينن گراڊ ۾ شهر جو مک لنگهه آهي. اهو بلڪل سڌو رستو آهي جيڪو روسي زبان ۾ انهن لاءِ استعاري جي طور تي استعمال ڪيو ويندو آهي جيڪي سمجهندا آهن ته سماجي ترقي پڻ ساڳئي قسم جي رستي تي وڌي سگهي ٿي.

* گهرو لڙائي ۽ پرڏيهي مداخلت (۲۲ – ۱۹۱۸ع) – سوويت ريپبلڪ جي جوابي انقلاب ۽ برطانيه، فرانس، آمريڪا، جرمني، جپان، پولنڊ ۽ ٻين ملڪن (جيڪي ڪل چوڏهن هئا) جي سندس ملڪ جي حصن تي قبضي خلاف جدوجهد.

نہ هجڻ جي برابر هيون) کي نہ رڳو شروع ڪرڻو هو پر مضبوط بنيادن تي پڻ قائم ڪرڻو هو. اسان بهادريءَ سان ان عظيم ڪم جي ابتدا ڪئي. پارٽي جي منصوبن جي عمل جوڳي ۽ حاصل ڪرڻ جهڙي هجڻ جي ضمانت اها هئي تہ عوام ان کي سمجهيو قبول ڪيو تي. پارٽيءَ جي ڏنل پروگرام ۽ نعرن جي مقبوليت جو (جيڪي اسان جي انقلاب جي بخشيل نظرياتي سگهہ ۾ رچيل هئي) اظهار ڪروڙين سوويت عوام جي ان جوش جذبي سان ٿيو، جنهن سان انهن قومي صنعت جي تعمير ۽ ترقي جي لاءِ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. دنيا ان جوش ۽ جذبي کي ڏسي حيران ٿي وئي. جبل جيڏين سخت مشڪل حالتن ۾ هو اڪثر پنهنجي پنهنجي گهرن کان گهڻو پري، مشينن جي مدد کانسواءِ، بہ-تي گرهہ مانيءَ جي ٻل تي هئن عجب ۾ وجهندڙ ڪارناما سر انجام ڏنا. کين ان ڳالهہ مان ئي جوش سگهہ حاصل ٿيندي هئي تہ سندن سامهون هڪ عظيم تاريخي مقصد هو. هو ڪو گهڻو پڙهيل لکيل بہ ڪونہ هئا. پر انهن کي معلوم هو تہ هو هڪ عظيم ۽ بي مثال ڪم ڪري رهيا آهن. پنهنجيءَ 'ڌرتي ماءُ' جي مستقبل جي لاءِ انهن جون اهي خدمتون هڪ زندهہ ۽ اڻ-مٽ ڪارنامو هيون. اهو سندن چونڊ ڪيل زندگيءَ جي نموني سان وفاداريءَ جو ثبوت هو. اهو فيصلو هنن ١٩١٧ع ۾ ڪيو هو.

اسان جي ابن ڏاڏن هر مشڪل کي مڙسيءَ سان منهن ڏنو. هنن اسان جي سماج جي ترقي ۽ مضبوطيءَ جي لاءِ قيمتي ڪم ڪيو، ۽ اهو هنن تڏهن ڪيو جڏهن اسان جي مستقبل جو فيصلو تي رهيو هو.

١٩٢٠-٣٠ع ۽ ١٩٣٠-٤٠ع جي ڏهاڪن ۾ صنعتن جو وڏي پيماني تي قائم ٿيڻ واقعي هڪ وڏو امتحان هو. پوءِ تي موٽي ڏسو تہ ڇا واقعن ۽ حالتن جي روشني ۾ ائين ڪرڻ ضروري هو؟ ڇا اسان جهڙو وڏو ۽ ڦهليل ديس صنعتي طرح آسري هجڻ کانسواءِ ويهين صدي ۾ زندهہ رهي پئي سگهيو؟ هڪ ٻيو سبب پڻ هو. اسان

ڪي جلد ئي پتو پئجي ويو تہ ملڪ کي صنعتي طرح ترقي يافتہ بڻائڻ کانسواءِ اسان زندهہ رهي نہ سگهنداسين. ١٩٣٣ع ۾ ئي فاشزم جو خطرو اسان جي مٿان لامارا ڏيئي رهيو هو. جيڪڏهن سوويت يونين هٽلر جهڙي جنگ باز ديو جو رستو نہ روڪي ها تہ اڄ دنيا ڪتي هجي ها؟ اسان جي ماٺهن ١٩٢٠ع ۽ ١٩٣٠ع جي ڏهاڪن ۾ پنهنجي ڀرپور سگهہ سان فاشزم جي پاڙ پٽي. جيڪڏهن اسان وڏي پئماني تي صنعتون قائم نہ ڪيون هجن ها تہ فاشزم آڏو بي هٿيار هجون ها.

پر اسان ڏٺو تہ اسان فاشزم جي ڦيٿن هيٺان چيپاڻجڻ کان بچي وياسين. سڄو يورپ هٽلر کي نہ روڪي سگهيو. اهي اسان هئاسين جن هن کي عبرتناڪ شڪست ڏني ۽ ان کي ذرو ذرو ڪري ڇڏيو سون. اسان رڳو پنهنجي سپاهين جي سورهيائي ۽ قربانين سان ئي فاشزم کي شڪست کان ڏني پر وڏيڪ طاقتور ٽئڪ، وڏيڪ طاقتور ٽئنڪن ۽ بهترين هوائي جهازن جو بہ اسان جي سوڀ ۾ اهم ڪردار هو، ۽ اهو سڀ اسانجي سوويت دور جي صنعتي ترقيءَ جو ڪمال هو.

هاڻي گڏيل زراعت تي نظر وجهو. مونکي خبر آهي تہ ان حوالي سان دشمن اسانجي باري ۾ الائجي ڪهڙا ڪهڙا بي بنياد بهتان افسانا، زٽون ۽ ڪيني سان ڀريل تنقيد جا اوچا مينار اڏيا آهن هن گڏپ کي هو خراب چوندا ئي آهن. پر اسانجي تاريخ جي هن دور جي اڀياس ڪرڻ وارن مان گهڻا ماڻهو اسانجي ملڪ جي گڏپ جي اهميت، ضرورت ۽ ان تر هجڻ کي درست سمجهڻ کان لاچار آهن.

جيڪڏهن اسان کي هن دور جي حالتن تي سائنسي ۽ حقيقت پسندانہ نظر وجهڻي آهي ۽ پنهنجي سماج (سوويت سماج) جي ارتقائي منزل جي خاصيتن کي نظر ۾ آڻو آهي، جيڪڏهن اسان زرعي پيداوار جي بلڪل خراب صورتحال کان اکيون ننا پوٽيون، جنهن جي ختم ٿيڻ جا ظاهري طرح سان ڪي بہ امڪان نہ هئا ۽ جنهن ۾ ٿوريءَ ٿوريءَ لڳ ڀڳ پوک پو ڪڻ ۽ پڇيءَ جي ننڍڙن ننڍڙن

تڪرن ۾ ورهاست جي عمل جي ڪري سدارو ۽ ترقي اڻ ٽيٽي هئي ۽ آخر ۾ جيڪڏهن گڏيل زراعت جي حقيقي نتيجن جو درست جائزو ئا وٺون ته هڪ اڻٽر نتيجو اسان جي سامهون آهي. اجتماعي زراعت هڪ عظيم تاريخ ساز عمل هو. ١٩١٧ع کان پوءِ اها سڀ کان اهم تبديلي هئي. اهو درست آهي ته زرعي اجتماعيت ڏاڍو ڏکيو عمل هو ۽ ان جي طريقيڪارن ۽ اڳتي وڌڻ ۾ ڪافي ڏکائيون اڳيان آيون. ڪم ۾ غلطيون ۽ زيادتيون به ٿيون. پر آن گڏيل زراعت ڪانسواءِ اسان جيءَ ملڪ جي هيڏي تڪڙي ترقي ممڪن نه هئي. گڏپ تي اقتصاديات جي زرعي شعبي ترقي لاءِ سماجي بنياد فراهم ڪيا. ان عمل جي ڪري بني باري جي جديد طريقن جو شروع ٿيڻ ممڪن ٿيو. ان سان پئداوار ۾ واڌاري کي يقيني بڻايو ويو. جيڪڏهن اسان ڳوٺن کي جيئن جو تيئن رهڻ ڏيون ها، جيئن هو وچئين دؤر ۾ هئا ته پڪ سان اپت ۾ واڌاري جي انگ کي اپتري حد تائين وڌائي نه سگهجي ها. گڏپ سان ڏي گهڻا وسيلا حاصل ٿيا. جنهن ۾ مزور به شامل هئا، تنهن ڪري ڪم ڪرڻ وارا گهڻا ماڻهو سماج جي ٻين شعبن، خاص طرح سان صنعتي شعبي جي لاءِ فارغ ٿي ويا.

گڏپ هارين جي زندگي کي بنهه تبديل ڪري ڇڏيو. جيتوڻيڪ اها تبديلي آسانيءَ سان عمل ۾ ڪانه آئي ۽ نه ئي وري اپترو ترت آئي، پر گڏپ هارين کي سماج جو جديد ۽ سڌريل طبقو بڻائي ڇڏيو. جيڪڏهن اجتماعيت نه ٿي هجي ها ته اڄ اسان ٢٠٠ ملين ٽن اناج پئدا ڪرڻ جو سوچي به نه سگهون ها. ٢٥٠ ملين ٽنن جو ذڪر ئي ڪهڙو. جيڪي اسان مستقبل ۾ اپائڻ جو ارادو رکون ٿا. اسان جي هاڻوڪي پئداوار ”يورپي گڏيل منڊيءَ (E.E.C)“ جي ملڪن جي مجموعي پيداوار کان به وڌي وئي آهي، جيتوڻيڪ اسان جي آدمشماري هنن جي مجموعيءَ آدمشماريءَ کان گهٽ آهي.

ان جي باوجود اهو درست آهي ته اسان وٽ کاڌي جي گهڻن شين جي کوٽ آهي. خاص ڪري چوپائي مال مان حاصل

ٽينڊڙ خوراڪ جي، پر گڏپ ڪانسواءِ اسان هر شهريءَ کي ايتري خوراڪ فراهم ڪري سگهنداسين جيتري ڪري رهيا آهيون.
موجوده صورتحال ۾ اسان پنهنجون سڀ نهايت اهم ضرورتون سٺي نموني پوريون ڪري رهيا آهيون. خاص ڪري اها ڳالهه اهم آهي ته بک ۽ خوراڪ جي کوٽ جو اسان جي ملڪ ۾ ڪوبه امڪان ڪونهي. اڳي اهي پيٽ بڇڙائيون صدين کان سوويت يونين لاءِ عذاب بڻيل هيون ڪئلر پن (گرمي جي يونٽن) جي گهٽائي وارن ڪاڏن جي ڏس ۾ سوويت يونين اسريل ملڪن جي صف ۾ شامل آهي.
گڏپ ۽ ان جي پنجاهه سالہ ڏگهي تاريخ جي ڪري اسان ان لائق بڻياسين ته نئين سر اڏاوت جي دوران سڄي زراعتي شعبي کي خاصيتي طرح سان تمام گهڻي اوچي سطح تي وٺي وڃون. اهو درست آهي ته ملڪ ۾ وسيع صنعتي نظام ۽ اجتماعي زراعتي نظام جو قائم ٿيڻ اٽل هو. ان کان سواءِ پنهنجي سڪل ديش کي پيهر سائو ڪرڻ ناممڪن هو. ان سڌارن دوران جيڪي طريقا لاڳو ڪيا ويا، آهي ڪڏهن ڪڏهن سوشلسٽ اصولن، سوشلسٽ نظريئي ۽ فلسفي جي مطابق نه هوندا هئا. خارجي حالتون ئي انهن طريقن کي جنم ڏينديون هيون. ديس کي مسلسل فوجي اڳرائي جو خطرو موجود رهندو هو. ان سان گڏ ڪجهه زيادتيون به اسان جي ڪم ۾ نظر اينديون هيون. دفتري انتظاميہ جو ناجائز دباءُ هو، ۽ عوام کي تڪليفون به هيون. اها ان دؤر جي سچي تصوير آهي. تضاد به هئا. عظيم ڪاميابيون به هيون. ڳريون غلطيون به هيون ڪيترائي ڏکوئيندڙ واقعا به هئا!
جنگ ۾ سڀ کان پوءِ ڪڏهن ڪڏهن اسان کي سخت وقت ڏسڻو پيو. ١٩٤٠ع جي ڏهاڪي ۾ مونکي تعليم جي لاءِ ڏکڻ روس کان ماسڪو تائين پنهنجا ريل جا ڪيترائي سفر اڄ به ياد آهن. سون پنهنجي اکين سان اسٽالن گراڊ، روسٽوف، خارڪوف، اوريل، ڪرسڪ ۽ وارونيز کي تباهه ۽ برباد ٿيل ڏٺو. پيا به برباد ٿيل شهر هئا. لينن گراڊ، ڪيو، مِنسڪ، آڊيسيا، سيواسٽاپول، سيمولينسڪ، برايانسڪ ۽ نوروگروڊ، هر شيءِ برباد ٿي چڪي هئي.

هزارين لکين شهر، وستيون، واهڻ، ڪارخانا ۽ ملون. اسان جون قيمتي ثقافتي يادگارون برباد ڪيون ويون يا ڦريون لٽيون ويون. تصويرن جون نمائش گاهون، محل، لئبريريون ۽ وڏا وڏا گرجاگهر بربادي جي شڪايت ڪري رهيا هئا.

ان زماني ۾ اولهه جي ملڪن ۾ اها ڳالهه عام هئي ته روس آئنده هڪ سو سالن ۾ پنهنجن پيرن تي بيهي نه سگهندو. هي ملڪ عالمي سياست کان گهڻو عرصو ٻاهر رهندو، ڇوته سندس گهڻو وقت پنهنجي زخمن ڀرڻ ۾ لڳندو. ۽ اڄ ڪجهه ساراهه جي نظر سان ۽ ڪجهه کليل دشمني جو اظهار ڪندي اهو چون ٿا ته اسان (سوويت يونين) هڪ وڏي طاقت بڻجي ويا آهيون. اسان اڪيون کوليون ۽ پنهنجي ملڪ کي پنهنجي ڪوشش سان پنهنجن پيرن تي بيهاريو آهي. ان عمل ۾ اسان سوشلسٽ سرشتي جي سڀني قوتن کي استعمال ڪيو آهي.

اسان ان معاملي جي هڪ ٻئي پاسي جو ذڪر ڪرڻ به ضروري ٿا سمجهون جنهن کي اولهه جي ملڪن ۾ لڪايو ويندو آهي. يا ان جو ذڪر ڪيو ئي نه ويندو آهي. پر ان پاسي جي ذڪر کان سواءِ ”اسان“ يعني سوويت عوام کي سمجهي نه سگهبو. اقتصادي ۽ سماجي ڪاميابين سان گڏوگڏ هڪ نئين زندگي به نسري رهي هئي. نئين دنيا جي اڏاوت ڪرڻ وارن منجهه عجب ۾ وجهندڙ جذبو هو. نئين ۽ غير مانوس شين سان سندن دلين ۾ نوان اُمنگ پيدا ٿيا. فخر جو اهو جذبو اُڀريو ته اسان اڪيلي سر ٻئي ڪنهن جي مدد کان سواءِ (۽ ڦهريون پيرو نه) پنهنجي ملڪ جي ذميواري پنهنجن ئي ڪلهن تي کنئي آهي. ۽ اسان پنهنجي محنت سان ان جو مان مٿاهون ڪري رهيا آهيون.

اسان جي ماڻهن جي ”چاڙ“ ۽ سيپتا واري اُڄ اُڃهامندي ئي ڪانه هئي. هنن هن ميدان ۾ مهارت ۽ چاڙ پيدا ڪيو. هو زندگي جي نعمتن ۽ برڪتن تي خوشيون ملهائڻ لڳا. ٻارن جي پرورش ڪرڻ لڳا. ۽ زندگي جي روزمره جي ڪمن ۾ بلڪل رڌل رهڻ لڳا. اسان اهو سڀ ڪجهه بلڪل هڪ نئين ماحول ۾ ڪيو، جيڪو انقلاب

ڪان اڳ جي ماحول ڪان بنهه مختلف هو. هن ماحول ۾ ”سهولت“ ”برابري“ ۽ ”پورهيت“ لاءِ گهڻا موقعا هئا. اسان کي چڱي طرح احساس هو ته سوشلزم اسان کي ڇا ڪجهه ڏنو آهي. عوام تخليقي انداز ۾ زندگي گذاري رهيا هئا ۽ ملڪ جي ترقي لاءِ تخليقي نمونے ۾ ڪم ڪندا هئا. مون کي پنهنجي ديس واسين ڪان جيڪي خط ملن ٿا، انهن ۾ فخر سان اهو چيو ويندو آهي. اهو سچ آهي ته اسان پين ڪان غريب هئاسين. پر اسان جي زندگي ڀرپور ۽ دلپسند هئي.

اڄ سوويت يونين ۾ قائم ١٥ مان ١٤ شهر انقلاب ڪان پوءِ جا تخليق ٿيل آهن. عجب آهي ته ماڻهو اڃا به اسان کي سوشلزم کي تياڳڻ لاءِ چون ٿا. سوويت ديس جا ماڻهوءَ جي سوشلزم جي دور ۾ وڏيا ويجهيا، اهي پلا ڇو سوشلزم کي ڇڏيندا؟ اسان سوشلزم کي وڏيڪ ترقي ڏيڻ ۽ مضبوط بڻائڻ ۾ پنهنجي وسان ڪو نه گهٽائيندا سين. منهنجي خيال ۾ اسان اڃا سوشلزم جي امڪانن جو تمام ٿورو حصو اکين ڏٺو آهي. اسان اڃا اڻ - ڳڻ سالن تائين ان مان فيض حاصل ڪندا رهنداسين.

اهو ئي سبب آهي جو اسان کي پنهنجي زندگي جي سرشتي کي بدلائڻ ۽ هڪ ٻئي سماجي سرشتي کي اختيار ڪرڻ جا مشورا (جن ۾ ڪجهه خلوص تي پڌل به ٿي سگهن ٿا) عجب جهڙا لڳندا آهن. جيڪي اهڙيون صلاحون ڏين ٿا، انهن کي شايد اها سڌ ڪانهي ته جيڪڏهن ڪو ڪٿي لکين ڪوششون ڪري ته به هو سوويت يونين کي سرمائيدارائي سرشتي ڏانهن نٿو وٺي اچي سگهي. اهو ناممڪن آهي، ٿورو سوچيو ته سهي. اسان ان ڳالهه سان ڪيئن ٿا سهمت ٿي سگهون ته ١٩١٧ع جو انقلاب هڪ غلطي هئي ۽ اسان جي قومي زندگي جا ٧٠ سال، اسان جو ڪم، اسان جي جدوجهد ۽ لڙايون سڀ غلط هيون، ۽ اهو ته انهن ستر (٧٠) سالن ۾ غلط رستي تي وڃي رهيا هئاسين. ائين ڪڏهن به نه ٿو ٿي سگهي ۽ نه ئي ٿيندو. تاريخ جي حقيقتن تي هڪ درست ۽ غير جانبدارائي نظر وجهڻ سان اسان رڳو هڪ نتيجي تي پهچون ٿا ته اها سوشلزم

جي تي چوندا هئي، جنهن پوئتي پيل روس کي پنهنجي هاڻوڪي جاءِ ۽ درست رتبي تي پهچايو آهي ۽ اڄ سوويت يونين انساني ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي.

آڪٽوبر انقلاب ۽ سوشلزم جو ذڪر ڪندي، اڻين آهستي ۽ جهجهڪي ڳالهائڻ جو ڪوبه سبب ڪونهي، جيئن ڇڏڪ اسان شرمنده هجون. اسان ماضي کي مڪمل طرح ۽ ان جي سيني رنگا رنگ مونجهارن سميت ڏسون ٿا. اسان جون وڏيون وڏيون ڪاميابيون به اسان کي پنهنجي سماج جي ترقي ۾ موجود اسان جي غلطين ۽ ڪوتاهين کي ڏسڻ کان نٿيون روڪين.

اسان جي نظرئي جو روح ئي تنقيدي ۽ انقلابي آهي. جڏهن اسان اڄ جي مسئلن ۽ مشڪلاتن جون پاڙون ڳوليون ٿا ته ان مان مقصد اهو آهي ته جيئن اسان اهو اندازو لڳائي سگهون ته ان جو بنياد ڇا آهي ته جيئن ١٩٣٠ع جي ڏهاڪي ۾ ٿيندڙ واقعن مان اڄ جي زندگيءَ جي لاءِ سبق حاصل ڪريون. گذريل واقعن جي تاريخ ۾ اسان لاءِ سڀ کان اهم ڳالهه هيءَ آهي ته ان کي سمجهي اسان نئين سر اڏاوت جي بنيادي ڪارڻن کي سڃاڻون. اسان جي تاريخ گهڻن ئي عملن جي شديد گهڙجن جي ڪري جڙيل آهي. پر اها ئي اسان جي تاريخ آهي ۽ ان ۾ ئي پرسترونيڪا (نئين تشڪيل) جو بنياد آهي.

اهي سڀ واقعا جن پرسترونيڪا (نئين تشڪيل) کي اڻٽر بڻائي ڇڏيو، ڇو ظاهر ٿيا؟ پرسترئيڪا (نئين تشڪيل) کي شروع ڪرڻ ۾ ايتري دير ڇو ٿي؟ ڪم ڪرڻ جا وقت اجايو وڃائڻ وارا طريقا ايترو وقت ڇو جاري رهيا؟ اسان جي سماج ۾ سماجي سوچ ۽ نظرين ۾ ”لڪير جي فقيري“ ڇو ۽ ڇالاءِ پيدا ٿي؟

انهن سيني ڳالهين جي ڇنڊڇاڻ جي ضرورت آهي. تجزئي ۽ وضاحت سان اسان کي گهڻا ثبوت ملن ٿا ته ’پارٽي‘ ۽ ’سماج‘ ناڪاري عملن کي وڌندي ڏسي رهيا هئا. اها به خبر پوي ٿي ته هڪ کان وڌيڪ ڀيرا تبديلي جي ضرورت واري احساس جو شدت

سان اظهار ڪيو ويو آهي. پر جيڪي تبديليون ڪيون ويون، سي ڏور رس ڪونه هيون ۽ ”ماضي جي ورثي“ کي ٻار هيٺيان دٻجي اهي تبديليون بي معني ٿي ويون، ڇو ته انهي ورثي ۾ پيا به ڪافي مونجهارا هئا.

سوويت يونين جي ڪميونسٽ پارٽي جي ويهين (٢٠) ڪانگريس * اسان جي تاريخ ۾ هڪ وڏو سنگ ميل هئي. ان سوشلسٽ تعمير ۽ تنظيم جي نظرئي ۽ عمل ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. ان ڪانگريس دوران ۽ ان جي پڄاڻي کان پوءِ ملڪ جي ترقيءَ جي رستي تي ٽڪرڻ وارن ڪٽڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ۽ اسٽالن جي دور جي شخصيت پرستي واري رواج جي منفي سياسي ۽ سماجي پاسن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ جي خواهش کي وڌايو ويو.

ان ڪانگريس ۾ ڪيل فيصلن تحت اهم سياسي، اقتصادي، سماجي ۽ نظرياتي قدم کنيا ويا. پر ان ڪانگريس ۾ ڪيل فيصلن مان پيدا ٿيل امڪانن کي پوري طرح استعمال نه ڪيو ويو. ان جو سبب اهو هيو ته خروشچيف سان ڪم ڪندڙ قيادت موضوعي (غير سائنسي) طريقا اختيار ڪيا. اقتصادي تنظيم ۾ نئين سوچ ۽ عمل جو اهو مطلب سمجهيو ويو ته ترت ڏسڻ ۾ ايندڙ ڳالهه کي اختيار ڪيو وڃي. ان وقت جي قيادت جي، بي بنياد ۽ هر ساعت تبديل ٿيندڙ خيالن توڙي قدمن ”سماج“ ۽ ”پارٽيءَ“ ٻنهي کي پريشان ڪيو ۽ منجهائي رکيو. وڏا وڏا وائڙا واعدا ڪيا ويا ۽ اجايون سجايون اڳڪٿيون ڪيون ويون. قول ۽ فعل ۾ وڇوٽي

* سوويت پارٽي جي ويهين ڪانگريس ماسڪو ۾ ١٤ کان ٢٥ فيبروري ٥٦ع تائين جاري رهي. ان ڪانگريس ديس جي معاشي ترقي لاءِ ڇهين پنج سالا رٿا (٦٠-١٩٥٦ع) لاءِ هدايتون منظور ڪيون. موجوده دور ۾ مختلف سماجي نظام رکندڙ ملڪن جي وچ پرامن بقائي باهم جو اصول مقرر ڪيو ۽ اسٽالن جي شخصيت پرستي جي طريقي ۽ ان مان پيدا ٿيل نتيجن جي مذمت ڪئي.

وڌي وئي.

ان ڪري اڳئين منزل تي جنهنجو ترجيحي نشان آڪٽوبر انقلاب هو، يعني ١٩٦٤ع ۾ ٿيل پارٽي جي مرڪزي ڪميٽي جي ان مڪمل گڏجاڻي * ۾ گهٽ وڌائي کي دور ڪرڻ لاءِ ۽ ان جي خلاف جدوجهد جي لاءِ قدم کنيا ويا. ڪم کي متوازن بڻائڻ واري لاڙي عمل تي عمل ڪيو ويو. ان جي واقعي ضرورت هئي. ان کي پارٽي جي به حمايت حاصل ٿي ته عوام جي به ۽ ان جا مثبت نتيجا به ظاهر ٿيا، جيڪي فيصلا ڪيا ويا ۽ منظور ٿيا ؛ اهي چڱي طرح سوچيل سمجهيل هئا ۽ چڱي طرح تيار ڪيا ويا هئا. ان جي پويان ٺوس حقيقتون ۽ دليل هئا. ١٩٦٥ع جي اقتصادي سڌارن جي شروعات ۽ مارچ ١٩٦٥ع ۾ ٿيل مرڪزي ڪميٽي جو ميڙ * زراعت جي سڌاري تي مشتمل هو. اهي ٻئي، ملڪي اقتصاديات ۾ مثبت تبديلي آڻڻ لاءِ اثرائتا قدم هئا. پر ڪجهه عرصو اثرائتا هجڻ کان پوءِ اهي پروگرام جلد ئي ختم ٿي ويا.

پنهنجي ڪارڪردگيءَ مان مطعمن ٿيڻ جي ماحول ۽ قيادت ۾ تبديلي جي فطري عمل کي روڪي ڇڏڻ ڪري، ملڪ ۾ جمود ۽ پوئتي هٽڻ جا لاڙا پئدا ٿي پيا، جنهن جو اڳ مٿي ذڪر ڪري چڪو آهيان. پر حالتون هر دفعي اهڙن فيصلن جي گهر ڪري رهيون هيون جن جي ذريعي معاشي ۽ سماجي انتظامن کي وڌيڪ خوبصورت ۽ سرگرم بڻايو وڃي.

اسان تاريخ جي سيکاريل سبق مان ڪهڙا نتيجا حاصل

---

* ١٤- آڪٽوبر ١٩٦٤ع واري مڪمل گڏجاڻي ۾ نڪيتا خروشچيف کي سوويت يونين جي ڪميونسٽ پارٽي جي مرڪزي ڪميٽي جي فرسٽ سيڪريٽري جي عهدي تان هٽايو ويو. ان جي جڳهه تي ليونڊ برزنيف جي چونڊ ڪئي وئي.

* ١٩٦٥ع جي معاشي سڌارن جو مقصد تعمير ۽ صنعت ۾ اقتصادي مشنري کي بهتر بڻائڻ هو ۽ ان نفعي تيءَ زور ڏنو ويو هو.

ڪيا آهن؟

پهريون نتيجو اهو آهي ته سماجي سرشتي جي حيثيت ۾ سوشلزم اهو ثابت ڪيو آهي ته منجهس سماجي ترقي جي پيچيده مسئلن کي حل ڪرڻ جا عظيم امڪان موجود آهن. اسان کي انهن امڪانن کي پورو ڪرڻ جي صلاحيت تي مڪمل يقين آهي. ان جي امڪانن جي وڏ ڪان وڏ ظاهر ٿيڻ تي يقين آهي. اسان کي يقين آهي ته سماجي ترقي جا اهي مسئلا جيڪي ٢١ هين صدي جي ابتدا تائين پيش ايندا رهندا، سوشلزم انهن کي منهن ڏيئي سگهي ٿو.

ان سان گڏ اسان اهو به چاهيون ٿا ته سوشلزم کي بهتر بڻائڻ جو ڪم ترت يا گهڙي پل واري نوعيت جو ناهي، اهو ڪم گهٽي ڏيان جو گهرجائو آهي ۽ ان لاءِ مسئلن جو غيرجانبدارائو ۽ ايماندارائو تجزيو ڪرڻ ضروري آهي ۽ ان لاءِ اسان کي هر ان شيءِ کي ڇڏڻو آهي، جيڪا وقت سان گڏ نه هلي سگهندي هجي. اسان چڱي طرح چاهيون ٿا ته وقتي ۽ محدود قدم ان صورتحال ۾ ڪم نٿا اچي سگهن. اسان کي ڏکهي عرصي تائين ان محاذ تي ڪم ڪرڻو آهي، سو به لڳاتار ۽ اڻ ٿڪ محنت سان. ۽ اسان کي بنان هٻڪ جي نوان بهادرانه قدم کڻڻ گهرجن.

هڪ ٻيو نتيجو به اسان ڪڍيو آهي، جيڪو منهنجي خيال ۾ سڀ کان وڌيڪ اهم آهي. اهو اِهو آهي ته اسان کي عوام جي سوچ ۽ عمل ۾ شروعات ڪرڻ جي تخليقي صلاحيت تي ڀروسو ڪرڻ گهرجي. تجويز ڪيل سڌارن تي عمل ڪرڻ ۾ عوام جي وسيع حصي جي سرگرم شموليت تي اعتماد ڪرڻ گهرجي. يعني اسان کي جمهوريت تي ۽ رڳو جمهوريت تي اعتماد ڪرڻ گهرجي.

اسان کي کهڙي شيءِ پرسترائيڪا (نئين تشڪيل) لاءِ آتاهيو

سوشلسٽ سماج کي جامد ۽ هڪ هنڌ بيٺل سمجهڻ نه رڳو غلط آهي، پر نقصانڪار پڻ آهي. ان جي سڌاري جو مطلب اهو

ناهي ته حقيقت جي وسيع ۽ رنگا رنگ تصور جي تاڃي پيٽي کي ڪجهه اهڙن نهيل نڪيل تصورن ۽ فارمولن جي ڪانچي ۾ بند ڪري ڇڏيون. جيڪي هڪ ڀي ڀيرو ۽ هميشه لاءِ قائم ڪيا ويا هئا، ۽ انهن ۾ ڪابه تبديلي نه ايندي. سوشلزم جا تصورات هميشه وڌندا ويجهندا ۽ تبديل ٿيندا رهندا آهن. تاريخي تجربي ۽ معروضي حالتن، ٻنهي جي روشني ۾ اهي تصورات لڳاتار بهتر کان بهتر صورت اختيار ڪندا رهندا آهن. سوشلسٽ تعمير جي خيالن ۽ عملي صورتن جي باري ۾ اسان لينن جي تخليقي موقف کان گهٽو ڪجهه سکيو آهي. ۽ لڳاتار سکندا رهنداسين. اسان هن جي سائنسي طريقن تي عمل ڪري رهيا آهيون ۽ سندس مادي حالتن جي ڇنڊ ڇاڻ جي فن کان چڱي طرح مهارت حاصل ڪري رهيا آهيون.

جيئن جيئن پرسترويئڪا (نئين تشڪيل) وارو پروگرام اڳتي وڌي ٿو، تيئن تيئن اسان هر ڀيري لينن جي خيالن، خاص ڪري سندس آخري لکڻين جو اڀياس وري وري ڪريون ٿا.

مارڪزم لينزم جي شروعاتي لکڻين اسان کي سوشلزم جي بنيادي خاصيتن جي درست وصف کان واقف ڪرايو، انهن ۾ سوشلزم جي تفصيلي تصوير نه هئي. انهن ۾ سوشلزم جي نظرياتي طرح سان ممڪن منزلن جو ذڪر هو. اهو فيصلو ڪرڻ اسان جو ڪم آهي ته اڄ اسان ڪهڙي منزل تي پهتا آهيون. اسان کي پنهنجي منزل تي پاڻ ئي پڄڻو آهي. ڇو ته ڪتاب اسان کي رڳو رستو ٻڌائيندا، خاص طريقا نٿا ٻڌائين.

اسان جي هيءَ نئين منزل، اسان لاءِ نوان فرض کڻي آئي آهي. اهو ضروري آهي ته اسان سوشلزم جي گهٽن نظرياتي مسئلن ۽ قائم ٿيل سوچن جي چڱي طرح ڇنڊ ڇاڻ ڪريون ۽ ائين ڪرڻ ۾ لينن جي ڇڏيل ورثي يعني سوچڻ ۽ ڪم جي طريقي تي ڀروسو ڪريون. اسان کي ڀيهر جائزي وٺڻ جي ضرورت ان ڪري به آهي، جو لينن جي وفات کان پوءِ جي ويجهن سالن ۾ سندس خيالن تي عمل نه ڪيو ويو. اسان جي ملڪ جي خاص حالتن اسان کي مجبور

ڪيو ته اسان سوشلسٽ تعمير جا اهي طريقا ۽ شڪليون اختيار ڪريون، جيڪي تاريخي حالتن سان ٺهڪندڙ هجن. پر اهي صورتون ۽ طريقا آهستي آهستي مقدس صحيفا بڻبا ويا ۽ مثالي شڪل اختيار ڪندا ويا ۽ نيٺ هڪڙن جامد اصولن جو نمونو وجهي ورتائون. ان سان سوشلزم جي "مثل مورتي" مقبول ٿي وئي. صنعتن ۾، دفتري نظام ۾، پارٽي ۾ ۽ حڪومتي ادارن ۾، عوامي تنظيمن ۾، هر جڳهه مرڪزيت جو حد کان وڌايل تصور مشهور ٿيندو ويو. انساني مفادن جي رنگا رنگي کي نظر انداز ڪيو ويو. اجتماعي زندگي ۾ ماڻهن جي تخليقي شموليت کي اهميت ڪانه ڏني وئي. هر طرف "برابري" وارا لاڙا وڌڻ لڳا. ان جي نتيجي ۾ سٺي ۽ خراب ڪم جو فرق مٽجي ويو.

هاڻي اچو اقتصادي انتظام جي جوڙجڪ تي. جنهن خاص تاريخي صورتحال ۾ سوويت يونين اڀري وڌيو، انهن ۽ اسان جي انتهائي حالتن ان انتظامي جوڙجڪ تي به پنهنجو اثر وڌو. هڪ طرف جنگ جو خطرو هو. تاريخ جون سڀ کان وڌيڪ خوني ۽ تباهي آڻيندڙ جنگيون/لڙايون ان دؤر ۾ ٿيون. ان کان سواءِ به اسان جو ڪم ڏاڍو ڏکيو هو. پر لڙاين ته اسان جي معيشيت تي ڏاڍا ئي تباهي آڻيندڙ اثر وڌا. پنهي مهاڀاري لڙاين کان پوءِ آبادڪاري جي ڪوشش انتظامي جوڙجڪ ۾ زبردست مرڪزيت کي جنم ڏنو. سو اسان جي انتظامي جوڙجڪ ۾ جمهوريت جي کوٽ پيدا ٿيندي وئي.

هاڻي ان مسئلي ڏانهن ٿا اچون ته اهي متضاد رويا پاڻ ۾ گڏيا ڪيئن يعني اهڙو سوشلزم جنهن ۾ جمهوريت جي کوٽ هئي، اهو لاڙو ڪيئن پيدا ٿيو؟ جڏهن ننڍڙي عمر واري سوويت روس نئين سماج جو جوڙجڪ شروع ڪيو ته سڄي سرمائيدار دنيا جي مقابلي ۾ هو اڪيلو ملڪ هو. هن جي سامهون اقتصادي ۽ ٽيڪنالاجيڪل پس ماندگي کي جلد از جلد دؤر ڪرڻ جي للڪار هئي. ڪيس ٻڙي کان شروع ڪري، هڪ جديد صنعت جوڙڻي هئي. ۽ اهو ڪم

انتهائي ايمانداريءَ ۽ چستيءَ سان ڪيو ويو.

ائين ڪرڻ لاءِ اسان ڪي پنهنجي قومي آمدني ۾ وڏيڪ بچت ڪرڻي هئي. اسان قومي آمدني جو وڏو حصو وڏي صنعتن جي ترقي تي لڳائي ڇڏيو. ان ۾ ڳري صنعت ۽ دفاعي صنعت به شامل هيون. ڪنهن به اهو سوال ناهي پڇيو ته اسان ان ترجيح جي ڪهڙي قيمت ادا ڪئي آهي؟ جيڪڏهن اهو سوال ڪنهن جي ذهن ۾ آيو به ته به پس منظر ۾ رهيو. اسان جي ملڪ ان ڪم تي ڪڏهن به خرچ ڪرڻ کان هٿ نه روڪيو. عوام به پنهنجي ملڪ جي تڪڙيءَ ترقي جي لاءِ قربانيون ڏيڻ لاءِ تيار هو ته جيئن سندن ملڪ جي دفاعي صلاحيت وڌي سگهن ۽ ان جي آزادي ۽ سوشلزم جي نعمتن جي حفاظت ٿي سگهي.

انهن مقصدن کي پورو ڪرڻ لاءِ اقتصاديات جي نئين سر انتظامي اڏاوت ڪئي وئي. ان ۾ شدت سان مرڪزيت قائم ڪئي وئي. هر ننڍي کان ننڍو ڪم به مرڪز ۾ طيءِ ٿيندو هو. مرڪز سيني صنعتي ادارن جي ڪم جون حدون مقرر ڪندو هو ۽ ڪين سرڪاري خزاني مان رقم ڏني ويندي هئي. اهو طريقو ڪامياب رهيو.

اهڙيءَ انتظامي جوڙجڪ جو قيام رڳو حالتن جي گهرجن مطابق ٿي نه هو. ان جي پٺيان غلط سوچ ۽ داخلي فيصلا بہ هئا. اسان کي اڄ جي مسئلن جو جائزو وٺڻ وقت انهن کي به ذهن ۾ رکڻ گهرجي. ڪجهه به هجي پر اها ڳالهه چوڻ ضروري آهي تہ جيڪو صنعتي انتظام جو ڍانچو ۱۹۳۰ع ۽ ۱۹۴۰ع جي ڏهاڪن ۾ جڙيو هو اهو آهستي آهستي اقتصادي ترقي جي تقاضن ۽ شرطن جي خلاف ڪم ڪرڻ لڳو. ان جا هاڪاري امڪان ختم ٿي ويا ۽ اهو نظام ڏينهون ڏينهن وڏي رنڊڪ بڻبو ويو. نتيجي ۾ اها ڪاهلي پيدا ٿي، جنهن کان پوءِ اسان کي ايترو سارو نقصان سهڻو پيو. اصل ۾ جيڪي طريقا نهايت خراب حالتن ۾ ٺاهيا ويا هئا، آهي بعد ۾ به قائم رهيا.

رڳو لفظي طرح سان اصولن سان پڪل رهڻ جي لاڙي سان

هڪ فضول خرچيءَ واري معاشيات * آسري، اهو ئي تصور طاقتور ٿيندو ويو ۽ ١٩٨٠ع جي ڏهاڪي جي وچ ڌاري قائم رهيو. ان لاڙي ۾ جڳ بدنام ”وڌ کان وڌ پئداوار وڌايو“** نعري جون پاڙون ڄميل آهن جيڪو پوءِ ڏينهن تائين اسان جي اقتصاديات تي ڇانيل رهيو.

هي آهي حالتون هيون جن ۾ ڪجهي مال ۽ ماليات جي رشتي ۽ سوشلزم تحت قدر جي اصول جي باري ۾ هڪ مخالفانه تعصب جو لاڙو وڌندو رهيو. هر پيري اها دعويٰ ڪئي ويندي هئي ته پئي عمل سوشلزم جي لاءِ اوپرا ۽ مخالف آهن. ان سان گڏوگڏ نفعي نقصان واري حساب ڪتاب کي گهٽ اهميت ڏيڻ جو رواج به جاري رهيو. ان سان شين جي قيمتن ۾ بد نظمي پئدا ٿي وئي ۽ سرمائي جي سرڪيوليشن تي به ڪو ڌيان نه ڏنو ويو.

تبديل ٿيل حالتن ۾ پراڻي صنعتي انتظاميه ۾ جمهوريت جي کوٽ جي ڪري منفي اثر پيدا ٿيا. لينن جي ”پورهيتن جي خود انتظامي“ جي نظرئي جي لاءِ ڪابه جڳهه نه هئي. سرڪاري ملڪيت کي آهستي آهستي ڪم ڪندڙ پورهيت کان الڳ ڪيو ويو، جيڪو ان جو اصل مالڪ هو. سرڪاري ملڪيت، شعبه بندي (Departmentalism) ۽ مقاميت جي ڪري بي ڌياني جو شڪار

* Spend away economy معاشيات ۾ دفتري قسم جي انتظاميه جي وڌيڪ مداخلت جو هڪ اهو به ثبوت هو ته صنعتي ترقي جي لاءِ نوان ڪارخانا ۽ فيڪٽريون ٺاهيون وڃن. ان سان صنعتي آپت جا خرچ وڌي ويندا آهن، پر شين جو معيار بلند نه ٿيندو آهي.

** Gross output approach غير متوازن رٿابندي ۽ پئداوار جنهن ۾ شين جي وزن ۽ مقدار وڌائڻ تي زور ڏنو ويندو آهي، انهن جي معيار بلند ڪرڻ بدران اصل ضرورت مطابق صنعتي پئداوار ڪئي وڃي.

تي وڃي، ڇاڪاڻ اها بنا مالڪي واري زمين هجي، جنهن تي جنهن کي جيڪو ڪجهه وڻي سو ڪري. ان جو ڪوبه رکوالو ڪونه هو. اهڙا واقعا گهڻا دفعا ظاهر ٿيا ته انسان سڄي قوم جي ملڪيت سان ڪنهن قسم جو تعلق ظاهر ڏي نه ڪندا هئا. عوام جي اجتماعي مفادن ۽ پورهيتن جي ذاتي مفادن جي وچ ۾ ڪابه مطابقت ڪانه رهي هئي. ان مان سڀ خرابيون پيدا ٿيون. اسان جي نئين منزل تي اقتصادي انتظام جو پراڻو نظام ترقي ۾ مددگار ٿيڻ بجاءِ هاڻي سوشلزم جي رستي جي مورڳو رڪاوٽ بڻجي پيو.

ان ترقي دشمن انتظامي جوڙجڪ جو سياسي پاسو به هو. ڪوبه ڏسڻ وارو اهو چاڻڻ کان سواءِ رهي نٿي سگهيو ته هڪ اهڙي صورتحال پيدا ٿي وئي هئي، جنهن ۾ متضاد عمل موجود هئا. هڪ تعليميافته ۽ ذهين عوام، جنهن سوشلزم سان اڻٽوٽ رشتو ڳنڍيو هو، سوشلزم ۾ موجود امڪانن کي چڱي طرح استعمال نٿي ڪري سگهي. هو پنهنجي ان حق جو استعمال نٿي ڪري سگهي ته رياست جي معاملن ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري. جيتوڻيڪ مزدورن، هارين ۽ دانشورن کي سيني حڪومتي اطراف ۽ انتظامي شعبن ۾ نمائندگي پئي ڏني وئي آهي. پر هنن کي هر موقعي تي فيصلا ڪرڻ ۽ ان جي منظوري ڏيڻ جي ڪم ۾ مڪمل طرح سان شامل نه ڪيو ويو، جيتوڻيڪ سوشلسٽ سماج جي صحتمند ترقي لاءِ ائين ڪرڻ ضروري هو. عوام هميشه وڏيڪ سرگرم سياسي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار پئي رهيو آهي پر ڪين موقعو ئي ڪونه ڏنو ويو. جيتوڻيڪ سوشلزم ترقي ئي ان ڪري ڪندو آهي ڇاڪاڻ ته هو هميشه وڌ کان وڌ عوام کي سياسي ڪمن ۾ ڀاڱي ڀائيوار ڪندو آهي.

معاشيات ۾ ظاهر ٿيندڙ رنڊڪن جي نظام ۾، جنهن جا سماجي ۽ نظرياتي نتيجا نقصانڪار ۽ خطرناڪ هئا، ائين به ٿيو ته عوامي تنظيمن مٿان نوڪرشاهي ڇانئجي وئي، ۽ هر سطح تي نوڪرشاهي جو چارِ ڦهلجندو ويو. ان نوڪرشاهيءَ رياست، انتظاميه ۽ عوامي معاملن ۾ تمام گهڻو اثر پيدا ڪري ڇڏيو هو.

اهو چوڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي ته انهن حالتن ۾ انتظام، خود انتظامي، نفعي نقصان جي حساب ڪتاب، ذاتي ۽ اجتماعي مفادن جي وچ ۾ تعلق تي لينن جي قيمتي سوچن کي لاڳو نه ڪيو ويو، ۽ نه ئي اُنهن کي ڦهلايو ويو. انهيءَ هڪ ئي مثال مان ظاهر ٿئي ٿو ته اسان جا سماجي خيال ڪيتري حد تائين حقيقت ڪان ڪٽجي چڪا هئا ۽ هڪ هنڌ برف وانگر ڄمي ويا هئا ۽ اهو رڳو هڪ مثال آهي اهڙا ٻيا به گهڻائي مثال آهن.

پرستروئيڪا (نئين تشڪيل) اسان جي حڪمت عملين ۽ سماجي فڪر جي لاءِ نوان فرض مقرر ڪيا آهن. ان ۾ سماجي فڪر منجهه جمود کي دور ڪرڻ وارو فرض به شامل آهي. ان جو مقصد اهو آهي ته ان پروگرام کي وڌ ۾ وڌ وسعت ڏني وڃي ۽ شخصيت پرستي جي نظام واري دؤر ۾ پيدا ٿيندڙ نظرياتي هڪ-هٽي جي اثرن کي ختم ڪيو وڃي. هن دؤر ۾ سوشلسٽ سماج جي ترقيءَ جون صورتون جيڪي خاص حالتن ۾ رائج هيون، اسٽالن جي حڪم سان مستقل ادارن ۾ بدلجي ويون ۽ انهن کي ابدي سچائين جو درجو ڏنو ويو. جنهن جو مطلب هي هو ته سوشلزم ۾ رڳو اهي ئي طريقا ۽ شڪليون ممڪن هيون.

اسان جي سماجي ۽ سياسي فڪر ۾ گهري تبديلين جي ضرورت آهي. هتي اسان کي لينن کان رهنمائي ملندي. لينن کي صحيح موقعي تي انقلابي تبديلين جي ضرورت جي احساس جي قدرتي بي مثال شعور ۽ ساڃهه حاصل هئي. هو اقدار جي ملهه ۾ تبديلي کي به وقت تي محسوس ڪري وٺندو هو ۽ ضرورت مطابق نظرياتي حڪمت عملي ۽ سياسي نعرن ۾ تبديلي آڻي وٺندو هو.

اچو ته ان قابليت جي هڪ پڌري مثال جو جائزو وٺون. اپريل ١٩١٧ع ۾ جڏهن لينن روس واپس آيو ته هن؛ وقت ضايع

ڪرڻ ڪانسواءِ صورتحال جو درست اندازو لڳايو ته فيبروري ۱۹۱۷ع* ۾ آيل انقلاب کان پوءِ ڪهڙا ڪهڙا امڪان هئا. هن نه رڳو پارٽي ۽ عوامي ادارن (سوويت) جي طريقي ڪي درست اصولن تي مقرر ڪيو پر هڪ نئين فرض ڪـي پورو ڪرڻ لاءِ به عوام جـي سامهون پروگرام رکيو. جيڪڏهن هو ائين نه ڪري ها ته آپيشاهه حڪومت جي تختي اونڌي ڪرڻ جا جيڪي فائدا حاصل ٿيا هئا اهي ضايع ٿـي وڃن ها. انقلاب جي نئين حڪمت عملي ۽ طريقو گهڻو پراڻـن بالشيوڪن (ڪميونسٽن) لاءِ به غير متوقع ۽ عجب ۾ وجهندڙ هـو. جيئن جيئن اسان نئين جـوڙجڪ تي عمل ڪري رهيا آهيون تيئن تيئن سياسي فڪر ۾ ان قسم جـي جـدليت سان اسان جو واسطو پئجي رهيو آهي.

تڏهن به ۽ ان کان پوءِ به گهڻو ڪري ائين ٿيو تـه پارٽي نون خيالن کي سمجهڻ ۾ سستي جو مظاهرو ڪيو. ڪافي موقعن تي اهڙا ماڻهو به، جيڪي انقلاب جي مقصدن سان سڀ کان وڌيڪ عقيدت رکندا هئا، اهي به مسئلن کي سمجهڻ کان قاصر رهيا. لينن ۾ سندس ساٿين ۾ عوام کـي قائل ڪرڻ جي صلاحيت هئي. هو انهن کي سمجهائيندا هئا، وضاحت ڪندا هئا ۽ هر پيري انهن مسئلن جو ذڪر ڪندا هئا ته جيئن هو پين ۾ جوش ۽ سگهه پيدا ڪن ۽ انهن ماڻهن کي قائل ڪن جيڪي هٻڪ يا شڪ ۾ هئا. ڪڏهن ڪڏهن لينن پاڻ به تنگ اچي ويندو هو. سو هڪ پيري هڪ خط ۾ هن انهن ماڻهن جي شڪايت ڪئي، جيڪي انقلابي ڪم جي تڪليف برداشت ڪري ٿڪي سگهيا ۽ انقلاب ۾ به آرام جي زندگي جا خواهشمند هئا. ”آزمائش جون گهڙيون به آيون، ڪڏهن ته اهي

* فيبروري ۱۹۱۷ع جو بررزوا جمهوري انقلاب زار جي آپيشاهه حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو. هڪ عارضي حڪومت قائم ٿي، جنهن هارين، مزورن ۽ سپاهين جي سوويتن سان گڏجي حڪومت ڏاهي.

تمام ڏکيون هيون، جيڪي ڪڏهن ڪڏهن ناقابل برداشت هونديون هيون، پر مان خيالي پـلاءُ پچائيندڙ عقل کان خالـي ماڻهن سـان صحبت ۾ آرام جي سموري زندگي گذارڻ جي بيت ۾ ان آزمائش جي دور جي هڪ پل کي ترجيح ڏيان ٿو.“

مون لينن جو ذڪر ڪندي هر هر چيو آهي ته جيڪڏهن اسان خاص مسئلن کي انهن جـي پس منظر ۾ ڏسڻ کان سواءِ حل ڪرڻ چاهينداسين تـه اهو پس منظر پـت بڻجي سـامهون ايندو. ان ڳالهه مان سبق سکي ۽ ان تجربي کي اڳواڻ بڻائي اسان پرسترونيڪا (نئين تشڪيل) جي شروع کان خاص ڪري جون ١٩٨٧ع جي سوويت يونين جي ڪميونسٽ پارٽي جي مـرڪزي ڪميٽي جـي مڪمل ميڙ ۾ نظرياتي طريقي کي سڀ کان وڌيڪ اهميت ڏنـي آهي. اسان ڪوشش ڪئي تـه ڪم ڪرڻ جـي طريقن ۾ گهٽ ۾ گهٽ بدنظمي هجي. ڪنهن مناسب فائدي جي لاءِ اهو ضروري ناهي ته اسان پهريان موجود نظام کي هيٺ مٿي ڪري ڇڏيون ۽ پوءِ سڀ غلطيون درست ڪرڻ شروع ڪريون.

نون مسئلن کـي منهن تـه ڏيڻو پوندو ۽ انهن جـا سوچيل سمجهيل حل تهيل تڪيل نٿا ملن. اڄ بـه گهڻن مسئلن جـو حل اسان وٽ ناهي. هينئر تائين سماجيات جي عالمن اسان کي ان ڏس ۾ ڪوبه مربوط ۽ ضابطي وارو لائحه عمل نه ڏنو آهي. سوشلزم جي سياسي اقتصاديات ۾ هاڻي به پراڻا خيال موجود آهن، ۽ اهي اقتصاديات زندگي جي جدليات سان ٺهڪندڙ ناهـي، فلسفو ۽ سماجـي اڀياس عملي تقاضن کان پوئتي رهجي ويا آهن. تاريخ جي علم کي نئين سر مرتب ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي.

سوويت يونين جي ڪميونسٽ پارٽي جي ستاويهين ڪانگريس ۽ سينٽرل ڪميٽيءَ جي مڪمل ميڙن تخليقي فڪر جي لاءِ نوان رستا ۽ موقعا فراهم ڪيا آهن ۽ ان جي ترقي جي عمل کي گهڻو تيز ڪيو آهي. ڪارل مارڪس جو اهو نظريو اڄ اڳي کان به وڌيڪ سچو آهي ته انقلابي نظريي کانسواءِ ڪابه انقلابي تحريڪ

نٿي هلي سگهي.

پرسترو‍ئيڪا (نئين تشڪيل) هڪ انقلاب آهي

پرسترو‍ئيڪا (نئين تشڪيل) جي ترڪيب جون ڪيترين ئي معنائون آهن، پر جيڪي معنائون هن جي جوهر / روح جي سڀ کان وڌيڪ وضاحت ڪن ٿيون اُهي هي آهن:

پرسترو‍ئيڪا (نئين تشڪيل) هڪ انقلاب آهي. سوويت سماج جي سماجي، معاشي ۽ ثقافتي ترقيءَ جي رفتار کي تيز ڪرڻ لاءِ انقلابي تبديليون ضروري آهن ته جيئن هڪ نئين خاصيتي منزل تي پهچي وڃون. اهو ڪم يقيناً انقلابي فرض آهي.

اڄ سمجهان ٿو ته ۱۹۸۷ع جي مڪمل ميڙ ۾ اسان جائز طرح سان اعلان ڪيو هو ته نظرياتي جوهر، بالشيوڪ جرئت مندانه بهادري، پنهنجي سماجي افاديت ۽ پنهنجي ثقافتي حاصلتا ۾ اسان جو هاڻوڪو پروگرام ۱۹۱۷ع جي آڪٽوبر انقلاب جي ڏينهن ۾ لينن جي پارٽي جي عظيم سوين جي هڪ ڪڙي آهي. اها رڳو هڪ ڪڙي ناهي پر ان عظيم انقلاب جي اهم سوچن ۽ نظرين جي واڌ ۽ ترقي آهي. اسان کي آڪٽوبر انقلاب جي تاريخي جذبي کي نئين جيوَن ۽ چڙ پڙ سان واقف ڪرائڻو آهي ۽ ان سموري عمل کي جيڪو ان وقت اسان جي سماج ۾ شروع ڪيو ويو هو اڳتي وڌائڻو آهي.

اسان پرسترو‍ئيڪا (نئين تشڪيل) کي آڪٽوبر انقلاب جي برابر نٿا سمجهون. اهو ته اسان جي ديس جي هزار ساله تاريخ ۾ اهم موڙ هو. سوال هي آهي ته آڪٽوبر انقلاب جي سترين سال ۾ ڇو اسان هڪ نئين انقلاب جو ذڪر ڪري رهيا آهيون.

تاريخي هڪجهڙائيءَ جي مدد سان اسان هن سوال جو جواب ڏيئي سگهون ٿا. هڪ هنڌ لينن چيو هو ته فرانس ۾ جيڪو مثالي بورزوا (سرمائيدارانو) انقلاب آئينڊز ديس آهي. ۱۷۸۹-۹۳ع جي عظيم انقلاب کان پوءِ هڪ ٻئي پٺيان ۱۸۳۰ع، ۱۸۴۸ع ۽

١٨٧١ع ۾ ٣ پيا انقلاب ٿيا تڏهن وڃي ان جا مقصد حاصل ٿيا. ساڳئي صورتحال برطانيه ۾ پئدا ٿي، جتي ١٦٤٩ع جي ڪرام ويلي انقلاب کان پوءِ ١٦٨٨ع جو 'شاندار انقلاب' ظاهر ٿيو، ۽ ان کان پوءِ ١٨٣٢ع جا سڌارا ٿيا تڏهن وڃي نئين طبقي بورزوا جي حڪومت قائم ٿي. جرمني ۾ ١٨٤٨ع ۽ ١٩١٨ع ۾ بورزوا جمهوري انقلاب ظاهر ٿيا، ۽ وچين دؤر ۾ ١٨٦٠ع جي ڏهاڪي ۾ بنيادي ۽ ڏور رس سڌارا ٿيا جن کي بسمارڪ "فولاد ۽ رتو ڇاڻ" ذريعي عمل ۾ آندو.

لينن لکيو آهي ته "تاريخ ۾ اهڙو ڪوبه انقلاب ناهي آيو، جتي ائين ٿيو هجي ته سوپ کان پوءِ انقلابين هٿيار هڪ طرف رکي آرام سان سوپ جو جشن ملهايو هجي." پوءِ ڇو نه سوشلزم، جنهنجي ذمي سرمائيداري نظام کان به وڌيڪ سماجي، سياسي، ثقافتي ۽ معاشي تبديليون آڻڻ جي ذميواري هئي، هڪ کان وڌيڪ انقلاب جي منزلن مان گذري ۽ ان جا سڀ امڪان ۽ لڪل قوتون ظاهر ٿين ۽ نيٺ هڪ نئون سرشتو بڻجي سامهون اچن. لينن ان خيال جو ڪيترا ڀيرا اظهار ڪيو آهي ته سوشلزم گهٽ ڏاڪن تي ڦهليل/پکڙيل آهي. هر پيري نئين جاکوڙ هڪ خاص پاسي کي سامهون آڻيندي. هر جاکوڙ جا پنهنجا خاص نشان ۽ انداز هوندا؟ ان اصول کي سڀني ملڪن تي لاڳو ڪبو.

تاريخي تجربي مان ثابت ٿئي ٿو ته سوشلسٽ سماج ۾ جمود جي لاڙن جي ظهور ۽ واڌ ويجهه نه ٿيڻ جي ڪابه ضمانت موجود ناهي. ۽ نه ئي اهو ممڪن آهي ته سوشلسٽ سماج ۾ وڏا سماجي ۽ سياسي گهوٽالا پئدا نه ٿين، پر اها ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته اهڙي گهوٽالي کان اڳ يا ان کان پوءِ صرف ۽ صرف انقلابي قدمن/عملن ذريعي ئي انهن گهوٽالن کي حل ڪري سگهجي ٿو. سڀ کان اهم ڳالهه اها آهي ته سوشلزم انقلابي تبديليون آڻي سگهي ٿو، ڇوته ان جي فطرت ئي جدلياتي/حرڪي آهي.

١٩٨٥ع جي بهار جي موسم ۾ پارٽي ان مقصد کي ايجنڊا

۾ شامل ڪيو. گهڻن مسئلن جي جمع ٿيڻ سان ۽ نون مسئلن پيدا ٿيڻ سان صورتحال ڳٽي جو ڳي ٿي وڃي هئي. انهن مسئلن کي سمجهڻ ۽ انهن کي منهن ڏيڻ ۾ گهڻي دير ٿي چڪي هئي. ان ڪري انقلابي طريقو ڪم اچي پئي سگهيو. ان ڪري سماج جي انقلابي سڌاري جو اعلان ڪيو ويو.

پرسترونيڪا (نئين تشڪيل) هڪ انقلابي عمل آهي. سوشلزم جي ارتقا ۾ اهو هڪ ڊگهو ۽ ترت قدم آهي. هڪ ڇلانگ آهي. هي سوشلزم جي اهم خاصيتن جو ڏيک/مظهر آهي. اسان منڍ ۾ ئي سمجهي ويا هئاسين ته وڏيڪ ديـر جو مطلب وقت وڃائڻ آهي ۽ نقصانڪار ثابت ٿيندو. اسان کي پنهنجي کوٽ کي دور ڪرڻو آهي. قدامت/پراڻ جي گچڙ مان نڪرڻو آهي. ۽ جمود کي ٽوڙڻو آهي. اهو سمورو ڪم ارتقائي عمل سان ٿيڻ ممڪن ناهي ۽ نه ئي سست بي جان/مرده سڌارن سان. اسان کي هڪ ڏينهن به آرام سان ويهڻ جو ڪو حق ناهي. ان جي ابتڙ اسان کي ڏينهون ڏينهن پنهنجي ڪوشش کي تيز ڪرڻ گهرجي ۽ انهن کي وڏيڪ گهرو ۽ اثرائتو بڻائڻ گهرجي. اسان کي اها سڄي ڇڪتاڻ برداشت ڪرڻ گهرجي، جيڪا ان عمل ۾ پيدا ٿئي ٿي، جيئن خلاباز جي ٻولي ۾ چوندا آهن: ”تمام گهڻو دٻاءُ“ اسان کي پرسترونيڪا (نئين تشڪيل) جي شروعاتي مرحلن ۾ ئي برداشت ڪرڻو پوندو.

هر انقلاب کي مسلسل وڌائبو رهجي. اهو ضروري آهي. رستي ۾ رڪجڻ سان ڪجهه به حاصل نه ٿيندو. اسان جو ماضي ان سچائي کي ظاهر ڪندو آهي. ڏسو اسان کي اڄ ڏينهن تائين سستي جا نتيجا ڀوڳڻا پئجي رهيا آهن. اڄ اسان کي پيٽي همت ۽ بهادري جي ضرورت آهي. جيڪڏهن اسان پنهنجي ترقي جي رستي کان وري پٺڪي وياسين ۽ ڪٿي اٽڪي پياسين ته پوءِ اسان جو خير ناهي. تنهن ڪري هڪ ئي رستو آهي ته اڳتي وڌو.

انقلابي طريقي جو اهو مطلب ناهي تہ اکيون بند ڪري اوندهه ۾ ٽپو ڏيون. لڙائي جي دوران گهوڙي سوار فوج جا حملا

سٺا نتيجا نہ ڏيندا آهن. انقلاب سياسي قانونن جو پابند هوندو آهي. ان ۾ امڪانن جي علم جو بہ حصو ٿئي ٿو. انقلاب جي مختلف درجي وار منزلن کي نظر انداز ڪري پنهنجو پاڻ کان بہ اڳتي نڪري وڃڻ جي رويي کان بچڻ جي ضرورت آهي. اسان جي ڪوشش جو مقصد ان وقت هي آهي تہ نئين خاصيتي حدن تائين پهچڻ لاءِ بنياد تيار ڪيو وڃي، نہ تہ اسان سڄي ڪم کي بگاڙي ويهنداسين ۽ هن عظيم مقصد کي نقصان پهچائينداسين.

اسان جو نظريو هي آهي، تہ انقلاب جو مطلب آهي، نئين اڏاوت. پر هن عمل ۾ هميشہ ڪجهہ پيچ ڊاهہ بہ ٿيندي آهي. انقلاب جي ضرورت هوندي آهي تہ هر سڙيل ڳريل ۽ جامد شيءِ کي پٽي پڇڙجي، ڇوتہ اها ترقي جي تيز سفر ۾ رنڊڪ وجهندي آهي. پراڻن کنڊرن کي ڊاهڻ کان سواءِ نئين عمارت جي لاءِ زمين صاف نٿي ڪري سگهجي. پرسترو ئيڪا (نئين تشڪيل) جو هي مطلب آهي تہ رنڊڪن، جيڪي سماجي ۽ معاشي ترقي جو رستو روڪين ٿيون، کي ڊاهيو وڃي. پراڻي ۽ غير ڦل دائڪ اقتصادي انتظامي طريقن کي ڇڏيو وڃي. ۽ نهيل نڪيل لڪير جي فقيري وارا لاڙا ختم ڪيا وڃن. پرسترو ئيڪا (نئين تشڪيل) سان گهڻن ماڻهن جي، سڄي سماج جي مفاد تي اثر پوندو. ۽ جتي بيڪار شين جي پيچ ڊاهہ ڪبي تہ اتي جهيڙا پيدا ٿيندا. بلڪ نئين ۽ پراڻي ۾ زبردست ويڙهہ ٿيندي. جيتوڻيڪ ان ٽڪراءُ ۾ بم ۽ گوليون هلنديون. پر اهي، ماڻهو جيڪي ترقي جي رستي ۾ رنڊڪ آهن، ضرور مقابلو ڪندا. بي عملي، بي ڌياني، سستي، غير ذميواري ۽ بدانتظامي، اهي سڀ ترقيءَ جي رستي ۾ رنڊڪون آهن ۽ سڌاري جي مخالفت ڪن ٿيون.

اها ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي ٿي. جيئن جيئن پرسترو ئيڪا (نئين تشڪيل) جو عمل گهرو ۽ تيز ٿي رهيو آهي. تيئن تيئن سماج جي ماحول ۾ ڇڪتاڻ پيدا ٿي رهي. اسان ڪجهہ ماڻهن کان اهو بہ ٻڌو آهي تہ، ”هن نئين عمل شروع ڪرڻ جو ڇا جواز آهي.“ ڪجهہ ماڻهو ان نئين ڪوشش کي انقلاب جو نالو ڏيڻ جا بہ مخالف آهن.

ڪي اهڙا به آهن جيڪي "سڌاري" جي لحاظ کان ٺهن ٿا، پر لينن ان لفظ کي استعمال ڪرڻ کان نه هٻڪندو هو. هن بالشيوڪن کي سيکاريو ته جڏهن حالتن کي ضرورت هجي ته اهي پاڻ "سڌارڪ طريقا" اختيار ڪن. ۽ انقلاب جي ڪم ڪي اڳتي وڌائين. ۽ اڄ اسان کي انقلابي تبديلي جي لاءِ زبردست سڌارن جي ضرورت آهي.

هر انقلابي دؤر جي اها لازمي خاصيت هوندي آهي، ته ان سماج جي بنيادي مفادن ۽ عوام جي روزمره جي ترت ضرورت جي مفادن ۾ هڪ واضح فرق پيدا ٿي ويندو آهي. اها به حقيقت آهي ته سماج جي سرواڻ دستي جا ماڻهو وڏين تبديلن جي لاءِ تيار هوندا آهن. پرسترويڪا (نئين تشڪيل) سان انهن ماڻهن جي مفادن کي ڌڪ لڳي ٿو، جيڪي هر ڪم کي پراڻن طريقن سان ڪرڻ جا عادي آهن. اسان وٽ ڪي به سياسي اختلاف ناهن پر ان جو مطلب اهو ناهي ته اسان جو انهن ماڻهن جي مخالفت سان واسطو نه ٿو پوي، جيڪي مختلف سببن جي ڪري پرسترويڪا (نئين تشڪيل) کي پسند نٿا ڪن. پرسترويڪا (نئين تشڪيل) جي منڍ وارن مرحلن ۾ هر ماڻهوءَ کي ڪجهه نه ڪجهه قرباني ڏيڻي پوندي، ۽ ڪجهه ماڻهن کي انهن رعايتن ۽ ترجيحي حقن تان هميشه لاءِ هٿ کڻڻو پوندو جن جا هو حقدار ناهن ۽ جيڪي هنن ناجائز طريقن سان حاصل ڪيا آهن. انهن کي اهي مفاد بنهه ڏيڻا پوندا، جنهنجي ڪري اسان جي ترقي رڪجي وئي هئي.

تاريخ جي اهم ترين موقعن تي مفادن جو سوال اسان جي پارٽي لاءِ هميشه بنيادي اهميت جو حامل رهيو آهي. اهو مناسب ٿيندو ته اسان ان موقعي کي ياد ڪريون ته لينن ۱۹۱۸ع جي فسادن واري سال ۾ "* بريسٽ امن ناهه" جي لاءِ ڪيتري جدوجهد ڪئي

---

* هي ناهه سوويت روس ۽ ۴ ملڪن جي اتحاد جي ميمبرن (جرمني آسٽريليا، هنگري، ترڪي ۽ بلغاريه) جي وچ ۾ ٿيو ۽ جنهن تي ۳ ڏسو صفحو ۸۸

هئي. ان وقت گهرو لڙائي جاري هئي ۽ ان وقت جرمني به جملي جي ڌمڪي ڏني هئي. تنهن ڪري لينن تجويز پيش ڪئي ته جرمني سان صلح جي ناهه تي صحيحون ڪيون وڃن. لينن جي خيال ۾ جرمني جيڪي صلح لاءِ شرط پيش ڪيا هئا، اهي شرم لائق ۽ ذليل هئا. ان شرطن جي ڪري پنج ڪروڙ ست لک ماڻهن جي ايراضي تي مشتمل هڪ وڏو علائقو جرمني وٽ ڇڏيو. اهڙين تجويزن کي قبول ڪرڻ ناممڪن هو. پر لينن امن جي ناهه تي زور ڀريو. مرڪزي ڪميٽي جي ڪجهه ميمبرن به اعتراض ڪيو ۽ چيو ته مزدور پاڻ زور ڀري رهيا هئا ته جرمن اڳرائي پسندن کي ڏند ڪٽا ڪندڙ جواب ڏنو وڃي. پر لينن هر هر امن جو مطالبو ورجايو. هن ديرپا ۽ اهم مفادن جي حفاظت ڪرڻ چاهي ٿي، جيڪي سڄي سزور طبقي جا مفاد (هئا) جيڪي انقلاب ۽ سوشلزم جا مفاد هئا. انهن مفادن جي حفاظت جي لاءِ ان جي خاصيتي سطح کي بلڪل بدلائي ان کي اوچي سطح تي آڻڻ چاهيو ٿي. ملڪ کي ساهي پٽڻ جي ضرورت هئي ته جيئن تازو توانو ٿي وري اڳتي وڌجي. پر ان وقت تمام گهڻ ماڻهن اها ڳالهه سمجهي ۽ پوءِ ته اعتماد سان واضح لفظن ۾ چئي پئي سگهيو، ته لينن درست قدم کنيو هو. هو ڏور مستقبل کي ڏسي رهيو هو. هن عارضي مفاد کي حقيقتي مفاد تي فوقيت نه ڏني ۽ ائين انقلاب جي حفاظت ڪيائين.

پرستروئيڪا (نئين تشڪيل) جو معاملو به ڪجهه اهڙو ئي آهي. هي سوويت عوام جي حقيقي مفادن جي حفاظت ڪري ٿو. هي سماج جي ترقي کي نئين سرحد تائين پهچائڻ چاهي ٿو ته اسان کي ان لاءِ قربانيون ڏيڻيون پونديون. ۽ اهو سولو ڪم ناهي. پر گهڻا ئي رائج تصور ۽ عادتون اسان جي اڳيان اڳيان ڍهي رهيون

مارچ ١٩١٨ع "برسيت لتروسڪ" وٽ صحيحون ڪيون ويون سوويت حڪومت ١٣ نومبر ١٩١٨ع تي ان ناهه کي ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو.

آهن. ٻانوس ۽ رائج طريقن جي ختم ٿيڻ تي ماڻهو احتجاج ڪرڻ جا عادي آهن. پراڻ رستي هار مڃڻ نٿي چاهي. پر ان سيني تي ضابطو حاصل ڪرڻ ممڪن به آهي ۽ ضروري به آهي. جيڪڏهن اسان سماج جي پائيدار مفادن ۽ هر ماڻهو جي مفادن کي پورو ڪرڻ چاهيون ٿا ته اهو ڪرڻ ضروري آهي.

جڏهن اسان شين جي معيار کي جانچڻ لاءِ سرڪار ادارو * جوڙيو ته ان وقت اسان جي سامهون اهو مسئلو هو ترت مفادن ۽ ڊگهي عرصي جي مفادن جي وچ ۾ ڪهڙو رشتو آهي. شين جي معيار کي بهتر بنائڻ لاءِ اسان هڪ خودمختيار ادارو قائم ڪيو ته جيئن شيون رائج معيار تي پوريون لهن. شروع ۾ گهڻن مزدورن جون پگهارون گهٽجي ويون، پر سماج کي معيار جي ضرورت هئي تنهن ڪري مزدورن ان نئين قدم کي بهتر سمجهي پنهنجو ٻڌايو. انهن ڪابه شڪايت نه ڪئي. هاڻي مزودر چون ٿا ته ”جنهن ڪمائي لاءِ اسان ڪم ناهي ڪيو ان کي وصول ڪري شرم جي ڳالهه آهي.“ ان سان گڏ مئنيجرن، انجنيرن ۽ ٽيڪنيڪل ماهرن کان به اهو رويو اختيار ڪرڻ جو مطالبو ڪريون ٿا. تنهن ڪري معيار جي آزمائش جو سرڪاري طريقو پرسترو ئيڪا (نئين تشڪيل) لاءِ آزمائشي موقعو فراهم ڪري ٿو. ان عمل دوران خبر پئي ته ماڻهن جو محنت ڏانهن ڪهڙو رويو آهي. ۽ انهن ۾ بهتر ۽ واڌو ڪم ڪرڻ جون ڪيتريون صلاحيتون آهن، جن کي ڪم ۾ آڻي سگهجي ٿو. معيار جي سرڪاري جانچ چٽڪ ”لٽمس ٽيسٽ“ (Litmus test) ٻڻجي وئي آهي. ان

---

* معيار جي سرڪار جانچ: شين جي معيار کي بلند سطح تي قائم رکڻ جي لاءِ هڪ طريقو ۽ ٽولو آهي. اهو ڪارخاني جي انتظاميه کان آزاد آهي ۽ ”سوويت اسٽيٽ ڪميٽي براءِ معيار“ جي هينيان ڪم ڪندو آهي. ان کي پهرين جنوري ۱۹۸۷ع تي ۱۵۰۰ ڪارخانن ۾ جاري ڪيو ويو هو. هاڻي ان کي ڦهلائڻ جو پروگرام تيار ٿي چڪو آهي.

مان ثابت ٿيو ته سوويت مزدور طبقو پرسترونيڪا (نئين تشڪيل) جي مڪمل حمايت ڪري ٿو ۽ ان کي اڳتي وڌائڻ جي لاءِ تيار آهي. ۽ اهڙي ريت مزدور طبقو سوشلسٽ سماج ۾ پنهنجي مهاڙي واري جتي هجڻ جي ذميواري نڀائڻ لاءِ عملي طرح ڪم ڪري رهيو آهي.

انقلاب وانگر پرسترونيڪا (نئين تشڪيل) اهڙو عمل ناهي جنهن کي رڳو راند سمجهيو وڃي. هتي هر ڪم کي ان جي درست منزل تائين پهچائڻ ضروري آهي. هر روز اڳتي وڌڻو آهي ته جيئن عوام ان جا نتيجا پنهنجي اکين سان ڏسي سگهن. ۽ ان عمل کي جاري رکڻو آهي. ته جيئن ان جي مادي ۽ روحاني رفتار تيز ٿيندي رهي.

جڏهن اسان پنهنجي عمل/ ڪنيل قدمن کي انقلابي چئون ٿا ته اسان جو مطلب اهو هوندو آهي ته اهي ڏوررس آهن، تبديليون آڻيندڙ آهن، اٽل آهن ۽ سڄي سماج کي ننڍن کان چوٽي تائين متاثر ڪن ٿا. اهي زندگي جي سڀني شعبن تي اثر وجهن ٿا ۽ اهو اثر سڄي سماج تي هوندو آهي. اهو سماج جو ڊيڪ ڊيڪڻ برابر ناهي، جو ان جون خرابيون لڪي وڃن. پر سماج کي مڪمل طرح سان صحتمند بڻائڻ ۽ نئين سر اڳتي وڌڻ لائق بڻائڻ جو ڪم آهي.

ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته ڪنهن به انقلابي عمل ۾ سياست سڀ کان اهم شيءِ هوندي آهي. اها ڳالهه پرسترونيڪا (نئين تشڪيل) جي ڏس ۾ به درست آهي. تنهن ڪري اسان سياسي قدمن کي اوليت ڏيندا آهيون، جنهن ۾ وسيع ۽ سچي جمهوريت لاءِ دفتري قسم جي پابندين ۽ قانون شڪني جي خلاف مسلسل ۽ مستقل مزاج جدوجهد ۽ ملڪي معاملن جي انتظام ۾ عوام جي عملي شموليت لازمي آهي. انهن سڀني شين جو هر انقلاب جي بنيادي مسئلن سان سڌو سنئون تعلق آهي. ۽ اهو بنيادي مسئلو اقتدار جو آهي.

اسان نه سوويت اقتدار کي تبديل ڪري رهيا آهيون. ۽ نه ان جي بنيادي اصولن کي ڇڏي رهيا آهيون. پر اسان اهڙين تبديلين جي ضرورت کي تسليم ڪريون ٿا جيڪي سوشلزم کي مضبوط

ڪنديون، ان ڪري وڌيڪ متحرڪ ۽ سياسي لحاظ سان وڌيڪ اهم بڻائينديون. تنهن ڪري اسان سمجهون ٿا ته سوويت سماج ۾ مڪمل طرح جمهوريت آڻڻ جي اسان جي رٿا ڪي درست طرح سان پنهنجي سياسي سرشتي ۾ تبديليون آڻڻ جو پروگرام چئي سگهجي ٿو.

تنهن ڪري اسان جيڪڏهن پرسترائيڪا (نئين تشڪيل) کي سوپارو بنائڻ چاهيون ٿا ته ضروري آهي ته اسان پنهنجي ڪم کي سياسي فرضن/مقصدن ۽ قيادت جي طريقن سان ڳنڍيون. پارٽي تنظيمن ۽ پارٽي ميمبر جي ڪم ۾ سڀ کان وڌيڪ اهم عنصر عوام ۾ ڪم آهي. پورهيتن جي سياسي سرگرميا آهي ۽ عوام جي سياسي سرگرمين جي سطح کي اوچو ڪرڻ آهي. اڄ هڪ دفعو وري "سوشلزم" جي تصور جي اصلي معنيٰ سامهون اچي وئي آهي، اها عوام جي نظرياتي ۽ سياسي تحريڪ آهي، جيڪا سماج جي پاڙن کان شروع ٿيندي آهي. هن تحريڪ جي سچي سگهه بنيادي طرح انسان جو شعور ۽ عمل ئي آهي.

انقلاب هڪ بي مثال عمل هوندو آهي، تنهن ڪري اسان جي روزمره جي سرگرمي پڻ بي مثال هجڻ گهرجي، انقلابي هجڻ گهرجي. پرسترائيڪا (نئين تشڪيل) کي اهڙن پارٽي اڳواڻن جي ضرورت آهي، جيڪي لينن جي مثالي بالشيوڪ انقلابي معيار جي ويجهو هجن. دفتري سرشتي جي نوڪر شاهي، ننڍين ننڍين ڳالهين لاءِ اجازت وٺڻ جي ضرورت ڌانهن سرپرستاڻو قربائتو رويو ۽ پنهنجي ذاتي ترقي تي نظر رکڻ. اهي اُن مثالي تصور سان نٿا ملي سگهن. ان جي ابتڙ همت، تخليقي رويو، اعليٰ نظرياتي معيار ۽ اخلاقي پاڪائي، عوام سان مسئلن تي بحث ڪرڻ جي مستقل خواهش ۽ سوشلزم جي انسان دوستي وارن قدرن کي هميشه اوچو رکڻ آهي. اهي اُهي صفتون آهن، جن جو گهڻو احترام ڪيو ويندو آهي. اهي حالتون جوش جذبي، وفاداري ۽ قربانين جي گهر ڪن ٿيون. اها گهر سرواڻ سٽ کان وڌ ۾ وڌ ڪئي وڃي ٿي. ان مثالي قيادت تائين پهچڻ جي لاءِ اسان کي اڃا گهڻو ڪجهه ڪرڻو آهي. اڃا ڪيترا ماڻهو "ارتقائي منزلن" ۾ آهن يا آهي وينو

رهڻ ۾ ڏسندو رهڻ جو رويو اختيار ڪيو ويئا آهن.

ڇا هي مٿان کان مڙهيل انقلاب آهي؟

پارٽي ۽ پرسترونيڪا (نئين تشڪيل)

تاريخ ۽ سياسي لغت ۾ هڪ ترڪيب آهي ”مڙهيل انقلاب“ تاريخ ۾ اهڙا گهڻا انقلاب آيا آهن. پر ان ۾ محلاتي تبديليون ترت طاقت جي استعمال سان اقتدار تي قبضي ڪرڻ جا واقعا شامل نه ٿي سگهندا. ’مٿان کان اينڊز‘ انقلاب جي معنيٰ آهي، اقتدار جي صاحبن طرفان آندل عظيم ۽ انقلابي تبديليون. پر انهن تبديلين جي ضرورت معروضي حالتن ۽ سماجي روين مان پيدا ٿيندي آهي.

ظاهري طرح اسان جو هي پرسترئيڪا (نئين تشڪيل) به ”مٿان کان آيل انقلاب“ چئي سگهجي ٿو. اهو درست آهي ته اهو نئين جوڙجڪ ڪميونسٽ پارٽي پاران شروع ڪئي وئي. ۽ پارٽي ئي ان جي اڳواڻي ڪري رهي آهي. پارٽي مضبوط ۽ دلير آهي ۽ نئين پاليسي بڻائڻ ۽ ان کي هلائڻ جي لائق آهي. هن پاڻ کي، سماج کي نئون بڻائڻ جي رهنمائي ۽ استاديءَ جي لائق ثابت ڪيو آهي. سڀ کان اڳ ۾ ان سلسلي ۾ پارٽي پنهنجو پاڻ کي بهتر بڻايو. ١٩٨٦ع جي گرميءَ جي موسم ۾ خاباروف ۾ ٿيل پارٽي جي سرگرم ڪارڪنن جي ميڙ ۾ مون ان باري ۾ گفتو ڪئي هئي. مون چيو هو ته اسان کي پنهنجو پاڻ کان شروع ڪرڻ گهرجي. هر شخص ان ڏس ۾ پنهنجي ذميواري پوري ڪري، پوءِ پلي هو پولٽ بيورو ۾ ڇو نه هجي. مقامي حڪومت ۾ هجي يا پارٽي جي سڀ کان هيٺين يا ابتدائي سطح جي تنظيمن ۾ هجي. اسان کي پنهنجو پاڻ کي بهتر بڻائڻ گهرجي. جيئن ماڻهو پاڻ کي بهتر نتا بڻائي سگهن، اسان انهن جي مدد ڪنداسين. سڀ کان اهم ڳالهه هي آهي ته اسان کي فرض شناس، باضمير ۽ ايماندار هجڻ گهرجي. جڏهن اها سچائي (Openness) شروع نه ٿي هئي ته ان دور ۾ اسان ڪيترن ڪمن

جا عادي ٿي ويا هئاسين. اها ڳالهه عام ميمبرن جي باري ۾ به سچ آهي ۽ اعليٰ آفيسرن جي لاءِ به.

مان اهو نٿو چوان ته ماڻهن جي خوشامد ڪئي وڃي. جيئن ڪيترن ملڪن ۾ چونڊن جي مهم دوران اميدوار ڪندا آهن. اسان جو عوام اهڙي رويي کي پسند نٿو ڪري. اسان کي پنهنجي ماڻهن کان ڊڄڻ نه گهرجي. سچائي سوشلزم جي هڪ خاص صفت آهي، پر اجا به اعليٰ عهدن تي اهڙا ماڻهو موجود آهن جيڪي سيني جي لاءِ سوشلسٽ اخلاق جي ڳالهه ڪندا آهن، پر پنهنجي لاءِ هڪ وڏي ماڻهو جي خاص اخلاقيات کي قائم ڪري ڇڏيندا آهن. جنهن مان هنن کي ذاتي فائدا حاصل ٿيندا آهن، پر هاڻي ائين نه ٿيندو. مختصر طور تي ائين ڪئي ڇئجي ته پرسترونيڪا (نئين تشڪيل) جي ڪوشش جي شروعات پارٽي ۽ ان جي سرواڻن ڪئي. اسان ٽڪنڊي احرام جي سڀ کان مٿانهين نقطي کان شروعات ڪئي ۽ ان جي پاڙن تائين پهتاسين. پوءِ به اسان جي پرسترونيڪا (نئين تشڪيل) کي 'مٿان کان آيل انقلاب' جو نالو ڏيڻ مناسب ناهي. گهٽ ۾ گهٽ هن ۾ ڪجهه خاص پاسا ضرور آهن. ٺيڪ آهي ته پارٽي جي سرواڻن ان ڪم جي شروعات ڪئي. پارٽي ۽ رياست جي سڀ کان اعليٰ ادارن ان پروگرام جا تفصيل طئي ڪيا ۽ انهن کي اختيار ڪيو. اهو به درست آهي ته پرسترونيڪا (نئين تشڪيل) ڪو اوچتو عمل ڪونهي، پر هڪ سوچيل سمجهيل سٽاءُ آهي، پر اهو رڳو تصوير جو هڪ پاسو آهي.

پرسترونيڪا (نئين تشڪيل) هڪ سچو انقلابي ڪم نه بڻجي سگهي ها، نه ان جو دائرو ايترو ڦهليل ٿي سگهي ها ۽ نه ئي ان جي ڪاميابي جا امڪان ايترا پختا هجن ها جيڪڏهن 'مٿان کان' آندل سوچ کي عوامي تحريڪ سان نه ملايو وڃي ها. جيڪڏهن عوام ان کي پنهنجو پروگرام نه بڻايو هجي ها، جيڪڏهن ان کي پنهنجي خيالن ۽ مطالبن جي ترجماني نه سمجهن ها ۽ جيڪڏهن عوام ان جي پرجوش ۽ اثرائتي طريقي سان حمايت نه

ڪري ها.

پرسترائيڪا (نئين تشڪيل) جي فطرت جي گھرج آهي ته ان کي هر ڪم ۾ ۽ محنت جي اداري ۾ شروع ڪيو وڃي. هر اجتماعي اداري ۾ پوري انتظامي ڍانچي ۾ ۽ پارٽي ۽ رياست جي ادارن ۾، پولٽ بيورو ۽ حڪومت جي اندر به هن عمل کي موجود هجڻ گھرجي. پرسترائيڪا (نئين تشڪيل) جي عمل جو واسطو سڀني سان آهي. عام ڪميونسٽ کان وٺي مرڪزي ڪميٽي جي سيڪريٽري تائين، ڪارخاني ۾ ڪم ڪندڙ مزدور کان وٺي وزير تائين، انجنيئر کان وٺي اعليٰ درجي جي سائنسدان تائين اهو عمل تڏهن ڪامياب ٿي سگھي ٿو، جڏهن ان جي لاءِ سڄي قوم جي گڏيل ڪوشش کي استعمال ڪيو وڃي. مطلب ته هر ماڻهو کي ايمانداري ۽ پوري احساس، فرض سان ڪم ڪرڻ گھرجي ۽ محنت ۽ مهارت ۾ ڪا ڪثر نه ڇڏڻ گھرجي. اهڙي عظيم پروگرام ۾ آهستي آهستي وڌ کان وڌ ماڻهن جي شموليت يقيني آهي.

جيڪڏهن هڪ مقصد پري ۽ سوچيل سمجھيل رٿا پيش ڪئي وڃي ته ان کي هميشه پورهيتن جي منظوري ۽ حمايت حاصل ٿيندي. اسان گذريل اڍائي سالن ۾ اهو ڪجھه ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ممڪن آهي ته اسان اڃا تائين پنهنجي سڄي سوچ ۽ سمجھه ۽ محنت جو مظاهرو نه ڪيو هجي ۽ ماڻهن کي ملڪ جي موجوده صورتحال جي نزاڪت ۽ ان جي علاج کان چڱي طرح آگاهه نه ڪيو ويو هجي. پر اسان سڀني کي اهم ڳالهيون ٻڌائي ڇڏيون آهن ۽ عوام جي طرفان قبوليت ۽ حمايت ملي وئي آهي.

اڄ تائين مٿان کان آيل انقلابن جي ڪمزورين ۽ انهن جي تضادن جي وضاحت هي آهي ته انهن کي هيٺان عوام جي حمايت حاصل نه هئي. انهن کي عوام جي طرفان همآهنگي ۽ گڏيل ڪوشش حاصل نه هوندي هئي. انهن شين جي نه هجڻ جي ڪري ڪڏهن وڌ گھٽ زبردستي مڙهڻ جو ڪم به ڪيو ويندو هو. ان کان اڳتي هلي تبديلين جي وقت اصولن کي ٿوري مروڙي ڇڏبو هو.

ان ڪري ان انقلابن جي گهري سماجي، سياسي ۽ اخلاقي قيمت ادا ڪرڻي پوندي هئي.

پرسترونيڪا (نئين تشڪيل) جي ترجيحي خاصيت اها آهي ته اها ساڳئي وقت "مٿان کان" ۽ "هيٺان کان" انقلاب آهي، ۽ اهو ئي ان جي سگهه ۽ اڏولتا جو ڪارڻ آهي. اهائي ان جي ڪاميابي ۽ اٽل هجڻ جي ضمانت آهي. اسان مسلسل هي ڪوشش ڪندا رهنداسين ته عوام يعني 'هيٺان' جي ماڻهن کي سڀني جمهوري حق ملن ۽ هو انهن کي استعمال ڪرڻ جي عادت وجهن. ان ۾ مهارت ۽ ذميوارانه رويي سان جمهوري طريقي کي استعمال ڪرڻ جو رويو پختو ٿي وڃي. زندگي تي نظر وجهون ٿا ته خبر پوي ٿي ته تاريخ جي اهم موڙن تي، انقلابي حالتن ۾، عوام پڙهڻ، سمجهڻ ۽ عمل ڪرڻ جي عجب ۾ وجهندڙ صلاحيتن جو مظاهرو ڪندا آهن پر شرط اهو آهي ته هنن سان سچ ڳالهايو وڃي. لينن آڪٽوبر انقلاب کان پوءِ ۽ گهريلو لڙائي دوران پيش آيل انتهائي ڏکين موقعن تي اهو رويو اختيار ڪيو. هن عوام جي سامهون کليل طرح سان سڀ حالتون رکي ڇڏيون. ان ڪري اها ڳالهه ڏاڍي اهم آهي ته پرسترونيڪا (نئين تشڪيل) عوام ۾ سياست ۽ محنت جي قوت جو تمام مٿانهون معيار مسلسل قائم رکي.

اولهه ۾ اڪثر چيو وڃي ٿو ته پرسترونيڪا (نئين تشڪيل) کي گهڻيون مشڪلاتون پيش اينديون ۽ ان سان اسان جا پورهيت ارها ٿيندا. مان ان ڳالهه جو کهرو جواب ڏيان، اهو درست آهي ته ايڏي وڏي ڪم ۾ يقيناً مشڪلاتون پيش اينديون. جيڪڏهن اسان کي سچي احتجاج يا ايمانداراڻه ٻي چيني سان واسطو پيو ته اسان پوري ڪوشش ڪنداسين ته ان جي پس منظر ۾ سمايل سببن کي ڳوليو وڃي. اهڙي صورت ۾ رڳو انتظامي سرگرمي ڏيکارڻ ڪافي نه هوندو. حاڪماڻي، عوامي ۽ اقتصادي تنظيمن کي اهڙي طريقي سان ڪم ڪرڻ سکڻ گهرجي جو؛ عوام جي طرف کان شڪايت نه ٿئي ۽ اهڙن مسئلن جو وقت سر حل ڳولڻ گهرجي،

جن جو ناڪاري احتجاجي رد عمل تي سگهندو هجي. جيڪڏهن حڪومت جا ادارا روزانو ۽ عوامي نوعيت جا خاص مسئلا حل نٿا ڪن ته عوام پاڻ ئي اهو فرض ادا ڪرڻ گهرندا، عوام جلوسن ۾ هر پيري اعلي آفيسرن ۽ ادارن جي سامهون پنهنجون ڏکائيون پيش ڪندا رهندا آهن پر هي آفيسر ۽ ادارا خاموش رهندا آهن ۽ حرڪت نه ڪندا آهن، تڏهن عوام جي طرفان اهڙا غير رواجي قدم ظاهر ٿيندا آهن. اهڙا احتجاج ۽ شڪايتون اصل ۾ اسان جي ڪم ۾ غلطين ۽ ڪوتاهين جو سڌو سنئون نتيجو هوندا آهن.

اهڙن موقعن تي بهتر ڪارڪردگي جي هڪ ئي پرک هوندي آهي. اسان هر ان ڳالهه کي پڌرڻ جي لاءِ تيار آهيون ۽ ان تي غور فڪر ڪنداسين جيڪا سوشلزم کي قوت بخشڻ جو ڪارڻ بڻجي. ان جي ابتڙ اسان انهن لاڙن خلاف وڙهنداسين جيڪي سوشلزم جا مخالف آهن، پر اها لڙائي جمهوري دائري جي اندر رهندي ۽ ڪئي ويندي. انقلابيت جا رسمي مظاهرا ڪرڻ غلط ٿيندو.

اسان کي جذبات جي وهڪري ۾ وهي نه وڃڻ گهرجي؛ ضرورت کان زياده گهبرائڻ يا انتظامي حربا استعمال ڪرڻ کان ڪن تار ڪرڻ گهرجي. اهو سچو ليننسي انقلابي 'جوهر' آهي.

جڏهن اسان کان پڇيو ويندو آهي ته ڇا اسان هن عمل ۾ ضرورت کان وڌ تيزي ته نه ڏيکاري رهيا آهيون؟ ته اسان جو جواب اهو هوندو آهي ته "نه ائين ناهي." هڪ متحرڪ ۽ انقلابي پرسترو ئيڪا (نئين تشڪيل) جو ڪو به معقول متبادل نٿو ٿي سگهي؛ جيڪڏهن نئين جوڙجڪ نه ڪئي وئي ته رڳو جمود ئي جمود هوندو. نئين جوڙجڪ تي ئي امن ۽ سوشلزم جي مستقبل جو دارو مدار آهي، ان ويڙهه ۾ هر شيءِ داءَ تي لڳائڻي پوندي. وقت انقلابي فيصلا گهري ٿو ۽ اسان پنهنجو رستو چونڊي ورتو آهي. اسان نئين اڏاوت جي رستي تان نه هٽنداسين ۽ ان کي مڪمل ڪنداسين.

جيمي ڪارٽر سان اونهاري ۾ منهنجي ملاقات ٿي هئي. جڏهن هن پڇيو ته "ڇا توهان کي يقين آهي ته سوويت يونين ۾

معاشي ۽ سياسي سڌارا شروع ڪرڻ جون توهان جون ڪوششون ڪامياب ٿينديون؟“ ته مون جواب ڏنو هو، ”اسان سياسي، معاشي، سماجي ۽ روحاني شعبن ۾ هڪ وڏي ۽ مشڪل ڪم جي شروعات ڪئي آهي. پرسترو ئيڪا (نئين تشڪيل) جو تعلق سماج جي سڀني گروهن سان آهي. تنهن ڪري هي ڪم آسان ناهي، ته به هاڻي تائين اسان پرسترو ئيڪا (نئين تشڪيل) جون ڪجهه اهم منزلون طئي ڪري چڪا آهيون، اسان تبديلين جي حڪمت عملي تجويز ڪئي آهي ۽ اسان ڏنو آهي ته سماج ان کي پسند ڪيو آهي. هاڻي ان تي عمل ٿي رهيو آهي، ان عمل جي راه ۾ ڪيترا مسئلا به پيدا ٿي رهيا آهن.

اولهه جي ملڪن هڪدم اسان جي پاليسي جي مخالفت جي خبرن کي ڏاڍي زور شور سان ڦهلائڻ شروع ڪيو آهي. حقيقت هي آهي ته ڪابه اثرائتي ۽ معقول مخالفت نه ٿي. اسان سڄي سماج جي هر شعبي جي پرسترو ئيڪا (نئين تشڪيل) جي عظيم منصوبي جي شروعات ڪئي آهي. اسان پنهنجي روين، سوچڻ ۽ زندگي جي نموني کي نئين سر منظم ڪري رهيا آهيون ۽ ٺهيل ٺڪيل طريقن کي رد ڪري رهيا آهيون. سماج جو ماحول گهڻي حد تائين بدلجي چڪو آهي. سماج حرڪت ۾ اچي چڪو آهي. اسان کي عوام جي طرفان گهڻي مدد ملي رهي آهي. ان مدد تي پاڙي اسان تيزي سان اڳتي وڌي رهيا آهيون. جيڪڏهن اسان کي ان پاليسي تي يقين نه هجي ها ته مان ۽ منهنجا ساٿي ان کي عوام جي سامهون پيش ئي نه ڪن ها.

هاڻي اهو ڪم ڪندي اسان کي ٻن سالن جو تجربو ٿي چڪو آهي، ته هن ڪم کي عملي طرح ائين ڪيو ويندو آهي. ان سان ان پاليسي جي سگهائي تي اسان جو اعتماد گهڻو وڌي ويو آهي. اسان ان رستي تي، پلي ڪيترو به ڏکيو ڇو نه هجي، مسلسل اڳتي وڌندا رهنداسين. ان عمل ۾ ڪيتريون منزلون اينديون. اسان جا ڪجهه مقصد ته جلد پورا ٿيندا. ڪجهه ڪم اهڙا آهن جن ۾

سال لڳي ويندا. اسان جي دؤر جا مقصد ٻه اهم آهن. تنهن ڪري آئنده ڪيترن سالن تائين اسان هنن جي حاصلات لاءِ اڳتي وڌندا رهنداسين."

سوويت عوام کي يقين آهي ته پرسترائيڪا (نئين تشڪيل) ۽ جمهوري عمل ذريعي ديس اڳي کان وڌيڪ شاهوڪار ۽ وڌيڪ سگهارو ٿي ويندو. زندگي بهتر سطح تي پهچي ويندي. ان رستي ۾ ڏکائيون آهن ۽ اهي ته هميشه هونديون آهن ۽ ڪڏهن تمام گهٽيون ٻه هونديون آهن پر اسان انهن جو ڏک نتا ڏکيون، اسان انهن کي ختم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وينداسين. ان ڳالهه تي اسان کي مڪمل ڀروسو آهي ●

باب پھريون

پرستروئيڪا (نئين تشڪيل) جو عمل شروع ٿئي ٿو

پهريان فڪري نتيجا

پرستروئيڪا (نئين تشڪيل) جي حڪمت عملي کي شروع ٿئي اڍائي سال ٿي ويا آهن. اسان وٽ ان جو هڪ نظرياتي تصور ۽ منظم پروگرام آهي. اسان پنهي کي مسلسل بهتر کان بهتر بڻائيندا رهيا آهيون. انهن کي سنواريندا رهيا آهيون، ۽ انهن ۾ نون خيالن ۽ نون طريقن ۾ واڌارو ڪندا رهندا آهيون. ان ڪم جي لاءِ پارٽي ۽ رياست جي اڳواڻن کي وڏيون تخليقي ڪوششون ڪرڻيون پونديون آهن، ۽ صلاح مشورو ڪرڻو پوندو آهي. سوويت ڪميونسٽ پارٽي جي ستاويهين ڪانگريس* ۽ مرڪزي ڪميٽي جي ڪيترن مڪمل ميڙن کان پوءِ سوويت سماج جا سڀ حصا نئين تشڪيل جي مسئلن ۽ ان جي رستي جي باري ۾ جوش جذبي سان بحث ڪري رهيا آهن. نئين تشڪيل جي پروگرام جي گهڻن حصن کي سرڪاري قانونن ۾ سمويو ويو آهي ۽ سوويت يونين جي سپريم سوويت (پارليامينٽ) ان جي منظوري ڏيئي ڇڏي آهي.

اڄ سان گڏ پرستروئيڪا (نئين تشڪيل) جي جزن کي عمل ۾ آڻڻ جي لاءِ روزانو جو ڪم به ٿيندو رهندو آهي. ٿورو ئي سهي پر اسان وٽ هاڻي تجربي جو هڪ ذخيرو گڏ ٿي ويو آهي. ڪجهه شروعاتي نتيجا بيحد حوصلا افزا آهن، پر اهو تسليم ڪرڻ گهرجي ته اسان ڪيتريون غلط اڳڪٿيون ڪيون آهن ۽ ڪيتريون

---

* ٢٧ وهين ڪانگريس ماسڪو ۾ ٢٥- فيبروري کان ٦- مارچ ١٩٨٦ع تائين ٿي هئي.

غلطيون به. اسان کي پنهنجي ڪمزورين جي به چاڻ حاصل ٿي چڪي آهي، ۽ اسان پنهنجي لاءِ هاڪاري امڪانن کي به چٽي طرح ڏسون پيا. هاڻي به اسان سمجهون ٿا ته اسان شروعاتي مرحلي ۾ آهيون پر ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته پرسترويڪا (نئين تشڪيل) اسان جي زندگي جو حصو بڻجي چڪي آهي، ۽ عوام ان کي پنهنجو ڪري رهيا آهن. ان ڏس ۾ پرسترويڪا (نئين تشڪيل) هاڻي هڪ حقيقت بڻجي چڪي آهي.

سماج کي چرپر ۾ آڻڻ وڃي ٿو. اهو سڀ ڪيئن شروع ٿيو؟

جڏهن اسان چوندا آهيون ته ابتدائي سالن ۾ ڪهڙو ڪم ٿيو آهي ته اسان جي معنيٰ ڪانگريس کان اڳ ۽ ڪانگريس کان پوءِ واري ساهي هوندي آهي.

سوويت يونين جي ڪميونسٽ پارٽي جون ڪانگريسون اسان جي تاريخ ۾ خاص اهميت رکنديون آهن. ڪيترن سببن جي ڪري ۲۷ هين ڪانگريس تي سوويت سماج جي زندگي جي سڀ کان اهم سوالن جا جواب ڏيڻ جو فرض عائد ٿيو.

ان ڪانگريس جو ٽيڙ پارٽي قاعدن* مطابق ڪوٺايو ويو آهي، هن وقت پارٽي پروگرام** جي نئين ايڊيشن جي تياري ٿي رهي آهي ۽ ٻارهين پنج سالي منصوبي ۽ ۲۰ هين صدي ختم ٿيڻ

---

* پارٽي جا ضابطا جنهن ۾ ميمبرن جي حقن ۽ فرضن جو بيان ٿيل آهي. پارٽي جي تنظيمي جوڙجڪ جو بيان ٿيل آهي ۽ پارٽي جي اندر جمهوريت جا اصول درج آهن.

** هي پارٽي جو اهم دستاويز آهي جنهن ۾ ان جي نظرياتي ۽ علمي بنيادن جو ذڪر آهي. ان جي سرگرمين جا اصول درج آهن ۽ ان جي مقصدن جو ذڪر آهي جنهن جي حاصلات جي لاءِ هو ڪم ڪندي آهي.

تائين واري عرصي جي لاءِ رٿابندي ٿي رهي هئي جو ڪانگريس جي لاءِ سياسي مقصد اهڙين حالتن ۾ تيار ٿيا هئا جن جي مارچ ١٩٨٥ع * ۽ اپريل ۾ ٿيل پارٽي جي مرڪزي ڪميٽي جي مڪمل ميڙن جي ڪري بنهه شڪل بدلجي وئي. خود پارٽي ۽ سموري سماج ۾ نون عملن ڪم شروع ڪري ڏنو هو.

مڪمل اجلاس جي سوچن کي ضابطي ۾ آڻڻ ۽ چڱي طرح سمجهڻ جو عمل سولو نه هو. بحث دوران جيڪا سيني سطحن تي جاري هو، نوان خيال اڀرڻ لڳا. پولٽ بيورو، مرڪزي ڪميٽي، مقامي پارٽي تنظيمن، سائنسدانن ۽ گڏيل محنت جي مرڪزن، مطلب ته سيني جڳهن تي هڪ نئون عمل شروع ٿي چڪو هو. پرچار جي ذريعن ۾ وڏا جاندار بحث شروع ٿيا ۽ گهڻا دفعا ته چڱي جهيڙي ۽ چڪتاڻ جو ماحول پيدا ٿي ويندو هو. اسان جي ماضيءَ تي سخت تنقيد ڪئي وئي. هزارين ماڻهو مزور، هاري ۽ دانشورن پنهنجي پنهنجي گڏيل محنت جي ادارن ۾، اخبارن ۽ رسالن ۾ ۽ پارٽي ۽ حڪومتي اعليٰ ادارن ڏانهن موڪليل پنهنجن خطن ۾ ان بحث ۾، خيالن جي ڏي وٺ ۾ وڏي جوش ۽ جذبي سان حصو وٺندا هئا. ان بحث ۾ تنقيد به هئي ته تجويزون به. گهڻن خاص مسئلن تي مختلف ۽ ڪنهن دفعي ته بلڪل هڪٻئي جي ابتڙ خيالن جو اظهار ٿيندو هو. اهڙي ريت موجوده صورتحال جي حل ڳولڻ جي هڪ شديد خواهش جو اظهار ٿيندو هو. ڪوجنا جو هڪ ڦهليل ۽ گهرو عمل شروع ٿي چڪو هو. مختلف راين ۽ هڪٻئي جي ابتڙ خيالن جو وجود فطري به آهي ته قل داڻڪ به. ان سان اها ڳالهه ظاهر ٿي ته ٢٧-هين ڪانگريس جي تياري نون طريقن مطابق

* پارٽي جي مرڪزي ڪميٽي جو خاص مڪمل ميڙ، جيڪو ١١- مارچ ١٩٨٥ع تي ٿيو، جنهن ۾ ميخائيل گورباچوف کي سوويت يونين جي ڪميونسٽ پارٽي جي مرڪزي ڪميٽي جو جنرل سيڪريٽري چونڊيو ويو.

هجڻ گهرجي. پر ان لاءِ اسان وٽ ڪانگريس جي ميڙ کي ڪوٺائڻ لاءِ مقرر تاريخ ۾ هڪ سال کان به گهٽ وقت هو.

ڪانگريس کي ملتوي به ڪري سگهجي ها. ان راءِ کي ڪيترا پيرا پڌرو ڪيو ويو ۽ ان جي حق ۾ اثرائتا دليل به ڏنا ويا هئا پر اهي رايا ۽ دليل به جمود جي زماني جي لاڙن جي پيداوار هئا، جنهن جو اثر اسان سڀني تي هو. هڪ سوچ اها هئي ۽ اسان کي مقرر وقت تي ڪانگريس ڪوٺائڻ گهرجي ۽ سماج جي سگهين قوتن کي ان ۾ شامل ڪرڻ گهرجي. اها سوچ حالتن سان ٺهڪندڙ هئي ۽ نيٺ ان کي منظور ڪيو ويو.

٢٧. ويهن ڪانگريس گهڻا اهم ٺهراءُ بحال ڪيا، جيڪي سوويت يونين جي لاءِ عظيم اهميت وارا آهن. مرڪزي ڪميٽي جي اپريل واري مڪمل ميڙ ۾ پختو ڪيل تجويزن جيڪي اقتصادي ۽ سماجي ترقي کي تيز ڪرڻ لاءِ پيش ڪيون ويون هيون، عمل ۾ آڻڻ لاءِ پارٽي جي ڪم جي لاءِ ”رهبر پروگرام“ جو خاڪو جوڙيو ويو. ان ڪانگريس ۾ نمائندا نه رڳو پنهنجي پنهنجي ڳالهين ۽ سچائي سان شامل ٿيا پر پنهنجا پنهنجا خيال، منصوبا ۽ عزم به پاڻ سان آنداؤن ته جيئن سوشلزم جي ترقي کي هڪ نئين ۽ طاقتور عمل جو جذبو بخشيو وڃي

اها هڪ باهمت ڪانگريس هئي. اسان پنهنجي ڪوتاهين، غلطين ۽ مشڪلاتن تي کلي طرح بحث ڪيو. اسان سوشلزم جي محفوظ امڪانن تي زور ڏنو جن کي ڪتب نه آندو ويو هو. ڪانگريس ڊگهي عرصي واري لائحه عمل جي منظوري ڏني. اها ڪانگريس گهڻن ئي اهم فيصلن جي ڪانگريس بڻجي وئي. پر هن موقعي تي اسان ان عملن جي، جيڪي جاري هئا، ڊرامائي ڪردار ۽ ڊاڍري کان واقف نه هئاسين. يا انهن کي سمجهڻ جي لائق نه هئاسين. اسان چٽو ڏسي رهيا هئاسين ته اسان کي ان ڪم کي مضبوط ارادي سان جاري رکڻو آهي جيڪو اسان ڪانگريس (مهان ميڙ) کان اڳ ۾ شروع ڪيو هو ۽ مهان ميڙ جي دوران به.

ان سان گڏ اسان کي هن سماج جو وڌيڪ گهرائيءَ سان اڀياس ڪرڻو آهي جنهن ۾ اسان رهون ٿا، ان ڪرڻ لاءِ اسان کي پنهنجي سرچشمي ڏانهن موٽڻو آهي. پنهنجي پاڙن کي پرجهڻو آهي. ماضيءَ جو چڱي نموني جائزو وٺڻو آهي، ۽ فيصلو ڪرڻو آهي ته اسانجون ترجيحون ڇا آهن ۽ ان مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ اسان کي ڇا ۽ ڪيئن ڪرڻو آهي. انهن ڳالهين کي سمجهڻ کانسواءِ اسان رستي کان ڀٽڪي به سگهون ٿا.

٢٧- هين مهان ميڙ (ڪانگريس) جي گڏجڻ کان پوءِ هڪ سال بعد به سماج جي مختلف طبقن ۽ پارٽيءَ ۾ به ڪجهه ماڻهو اهو سمجهندا رهيا ته نئين تشڪيل ڪا ڏور رس حڪمت عملي نه هئي بلڪ هڪ مختصر مهم هئي. گهڻن مقامي آفيسرن نئين تشڪيل جي سرگرم ڪارڪنن کي رنڊي رکيو. هو انهن کي چئيندا هئا: ساٿيو! ٿورو انتظار ڪريو. زياده جوش جذبي جي ضرورت ڪونهي. هڪ ٻن سالن ۾ هي سڀ ڪجهه ختم/گم ٿي ويندو. هو ايمانداريءَ سان اهو سمجهندا هئا ته سچو سڌاري جو پروگرام ٿوري عرصي ۾ مٽيءَ ۾ ملي ويندو، ڇو ته اڳين اڳ ۾ به ڪيترا ڀيرا ٿي چڪو هو. ڪجهه نالي ماتر شڪ ڪرڻ جا ماهر به هئا جيڪي دفترن جي ورانڊن ۾ دل ٿي دل ۾ ڪلندا هئا ته اسان ڪيترا اهڙا دور ڏٺا آهن، اسان هن دور مان به گذري ويندا سين. سماج ۾ نئين تشڪيل لاءِ ڳڻتي وڌي رهي هئي ته ڪٿي وري ته حالتون ساڳئي نموني جون ته نه ٿينديون؟

جنوريءَ جي مڪمل ميڙ ۾ اسان خود تنقيدي نظر سان هن مشڪل ۽ متضاد صورتحال جو تجزيو ڪيو اسان رڳو ماضي جي تنقيد نه ڪئي ۽ نه ئي ٻن چئن آفيسرن جو نالو ڪٺي خاموش ٿي ويهي رهياسين. ڇا ان مسئلي جي اهميت اها آهي ته رڳو ڪنهن جي نالي ڏوهه مڙهيو وڃي؟ ضرورت ان ڳالهه جي هئي ته حالتن جو جائزو ورتو وڃي. عملن/ڪارڻن ۽ لاڙن جو ڇيد ڪيو وڃي. اسان ائين ئي ڪيو. جيڪڏهن جنوريءَ جو ميڙ رڳو ماضيءَ جي تنقيد

تي ختم ٿي وڃي ها ته ميڙ جو مقصد ئي فوت ٿي وڃي ها. اسان کي ماضيءَ مان سبق سکڻ ۽ تنقيد جي ضرورت پنهنجي حال ۽ مستقبل کي بهتر بڻائڻ جي لاءِ آهي نه کي هڪ ٻئي سان حساب برابر ڪرڻ لاءِ.

جيڪڏهن اسان جنوريءَ جي ميڙ ۾ هڪ نئون تعميري لائحه عمل نه پيش ڪيو هجي ها، جيڪڏهن اسان اها اهم ڳالهه نه چئي هجي ها ته اسان کي ڇا ڪرڻو آهي؟ ڪم کي سست بڻائڻ واري نظام کي مٽائڻ لاءِ اسان کي کهڙي نئين قوتن کي متحرڪ ڪرڻو آهي؟ ڪم جي رفتار کي تيز ڪرڻ واري نئين اثرائتي نظام کي ڪيئن جاري ڪيو وڃي؟ تڏهن هي بي عملي جو مظاهرو هجي ها. جيڪڏهن جنوري جي مڪمل ميڙ ۾ اسان کي درست رستو نه ڏيکاريو ويو هجي ها، جمهوريت رائج ڪرڻ جي تجويز پيش نه ڪئي وڃي ها جيڪا نئين تشڪيل جي سڀ کان اهم محرڪ قوت هئي ته هي ميڙ بي مقصد هجي ها. جيستائين نئين تشڪيل جي مقصدن کي حاصل ڪرڻ ۽ سماج کي ماضيءَ جي غلطين کان محفوظ رکڻ جو سوال هو، جنوري جي مڪمل ميڙ جو ويچار هو ته جمهوريت کي وڌايو وڃي. ان سان نئين تشڪيل جي اٽل هجڻ جي گارنٽي/ضمانت ملي ٿي. جيتري به وڌيڪ سوشلسٽ جمهوريت موجود هوندي، اوترو وڌيڪ اسان کي سوشلزم حاصل ٿيندو. ان تي اسان کي پختو ويساهه آهي ۽ اسان ڪڏهن به ان خيال تان هٽ نه ڪنداسين. اسان جمهوريت کي معشيت، سياست ۽ پاڻ پارٽي ۾ به وڌائينداسين. عوام جي تخليقي/سرجڻهار سگهه ئي نئين تشڪيل لاءِ فيصلو ڪندڙ قوت آهي ان کان وڌيڪ ڪو به سگهارو عنصر ڪونهي.

جنوريءَ جي مڪمل ميڙن کان پوءِ مهينن اندر اهو ثابت ٿي ويو آهي ته اسان درست قدم کنيو هو. اسان جي نسل جي ذمي سڄي ملڪ جي نئين جوڙ جڪ جو عظيم فرض آهي. ٿي سگهي ٿو ته اسان هر ڪم نه ڪري سگهون پر پوءِ به اسان وٽ ايترو وقت

ته هوندو جو تيز رفتاريءَ جي عمل کي اڳتي وڌائجي. اسان گهٽ ۾ گهٽ پيڙهه ته رکي ڇڏينداسين ۽ مونکي يقين آهي ته سڄو سماج نئين تشڪيل جي عمل ۾ شامل ٿيندو.

جڏهن هاڻوڪو جمهوري سرشتو به رائج ٿي ويندو ۽ انسان جي اخلاقي تصورن جي سگهه کي به پوري طرح استعمال ڪيو ويو هوندو تڏهن به اهو ڪم سولو نه هوندو بلڪ منهنجو ته خيال آهي ته تڏهن اڳي کان به ڪم وڌي ويندو ۽ وڌيڪ ڳتيل ٿي ويندو. ظاهر آهي ته ڪم جا طريقا ۽ شڪليون هر هر بدلائيون پونديون. ڇو ته هر دفعي اسان نئين سياسي، معاشي، اخلاقي ۽ ثقافتي حالتن ۾ ڪم ڪري رهيا هونداسين.

پرسترو ئيڪا (نئين تشڪيل) جو عمل تيز ٿيندو وڃي ٿو

منهنجو خيال آهي ته مان هاڻي ثابت ڪري چڪو آهيان ته سوويت سماج ۾ چرپر اچي چڪي آهي ۽ هاڻي اها رفتار نه گهٽبي. پر اسان غير حقيقت پسندانه اميدون وابسته ڪرڻ جي حق ۾ ناهيون. ڪجهه ماڻهن کي اها اميد آهي ته هر شيءِ پنهنجو پاڻ بدلجي ويندي ۽ ان لاءِ ڪا خاص محنت نه ڪرڻي پوندي. اهڙا ماڻهو به آهن جيڪي سوچيندا آهن ته نوان اڳواڻ سامهون اچي ويا آهن، تنهنڪري هاڻي هر شيءِ تبديل ٿي ويندي، ۽ سڀ نيڪ ٿي ويندو. پر اهو سوچڻ غلط آهي ته اڄ کان پوءِ اسانجو سفر هيٺائين جو، سولو سفر هوندو. ان جي ابتڙ اسان اڄ به جبل تي چڙهڻ جي ڏکئي ڪم سان منهن مقابل آهيون. ۽ جيستائين نئين تشڪيل جو عمل گهڻو تيز ٿئي، تيستائين اسان کي ڏکيو سفر طئه ڪرڻو پوندو. اڃا ته نئين تشڪيل جو عمل چٽڪ زمين کان مٿي ٿورو اڀريو آهي. هن وقت تائين اسان ان جي رفتار کي تيز ڪرڻ جي هڪ مشينري تيار ڪري رهيا هئاسين. اڃا ڪجهه ڏينهن اڳ تائين ته اسان شين کي الڳ ڪري سڃاڻي رهيا هئاسين. اسان مسئلن کي مختلف ڪنڊن کان ڏسي رهيا هئاسين. سيني ماڻهن جي سوچن ۽

سفارشن کي گڏ ڪري رهيا هئاسين. هاڻي اسان کي گڏجي اڳتي وڌڻو آهي ۽ اها ڳالهه الڳ آهي ته مختلف ماڻهن جا نئين جوڙ جڪ جي باري ۾ مختلف خيال آهن. ان عمل ۾ انهن جو ڪهڙو ڪردار آهي، ان تي به ماڻهن جا رايا مختلف آهن.

نئين تشڪيل جا پڪا مخالف ڪي گهٽ ناهن. پر اهڙا ماڻهو گهٽ آهن جيڪي تبديليون چاهين ٿا. پر اهو چاهن ته اهي تبديليون نئين جوڙ جڪ جي ذريعي نه ٿين. پر رڳو مٿاهن ماڻهن جي ذريعي ٿين.

پارٽي مان، رياستي ۽ اقتصادي ادارن مان، پين شعبن مان پين ڪارخانن مان، هر ڪاتي ۾ انهن جي ساٿي ڪارڪنن مان، اجتماعي زرعي فارم تي يا ڪنهن عملي جي جوڙ جڪ ۾ انهن جي ساٿي پورهيتن مان، مطلب ته بيا سڀ هجن پر هو پاڻ نه هجن.

هڪ دفعو ليٽويا (Latvia) جي شهر ريگا ۾ ريڊيو انجنيئرنگ جي مزدورن سان ڳالهيون ڪري رهيو هئس. مون کين ٻڌايو ته بشڪلاٽون ته هر وڏي ڪم ۾ پيش ايندڙيون آهن پر جيستائين هو (مزور) رڳو اهو چاهن ٿا ته "مٿي چاڙهي رهيو آهي." ۽ خود پنهنجي ذريعن کان ڪم نٿا وٺن، تيستائين نئين تشڪيل جو عمل سست هوندو. رڳو ڦيٿو هلندو پر مشينون ڪم نه ڪنديون. ۽ نتيجي ۾ نئين تشڪيل جو ڪم رڪجي ويندو. ڇو؟ ان ڪري جو اهو عمل نئين تشڪيل جي عمل کي ٻي جان بڻائي ڇڏيندو.

اهڙا ماڻهو به آهن جيڪي نئين انداز ۾ ڪم ڪرڻ نٿا چاهن، جيڪو پرسترو ئيڪا (نئين تشڪيل) جي لاءِ ضروري آهي. اهڙن ماڻهن کي سيکارڻ ۽ انهن جي مدد ڪرڻ گهرجي.

هڪ ڏکيائي اها به آهي ته ماڻهو سستيءَ ۽ جمود جا شڪار ٿي ويا آهن. هر معاملي ۾ "مٿان" کان هدايتن جي انتظار ۾ ويٺو رهڻ، رڳو مٿاهن فيصلن تي ڀروسو ڪرڻ ۽ اهي عادتون اڃان جاري آهن. انهن کي ختم ڪرڻ ضروري آهي، ان ۾ حيران ٿيڻ جي ڪا به ضرورت ڪانهي؛ ڇو ته ورڪشاپن کان وٺي وزارتن تائين اهو رويو گهڻي دير تائين

ڪم ڪندو رهيو. پر انتظاميه جي سڀ ڪان مٿانهين سطح تي به اهو رويو هو، تنهن ڪري ان جا اثر اڄ به موجود آهن. ماڻهن ۾ آزاداڻه ۽ ذميواري سان سوچڻ ۽ ڪم ڪرڻ جي عادت ئي ڪونهي. هي به هڪ وڏو ۽ اهم مسئلو آهي.

اسان جو اهم ڪم هي آهي ته سڄي سماج کي نئين تشڪيل جي عمل ۾ شامل ڪيو وڃي. اسان جي سماج ۾ سوشلزم پنهنجي بنيادن تي ترقيءَ جون منزلون طئه ڪري اڳتي وڌي رهيو آهي. اسان اهو نٿا چئون ته نئين تشڪيل کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ پين ماڻهن کي، ڪنهن ٻي، پارٽيءَ جي ڪنهن ٻيءَ سائنس جي، ڪنهن ٻئي ادب ۽ ثقافت جي ضرورت آهي. بلڪل ايترو ناهي. اسان سڀ رلي ملي ان ڪم کي اڳتي وڌائي رهيا آهيون. اها سڄي قوم جي ڪوشش آهي. اسان جون سيئي ذهني صلاحيتون ان ڪم ۾ خرچ ٿينديون. پنهنجي تجربي مان مون اهو اندازو لڳايو آهي ته اسان سڀ نئين تشڪيل دوران پاڻ کي به بدلائي رهيا آهيون. هر ماڻهوءَ کي نئين تشڪيل جو پنهنجي تصور رکڻ جي اجازت آهي، ته جيئن هو ماضيءَ جي طريقن کان مختلف طريقن کي ڪم ۾ آڻي. هن جو اڄ جو ڪم سندس ڪالهوڪي ڪم کان بهتر هجي. هو حالتن کي چڱي طرح سمجهي سوچي انهن مقصدن جي لاءِ ڪم جي شروعات ڪري، جنهنجو وقت اسان کان گهر ڪري رهيو آهي.

اسان وٽ ڏهيل ڏڪيل فارمولا ڏاهن.

"سياست" امڪانن کي سمجهڻ ۽ ان لاءِ ڪم ڪرڻ جو فن آهي. امڪانن جي حدن کان اڳي ڪو مهم جوئي رهجي وڃي ٿي. ان ڪري اسان پنهنجي سماج جي نئين تشڪيل ۾ پنهنجي امڪانن جو ڏاڍي احتياط ۽ گهرائي سان جائزو وٺندا آهيون ۽ ان مطابق پنهنجي فرضن کي مقرر ڪندا آهيون. اسان ڪيترن ئي تلخ تجربن مان اهو سبق سکيو آهي ته پنهنجو پاڻ کان اڳتي وڌڻ جي

ڪوشش نه ڪريون بلڪ هميشه پنهنجي ملڪ جي ظاهر حقيقتن کي نظر ۾ رکون.

نئين تشڪيل جي ڪوشش ۾ اسان جي سڀ کان وڏي ڏکيائي اسان جو سوچڻ جي طريقي سان پيدا ٿئي ٿي. اهو طريقو گذريل گهڻن سالن ۾ نهيو هو.

جنرل سيڪريٽري کان وٺي مزدور تائين، هر شخص کي پنهنجي سوچ بدلائڻي پوندي. اها ڳالهه سمجهه ۾ به اچي ٿي ڇو ته اسان مان گهڻن جي ذهني اوسر پراڻي نظام ۾ ٿي هئي. اسان کي پنهنجي ڏي پر اڻ پسنديءَ مان جان ڇڏائڻي آهي. اسان جي وڏي گهڻائي درست سياسي ۽ نظرياتي اصولن سان وفادار آهي.

پر درست موقف ۽ ان جي حاصلات جي وچ ۾ هڪ ڊگهو فاصلو آهي.

گهڻا دفعا ائين ٿيندو آهي جو پولٽ بيررو ۾ اسان دليل ۽ ثبوت تي ٻڌل نتيجا ڪيدا آهيون ۽ نئين تبديلين جا فيصلا ڪندا آهيون. پر انهن کي عمل ۾ آڻڻ جي طريقن جي چونڊ ۾ اسان وري نون ڪمن جي لاءِ پراڻن طريقن جي چونڊ ڪندا آهيون.

سياست ۾ ۽ نظرياتي اصولن جي معاملي ۾ اسان لينن جي قول ۽ فعل جي درست روح کي پيهر جئياري رسيع آهيون ڪيترا ڏهاڪا اسان رڳو لفظي نعرن جي جادو ۾ قائل رهيا آهيون. نهيل نڪيل قاعدن مطابق ڪم ڪندا رهيا آهيون. ان جي ڪري اسان ناڪاري نموني ۾ متاثر ٿيا آهيون. اڄ اسان ايمانداري سان پنهنجي نظرياتي ڪم ۾ سچو تخليقي روح وجهڻ چاهيون ٿا. اهو ڪم ڏاڍو مشڪل ته آهي پر اهو ڪم اسان کي ڪرڻو پوندو. آهستي آهستي تخليقي فڪري انداز مظبوط ٿي رهيو آهي.

اسان کي خبر آهي ته غلطين جي امڪان کي روڪي ٿڻو سگهجي پر سڀ کان وڏي غلطي اها هوندي ته غلطين جي خوف کان اسان ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏيون. ائين بي وس ۽ لاچار ٿي ڪم ڇڏڻ سان جيڪي نقصان ٿيندا آهن، اسان انهن کان چڱي

طرح واقف آهيون، ڇو ته اسان ان تجربي مان گذري چڪا آهيون. اسان جون گهڻيون مشڪلاتون ان جي پئداوار آهن. اولھ جي ملڪن ۾ اسانجي مخالفن اسانجي انهن ڪمزورين کي سمجهي ورتو آهي. جيڪي ١٩٧٠ع جي ڏهاڪي جي آخر ۽ ١٩٨٠ع جي ڏهاڪي جي شروعات ۾ چٽيون ٿي ويون. اسانجي دشمن اسان کي تاريخ جي گهوڙي تي اڇلي ڇڏيو هو. پر انهن جي فاتح وقت کان اڳ ۾ ثابت ٿي.

مون کي اهو ڏسي خوشي ٿيندي آهي ته پارٽي کان ٻاهر ۽ سڄي سماج ۾ اهو احساس وڌي رهيو آهي ته اسان اهڙو سياسي، سماجي، معاشي ۽ نظرياتي عمل شروع ڪيو آهي، جيڪو بي مثال آهي، جيڪو اڳ ۾ ڪڏهن ۽ ڪٿي به نه ٿيو آهي. جيڪڏهن اسان اهو سڀ ڪرڻ چاهيون ٿا، جيڪو اسان جي رٿابندي ۾ شامل آهي، ته اسان کي بي مثال سياسي، اقتصادي، سماجي ۽ نظرياتي ڪم به اندرين ۽ ٻاهرين شعبن ۾ ڪرڻا پوندا. اسان جي ذميواري به بيمثال آهي. اسان کي چڱي طرح خبر آهي ته شروعاتي مرحلن ۾ خاص طرح سان اسان کي وڏي پئماني تي دليرانه ڪوششون ڪرڻيون پونديون.

هن وقت اسان جي ملڪ ۾ اهڙيون شيون آهن، جيڪي اڳ ۾ نه هيون.

1ـ دفتر ۽ ڪارخانن ۾ مئنيجرن کي چونڊيو ويندو آهي.
2ـ ڪيترن ضلعن ۾ هڪ سوويت جي چونڊ لاءِ وڌڻ وارن جو تعداد هڪ کان وڌيڪ هوندو آهي.
3ـ پرڏيهي ڪمپنين سان گڏجي صنعتي ۽ واپاري ڪمن ۾ شرڪت ڪئي وڃي ٿي.
4ـ ڪارخانا ۽ فيڪٽريون پنهنجو حساب ڪتاب پاڻ برابر رکنديون آهن، يعني آمدني ۽ خرچ پنهنجي ذمي کڻنديون آهن.
5ـ ساڳي صورتحال اجتماعي پوک جي فارمن ۽ سرڪاري فارمن جي آهي.

6- اهڙن فارمن تان پابنديون هٽايون ويون آهن، جيڪي صنعتي ۽ واپاري ادارن جي لاءِ زرعي پئداوار آپائيندا آهن، جيڪي انهن فارمن ڪي هلائيندا آهن.

7- گڏيل امداد جون سرگرميون وڌايون ويون آهن.

8- ٿوري اپت پئدا ڪندڙ ذاتي ملڪيت جي ڪارخانن ۽ واپاري ادارن جي همت افزائي ڪئي ويندي آهي.

9- جيڪي ڪارخانا ۽ فيڪٽريون نفعو نه ڪمائيندڙيون هيون يا نقصان ۾ هلي رهيون هيون، آهي بند ڪيون ويون آهن.

10- اهڙا ڪوجنا جا ادارا ۽ اعليٰ تعليم جا ادارا جن جي ڪارڪردگي سٺي نه هئي، بند ڪيا ويا آهن.

11- پريس هاڻي تيز ٿي وئي آهي. ۽ "منع ڪيل موضوعن" تي به لکيو وڃي ٿو. مختلف موضوعن تي ماڻهن جا مختلف خيال پريس ۾ ڇپجن ٿا.

اسان جي ترقي ۽ نئين جوڙجڪ ۽ سيني اهم موضوعن تي کلي عام مختلف ۽ متضاد خيالن کي جوش جذبي سان پيش ڪيو وڃي ٿو. اهو فطري ۽ ضروري آهي. جيتوڻيڪ اهو سڀ سولائي سان نٿو ٿئي. نه ئي اهي ڳالهيون مڪمل طرح عوام جي يا پارٽي ميمبرن جي سمجهه ۾ اچن ٿيون. مان نٿو سمجهان ته سوويت يونين جي ڪميونسٽ پارٽي جي لاءِ گذريل اڍائي سالن جو دؤر سڀ کان ڏکيو دؤر هو، پر اهو دؤر ڏاڍو سنجيده هو. ان دؤر ۾ تمام گهڻي احساس ذميواري جي ضرورت هئي. ذهني پختگي ۽ مقصدن سان وفاداري به گهربل هئي. ٿي سگهي ٿو ته اسان کي ڪا خاص شيءِ پسند نه هجي، پر اسان سيني شين کي ٽڏي سيني سان جانچيون ٿا ۽ حقيقت پسندي جي نظر سان ڏسندا آهيون. ائين ڪري ئي اسان عوام جي سامهون هڪ اهڙي پاليسي پيش ڪري سگهون ٿا، اهڙن مقصدن کي اڳتي وڌائي سگهون ٿا، جيڪي هنن جي سمجهه ۾ ايندا هجن ۽ اڳتي وڌڻ ۾ هنن جي اڳواڻي ڪن. سرواڻن ۾ اختلاف راءِ

رهيو آهي ته جمود کي ختم ڪيو وڃي، ۽ مستقبل ۾ مسئلن کي ڪيئن حل ڪيو وڃي. ان ۾ حيران ٿيڻ جي ڪا ڳالهه ڪانهي. ان جي ابتڙ جيڪڏهن اهي اختلاف نه هجن ها ته اها عجيب ڳالهه هجي ها جو هر ماڻهو هڪ ئي طريقي سان سوچي ۽ هڪ ئي ڳالهه ڪري. راين جي جنگاڙ مان سوچون جنم وٺنديون آهن. پر اسان سڀ بنيادي ڳالهين تي متفق آهيون ته پرسترائيڪا (نئين تشڪيل) اڻ ٽر آهي ۽ ان کان سواءِ ڪا واهه جاءِ ڪانهي. اسان وٽ ٻيو ڪوبه رستو ڪونهي.

سڀ سوويت ماڻهو، سڄي پارٽي جنهن ۾ مرڪزي ڪميٽيءَ ۽ پولٽ بيورو به شامل آهي. ۽ خود حڪومت به نئين تشڪيل جي عمل مان گذري رهيا آهن. اسان جيڪي پولٽ بيورو جا ميمبر آهيون، هن انقلابي عمل ۾ پنهنجي سماج جي مسئلن کي حل ڪرڻ جو تجربو حاصل ڪري رهيا آهيون. سيني رياستن، علائقن ۽ محنت جي اجتماعي ادارن ۾ اهو عمل جاري آهي. سڀ کان اهم ڳالهه هي آهي، ته اسان جي سماج جو ماحول ئي بدلجي ويو آهي. نون فرضن جي پورائي ۾ اسان جي قوم نئين تشڪيل جي امتحان مان لنگهي رهي آهي. سوويت عوام جي سماجي ۽ سياسي سرگرمين کي آزاد ڪرڻ جو عمل شروع آهي. ماڻهو هاڻي باهمت ٿي ويا آهن ۽ بهتر فرض شناس شهري هجڻ جو ثبوت ڏيئي رهيا آهن. گذريل سالن ۾ گهڻيون ڳالهيون هنن جي ذهنن ۾ گڏ ٿي چڪيون آهن ۽ هو آزاديءَ سان اهي چوڻ چاهين ٿا.

هن نئين صورتحال جي نواڻ وڌندي ئي رهي آهي. جيڪڏهن اپريل ۸۵ع ۾ ڪو اسان کي چوي ها ته ٻن سالن ۾ اسان وٽ اهو ڪجهه ٿيندو جيڪو هيئنر ٿي رهيو آهي، ته اسان کي اعتبار نه اچي ها، پر اسان انهن جي ڳالهين کي بنهه قبول ئي نه ڪريون ها: پر ڇا ٿيو آهي؟ حقيقت هيءَ آهي ته اهڙي شيءِ جنهن جي اسان هڪ سال اڳ سخت مخالفت ڪري رهيا هئاسين يا ان ڏانهن بي ڌيائي جو رويو رکندا هئاسين، هاڻي بحث جو اسم بڻجي وئي آهي، بلڪ

روزاني زندگيءَ جو هڪ اهم حصو بڻجي وئي آهي. سماج بدلجي رهيو آهي ۽ چڱ ڀلو ۾ آهي.

اسان هڪ عام دؤر ۾ نتا جيئون. پراڻي نسل جا ماڻهو موجوده انقلابي ماحول جي آڪٽوبر انقلاب کان پوءِ جي آئيل ڪجهه سالن سان ڀيٽ ڪري رهيا آهن يا ڪين اهڙو جوش جذبو "عظيم وطن دوستي جي جنگ" دوران نظر آيو هو. منهنجي عمر جا ماڻهو هن دؤر جي ڀيٽ، جنگ کان پوءِ جي ترقيءَ جي دؤر سان ڪن ٿا، پر هاڻي اسان ڪجهه وڌيڪ متوازن ۽ حقيقت پسند ٿي ويا آهيون. تنهن ڪري جوش جذبو ۽ قرباني جو انقلابي جذبو، جيڪي سوويت عوام جي سياسي مزاج/طبيعت جون وڏ نمائندہ خاصيتون آهن، هن دؤر ۾ به اڻموٽ ۽ نتيجو ڏيندڙ بڻجي ويون آهن. مرڪزي ڪميٽي جي جون ١٩٨٧ع واري ميڙ ۾ سون خبردار ڪيو هو ته عوامي جي وڌندڙ سرگرمين ۽ سرڪاري ۽ انتظامي ادارن بلڪ پارٽي تنظيمن جي اڏوهي ڪاڏل ۽ بيڪار طريقن ۽ نمونن ۾ گهڻو فرق خطرناڪ ثابت ٿي سگهي ٿو. اسان ان فرق کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. پر ان صورتحال کي ٻي ڪنڊ کان به ڏسي سگهجي ٿو. جيڪڏهن عوام بي حس هجن ها ۽ نئين تشڪيل جي گهرجن، مطابق ڪم ڪرڻ کان لاچار هجن ها ته هي مسئلو اچا وڌيڪ نازڪ ٿي وڃي ها ۽ اها وڏي رڪاوٽ هجي ها. اسان جو ڀاڱ آهي، جو ائين ناهي. پورهيت عوام جو سچ ڳالهائڻ ۽ ڏيڻ وڌي رهيو آهي، پر هو نئين تشڪيل جي عمل کان اڳتي وڌي وڃي ٿو. سڌي سنئين ڳالهه ٻولهه ۽ خط اهڙا وسيلا آهن، جن جي ذريعي اسان کي پنهنجي پروگرامن جي باري ۾ عوام جي راءِ حاصل ٿيندي رهي ٿي. هن طريقي جي وسيلي سوويت اڳواڻن ۽ عوام جو ڳانڍاپو رهي ٿو. اهي خط اخبار ۽ رسالن جي دفترن ۾ ايندا آهن. انهن مان گهڻا ڇپيا به آهن. ڪجهه خط حڪومت ڏانهن به ايندا آهن. ڪجهه سپريم سوويت (پارليامينٽ) ۽ ڪجهه پارٽيءَ جي مرڪزي ڪميٽيءَ ڏانهن به ايندا آهن.

هتي هڪ ڳالهه سوچڻي آهي. شروع ۾ مختلف ادارن ڏانهن گهڻا خط اينڊا هئا. تبديلي اها ٿي آهي ته خطن جو مزاج ئي بدلجي ويو آهي. انهن مان بلڪل ٿورا خط "ذاتي درخواست" قسم جا خط به آهن، جن ۾ رهڻ لاءِ ڪمري يا پينشن جي ڄاملتا جي لاءِ مدد گهري وئي آهي، يا ڪنهن غلط طرح سان سزا ڪاٽل ماڻهو جي مدد جي لاءِ چيو ويو آهي يا ڪنهن ماڻهو کي ٻيهر ڪم تي کڻڻ جي درخواست ڪئي وئي آهي. جيتوڻيڪ اهڙا خط به هاڻي اچڻ لڳا آهن. پر اهي ڳالهيون سندن مقصد هونديون ناهن. خطن جي اڪثريت ۾ قوم جي مستقبل جي باري ۾ ڳڻتي ظاهر ڪيل هوندي آهي. ائين ٿو معلوم ٿئي ته چپ ۽ اوپرائپ جي ڊگهي عرصي ۾ جن اذيتناڪ ڳالهين کي روڪيو ويو هو، آهي آخرڪار ٻاهر اچي رهيون آهن. نيون حالتون ماڻهن کي ڳالهه چوڻ جي همت ڏين ٿيون. ۽ هو پنهنجون سوچيون، سپنا ۽ مونجهارا نه رڳو پنهنجي ڪنهن مائٽ يا دوست آڏو ظاهر ڪرڻ چاهين ٿا، پر قوم جي سروائن جي سامهون رکڻ چاهين ٿا. انهن مان ڪجهه خط ته واقعي دل جو آواز هوندا آهن.

منهنجي ڪتاب جي ڇپائيندڙ اصل مسودو پڙهڻ کان پوءِ مون کي چيو ته ماڻهن جي خطن جا ڪجهه حصا نموني طور بيان ڪيا وڃن.

اچو، ا- **زرذوف** جو خط ڏسون. هو مزدور آهي. سندس عمر ٣٣ سال آهي ۽ ڏور اوير جي يا قوت خودمختيار جمهوريه جو رهواسي آهي.

□

جيتوڻيڪ آءٌ پارٽي جو ميمبر ناهيان، پر مان توهان کي خط لکڻ ۽ توهان جو ٿورو ادا ڪرڻ پنهنجو فرض سمجهان ٿو ته توهان اسان عام مزورن ۾ شهريت جي ذميواري جو احساس جاڳايو آهي. ماڻهو سالن کان انهن تبديلين جي اوسيئڙي ۾ هئا. مان سڌي ڳالهه ڪندس ته شروع ۾ گهڻا ماڻهو نئين تشڪيل جي

لاڙن جي باري ۾ شڪ ۾ مبتلا هئا. ائين ناهي ته نئون تشڪيل اسان جي اميدن جي ابتڙ هئي. (اصل ڳالهه هي هئي) ته ماڻهن کي اهو ڪوڙو تجربو هو ته اڪثر پلا نعرا حقيقتن کان گهٽو پري هوندا هئا. پر اسان جلد سمجهي وياسين ته پرسترونيڪا (نئين تشڪيل) جو عمل ٿوري عرصي وارو پروگرام ناهي پر اهڙو عمل هو؛ جيڪو تاريخي طور تي ضروري هو. سڀ کان اهم ڳالهه اها هئي ته اسان ڏٺو ته هي پروگرام اسان جي زندگي جي هر شعبي کي متاثر ڪري ٿو."

"هينئر اسان جي زندگي وڏيڪ ڪارائتي ٿي وئي آهي. عوام ملڪ جي حالتن ۾ سچي دلچسپي وٺڻ لڳا آهن. هو ان بابت رايا به ڏيندا آهن، ته حالتن کي ڪيئن صحيح ڪيو وڃي، ڪم کي ڪيئن بهتر بڻايو وڃي. هاڻي هو تنقيد به ڪن ٿا. صنعتي پيداوار جي ڪاهلي جي مسئلن تي پاڻ مرادو بحث شروع ٿي ويندا آهن. واقعي اها شرم جي ڳالهه آهي ته اسان جي شين جو معيار گهٽ آهي. اسان پنهنجو پاڻ کي ڦري رهيا آهيون. آءٌ ٿوهان جو ٿورائتو آهيان. اهڙي ماڻهو جو ٿورو ادا ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي، جنهن کي اسان ذاتي طرح نه سڃاڻندا هجون، پر اسان ڪڏهن به ڊاڪٽر جو ٿورو ادا ڪندي به هڪندا ناهيون، جنهن اسان کي سخت بيماري مان نجات ڏياري هجي. توهان اسان جي بي عملي ۽ سرد مهري مان جان ڇڏرائي آهي. اسان کي پنهنجي قوتن تي اعتبار ڪرڻ سيکاريو آهي. انصاف ۽ جمهوريت تي يقين ڪرڻ سيکاريو آهي. گهڻا ماڻهو ته مرڪزي ڪميٽي جي مڪمل ميڙن توڙي پارٽي ڪانگريس کي به ڪا اهميت نه ڏيندا هئا. هاڻي ته منهنجو ستن سالن جو پٽ پڻ جڏهن ٽيليويزن تي توهان کي ڏسندو آهي ته رڙ ڪري چوندو آهي ته، "جلدي اچو، گورباچوف تقرير ڪري رهيو آهي." مستقبل اسان جو آهي. جيستائين غلطين جو تعلق آهي ته ڪو به ان کان بچي نٿو سگهي، اسان ته ان راهه کي روشن ڪرڻ وارا هئاسين.

اسان جي سامهون ڪنهن جو مثال نه هو. اسان ڪنهن کان به سکيو ناهي، پر پنهنجي ڪوتاهين مان سکي رهيا آهيون.“●

هڪ ٻيو خط ڏسو: اهو لتوانيا مان آيو آهي. لکندڙ جو نالو و. اِ. بريڪاوڪس آهي. هن جنوري ١٩٨٧ع جي مرڪزي ڪميٽي جي ميڙ کان پوءِ لکيو هو.

□

”منهنجي دل سوچن سان ايتري ته ڀرپور آهي جو آءٌ ڪنهن نه ڪنهن سان دل جو حال اورڻ ضروري ٿو سمجهان. گهڻن سالن ۾ پهريون دفعو اسان پارٽي ۽ حڪومت ۾ اهڙا ماڻهو ڏسي رهيا آهيون، جن جون شڪليون عام ماڻهن جهڙيون آهن. پهريان ته پٿر جا جوتا هوندا هئا. ڇڙڪ پوائنٽو جن پوت. اهو هڪ ڪارنامو آهي.“

”ماڻهو توهان جي پاليسي جي باري ۾ ڇا سوچيندا آهن؟“

”آءٌ توهان سان ڪوڙ نه ڳالهائيندس، پيارا ميخائيل سرجي ،يي ،وچ، ڇوته ان سان اسان جي سڀ کان وڏيڪ پيارن مقصدن کي نقصان پهچندو. آءٌ سمورو سچ ٻڌائيندس.“

”آءٌ سماج جي رعايت يافته طبقي جي باري ۾ ڪجهه به نه ڳالهائيندس. هتي هر ڳالهه چٽي آهي. انهن مان گهڻا پنهنجي زندگي پراڻي طريقي سان گذارڻ پسند ڪن ٿا. ڇڙڪ هو نشي واريون گوريون کائي کير ۽ ماکي جي دنيا ۾ ننڊ جو منهن ڪري سمهيل رهڻ گهرن ٿا.“ ”آءٌ مزدورن جي ڳالهه ڪندس جن لاءِ پرسترونيڪا (نئين تشڪيل) شروع ڪئي وئي هئي. اهو نياڳ آهي جو هنن ۾ توهان جي پاليسي کي چڱي طرح سمجهڻ جي به صلاحيت ناهي ۽ هو ان تي ڀروسو به نٿا ڪن. پر ان تي عجب نه کائڻ گهرجي. هڪ ڏکي ڪڙڪ سردي کان پوءِ چميل دماغ ايترو جلد ڪم شروع ڪندا ناهن. هيءَ هڪ ڏکو ۽ اذيتي عمل آهي. پر آخرڪار سڀ نيڪ ٿي ويندو.“

”مان هڪ مخلص ڪئٿولڪ آهيان. هر آچر تي ديول وينڊو آهيان ۽ دعا ڪندو آهيان ته خدا اسان جي گناهن جي ڪري چڙي سچي دنيا ۾ ڪي سزا نه ڏئي. مون کي خبر آهي ته توهان خدا کي نٿا مڃو. پر پنهنجي ڪوشش سان توهان ثابت ڪيو آهي ته ڪيترن ئي (خدا جي) معجزن کي توهان ڪان گهٽو ڪجهه سگهو آهي. مان توهان کي پڌائڻ چاهيان ٿو ته هر آچر تي مان ۹ لڳي صبح کان وٺي ۱- لڳي ٻن پهرن تائين ديول/ گرجا گهر ۾ رهندو آهيان ۽ توهان ۽ توهان جي گهر وارن جي لاءِ دعا گهرندو آهيان.“ ●

هيٺيون خط ب. ٻوٻرو وواسڪي لکيو آهي جيڪو ڪيشينف ۾ اسڪول ۾ استاد آهي، جيڪو ”مولديويا“ جي جمهوريه ۾ آهي.

□

”اسان نوجوانن کي لينن جي عظيم مقصدن کي اڳتي وڌائڻو آهي، جيڪو اصل ۾ سوويت ماڻهن جو ئي مقصد آهي. توهان هڪ مهان ڪم ڪري رهيا آهيو. اسان کي گهرجي ته هن ڪم کي سسي فس (Sisy Phus) جي ڪم وانگر ناممڪن عمل نه بڻائي ڇڏيون. توهان انهن جي لهجي کان ناراض نه ٿيو. اصل ۾ مون کي ان ڳالهه تي ڏک پهتو آهي، ته ڪجهه ماڻهن کي پارٽيءَ جا تازا فيصلا سمجهه ۾ ئي نٿا اچن. هنن کي اها خبر ڪانهي ته توهان جو عوام سان ذاتي رابطو آهي. مون کي اهو چوڻو آهي ته مان انهن فيصلن ۽ عوامي رابطي کي سمجهان ٿو. آءٌ توهان جي پورهيتن سان ملاقات کي سٺو سمجهان ٿو ۽ هنن سان چٽي ۽ خلوص تي ٻڌل بحثن کي، جيڪي اسان جي مسئلن ۽ مشڪلاتن جي باري ۾ هوندا آهن، پسند ڪريان ٿو. پر منهنجي دلي خواهش آهي، ته ان بحثن جا ڦل دائڪ نتيجا به نڪرن. سڀ ماڻهو توهان جي ليننی طريقي (عوام ۾ ڪم

ڪريو) ڪي نه سمجهن ٿا ۽ نه ئي پسند ڪن ٿا، عوام جي لاءِ ڪم ڪريو ۽ عوام جي نالي ڪم ڪريو. مان ان موضوع تي ايترا دفعا بحث ڪندو آهيان، جو منهنجو نڙ گهٽ به سگهي ويندو آهي.

”گهٽا ماڻهو، منهنجو مطلب انهن ماڻهن سان آهي جيڪي ويهين صدي جي ٽئين، چوٿين ۽ پنجين ڏهاڪي ۾ پيدا ٿيا هئا، ذهني طرح سان جامد ٿي ويا آهن. ان لفظ کي استعمال ڪندي آءٌ ڏچان ڪونه ٿو. هنن مان ڪجهه ماڻهو ننڍا يا وڏا آفيسر بڻجي ويا آهن. ميڙن ۾ هو هميشه چوندا آهن ته ”هاڻو هي درست آهي.“ هو جوش ۾ اچي پنهنجي ڇاتي تي هٿ رکي ڇڏيندا آهن ڇڏڪ اهي سڀ ڳالهيون ڪين دل ۽ دماغ سان قبول اٿن. پر حقيقت ۾ هي سڀ ڪجهه ڇا آهي؟ نمائش، ڪوڙ. مون اهو ڇاڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته ائين ڇو آهي. هو ماڻهو اهڙي ماڻهو تي اعتبار ڇو نٿا ڪن جيڪو پنهنجي زندگي، صحت ۽ آرام جي خيال ڪرڻ ڪانسواءِ هر وقت اسان جي لاءِ ڪم ڪندو آهي. ڇا هو اهو سمجهن ٿا ته ڪروڙن جي قوم جنهن ۾ ڏهاڪن تائين سمهڻ جي عادت وڌي ويئي هئي. سجاڳ ڪرڻ ڪو سولو ڪم آهي؟ ڇا نواڻ کي اڳتي وڌائڻ سولو ڪم آهي؟ جڏهن ته ان لفظ کان ئي گهٽا ماڻهو اڇاڻ ٿي ويا آهن ۽ ان جي معنيٰ لاءِ به ڪين لغت جي ضرورت پوندي آهي؟ ڇا انهن سڀني ماڻهن کي هڪ ئي وقت چرپر ۾ آڻڻ ڪو سولو ڪم آهي.“

”مان ڪليل ذهن سان توهان سان اصولي معاملن تي ڳالهه ٻولهه ڪري رهيو آهيان. مان انهن سڀني نوجوان سوويت عوام جي طرفان ڳالهائي رهيو آهيان؛ جن کي اعليٰ تعليم ڏني وئي آهي.“ ●

هڪ خط جارجيا جي رهاڪو جي - وارڌنيان جو آهي.
ان ۾ لکيل آهي ته:

□

”تي سگهي ٿو ته توهان کي ياد هجي. جنهن زماني ۾ توهان استاوردپول جي علائقي ۾ ڪم ڪندا هئا. توهان اهڙن پورهيتن جي ڪانفرنس سڏائي هئي جن ”اگهه واڌو بونس“ (ريٽ پلس بونس) ۽ ”گڏيل ٺيڪي“ جي طريقن کي سڀ کان اڳ ۾ زرعي مشينري جي آپريٽرن ۾ رائج ڪيو هو. ان وقت مان ”ڪميونزم ڏانهن رستو“ نالي فارم تي اعليٰ معاشي ماهر جون ذميواريون پوريون ڪري رهيو هوس. اهو فارم ”اليڪزاندرو-وسڪي“ ضلعي ۾ هو. توهان مون سان گهڻي دير تائين ڳالهيون ڪيون هيون، اسان جي زندگي بابت ڪوڙ سارا سوال پڇيا هئا، ۽ اهو به پڇيو هو ته فارم تي ڪم ڪندڙن جو عام رويو ڇا آهي ۽ اسان جي ڪم جي باري ۾ پڇيو هو.

”ديس جي پرڏيهي پاليسي ۾ توهان جيڪي ڪم ڪيا آهن، ان سان منهنجي ۽ پين ايماندار ۽ مخلص ماڻهن جي همت وڌي وئي آهي. اهي اسان جي اميدن جي ترجماني ڪن ٿا، ۽ اسان جي اميدن سان مطابقت ۾ آهن. منهنجي لاءِ اها ڏک جي ڳالهه آهي ته سڀ ماڻهو توهان سان سهمت نه آهن. مان انهن کي الزام نٿو ڏيان. مان توهان سان کليل ڳالهيون ڪريان ٿو. ڇوته توهان سچ ڳالهائڻ کي پسند ڪريو ٿا. منهنجي خيال ۾ ان صورتحال جي ذميواري مقامي اڳواڻن تي عايد ٿئي ٿي. هي اڳواڻ پراڻن اڳواڻن جو هوبهو نقل آهن. هاڻي هنن کي ٺيڪ نٿو ڪري سگهجي. اسان چاهيون ٿا ته توهان ڪهڙين مشڪلاتن مان لنگهي رهيا آهيو. پر توهان کي اسان جي درخواست آهي ته توهان هڪ قدم به پوئتي نه هٽجو. هن موقعي تي پروگرام ۾ ڪابه تبديلي درست نه ٿيندي، ۽ ٿورو به هٽڻ شڪست جي برابر هوندو. سڄي قوم توهان جي ڪم مان خوش آهي ۽ توهان

جي مقرر ڪيل مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ قربانيون ڏيڻ لاءِ تيار آهي. بس رڳو اهي ڳالهيون توهان تائين پهچائڻ چاهيان ٿو." ●

آخر ۾ هڪ پيو خط آهي. هي لينن گراڊ جي زهاڪو عورت "ڪي - لاسلا" جي طرفان آيو آهي.

□

"اسان سڀني کي، جيڪي توهان جي مدد ڪري رهيا آهن. پراڻن ڏڪار جو ڳن ڪمن جي هر ڏيکاءُ خلاف وڙهڻو پوندو. جنهن ۾ ڳاڙهي پٽي (Red Tape)، بي ايماني، لڪير جو فقير هجڻ، چاپلوسي ۽ حاڪمن جو خوف به شامل آهي. اهو هاڻي هر ان ماڻهو جو فرض آهي جيڪو ماڻهن ڏانهن موٽڻ نٿو چاهي، ۽ هر ماڻهو جو فرض آهي ته پنهنجي جڳهه تي ائين ڪم ڪري، جيئن توهان ڪري رهيا آهيو ۽ ڪابه ڪسر نه ڇڏي. هر ماڻهو اهو ڏسي سگهي ٿو ته ڪيتري سگهه، وقت، اُتساهه ۽ سگهائي ان جبل جيڏي وڏي ۽ انساني همت کان گهڻو مٿانهين ڪم جي لاءِ گهربل آهي، جنهن جو بار توهان پنهنجن ڪلهن تي کنيو آهي. نئين اڏاوت هميشه ڏکيو ڪم هوندو آهي، پر اهڙي زمين تي ڪرڻ اڃا به ڏکيو هوندو آهي جتان مٿين مٽي هٽائڻي هجي. منهنجو خيال آهي ته توهان جو ڪم ڪجهه سولو ٿي ويندو، جيڪڏهن مان توهان کي ٻڌايان ته عام ماڻهن جي وڏي اڪثريت توهان سان گڏ ڪم ۾ شريڪ آهي. هو توهان سان محبت ڪن ٿا ۽ توهان هنن کي ڏاڍو پيارا آهيو." ●

ان قسم جي خطن مان حوالا اڻ ڳڻيا آهن، جن جي لاءِ هي ڪتاب به اڻپورو هوندو. ڪيترن خطن ۾ ماڻهو لکندا آهن ته نئين تشڪيل جو عمل ڪيئن شروع ٿيو آهي يا اڃا شروع ناهي ٿيو؟ فيڪٽري ۾، اجتماعي ٻني تي ۽ تعميري ڪم يا دفتر ۾، ان عمل

جو ذڪر آهي. هو ٻڌائين ٿا تہ هو ڪهڙي نموني ان ڪم ۾ شامل ٿيڻ جي لاءِ تياري ڪري رهيا آهن ۽ انهن خاص مشڪلاتن ۽ عام حالتن جي چنڊ ڇاڻ ڪن ٿا، جيڪي ان رستي تي ڪين منهن مقابل ٿي رهيون آهن.

اهڙا خط جن جو انگ لکن تائين آهي، ان ڳالهہ جو ثبوت آهن تہ پارٽي ۽ حڪومت جي اڳواڻن تي ماڻهن ڪي ڪيترو نہ اعتماد آهي. ائين معلوم ٿئي ٿو تہ ماڻهن ۾ خود اعتمادي اچي وئي آهي. اها خـود اعتمادي وڏي طاقت آهـي. هڪ املهہ خزانو آهي. جيڪا ڳالهہ انهن خطن مان پڌري آهي آها آهي ماڻهن جي سوچڻ جي آزادي. انهن جي اعليٰ سياسي تربيت. پنهنجي ضمير جي مطابق زندهہ رهڻ ۽ ڪم ڪرڻ جو جذبو آهي.

مقرر ساهين ڪان پوءِ پولٽ بيورو ۾ اسان انهن خطن جي مواد تي بحث ڪندا آهيون. ان سان ملڪ جي سرواڻن کي حالتن جي رفتار جو ڪاٿو ڪرڻ ۾ مدد ملي ٿي. پنهنجي چڱاين ۽ براين جو اندازو ٿيندو آهي، ۽ ڪم ۾ درستگي ڪرڻ يا بدلائڻ جو موقعو ملندو آهي، ۽ مسئلن جي حل ۾ جديد طريقن جو استعمال ممڪن بڻبو آهي. سڀني علائقن ۾ هڪ ڳالهہ مشترڪ آهي. هو پرسترونيڪا (نئين تشڪيل) جي، بنا ڪنهن ڪٽڪي ۽ دل ۽ دماغ سان حمايت ڪن ٿا. شديد ۽ تيز اعتراض بہ ان خواهش جـو اظهار ڪندا آهن تہ ان ڪم کـي اڳتي وڌايو وڃي. پوءِ بہ مٿي ڏنل حوالـن مان پڙهندڙن کي خبر پئجي وئي هوندي تہ پرسترونيڪا (نئين تشڪيل) جي باري ۾ اهي خدشا بہ آهن تہ ڪٿي ١٩٥٠ع ۽ ١٩٦٠ع جـي ڏهاڪن ۾ شروع ڪيل سڌارن وانگر هـي عمل بہ آهستي آهستي ڪمزور نہ ٿي پوي. عوام اسـان کـي تنبيهہ ڪري رهيو آهي تـہ اسان پوئتي نہ هٽون. هڪ قدم پوئتي هٽڻ بہ شڪست جـي برابر هوندو. اسان کي اڳتي وڌڻو آهي، ۽ زيـاده همت ۽ زياده مضبوط ارادي سان اڳتي وڌڻو آهي.

مختصر اهو تہ اسان کي نہ رڳو پنهنجي پاليسين ۾ عوام

جي رد عمل مطابق تبديليون ڪندو رهڻ گهرجي ۽ اهو خيال رکڻ گهرجي ته عوام جي ذهن ۾ ڪهڙا خيال آهن. اسان کي هنن جي رد عمل تي ڌيان ڏيڻ گهرجي، ته جيئن انهن ڪمن جي سٺن ۽ خراب نتيجن کي چڱي طرح سمجهي سگهجي. اسان کي هميشه عوام جي همت افزائي ڪرڻ گهرجي، ته جيئن هو پنهنجي سوچن، تجويزن ۽ نصيحت سان خبردار ڪندا رهن. ۽ اسان کي سڌو سنئون انهن سان ملي ڪري به انهنجي رد عمل کان واقفيت حاصل ڪرڻ گهرجي.

هاڻي ته هر شخص ان سان رلي ملي ويو آهي. شروع ۾ 'ڪجهه رحمدل' ماڻهو اهڙا جيڪي چوندا هئا ته ڪتي گورباچوف، کي عوام سان کلي طرح ملڻ سان ضرورت کان وڌيڪ آڪسيجن کيس بيمار نه ڪري وجهي/ڪتي ان عوامي ملاقاتن دوران ماڻهو اڻ وڻندڙ ڳالهه نه ڪري وجهن! اهڙي ڳالهه جنهن جو ڪريملن * ۾ ڪم ڪندڙن کي علم به نه هجي. ان ڳالهه تي گهڻا اعتراض ٿيا آهن ۽ اڃا به ٿين ٿا، ته ان قسم جون غير رسمي ملاقاتون ڪرڻ جو هڪ ئي مطلب آهي ۽ اهو آهي ماڻهن جي خوشنودي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش. منهنجي سوچ پنهنجي بلڪل ابتڙ آهي. جيڪي اشارا، تجويزون ۽ تنبيهون عوام سان روبرو گفتگو دوران ملنديون آهن انهن کان بهتر ڪا به شيءِ ڪانهي.

عام طرح سان عوام اهڙين ملاقاتن ۾ آهستي آهستي سچار ٿيندا پيا وڃن. اڳي ڪهڙي ويڌن هئي؟ جڏهن توهان ڪنهن کان سوال پڇندا هئا ته هو چپ رهندو هو، شايد شڪ جي سبب ڪري ۽ يا بد اعتمادي جي ڪري. ٿورو گهڻو ان ۾ سچ آهي ته هرو ڀرو جي تقرير بازي ۽ جلسي گيري به هوندي هئي. ائين چيو ويندو هو ته اهي ماسڪو وارا هتي ويٺا ڇا ٿا سمجهن؟ "فلاڻي شيءِ ڀلي آهي ۽ فلاڻي خراب." پر حالتن جي سڌاري لاءِ ڪجهه به رايا نه ڏنا ويندا هئا؛ پر هاڻي اهڙن جلسن ۾ هميشه ڪا نه ڪا فڪري ۽

---

* سوويت حڪومت ۽ پارٽيءَ جو هيڊ ڪوارٽر.

دلچسپ بحث شروع ٿي ويندو آهي. مزور ۽ هاري وڏيڪ پرامید ٿي ويا آهن، ڏاها ۽ پيشه ور ماهرين هاڻي حڪم ڏيڻ ۽ مطالبي واري انداز ۾ ڳالهه ڪرڻ لڳا آهن. پر لباڙي ماٺا ٿي ويا آهن، ۽ اهم ۽ هاڪاري بحث ۾ هرويرو مداخلت نه ڪندا آهن. جيڪڏهن اهڙي ڪوشش به ڪندا آهن، ته عوام کين پاڻ ئي چپ ڪرائي ڇڏيندو آهي. مان اڳ ۾ به هڪ دفعو انهن تاثرات جو ذڪر ڪري چڪو آهيان جيڪي مون ١٩٨٦ع جي اونهاري ۾ ڪراسنودار جي آڪٽوبر چوڪ ۾ ٿيل جلسي ۾ محسوس ڪيا هئا، ڪيڏي نه پر مغز ڳالهه ٻولهه هئي. ماڻهن الائجي ڪهڙا ڪهڙا مسئلا پيش ڪيا. هنن کي مرڪزي ڪميٽي جي پاليسيءَ جي حمايت ڪندي ڏسي مونکي واقعي خوشي ٿي هئي. تڏهن مونکي معلوم ٿيو ته ماڻهن جي دلين ۾ ڪيتري ڪاوڙ ۽ ڪيتريون شڪايتون آهن ۽ هو ڪيترا رايا ۽ سفارشون پنهنجي اڳواڻن تائين پهچائڻ چاهين ٿا.

مان هتي "ڪيوبان" * ۾ تقرير ڪرڻ نه پئي چاهيان. مان ته هوڏانهن رڳو ان ڪري ويس ته جيئن پنهنجي اکين سان حالتون ڏسان ته اتي ڇا وهي واپري رهيو آهي، قومي اهميت جو معاشي پروگرام جيڪو شروع ڪيو ويو هو، ڪيئن هلي رهيو آهي. آءٌ عجب ۾ پئجي ويس، هڪ سڄي ضلعي ۾ پورهئي جي ادارن پنهنجا خرچ پاڻ پورا ڪرڻ ۽ پنهنجيون ادائگيون پاڻ ڪرڻ جي اصولن تي ڪم شروع ڪري ڏنو هو. ڪيترا پيرا مزدورن سان ڳالهه ٻولهه ٿي ۽ پوءِ مون محسوس ڪيو ته مونکي عوام آڏو تقرير ڪرڻ گهرجي. جيڪو ڪجهه هتي مون ڇيو هو اهو ملڪ جي پين علائقن لاءِ به ڦل دائڪ ثابت ٿيو هو. ڇو ته اهي اهڙيون ڳالهيون هيون جيڪي زندگي جي حقيقتن مان نسريون هيون. عوام سان مشورا

---

* هي اتر ڪاڪشيا جو اولهندو حصو آهي، جتي گهڻي آبادي انهن قزاقن جو اولاد آهي، جن کي ڪجهه صديون اڳ هتي آڻي آباد ڪيو ويو هو.

۽ ملاقاتون نهايت ضروري آهن. رڳو حڪم جاري ڪرڻ سان ڪجهه ورندو ناهي.

نئين تشڪيل تي عمل ڪرڻ سان جيڪو تجربو حاصل ٿيو، ان سان هڪ دفعو وري لينن جي ان سوچ جي تصديق ٿئي ٿي ته انقلاب عوام جي لاءِ سياسي تعليم ۽ روشن خيالي جا عظيم ۽ اثرائتا مدرسا ثابت ٿيندا آهن. نئين تشڪيل هڪ انقلاب آهي ۽ سڀ کان وڌيڪ پرامن ۽ جمهوري انقلاب. جمهوري عمل جي اندر رهندي اسان غلط موقفن کي سڌاريندا سين جن سان هر پيري واسطو پئي ٿو، ۽ آئنده به پوندو. بلڪ ائين به ٿي سگهي ٿو ته بلڪل چٽي مخالفت به ٿئي، اسان وٽ آبادي جا اهڙا وڏا ٽولا ناهن، جن جا ڏگهي عرصي وارا مفاد نئين تشڪيل جي ٽڪر ۾ هجن. جمهوريت لاڳو ڪرڻ ۾ جيڪي ڏکيائيون اسان کي پيش اچي رهيون آهن، گهڻو ڪري اسان جون پنهنجون پيدا ڪيل آهن، اسان سڀ پنهنجي دؤر جي پيداوار آهيون. شين ۽ عادتن جو هڪ خاص تصور هو. تنهنڪري اسان چئون ٿا ته اسان سڀني کي پنهنجو پاڻ کي تبديل ڪرڻو پوندو. انهن کي به جيڪي پولٽ بيورو حڪومت ۽ سرواٽي جي بين اعليٰ ادارن ۾ ڪم ڪري رهيا آهن. ڪجهه ماڻهو اهو ڪم ترت ۽ سولائي سان ڪري وٺندا آهن ۽ ٻين کي ڏکيو لڳندو آهي. هو رٽائر ٿيڻ چاهين ٿا يا ڪنهن پئي هنڌ بدلي. ماڻهو پنهنجي بي‌حسي ڇڏي رهيا آهن. هاڻي هو سماجي زندگي ۾ مڪمل طرح حصو وٺي رهيا آهن، ان جو اظهار ڪيترن طريقن سان ٿيندو آهي. ڪيترا ماڻهو جلسن ۾ تيز ۽ تکيون تقريرون ڪندا آهن. پيا وڏن وڏن ميڙن جو انتظام ڪندا آهن. جمهوري عمل هيٺين سطح تي اهڙين سرگرمين جي امڪانن کي بند ٿئو ڪري، اسان ان منزل کان گهڻو اڳتي نڪري آيا آهيون، جيئن اهڙين سرگرمين جي ڪڙي حڪومت کان دٻ ٿيندو هو، يا سرڪاري طرح منع جو خطرو هو.

اسان وٽ بحث مباحثن جي لاءِ اڃا تائين مناسب اخلاقي ضابطو نه جوڙيو ويو آهي. گهڻا پيرا ائين ٿيندو آهي ته (اسٽيج)

پوڊيم تي وينل ڪو ماڻهو ڪنهن مقرر جي تقرير ۾ مداخلت ڪرڻ لڳندو آهي. ۽ ڪجهه ماڻهو پنهنجن مضمونن ۽ مقالن ۾ پين ڪان بدلو وٺڻ جي ڪوشش به ڪندا آهن. يا انهن تي مختلف قسم جا چڙ ڏياريندڙ ليبل چنبڙائي ڇڏيندا آهن. پر هي ڳالهه آهستي آهستي ڦهلجي رهي آهي، ته جمهوريت ۾ نوڪر شاهي پاران سماجي زندگي تي ضرورت کان وڌيڪ پابنديون لڳائڻ جمهوري روايتن جي ابتڙ آهن. بهرحال ڪوبه خود دار سماج بي انتظامي (Anarchy) جي اجازت نٿو ڏيئي سگهي، جتي جنهن کي وڻي سو ڪري ۽ سماج ۾ نظم ۽ ضبط ماڳهين هجي ئي نه. يقيناً اسان ائين نٿا ڪري سگهون. جمهوريت ۾ ضابطو هجڻ ضروري آهي. ۽ قانون تي سختي سان عمل ڪرڻ انتظاميه ۽ ادارن لاءِ به ايترو ئي ضروري آهي جيترو سيني شهرين لاءِ.

صاف گوئي يا سچ ڳالهائڻ جي روشني اچا وڌي!

هي نئون ماحول سڀ کان وڌيڪ صاف گوئي (Glasnost) يا سچ ڳالهائڻ ۾ ظاهر ٿئي ٿو. اسان زندگيءَ جي هر شعبي ۾، سرڪاري معاملن ۾ وڌيڪ صاف گوئي چاهيون ٿا. ماڻهن کي به معلوم هجڻ گهرجي ته سٺو ڇا آهي ۽ خراب ڇا آهي، ته جيئن هو سٺي کي اڳتي وڌائي سگهن ۽ خراب کي ختم ڪن. سوشلزم ته ائين ئي ٿيڻ گهرجي.

سيني هاڪاري ۽ تعميري شين کي ڄاڻڻ نهايت ضروري آهي ته جيئن ان کي ڪتب آڻي سگهجي. انهن کي عوام جي لاءِ قل دائڪ بڻائي سگهجي، انهن کي پارٽيءَ جي لاءِ ڪارائتو بڻائي سگهجي ته جيئن نون روين جون شاخون نئين تشڪيل جي عمل ۾ لڳائي سگهون.

سڀ کان اهم شيءِ سچائي آهي. لينن چيو هو. اسان کي اچا وڌيڪ روشني گهرجي. پارٽي کي هر شيءِ جي خبر هجڻ گهرجي. اونداهين ڪنڊن کي ختم ڪرڻ جي جيتري ضرورت اڄ

آهي، اڳتي ڪڏهن به نه هئي. اهڙين اونداهي ڪنڊن ۾ وري ناسور جنم ورتندو. ۽ هر اها شيءِ جنهن خلاف اسان پرعزم جدوجهد ڪئي آهي، اها وري ڏيک ڏيڻ شروع ٿيندي تنهن ڪري اسان کي وڌيڪ روشني جي ضرورت آهي.

اڄ صاف گوئي جي ڪري سماج ۾ خاطري واري روحاني ۽ اخلاقي ماحول جو پيدا ٿيڻ ان جي ڪاميابي جو دليل آهي. ان جي ڪري ماڻهن جي لاءِ اهو ممڪن ٿي ويو آهي، ته هو ماضيءَ جي واقعن کي چڱي طرح سمجهن. اڄڪلهه ڇا ٿي رهيو آهي؟ اسان ڇا لاءِ ڪوشش ڪري رهيا آهيون، ۽ اسان جا منصوبا ڇا آهن. انهن سڀني ڳالهين کي سمجهڻ کان پوءِ ماڻهن ۾ نئين تشڪيل جي ڪاروڙ ۾ حصو وٺڻ جي لاءِ آمادگي پيدا ٿيندي ۽ هو سوچي سمجهي ان عمل ۾ شامل هوندا.

سماج جي ماحول ۾ جمهوريت جو زمانو آهي ۽ سماجي ۽ معاشي تبديليون وڌيڪ تيز ۽ وڌيڪ اثرائتيون ٿينديون وڃن ٿيون. ۽ ان جو سبب سچائي، صاف گوئي جي ڏينهون ڏينهن اوسر آهي. اهو چوڻ جي ضرورت ناهي ته ان عمل جو بنياد پارٽي جي پاليسي آهي. پر جيستائين سياسي طريقي تي هن ريت عمل نه ٿيندو ته عوام به ان کي سمجهي سگهن، تيستائين حالتن ۾ تبديلي شروع نه ٿيندي. عوام جي لاءِ زندگي کي ان جي سڀني تضادن ۽ پيچيدگين سميت سمجهڻ ضروري آهي، پورهيت عوام کي اسان جي ڪاميابين ۽ مشڪلاتن جي باري ۾ مڪمل ۽ سچا اطلاع پهچائڻ گهرجن ته ڪجهڙيون شيون ترقيءَ جي رستي ۾ رڪاوٽ آهن.

مرڪزي ڪميٽي پرچار جي ذريعن جي، نئين تشڪيل ۾ خدمتن جو قدر ڪري ٿي. ڇو؟ ڇو ته سڀني صوبن جو دارو مدار عوام تي آهي. عوام ئي ان جدوجهد جو سرواڻ دستو آهن ۽ نئين تشڪيل جو عمل عوام جي ذريعي ئي اڳتي وڌي ٿو. تنهن ڪري هنن جي سوچ، اعليٰ فرض جو احساس ۽ انهن جي حمايت فيصلو ڪندڙ اهميت رکي ٿي.

اسانجي سوشلسٽ سماج جي لاءِ جيڪو مضبوط ارادي، سان جمهوريت جي نواڻ جي رستي تي هلي رهيو آهي، هر شهري جي هر مزور، هر ڳڏيل هاري، هر سائنسدان ۽ هر پيشه ور ماهر جي باعمل شموليت نهايت اهم آهي. انهن تي اسانجي منصوبن تي بحث ڪرڻ ۽ عمل ڪرڻ، ٻنهي جي ذميواري عائد ٿئي ٿي. هن ڪم ۾ پرچار جا ذريعا اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن ۽ آئينده به ڪندا رهندا. عوام جي ارادن، خيالن ۽ مزاج جو اظهار رڳو پرچار جي ذريعي نٿو ٿئي، پر پرچار جا ذريعا سچ ڳالهائڻ جي لاءِ هڪ تمام وڏو عوامي پليٽ فارم به فراهم ڪندا آهن. پارٽي چاهي ٿي ته هر شهري ان ذريعي پنهنجي راءِ ڪي اعتماد سان پڌرو ڪري، شهرين جي آواز کي نه رڳو مباحثن جو ترجمان هجڻ گهرجي، جيڪي سڄي ديس ۾ ٿي رهيا آهن، پر انهن فيصلن جي سگهه تي جمهوري ضابطي جو ضامن هجڻ گهرجي ۽ اهو به ته فيصلا عوام جي مفادن ۽ ضرورتن جي مطابق هجڻ گهرجن. ۽ ان کان اڳتي اهو ته فيصلن تي عوام جو ئي ضابطو هجڻ گهرجي.

جمهوريت جو عمل نه رڳو ڇپجندڙ اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن مان ظاهر ٿئي ٿو، پر هاڻي ته هي عمل پرچار جي ذريعن کي متاثر ڪري رهيو آهي. آهستي آهستي جيئن برف پگهرجندي آهي. اسان جا رسالا، اخبارون، ريڊيو ۽ ٽيليويزن نوان موضوع کولي ان تي ڪم ڪري رهيا آهن. ديس ۾ عام طرح سان موجود نواڻ جي هڪ علامت اها آهي ته اسان جي پريس ۾ هڪ طرفي ڳالهه بدران ڳالهه ٻولهه کي فوقيت ڏني وڃي. ڊيل ڊڪيل رپوٽن بدران هاڻي انٽرويو ڇاپيا وڃن ٿا. گفتگو ٿيندي آهي. ”گول ميز“ مباحثا ٿيندا آهن. ان کان سواءِ پڙهندڙن جي خطن تي تبصرو ٿيندو آهي. اهو درست آهي ته اڃا ڪتي ڪتي ليکڪن جي تعداد کي تن کان پنجن جي تعداد تائين محدود رکيو ويندو آهي. پر اهو رڳو پيشيوارانو هٿ آهي. مختلف ليکڪن کي شامل ڪرڻ سان وڏو فائدو ٿيندو آهي ڇو ته ان سان سيني شهرين کي پنهنجي سوچ پڌري ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي. ۽

سوشلسٽ اختلاف راءِ ڪي هر اخبار ۽ رسالي ۾ چڱي طرح ڇاپي سگهجي ٿو. يقيناً اها سٺي ڳالهه آهي ته هڪ پيشيور ليکڪ پنهنجو موقف بيان ڪري. پر ان ڪان وڌيڪ دلچسپ ڳالهه اها آهي ته مزورن، پارٽي جي ضلعي سيڪريٽرين، اجتماعي فارمن جي چيئرمينن، سائنسدانن ۽ ثقافتي شخصيتن سان ڳالهه ٻولهه ۽ انٽرويو پڙهيا وڃن انهن ماڻهن مان زنده ۽ تازيون سوچون عطا ٿي سگهن ٿيون. يا خطن کي وٺي ڪيترا نه دلچسپ دستاويز آهن. پڙهندڙ ڪيترو متاثر ٿئي ٿو.

بهرحال، هر ماڻهو نواڻ کي پسند نٿو ڪري. اها ڳالهه انهن ماڻهن لاءِ وڌيڪ درست آهي، جيڪي سچ ڳالهائڻ ۽ عوامي تنقيد جي حالتن ۾ رهڻ ۽ ڪم ڪرڻ جا عادي ناهن ۽ هو پاڻ سچ ڳالهائي نٿا سگهن ۽ تنقيد ڪري نٿا سگهن ۽ هو ڪرڻ ڏي نٿا چاهين. هي ئي آهي ماڻهو آهن جيڪي اسان جي پرچار جي وسيلن کان مطمعن ناهن ۽ اهو به مطالبو ڪن ٿا ته سچ ڳالهائڻ کي توري تڪي استعمال ڪرڻ گهرجي ۽ ان تي پابندي هجڻ گهرجي.

اسان اهڙن مباحثن کي ناڪاري نٿا سمجهون، جنهن ۾ ان ڳالهه جي حق ۾ يا ان جي ابتڙ دليل ڏنا ويندا آهن ته اسان وٽ تنقيد ضرورت کان وڌيڪ ته ناهي. يا اسان کي سچ ڳالهائڻ جي ڪيتري ضرورت آهي. ڇا جمهوريت جي وڌيڪ ڦهلاءَ سان اڻ وڻندڙ نتيجا نڪري سگهن ٿا. اهي مباحثا هڪ حد تائين اسان جي سماج جي مضبوطي جي باري ۾ اسان جي عوام جي خير خواهي کي ظاهر ڪن ٿا. ٿي سگهي ٿو ته تقرير جي گوڙ ۾ جمهوريت ۽ سچ ڳالهائڻ دٻجي وڃن ۽ ان جي معنيٰ کي بگاڙيو وڃي. ڇو ته اهڙا ماڻهو به موجود آهن جيڪي زبان جي حد تائين نون خيالن ۽ ڪم جي نون طريقن کي سؤ سيڪڙو قبول ڪن ٿا، پر جڏهن عمل جو وقت ايندو آهي ته هو گهڻيون شرطون لڳائيندا آهن ۽ مختلف بهانا ڪندا آهن، ته جيئن ڪين ڪجهه به نه ڪرڻو پئي، انهن تي ڪا ذميواري نه اچي پوي، ڪين تبديل نه ٿيڻو پئي، ته جيئن ڪنهن نه ڪنهن

طرح جمهوريت جي واڌ، تنقيد ۽ سچ ڳالهائڻ کان بچي وڃن.

هاڻي اهو سوال ناهي رهيو ته ڇا سوويت يونين جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي مرڪزي ڪميٽي پريس ۽ ٻين پرچاري وسيلن تان سچ ڳالهائڻ جي پاليسي جاري رکندي يا نه. يا شهري ان عمل ۾ مڪمل طرح مدد ڪندا يا نه. حقيقت هي آهي ته کليل پڌي سچ ڳالهائڻ جي اسان کي ايتري ضرورت آهي جيتري هوا جي. اسان ان کان سواءِ زنده نٿا رهي سگهون.

مان زور ڏيئي چوندس ته سچائي کي ڦهلائڻ ۽ تنقيد ۽ خود تنقيد کي اڳتي وڌائڻ اسان جي پارٽي جي لاءِ هڪ اهم اصول آهي. اسان جمهوريت سان ٻيو ڪجهه نٿا ڪرڻ چاهيون. اسان سچ ڳالهائڻ جي پاليسي ذريعي انهن گهڻين سوچن ۽ راين جو هڪ ذخيرو جمع ڪنداسين، جن مان سوويت سماج جي مختلف طبقن جي مفادن جي نمائندگي ٿيندي آهي. مختلف پيشن ۽ ڪمن ۾ حصو وٺندڙن جي مفادن جي خبر پئي ٿي. اهو چاهڻ ڪانسواءِ ته اسانجي پاليسي جي تنقيد سان ان پاليسي تي ڇا اثر پئي ٿو، خاص طرح سان هيٺين سطحن جي طرفان ايندڙ تنقيد سان، ته اسان اڳتي نه وڌي سگهنداسين، جيڪڏهن اسان منفي/ناڪاري لاڙن جي خلاف نه وڙهنداسين، انهن کي نه روڪينداسين ۽ هيٺيان کان ايندڙ اطلاعن تي اسانجو رد عمل ڪوبه نه هوندو ته اسان ترقي نه ڪري سگهنداسين. انهن سڀني شين کان سواءِ مان جمهوريت جو تصور به نٿو ڪري سگهان.

ان جي ابتڙ، نئين تشڪيل ۽ جمهوريت جي ڦهلاءُ واري ماحول ۾ تنقيد جو معيار ۽ مزاج تبديل ٿي رهيو آهي. تنقيد سڀ کان اڳ ۾ هڪ ذميواري آهي ۽ جيترو وڌيڪ تنقيد هوندي، اوترئي وڌيڪ اها ذميوارانه هوندي. ڪنهن سماجي موضوع تي لکيل هڪ مقالو رڳو هڪ ماڻهو جي ذاتي خيالن جي پڌرائي ناهي. رڳو هن جي ذهني سونجهارن ۽ خواهشن جو پرتو ناهي. پر هڪ سماجي اهميت جو معاملو آهي، جمهوريت جي ڦهلجڻ سان تنقيد ڪندڙن ۽ تنقيد سهندڙن جي لاڳاپن ۾ سگهيون تبديليون ٿي رهيون آهن.

اهي لاڳاپا پائيواري جا آهن، جن جو بنياد پنهي جي مفادن تي رکيل آهي. اهڙن معاملن ۾ پنهي جي وچ ۾ ڳالهه ٻولهه ئي مناسب ٿي سگهي ٿي. ميز تي ويهي مشفقانه تقريرون ڪرڻ ۽ سبق پڙهائڻ ۽ خاص طرح سان عدالتي نموني ۾ حڪم ڏيڻ، اهو هائي نتو هلي سگهي. اهو پويون رويو سڻ ۽ عزت لائق ليکڪن جي مضمونن ۾ به ملي ٿو. ڪنهن ماڻهو کي به آخري فيصلي ٻڌائڻ جو حق نٿو سمجهان.

هڪ ڳالهه بلڪل پڌري آهي: تنقيد جو بنياد هميشه سچائي تي هجڻ گهرجي. ان جو دارو مدار لکندڙ ۽ ايڊيٽر جي ضمير تي ۽ انهن جي عوام جي سامهون ذميوار هجڻ جي احساس تي آهي.

پريس کي پاڻ وڌيڪ اثرائتو هجڻ گهرجي. ڪيس لوفرن، نفعي خورن، موقعي پرستن، تنقيد کي چيپاتيندڙن ۽ هرو ڀرو جي معتبرن کي معاف نه ڪرڻ گهرجي. پريس به ضرور ائين ڪندي.

مان ان ڳالهه تي زور ڏيڻ چاهيان ٿو ته پريس کي گهرجي ته عوام کي گڏ ڪري ڪم جي لاءِ هڪ مٺ ڪري نه ڪي هنن ۾ قوت وجهي ۽ ناراضگي پيدا ڪري، يا هنن ۾ بي اعتمادي پيدا ڪري. معاشري کي نئون بڻائڻ جي معنيٰ اها به آهي ته انسان جي وقار، ان جي عظمت ۽ احترام کي مٿانهون بڻايو وڃي. تنقيد تڏهن ئي نئين تشڪيل جو هڪ اثرائتو ذريعو بڻجي سگهي ٿي، جيڪڏهن ان جو بنياد مڪمل سچائي ۽ انصاف جي لاءِ سندس نهايت ايماندارانه ڪوشش تي هجي.

اسان جي پريس جي روايت آهي ته هو سوشلزم جي بنيادي قدرن (Values) جو هميشه سات ڏيندي آهي. ڪوبه سچو واقعو پليي اهو اڄ جو اهم مسئلو هجي يا ماضيءَ جو ناخوشگوار واقعو، پريس جي چند چاڻ جو موضوع بڻجي سگهي ٿو. اهم ڳالهه هي آهي ته توهان ڪهڙن قلندرن جي حفاظت ڪريو ٿا. ڇا عوام جي آئيندي جي باري ۾ توهان پنهنجي ذميواري محسوس ۽ پوري ڪريو ٿا. اهائي سڀ کان ضروري ڳالهه آهي، ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي

ته ڪو ليڪڪ ڪا عجب ۾ وجهندڙ حقيقت ڳولي ٿو جنهن جو تعلق روزانو جي مسئلن سان هوندو آهي ۽ هو ان کي اخبار ۾ ڇپائي ڇڏيندو آهي ۽ پوءِ ان جي چوڌاري ڇٽڪ نچڻ لڳي ٿو. هو پنهنجي خيالن ۽ پنهنجي پسند کي پين تي مڙهڻ چاهي ٿو. منهنجي راءِ ۾ ڪنهن به ايماندارانه چٽي ڳالهه ٻولهه کي پلي هو شڪ ڏي پيدا چونه ڪري، پليڪار چوڻ گهرجي، پر جيڪڏهن توهان ڪنهن ٻئي جي پوشاڪ اسان جي مٿان مڙهڻ چاهيو ٿا ته پوءِ احتياط ڪان ڪم وٺو. ۽ ائين نه ڪريو. سچ ڳالهائڻ جو مقصد اسان جي سماج کي مضبوط بڻائڻ آهي، ۽ اسان وٽ چوڻ لاءِ گهڻيون ئي مثبت ڳالهيون آهن. رڳو اهي ماڻهو ان ۾ شڪ ڪري سگهن ٿا جن کي سوشلسٽ جمهوريت ۽ اسان جي طرفان ذميواري کڻڻ جا مطالبا هنن جي ذاتي خواهشن کي پورو ڪرڻ کان روڪي رکن ٿا. اهڙيون خواهشون جن جو عوام جي مفادن سان ڪو به تعلق ناهي.

ان تنبيهه جو مطلب اهو نه ورتو وڃي ته اسان تنقيد تي پابندي هڻي رهيا آهيون يا پيهر اڌ سچائي تي گذارو ڪرڻ چاهيون ٿا، ۽ تنقيدي تجزين کان هٽ ڪٽي رهيا آهيون. سوشلسٽ جمهوريت کي وڌيڪ اثرائتو بنائڻ لاءِ ۽ عوام جي سياست پختگي کي وڌائڻ لاءِ پرچار جي ذريعن جي وڌ ۾ وڌ ضرورت آهي ته جيئن عوامي ۽ سرڪاري مسئلن تي بحث ڪيو وڃي. ڪم ۾ وڌ کان وڌ ضابطو هجي. قانون جو احترام ڪيو وڃي. سماج ۾ امن امان هجي. زياده ذميواري جي لاءِ سرگرم جدوجهد ڪئي وڃي. سوويت زندگي جي نموني جي سماجي اصولن ۽ اخلاقي قدرن جي ابتڙاين خلاف جدوجهد ڪئي وڃي. اسان ان سموري ڪم کي ائين منظم ڪرڻ چاهيون ٿا جو، پرچار جا ذريعا هڪ آزاد، ڳنڍيل ۽ لچڪيدار قومي طاقت جي طور تي ڪم ڪري سگهن. انهن کي ان لائق به هجڻ گهرجي جو هو نسبتاً عارضي اهميت جي واقعن ۽ مسئلن سان ترت منهن ڏيئي سگهن. کليل پڌو، صاف بياني، تنقيد ۽ خود تنقيدي ڪا نئين تخليق ڪونهي، انهن کي سوويت زندگي ۾ قدرن جي حيثيت

حاصل ھجڻ گھرجي. ان ڪانسواءِ ڪا حقيقي تبديلي ممڪن ناھي. جيڪڏھن ڪليل پڌو ناھي تہ جمھوريت بہ نٿي ٿي سگھي، ۽ اڄ جي دؤر ۾ جمھوريت ناھي تہ پوءِ اڄ جو سوشلزم بہ نٿو ٿي سگھي.

اھڙا بہ آفيسر آھن؛ جن کي پرچار جي ذريعن کان تنقيد ٿيڻ تي ڏک پھچندو آھي، ۽ جيڪي مضمونن ۽ نشريات کي ذاتي ڪنڊ کان ڏسن ٿا، انھن جي ذاتي پسند، ماضي جو تجربو ۽ سماج جي مفادن جي غلط تشريح ۽ وضاحت ئي ھنن لاءِ چڱي مٺي جو معيار آھن. ھي ماڻھو اڄ جي سوشلسٽ سماج ۾ پريس جي ڪردار کي بلڪل نٿا سمجھي سگھن. ڪڏھن ھو مٿن تنقيد ڪندڙن کي خوف ڏيارڻ جي ڪوشش ڪندا آھن تہ ھنن جي مضمونن جي ڪري اولھہ جي ملڪن ۾ نقصانڪار رد عمل ٿيندو. سندن چوڻ آھي تہ اولھندي جا ملڪ اسان جي خود تنقيدي ۾ ان ڪري دلچسپي وٺن ٿا تہ جيئن ان کي اسان جي خلاف استعمال ڪن، ۽ ان طرح اسان جي سوشلسٽ طريقي کي غلط ثابت ڪن. مان پين جي باري ۾ تہ پڪ سان ڪجھہ نٿو چئي سگھان پر آءٌ پاڻ تنقيد کان نہ ڊڄندو آھيان. پنھنجي تجربي تي تنقيدي نظر وجھڻ ڪمزوري جي نہ پر قوت جي اھڃاڻ آھي، ۽ اھو طريقو سوشلسٽ نظرين جي عين مطابق آھي.

ھڪ ٻيو طريقو بہ آھي جنھن سان تنقيد کي دٻائي سگھجي ٿو يا ان کان بچي سگھجي ٿو. ان کي ”خاموش“ طريقو چئي سگھجي ٿو. آفيسر ماڻھن جي سامھون تہ تنقيد سان متفق ٿين ٿا ۽ ظاھري طرح ان جو داد بہ ڏين ٿا ۽ اثرائتي قدمن کڻڻ جو واعدو بہ ڪن ٿا پر ھو عملي نتيجا حاصل ڪرڻ ۾ بلڪل دلچسپي نٿا وٺن. ھو رڳو ان اميد تي زندھہ آھن تہ اھي سڀ ڳالھيون آھن ۽ ”واريءَ ۾ دفن ٿي ويندو“ ۽ سندن ڳناھن جو ٻيھر ذڪر نہ ڪيو ويندو. اھڙن ماڻھن جي لاءِ مناسب اھو آھي تہ ھاڻي پنھنجي ڪيتي تي شرمندگي محسوس ڪن ۽ پوءِ ڪين موقعو بہ ڏنو ويندو.

جيڪو ڪجھہ مون جنوري جي مڪمل ميڙ ۾ چيو ھو،

اهو ورجايان ٿو، ”ڪنهن شخص جي تنقيد ڏانهن رويي مان نئين تشڪيل ڏانهن سندس رويي جو اندازو ٿيندو آهي. بلڪ هر نئين شيءِ جي باري ۾ جيڪا اسان جي ديس ۾ ٿي رهي آهي.“

اسان هر ممڪن ڪوشش ڪنداسين ته ڪنهن کي به تنقيد کي دٻائڻ يا تنقيد ڪان ڪن ٽار ڪرڻ ڪان روڪيون. تنقيد هڪ ڪَوڙي دوا آهي پر سماج جي بچڙاين کي ختم ڪرڻ لاءِ ان جي سخت ضرورت آهي. ڪَوڙي دوا پيئڻ وقت اسان ٿورو منهن خراب ڪندا آهيون پر ان کي پي ويندا آهيون. جيڪي ماڻهو سمجهن ٿا ته تنقيد جي دوا جا وزن ساهين ڪان پوءِ ڏيندو رهڻ گهرجي اهي غلطي تي آهن. جيڪي ماڻهو سمجهن ٿا ته جمود کي مڪمل طرح ختم ڪيو ويو آهي ۽ هاڻي آرام سان ويهڻ گهرجي، اهي به غلطي تي آهن. تنقيد ۾ سستي ۽ ڪاهلي ڪئي وئي ته ان سان يقيناً نئين تشڪيل جي ڪم کي نقصان ٿيندو.

پرسترُوئيڪا (نئين تشڪيل) ۽ پڙهيل لکيل ماڻهو

پڙهيل لکيل ماڻهن نئين تشڪيل جي پر زور نموني حمايت ڪئي آهي. آءٌ ٿوري دير جي لاءِ موضوع ڪان هٽي ڳالهه ٿو ڪريان. پڙهيل لکيل ماڻهو سوشلسٽ قدرن سان ڏاڍو چاهه رکن ٿا ۽ هو سوويت سماج جو زندهه حصو آهن. منجهن گهرو وطن دوستي جو احساس موجود آهي، انهن ماڻهن جو وجود اسان جي بي مثال ڪاميابين مان آهي. اهي ماڻهو اسان جو املهه روحاني ناڻو آهن. انهن ماڻهن جي تاريخ اڏيتن سان ڀريل آهي. گهڻن دانشورن، جن ۾ جمهوري ذهن جا ماڻهو به شامل هئا. زار شاهي تي تنقيد ڪئي هئي بلڪ ان جي خلاف وڙهيا به هئا، پر انقلاب کي ڏسي هو ڊڄي ويا هئا ۽ سفيد روسين جي ملڪ مان هجرت * جي وهڪري

* سفيد روسين جي لڏ پلاڻ: گهڻا ماڻهو جيڪي ۱۹۱۷ع جي آڪٽوبر انقلاب ڪانپوءِ ۽ گهرو لڙائي (۱۹۱۸ع ڪان ۱۹۲۲ع

ڏسو صفحو ۱۳۳

۾ وهي هو به ملڪ کان ٻاهر هليا ويا، ۽ هنن پنهنجي ذهني صلاحيتن ۽ پنهنجي علم کي ٻين قومن جي حوالي ڪري ڇڏيو ان سان اسان جي نئين سوويت سماج کي عظيم نقصان پهتو.

پڙهيل لکيل ماڻهن کي، جن ۾ بالشيوڪ پارٽي جا ڏاها به پڻ شامل هئا، گهڻين تڪليفن جو منهن ڏسڻو پيو. گهڻا دفعا هنن پوري نه ٿيڻ جوڳا نقصان سٺا. اُن جو سبب سوشلسٽ قانونن جي خلاف ورزي ۽ ۱۹۳۰ع جي زماني جو ڏاڍ هو. اهو پڻ ملڪ جي ذهني ۽ رُوحاني سرمائي جو نقصان هو. بهرحال سوويت پڙهيل لکيل ماڻهن جي اوسر ٿيندي رهي ۽ هو پنهنجو فرض نڀائيندا رهيا. هو سوشلزم جي ترقي جي اڳواڻ قانونن ۽ انهن جي بنيادي ضرورتن کي پنهنجي لکڻين ۾ ظاهر ڪندا رهيا. لينن جي اڳواڻي ۾ ٿيل ثقافتي انقلاب * اسان جي اڻ پڙهيل ملڪ کي آخرڪار دنيا جي سڀ کان وڏيڪ پڙهيل ملڪن ۾ شامل ڪري ڇڏيو.

پر جمود جي زماني ۾ هڪ متضاد صورتحال پيدا ٿي پئي هئي: اسان جو سماج پنهنجي عظيم ثقافتي ۽ تخليقي ناٽي کي مڪمل طرح ڪتب نه پئي آڻي سگهيو. سبب اهو هو ته جمهوريت جي ترقي کي هتراڌو طرح سان روڪيو ويو. گهڻيون بندشون لڳايون ويون. تخليقي رستن جو خوف ذهنن تي مڙهيو ويو. جنهن جا ڏاڍا خراب نتيجا نڪتا.

تائين) دوران روس کان ٻاهر هليا ويا هئا. انهن مان گهڻن گهرو ويڙهه دوران سوويت حڪومت خلاف ويڙهه ڪئي. هو انهن خلاف ڳجهيون سرگرميون به ڪندا رهيا. ان ڪانپوءِ لڏ پلاڻ ڪندڙن سوويت شهريت اختيار ڪئي ۽ وطن واپس اچي ويا.

* ثقافتي انقلاب: ۱۹۲۰-۱۹۳۰ع جي ڏهاڪن دوران سوويت يونين ۾ جهالت کي ختم ڪيو ويو. عوام جي وڏي اڪثريت نئين سيپتا کي اختيار ڪيو.

مونکي جون ۱۹۸٦ع جي هڪ گڏجاڻي ياد اچي رهي آهي. اها گڏجاڻي سوويت يونين جي ڪميونسٽ پارٽي جي مرڪزي ڪميٽي جي دفتري عملي سان ٿي رهي هئي پرسترونيڪا (نئين تشڪيل) جي باري ۾ هئي. مونکي سيني ماڻهن کي چوڻو پيو ته هو پڙهيل لکيل ماڻهن سان گڏ ڪم ڪرڻ جو نئون انداز اختيار ڪن. هاڻي وقت اچي ويو آهي ته هو انهن کي حڪم ڏيڻ بند ڪن. ڇو ته ائين ڪرڻ انهن جي فطري تخليقي صلاحيتن کي موت جي منهن ۾ ڏيڻ برابر نه هجي. پڙهيل لکيل ماڻهن سماج کي جمهوري نهواڻ جي دلي طرح پاڪار ڪئي آهي. فلم سازن، اديبن، فنڪارن، موسيقارن، عمارت سازي جي ماهرن، ٿيئٽر ۾ ڪم ڪندڙ صحافين جي تخليقي تنظيمن * جون ڪانگريسيون ٿي چڪيون آهن. انهن ۾ گرماگرم بحث ٿيا. سيني ڪانگريسين پرسترونيڪا(نئين تشڪيل) جي حمايت ڪئي آهي. شريڪ ٿيندڙن پنهنجو پاڻ تي تنقيد ڪئي. يونينن جي پراڻي اعليٰ عهديدارن کي ٻيهر اعليٰ عهدن تي ڪونه چونڊيو ويو ۽ نئي اجايو گهڻو ڳالهائيندڙن کي. انهن جي جاءِ تي باصلاحيت ۽ باعمل ۽ باهمت ماڻهن کي تنظيمن جو سرواڻ چونڊيو ويو. جيڪي ماڻهو چوندا هئا ته مباحثا ڪجهه وڌيڪ گرم هئا، تن کي مون چيو ته ان ڳالهه تي ڪين حيران نه ٿيڻ گهرجي ۽ نه ڇرڻ گهرجي. گڏجاڻين کي هڪ فطري عمل سمجهڻ گهرجي. هر هنڌ جمهوريت جو زمانو آهي ۽ ڪٿي ڪٿي ان سان عجيب صورتحال پيدا پڻ ٿي وڃي ٿي. ڪنهن وري اعتراض ڪندي چيو ته اهڙي ماحول ۾ ڪم ڪرڻ ڏکيو ٿي پوندو، جتي هر ماڻهو پاڻ ئي فلاسافر بڻجي وڃي، سڀ کان وڏي 'سند' پاڻ کي ئي تسليم ڪري، ۽ رڳو پاڻ کي ئي صحيح سمجهي. مون جو چيو ان کان وڌيڪ

---

* تخليقي دانشورن جون رضاڪارانه تنظيمون، جيڪي اديبن، عمارت سازي جي ماهرن، موسيقارن، اداڪارن، صحافين ۽ فلم سازن کي منظم ۽ متحد ڪنديون هيون.

افسوس ناڪ صورتحال اها آهي ته پڙهيل لکيل ماڻهو هر ڳالهه کان بيحس ۽ لاتعلق ٿي وڃن. ملڪ ۽ قوم جي مسئلن سان ڪين رتيءَ برابر به تعلق نه رهي ۽ هو شڪ جو شڪار ٿي وڃن.

هر وسيع ڪوشش ۾ جذباتي مظاهرا انهن ڪوششن جو اڻٽر حصو هوندا آهن. انقلابي دؤر ۾ پڪ سان ائين ٿيندو آهي. اڄ ته ائين پيو لڳي ته ڄڻ اسان سڀ جمهوريت جي پرائمري اسڪول ۾ پيهر ٻارن وانگر پڙهي رهيا آهيون. اسان ۾ معياري سياسي لاڙا اڃا پختا نه ٿيا آهن. اسان ۾ ته ايترو حوصلو به ناهي جو پنهنجي دوستن جون ڳالهيون چڱي نموني ٻڌون. يقيناً اهو دؤر به گذري ويندو. اسان هن علم کي به چڱي طرح سکي وٺنداسين ته مشڪل کان مشڪل مسئلن تي بحث دوران هڪ ٻئي جو احترام لازمي آهي. گهڻن ئي انتها پسند خيالن ۾ به ڪجهه نه ڪجهه 'عزت لائق' ۽ معقول هوندو آهي. ڇو ته جنهن شخص جون اهي سوچون هونديون آهن اهو ايمانداريءَ سان انهن سوچن کي صحيح سمجهندو آهي ۽ پنهنجي طريقي ۾ هڪ گڏيل مقصد لاءِ سوچيندو آهي. ان جي رويي ۾ زندگي جي جهلڪ هوندي آهي. اسان کي اختلاف راءِ کي طبقاتي دشمنن سان جنگ جو بغل نه سمجهڻ گهرجي. اختلاف راءِ ته سچ جي تلاش آهي. هي هڪ بحث آهي ته اسان ڪهڙي طرح نئين اڏوت جي جاکوڙ کي اڳتي وڌائي سگهون ٿا. اسان کي ان ڳالهه جي پڪ ڪرڻ گهرجي ته اسان جي ترقي ديرپا ۽ اجيت هجي. سو مونکي انهن مختلف نظرين جي ڇڪتاڻ ۾ ڪابه خرابي نظر نه ٿي اچي. اهو ته هڪ فطري عمل آهي. پرسترونيڪا (نئين تشڪيل) جي پاليسي جي ڪري اديبن ۾ ٽولي بازي وارا تعصبي ۽ مخالف نظرين کي پاڙئون پٽي ڇڏڻ وارا لاڙا عوام جي سامهون اچي ويا آهن. هڪ وقت ته اهڙو به آيو جڏهن ادبي حلقن ۾ گهڻي غم ۽ غصي جو اظهار ٿي رهيو هو. اسان مرڪزي ڪميٽي جا خيال انهن جي آڏو رکيا. اسان چيو ته اها ذاتي افسوس جهڙي ڳالهه آهي ته تخليقي ڪم ڪرڻ وارا ۽ فنڪار متحد ٿيڻ بجاءِ ننڍين

ننڍين ڳالهين تي پاڻ ۾ چندا پٽ ڪندا رهن. اڃا اجري ڳالهه ۽ جمهوري جذبي جي نالي ۾ هو هڪ ٻئي کان پراڻا پلاند چڪائين ۽ تنقيد کي انتقام وٺڻ جو هٿيار بڻائين. هن انقلابي دؤر ۾ سڀ کان خراب ڳالهه اها هوندي ته تخليق ڪار ننڍين ننڍين ڳالهين تي پاڻ ۾ چنداپٽ ڪن. ذاتي خواهشن پٺيان ڊوڙڻ بي معنيٰ وڏن وڏن لفظن تي پنهنجو وقت وڃائين ۽ تخليقي ڪم ڇڏي ڏين. مرڪزي ڪميٽي اديبن کي جذباتي، ذاتيات، دل پسند عادتن ۽ ٺهيل ٺڪيل سانچن کان متاهون تي ڪم ڪرڻ جي لاءِ اپاريو. اسان چيو، ”پنهنجو پاڻ کي متاثهون بڻايو ۽ عوام توڙي سماج جو خيال ڪريو.“ دانشور پنهنجي ذميواري جو احساس ڪري پنهنجي تخليقي تنظيمن ۾ ڪم ڪن ۽ سماج جي روحاني ترقي جي مقصد کي سامهون رکن. پڙهيل لکيل ماڻهن ۾ ڏاهن منجهه پنهنجي شهري ذميوارين جو احساس موجود آهي. هنن پرسترائيڪا (نئين تشڪيل) جو وڏو بار پنهنجي ڪلهن تي کنيو آهي. ڏاها به پارٽي وانگر تبديلن جي عمل ۾ شامل ٿي ويا آهن. عوام جي حمايت ۾ انهن جو ڪردار هاڻي سگهارو نظر اچي رهيو آهي. اسان کي انهن جي سرگرمين مان فائدو ٿيندو. اسان سندن رويي، پورهئي ۾ خدمت جي جذبي کي وڏي عزت جي نظر سان ڏسون ٿا. جنهن جوش ۽ جذبي سان اپريل ١٩٨٥ع کان پوءِ هو انهيءَ عظيم ڪم ۾ لڳي ويا، تنهن جو جوش جذبو ۽ سماج جي نئين سر اڏاوت ۾ مدد ڪرڻ جي خواهش سندن اهي سڀ ڳالهيون ساراه جوڳيون آهن. اسان کي اميد آهي ته ڏاهن جون اهي ڪوششون وڌنديون ويندديون. هاڻي ڏاها هڪ وڏيڪ ذميواري سان سوچڻ لڳا آهن. هنن جو رستو سوويت يونين جي ڪميونسٽ پارٽي جي سياسي رستي سان رلجي ويو آهي، ۽ هنن پنهنجو پاڻ کي عوامي مفادن سان ڳنڍي ڇڏيو آهي.

نئين اقتصادي ۽ سماجي پاليسي، عمل جي ميدان ۾

پرسترائيڪا (نئين تشڪيل) معاشيات ۾ ڪيئن موجود آهي؟

مونکي صاف صاف چوڻو آهي تہ قوم جي اقتصادي تنظيم ۾ تبديليون ڪرڻ واريون اسان جون سڀ ڪوششون، پراڻي رستي ڪان ڪٽي ترقي جي نئين رستي تي آڻڻ وارو ڪم ۽ سائنسي ۽ ٽيڪنالاجيڪل ترقي جي رفتار کي تيز ڪرڻ جي تڪڙيءَ ضرورت، اسان کي اهو سمجهايو تہ اسان جلد کان جلد اقتصادي ڍانچي جي سڀ پاسائين اصلاح ڪريون. اقتصادي انتظاميہ جي سموري ڍانچي جي نئين سر اڏاوت ڪريون.

سوشلزم ۽ عوامي ملڪيت جي تصور ۾، جنهن تي سوشلزم جو بنياد رکيو ويو آهي، ترقي ڪندڙ اقتصادي عملن جا لامحدود امڪان موجود آهن. پر ان ڪم جي لاءِ هر پيري اسان کي سوشلسٽ ملڪيت ۽ اقتصادي تنظيم جون نيون ۽ اثرائتيون شڪليون ڳولڻ گهرجن، جيڪي نهايت اهم ضروري آهن. ان ڏس ۾ عوام جي پئداوار جو سچ پچ مالڪ ٿيڻ ۽ هڪ وڏو قدم آهي. رڳو نالي جا مالڪ نہ، پر واقعي مالڪ هجن، ڇو تہ ان ڪانسواءِ مزور انفرادي طرح يا اجتماعي طرح سان پنهنجي محنت جي نتيجن ۾ پنهنجو فائدو محسوس نٿا ڪن ۽ نہ ئي وري ڪري سگهن ٿا. لينن جو جو اهو نظريو تہ "عوامي ملڪيت کي ذاتي مفاد سان ڳنڍيو وڃي،" اسان جي جاکوڙ جي لاءِ پيڙهہ مهيا ڪري سگهي ٿو. ان هنڌ کان ئي اسان جي اقتصادي ڍانچي کي بنهہ بدلائڻ واري تصور جي ابتدا ٿي آهي.

اقتصادي سڌارا ۽ سي پي ايس يو جي مرڪزي ڪميٽي جو مڪمل ميڙ ١٩٨٧ع

هڪ مڪمل ۽ بنيادي اقتصادي سڌاري کي عمل ۾ آڻڻ جي لاءِ ضروري هو تہ ماضي جي غلطين کي ورجائڻ جي امڪانن کي بنهہ ختم ڪيو وڃي. انهن غلطين ١٩٥٠ع، ١٩٦٠ع ۽ ١٩٧٠ع جي ڏهاڪن ۾ شروع ڪيل اقتصادي انتظام جي طريقي کي بدلائڻ

جي اسانجي ڪوشش ڪي ناڪام بڻائي ڇڏيو هو، ۽ وري اهي ڪوششون اڻپوريون ۽ عارضي به ثابت ٿيون. ڇو ته انهن ۾ ڪجهه مسئلن کي تمام گهٽي اهميت ڏني وئي هئي ۽ ڪن مسئلن تي وري ڌيان ئي ڪونه ڏنو ويو. مون ڪي صاف ڳالهه ڪندي اهو چوڻو پوي ٿو ته جيڪي حل ان وقت پڌايا ويا هئا سي گهرا ۽ جٽادار نه هئا. اهي اهڙا اڻپورا قدمَ هئا جن ۾ اصل مسئلي جي سڃاڻپ ئي ڪانه ڪئي ويندي هئي.

مان ته اهو به چوندس ته معاشي سڌارن جو تصور جيڪو اسان جون مهيني جي ميڙ ۾ پيش ڪيو، هڪ ڦهليل ۽ گهرو تصور آهن. ان مطابق هر حصي ۾ بنيادي تبديليون آڻڻ ضروري آهن. ڪارخانن ۾ مڪمل طرح سان ڪاسٽ اڪائونٽنگ جي نظام کي شروع ڪرڻ، معيشيت جي مرڪزي نظام کي بنهه بدلائي ڇڏڻ، منصوبه‌بندي ۾ بنيادي تبديليون ڪرڻ، قيمتن کي مقرر ڪرڻ جي نظام جو سڌارو، مالياتي ۽ قرض ڏيڻ جي انتظامن ۾ سڌارو ۽ پر ڏيهي ملڪن سان معاشي لاڳاپن جي نئين سر تنظيم. ان تصور جا پڌرا پاسا آهن. اسان جي هن تصور ۾ انتظام جي نئين تنظيمي ۽ ادارن جي تخليق، انتظام جي جمهوري بنيادن جي هر پاسي کان ترقي ۽ ۽ خود انتظامي ۽ وارن اصولن کي لاڳو ڪرڻ ۾ شامل آهي.

هر وڏي عمل ۾ هڪ داخلي منطق موجود هوندو آهي. جنهن جي سبب ڪري مختلف عملن جي وچ ۾ لاڳاپا نظر ايندا آهن. هن تصور تي غور فڪر ۽ بحث مباحثي مان هي سوال سامهون آيو ته "شروعات ڪٿان ڪئي وڃي؟ انتظاميه جي نئين تشڪيل ڪٿان کان شروع ڪجي؟" پهرين نظر ۾ شايد اها ڳالهه منطقي طرح درست لڳي ٿي ته اسان جي تنظيم معيشيت ۾ نئين تشڪيل جو عمل مرڪز کان شروع ڪيو وڃي. سڀ کان اڳ ۾ مرڪزي معاشي ادارن جي ڍانچي ۽ ان جا فرض مقرر ڪيا وڃن. پوءِ وچين درجي وارن انتظامي ادارن تائين پهچڻ گهرجي، ۽ آخر ۾ سڀ کان شروعاتي سطح تي ڪارخانن ۽ گڏيل ادارن ۾ اهو عمل شروع ڪيو وڃي.

مجرد منطق جي مطابق شايد اهو طريقو درست معلوم ٿئي ها. پر حقيقت ۽ تجربو ڪجهه ٻي شيء جي تقاضا ڪري ٿو. ان جي منطق ۽ سوچ جو طريقو مختلف آهي، اسان کي اڪيلي سر ۽ مجموعي ادارن کان ڪم جي شروعات ڪرڻ گهرجي. اقتصادي نظام ۾ اهي سڀ کان اهم ادارا آهن، جيڪي نظرين کي حقيقتن سان ڳنڍين ٿا. اسان کي انهن صنعتي ادارن لاء سڀ کان وڏيڪ اثرائتا اقتصادي ماڊل ڳولڻ گهرجن. پوء انهن لاء وڌ کان وڌ لاڀ لهڻ گهرجي. انهن جي حقن ۾ واڌارو ڪرڻ گهرجي. انهن کي مضبوط ڪرڻ گهرجي. رڳو انهن بنيادن تي پاڙي اقتصادي انتظاميه جي مٿانهن ادارن جي سرگرمين ۾ بنيادي تبديليون آڻي سگهجن ٿيون.

جڏهن اسان پرسترونيڪا (نئين تشڪيل) جي عمل لاء اهو طيء ڪري چڏيوسين ته اڳ ۾ ڇا ڪيو وڃي ۽ ابتدا ڪٿان ڪئي وڃي ۽ اسان ذهن ۾ ويهاري ڇڏيو ته انهن ڪارخانن ۽ اجتماعي ادارن ۾ ئي وڏا اقتصادي عمل ظاهر ٿيندا آهن. انهن ۾ ئي مادي قدر پيدا ٿيندا آهن ۽ هتي ئي سائنسي ۽ ٽيڪنالاجيڪل تصورات مادي روپ وٺندا آهن. اهي محنت جا گڏيل ادارا ئي آهن جن ۾ اقتصادي ۽ سماجي لاڳاپن کي مخصوص مادي روپ ڏنو ويندو آهي انهن ڪارخانن ۾ عوام جا ذاتي، سماجي مفاد پاڻ ۾ رلي ملي ويندا آهن. سڄي ملڪ جي سماجي ۽ سياسي فضا انهن گڏيل محنت جي ادارن (يعني ڪارخانن ۾) ئي ٺهندي آهي.

ان ڏس ۾ اسان پنهنجي ماضي جي تجربي کان به سبق سکيو. ڇو ته ماضي ۾ مٿانهين انتظامي تشڪيل ۾ تبديليون ڪرڻ جون ڪوششون ڪامياب ڪونه ٿيون هيون جنهن جو ڪارڻ اهو هو ته انهن کي هيٺان کان ڪابه مدد نه ملي هئي. انتظامي تشڪيل جا ڪل پرزا شدت سان انهن جي مخالفت ڪندا هئا. هو پنهنجي حقن ۽ رعايتن کان هٿ کڻڻ لاء تيار نه هئا. اسان کي به هاڻي ساڳيء مخالفت سان واسطو آهي ۽ اڃا به منهن ڏيئي رهيا آهيون. هتي به پرسترونيڪا (نئين تشڪيل) جي ٻين شعبن وانگر اسان

ڪي مٿان ڪان آندل طريقن کي هيٺيان ڪان هلندڙ تحريڪ سان ملائڻ نهايت ضروري آهي يعني پرسترو ئيڪا (نئين تشڪيل) جي ڪوشش کي هڪ ڀرپور جمهوري مزاج ڏيڻ جي ضرورت آهي. هن سوال جو ته، پراڻي معاشي ڍانچي جي سڀ ڪان سرس خرابي ڪهڙي آهي؟ ان سوال جو هڪ ئي جواب هي آهي ته پنهنجو پاڻ کي بهتر بڻائڻ جي اندروني خواهش جي کوٽ آهي، منصوبن سان لڳل اهم ضميمن جي ذريعي ڪارخانن کي سندن ڪم ۽ مقرر پيداوار جي حد ۽ وسيلن ڪان واقف ڪيو ويندو آهي. لڳ ڀڳ سڀني خرچ جو بندوبست ڪيو ويندو آهي، شين جي وڪري جي پڪي ضمانت ڏني ويندي آهي، ۽ سڀ ڪان اهم ڳالهه هيءَ آهي ته ملازمن جي پگهار (تنخواهن) جو دارومدار ڪارخاني جي محنت جي آخري نتيجي تي ناهي هوندو، ۽ آخري نتيجو ڇا آهي؟ پنهنجي ذمي ڪنيل پيداوار جي معاهدي کي پورو ڪرڻ، شين جو معيار بلند ڪرڻ ۽ نفعو ڪمائڻ. اهڙي قسم جو انتظامي ڍانچو رڳو وچين درجي يا ان ڪان به گهٽ درجي وارو ڪم ڏيئي سگهي ٿو. پوءِ اسان کي ان کي پسند ڪريون يا نه ڪريون. اها معيشيت ڪيئن ترقي ڪري سگهي ۽ جيڪا 'ٽوٽي ڪارخانن' سان ترجيحي سلوڪ ڪري ۽ اعليٰ ڪارخانن تي ڏنڊ وجهي. اسان پنهنجي ڪمن کي ان طرح نٿا ڪري سگهون. نئين اقتصادي تشڪيل کي کپي ته ان صورتحال کي سڌاري. ان کي هڪ مضبوط طاقتور ذريعو بڻجڻ گهرجي، هڪ متحرڪ قوت ٿيڻ گهرجي جيڪا عزت لائق معياري ڪم جي ضمانت ڏيئي سگهي. هر ڪارخاني کي حقيقي سماجي ضرورتن ڪان شروع ڪري، پيداوار جي وڪري جي منصوبي تائين پهچڻ گهرجي.

انهن منصوبن جي پيڙهه انهن سونپيل فرضن تي نه رکڻ گهرجي جيڪي مٿانهن ادارن مقرر ڪري هيٺ موڪلي ڏنا هجن. پر سرڪاري تنظيمن، پاڻ ۾ ٻين ڪارخانن ۽ واپاري ڪمپنين طرفان سڌي گهرج تي رکڻ گهرجي ته فلاڻي شيءِ ڪيتري مقدار ۾ هئڻ

معيار جي تيار ڪري موڪلي ڏيو. ڪارخانن ۾ اهڙيون حالتون پيدا ڪيون وڃن جو هو واپرائيندڙن جي ضرورتن کي بهترين طريقي سان پورو ڪرڻ ۾ هڪ پئي سان معاشي ڇڪتاڻ پيٽي ڪري سگهن ۽ هنن ۾ ڪم ڪندڙن جون پگهارون سختي سان اپت جي آخري نتيجي يعني نفعي جي مطابق هجڻ گهرجن. اسان اقتصادي انتظام ۽ ان جي مختلف صورتن جا اهي سڀ اصول سرڪاري ڪارخانن جي تجويز ڪيل قانون ۾ شامل ڪري ڇڏيا. ان قانون تي سڄي ملڪ جي گڏيل محنت جي ادارن، مزدورن جي جلسن ۾ ۽ پورهيت سنگتن جي مقامي شاخن ۽ پر چار جي ذريعن ۾، هر هنڌ بحث ٿيو. ان قانون سان سموري قوم جي دلچسپي پيدا ٿي وئي. ماڻهن محسوس ڪيو ته ڪين پنهنجي راءِ کي ضرور پڌرو ڪرڻ گهرجي. سرڪاري آفيسرن، سائنس دانن ۽ سرڪاري ادارن جي نمائندن تي ٻڌل هڪ خاص گروپ ان تجويزن ۾ واڌارن ۽ سڌارن تي غور ڪيو، جيڪي انهن بحثن کان پوءِ ڏانهن موڪليون ويون هيون. هر اها ڳالهه جيڪا معقول ۽ سمجهه جوڳي هئي ان کي قانون جي مسودي ۾ شامل ڪيو ويو. ان سان قانون جي شڪل بهتر ٿي پئي.

گهڻو ڪري تجويزون گڏيل محنت جي ادارن جي حقن جي باري ۾ هيون. مطالبو ڪيو ويو هو ته بي عملي جي اثر هيٺ موجوده تحريڪ کان پوئتي نه هٽجي پر مضبوطي سان اڳتي قدم وڌايو وڃي. اهو به چيو ويو ته ان نئين قانون کي وڌيڪ هدايتن سان بوجهه نه بڻايو وڃي، جيڪي ان کي بي اثر بڻائي ڇڏين ۽ قانون اڳتي وڌ به ڪٿي نه سگهي. سوويت يونين پارليامينٽ ان قانون جي منظوري ڏني ۽ پهرين جنوري ١٩٨٨ع کان اهو قانون لاڳو ٿي ويو.

پريس ۾ ڪجهه اهڙيون تجويزون به ڇپيون هيون جيڪي اسان جي سرشتي کان ٻاهر هيون. هڪ راءِ هو ته اسان منصوبه بند معيشت (Planned Economy) کي ڇڏي ڏيون ۽ بيروزگاري کي قانوني جواز فراهم ڪريون. پر اسان ائين ڪرڻ جي اجازت

نہ ڏيندا سين. ڇو تہ اسان سوشلزم کي مضبوط بنائڻ چاهيون ٿا نہ کي ان جي جڳهہ تي ڪو ٻيو نظام آڻڻ گهرون ٿا. اولهہ جي ملڪن ڀاران، جيڪي هڪ الڳ معاشي نظام رکن ٿا، پيش ڪيل تجويزون اسان کي قبول ناهن. اسان کي پڪ آهي تہ اسان جيڪڏهن سوشلزم جون سڀ صلاحيتون استعمال ڪريون، جيڪڏهن ان جي بنيادي اصولن تي قائم رهون، انساني مفادن جو چڱي طرح خيال رکون ۽ منصوبہ بند معيشيت جي فائدن کي سٺي نموني استعمال ڪريون تہ سوشلزم سرمائيداري نظام کان ڪيئي ڀيرا وڌيڪ ڪاميابي حاصل ڪري سگهي ٿو.

پنهنجي اقتصادي سڌارن ۾ اسان سرڪاري ڪارخانن جي قانونن کي بنيادي اهميت ڏيون ٿا. اهو قانون اسان جي نظر ۾ اسان جي ٻين قدمن جي جائزي وٺڻ جي ڪسوٽي آهي. اسان انهن جي قدمن کي ان خيال سان ڏسندا آهيون تہ اهي ڪيستائين ان قانون مطابق آهن ۽ ان قانون جي عملي طرح لاڳو ڪرڻ ۾ ڪيستائين مددگار ثابت ٿين ٿا.

مڪمل ميڙ جي تياري ۾ پولٽ بيورو ڪيترن مهينن تائين سوويت يونين جي وزارتي ڪائونسل گاس پلان (Gos Plan)* گاس نيب (Goss Nab)** مـن فـن (Min Fin)*** ۽

* گاس پلان: سوويت يونين جي سرڪاري منصوبہ بندي ڪميٽي، هڪ سرڪاري ايجنسي، جيڪا ملڪ جي اقتصادي ۽ سماجي ترقي جي ڊگهن ۽ مختصر منصوبن جي لاءِ ذميوار آهي، ۽ انهن جي نگراني بہ ڪري ٿي.

** Goss Nab سوويت يونين جي مادي ۽ ٽيڪنيڪل ضرورتن جي ڪميٽي.

*** من فن (Min Fin): سوويت يونين جي ماليات جي/خزاني جي وزارت.

گاس بئنڪ (Goss Bank)* اقتصادي وزارتن ۽ شعبن ۽ صنعتي ادارن جي سرگرمين جو وسيع ۽ خالص معروضي تجزئي جي نتيجن جو جائزو ورتو، مرڪزي ادارن جي ڪم جي نگراني لاءِ حڪم تحرير ڪيا ته جيئن اهي ڪم سرڪاري ادارن جي قانون مطابق ٿين ۽ انهن جا فرض به ان مطابق مقرر ڪيا ويا ته جيئن ڪيئن به ڪري قانون جي خلاف ورزي نه ڪئي وڃي. ان حڪمن تي مڪمل ميڙ ۾ بحث ٿيو. انهن کي مڪمل طرح منظور ڪيو ويو ۽ پوءِ انهن کي جاري ڪيو ويو.

سوويت يونين جي ڪميونسٽ پارٽي جي مرڪزي ڪميٽي جي جون ١٩٨٧ع واري ميڙ ۾ ڪيل فيصلن ۽ انهن ۾ منظور ٿيل "اقتصادي انتظام جي مڪمل نئين تشڪيل جا بنيادي قاعدا" اصل ۾ سوشلسٽ معيشيت جي هڪ جديد مثالي نموني واري نئين اڏاوت کي مڪمل ڪن ٿا، جيڪي اسان جي قومي ترقي جي هاڻوڪي منزل جي تقاضن کي پورو ڪري سگهن.

مڪمل ميڙ ۽ ان کان پوءِ ٿيل سوويت پارليامينٽ جي ميڙ ۾ عوام جي اقتصادي ۽ پيداواري عمل ۾ باعمل شرڪت جي پاليسي کي اڳتي وڌايو ويو ۽ مضبوط ڪيو ويو. فرد، اجتماعي ادارن ۽ رياست جي مفادن کي پاڻ ۾ ڳوڙهي نموني ڳنڍيو ويو ۽ حقيقت ۾ پورهيت عوام کي مڪمل مالڪ بڻايو ويو. اهو درست آهي ته اڃا اسان کي هن ڪم جي گهڻن حصن کي پورو ڪرڻو آهي. بلڪه ڪيترن ڪمن کي پيهر ڪرڻ جي به ضرورت هوندي. ڪنهن به سماج ۾ ڪنهن خاص معاشي نظام کي اک ڇنڀ ۾ ڪنهن بئي يا بهتر نظام ۾ تبديل نٿو ڪري سگهجي. اصل ۾ ڪنهن مشين جا پرزا تبديل ڪرڻ جي ڳالهه ناهي. اسان کي هڪ چرپر ڪندڙ ۽ لچڪيدار ڍانچي کي قبول ڪرڻو آهي. جيڪو پيداواري

* گاس بئنڪ Goss Bank: سوويت يونين جي رياستي بئنڪ. ملڪ جي وڏي بئنڪ.

تبديلين کي قبول ڪري سگهي ۽ جنهن کي هميشه جديد کان جديد بڻائي سگهجي. اسان ان شين کي قبول ڪنداسين، جيڪي سڌريل هونديون ۽ ان طريقن کي ڇڏينداسين جيڪي پنهنجي عمليت ۽ افاديت وڃائي چڪا آهن. اسان کي هڪ خطري کان خبردار رهڻ گهرجي. اهو نه سمجهڻ گهرجي ته جيڪي فيصلا ٿي چڪا آهن سي هميشه پنهنجي موجوده صورت ۾ ئي مفيد ۽ فعال رهندا. مڪمل معاشي سڌارن جو هڪ پروگرام جوڙي اسان هڪ مڪمل حملي جي شروعات ڪري ڇڏي آهي. هن دفعي اسان جو مقصد هر شعبي ۾ نئين سر اڏاوت جي رفتار تيز ڪرڻ ۽ ان جو دائرو وسيع ڪرڻ آهي. فيصلن جي مطابق موجوده پنج سالہ منصوبي جا مقصد حاصل ڪرڻ ۽ ۲۰۰۰ع تائين ڊگهي عرصي وارن مقصدن کي پورو ڪرڻ لاءِ تنظيمي ۽ اقتصادي ضرورتن جو خيال رکيو ويو آهي. هن وقت اسان جو ڪم هي آهي ته نئين معاشي انتظامي ڍانچي کي ترت ڪم ۾ آندو وڃي.

انتظاميہ ۽ اقتصادي شعبي ۾ پرسترويڪا (نئين تشڪيل) جي هي مهل ڏاڍي اهم آهي. هاڻي تعميري ڪم جي منزل اچي وئي آهي. سڀني منصوبن، تجويزن، خيالن ۽ فيصلن کي حقيقت ۾ بدلائڻ جو وقت اچي ويو آهي. هاڻي زور ان ڳالهہ تي هوندو ته جنهن ڪم لاءِ اسان پنهنجون ڪوششون هڪ هنڌ جمع ڪيون هيون، هاڻي ان کي پورو ڪيو وڃي. اڄ اسان جو اهو عمل سڀ کان وڏو ڪارنامو ليکبو.

مڪمل ڪاسٽ اڪائونٽنگ کي اختيار ڪرڻ

اسان سڄي ملڪ ۾ جيڪو ڪجهہ ڪرڻ چاهيون ٿا ان جو 'جوهر' هي آهي ته اقتصادي طريقن کي انتظامي طريقن تي فوقيت ڏيڻو پوندي. سوويت اڳواڻ چٽي طرح سمجهن ٿا ته اسان کي ڪاسٽ اڪائونٽنگ جي نظام کي رائج ڪرڻ گهرجي. ان سلسلي ۾ مشڪلاتون به آهن. انهن ۾ به وڏيون ۽ اهم مشڪلاتون آهن. پهرين اها ته اسان کي اهو ڪم، موجوده پنج سالي منصوبي

جي پس منظر ۾ ڪرڻو آهي جيڪو منصوبو منظور ٿيل آهي. ان جو مطلب هي آهي ته نئين تشڪيل جي ڪم ڪي شروع ڪيل منصوبي ۾ شامل ڪرڻو آهي. ان مخصوص پاسي جو عبوري ڏاڪي تي گهرو اثر پوندو آهي. نيٺ اسان ڪي هن صورتحال ۾ ڇا ڪرڻ گهرجي. پنج سالہ منصوبي ڪي جاري رکون يا ان ڪي وچ ۾ ئي ڇڏي ڏيون. ان جو هڪ ئي جواب آهي. اسان ڪي پنج سالہ منصوبي جي مقصد ڪي پهچڻ گهرجي. هي پنج سالہ دور خاص طرح سان هڪ ڏکيو دؤر آهي. وسيع ۽ آئيندي ۾ ليئا پائيندڙ کوجنا ڪئي پئي وڃي. وڏيون وڏيون تشڪيل جون تبديليون اڃي رهيون آهن. گهٽائي سماجي مسئلا حل ڪيا پيا وڃن، ۽ ان سان گڏوگڏ هن دؤر ۾ نوان پيدا ڪرڻ به ضروري آهي. فيڪٽري مئنيجرن جي لاء وڏي آزمائش جو دؤر آهي، انهن جي سامهون مسئلن جو هڪ گڏ ٿيل ڍگ آهي. بلڪل هن وقت ڪين "پنهنجو خرچ پاڻ ڪرڻ" جي نظام ڪي اختيار ڪرڻو آهي.

پي مشڪل هيءَ آهي ته نئين انتظام جي مشينري جا ڪجهہ ضروري حصا اڃا تيار نہ ٿيا آهن ۽ ترت اهي شروع بہ نہ ٿيندا. مثال طور قيمتن جي مقرري ۽ مالي ۽ قرضن جي انتظام جي مشينري جي سڌاري ۾ اڃا ٻہ ٽي سال لڳندا. وري پئداوار جي ذريعن جي ٻڌي واپار ڪي اختيار ڪرڻ ۾ پنج ڇهہ سال لڳي ويندا. اهڙي وزارتن جا فرض، علائقائي انتظام ۽ عملي ۾ ڇانٽي جي مسئلن ۾ گهٽيون ڳالهيون طيء ڪرڻيون آهن.

تنهن ڪري هڪ انتظام مان ٻئي انتظام تائين وڃڻ جو عبوري دؤر اسان لاء هڪ ڏکي آزمائش آهي. ان دوران پراڻا ۽ نوان شروع ڪيل طريقا گڏوگڏ هلندا، پر مڪمل ڪاسٽ اڪائونٽنگ ڪي بنا دير لاڳو ڪيو ويندو. اسان ڀرپور قوت سان ان رستي تي هلنداسين ۽ ان سفر ۾ نئي تجربو حاصل ڪنداسين. اسان هر شيء جو تجربو ڪنداسين ۽ ان جي آزمائش ڪنداسين.

جڏهن بہ صنعت ۾ ڪم ڪندڙ مزدورن سان ملاقات ٿوءَ پيا

وزيرن سان ملاقات ٿئي ٿي ته مان کين چوندو آهيان ته: ”ڪڏهن به ٻچي پوئتي نه هٽجو، هميشه نوان خيال ۽ طريقا ڳوليندا رهو، ۽ آزمائشي تجربا ڪندا رهو. عوام ۾ ايترو عقل ۽ احساس ذميواري موجود آهي جو توهان بهادري ۽ يقين سان ڪم ڪري سگهو ٿا ۽ توهان کي ڪرڻ به گهرجي. ٺيڪ، مان مڃان ٿو ته اسان کان غلطيون به ٿي سگهن ٿيون. ته ڇا ٿي پيو؟ رڳو ويٺو رهڻ ۽ انتظار ڪرڻ کان بهتر آهي ته اسان پنهنجي غلطين جو سڌارو ڪندا رهون.“

مرڪزيت جو نئون تصور

پرستروئيڪا (نئين تشڪيل) جي دوران جمهوري مرڪزيت جو نئون تصور اڀريو آهي. ان جي پنهي پاسن کي درست طرح سان متوازن رکڻ نهايت ضروري آهي. ياد رکڻ گهرجي ته مختلف ڏاڪن تي ان جا مختلف پاسا وڏيڪ چٽا ٿيندا رهندا.

هن وقت صورتحال هي آهي ته گهڻا ماڻهو وڌيڪ مرڪزيت جو مطالبو ڪري رهيا آهن. نفعي نقصان جا الڳ الڳ خاتا، مختلف عناصرن جو تناسب، آمدنين ۽ عام ضرورت جي ڪچي مال ۽ خدمتن ۾ تناسب، تنظيمي پاليسيون، رياستي ماليات، بچاءُ، انهن سڀني جي لاءِ هڪ مرڪزي اصول جي ضرورت آهي. اسان جي سڀني رياستن ۽ قومن کي احساس هجڻ گهرجي ته هو هڪجهڙي حالتن مان گذري رهيون آهن ۽ انهن سڀني جي لاءِ ترقي جا موقعا به هڪجهڙا آهن. ان سان سوويت سماج جي مضبوطي جي ضمانت ملي ٿي. تنهن ڪري اسان مرڪز جي اهميت کي گهٽائڻ نٿا چاهيون پر صورت ۾ اسان منصوبه بند معيشيت جي فائدن کان وانجهيل رهجي وينداسين.

پر ان سان گڏ هر شخص ڏسي سگهي ٿو ته مرڪزي آفيسرن تي ننڍن ڪمن جو بار تمام گهڻو آهي. اسان کين سندن موجوده ڪمن کان نجات ڏيارينداسين، جو ته هو ان ڪمن ۾ رڌل رهي وڏن وڏن پاليسي سان تعلق رکندڙ معاملن کي وساري ويهندا آهن.

گهٽيون ڳالهيون جن تي اسان جنوري ۽ جون جي مڪمل ميڙن ۾ تنقيد ڪئي هئي، مرڪز جي ڪنٽرار جي ڪري پيدا ٿيون هيون. مرڪز، مهل سر نقصانڪار يا جو ڪاٺتا لاڙا ڏسڻ کان قاصر رهيو، ۽ نون مسئلن جي حل ڳولڻ ۾ ناڪام رهيو. مرڪزي ڍانچي ۽ ان جي فرضن جي پيهر تنظيم، سرڪاري ڪارخانن جي قانون سان مطابقت جي لحاظ کان ڪئي ويندي. نئين تشڪيل جي حالتن ۾ مرڪزيت جو مطلب اهو ناهي ته صنعتي پيداوار، سائنسي ۽ منصوبي جي تنظيم جي قيمتي زندگي تي دفتري نظام مڙهي ڇڏجي. اڃا اسان کي مرڪز ۽ علائقن جي فرضن کي الڳ الڳ ورهائڻو آهي. وزارتن جي ڪمن جي روح کي تبديل ڪرڻ ۽ انهن جي افاديت کي نئين سر مقرر ڪرڻو آهي.

اسان منصوبه بندي جي عمل کي جمهوري بڻائڻ جو ارادو رکون ٿا. ان جو مطلب آهي ته منصوبن جي تشڪيل، نالي ماتر نه پر مڪمل تشڪيل ڪارخانن ۽ محنت جي گڏيل ادارن ۾ شروع ڪئي ويندي. هو پاڻ ئي پنهنجي پنهنجي شين جي پيداوار جي لاءِ منصوبا ٺاهيندا. ان منصوبن جي پيڙهه ان هدف کان ظاهر ٿيندي، جيڪي سماجي ضرورتن، سرڪاري طرح ورتل سامان جي معاهدن ۽ ڪاپو ڪندڙن سان سڌو سنئون معاشي معاهدن جي لاڳاپن سان مقرر ٿيندا.

ملڪ جي منصوبه بندي جي اعليٰ ڪميٽي کي وزارتن ۽ محڪمن جي روزانو ڪمن جي نگراني ۽ تفصيلي حڪمن مطابق انهن جي ڪم جي مقرري تان هٿ ڪڍڻو پوندو. ڪارخانن جي سر گرمين (اجرتن لاءِ رقمون، نفعي جي ورهاست، سرڪاري بجيٽ ۾ رقم جي ادائگي وغيره) کي ڊگهي عرصي وارن اقتصادي اصولن تحت هلايو ويندو. اصل ۾ اها هڪ قسم جي ”خود سار سنڀال“ هوندي.

اسان جو ارادو آهي ته صاف بيانيءَ کي منصوبه بندي جي هر ڏاڪي ۾ ڦهلائيندا وڃون. اسان چاهيون ٿا ته ملڪي ۽ علائقي سطح تي سماجي، اقتصادي، سائنسي، ٽيڪنالاجيڪل ۽ ماحول جي

مسئلن تي وڏي پيماني تي بحث کي عام ڪريون. بهترين حل ڳولڻ جي لاءِ منصوبه بندي جي نظام ۾ گهڻ رنگي اصول کي شروع ڪيو ويو. اهڙي ريت ماضي جي طريقن جي بلڪل ابتڙ، مرڪزي ادارا ڪارخانن ۾ تمام محدود مداخلت ڪندا. ملڪ جي ضرورت جي شين جي فرمائش ۽ معاهدن کي پورو ڪرڻ، هاڻي ڪارخانن جي ڪم جي معيار ۾ شامل ٿي ويو آهي. قومي سرڪاري فرمائشن/ گهرجن جي ترڪيب ۽ حجم (ڊيگهه ۽ ويڪر) ۾ آهستي گهٽتائي ايندي ويندي. جيستائين منڊي ۾ گهڻو مال نه جمع ٿي وڃي. تڏهن ڪارخانن ۽ واپرائيندڙن جي وچ ۾ ڏينهون ڏينهن سڌا سنوان لاڳاپا وڌيڪ گهرا ۽ ديرپا هوندا. جڏهن هن نئين طريقي سان ڪم ڪرڻ جو اسانجو تجربو وڌي ويندو. اسان مختلف ڪارخانن جي وچ ۾ مقابلي جي بنياد تي قومي ضرورت جي لاءِ آرڊر ڏيندا سون. ان ۾ هڪ ٻئي کان سگهڻ يا سوشلسٽ مقابلي جو اصول شامل هوندو.

ڪچي مال ۽ ٽيڪنيڪل ضرورتن جي فراهمي جي نظام ۾ بنهه تبديلي ڪئي ويندي. اسان سرمائي جي هڪ هنڌ ڪٺي ٿيڻ بدران وسيلن جي مرڪزي سطح تي ورهاست تي گهڻو زور ڏينداسين ۽ ٻڌي واپار جي طريقي کي اڳتي وڌائينداسين.

مختصر اهو ته معيشيت جي تنظيم جي فائدن کي وڌ کان وڌ سوشلسٽ منڊي کي سرگرم بڻائڻ جي لاڙي سان ڳنڍي ڇڏبو. پر اهو سڀ ڪجهه سوشلسٽ مقصدن ۽ سوشلسٽ صنعتي تنظيم جي اصولن جي دائرن ۾ ئي ڪيو ويندو. ڪارخانن جي حقن ۽ انهن جي اقتصادي خود مختياري ۾ ڦهلاءُ، مرڪزي اقتصادي ادارن ۽ ۽ شعبي وار محڪمن جي فرضن ۾ تبديلي، صنعتن جي تنظيم ۾ وڌ کان وڌ انتظامي طريقن کي اقتصادي طريقن سان بدلائڻ، اهي سڀ ڪم تنظيمي ڍانچي ۾ انقلابي تبديليون آڻڻ سان ئي ٿي سگهن ٿا.

ان کان اڳي انتظام کي بهتر بڻائڻ سان گڏو گڏ نوان تنظيمي ادارا به قائم ڪيا ويندا هئا. ان سان ڪم ڪرڻ وارن جي تعداد وڌي ويندي هئي، انتظامي گهٽي ۽ بار ٻڄي ويندي هئي. ۽

ان ۾ نوڪر شاهي جا لاڙا پيدا ٿي ويندا هئا. اسان چڱي طرح چاٿي ويا آهيون ته اقتصادي نئين تشڪيل جي ترقي جي سست رفتاري جو سبب گهٽي حد تائين انتظامي عمل جو گهٽو هجڻ ۽ سندس اڻپوري مهارت هئي. تنهنڪري اسان انتظامي عملي ۾ گهٽي گهٽائي آڻي رهيا آهيون ۽ جڏهن ضرورت پوندي اسان ان انتظامي عملي جي ڪم کي سادو بڻائيندا رهنداسين. ۽ شعبي دار وزارتون وڌائيندا ويندا سين. هن ڪم جو تجربو اسان کي هاڻي ٿي چڪو آهي مثال طور اسان جي ملڪ ۾ زراعت ۽ ان جي پيداوار سان لاڳاپيل ڪم سست وزارتن ۽ محڪمن ۾ ڪيا ويندا هئا. اسان سيني محڪمن کي ملائي هڪ نئون ادارو بڻايو جنهن جو نالو (Gosagropeom) (١٩٨٥ع ۾ جوڙيل ملڪي زرعي صنعتي ادارن جي انتظام جو مرڪزي ادارو) آهي. ان تبديلي سان اسان انهن ادارن تي مجموعي انتظامي عملي مان اڌ کي فارغ ڪيو ويو. هڪ ٻئي هنڌ تي اسان ڪجهه وزارتن کي وڌائڻ لاءِ انهن کي پاڻ ۾ ملائي ڇڏيو. اسان آئنده به ائين ڪندا رهنداسون. ۽ هر صورت حال جو جائزو آن جي خاص انگن اکرن جي حوالي سان حاصل ڪنداسين.

هاڻي ته هر ماڻهو تي واضح ٿي ويو آهي ته اسانجي معيشيت جي مقدار کي ڏسندي ڪوبه وزارتي ۽ ڪنهن محڪمي جو عملو پلي ڪيترو به ماهر ڇو نه هجي، هر سوال جي حل ڪرڻ جي ذميواري نٿو کڻي سگهي. نه وري هي عملو محنت جي اجتماعي ادارن جي جدت ۽ نئين سوچ جو ڪوبه متبادل پيش ڪري سگهي ٿو. مرڪزي محڪمن ۽ ڪارخانن جي وچ ۾ حقن ۽ فرضن جي پيهر ورهاست سان اڃا تائين خاطري وارا نتيجا نه نڪري سگهيا ۽ ڪم مزي سان پڻ نه ٿي رهيو آهي. وزارتن جا عملا ۽ پاڻ وزير به ننڍين ننڍين مسئلن کي حل ڪرڻ جي عادت کي ڇڏڻ لاءِ تيار نه آهن. انهن کي انهن ڪمن جي عادت پئجي وئي آهي. تنهن ڪري انهن لاءِ پراڻن طريقن تي ڪم ڪرڻ سولو آهي. مقامي ادارن کي حقن ۽ فرضن جي منتقلي عام طرح سان هڪ اذيتناڪ عمل بڻجي وئي

آهي. پر اڄ پيهر چوندس ته وزير ۽ انهن جو عملو هاڻي ان حقيقت کي سمجهي ويو آهي ته ائين ڪرڻ سان سوشلزم جي مقصدن کي فائدو پهچي ٿو. پر ان جي باوجود ڪي محدود ۽ تنگ نظري وارا شعبن کي يا ڪجهه گروهي مفادن وارن پاران عوام ۽ سماج جي گڏيل مفادن تي ترجيح ڏني ويندي آهي.

معيشيت جي انتظام کي بهترين بڻائڻ جو هڪ ٻيو طريقو به آهي. تجربي مان ثابت ٿيو آهي ته اهڙن علائقن ۾ جتي صنعتون ملنديون هجن، سڀ کان وڌيڪ ڪارڪردگي جو ڪامياب امڪان هوندو آهي. پر اها اميد رکڻ مشڪل آهي ته ملڪي سطح جي منصوبه بندي جي ڪميٽي مڙني شعبن جي لاڳاپن کي ڳولهي ڳولهي هڪ اهڙو متبادل ڳولي وٺندي جيڪو هرهنڌ ڪم ڪري سگهي. وزارتن ۾ اهو ڪم ٿيڻ اڳ به ڏکيو آهي. ان ڪري ئي اسان وڏن معيشيتي ادارن جي انتظام جي لاءِ اهڙين تنظيمن قائم ڪرڻ جي سوال تي بحث جي لاءِ ان کي ايجنڊا ۾ شامل ڪري ڇڏيو.

جيئن ظاهر آهي ته انتظامي ڍانچي ۾ وڏيون وڏيون تبديليون ڪيون وينديون. اسان متوازن مگر فيصلي ڪن انداز سان بغير ڪنهن حجت جي ان ڪم کي مڪمل ڪرڻ جو ارادو رکون ٿا.

اسان جو مقصد، عالمي صنعتي معيار آهن

پنهنجي منصوبه بندي ۽ معاشي سرگرمين جي نئين تشڪيل ڪندي، ڪارخانن جي حقن ۽ فرضن کي ڦهلائيندي، اسان سائنسي ۽ ٽيڪنالاجيڪل ترقي جي مسئلن کي به حل ڪيو آهي. ان ترقي جي عمل ۾ جيڪي شعبا سڀ کان اڳڀرا آهن انهن کي واڌو مالي ۽ مادي امدادي رقم ڏني پئي وڃي. ان مقصد جي لاءِ پيداوار هدف نظر ۾ رکندي هڪ قومي سطح جو پروگرام ناهيو پيو وڃي ۽ رقمون مخصوص ڪيون پيون وڃن.

ٻارهين پنج سالہ منصوبي جي دوران اسان مشين سازي جي صنعت ۾ سيڙپ ڪيل مستقل اثاثن جي گهٽائي جي تجديد،

ڪنداسين. ان مقصد جي لاءِ رکيل رقم، انهن رقمن کان پيٽي هوندي جيڪي گذريل پنجن سالن منجهه ڏنيون ويون هيون.

صنعتن جي ڪارڪردگي جي چنڊ ڇاڻ مان سرڪاري غلطين جو پتو پيو آهي. ڪيترن سالن تائين اسان جو اهو لاڙو رهيو ته وڌ کان وڌ ڪارخانا لڳايا وڃن، تجرباتي ورڪشاپن ۽ انتظاميه جي عمارتن ڏي وڏيون وڏيون رقمون خرچ ٿي وينديون هيون. جيڪي ڪارخانا اڳ ۾ موجود هئا انهن جي ٽيڪنيڪل سطح اتي جو اتي رهندي هئي. جيڪڏهن موجوده سامان ۽ عملي سان گڏ جيڪو بن يا ٽن شفٽن ۾ بهتر ڪم ڪيو وڃي ته ٻارهين پنج ساله منصوبي وارو مقرر انگ پورو ڪري سگهجي ٿو. پر اها حقيقت آهي ته پراڻو ساز سامان اسان کي اڃا پوئتي ڌڪيندو رهندو. ڇو ته ان مان ڪم وٺي اسان جديد شيون ڪونه ٺاهي سگهنداسين. اسان کي پراڻين مشينن کي خدا حافظ چوڻو پوندو. تنهن ڪري اسان پنهنجي تنظيمي ڍوڙي سيٽ اپ جي پاليسين ۾ گهريون تبديليون آڻي رهيا آهيون.

١٩٨٣ع ۾ آءٌ زل (Zill) ويس جيڪو ماسڪو ۾ ”آءِ. اي. بڪاچني موٽرن جي ڪارخاني“ جو پيو نالو آهي. هن وقت ان ڪارخاني ۾ مشينن جي تجديد جي تياري ٿي رهي آهي.

اهو انجڻن جي صنعت ۾ اسان جن پهرين پراجيڪٽن مان هو. ١٩٨٥ع ۾ آءٌ جڏهن پيهر زل ويس ۽ پڇا ڪيم ته تجديد جو ڪم ڪيئن هلي رهيو آهي. معلوم ٿيو ته ڪم ڪرڻ وارن مقدار ۽ معيار کي وچين درجي جي ٽيڪنيڪل سطح تي رکيو هو ۽ هو پنج - ست سال پراڻي سامان کان ڪم وٺي رهيا هئا. تنهن ڪري ان مان بهتر ٽيڪنالاجيڪل ڪم جي اميد رکڻ مناسب نه هو. ان کانسواءِ وڏيڪ مزدورن جي ضرورت هئي. پراڻي ٽيڪنالاجي تي پاڙي شين جي آپٽ ۾ گهٽو واڌارو ئي ڪري سگهجي. ان سان رکو وقت جي زيان کي وڌائي سگهجي ٿو. اتي معلوم ٿيو ته ڪارخاني هڪ مختلف ۽ بهتر پروگرام ٺاهيو هو. پر ان تي عمل

درآمد کي روڪيو ويو چو تہ ان عمل کي (مٿان کان) حمايت حاصل نہ هئي. اسان ڪارخاني جي جوڙيل پروگرام تي پيهر عمل ڪرڻ جي حمايت ڪئي، تہ جيئن ڪارخاني کي نواڻ بخشي سگهجي. هاڻي ان ۾ نئين سر نوان پرزا ۽ نوان اوزار استعمال ڪرڻ جو منصوبو رٿيو ويو آهي ۽ ان تي ڪاميابي سان عمل ڪيو پيو وڃي. هاڻي زرل واقعي هڪ جديد ڪارخانو بڻجي ويندو.

حقيقت هي آهي تہ ٽيڪنالاجي ۽ سامان ۾ وڏين تبديلين جي لاء تمام گهڻو وقت گهربل آهي. جيئن اسان چوندا آهيون تہ "ماسڪو هڪ ڏينهن ۾ نہ ٺهيو هو." جيڪڏهن اسان هڪ ئي ڌڪ ۾ اهو سڄو ڪم ڪرڻ جو فيصلو ڪريون ها تہ اسان کي جديد بڻائڻ جو ڪم پراڻن اوزارن ۽ بيڪار سامان سان ڪرڻو پئي ها. ان جو نتيجو اهو نڪري ها تہ اسان رڳو ڳالهيون ڪندا رهون ها ۽ ڪم اڳتي نہ وڌي ها.

اسان جائزو ورتو تہ اسان وٽ ڪهڙو سامان ۽ اوزار آهن ۽ ڇا اهي شيون عالمي ڪسوٽي تي پورو لهن ٿيون. معلوم ٿيو تہ ان جو ڪو تمام ٿورو حصو معياري هو. اهڙي طرح نتيجو ظاهر هو. بجاء ان جي جو اسان پنهنجي هيٺاهين ٽيڪنالاجيڪل سطح کي اڃا ڪافي سال برقرار رکون. اسان بهتر اهو سمجهيو تہ اسان گڏوگڏ نون اوزارن ڏاهڻ جي تڪليف بہ کڻون، بهتر مشينون بڻائيندا رهون ۽ پوء موجوده ٽيڪنالاجي جي سطح تي پهچي وڃون. هتي "پوء" جو مقصد مستقبل جي ڪا گهڙي يا پل ناهي. سوويت مشين سازي جي صنعت کي توڙي سائنس جي وسيع امڪانن کي استعمال ڪندي، تنظيمي نواڻ کي جلد ممڪن بڻائي سگهجي ٿو. اهو ئي اسان جو سڀ کان اهم ۽ ضروري ڪم آهي. اهو اسان جي ترجيحات ۾ سڀ کان مٿاهون ڪم آهي. ٽيڪنالاجي ۾ اسان جي اها خراب حالت ان ڪري ٿي جو اسان پنهنجي سائنسي مهارت جي اهميت کي گهڻو گهٽ سمجهيو ۽ پرڏيهي لاڳاپن تي وڌيڪ اعتماد ڪيوسون:

مان سمجهان ٿو ته اسان ديتانت (Detente) جي پاليسي مان ڪجهه وڏيڪ روشن اُميدون وابسته ڪري ڇڏيون هيون. ان ڏس ۾ اسان ڪجهه وڌيڪ ئي سادا ثابت ٿياسين. گهڻا ماڻهو سمجهندا هئا ته ديتانت جو عمل ڪڏهن به موٽ نه کائيندو ۽ ان سان گهڻا روشن امڪان واضح ٿيندا، خاص طرح سان اولهندي جي ملڪن سان واپاري ۽ معاشي لاڳاپا وڌندا. اسان ٽيڪنالاجيڪل ترقي ۽ ريسرچ جا ڪيترا ڪم ڇڏي ڏنا. اسان سوچيو ته عالمي ورهاست جي اصول تي ڪجهه مشينون خريدڻ. انهن کي ٺاهڻ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ فائديمند ٿيندو. پر ٿيو ڇا؟ اسان کي پنهنجي ابوجهائپ جي ڳري سزا ملي. هڪ سچي زماني ۾ اسان جي خلاف هر قسم جون پابنديون، بائيڪاٽ، منع ناما ۽ بندشون مڙهيون ويون، ۽ اسان سان واپار ڪندڙ ملڪن کي ڊيڄاريو ويو. ڪجهه اولهه جا سياستدان ته کلي عام چوندا هئا ته سوويت سرشتو ختم ٿيڻ وارو آهي. پر انهن جي لباڙ غلط ثابت ٿي.

ان قسم جي تجربن مان اسان ڪجهه ڪارائتا سبق سکيا آهن. اسان گهربل ڪوجنا ۽ ترقي جي شروعات ڪئي. اسان انهن شين کي پاڻ ٺاهڻ جو فيصلو ڪيو جيڪي اسان ٻين کان خريدڻ چاهيندا هئاسين. اسان جي ائين ڪرڻ سان اولهندي جي ڪمپنين جو نقصان ٿيو. منهنجي خيال ۾ پابندين جو اهو گوڙ شور رڳو سوويت يونين جي خلاف ئي ڪونهي، پر گهڻي حد تائين غير آمريڪي ڪمپنين جي خلاف به هو ۽ آهي؛ جيڪي آمريڪي ڪمپنين سان مقابلو ڪن ٿيون.

مجموعي طرح سان گڏيل آمريڪي رياستن (U.S.A) پاران پابنديون لڳايون ويون، بندشن، پابندين ۽ منع نامن مان گهٽيون ڳالهيون ظاهر ٿيون. جيئن ويندو آهي ته هر ڪاري ڪڪر سان گڏ هڪ سونهري جهالر به لڳل هوندي آهي. آمريڪا ۽ ٻين ملڪن جي ان فيصلي سان ته ”سوويت يونين کي جديد ٽيڪنالاجي بلڪل وڪرو نه ڪئي وڃي.“ اسان مفيد سبق حاصل ڪيا آهن.

هاڻي اسان خبرن جي سائنس ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي بين ميدانن ۾ پنهنجي پيداوار جي عروج تي پهچي چڪا آهيون.

جيئن اسان جي معاشي ماهرن جو چوڻ آهي ته اسان درآمد جي لعنت کان هميشه جي لاءِ نجات حاصل ڪرڻ جي لاءِ پڪو ارادو ۽ مضبوط فيصلو ڪيو آهي. آن مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ اسان پنهنجي سائنس ۽ ميڪنيڪل انجنيرنگ جي شعبن ۾ تيل قيمتي ترقي کي ڪتب آڻي رهيا آهيون. دلچسپ ڳالهه هي آهي ته سوويت سائنسدانن جي گهڻين ڪاميابين کي اولهه جي ملڪن ۾ اسان جي ملڪ جي پيٽ ۾ وڌيڪ تيزي سان لاڳو ڪيو ويو آهي. مثال طور ڪنويئر لائنز (Conveyor Lines). هڪ ٻئي معاملي ۾ به اسان ڏاڍا سست ثابت ٿيا سين. فولاد جي مسلسل ڪاسٽنگ سڀ کان اڳ ۾ اسان ايجاد ڪئي. ڇا نتيجو نڪتو؟ ڪيترن ملڪن ۾ پيدا ٿيندڙ فولاد جو ٨٠ سيڪڙو اسان واري طريقي سان "ڪاسٽ" ڪيو ويندو آهي پر اڄ اسان جي پنهنجي ملڪ ۾ فولاد ان کان گهٽ مقدار ۾ ڪاسٽ ڪيو وڃي ٿو. اسان جي ملڪ ۾ هڪ سائنسي دريافت کان وٺي ان جي پيداواري عمل ۾ لاڳو ڪرڻ تائين، هڪ ڏکي وچوٽي اچي ويندي آهي. ان مان پرڏيهي ملڪن جي هوشيار صنعتڪارن کي اسان جي خيالن جي مدد سان ڏوڪڙ ڪمائڻ جو موقعو ملي ويندو آهي. ظاهر آهي ته هي صورتحال اسان جي لاءِ ڏاڍي نقصانڪار آهي. علم ۽ ٽيڪنالاجي ۾ مساوي ڏي وٺ ته مناسب آهي پر اسان جي ايجاد مان ڪو هڪ طرفو فائدو وٺي اهو غلط آهي. هاڻي اها صورتحال بدلجي پئي. بلڪ ڪجهه عرصي کان بدلجي وئي آهي.

سائنسي توڙي ٽيڪنالاجيڪل ترقي کي زور وٺائڻ لاءِ وڏي پيماني تي ڪم ٿي رهيو آهي. اسان مقصد جو ڳا پروگرام شروع ڪري رهيا آهيون. اسان مجتب جي اجتماعي ادارن ۽ اقتصادي ماهرن توڙي بين سائنسدانن کي تخليقي طرح اتساهيون ٿا وڏن

وڏن سائنسدانن جي اڳواڻيءَ ۾ اسان ٢٢ شعبن منجهه تحقيقي ۽ ٽيڪنالاجيڪل ادارا قائم ڪيا آهن. اڄ اسان جي سڀ کان پهرئين ترجيح سوويت ميڪنيڪل انجنيرنگ آهي. مرڪزي ڪميٽيءَ جي جون ١٩٨٦ع واري ميٽنگ منجهه مشيني انجنيئرنگ جي مڪمل نواڻ جو پروگرام ٺاهيو ويو. سوويت صنعت جي تاريخ منجهه اهڙو وڏو هدف پهريان ڪڏهن به نه رکيو ويو هو. جيڪو هي هو ته آئنده ٦ يا ٧ سالن جي عرصي ۾ وڏي مشينن، ساز سامان ۽ اوزارن جي صنعتن ۾ اسان عالمي معيار جي سطح تائين پهچي وينداسين، گهڻو زور "مشين ٽول" ٺاهڻ، اوزار ٺاهڻ، اليڪٽريڪل انجنيئرنگ ۽ اليڪٽرانڪس تي زور ڏنو ويندو. لوهه، رنگ ۽ ڪيميائي صنعتن کي به وڏي پئماني تي نئون ٺاهيو ويندو. خيالي پلاءُ پچائڻ ڏاڍو خطرناڪ مرض آهي. پوءِ به جيڪي تبديليون ٿي رهيون آهن، انهن مان سٺيون اميدون پيدا ٿين ٿيون. تازو مون ماسڪو جي پر ۾ بينوگراڊ جو دورو ڪيو. هتي ڪجهه ڪوجنا جي تنظيمن ۽ اليڪٽرانڪس جي صنعت وارا ڪارخانا موجود آهن. سائنسدانن ۽ ماهرن جي انهن ڳالهين مان مون کي ڏاڍي خوشي ٿي ته اسان ان ميدانن منجهه آمريڪا کان پوئتي پيل ناهيون. پر ان جي برابر آهيون. يا وري انهن کان به اڳتي نڪري ويا آهيون. تنهن ڪري اولهندي جي ملڪن جو ٽيڪنالاجي تي غرور اسان جي لاءِ مفيد ثابت ٿيو آهي. اسان جو ڪم اهو آهي ته انهن نتيجن کي عملي طرح صنعت ۾ استعمال ڪريون ۽ اهو ڪم ڪو ايڏو ڏکيو ناهي.

نئين تشڪيل جو جاندار عمل

هڪ تمام وڏو ميدان آهي. جنهن ۾ مختلف قسم جا هزارين ڪم ۽ مسئلا آهن جيڪي ماضي کان موجود آهن. هاڻي اسان کي چا ڪرڻو آهي. اسان لاءِ ترت ڪرڻ جا ڪم ڪهڙا آهن ۽ آئنده ڪهڙن مسئلن سان واسطو پوندو. ممڪن آهي ته مان چيل ڳالهين

ڪي ورجائي رهيو هجان، پوءِ به نئين تشڪيل جي گهڻ رخي تصوير پڙهندڙن کي ڏيکارڻ چاهيان ٿو. مان چاهيان ٿو ته پڙهندڙ روزمره زندگي جي تصوير کي دوربين ۾ ڏسن، جنهن ۾ اسان جي مستقبل جو نئون وجود بڻجي رهيو آهي. اسان عوام کي مڪمل تبديلين لاءِ تيار ڪري رهيا آهيون. ان جو مطلب هي آهي ته ان لاءِ گهربل معاشي ۽ نفسياتي حالتون فراهم ڪيون وڃن. پراڻين عادتن کان جان ڇڏائڻ ڪو ايڏو سولو ناهي هوندو ۽ پراڻن تصورن ۽ سماجي شڪلين کي مٽائڻ، جيڪي خاص تاريخي حالتن ۾ پيدا ٿيون هيون پڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي.

اڃا پاڻ کي سچو سمجهندڙن جا آواز اچي رهيا آهن. انهن مان ڪي ڏسو جيڪي ڪاوڙ مان بدنظمي جي ڊوڙ اڏائي رهيا آهن. جيڪي ڪمزورين ۽ غلطين جي نشاندهي ڪن ٿا. جيڪڏهن ڪو همراه ڪم ڪرڻ شروع ڪري ٿو، جيڪو نئون لڳي ٿو ته هي ناليماتر سوشلسٽ رڙيون واڪا ڪرڻ لڳندا آهن ته هو سوشلزم جون پاڙون کوٽي رهيا آهن. اها به نئين تشڪيل جي عرصي دوران ظاهر ٿيل حقيقتن مان هڪ آهي. سوشلزم جي لاءِ اهڙن مجاهدن سان صبر ۽ تحمل سان بحث ڪرڻ گهرجي. هو اهڙي سوشلزم جا دعويدار آهن جيڪو مثالي آهي، مجرد آهي ۽ بغير ڪنهن خرابي جي پاڪ پوتر آهي. هو وڌ کان وڌ بس اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ته سوشلزم جو حقيقي زندگي سان ڪو به تعلق ناهي.

لينن جو ان ۾ بلڪل يقين نه هو ته سوشلزم ڏانهن ويندڙ وات ڪا سڌي ۽ صاف آهي. جڏهن زندگي کي ضرورت پوندي هئي ته کيس خبر هئي ته نئين زندگي لاءِ نعرن کي ڪيئن بدلايو ويندو آهي. هو منظور ڪيل نهرائن جو غلام ڪونه بڻبو هو. جڏهن سرڪاري ۽ عوامي سيڪٽر ڪمزور هوندو هو ته هو انفرادي محنت جي سرگرمين کي تيز ڪرڻ کان به ڪونه هٻڪندو هو، ۽ اڄ نئين تشڪيل جي ڪوشش دوران ڪجهه ماڻهو اهڙن عملن

ڪان ٻچن تائين ڇهڙوڪ امداد باهمي جي ادارن کي ترقي ڏيڻ، انفرادي محنت جون سرگرميون وڌائڻ، ٺيڪي تي ڪم ڪرائڻ ۽ ڪارخانن کي پنهنجي خرچ جو بار پاڻ کڻڻ. هو ٻچن تا ته اسان سوشلزم جا بنياد ڪمزور ڪري رهيا آهيون ۽ ننڍن مالڪن جو طبقو پيدا ڪري رهيا آهيون. سندن خيال آهي ته اسان ٺيڪن جو طريقو اختيار ڪري اجتماعي فارمن کي ڪمزور ڪري رهيا آهيون. پر ان حقيقت کي ڇا چئجي ته دوڪانن ۾ گهٽيون شيون سڙي ڪان موجود ئي ناهن. اسان کي ان ڪمزوري ڏانهن ڌيان ڏيڻ گهرجي ته ڪي گهٻرائجي رڙيون ڪرڻ شروع ڪيون ته ”واهه ڪريو سوشلزم خطري ۾ آهي!“

اسان کي يقين آهي ته هاڻي به اسان جو مسئلو انفرادي مفادن کي سوشلزم سان ڳنڍڻ جو آهي. هتي-آءٌ انفرادي مفادن جو ذڪر وسيع پس منظر ۾ ڪري رهيو آهيان. رڳو مادي معنيٰ ۾ نه. اسان کي نام نهاد ’خالص‘ ڪتابي طرح سان مصنوعي ايجاد ڪيل سوشلزم نه پر لينن وارو حقيقي سوشلزم گهرجي.

ان موضوع تي لينن جي سوچ بنهه چٽي هئي. جو ته انسان صنعت ۽ توانائي کي گهٽو وڌائي ڇڏيو آهي. تنهن ڪري انسان کي ٻچڻ جي ڪابه ضرورت ڪونهي. ان طاقت تي پاڙي انسان هڪ منظم طريقي سان سوشلزم جي نظام ۾ داخل ٿي سگهون ٿا. اهو ئي سڀ ڪان اهم ۽ حقيقي ڪم آهي، اها ڳالهه اڳ ۾ به درست هئي ۽ اڄ وڌيڪ اڳ کان وڌيڪ درست ٿي لڳي، اڄ اسان جو سماج معاشي ۽ سياسي طرح مضبوط آهي. لينن ڪڏهن به صحيح صورتحال کان غافل نه رهندو هو، ۽ هميشه پورهيتن جي مفادن لاءِ ڪم ڪندو هو. مون کي يقين آهي ته پيداوار کي مڪمل ڪاسٽ اڪائونٽنگ جي منظم ڪرڻ جي سڀ کان وڌيڪ موثر شڪل اڳرو انڊسٽريل ڪمپن ۾ ڪامياب وينديون. اسان جي اجتماعي فارمن جي پراڻي روايت آهي. پي ڳالهه هي آهي ته پهراڙي جا ماڻهو وڌيڪ محنتي، سمجهو ۽ باصلاحيت هوندا آهن. ان ڪري

انهن ۾ وڏيڪ ڦڙتي ۽ لچڪ هوندي آهي ۽ ڪاسٽ اڪائونٽنگ، خود ڪفالت ۽ پنهنجو خرچ پاڻ ڪڍڻ واري عمل ۾ وڏيڪ ڪاميابي حاصل ٿيندي آهي.

"گڏيل ٺيڪي جو طريقو"* محنت جي عزت ۽ اُجرت جي خيال ڪان ڏاڍو ڪامياب ويو آهي، ۽ هاڻي سڄي خاندان جي ٺيڪي جي طريقي کي به قائم ڪيو پيو وڃي. ان ڏس ۾ پهريان نتيجا ڏاڍا همت افزا ثابت ٿيا آهن.

آگسٽ ۱۹۸۷ع جي شروعات ۾ مان ريمنسڪوئي ضلع ۾ هيس جيڪو ماسڪو کان ٿوري پنڌ تي آهي. اتي پورهيتن جي هڪ ٽولي جي ميمبرن سان منهنجي ڳالهه ٻولهه ٿي. اهو ٽولو پنجن سالن کان ٽيڪنالاجيءَ جو جوڳو استعمال ڪري ٺيڪي تي ڪم ڪري رهيو هو. هو پٽاٽن جي پوک ڪندا آهن ۽ گذريل سال هنن سرڪاري فارم جي لاءِ تمام وڏو نفعو ڪمايو. جڏهن ماڻهو سڀ ذميواري کڻن ٿا ته حيرت ۾ وجهندڙ ڪارناما سر انجام ڏيندا آهن. نتيجا پهريان کان مختلف هوندا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته اهي ماڻهو سڃاڻپ ۾ به نه ايندا آهن. ڪم تبديل ٿي ويندو آهي ۽ ڪم ڏانهن رويو به بدلجي ويندو آهي.

اسان جي سماج ۾ هر ماڻهو هر شيءِ ۾ شامل ٿيڻ چاهي ٿو ۽ اها سٺي ڳالهه آهي. هو اهڙي صورتحال کي پسند نٿو ڪري جڏهن هن کان راءِ نه ورتي وڃي. جتي هن کي رڳو افرادي قوت سمجهيو وڃي. ۽ هن جي انساني ۽ شهري صنعتن جي عزت افزائي

* (Collective Contract) ڪم جو هڪ طريقو جنهن ۾ مزدورن جي هڪ ٽيم هڪ سڄي ڪم کي ٺيڪي تي ڪندي آهي. جيڪو خود پنهنجي انتظاميه يا ڪنهن ٻئي اداري سان ڪيو ويندو آهي. ڪم ۾ شامل هر مزدور جي پگهار جو دارومدار سندس سٺي ڪارڪردگي تي آهي.

نہ ڪئي وڃي. گڏيل نيڪي جو ڪٽنبي طريقو * ۽ ان سان گڏ جمهوريت، پيٽي هڪ شخص جي شهريت واري احساس ۽ مالڪ هجڻ جي احساس جو جوڳو پورائو ڪندا آهن.

اڄ زرعي علائقن ۾ اسان جا وڏا وڏا ”گڏيل فارم۲“ ۽ ”سووخوز ۳“ ڪم ڪري رهيا آهن. وڏيون وڏيون ٽيمون، سيڪشن (ڪاٽا) ۽ گڏيل ادارا منظم ڪيا ويا آهن. هو ڪنهن حد تائين زمين کان لاتعلق آهن ۽ ان سان آخري نتيجن (پئداوار) تي اثر پوندو آهي. هن دؤر ۾ اسان کي فرد جي مفادن سان جوڳو نوس ۽ سڌو تعلق رکڻ ضروري آهي ۽ هي تعلق اجتماعي ۽ سرڪاري فارمن جي حدن ۾ رهندي اجتماعي، خاندان ۽ ڪرائي جي نيڪن ذريعي قائم ٿي سگهي ٿو. هن صورت ۾ اسان هڪ وسيع اجتماعي معيشيت جي فائدن کي فرد جي مفادن سان گڏيدي سگهنداسين، ۽ اهائي اسان جي اڄ جي وڏي ضرورت آهي.

جيڪڏهن اسان هن طريقي سان ڪم ڪريون تہ اسان ٻن ٽن سالن ۾ خوراڪ جي مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ وڏي پيش رفت ڪري سگهون ٿا.

جيڪڏهن ذاتي مفادن کان ڪن تار ڪنداسين تہ اسان جون ڪوششون بيفائدي ثابت ٿينديون ۽ سماج جو بہ نقصان ٿيندو. تنهن ڪري ضروري آهي تہ ٻنهي مفادن يعني ذاتي ۽ گڏيل مفادن جي وچ ۾ هڪ توازن رکيو وڃي. اهو ڪم اسان هڪ نئين معاشي نظام ۽ وڌ جمهوريت، صاف گوئي ۽ عوام جي نئين تشڪيل ۾ ڀرپور شرڪت ذريعي ڪري رهيا آهيون.

اسان کي سڀ کان اڳ ۾ اهڙو ماحول پئدا ڪرڻو آهي جنهن ۾ نئين تشڪيل جو ڪم اڳتي وڌي سگهي ۽ فرد کي

---

* (House Hold Contract) هڪ ڪٽنب جي سيپني ماڻهن جو نيڪو.

۲ Collective Form: هڪ زرعي گڏيل سهڪار جو آدارو.

۳. سووخوز (Sovkhoz) هڪ سرڪاري فارم.

سماجي طرح سان سرگرم ۽ ذميوار بڻايو وڃي. اهو ماحول صاف گوئي ۽ عوام سان مسئلن تي بحث ذريعي (پلي مسئلا ڪيترائي ڏکيا ڇو نه هجن) پيدا ٿي سگهي ٿو يا ان لاءِ ضروري آهي ته اسان مسئلن کي رلي ملي حل ڪريون. اسان کي حڪومت ۾ حقيقي عوامي شرڪت جي ضرورت آهي. تنهن ڪري اسان چئون ٿا، جمهوريت ڏي نئين تشڪيل جي ڪم جو بنيادي پٿر آهي. نئين انتظامي مشينري، مئنيجرن جي چونڊ ڪم ڪندڙ ٽيمن ۾ گڏيل ڪم جي ڪونسلن جي، فيڪٽري، شاپ ۽ ڪارخاني سطح تي ٺهوري، اهو سڀ ڪجهه قانوني طرح رائج ڪيو ويو. ٺيڪي تي ڪم ڪندڙن اجتماعي فارمن يا سچي ڪٽنب جي ٺيڪي تي ڪم ڪرڻ وارن فارمن جي تجربن مان ظاهر ٿئي ٿو ته اسان جو عوام ڪهڙي طرح مالڪاڻي ڪردار کان محروم رهيو آهي. هو نه رڳو وڏيڪ ڪمائڻ گهرن ٿا ۽ اها خواهش سمجهه ۾ به اچي ٿي، هو ان ڪم کي ايمانداري سان ڪرڻ چاهين ٿا. هو ڪم ڪري ڪمائڻ چاهين ٿا، مفت خوري يا دوکي سان مايا (دولت) ميڙڻ نٿا گهرن. هنن جي اها خواهش سوشلسٽ جذبي جو حصو آهي. تنهن ڪري ڪم ڪري ڪمائڻ تي ڪابه پابندي نه هجڻ گهرجي. جيڪو به شخص جيڪو ڪجهه ڪمائي ٿو سو ان کي ملڻ گهرجي. ان سان گڏ اسان مان ڪنهن کي به اها رقم کڻڻ جي اجازت نه ملڻ گهرجي جنهن لاءِ هن ڪم ناهي ڪيو.

نئين تشڪيل جي سماجي پاليسي

اسان هن طيءِ ٿيل ڳالهه کان اڳتي وڌنداسين ته ستاويهين ڪانگريس جي اعلان ڪيل جاندار پاليسي ئي نئين تشڪيل جي ڪاميابي جي ضمانت ڏيئي سگهي ٿي. زندگيءَ جي معيار کي اوچو بڻائڻ ۽ رهائشي ضرورتن کي سولو بڻائڻ جي جوڳي ضرورت آهي. کاڌي پيتي جي شين جي پيداوار وڌائڻ گهرجي ۽ ڪچي مال جو معيار بلند ڪرڻ گهرجي. عوام جي لاءِ بهتر طبي سهولتن جي

فراهمي ضروري آهي. ثانوي ۽ ان کان مٿين درجي جي اسڪولن جي سڌاري جو ڪم پورو ٿيڻ گهرجي، ۽ ٻين سماجي مسئلن کي به تڪڙو حل ڪرڻ گهرجي.

اڄ جي ضرورت آهر ۽ ڊگهي عرصي واري ڪمن جو ذڪر ڪندي جون ۱۹۸۷ع واري مرڪزي ڪميٽي جي ميڙ ۾ ”خوراڪ“ ۽ ”ڪاپي“ جي شين ۾ واڌاري ۽ رهائشي سهولتن جي وڌائڻ تي خاص طرح سان گهڻو ڌيان ڏنو ويو. وڏا وڏا ڦهليل قدم کنيا پيا وڃن. وڏيڪ گهرن کي جوڙي رهيا آهيون. هي اسان جي لاءِ قومي ڪم آهي تنهن ڪري هن ۾ وڌيڪ رقم لڳائي ويندي. اسان کي عوام کي زياده ۽ بهتر گهرن جي حاصلات لاءِ مدد ڪرڻ گهرجي، ۽ اهو ڪم شهرن ۽ ڳوٺن ۾ ساڳيو ئي اهم ۽ ضروري آهي.

عوام کي سٺي معيار جي زندگي ميسر اچڻ گهرجي. جيڪڏهن اهو مسئلو حل ٿي وڃي ته محنت جي گڏيل ادارن ۾ مضبوطي پيدا ٿي ويندي. ماڻهو پنهنجي شهر، پنهنجي ڳوٺ، پيداوار ڪم جي حالتن ۽ ڪم جي نموني ۾ تبديلين جا وڌيڪ خواهشمند آهن. ان بجاءِ جو هو چاهين ته انهن جي پگهار ۾ ڪيترو جلدي واڌارو ايندو.

جيڪي اڳواڻ سماجي مسئلن کي حل ڪرڻ جي موجود موقعن کي استعمال ڪرڻ کان لاچار رهيا آهن ۽ رڳو انتظار ڪري رهيا آهن. انهن جي بي عملي ۽ بي حسي برداشت کان ٻاهر آهي، ان جو هڪ مطلب ته اهو آهي ته هو عادت جي مطابق انهن مسئلن کي نالي ماتر (Principle Residual) واري اصول تحت ئي حل ڪرڻ چاهين ٿا. ان اصول تحت صنعتي پيداوار جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ کانپوءِ جيڪڏهن رقم بچي پوي ته ان کي سماجي ضرورتن تي خرچ ڪيو ويندو آهي. اهو رويو محتاجي جي نفسيات کان پيدا ٿيندو آهي، جنهن جون پاڙون گهٽيون گهريون آهن. ڪاسٽ اڪائونٽنگ ۽ پنهنجو خرچ پاڻ برداشت ڪرڻ جا طريقا ان لاڙي کي ختم ڪري ڇڏيندا. اقتصادي انتظامي ڍانچو پاڻ ئي

۽ مفيد طريقي جو تقاضو ڪري ٿو ته جيئن هو
ي نموني ڪم ڪري سگهي.
م ۾ اسان جون ڪاميابيون سڄي دنيا ۾ مشهور آهن.
اُسي سڀ ڪان وڌيڪ آسريل ملڪن جي مقابلي ۾ قدر لائق آهن.
بهرحال پوءِ به اسڪولن ۾ سڌارا لاڳو ڪري رهيا آهيون. ڇو؟
ڪهڙي شيءِ اسان کي مجبور ڪيو؟ پهرين ڳالهه ته هي آهي ته
نئون سماج هاڻي عوام ڪان نئون مطالبو ڪري ٿو. ان ڪانسواءِ
اسان جي سماج ۾ جمود جي ڪري اسان جو تعليمي نظام به متاثر
ٿيو. تعليم ۾ سٺن نتيجن کي حاصل ڪرڻ جي لاڙي سان جمود
پيدا ٿي ويو هو. ان جمود سموري تعليم تي پنهنجا ڳرا اثر وڌا.

قومي سطح تي بحث ڪان پوءِ اسان ثانوي ۽ ان ڪان مٿي جي اسڪولن کي بنهه بدلائڻ لاءِ پروگرام ٺاهيا آهن. سڀ کان وڌيڪ ڪوشش اها ڪئي پئي وڃي ته نوجوانن کي مستقبل ۾ ڪم ڪرڻ جي سکيا ڏني وڃي ته جيئن هو سائنسي ۽ ٽيڪنالاجيڪل ترقي جي تقاضن کي پورو ڪري سگهن ۽ هر اها شيءِ جنهن جي اهميت گهٽ آهي ۽ عوام جي لاءِ واڌو بار ڪانسواءِ ڪجهه به ناهي. ان کان نجات حاصل ڪئي وڃي. نوجوانن کي انسانيت دوستي جي روايتن پٽاندر تعليم ڏني وڃي جنهن جو مقصد سٺي پرورش ۽ تربيت ۽ اعليٰ ثقافتي معيارن جي حاصلتا آهي. اسان اڄا ان کي بهتر بڻائي رهيا آهيون. ڪاليجن ۽ ثانوي/ هاءِ اسڪولن ۾ تعليم ۽ تدريس جي تخليقي طريقن ۽ ذهني تخليق ۽ آزادي کي اُڀارڻ تي زور ڏنو پيو وڃي. نئين پروگرام ۾ مادي بنيادن جي نئين تشڪيل تي گهڻو ڌيان ڏنو پيو وڃي ۽ ان کان به وڌيڪ اهم هي آهي ته استاد پنهنجي ڪم جي سطح کي بلند ڪندا. جيڪي استاد پنهنجي مهارت ۾ واڌارو ڪندا انهن کي مالي فائدو به پهچندو. انهن پروگرامن لاءِ رقمون رکيون ويون آهن ۽ انهن پروگرامن کي عملي ويس پهرايو ٿو وڃي

ملڪ ۾ عوام جي صحت جي خدمتن جي معيار کي بلند

ڪرڻ جي لاءِ گائيڊ لائينز تي، ديس ۾ بحث تي رهيا آهن. اهي بحث جڏهن ختم ٿيندا تڏهن انهن گائيڊ لائينز کي مرڪزي ڪميٽي ۾ پيش ڪيو ويندو. حڪومت ۽ پارليامينٽ به ان جو جائزو وٺندا، ۽ ان وسيع پراجيڪٽ جي لاءِ تمام گهڻن خرچن ۽ لامحدود ڪوششن جي ضرورت پوندي. اسان ان جي پهرين ڏاڪي لاءِ مالي ۽ مادي وسيلا فراهم ڪيا آهن. اهو ڏاڪو ٻارهين پنج سالہ منصوبي جي آخري سالن تي ٻڌل آهي. ان جو ڪجهه حصو تيرهين پنج سالہ منصوبي ۾ به جاري رهندو.

سماجي پيداوار ۾ واڌاري جو مطلب آهي ته ڪم ڪندڙ زياده ۽ بهتر ڪم ڪن ۽ ان لاءِ پيهر تنظيم ڪئي ويندي. ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ اسان کي گهڻي غور ۽ فڪر کان پوءِ طيءِ ڪرڻ گهرجي ته سماجي انصاف جي اصول کي ڪهڙي طرح ڪتب آڻي سگهجي ٿو. سڀ کي برابر سمجهڻ جي لاڙي جي ڪري پوين ڏهاڪن ۾ اسان جي پيداواري عمل ۾ وڏيون وڏيون ناانصافيون ٿيون. ان جي نتيجي ۾ اسان وٽ پين جي محتاجي جي لاڙن کي واڌ ملي. ان مان ڪاپو ڪندڙن جو رويو پيدا ٿيو ۽ اهو تنگ نظر فلسفو پيدا ٿيو ته ”اسان جو ڇا؟ هي سڀ ڪجهه ته مٿين آفيسرن جي مٿي جو سور آهي.“

ڪميونسٽ پارٽي آف سوويت يونين (C.P.S.U) جي ٢٧-ويهين ڪانگريس سماجي انصاف جي موضوع تي هي فيصلو ڪيو ته سوشلزم تحت محنت ئي سماجي انصاف جو بنياد آهي. سماج منجهه پورهيو ئي هڪ شهري جي مرتبي ۽ سماجي حيثيت کي مقرر ڪري ٿو. ظاهر آهي ته ان صورت ۾ ”برابري“ جو ڪو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي.

اڄ به نام نهاد برابري جا لاڙا هر دفعي آيري ساميهون ايندا آهن. گهڻن شهرين سماجي انصاف جو مطلب ’سڀني جي برابري‘ سمجهيو هو. پر سماج هر بار تقاضا ڪري ٿو ته سوشلزم جي اصول کي مڪمل طرح عملي زندگي ۾ شامل ڪيو وڃي. ٻين لفظن ۾

اسان هڪ شهري جي ملڪي معاملن ۾ حصي کي سڀ کان وڏيڪ عزت جي نگاهه سان ڏسون ٿا. اسان کي پيداوار ۾ مهارت، هڪ اديب جي صلاحيت، هڪ سياستدان جي ڪارڪردگي ۽ هڪ محنتي ۽ سچار شهري جي صلاحيتن جي عزت ڪرڻ گهرجي. اسان صاف صاف چئون ٿا ته سوشلزم جو 'برابري' سان ڪو تعلق ڪونهي. سوشلزم زندگي جي حالتن ۽ شين جو اهو معيار مهيا نٿو ڪري سگهي، جيڪو ڪميونزم ۾ ممڪن هوندو. يعني "هر ماڻهو کان سندس صلاحيت ۽ همت جي مطابق ڪم ورتو وڃي ۽ هر ماڻهو کي ضرورت جي مطابق اجرت ڏني وڃي." سوشلزم ۾ سماجي فائدن جي ورهاست جو ان کان مختلف اصول آهي. "هر ماڻهو کان ان جي صلاحيت مطابق ڪم ورتو وڃي ۽ ان ڪم مطابق کيس اجورو ڏنو وڃي." ان سان هڪ انسان جو ٻئي هٿان استحصال نٿو ٿئي، امير غريب جو فرق نٿو پيدا ٿئي، نه ڪروڙ پتي ۽ نه ڏي ڪنگلا طبقا پيدا ٿيندا آهن. سڀ ماڻهو ۽ قوميتون پنهنجي برابر جي ماڻهن ۾ برابري جو درجو رکن ٿيون. سيني ماڻهن کي روزگار مليل آهي. اسان وٽ ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي درجي تائين تعليم مفت آهي، طبعي سهولتون مفت آهن. پيدائش ۾ شهرين جي سار سنڀال چڱي نموني ڪئي ويندي آهي. سوشلزم ۾ سماجي انصاف جي اها هڪ بهترين مثال آهي.

اڄ جڏهن اسان جي ملڪ ۾ سماجي انصاف هڪ اهم توجهه طلب مسئلو بڻيل آهي، ماڻهن ۽ تولن جي فرضن، حقن ۽ رعايتن تي گهڻيون ڳالهيون ٿي رهيون آهن. اسان وٽ اهڙا فائدا آهن، جيڪي رياست قومي سطح تي مهيا ڪري ٿي. ان جو بنياد سماجي لحاظ کان معياري ۽ مفيد محنت تي رکيل آهي. صنعتي پيداوار جي شعبي، سائنس ۽ ثقافتي شعبن ۾ ڪم ڪرڻ وارن سيني کي فائدا ۽ رعايتون حاصل آهن. اسان پنهنجي عظيم سائنسدانن جو خاص خيال رکندا آهيون. وڏن عالمن ۽ اديبن جو خيال رکندا آهيون. سوشلسٽ تعمير ۾ نمايان ڪم ڪندڙن کي اعزازي تمغا ڏنا ويندا

آهن. تنهن ڪري ”سوشلسٽ محنت جي هيرن“ انعام يافته سائنسدانن ۽ ثقافتي شخصيتن کي ڪجهه وڌيڪ رعايتون به مليل آهن. اهڙي ريت مختلف صنعتن، مختلف علائقن، خاص طرح سان اترين ۽ ڏورانهن علائقن ۾ ڪم ڪرڻ وارن لاءِ خاص فائدا مهيا ڪيا ويندا آهن. مان سمجهان ٿو ته ائين ڪرڻ جائز ۽ درست آهي. ڇو ته اهو سڄي سماج جي حق ۾ مفيد آهي. جنهن جي پيڙه هڪ شهري جي ڪم جي مقدار ۽ اهميت تي رکي وڃي ٿي، پر اهڙين مخصوص رعايتن کي، جيڪي سرڪاري طرح نه ڏنيون هجن، بلڪ ماڻهن پنهنجي لاءِ پنهنجي سرڪاري اختيارن جي ناجائز استعمال جي ذريعي حاصل ڪري ورتيون آهن ته اسان انهي کي غلط ۽ قبول نه ٿيڻ جوڳو سمجهي بند ڪري ڇڏيندا آهيون.

ان مسئلي جو هڪ ٻيو پاسو به آهي. اسان جون گهڻيون تنظيمون، ادارا ۽ ڪارخانا ملازمن جي لاءِ خاص سهولتون فراهم ڪندا آهن. سڀني وڏن ڪارخانن ۾ ڪاڌي جي سهولت موجود آهي. ان کان سواءِ وڏن وڏن ادارن ۾ ڪاڌي جو انتظام ڪارخاني طرفان ڪيو ويندو آهي. ان ۾ انتظاميه ۽ ٽريڊ يونين تي مشتمل ڪميٽي ڪم ڪري ٿي. تنهن ڪري ڪاڌي جو خرچ گهٽ ۾ گهٽ هوندو آهي.

اسان جي ملڪ ۾ طبي ادارن جو وسيع انتظام موجود آهي، جيڪو ماڻهن کي انهن جي ڪم ڪرڻ جي ادارن ۾ طبعي سهولتون فراهم ڪندو آهي. ان ۾ رڳو مشوري ۽ دعوائون ڏيڻ وارا (آوٽ ڊور) O.P.D ڪلينڪ تي شامل ناهين، پر موڪلون گذارڻ ۽ صحت ڏاهڻ جا مرڪز به آهن، جيڪي يا ته ڪارخانن جي ويجهو آهن يا تفريحي علائقن ۾ يا صحت افزا هنڌن تي آهن. گهڻن ادارن ۾ دوڪان، ڪاڌي جا انتظام، ڪپڙا سبڻ وارن ادارن ۽ ٻيون سهولتون فراهم ڪيون وينديون آهن. ڇاڪ محنت جي ادارن ۾ انساني ضرورتون پوريون ڪندڙ سهولتن وارو نظام ايترو وسيع آهي جو هڪ سڄو محڪمو ٺهجي وڃي ٿو.

اهو رڳو ڪارخانن ۾ ئي ناهي ٿيندو. سائنسي اپپاس جي ادارن، اديبن جي سنگتن ۽ اهڙي پين تنظيمن ۾ طبي مرڪز موجود آهن. موڪلن لاءِ هوٽل آهن، اونهارو گذارڻ لاءِ خاص جڳهون آهن، مزدور تنظيمون، جيڪي اسان جي ملڪ ۾ سڀ کان شاهوڪار تنظيمون آهن ۽ پارٽي ۽ سوويت تنظيمن لاءِ به اهڙيون سهولتون مهيا ڪيون وينديون آهن. اها ترقي تاريخي طرح ٿيل آهي.

يقيناً اهڙين سهولتن جي فراهمي جي ڪري مسئلا به پئدا ٿيندا آهن، جو ته جڏهن اهڙين رعايتن جي عام ماڻهن تائين پهچ جو معيار، مٿين ادارن ۾ مهيا ڪيل خاص سهولتن جي معيار کان گهڻو گهٽ هوندو ته، عوام کي شڪايت پئدا ٿيندي. ان قسم جي ڪمن تي عام پورهيتن کي اعتراض هوندو. اهڙن مسئلن کي اسان جي جوڙيل پروگرامن تي عمل دوران ئي حل ڪري سگهبو.

شراب خوري جي رپٽ خلاف، اسان جي جدوجهد جاري رهندي. اها سماجي برائي صدين کان اسان جي سماج ۾ پاڙون کوڙي چڪي آهي ۽ تمام خراب عادت بڻجي چڪي آهي. ان ڪري ان کي ختم ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. پر سماج هاڻي هڪ تبديلي جي لاءِ تيار ٿي چڪو آهي. گذريل ٻن ڏهاڪن جي دوران، خاص طرح سان شرابخوري جي زيادتي، نهايت خطرناڪ حد تائين پهچي وئي آهي. ان جا اثر قوم جي مستقبل لاءِ نقصانڪار آهن. پورهيت اسان کي هر پيري يادگيري ڏياريندا رهندا آهن ته ان برائي جي خلاف جدوجهد اجا تيز ڪئي وڃي. گهڻن ماڻهن ته سڄي ملڪ ۾ شراب خوري تي بندش جو مطالبو به ڪيو آهي، پر اسان محسوس ڪريون ٿا ته سرڪاري طرح سان سڄي ملڪ ۾ شراب تي بندش لڳائڻ عملي طرح لاپائتو بڻجو ٿي سگهي. اسان هنن کي جواب ڏيون ٿا ته توهان پنهنجي گهر، خاندان، پاڙي ۽ علائقي ۾ پنهنجي پاران شراب تي پابندي جو حڪم جاري ڪريو ۽ ان تي عمل ڪرايو. هزارين ڳوٺن ۽ آبادين ۾ پورهيتن عام جلسن ۾ شراب جي وڪري ۽ استعمال کي بنهه بند ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي.

اِن جدوجهد جاري رهڻ ڪري گذريل ٻن سالن جي دوران شراب جي کاڌي ۾ في ماڻهو ٥٠ سيڪڙو گهٽتائي اچي وئي آهي. بهرحال Moon Shining جو لاڙو وڌي ويو آهي. هن مسئلي کي رڳو انتظامي قدمن کڻڻ سان حل ڪرڻ ناممڪن آهي. سڀ کان وڌيڪ اثرائتو طريقو شراب جي استعمال کي روڪڻ جو اهو آهي ته وندر جي شعبي کي گهڻو وسيع ڪيو وڃي. جسماني صحت، راندين ۽ وڏي پئماني تي ثقافتي سرگرمين کي وڌايو وڃي ۽ سماجي زندگيءَ ۾ جمهوريت کي اڃا وڌيڪ رائج ڪيو وڃي.

جمهوريت جي رستي تي اسان جي اهم دولت

نئين تشڪيل جي ڪوشش جي وڏن مقصدن سان هڪ اهم ڪم، سوويت عوام منجهه ملڪ جي مستقبل جي لاءِ پنهنجي ذميوارين جي احساس کي ٻيهر جاڳائڻ ۽ مضبوط ڪرڻ آهي. ملڪي سطح جي ادارن، اقتصادي ادارن ۽ محنت جي اجتماعي مرڪزن ۽ عام پورهيتن جي وچ ۾ لاڳاپا ڪمزور ٿيڻ جي ڪري هڪ ڏاريائپ ۽ دوري پيدا ٿي وئي آهي. اڳين به آهي ته سوشلسٽ سماج جي ترقي ۾ عام پورهيتن جي اهم ڪردار کي چڱي طرح نه سڃاتو ويو، اهو مسئلو به مونجهاري جو سبب بڻيو رهيو آهي.

اسان لاءِ سڀ کان وڌيڪ اهم انساني عنصر آهي. اسان ان کي ڪتب آڻڻ جي لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪري رهيا آهيون. خاص طرح سان سڀني منصوبن ۾ انساني عنصر کي وڌ ۾ وڌ شامل ڪري رهيا آهيون. اسان ٻن اهم پاسن ۾ وزن پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. معاشي ۽ سماجي شعبن ۾ وزن پيدا ڪرڻ سان اسان صحيح طريقي سان ترقي ڪري سگهون ٿا. جيڪڏهن اسان سماجي شعبي کي نظرانداز ڪري ڇڏينداسين ۽ رڳو معاشي ترقي جي رفتار تيز ڪندا رهنداسين ته ڪيترن منجهه محنت جي نتيجن ۾ رتي برابر به دلچسپي نه رهندي. ان سان مزدورن جي صلاحيتن تي ڏاڍو برو اثر پوندو آهي ۽ معيشيت ڪمزور ٿيندي

وڃي ٿي. ان جي ابتڙ سماجي شعبي جي جوڙجڪ اهڙي نہ هجي جو ان جو بنياد ڪمزور ٿي وڃي ۽ تيز رفتار سماجي ترقي جا امڪان ئي ختم ٿي وڃن. اسان کي اهڙو سونهري رستو اختيار ڪرڻ گهرجي، جنهن سان متوازن سماجي ۽ معاشي ترقي ٿي سگهي. انهن ٻنهي پاسن ۾ تعلق ڪو جامد تعلق ناهي، پر تعلق جي ٻن پاسن ۾ گهٽ وڌائي ٿيندي رهندي آهي. اڄ جي دؤر ۾ اسان سماجي حڪمت عملي تي گهڻو ڌيان ڏيئي رهيا آهيون.

سماج جو اخلاقي پهلو پڻ عظيم اهميت جي لائق آهي. جيڪڏهن اسان سوشلسٽ قدرن کي اثرائتي طريقي سان لاڳو نٿا ڪريون ۽ پنهنجي ڪارخانن ۽ سماج ۾ سوشلسٽ ماحول پيدا نٿا ڪريون تہ اسان نئين تشڪيل جي ڪوشش کي پڄاڻي تائين پهچائي نہ سگهنداسين. اسان درست پاليسيون ٺاهي سگهون ٿا ۽ ضروري بندوبست ڪري سگهون ٿا، پر جيستائين سوشلزم جي اخلاقي قدرن ذريعي سماج جو مڪمل سڌارو نٿو ٿئي، تيستائين اسان جا مقصد حاصل نہ ٿيندا. اهي قدر آهن سماجي انصاف، محنت مطابق فائدن جي ورهاست، سڀ تي لاڳو ٿيندڙ ضابطو، قانون قاعدا ۽ فرض، جيڪي سڀني لاءِ سا ڳيا هجن.

اسان صنعتي انتظام ۽ انتظامي ڍانچي کي بهتر بڻائي، انساني عنصر کي وڌيڪ چر پر ۾ آڻي رهيا آهيون، ان حالتن ۾ ڪاسٽ اڪائونٽنگ جي ڇا معني آهي؟ هي رڳو محنت جي ڪنهن اجتماعي اداري جي حقن جي ڳالهہ ناهي، پر انهن جي فرض کي مقرر ڪرڻ جي ڳالهہ بہ آهي. جيڪڏهن اسان اهو چئون تہ اوهان ماڻهو پنهنجي ڪم مطابق ئي زندگيءَ جون مڙئي سهولتون ماڻيندؤ تہ ان جو مطلب هي آهي تہ اسان عوام کي پنهنجي آئندي جي ذميواري سونپي ڇڏي آهي. هڪ ڪارخاني جا ڪارڪن فطري طرح پنهنجي ڪم کي هلائڻ ۽ ڪارخاني جي ذميواري پنهنجي هٿن ۾ رکڻ گهرندا آهن. ان ڪم جي نتيجي ۾ ڪارخاني جي آمدني ۽ زندگيءَ جا معيار قائم ٿيندا آهن. هتي بہ هڪ عمل جا ٻہ رخ آهن. ٻين لفظن

۾ ڪاسٽ اڪائونٽنگ جو واسطو خود انتظامي سان يعني ڪارخاني جي خود مختياري سان آهي.

پئداواري حدف پورا ڪرڻ جي عمل ۾، هڪ شخصي انتظام ۽ سڄي ڪارخاني جي شموليت جي گڏيل تعلق کي اسان هڪ نئين نظر سان ڏسي رهيا آهيون. هي هڪ هنگامي يا وقتي مسئلو آهي. مناسب انتظامي ڍانچن ذريعي مزورن جي انتظاميه ۾ شرڪت ڪانسواءِ ڪوبه ڪم اڳتي وڌي نٿو سگهي. محنت ڪرڻ واري ٽيم هجي يا شاپ ، هڪ ڪارخانو هجي يا گهڻن ڪارخانن جو مجموعو ، هر هنڌ انتظام ۾ مزورن جي شموليت ضروري آهي. هر ڪارخاني کي پنهنجو مئنيجر چونڊڻ جو حق آهي. اُن مئنيجر کي سڄي اسٽاف طرفان سڄي ڪارخاني جي اڇي ڪاري جو مالڪ بڻايو ويندو آهي. هي مئنيجر پنهنجي قوت ارادي سان سيني ڪارڪنن کي گڏ ڪندو آهي.

مئنيجرن جي سڌي چونڊ نئين جمهوريت جي عملي صورت آهي. شروع ۾ ڪي ماڻهو ان ڳالهه ڏانهن ڌيان ڏنل هئا. سندن چوڻ هو تہ اسان اڳ ۾ ئي پنهنجون حدون اورانگهي چڪا آهيون ۽ ڪمن جو نتيجو تباهه ڪن هوندو، پر جيڪي ائين سوچن ٿا، سي اهو وساري ويهن ٿا تہ عام انساني سمجهه نيٺ ڪامياب ٿيندي آهي. ڏولڀبازي وارا مفاد، جيڪو هڪ ٻئي جي غلطين جو ڏيک ڏيکڻ جو ئي هڪ طريقو آهن، ڪٿي نہ ڪٿي اڳهاڙا ٿي پوندا آهن، پر بنيادي طرح هر ماڻهو پنهنجي ورڪ ٽيم، شاپ، ڪارخاني، اجتماعي زرعي فارم يا سرڪاري فارم مٿان اهڙن مئنيجرن کي پسند ڪندو، جيڪي اعتبار جوڳا ۽ سمجهو هجن. جيڪي واقعي اڳواٽي جي لائق هجن، جيڪي پئداوار ۽ زندگي کي بهتر بڻائڻ لاءِ نيون ڳالهيون سوچي سگهندا هجن. اسان جو عوام اهي ڳالهيون چاڻي ٿو ۽ ڪين ڪمزور انتظاميه جي ڪا بہ ضرورت ڪونهي. ڪين لائق محتاط ۽ مناسب طريقي سان ڪم وٺندڙ اڳواڻن جي ئي ضرورت آهي.

ماڻهو چاهين ٿا تہ ڪارخاني جي مئنيجرن، شاپ سپرنٽينڊينٽن

۽ فورمين جو روئيو بدليل هجڻ گهرجي. هو چاهين ٿا ته اهي ماڻهو سٺي اخلاق جو بهتر نمونو هجن. خاص طرح سان اهي جيڪي سندن آفيسر آهن.

اهڙا گهڻائي مثال آهن، جتي هڪ سٺو مئنيجر آهي، اتي ڪم ۾ ڪاميابي حاصل ٿيندي آهي. هو مڙني جو جو گهڻو خيال رکندو آهي. هر ماڻهو هن سان ڳالهائڻ چاهيندو آهي. پوءِ ان کي حڪم ڏيڻ يا ڏاڍيان آواز سان ڳالهائڻ جي ضرورت ڪونهي. هو ڏسڻ ۾ عام ماڻهو لڳندو آهي، پر هو هر شيءِ کي ڏسي ٿو ۽ ان جي وضاحت ڪري ٿو، جيڪڏهن ماڻهن جا ڪي مطالبا ترت نٿا پورا ٿي سگهن، ته هو سندس سمجهائڻ تي سمجهي ويندا آهن ۽ انتظار ڪرڻ تي راضي ٿي ويندا آهن.

اسان انساني عنصر کي وڏيڪ سرگرم بڻائي رهيا آهيون ۽ ان لاءِ وڏيڪ جمهوري طريقا لاڳو ڪري رهيا آهيون. اسان نظرياتي ڪم کي وڌايو آهي ۽ وڏيڪ صحت مند اخلاقي ماحول پيدا ڪيو آهي. اجا سڀ ماڻهو هن دؤر جي خاص اهميت کي نٿا سمجهن، اهڙن ماڻهن کي قائل ڪرڻ لاءِ جيڪي اجا تائين نئين تشڪيل جي عمل کي عجب وچان ڏسي رهيا آهن، وڏيون ڪوششون ڪرڻيون پونديون. ڇو ته اهي ماڻهو خاص عهدن تي مقرر ٿيل آهن.

ماڻهو روزانو زندگي ۾ جن خيالن جا عادي بڻجي چڪا آهن، انهن کي هڪدم رستي کان هٽائي نٿو سگهجي. جيڪي نفسياتي عادتون سالن کان ذهن جو حصو بڻجي چڪيون آهن، اهي سخت کان سخت سرڪاري حڪمن ذريعي به دؤر نٿيون ڪري سگهجن. اجا اسان کي عوام ۾ ڪم ڪرڻ جي اڏوهي کائل طريقن کان جان ڇڏائڻي آهي، جنهن ۾ هي لاڙو به شامل آهي ته اسان نظرياتي تحريڪون هلائيندا آهيون ۽ وڏيون وڏيون پٽاڪون هڻندا آهيون. ۽ ان خرابي کي دور ڪرڻ لاءِ اسان کي ڏکهي ۽ پرعزم جدوجهد ڪرڻي پوندي. ان جدوجهد جا نشانا سرخ فيتو، غير ضروري ڏيکاءُ خالي نعرا ۽ خواه مخواه جي نمائش آهي. سڀ کان وڏيڪ ضروري

هي. آهي ته خوشحالي جي دؤ ڪيپر نه ونجڻ گهرجي. عوام ۾ تخليق ۽ ذهانت جي زندگي بخش ڏاڍائن کي نوڪر شاهي ۽ 'لڪير جي فقيري' جي نظر نه ڪري ڇڏڻ گهرجي.

عوام سان ڳالهه ٻولهه ۾ ٻلي هو روڊن بازارن تي هجن يا پنهنجي ڪم ڪرڻ جي جڳهه تي، مون ماڻهن کي اڪثر اهو چوندي ٻڌو آهي ''هتي ته هر ماڻهو نئين تشڪيل جي حمايت ڪري ٿو.'' مان انهن لفظن جي سچائي ۽ صداقت تي يقين رکان ٿو. پر پوءِ به ڪين هر دفعي چوندو آهيان ته هن وقت سڀ کان اهم ڳالهه نئين تشڪيل جي باري ۾ ڳالهيون گهٽ ۽ ڪم وڌ ڪرڻ آهي. زياده نظم، ايمانداري، هڪ ٻئي لاءِ وڌ کان وڌ احترام ئي سڀ کان بهتر عمل آهي. اسان کي مڪمل ايمانداري سان ڪم ڪرڻ گهرجي. پنهنجي ضمير جو آواز ٻڌڻ گهرجي. اها غنيمت آهي، ته ماڻهو پنهنجي ضمير جي آواز کي ٻڌن ٿا ۽ ان تي ڪن ڏين ٿا. هنن جي دل ۽ دماغ ۾ اڃا به چڱي ۽ مني جي سڃاڻ آهي؟ اها ڳالهه اهم آهي. ملڪ جي هڪ پاليسي آهي، هڪ حڪومت آهي، جيڪا عمل درآمد ڪرائي ٿي ۽ ان جي حفاظت لاءِ وڙهي ٿي ۽ عوام آهي، جيڪو هن حڪومت ۽ ان جي پاليسي جي حمايت ڪري ٿو. اها ئي ڳالهه سڀ کان اهم آهي. سڀ ڪم پڄائي کي پهچندا . نئين تشڪيل جي مهم اڳتي وڌندي ۽ ان جا سٺا نتيجا نڪرندا. سوويت ماڻهن سان انهن ملاقاتن کان اڳ جيڪو تاثر وٺندو آهيان، اهو آهي ته هتي ڪيترو بهتر انداز سان نئين تشڪيل جي سياسي ۽ اخلاقي پاسن کي سمجهيو آهي.

قانون جي پابندي- جمهوريت جو نهايت اهم عنصر

اسان لاءِ قانون جي پوئواري هڪ بنيادي اصول جي حيثيت رکي ٿي. اسان هن معاملي کي وسيع پس منظر ۾ ڏسون ٿا ۽ ان تي هڪ اصولي موقف رکون ٿا . جمهوريت کان سواءِ قانون جي پوئواري نٿي ٿي سگهي. ان کان سواءِ هي ڳالهه به درست آهي ته قانون

جي حڪمراني کان سواءِ جمهوريت نه ته زندهه رهي سگهي ٿي ۽ نه ئي وري ترقي ڪري سگهي ٿي. قانون ان ڪري ئي ته نهندو آهي ته جيئن سماج کي اختيارن جي غلط استعمال کان محفوظ رکي سگهجي ۽ شهرين، انهن جي تنظيمن ۽ محنت جي اجتماعي ادارن جي حقن توڙي آزادين جي ضمانت ڏئي سگهجي. ان مسئلي تي اسان سختي سان قائم آهيون. اسان کي پنهنجي تجربي مان معلوم ٿيو آهي ته جڏهن اصولن کي پٺي ڏني وڃي ٿي ته ڪهڙا نه خطرناڪ نتيجا نڪرندا آهن.

سوويت حڪومت شروعات کان ئي لينن ۽ پارٽي قانون جي قيام ۽ مضبوطي تي خاص ڌيان ڏنو. اها ڳالهه فطري هئي، ڇو ته ايرندڙ سماج کي ان جي گهڻي ضرورت هئي. اسان کي نئين حڪومت جي نظام کي مضبوط ڪرڻو، پيداوار جي ذاتي ملڪيت کي ختم ڪرڻو، زمين کي قومي ملڪيت بڻائڻو هو، مزدورن جي هٿن ۾ پيداوار جو ڪنٽرول ڏيڻو هو ۽ انقلاب دشمن عناصرن جي شر کان مزدورن ۽ هارين جي مفاد کي محفوظ رکڻو هو. انهن سڀني ڳالهين کي قانونن ۾ بدلائڻو هو. نه ته انقلابي عمل بدنظمي ۽ بي ترتيبي جو شڪار ٿي وڃن ها ۽ اسان نه ته پنهنجي ڪاميابين کي مضبوط ڪري سگهون ها، نه ئي وري سوويت حڪومت جي سرشتي کي ڪاميابي سان هلائي سگهون ها ۽ سماجي زندگي جي نئين اصولن کي پڙ قائم ڪري نه سگهون ها.

سوويت حڪومت جي حڪمن مان ئي اهي مقصد حاصل ٿيا. پهرين ڏينهن کان ئي قانوني جواز کي سوويت يونين ۾ سماجي زندگي کي اڳتي وڌائڻ لاءِ بنيادي اصول جي حيثيت ڏني وئي. اهڙي طرح هنن ملڪ کي هلائڻ لاءِ ڪروڙين پورهيتن جي شرڪت کي يقيني بڻايو. لينن جي لفظن ۾ انهن کي ”پنهنجن حقن جي لاءِ وڙهڻ سيکاريو.“ ١٩١٨ع ۾ جاري ٿيل پهرين سوويت آئين ۾ اها سوچ سمايل هئي. روس جي سوويتن جي ڪانگريس ۾ هڪ ٺهراءُ بحال ڪيو ويو هو، جنهن جو عنوان هو ”قانون جي

سختيءَ سان پابندي.“

جڏهن گهرو لڙائي ختم ٿي ته قانون سازي جو ڪم تيزي سان اڳتي وڌڻ لڳو. ان جو مقصد سوشلسٽ تبديلين کي قانوني شڪل ڏيڻ هو. قانونن ۽ قانونن جي پوئواري ڪرائڻ وارن ادارن جو ڪم ۽ انصاف ڪرڻ جو ڪم، نئين رياست جي اداوت ۽ معاشي، سماجي، ثقافتي ۽ ٻين سرگرمين جي ڪري حاصل ٿيل ڪاميابين کي قانوني شڪل ڏيڻي هئي. لينن حڪم ڏنو ته سڄي ملڪ ۾ هڪ قانون جاري ٿئي ته ”اسان کي پنهنجي جوڙيل قانون کان انحراف نه ڪرڻ گهرجي.“ ان حڪم تي سختيءَ سان عمل ڪيو ويو.

ان دور جو ذڪر به ضروري آهي، جنهن کي شخصيت پرستيءَ جو دور چيو ويندو آهي. ان دور ۾ اسان جي قانون، ان ۾ سدارن ۽ انهن جي پوئواري تي پڻ سٺو اثر نه پيو. شديد قسم جي مرڪزيت، حڪمن ذريعي انتظام هلائڻ، پابندين ۽ قائدن جي گهٽائي، قانون جي احترام جي ڪلئي عام وڏي توهين ٿيندي رهي، هڪ زماني ۾ حڪومت جو لاڙو آپيشاهي وارو ٿي ويو. لاقانيت جي حڪومت هئي، جنهن جو سوشلزم سان پري جو به واسطو نه هو. نه ئي ان جو ۱۹۳۶ع جي آئين جي شرطن سان ڪو واسطو هو. ملڪ جي حڪومت ان طريقن سان هلائڻ ۾ اسٽالن ۽ سندس ويجهن ساٿين جو وڏو هٿ هو. ان لاقانونيت جو جواز سياسي تقاضن، عالمي ڇڪتاڻ يا ملڪ ۾ طبقاتي ويڙهه جي تيزي ۾ ڳولڻ جون ڪوششون بنهه غلط آهن. قانون جي پيچڪڙين جا وڏا ڏکدائڪ نتيجا نڪتا. جن کي اسان اڄ ڏينهن تائين ڀوڳي رهيا آهيون ۽ ڪڏهن به وساري نٿا سگهون ۽ اسان هنن کي ڪڏهن به معاف ڪري نٿا سگهون. ويهين ڪانگريس ۾ ان دور تي تفصيلي ۽ سخت تنقيد ڪئي وئي هئي.

ان لاقانونيت جو ذڪر آئينده قانون سازي ۾ نظر اچي ٿو. جمهوري اصولن کي ٻيهر رائج ڪيو ويو. انتظام کي مضبوط ڪيو ويو. قانون کي وري جوڙيو ويو. قانون جي مسودن تي سڄي

قوم ۾ بحث مباحثا ڪيا ويا. ڀين اهم مسئلن تي به بحث ٿيا. گذريل پنجويهن سالن جي دوران ڪروڙين ماڻهن لڳ ڀڳ ٽيهن وڏن مسودن تي بحث ۾ حصو ورتو. انهن قانونن جي باري ۾ پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو ۽ انهن ۾ واڌارا ۽ سڌارا پيش ڪيا.

پر اهڙو دؤر به آيو جنهن کي جمود جو دؤر چيو وڃي ٿو. ان دؤر ۾ به قانون تي عمل ۾ سستي ڪان ڪم ورتو ويندو هو. آپينشاهي لاڙا ۽ قانون جون خلاف ورزيون وري ظاهر ٿيون. ڪيترا اڳواڻ پڻ ان رويي جو شڪار ٿي ويا. عدالتون Procurator جا دفتر ۽ ٻيون تنظيمون، جن کي امن امان جي حفاظت لاءِ ۽ ٻين خرابين خلاف وڙهڻو هو، سي اڪثر حالتن جي سامهون هٿيار ڦٽو ڪري ڇڏينديون هيون. هو پنهنجو پاڻ کي بي وس محسوس ڪنديون هيون. ۽ قانون جي خلاف ورزي ڪندڙن جي خلاف پنهنجي اصولي ڪردار کان ڪن-تار ڪنديون هيون. قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ۾ بچڙائي جا واقعا وڌي ويا هئا.

هاڻي اسان نئين تشڪيل جو عمل لاڳو ڪري ڇڏيو آهي. ماضي جي ناڪاري عملن کان لاڳاپو ٽوڙڻ جو وچن ڪيو اٿئون ۽ سوشلسٽ جمهوريت کي وڌائڻ جو عمل تيز ڪري ڇڏيو اٿئون. اسان کي محسوس ٿيو ته قانون سازي ۽ سوشلسٽ قانونن جي مڪمل پورنتا ۽ مڪمل بنيادي تبديلي جي ضرورت آهي.

معاشي انتظامي ڍانچي ۽ سماجي ترقي جي تنظيم ۾ بنيادي تبديليون ڪرڻ وقت، اسان کي ان ضرورت جو احساس ٿيو هو. اسان جي سماج جي سيني شعبن ۾ جمهوريت جي نفاذ جو اهو هڪ اهم پهلو آهي. جيڪي قدم اسان قانون سازي ۽ قانون جي شعبن ۾ کڻي رهيا آهيون، اهي نئين تشڪيل جي عمل ۾ مددگار ثابت ٿي رهيا آهن. اسان اهي ڪم معاشي، سماجي ۽ ثقافتي شعبن جي پس منظر ۾ ڪري رهيا آهيون. اسان انهيءَ ڪم ۾ پوڙهيت عوام جي خواهشن يا عام راءِ جي مرضي جو گهڻو خيال رکيو آهي.

نئين تشڪيل لاءِ سماج ۾ وسيع تنظيم ۽ شهرين جي

باشعور ضابطي جي گهٽجي ضرورت آهي. سان اها ڳالهه هن ريت چوان ٿو ته نئين تشڪيل جو عمل جيترو گهرو ۽ وسيع هوندو، اوترو زوردار ۽ مستقل مزاجي سان سوشلزم جي اصولن تي عمل ڪرڻ جي ضرورت پوندي. اهو ضروري ٿيندو ته سوشلسٽ سماج جي زندگي جي قاعدن تي جيڪي قانون ۽ آئين جو حصو آهن، عمل ڪيو وڃي. نئين تشڪيل قانون سازي جي گهر ۾ تبديلين جي گهٽ گهر ڪري ٿي. قانون کي گهرجي ته سختي سان سماج جي مفادن جي حفاظت ڪري ۽ اهڙي هر ڪم جي منع ڪري، جنهن سان قومي مفادن کي ڇيهو رسندو هجي. هي هڪ ابدي اصول آهي، پر قانون جون جو هي ڍانچو جوڙڻ وقت شهرين جي تخليق ۽ ڪارخانن ۽ تنظيمن کان اينڌڙ سوچن جي لاءِ گنجائش ضرور رکڻ گهرجي. قانون جي دائري جي اندر رهندي عملي سرگرمين ۽ نئين سوچ جي عمل جي همت افزائي ۽ مدد ڪرڻ گهرجي. ڪارخانن جي سيني حقن تي پڏل مختلف حڪمن ۽ قاعدن کي جاري ڪري اسان پهريان ئي گهڻو نقصان برداشت ڪري چڪا آهيون. آئين ته هوندو هو ته جيڪا ڪارڪردگي اهڙن حڪمن ۽ قاعدن جي دائري ۾ نه اينديهئي، انهي کي قبوليت جوڳو ڪونه سمجهيو ويندو هو، پر تجربي ثابت ڪيو آهي ته اسان کي سماجي زندگي جي گهٽ رنگي عمل کي قانون جي پابنديءَ ۾ جڪڙڻ جي ڪوشش نه ڪرڻ گهرجي. اسان کي معقول طريقن سان ڪم وٺڻ گهرجي. اسان کي مزورن، مزور طبقي توڙي سموري عوام جي تخليقي سرگرمي ۽ ڪارڪردگي وڌائڻ گهرجي. اسان کي سختيءَ سان ان اصول جو پابند رهڻ گهرجي ته 'هر اها شيءِ جنهن جي قانون منع نه ڪئي هجي سا جائز آهي.'

نئين تشڪيل دوران گهڻا اهم قانون منظور ۽ جاري ڪيا ويا آهن. مثال طور اسٽيٽ انٽرپرائز (ايسوسيئيشن) جو قانون، اڳرو انڊسٽريل ادارن جي اجتماع جو قانون،* اسڪولن جي سڌاري

* قومي معيشيت جي اهڙي تنظيم آهي، جنهن ۾ اهي سڀ شاخون←

جو قانون، انفرادي مزوري جو قانون، ناجائز آمدنين جو قانون، شرابخوري ۽ نشي جي عادت جو قانون، اهڙي طرح عوامي صحت جي بهتري، ماحول جي حفاظت، ماءُ ۽ ٻارن جي سار سنڀال جا قانون به ناهيا ويا آهن.

سوويت عوام جي آزادي ۽ حقن جي ضمانت ڏانهن اسان خاص ڌيان ڏيئي رهيا آهيون. سوويت يونين جي سپريم سوويت جي خاص حڪم تحت، تنقيد کي دٻائڻ جي لاءِ قانوني طرح سزا مقرر ڪئي وئي آهي. آفيسرن، سرڪاري ۽ عوامي ادارن جي غير قانوني سرگرمين سان شهرين کي ٿيندڙ نقصانن جي پورائي لاءِ به هڪ قاعدو جوڙيو ويو آهي. آفيسرن جي غير قانوني ڪمن جي خلاف، جن سان شهرين جي حقن کي ڇيهو ٿو رسي، عدالتن جي در کڙڪائڻ لاءِ طريقو ٺاهيو ويو آهي.

سياست جي اهم اصولن کي قومي بنيادن تي بحث هيٺ آڻڻ لاءِ به هائي هڪ باقاعدي قانون جوڙيو ويو آهي، جيڪو سوويت يونين جي سپريم سوويت جون ۱۹۸۷ع ۾ جاري ڪيو هو.

اسان کي چڱي طرح خبر آهي ته نئين تشڪيل قانون سازي ۽ انتظام هلائڻ ۾ مسلسل نون قدمن جي تقاضا ڪندي رهندي. سيني قانونن کي هڪ نوس شڪل ۾ ڪٺو ڪرڻ جي ڪم تي بحث کي ايجنڊا ۾ شامل ڪيو ويو آهي. ان بحث ۾ ان قسم جي جديد مسئلن تي قانون جوڙيا ويندا. معاشي مهارت کي وڌائڻ، هڪ مضبوط سماجي پاليسي تي عمل ڪرڻ، سوشلسٽ جمهوريت جي سيني امڪانن کي استعمال ڪرڻ لاءِ ته جيئن عوام جي حڪومت جو رستو صاف ڪيو وڃي. چوندن جي قانونن ۾ گهڻيون تبديليون ڪيون وينديون. جون ۱۹۸۷ع جي چوندن جي تيارين دوران

شامل آهن، جيڪي زرعي آپت ۽ ان جي صفائي، هڪ جڳهه کان ٻي جڳهه ڪٺي وڃڻ، ذخيرو ڪرڻ ۽ وڪڻڻ جو انتظام ڪن ٿيون.

جيڪي تجربا ڪيا ويا، انهن جي بنياد تي وڌيڪ بهتر فيصلا ڪري سگهجن ٿا، ته ان مشڪل مسئلي کي ڪيئن حل ڪيو وڃي. هائي اهڙا قانوني طريقا جوڙيا پيا وڃن، جن جو تعلق قومي معيشيت جي انتظام جي نئين تشڪيل سان آهي ۽ انهي ۾ رياست ۽ حڪومت منجهه مقامي ادارن جو وڌيڪ ڪردار هوندو. هن ڪم جو دائرو ڦهليل هوندو، ڇو ته لڳ ڀڳ ۳۰ هزار قومي سطح جا قانون، اسان جي معيشيت ۾ سمايل آهن. انهن مان گهٽ قانونن ۾ گهٽين بنيادي تبديلين جي ضرورت آهي. ڪي قانون ته بنهه منسوخ ڪرڻ جوڳا آهن. سرڪاري ڪارخانن تي قانون لاڳو ڪرڻ کان پوءِ، انهن مان هزارين ته اڳ ئي رد ڪيا ويا آهن.

هاڻوڪي ڪانگرسين کان پوءِ مزدور يونين ۽ ڪمسومول * مزدورن ۽ نوجوانن جي تنظيمن تي قانون جي دستاويز جي باري ۾ تجويزون پيش ڪيون ته ان قانون کي اڃا وڌيڪ ڦهليل ۽ اثرائتو بڻايو وڃي. مزدورن جي باري ۾ قانونن جي مسودي جي تياري ٿي رهي آهي. امداد باهمي جي سرگرمين ۽ اجتماعي محنت جي ادارن جي ميڙن ۾ طيءِ ٿيل مسودن جي دائري کي وسيع تر بنائڻ لاءِ به قانون تيار ٿي رهيا آهن. اهڙي طرح مزدورن، انتظامي عملي ۽ اجتماعي فارمن جي هارين لاءِ پينشن جي مقدار ۽ شين جي بهتر معيار تي به قانون جوڙيا پيا وڃن.

فوجداري ضابطي ۾ تبديليون ڪرڻ لاءِ اسان کي گهڻو ڪم ڪرڻو پوندو. سوويت سماج جي موجوده بلند سطح تي اسان کي مختلف قانونن جي ضرورت آهي. قانون سازي ۽ قانون جي هن اهم پهلو تي به نئين تشڪيل ۽ جمهوريت جي ڪري پيدا ٿيل عظيم تبديلين جي پس منظر ۾ ئي ڪم ڪرڻو پوندو.

---

* ڪمسومول جو پورو نالو (All-Union Leninist young Communist League) آهي. سوويت نوجوانن جي عوامي تنظيم ۱۹۱۸ع ۾ قائم ٿي هئي.

اها ڳالهه خاص طور تي اهم آهي ته عدالتن جي بحيثيت ادارن جي، جيڪي ادارن جي بلڪل ويجهو آهن، اختيار ۽ ڪردار ۾ واڌارو ڪيو وڃي. ججن کي مڪمل آزادي ڏني وڃي ۽ قانوني چاره جوئي ۾ جمهوري اصولن جو تمام گهڻو خيال رکيو وڃي. معروضي ۽ سائنسي رويو رکيو وڃي.

چونڊون مقابلي جي ذريعي ٿين ۽ ان ڏس ۾ سچائي جي اصولن کي اختيار ڪيو وڃي. (Procurator) جي طرفان نگراني ۾ واڌارو ڪيو ويو آهي ته جيئن ان مقصدن جي حاصلات ۾ مدد ملي. قانونن جي پابندي سختي سان ڪئي وڃي ۽ اها پابندي سيني شهرين تي هڪجهڙو فرض آهي. ادارن جي وچ ۾ اقتصادي جهيڳڙن جي نبيري لاءِ رياست جي طرفان ٿياڪڙ جو دائرو وسيع ڪيو ويندو. قومي معيشيت ۾ عدالتي خدمتن کي ضروري اهميت ڏني ويندي ۽ عوام کي عدالتي معاملن ۾ تربيت ڏني ويندي.

اڻين چونڊ گهرجي ته هڪ ڪم اسان جي سامهون آهي ۽ اهو ڪم آهي سوشلزم جي قانوني بنيادن کي مضبوط ڪيو وڃي، قانون ۽ قانون جي پابندي، رڳو جمهوريت جي بنيادن جي مضبوطي ۽ سماجي ترقي کي تيز ڪرڻ جي لاءِ ئي ضروري ناهي، پر اهي نئين تشڪيل جي عمل جا اوزار به آهن ۽ سماج جي اڳتي وڌڻ جي ضمانت پڻ.

نئين تشڪيل ۽ سوويتون

هاڻي نئين تشڪيل جو عمل جاري آهي ۽ جمهوريت وڌي رهي آهي. پارٽي جي سياسي قيادت کي سرڪاري ايجنسين، مزدور يونين ۽ ٻين عوامي تنظيمن سان ڳنڍڻ جي مسئلي کي هڪ نئين اهميت ڏني وئي آهي. مثال طور اسان جي سوويتن کي ڏسو نئين تشڪيل اسان کي اهو واضع ڪرڻ تي مجبور ڪيو آهي ته هن سلسلي عمل ۾ سوويتن کي ڪهڙو ڪردار ادا ڪرڻو آهي، جيستائين سوويتن کي ان عمل ۾ شريڪ نه ڪيو وڃي ۽ انهن کي

انقلابي تبديلين مان نتو گذاري وڃي، تيستائين سماج ۾ جمهوريت جي اوسر ناممڪن آهي.

روس جون سوويتون دنيا جي سياست جي تاريخ ۾ هڪ بي مثال تخليقي عمل جي نمائندگي ڪن ٿيون. هو حڪومت ۾ پورهيتن جي سڌي نئين تخليقي شموليت جو چٽو ڏيکاءُ ڏين ٿيون. اولهه جا گهڻ ماڻهو اهاڳالهه چاڻن ٿا ته سويتن جو تصور ۽ پوءِ انهن جي تنظيم، آڪٽوبر ۱۹۱۷ع جي انقلاب کان گهڻو اڳ ۱۹۰۵ع ۾ ظاهر ٿي هئي. فيبروري ۱۹۱۷ع جي انقلاب کان پوءِ جنهن ۾ زار جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو ويو هو، روس ۾ سوويتون اقتدار جي ادارن جي حيثيت سان ترقي ڪرڻ لڳيون. انهيءَ وقت هنن جو اقتدار محدود هو. چو ته هو عبوري(۱) حڪومت سان گڏو گڏ هلي رهيون هيون. آڪٽوبر ۱۹۱۷ع ۾ قائم ٿيل نئين جمهوري رياست جو سياسي بنياد، انهن سوويتن تي رکيو ويو. تڏهن کان اسان جي ملڪ کي سوويت جمهوريت چوندا آهن. جيڪڏهن سوويتون نه هجن ها ته اسان گهرو ويڙهه ۾ فتح حاصل ڪري نه سگهون ها. سوويتون نه هجن ها ته ايڏي وڏي ملڪ ۾ اسان ڪروڙين عوام ۽ خاص طرح سان مزدورن ۽ هارين کي متحد ڪري نه سگهون ها. جيڪڏهن سوويتون نه هجن ها ته نئين اقتصادي پاليسي(۲) جو ڪجهه به نتيجو نه نڪري ها. سوويتن جي اصل قوت جو راز هي هو ته جڏهن هڪ دفعو عوام ان کي قائم ڪري ڇڏيو ته پوءِ سويتن پورهيتن جي مفادن جو اعلان ڪيو ۽ ان جي مفادن جو تحفظ ڪيو. سوويتن جي جلد ئي ملڪ جي عوام ۾ مقبول

---

(۱) عبوري حڪومت روس ۾ فيبروري ۱۹۱۷ع جي انقلاب کان پوءِ قائم ٿيل بورزوا حڪومت جو مرڪزي ادارو، هي ۲ (۱۵) مارچ کان ۲۵ آڪٽوبر (۷ نومبر) ۱۹۱۷ع ۾ قائم رهيو.

(۲) نئين اقتصادي پاليسي N. E. P لينن جوڙي هئي، جيڪا

ٿين جو ڪجهه هي هو ته اهي مقامي مسئلن کي پاڻ ئي حل ڪنديون هيون ۽ ان تي ترت عمل درآمد ڪنديون هيون. هي ادارا هر وقت عوام جي اکين جي سامهون رهندا هئا ۽ انهن جو ڪو به ڪم عوام کان لڪل نه هو. اصل ۾ ان طريقي سان انهن ماڻهن کي ڪمن جو اختيار ڏنو ويو، جن جا مسئلا ان ذميواري ذريعي حل ڪرڻا هئا. ان طريقي سڌي سئين جمهوريت ۽ نمائندن ذريعي جمهوريت کي پاڻ ۾ ملايو ويو. اهو طريقو بي مثال ۽ ڪامياب رهيو.

پر جڏهن حڪمنامن ذريعي معيشيت جي انتظام جو طريقو شروع ٿيو ته سوويتن کي پس منظر ۾ ڌڪيو ويو. گهڻن مسئلن جو حل سوويتن جي موجودگي کان سواءِ ٿيڻ لڳو. ڪيترن مسئلن

۱۹۲۱ع ۾ لاڳو ٿي. ان جو وڏو مقصد هي هو ته گهرو ويڙه دوران شهرن ۽ فوج جي لاءِ هارين کان خوراڪ جمع ڪرڻ جو جيڪو طريقو اختيار ڪيو ويو هو، ان کي ختم ڪيو وڃي ۽ پوءِ جڏهن سويت رياست جي زندگي ۽ موت جو مسئلو هو ته اناج جي صورت ۾ ٽيڪس وصول ڪرڻ جو طريقو اختيار ڪيو ويو. هر هاري پنهنجي پيداوار مان مقرر ٿيل مقدار ادا ڪندو هو. N. E. P جو ترت مقصد شهرن ۽ ڳوٺن جي وچ ۾ سامان جي مٽاسٽا هئي. جيڪا رقم روپين ۾ ادا ڪئي ويندي هئي. اهڙي طرح جلد ئي پيداوار ۽ خوراڪ جي فراهمي معمول تي اچي وئي. ٻاهر جي ڪمپنين کي ڪجهه رعايتون ڏنيون ويون، پر ان پاسي کان به ترقي نه ٿي. ننڍي پيداوار جي ذاتي ڪاروبار ۽ ريزڪي ڪاروبار جي به اجازت ڏني وئي ۽ ڪارخانن ۾ ڪاسٽ اڪائونٽنگ جو طريقو جاري ڪيو ويو. N. E. P هڪ عبوري طريقو هو، پر ان جو عرصو گهڻو ڊگهو هو. ان عرصي ۾ سماج جي سوشلسٽ جوهر جون تياريون مڪمل ٿيون ۽ تبديل ٿيل طريقن کي رائج ڪيو ويو.

کي بغير ڪنهن حل جي ڇڏي ڏنو ويو. ۽ پوءِ اهي ئي مسئلا مصيبت جو ڪارڻ بڻجي پيا. ان سان سوويتن جي وقار کي نقصان پهتو. سوشلسٽ جمهوريت جي ترقي جي رفتار ڍلي ٿي وئي. پورهيتن کي سندن آئيني حقن کان محروم بڻي ڪيو ويو. هي جمهوري حق سندن ملڪي مسئلن ۾ سڌو سنئون شرڪت جو حق هو. نتيجو اهو نڪتو ته سوشلسٽ انقلاب جو هي بنيادي اصول اڻڱي طرح مجروح ٿيو ته، "اقتدار نه رڳو پورهيت عوام جي لاءِ هوندو آهي، پر ان کي هلائڻ به پورهيت عوام جو ئي ڪم هوندو آهي."

اها ڳالهه تسليم ڪرڻ گهرجي ته اهڙن حالتن ۾ گهڻن اقتصادي مئنيجرن سوويتن جا گهڻا مطالبا ۽ سفارشون ڏيان جوڳا نه سمجهيا ۽ انهن جو ڪو به احترام نه ڪيو ويو. ظاهري طرح هر ماڻهو اها ڳالهه سمجهندي اهو بڻي چيو ته مقامي سوويتن کي پنهنجي پنهنجي علائقي ۾ ترقي جي مڙني منصوبن جا ڪل اختيار ڏنا وڃن ۽ اهي عوام جون ضرورتون پوريون ڪن، پر سوويتن جا سڀا امڪان عمل ۾ اچي سگهن پيا، ڇو ته اقتصادي ايجنسين جي مقابلي ۾ وٽن وڌيڪ اختيارات ڪو نه هئا. ڪيترن ڪارخانن جا ڊائريڪٽر ۽ انتظامي عملو، خاص طرح سان وڏن ڪارخانن ۾ سوويتن جي جائز ۽ عمل جوڳين گهرجن کي نظرانداز ڪري ڇڏيندو هو ۽ ان عمل ٿي هنن جي ڪابه ڪن مهٽ ڪانه ٿيندي هئي. اهي مطالبا رهائشي ضرورتن، هوا ۽ صاف پاڻي جي سهولتن، سماجي ۽ ثقافتي پروگرامن کي منعقد ڪرائڻ، وڌيڪ سکي زندگي گذارڻ ۽ سفر جي ذريعن جي انتظامن کي بهتر بڻائڻ جي باري ۾ هوندا هئا. ائين ناهي ته پورهيت عوام ۽ پارٽي انهن ڳالهين جو ڪو نوٽيس ئي نه وٺندا هئا. موجوده زندگي جي نموني ۾ تبديليون آڻڻ لاءِ ڪجهه نه ڪجهه ڪم اڳتي وڌندو هو، پر اهي ڪوششون ناڪافي ثابت هونديون هيون ۽ ان جا ڪارڻ معروضي نه، پر موضوعي هئا. گذريل ۱۵ سالن ۾ سوويتن جي سرگرمين کي بهتر بڻائڻ لاءِ ۱۴ نهراءُ بحال ڪيا ويا، هي نهراءُ پلا هئا، پر مسئلي جي حل جي ڪوشش ڪڏهن

۾ درست طرح سان اڳتي نہ وڌي. ان جو ڪارڻ اهو هو تہ جمود جي ڪري پيدا ٿيل ڪاهلي جو ماحول، اقتصادي، سياسي ۽ نظرياتي معاملن ۾ سوويتن جي ڀرپور ڪردار جي مڪمل مخالفت ڪندو هو ۽ اهي سوويتون اصل ۾ اهي ادارا آهن جن ۾ ڦهليل جمهوريت ۽ سچائي کي ڏاڍا ڌڪيا ڏينهن ڏسڻا پيا.

هاڻي اسان تي واضح ٿي ويو آهي تہ صنعتي انتظام ۽ پيداوار جي نگراني ڪندڙ ادارن ۾ حڪم مطابق ڪم ڪرڻ جي طريقن جي ڦهلجڻ جي ڪري گهٽ سرڪاري ۽ عوامي ادارن ۾ نوڪر شاهي جا لاڙا پيدا ٿي ويا هئا. تنهن ڪري اسان عوام جي خدمت جي لاءِ سوويتن جي ڪردار مان مڪمل فائدو نہ ورتو. سرڪاري ۽ انتظامي ادارن جي فرضن ۽ سرگرمين جي جڳهہ پارٽي ايجنسين ورتي.

سوويتن جي جڳهہ تي پارٽي ادارن جي ڪم ڪرڻ سان پارٽي جي سياسي ڪم تي خراب اثر پيو. جڏهن پارٽي جا آفيسر معاشيات ۽ انتظام جي ڪمن ۾ لڳي ويا تہ پيشور ماڻهن منجهان پارٽي جا نوان ميمبر چونڊيا ويا. حالانڪ انهن مان گهڻا سرواڻي ۽ جي صلاحيتن توڙي ذميوارين کان اڻ واقف ۽ ناتجربيڪار هوندا هئا. مختصر اهو تہ جمهوريت جي ان مشنري ۾ نقص پيدا ٿي پيو. جنهن اسان جي سوشلسٽ انقلاب جي ڪک مان جنم ورتو هو.

نئين تشڪيل جي سربلندي دوران اسان جي سامهون هڪ سخت مسئلو درپيش آيو. اهو نهايت ضروري هو تہ سوويتن جي ڪردار کي ٻيهر زنده ڪيو وڃي. سوويتون سياسي اقتدار جا ادارا ۽ سوشلسٽ جمهوريت جو سرچشمو آهن. اسان سوويتن جي وقار ۽ انهن جي اختيارن کي ٻيهر زندهہ ڪري رهيا آهيون تہ جيئن اهي مڪمل طرح فعال بڻجي نئين تشڪيل ۾ لاڳاپيل ۽ تخليقي ڪم ڪري سگهن.

جنوري ۱۹۸۷ع واري مڪمل ميڙ ۾ پارٽين کي چيو ويو تہ هو سوويتن جي واڌاري واري رستي تي هلنديون رهن ۽ انهن جي

معاملن ۾ مداخلت ڪان ٽارو ڪن. اهو به ضروري آهي ته سوويتن جا سربراه ۽ انهن جو عملو مڪمل چستيءَ سان جمود کي ٻنهه مٿائي ڇڏي. انهن کي گهرجي ته هو هميشه پنهن ڏانهن ڏسڻ ۽ مٿان کان ايندڙ حڪمن جي انتظار ڪرڻ جي عادت ڇڏي ڏين. نئين تشڪيل جي منزل تي سوويتن جي ڪردار جي باري ۾ نئون قانونن جي ڪري سوويتن ۽ سندن انتظاميه ۾ جمهوري لاڙن جي همت افزائي ٿيندي آهي. انهن جي سرگرمين جي 'محور' عوام سان هنن جا گهرا لاڳاپا هوندا آهن. نئين فيصلن جي مطابق سوويتن کي پنهنجي تنظيم ان طريقي سان ڪرڻ گهرجي ته جيئن اهي عوامي حڪومت جي درست نمائنده تنظيم بڻجي وڃن. پنهنجن پنهنجن علائقن ۾ سينئي ڪارخانن ۽ تنظيمن جي ڪمن کي پاڻ ۾ جوڙڻ ۽ انهن تي ضابطي جي لاءِ سوويتن کي وسيع اختيار ڏنا ويا آهن. هي ته ڪجهه شروعاتي قدم آهن، جيڪي سوويتن جي انقلابي جمهوري ڪردار کي ٻيهر مضبوط ڪرڻ لاءِ کنيا ويا آهن. آئينده ٿيندڙ "آل يونين ڪانفرنس (۱) ان باري ۾ غور فڪر ڪندي ۽ ضروري ٺهرائن جي ذريعي انتخابي طريقن جي پاسن کي سنواريندي ۽ سينئي سطحن تي تي سوويتن جي ڪم کي بهتر بڻائيندي، ان تجويزن کي پيش ڪرڻ جون تياريون گهڻي حد تائين مڪمل ٿي چڪيون آهن. اڄا انهن جو درست اندازو لڳائڻ ممڪن ناهي. پر صاف ظاهر آهي ته انهن جي وڏي اهميت آها هوندي ته هو سوويت جمهوريت جي واڌ ويجهه جو مؤثر ذريعو هونديون.

ٽريڊ يونين (پورهيت سنگت) جو نئون ڪردار

چنهن ڪم ڪرڻ جو ذمو اسان جي ملڪ کنيو آهي، ۽

---

(۱) اها ڪانفرنس ۲۸- جون ۸۸ع تي ماسڪو ۾ ٿي. اهو فيصلو ڪميونسٽ پارٽي آف سوويت يونين (C.P.S.U.) جي مرڪزي ڪميٽي واري مڪمل ميڙ منعقد ۵- جون ۱۹۸۷ع ۾ ڪيو ويو هو.

آهي مسئلا جن سان هو منهن ڏيئي رهيو آهي، انهن جي گهرج آهي ته سماجي معاملن ۾ ٽريڊ يونين جي ڪردار جو ٻيهر جائزو ورتو وڃي.

سڀ کان پهريون اهو چوڻ ضروري آهي ته اسان جون پورهيت سنگتون هڪ مضبوط طاقت آهن. اهڙو ڪوبه ليبر قانون نٿو ٺهي سگهي جيستائين ان کي ”آل يونين ڪائونسل آف ٽريڊ يونين (A.U.C O.T.U) (١)، جي حمايت حاصل نه هجي. مزدور قانون، انهن تي عمل ۽ پورهيت عوام جي حقن جي تحفظ متعلق، مڙني مسئلن منجهه ٽريڊ يونين جي ڳالهه ٻولهه ڪئي فيصلي ڪن هوندي آهي. جيڪڏهن ڪنهن ڪارخاني جو مئنيجر يونين جي مرضي کانسواءِ ڪنهن مزدور کي نوڪري مان ڪڍي ڇڏي ته ته عدالت پنهنجو پاڻ بغير بحث جي، اهڙي فيصلي کي رد ڪري ڇڏيندي آهي. چوته انتظاميه پورهيت سنگت سان مشورو ناهي ڪيو هوندو. ترقي جو ڪوبه معاشي منصوبو يلي اهو هڪ سال جو هجي يا پنجن سالن جو، سپريم سوويت جي سامهون پيش نٿو ڪيو وڃي، جيستائين ٽريڊ يونينون ان جي منظوري نٿيون ڏين. جڏهن منصوبا ٺاهيا وڃن ٿا ته ٽريڊ يونينون هر سطح تي ان عمل ۾ شامل راءِ هونديون آهن.

سماجي ويمو، صحت گاهون، ونڊر جا هنڌ، سياحت، جسماني سکيا، رانديون، مزدورن جي ٻارن جي آرام ۽ وندر، ٽريڊ يونين جي ذميواري آهي. نتيجي ۾ اصل اقتدار انهن جي هٿن ۾ آهي. پر افسوس ته گذريل گهڻن سالن کان ٽريڊ يونين سرگرميون سست پئجي ويون آهن. ڪيترن مسئلن تي هنن پنهنجا حق معاشي مئنيجرن جي حوالي ڪري ڇڏيا آهن. باقي جيڪي ڪجهه حق

---

(١) ”آل يونين سينٽرل ڪائونسل آف ٽريڊ يونينز“ ڪانگريسين جي وقفي ۾ سوويت ٽريڊ يونين جي حاڪماڻي اداري جو نالو آهي.

رهجي وڃن ٿا، ھو انھن کي پڻ مڪمل آزاديءَ سان استعمال نٿا ڪري سگھن.

نئين تشڪيل جي عمل جي شروعات ڪري اسان ڏٺو تہ ٽريڊ يونين جي ڪم کي تسلي بخش نہ ٿي سمجھيو ويو. ڪيترن ۾ مون ٽريڊ يونين ليڊرن جي ڪن مهٽ ڪئي تہ ھو ڇو مئنيجرن جا پڊا پانھا بڻجي ويا آھن. ايتري قدر جو ھو ھر ڳالھہ ۾ ھنن سان ھا ۾ ھا ملائيندا آھن. مون پڇيو تہ ڇا اھا وقت ناھي آيو تہ توھان پنھنجو اصولي موقف رکي سگھو ۽ پورھيتن جي حقن لاءِ پنھنجو پاڻ خبردار ٿي وڃو.

نئين تشڪيل جي حالتن ۾ ٽريڊ يونين جو نئون ڪردار بنيادي طرح ھي ھجڻ گھرجي تہ ھو اقتصادي فيصلن کي وڏيڪ سماجي رنگ ڏين، سندن حقن تي ٽيڪنالاجيڪل ماھرن جي ھٽ وجھڻ واري عمل کي سختيءَ سان روڪين، جيڪا ڳالھہ گذريل ڪجھہ سالن کان معيشت ۾ گھڻو ڦھلجي وئي آھي. ان جو مطلب آھي تہ ٽريڊ يونينون فعال ٿي وڃن ۽ معاشي منصوبن ۾ سماجي موضوعن تي وڌيڪ وضاحت سان ڳالھائين ۽ ضروري ھجي تہ ھو متبادل تجويز پيش ڪن ۽ ان لاءِ جدوجھد ڪن.

ٽريڊ يونين ڪميٽين ۾ جان ھجڻ گھرجي. ڪين انتظاميہ جا پولڙيو نہ بڻجڻ گھرجي. گھڻن ڪارخانن ۾ ڪم جون حالتون خراب آھن. طبي سھولتون ناھن. 'لاڪر رومز' غير معياري آھن. پر معلوم ائين ٿو ٿئي ڄڻڪ ٽريڊ يونينون اھڙي بيقاعدگيءَ جون عادي بڻجي ويون آھن. حالانڪہ سوويت ٽريڊ يونين کي ليبر ٽيڪن جي نگراني ڪرڻ جو حق حاصل آھي. ڪين مئنيجرن تي تنقيد ڪرڻ جو پورو حق حاصل آھي. ڪين اھو مطالبو ڪرڻ جو بحق آھي تہ اھڙي ڊائريڪٽر کي عھدي تان ھٽائي ڇڏين، جيڪي پورھيتن جي جائز مفادن جي مطابق ڪم ڪرڻ کان لاچار آھن.

اھو سوچڻ غلط ٿيندو تہ سوشلزم جي نظام ۾ پورھيتن کي ڪنھن بہ تحفظ جي ضرورت ناھي ھوندي، پر ان نظام ۾ ڪين

وڏيڪ تحفظ ملڻ گهرجي ڇوته سوشلزم پورهيتن لاءِ ئي قائم ڪيو ويو آهي. ان مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته ٽريڊ يونين تي وڏي ذميواري عائد ٿئي ٿي. سڄو سوويت سماج ان ڳالهه ۾ دلچسپي رکي ٿو ته ٽريڊ يونينون وڌيڪ زوردار طريقي سان ڪم ڪن.

نوجوان ۽ نئين تشڪيل

نئين تشڪيل جي ڪوشش ۾ سوويت نوجوانن مان وڏيون اميدون رکي سگهجن ٿيون. هي اڄ جو نوجوان نسل ئي آهي، جيڪو تبديل ٿيل نئين سماج ۾ جيئندو ۽ ڪم ڪندو. سو فطري طرح نوجوانن جي ڪم، تعليم ۽ واندڪائي جي تنظيم ڪرڻ نهايت ضروري ٿي پيو آهي. نوجوان دنيا ۾ پنهنجي حيثيت کي مقرر ڪري رهيا آهن. سندن هيءَ عمر، زندگيءَ جو مشڪل ترين دؤر هوندو آهي، ڇوته هن عمر ۾ انسان جي سوچ جڙندي آهي. پيشيور هنر سکڻ، سياسي ۽ شهري نظريا قائم ڪرڻ سڀ هن عمر ۾ ٿيندو آهي ۽ هڪ فرد جي حيثيت ۾ پنهنجي پيرن تي بيهڻ سکي رهيو آهي. هن عمر ۾ کيس سڀ کان وڌيڪ ڌيان جي ضرورت آهي. ان ڪري نوجوانن ۽ ڪمسومول جي ميمبرن تي خاص ڌيان ڏيڻ گهرجي. اسان اهڙو انتظام ڪيو آهي جو نوجوانن جو ڪوبه مسئلو ڪمسومول جي راءِ وٺڻ کان سواءِ طئه نه ڪيو وڃي. ان جو اهو مطلب به ناهي ته اسان سندن راءِ وٺڻ لاءِ کين هر و پرو خوش ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. بلڪل نه. اسان کي ڪمسومول جي ذميوارين ۾ گهرو واڌارو ڪرڻو آهي.

نئين نسل جي ذهني تربيت ۾ ۽ سندن ملڪ جي حال ۽ آئندي کي پنهنجي هٿن ۾ وٺڻ جي صلاحيت کي اعتماد کان وڌيڪ ٻي ڪابه شيءِ متاثر نه ٿي ڪري. کين اهم سياسي ۽ معاشي عمل ۾ شريڪ ڪرڻ سان، منجهن خود اعتمادي ۽ ذميواري جو احساس پيدا ٿيندو. نوجوانن کي ٿورائتي پئي نپڻ يا بزرگ ٻڍڙي هنن کي نصيحت ڪرڻ يا ٻار سمجهي کين دلداري ڏيڻ سان سٺا نتيجا نه

نڪرندا. نوجوانن ۽ ڪمسومول کي پنهنجي قدر ۽ قيمت ڏيکارڻ جا موقعا ڏيڻ گهرجن. نوجوانن کي نگراني کان آزاد هجڻ گهرجي. ڪين نگراني ۾ رکڻ جي ضرورت ناهي. اسان کين ذميواري ڏيئي ۽ مٿن اهم ڪمن ۾ اعتماد ڪري ئي کين سکيا ڏيئي سگهون ٿا.

جنوري ۱۹۸۷ع جي مرڪزي ڪميٽي جي ميڙ ۾ پارٽي اڳواڻن کي چيو ويو ته هو نوجوان نسل جي نظرياتي ۽ اخلاقي مضبوطي ڏانهن ڌيان ڏين. نوجوانن سان گڏ ڪم ڪرڻ ۾ هدايتون ۽ وعظ جا لاڙا قبول ڪري نٿا سگهجن. سبب ڇا به ڪٿي هجي نوجوانن جي ارادن ۽ سرگرمين کي پاراٺو خيال سمجهي مٿن اعتماد نه ڪرڻ، گهٽي احتياط جو لاڙو، پنهنجي ٻارن جي لاءِ سهولتون ميسر ڪرڻ جي خواهش اهو سڀ ڪجهه غلط آهي. اسان انهن روين کي قبوليت جوڳو نٿا سمجهون. نوجوانن لاءِ زندگي منجهه ڪم اهم هوندا آهن.

پهريون ته انهن کي جمهوريت ۽ خودمختياري جي سيني وسيلن جي واقفيت هجڻ گهرجي ته جيئن هو هر سطح تي پنهنجي جوين پرين قوتن کي جمهوريت جي واڌاري لاءِ استعمال ڪن. ڇاڪاڻ ته نوجوان اهم سماجي عمل ۾ شريڪ ٿيڻ چاهيندا آهن. ان کان سواءِ نه ترقي جي رفتار تيز سگهي ٿي نه ئي اڳتي وڌي سگهجي ٿو. ان لاءِ لازمي آهي ته هر نوجوان کي اهو احساس هجڻ گهرجي ته هو ملڪ ۾ ٿيندڙ سيني اهم ڪمن ۾ شريڪ آهي.

ٻي ڳالهه هيءَ آهي ته نئين نسل کي اسان جي معيشت جي وسيع پيماني تي تجديد منجهه شريڪ ٿيڻ ڪرڻ جي لائق ۽ تيار هجڻ گهرجي. خاص طرح انهن کي ڪمپيوٽر جي ذريعي ڪم ڪرڻ ۽ نئين ٽيڪنالاجي ۽ سامان کي استعمال ڪرڻ جي تربيت حاصل ڪرڻ گهرجي. نوجوانن کان اسان جو هي مطالبو آهي ته ذهني تواڻ ۽ سماج جي سطح کي مٿانهون ڪرڻ لاءِ پنهنجيون ذميواريون پوري طرح نڀائين.

نوجوانن کي گهڻا ئي گنڀير سماجي مسئلا درپيش آهن.

گهٽا آفيسر ڪين اڏاوتي ڪمن ۾ شامل ٿيڻ لاءِ چوندا آهن، پر جڏهن سماجي سوال پيدا ٿيندا آهن ته ڪين بنهه وساريو ويندو آهي. اهو طريقو بنهه اڻنگهو آهي. اسان نوجوانن جي لاءِ اهڙو قانون جوڙڻ چاهيون ٿا، جنهن منجهه سڀني سوويت شهرين جي باري ۾ عام بيانن کي ورجايو نه ويو هجي، پر جنهن منجهه نوجوانن جي باري ۾ خاص قاعدن کي بيان ڪيو ويو هجي، جيڪي سندن حقن ۽ فرضن جي باري ۾ هجن؛ ان قانون ۾ صاف ۽ چٽن لفظن ۾ ڪمسومول ۽ سرڪاري ادارن، مزدور سڀائن ۽ ٻين تنظيمن جي درميان، جيستائين نوجوانن جي ڪم، تعليم، روزانو زندگي ۽ واندڪائي جو تعلق آهي ته ضروري هندن تي سندن شموليت جو طريقو درج هوندو.

١٩٨٧ع جي ڪمسو مول ڪانگريس (ويهين ڪانگريس جيڪا اپريل ١٩٨٧ع ۾ ٿي هئي) سڄي قوم منجهه دلچسپي پيدا ڪئي. ان مان ثابت ٿئي ٿو ته ڪمسومول جي ميمبرن کي پنهنجي ملڪ ۽ عوام ڏانهن پنهنجي ذميوارين جي خبر آهي ۽ ماڻهو سماجي تجدد ۽ سڌاري جي عمل ۾ شرڪت جي لاءِ بي چين آهين. ان ڪانگريس ۾ مطالبن جو لهجو گهڻو چٽو ۽ اثرائتو هو. مون کي اڳ ڪڏهن به ايتري شديد خواهش نه ٿي ته بحث ۾ حصو وٺان جيتري ان ڪانگريس دوران ٿي. هتي خيرخواهي ۽ همدردي جو ماحول هو ۽ پڙهندڙن سان سڌو سنئون ڳالهه ٻولهه ٿي. ان ڪانگريس ۾ شرڪت ڪندڙ هر شخص چٽيءَ ريت نوجوانن جي عمل جي جذبي جي سگهه کان متاثر ٿيو، جيڪو هن ۾ ساهه پيدا ڪري ويو هجي.

آهي يقين ڪرڻ جا نوس سبب آهن، ته اسان جا نوجوان ملڪ ۾ جاري انقلابي تبديلين کي پاڻ ڪار چوندا ۽ هو پنهنجي جوين جي سگهه ۽ بامقصد خلوص سان انهن تبديلين کي ڪامياب بڻائڻ ۾ هر قسم جي جدوجهد لاءِ تيار آهن.

عورتون ۽ خاندان

اسان جي ملڪ لاءِ اڄ اهو ضروري ٿي ويو آهي ته عورتن

ڪي وڏيڪ فعال طرح سان معاشي عمل ۾ شامل ڪيو وڃي. ڪين ثقافتي ترقي ۽ سماجي زندگي ۾ شريڪ ڪرڻ بي حد ضروري آهي. ان مقصد جي لاءِ سڄي ملڪ ۾ "عورتن جون ڪائونسلون" جوڙيون ويون آهن.

جنوري جي مڪمل ميڙ ۾ وڏيڪ عورتن کي انتظامي عهدن تي ترقي ڏيڻ جو مسئلو بحث هيٺ آيو هو. صحت، تعليم، ثقافت ۽ سائنس جي شعبن ۾ ڪروڙين عورتون ڪم ڪري رهيون آهن. گهڻيون عورتون ڪاپي جي شين، واپار ۽ سماجي خدمتن جي شعبي ۾ ذميواريون نڀائي رهيون آهن.

ڪنهن سماج جي سماجي ۽ سياسي ترقي کي هن طرح به ماپيو ويندو آهي، ته عورتون ڪيستائين پراڻين پابندين کان آجيون ٿيون آهن. زار زماني واري عورتن خلاف مت ڀيد تي ٻڌل پاليسي کي سوويت حڪومت هڪ ڌڪ سان ختم ڪري ڇڏيو ۽ ان باري ۾ ڪابه مصالحت نه ڪئي وئي. عورتن کي مردن جي برابر سماجي رتبون ڏنو ويو. سوويت حڪومت عورتن کي جيڪي حق ڏنا آهن، اسان ان تي فخر ڪريون ٿا. انهن کي مردن وانگر ڪم ڪرڻ جو حق ۽ سماجي تحفظ جو حق حاصل آهي. ساڳئي ڪم جي ساڳي پگهار ملي ٿي. عورتن کي تعليم حاصل ڪرڻ جو هر موقعو ڏنو ويندو آهي. هو پنهنجي لاءِ ڪنهن به هنر يا ڪم جي چونڊ ڪري سگهن ٿيون. عورتن جي بي غرض ڪم کان سواءِ اسان نه ته هڪ نئون سماج ٺي جوڙي سگهون ها ۽ نه ئي انهن جي مدد کان سواءِ فاشزم خلاف جنگ ۾ اسان جي سوڀ ٿئي ها. اسان جي ڏکن ڏاکڙن ۽ سورهياڻپ سان ڀريل تاريخ دوران، اسان عورتن جي انهن خاص حقن ۽ ضرورتن ڏانهن چڱي طرح ڌيان ڏيئي نه سگهياسين. جيڪي سندن ماءُ بڻجڻ توڙي گهر ڌڻياڻي واري حيثيت جي باري ۾ هيون ۽ اها ڳالهه به ياد رکڻ جوڳي آهي ته اهي ٻارن جي لاءِ تعليم ۽ سکيا جا فرض به انجام ڏينديون آهن ته عورتون سائنسي کوجنا جو ڪم به ڪن ٿيون، تعميرات ۾ حصو وٺن ٿيون، صنعتن ۽ سماجي

خدمتن ۾ شامل هجن ٿيون ۽ تخليقي سرگرمين ۾ به شامل رهن ٿيون. ايترا ڪم ڪرڻ ڪان پوءِ گهر جي ڪم ڪار، ٻارن جي پالنا ۽ سکيا توڙي گهر ۾ خاندان لاءِ سٺي ماحول پيدا ڪرڻ لاءِ وٽن گهٽو وقت نہ هوندو آهي. اسان سمجهون ٿا تہ اسان جا گهڻا مسئلا مثال طور ٻارن ۽ نوجوانن جا لاڙا، اخلاقيات، ثقافت ۽ صنعتي پيداوار جا مسئلا ڪنهن حد تائين خانداني رشتن جي ڪمزوري ۽ گهر جي ذميوارين کان غفلت جي ڪري پيدا ٿيندا آهن. اهي حالتون نتيجو آهن اسان جي مخلصانہ ڪوشش ۽ سياسي لحاظ کان صحيح خواهش جو تہ: عورتن کي هر ڏس ۾ مردن جي برابر آندو وڃي. هاڻي نئين تشڪيل جي عمل دوران اسان ڪمزوري کي دور ڪرڻ جي ڪوشش شروع ڪئي آهي. اڄڪلهہ اسان وٽ پريس، عوامي تنظيمن، ڪم جي ادارن ۽ گهرن ۾ بحث هلي رهيو آهي تہ عورتن جي لاءِ سندن خاص ڪمن ۽ فرضن ڏانهن موٽ کي ممڪن بڻائڻ لاءِ ڇا ڪرڻو آهي.

هڪ ٻيو مسئلو عورتن کي سخت پورهئي جي اهڙن ڪمن ۾ لڳائڻ جو آهي، جن مان سندن صحت کي خطرو لاحق ٿي سگهي ٿو. اصل ۾ هي مسئلو جنگ جي زماني کان موجود آهي. جنگ ۾ اسان جي مردن جو گهڻو تعداد مارجي ويو هو، جنهن ڪري صنعت جي هر شعبي ۾ مزورن جي شديد کوٽ پيدا ٿي وئي هئي. هاڻي اسان ان مسئلي جي حل لاءِ صحيح لاڳن تي ڪوششون شروع ڪري ڇڏيون آهن.

اسان جي سماجي فرضن ۾ ضروري ۽ تڪڙي اهميت جوڳو ڪم خاندان جي صحت کي بهتر بڻائڻ ۽ سماج ۾ ان جي ڪردار کي وڌائڻ آهي. اهو ڪم شراب خوري جي خلاف مهم جو بہ اهم حصو آهي. عورتن جي ڪائونسلن کي اسان گهڻو فعال بڻائڻ چاهيون ٿا، تہ جيئن هو اڪيلي وڏي سوچ ۽ ڪم ڪن. هاڻي ان ڪائونسلن جي ڪم جي شروعات ڪئي آهي. هو ان محاذ تي گهڻو ڪارائتو ڪم ڪري سگهن ٿيون، ڇو تہ ٻي ڪا بہ تنظيم ذاتي

زندگي ۽ عورتن جي مسئلن ۾ ايتري اثرائتي نتي ٿي سگهي. سماج ۾ جمهوريت جي وڌيڪ واڌ ويجهه، جيڪا نئين تشڪيل جي ضمانت آهي ۽ ان جو مرڪز پڻ. اها عورتن جي سماجي ڪردار ۾ واڌاري کان سواءِ ناممڪن آهي. انهن جي فعال ۽ خاص شموليت کان سواءِ اهو سڀ ڪجهه حاصل ٿي نٿو سگهي، يعني جيستائين اهي پڻ مردن وانگر اسان جي سڄاري ڪوشش ۾ فيصلا ڪن ۽ پوري وفاداري سان شامل نٿيون ٿين. مون کي يقين آهي ته اسان جي سماج ۾ عورتن جو ڪردار مسلسل وڌندو رهندو.

سوشلسٽ قومن جي سنگت - هڪ بي مثال تنظيم

اسان هڪ گهڻ قومي ملڪ ۾ رهون ٿا. هي حقيقت اسان جي ڪمزوري يا علحدگي پسندي جي ناهي، پر ان جي مضبوطي جي علامت آهي. راز شاهي جي زماني ۾ روس کي قومن جو قيدخانو چيو ويندو هو. انقلاب ۽ سوشلزم ظلم ۽ اڻ برابري جي پڄاڻي آندي آهي ۽ سڀني قومن ۽ قوميتن جي لاءِ معاشي، ذهني، ثقافتي ترقي جي ضمانت فراهم ڪري ڇڏي آهي. جيڪي قومون اڳ پوئتي پيل هيون، هاڻي جديد صنعت جون مالڪ آهن. اتي جديد سماجي نظام موجود آهن. انهن جديد ثقافت جي منزل ماڻي آهي. پراڻي زماني ۾ انهن مان ڪيترين قوميتن وٽ پنهنجي ٻولين جي الفابيٽ به ڪانه هئي. هر انصاف پسند ان حقيقت جي شاهدي ڏيندو ته اسان جي پارٽي تمام گهڻو ۽ اهميت جوڳو ڪم ڪيو آهي ۽ ماضي کي بدلائي ڇڏيو آهي. ائين ڪرڻ ڪري سوويت سماج ۾ مختلف رنگارنگي روپ پيدا ٿي پيا آهن ۽ عالمي سطح تي ثقافت کي واڌارو مليو آهي.

اسان جي ملڪ ۾ رهندڙ سڀني قومن ۽ قوميتن اسان جي سوشلسٽ ديس کي ناهڻ ۽ ان کي ترقي ڏيارڻ ۾ حصو ورتو آهي. انهن سڀني گڏجي ان جي حاڪميت ۽ آزادي جي حفاظت ڪئي آهي ۽ هنن پنهنجي انقلابي ڪاميابين کي دشمن جي حملي کان بچايو.

جيڪڏهن قوميتن جو مسئلو اصولي سطح تي طئه نه ٿي چڪو هجي ها ته اڄ سوويت يونين وٽ ايتري سماجي، ثقافتي، معاشي ۽ دفاعي قوت نه هجي ها. جيڪڏهن جمهوريتون (رياستون) گڏ نه هجن ها ۽ ان اتحاد جي پيڙهه پائڻ وارن لاڳاپن ۽ هڪ ٻئي جي سهڪار ۽ ساٿ تي نه رکي وڃي ها ته اسان جو ملڪ زنده نه رهي سگهي ها. ان جو مطلب اهو ناهي ته قومي عملن ۾ ڪي مونجهارا يا پريشانيون ناهن. هر اڳتي وڌندڙ عمل ۾ تضادن جو فطري هجڻ امر آهي. سو ان مسئلي ۾ به تضاد آهن. افسوس سان چوڻو پئي ٿو ته اسان ڪنهن زماني ۾ قوميتن جي مسئلي کي حل ڪرڻ ۾ پنهنجين ڪاميابين جي ذڪر مان ڍاپندا ئي نه هئاسين. اصل منجهه عملي زندگيءَ ۾ هڪ جهڙائي ناهي هوندي، پر ان ۾ اختلاف ۽ تضاد ملي ٿي ۽ انهن اختلافن جي ڪري پيدا ٿيل ڏکيائون به سامهون اينديون آهن، ان عمل جي جدليت ڪجهه هن طرح آهي، ته معاشيات ۾ نوان سان گڏو گڏ تعليمي ۽ ثقافتي معيارن ۾ واڌاري سان هر قوم ۾ پڙهيل لکيل طبقو پيدا ٿيندو آهي. قومي خودشناسي ۽ پنهنجي تاريخي ورثي سان، قومن کي دلچسپي ۾ واڌارو ايندو آهي. اها هڪ دلچسپ ڳالهه آهي. مختلف قوميتن سان تعلق رکندڙ انقلابين جي، جن انقلاب جي تياري ۾ حصو ورتو هو. اها خواهش آهي، انهن زارشاهي جي کنڊرن تي هڪ نئين سماج جي جوڙجڪ جو ڪم شروع ڪيو. ائين به ٿيندو آهي ته ان عمل دوران ماڻهن جو هڪ ٽولو قوميت پرستي جي سطح تي لهي ايندو آهي ۽ محدود تنگ نظر قوم پرستي ڪري قوميتن منجهه رقابت ۽ اڪڙ وارا لاڙا پيدا ٿي ويندا آهن. پر ڳالهه اتي ختم نه ٿي ٿئي، ان ڪان به وڌيڪ اهم اهي تبديليون ٿينديون آهن، جيڪي سماج ۾ ان وقت پيدا ٿينديون آهن، جڏهن هڪ نسل جي جاءِ پيا نسل وٺندا آهن. ان مان هر نسل کي گهڻ قومي رياست ۾ زنده رهڻ جا آداب سيکاريا وڃن ۽ اهو ڪم هميشه آساني سان نه ٿيندو آهي. سوشلزم جنهن هر قوم کي ترقي جي ڏاڪڻ لاتون، تنهن ۾ اهڙا سڀ شرط موجود آهن، جن سان قوميتن جا مسئلا

برابري ۽ گڏيل سهڪار جي بنيادن تي حل ڪري سگهجن ٿا، پر ان لاءِ بنيادي اهميت جو ڳي ڳالهه اها آهي تہ سوشلسٽ اصولن جي روح مطابق ڪم ڪيو وڃي. اها ڳالهه ياد رکڻ گهرجي تہ ڪڏهن ڪڏهن نئون نسل اهو نٿو چاهي تہ انهن جون قوميتون ايتري بلندي تائين ڪيئن پهتيون. ڪنهن بہ ڪين اهو ڪين پڙهايو آهي تہ ڪيئن بين الاقواميت، ڪيترن سالن کان سندن بهتري لاءِ ڪم ڪندي رهي آهي.

قوميتن جي وچ ۾ جهڳڙن جي پس منظر ۾، جنهن کان دنيا جا سڀ کان وڌيڪ ترقي يافتہ ملڪ بہ بچي نہ سگهيا. سوويت يونين انساني تهذيب جي تاريخ ۾ هڪ بي مثال نمونو پيش ڪيو. اهو سڀ ڪجهہ لينن جي شروع ڪيل قوميتن جي پاليسي جو ئي ڦل آهي، پر ابتدا ۾ اهو ڪم ڪيترو نہ ڏکيو هو. هڪ هم آهنگ گهڻ قومي ملڪ بڻائڻ لاءِ شروعاتي قدم ڪيترا سست ۽ اذيتناڪ هئا. قوميتي مسئلي جي حل ۾ روسي قوم ڪافي ساراهہ جوڳو ڪردار ادا ڪيو. لينن جي قوميتن جي باري ۾ پاليسي تحت گهڻا ئي ماڻهو، هڪ نئين زندگي ۽ روشن خيالي واري دور مان گذريا ۽ اهو سڀ ڪجهہ چند سالن جي مختصر عرصي ۾ ٿيو. هاڻي جيڪڏهن ڪو ماڻهو اهڙين حالتن ۾ نسلي آڪڙ جي نموني بازي ڪري يا پنهنجي پاڻ ۾ ٽپي هٽي ويهي رهي ۽ پنهنجي ذاتي قدرن کي آخري لفظ سمجهي تہ اها نا انصافي آهي ۽ اسان ان کي قبول نٿا ڪري سگهون. سوويت سماج ۾ اهڙن موضوعن تي هميشہ جاندار ۽ تفصيلي بحث ٿيندو رهندو آهي.

هر قومي ثقافت هڪ اهڙي خزاني مثل هوندي آهي، جنهن کي وڃائڻ نہ گهرجي. پر هر قومي ڪلچر جي هر انمول نموني منجهہ صحيح دلچسپي کي اهڙي نقصانڪار ڪوشش ۾ نہ بدلجڻ گهرجي، جنهنجو مقصد عمل ۽ رد عمل ۽ هم آهنگي جي معروضي عملن کان ڪِن ٽارڻ هجي. جڏهن هڪ قوميت جي نمائندن جي رويي ۾ ٻين قوميتن جي نمائندن لاءِ احترام نہ رهي تہ اها خطرناڪ

ڳالهه چٽيي. مون اتر ڪاڪيشيا ۾ گهڻا سال گذاريا آهن. هن علائقي ۾ گهڻين قوميتن جا ماڻهو گڏجي رهندا آهن، ڳڀو ڪن شهرن يا جابلو ڳوٺن ۾ مختلف قوميتن جا ماڻهو گڏجي ڪونه رهندا آهن، پر سڄي علائقي جو ساڳيو حال آهي. اتر ڪاڪيشيا جي تاريخ ۾ گهڻا اونداهان ڏينهن آيا. پر سوويت حڪومت جي زماني ۾ صورتحال بلڪل بدلجي وئي. آءٌ ان صورتحال کي مثالي نه چوندس. پر حقيقت هي آهي ته اتي رهندڙ مختلف قوميتن جي وچ ۾ هڪٻئي لاءِ احترام جو رويو ۽ گڏيل سهڪار جا رشتا موجود آهن. منهنجو پنهنجو تجربو آهي، ته جابلو ماڻهو دوستي جو وڏو قدر ڪن ٿا، پر ان سان گڏ جيڪڏهن ڪو هنن سان آڪڙجي هلندو ته هو جلد ناراض ٿي پوندا آهن. مون کي ياد آهي ته ڪراچائي خودمختيار علائقو جيڪو **اسٽاوروپول** جو حصو آهي، ان ۾ ڪراچائي، چرڪس، روسي، آسيشين، يونانين ۽ ٻين قوميتن جا ماڻهو آباد آهن ۽ سڀ هڪٻئي سان دوستي ۽ ڀيٽ محبت سان رهندا آهن. اهو ان ڪري ممڪن ٿيو جو سڀني جي وچ ۾ برابري ۽ سڀني مسئلن جي حل لاءِ انصاف پريا طريقا موجود آهن. جيڪي زندگي جو بنياد بڻجي چڪا آهن، پر جڏهن به انهن اصولن کان غفلت ڪئي وئي آهي، ته اسان کي گهڻو نقصان پهتو آهي. هن ننڍي آزاد علائقي ۾ سڀني قوميتن جي حقن کي محفوظ رکيو ويو آهي. سندن مقامي زبانن ۾ ادب ڇاپيو ويو آهي. ائين ڪرڻ سان هو ڪو هڪٻئي کان الڳ نٿا ٿين، پر ويتر هڪٻئي سان ويجها ٿي وڃن ٿا. ڳڀو قومن جي برابريءَ جو اعلان ڪرڻ ئي ڪافي ناهي، پر ان ڳالهه کي به لازمي طرح ممڪن بڻائڻو آهي ته سڀني ٽولن کي هڪ بامقصد زندگي ميسر ٿئي.

سان ان ڳالهه تي ٻيهر زور ٿو ڏيان ته جيڪڏهن انساني لاڳاپن جي هن ڏاڍي حساس شعبي ۾ جيڪر منفي عوامل اڀري اچن ته ان جو مطلب اهو آهي، ته اهي پنهنجو پاڻ نه اڀريا آهن، پر اهي ڳاڙهي پٽي (Red Tape) جي ڪري پيدا ٿيا آهن. اهي ان ڪري اڀريا آهن ته عوام جي جائز ۽ قانوني حقن ڏانهن ڌيان نه ڏنو ويو آهي

يا ڪن تار ڪئي وئي آهي. ڪيترا ڀيرا اسان جي ملڪ ۾ قوميتن جي ٻولين جي مسئلي تي زوردار بحث ڪيا ويا آهن. هيئنر ان موضوع تي چا ٿو چئي سگهجي. قوميت جي ان ننڍي کان ننڍي حق کان انڪار نٿو ڪري سگهجي ته هو پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾ لکن پڙهن ۽ ڳالهائين. اهو سڀ ڪجهه اڄ جي حالتن ۾ انساني ثقافت جي گهرج آهي. ان ۾ ڪثرت ۽ اختلاف راءِ موجود آهي، گهڻيون ٻوليون آهن، پوشاڪون آهن. رسمون رواج آهن ۽ ٻيا ڏيکاءُ آهن. اهو اسان جو گڏيل سرمايو آهي. اسان ان کي ڪيئن ٿا نظر انداز ڪري سگهون ۽ ان کي ڪيئن ٿا گهٽ سمجهي سگهون. پر ان سان گڏو گڏ اهو به ياد رکڻ گهرجي ته اسان جي وڏي ۽ گهڻي قومي ملڪ ۾، اسان هڪ گڏيل پرچار جي ذريعي کان سواءِ نٿا رهي سگهون: اهو ڪردار روسي زبان جي ذمي آهي؛ ته اها مختلف قوميتن جي وچ ۾ رابطي جو ذريعو بڻبي آهي. هر ماڻهو کي ان ٻولي ڳالهائڻ جي ڪنهن نه ڪنهن وقت ضرورت پوي ٿي ۽ تاريخ فيصلو ڪيو آهي ته پرچار جو معروضي عمل، سڀ کان وڏي قوميت جي ٻولي جي بنياد تي قائم ٿئي ٿو. مثال طور آمريڪا جي گڏيل رياستن (U.S.A) ۾ گهڻا ڏي نسلي ٽولا جمع ٿي ويا هئا، پر پوءِ به سندن گڏيل زبان انگريزي بڻي: اها هڪ فطري چونڊ هئي. اسان اندازو لڳائي سگهون ٿا، ته جيڪڏهن آمريڪا وڃڻ واريون سڀ قومون رڳو پنهنجيون پنهنجيون ٻوليون ڳالهائين ها ۽ انگريزي سکڻ کان صاف انڪار ڪن ها ته اتي ڪهڙي صورتحال هجي ها. اسان جي ملڪ تي بس ساڳي ڳالهه لاڳو ٿئي ٿي. جتي روسي ماڻهن پنهنجي تاريخ مان اهو ثابت ڪري ڇڏيو آهي ته منجهن بين الاقواميت جون بي انداز صلاحيتون موجود آهن ۽ هو ٻين قومن لاءِ احترام ۽ چڱائي جا جذبا رکن ٿا. تجربي ٻڌايو آهي ته هڪ ٻاهرين ٻولي کان سواءِ هر شخص کي ٻين سان ڳالهائڻ لاءِ ٻه ٻيون ٻوليون سکڻ گهرجن. هڪ سندس مادري ٻولي ۽ ٻي روسي ٻولي.

نسلي بنيادن تي ماڻهن کي پيڙڪائڻ واريون ڪوششون:

ڪنهن معقول حل جي ڳولا منجهه ڏکيائيون ۽ رنڊڪون پيدا ڪري سگهن ٿيون. اسان اهڙن ۽ ان جهڙن پين مسئلن کان منهن نه موڙيندا سين. اسان پنهنجي جمهوري نظام ۾ رهندي انهن مسئلن جو حل ڳوليندا سين ۽ اهڙي طرح بين الاقوامي برادري کي مضبوط ڪندا سين.

لينن اسان کي سيکاريو آهي ته قوميتن جي مسئلي ۾ نهايت احتياط ۽ عقل کان ڪم ورتو وڃي. هتي ڪنهن اڳوات نهيل تڪيل فارمولي سان ڪم نه هلندو. هڪ ڳالهه صفا چٽي آهي ته جڏهن قوميتن يا قومن جا بنيادي مفاد پاڻ ۾ ٽڪرائجن، جڏهن قومن جي وچ ۾ لاڳاپن ۾ هر مسئلي تي برابري جو اصول موجود هجي ۽ سندس حيثيت ڪرنگهي جي هڏي واري هجي، جيئن روس ۾ ٿيندو آهي، ته ان قسم جي مسئلن ۽ غلط فهمين کي ختم ڪري سگهجي ٿو. پلي صورتحال ڪيڏي به ڪٺي ڳنڀيريا ڏکي ڇو نه هجي. نيڪ آهي جتي اولهه ۾ گهڻا اهڙا ماڻهو موجود آهن ۽ ڪجهه اوپر ۾ به هوندا، جيڪي سوويت يونين جي قومن جي وچ ۾ دوستي ۽ اتحاد کي ڪمزور ڪرڻ چاهين ٿا. پر اها ڳالهه ٻي الڳ آهي. اسان جي ملڪ ۾ سوويت قانون موجود آهن، جيڪي ليننی قوميتي پاليسي جي ڪاميابين جي حفاظت ڪندا آهن. انهن ڳالهين کي ذهن ۾ رکندي اسان پنهنجي اصولن تي سختي سان قائم رهنداسين. عوام جي قومي جذبن جو احترام ڪرڻ ضروري آهي. انهن کان گهڙي به لاتعلق ٿيڻ نه گهرجي. پر جيڪڏهن انهن کي خاص تنگ نظر جي مقصدن لاءِ استعمال ڪيو وڃي ته پوءِ ان جو مطلب ڏوهه يا غير ذميواري هوندو. اسان جي پارٽي جي روايت آهي ته اسان تنگ نظر قوم پرستي ۽ قومي پاڻ-پڇي جي خلاف اورچائي سان وڙهندا آهيون، اسان صحونيت ۽ يهود دشمني جا گڏو گڏ مخالف آهيون، پلي کڻي اهي ڪهڙي روپ ۾ به هجن. اسان پنهنجي روايتن تي قائم آهيون. اسان جو سموري عرصي جو تجربو شاهد آهي ته غلط قسم جي قوم پرستي وارن لاڙن کي مستقل مزاج بين الاقوامي ۽

بين‌الاقواميت جي پرچار سان روڪي سگهجي ٿو.

سوويت يونين جي مختلف رياستن ۽ نسلي ٽوڙي قومي علائقن جي ڏوڙي دوران عوام سان مليس، مون کي هر پيري احساس ٿيندو آهي، ته هو ان ڳالهه مان خوش آهن ۽ ان تي فخر ڪندا آهن ته سندن قومون هڪ عظيم بين الاقوامي برادري جو حصو آهن. هو هڪ عظيم طاقت جو حصو آهن، جيڪا انسانذات جي ترقي لاءِ اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي اهو سڀ ڪجهه وطن دوستي آهي. اسان پنهنجي آزاد ملڪ ۾ هميشه آزاد قومن جي برادري ۽ اتحاد کي مضبوط ڪندا رهنداسين.

وقار ۽ اعتماد

نئين تشڪيل سماج جي سيني شعبن جو گهيرو ڪري ورتو آهي. ان عمل ۾ پيدا ٿيندڙ مشڪلاتن ۽ مونجهارن کي حل ڪرڻ سان ئي اهو عمل وڌيڪ ترقي ڪري رهيو آهي. پارٽي ان عمل ۾ شروعات ڪرڻ ۽ نون خيالن جي تخليق ۽ ڇپائي ۾ رهنمائي ڪري ٿي. سرواڻي ۽ تنظيم فراهم ڪري ٿي. ان عمل ۾ پارٽي جي حيثيت ضامن واري هوندي. هو نئين تشڪيل جي دوران سوشلزم جي مضبوطي لاءِ ڪم ڪندي رهندي ۽ سندس فرض پورهيتن جي مفادن جي حفاظت هوندي. پارٽي ان ڏس ۾ هڪ تاريخي ذميواري پنهنجي مٿان کنئي آهي. ١٩١٧ع ۾ لينن چيو هو ته، ”اسان کي هڪ انقلاب جي شروعات ڪري، ان جو مڪمل ساٿ ڏيڻ گهرجي.“ اها ڳالهه نئين تشڪيل تي به لاڳو ٿيندي آهي. پارٽي پوري طرح ان جو ساٿ ڏيندي.

پارٽي جي مان ۽ مڃتا ۽ ان تي ماڻهن جي ڀروسي ۾ مسلسل واڌارو اچي رهيو آهي. جيتوڻيڪ اسان اڃا هڪ صفاتي سطح کان ٻي سطح تائين پهچڻ جي عبوري دوُر مان گذري رهيا آهيون، پارٽي تنظيمون ڪوشش ڪري رهيون آهن ته هو معاشي ۽ انتظامي ادارن جا فرض پنهنجي مٿان نه کڻن. اهو ڪو ايڏو سولو ڪونهي. ڇو ته پراڻو طريقو مانوس لڳي ٿو. جنهن جو تت هي هو، ”پارٽي طرفان ڏنل وجهو ته منصوبو مڪمل ٿي ويندو.“ پر پارٽي جو ته

مقصد ٿي پيو آهي. اهو آهي سڀني عملن جي نظرياتي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ تضادن جي ترقي جي اهم لمحن تي نظر رکي، حڪمت عملي ۽ طريقي ۾ ضرورت مطابق ترميمون ڪندي رهي، پارٽي جي پاليسي واضح ڪري ۽ ان جي عملي نفاذ لاءِ طريقا ۽ روپ جوڙي، عملي جي چونڊ ڪري ۽ ان کي مناسب هنڌن تي مقرر ڪري. نئين تشڪيل جي تنظيمي ۽ نظرياتي پاسن جي لاءِ مواد فراهم ڪري. اهي سڀ ڪم پارٽي ۽ رڳو پارٽي ئي ڪري سگهي ٿي.

انتظامي ۽ معاشي معاملا حڪومت ۽ انهن شعبن سان واسطو رکندڙ محڪمن جي ذميواري آهي. اها سوچ ڪا آسمان منجهان نازل ڪانه ٿي آهي. پر تجربي مان پيدا ٿي آهي. پارٽي کي پنهنجن خاص فرضن جو خيال رکڻ گهرجي ۽ ٻين ادارن کي پنهنجو پنهنجو ڪم ڪرڻ گهرجي. جڏهن ائين نٿو ٿئي ته پارٽي طرفان عوام جي اڳواڻي، نظرياتي ڪم ۽ نون ميمبرن جي سکيا جو ڪم صحيح طرح نٿو ٿئي.

تاريخي طرح اسان جي سماج اهڙي طرح ترقي ڪئي آهي، جو پارٽي ۾ ٿيندڙ هر ڳالهه جو پاڇولو ملڪ جي زندگي ۾ نظر اچي ٿو. اسان جي ملڪ ۾ آئيني طرح مخالف ڌر ٿيندي ناهي. ان سان سوويت يونين جي ڪميونسٽ پارٽي جي ذميواري اڃا وڌي وڃي ٿي. چوته اها ئي حڪمران پارٽي آهي. ان ڪري اسان چاهيون ٿا ته پارٽي ۾ جمهوريت کي وڌايو وڃي. ڪم ۾ گڏيل اڳواڻي جي اصولن کي مضبوط ڪيو وڃي. پارٽي منجهه صاف گوئي کي اڃا وڌيڪ رائج ڪيو وڃي ۽ انهن ڳالهين کي سڀ کان اڳ ۾ فوقيت ڏني وڃي. مرڪزي ڪميٽي مطالبو ڪري ٿي ته مٿين عهدن تي مقرر ٿيل ماڻهو نهايت خوش اخلاق، ايماندار ۽ خوشامدي هجن، ان سان گڏ ڇمڇاگيري کان پاسو ڪندڙ هجن. پارٽي ۾ نه ته ڪو اهڙو ماڻهو هجي سگهي ٿو، جيڪو تنقيد کان مٿانهون هجي ۽ نه وري ڪو اهڙو ماڻهو هجي سگهي ٿو، جنهن کي تنقيد جو حق نه هجي. اها ڳالهه پڌري پٽ آهي ته اسان کي سڀ کان اڳ ۾ پنهنجي سوچ

۽ لاڙي کي بدلڻو پوندو. اسان کي سڀ کان اڳ پنهنجي ڪارڪنن ۽ انتظامي عهديدارن کان شروعات ڪرڻ گهرجي.

اسان پڪي ارادي سان اهڙن باعمل، عقلمند ۽ متحرڪ ماڻهن جي حمايت ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي، جيڪي خود تنقيدي جي لائق هجن، صورتحال جو جائزو وٺي سگهندا هجن، جيڪي ڏهبل ڏڪيل پراڻن طريقن ۽ لڪير جي فقيري واري لاڙي کي ڇڏي، منفرد حل ڳولي سگهندا هجن، اهڙا ماڻهو جيڪي جسماني طرح اڳتي وڌي سگهندا هجن ۽ اڳتي وڌڻ چاهيندا هجن، ڪاميابي حاصل ڪرڻ جي فن کان واقف هجن. اهڙن ماڻهن جي لاءِ نئين تشڪيل تخليقي ڪم جو وسيع ميدان مهيا ڪري ٿي.

سڄي اسٽاف کي بنهه بدلائڻ جي ضرورت ڪونهي ۽ نه ئي ائين ڪرڻ ممڪن ئي آهي. مٿين ۽ وچولن عهدن وارن ڪجهه آفيسرن کي تبديل ڪيو ويندو. ڪٿي ڪٿي ڪنهن خاص ڪارخاني ۾ به ڪنهن عهديدار کي بدلايو ويندو. اسان کي تازه دم ماڻهن جي لوڙ آهي. حقيقت ۾ اهو عمل شروع ٿي چڪو آهي. ان کان سواءِ هڪ فطري عمل به موجود آهي، ته گهڻا ماڻهو پنهنجي ڪم ڪرڻ واري عمر جي حد پوري ڪري چڪا آهن ۽ گهڻا ايترو ته ڪمزور ٿي چڪا آهن، جو نئين ذميواري جو بار کڻي نٿا سگهن. اها سمجهه ۾ اچڻ جوڳي ڳالهه آهي ۽ اهڙن معاملن ۾ وڏيڪ ٽال مٽول ڪرڻ جو ڪو فائدو ڪونهي. هر دؤر جون پنهنجون گهرجون ٿين ٿيون، ڪي اهڙا تيز فهم ماڻهو به هوندا آهن، جن جي مسئلن ڏانهن پنهنجي خاص سوچ ۽ نظر هوندي آهي. اهي ماڻهو پنهنجو پاڻ کي نئين سياسي، تنظيمي ۽ نظرياتي ڪم لاءِ تبديل ڪري سگهن ٿا. اهي ئي نين حالتن ۾ جاکوڙ ۽ فهم سان ڪم ڪندا ۽ کين پورهيتن ۽ پارٽي تنظيمن جي ڀرپور حمايت حاصل هوندي. اسان وٽ ڪم ڪندڙن جو ججهو تعداد ان ڪم لاءِ بلڪل تيار آهي. ڪجهه ماڻهو نئين گهرجن کي جلد ئي قبول ڪري وٺندا ۽ باقي ڪجهه ڏورو سوچڻ کان پوءِ، اصولي طرح اسان هن مفروضي سان شروعات ڪريون ٿا،

تہ انهن ماڻهن جي گهٽائي نئين تشڪيل جي مسئلن کي حل ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿي. ان جي باوجود اسان اهڙي صورتحال کان مطمئن ناهيون جنهن ۾ هر ڪم پراڻي طريقي سان ٿيندو رهي يا ڪم جي رفتار ۾ ڪو جوڳو واڌارو نہ ٿئي.

نئين تشڪيل جي ڪم ۾ مڪمل مهارت ۽ مٿانهين درجي جي پيشورانہ قابليت جي ضرورت آهي. سڀ پاسائين ۽ جديد ترين سکيا کان سواءِ ڪنهن لاپائتي ڦل جي اميد رکڻ اجائي آهي ۽ نہ تہ صنعتي پيداوار، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي، انتظام (Management) ۽ اقتصاديات منجهہ اعليٰ تعليم توڙي سکيا کان سواءِ ئي ڪجهہ پلئہ پوندو. نہ وري محنت جي ترغيب (Incentives)، سماجيات ۽ نفسيات کان سواءِ ئي ترقي ڪري سگهجي ٿي. مختصر اهو تہ اسان کي سڄي قوم جي ذهني قوتن کي جيترو ممڪن هجي، استعمال ڪرڻ گهرجي ۽ ان جي تخليقي مهارت کي گهڻو اڳتي وڌائڻ گهرجي.

اڄ هڪ دفعو وري پارٽي جي نظرياتي سرگرمين جي اهميت ڏانهن ڌيان ڇڪرائيندس. ان شعبي ۾ وڏو ڪم ٿيو آهي. ان ميدان ۾ بہ اسان وڏيڪ جمهوريت آڻڻ گهرون ٿا تہ جيئن ڪنهن هڪ خاص شخص يا ٽولي جي هڪ هٽي نہ رهي. مرڪزي ڪميٽي سماج ۽ پارٽي جي سيني تخليقي ذهن کان مطالبو ڪري ٿي تہ هو ان ڪم لاءِ اڳتي وڌن. جيڪڏهن اسان رڳو مرڪز کان ايندڙ هر حڪم کي قبول ڪندا رهنداسين يا ڪنهن هڪ فرد يا ٽولي جي هدايتن جي انتظار ۾ رهنداسين تہ اسان پنهنجو پاڻ ڏي جامد يا بيٺل خيالن جو ڪاچ ٿي ويندا سين ۽ اسان جو اهڙو عمل نہ رڳو تشڪيل لاءِ موتمار قدم هوندو پر سماج جي ترقي لاءِ پڻ هيبتناڪ نتيجا ڪڍي ايندو.

اسان جي پارٽي جي تاريخ ۾ اهڙا تلخ سبق بہ ملن ٿا. پارٽي اندر سماجي اڀياس جي ڪردار ۽ ان جي تخليقي قوتن کي مٿاهين عهديدارن جي تقريرن يا فيصلن تي نهلي راءِ ڏيڻ تائين محدود ڪرڻ بلڪل غلط لاڙو آهي. اسان ان کان بلڪل مختلف راهہ اختيار ڪئي

آهي، اسان ان ڏس ۾ لينن جي روايتن ۽ لينن جي جوڙيل اصولن مطابق عمل ڪنداسين.

نئين تشڪيل ۽ اولهه جا ملڪ

اسان کي ان ڳالهه سان دلچسپي آهي، ته اسان جي ملڪ کان ٻاهر خاص طرح سان اولهه جا ملڪ اسان جي نئين تشڪيل جي باري ۾ ڇا ڇيا سوچين. ان ڪري نه ته اسان کي ڪو تجس آهي، پر ان ڪري جو هڪ سياستدان جي حيثيت ۾ اسان جو فرض آهي. اسان ڏسون ٿا ته نئين تشڪيل جو عمل ان ملڪ لاءِ دلچسپي جو ڪارڻ بڻجي رهيو آهي، ڇو ته اهو سڀ ڪجهه هڪ وڏي قوم جي مقدر جي باري ۾ هڪ اهم قدم آهي ۽ ان ڪري به جو اسان جي سماج ۾ نئين تشڪيل جي عمل کي صحيح طرح سان وڏي عالمي اهميت وارو عمل سمجهيو وڃي ٿو. اولهه يورپ جي هڪ اخبار لکيو، ”سوويت يونين ۾ جيڪو ڪجهه ٿي رهيو آهي، ان جو واسطو سڄي دنيا سان آهي.“

سڀ کان اڳ مون کي اهو چوڻ گهرجي، ته ان سڄي دلچسپي سان گڏوگڏ جيڪا دنيا جي ماڻهن جي اڪثريت اسان جي نئين تشڪيل سان محسوس ڪئي آهي، اها اميد پري ۽ مخلصانه خواهش موجود آهي ته سوويت يونين ۾ شروع ٿيل تبديليون ڪامياب ٿين. دنيا جي ماڻهن کي اسان جي نئين تشڪيل سان جيڪون اميدون آهن ۽ ڪين اها به اميد آهي ته عالمي واقعن ۽ لاڳاپن تي ان جا ڏور رس اثر پوندا.

جيستائين اولهه جي سرڪاري ۽ پرچار جي ذريعن جو تعلق آهي، ته شروع شروع ۾ ته اسان جي ۱۹۸۵ع جي اپريل جي تجويز ڪيل سڌارن جي لاڳاپن ۽ حاصل ٿيڻ جو ڳڻ هجڻ جي باري منجهه ڪين شڪ شبها هئا. اسان تي سخت اعتراض ڪيا ويندا هئا. اهو چيو ويندو هو ته هي رڳو حڪمرانن جي ٽولي جي تبديلي آهي ۽ هي نئين ٽيم ڪجهه تڪڙ ۾ آهي، ته جلد از جلد پنهنجا خيال ۽

پروگرام ماڻهن جي سامهون رکي، اهو به چيو ويندو هو، ته روسي جذباتي ماڻهو آهن ۽ پنهنجي نون اڳواڻن جي طرفان هميشه حال جي ڪمزورين کي پراڻن ليڊرن جي ڪاتي منجهه وجهڻ جي پاليسي جا عادي آهن ۽ اهو ته حالتون وري به ساڳيون رهنديون. وقت گذرڻ سان گڏو گڏ تنقيد غائب ٿي ويندي ۽ هو پنهنجا نوان پروگرام وساري ويهندا.

پر اها سوچ گهڻو وقت نه هلي سگهي. هاڻي اها ڳالهه هڪ روشن حقيقت وانگر چٽي ٿي وئي آهي، ته نئين تشڪيل هڪ تاريخي حقيقت آهي ۽ ان جي سگهه ۾ واڌارو ٿي رهيو آهي. پارٽي جي مرڪزي ڪميٽي جي پهرين مڪمل اجلاس (جيڪو جنوري ۸۷ع ۾ ٿيو هو) کان پوءِ ان حقيقت کان انڪار ڪرڻ مشڪل ٿيندو ته اسان جو ملڪ واقعي ڏور رس ۽ بهادرانه سڌارن جي دور ۾ داخل ٿي ويو آهي. جون ۸۷ع واري مرڪزي ڪميٽي جي مڪمل ميڙ ۾ نوان تصور اڃا به چٽا ٿي ويا. هو آهستي آهستي اهو تسليم ڪرڻ لڳا ته معاشي نظام جي سڌارن جو دائرو سوويت يونين تي خاص محققن جي اندازي کان وڌيڪ هو. اسان ڏٺو ته اولهه منجهه گهڻن ماڻهن اهڙي ڪليل ۽ گهري بحث جي اميد ڪانه پئي رهي ۽ هنن کي اهڙي وڏي ۽ تعميري قوم جي اسان مان اميد ئي ڪانه هئي.

جون ۱۹۸۷ع تائين هو اسان جي سرگرمين کي هڪ حد تائين ڪامياب سمجهندا هئا. پر جون جي مڪمل ميڙ ۽ سوويت سپريم سوويت جي گڏجاڻي کان پوءِ سندن اهو اندازو بلڪل غلط ٿي ويو هو ۽ جيڪو گهيرو اولهه اسان جي امڪانن ۽ ادارن کي مقرر ڪرڻ لاءِ ڪيو هو، اسان ان کان گهڻو اڳتي نڪري ويا هئاسين، پر مڪمل ميڙ کان اڳ ۾ ئي اولهه جي پريس ۾ شد مد سان لکيو ويو ته گورباچوف جي سڌارن واري پروگرام جو زور ٽٽي ويو آهي.

هاڻي هو نئين تشڪيل کي هڪ ”پيو انقلاب“ لکي رهيا آهن ۽ اهو به ته نئين تشڪيل جو عمل ڪڏهن به نه رڪجندو ۽

اڳ واريون حالتون وري موٽ ڪائينديون. هو چون ٿا ته اسان نون معاشي ۽ قانوني سڌارن جي بنياد تي مستقبل ڏانهن ٽپ ڏنو آهي. هاڻي هو عام طرح سان جون جي جلسي جي اهميت ڪان آگاهه ٿي ويا آهن. هاڻي ته اهو وڏيڪ ضروري ٿي ويو آهي، ته هو نئين تشڪيل جي باري ۾ پنهنجو لاڙو مقرر ڪن. جيڪي ڪابي ڏر سان واسطو رکن پيا. انهن چيو ته، ”هي ته وڏا ٽپا ڏيئي رهيا آهن.“ پر ان تي سڀيئي متفق آهن ته سوويت اڳواڻ چستي ۽ ڏاهپ سان سڌارا لاڳو ڪري رهيا آهن. اولهه جا مبصر چاڻڻ چاهين ٿا، ته جيڪڏهن نئين تشڪيل جو عمل جاري رهيو ته ان جا سوويت يونين ۽ سڄي دنيا لاءِ ڪهڙا نتيجا نڪرندا. هو چاڻڻ چاهين ٿا ته اولهه ملڪن لاءِ ڪهڙو نتيجو وڏيڪ فائديمند هوندو، يعني نئين تشڪيل جي ڪاميابي يا ناڪامي؟ انهن سوالن جا مختلف ۽ متضاد جواب ٿي سگهن ٿا. گهڻا ماهر تسليم ڪن ٿا ته سوويت سماج ۾ سماجي ۽ معاشي ترقي کي تيز ڪري سگهجي ٿو ۽ اهو ته موجود نئين تشيڪل مان ڪاميابي جا مثبت عالمي نتيجا نڪرندا. هو صحيح طرح سا اهو دليل ڏين ٿا ته عالمي برادري کي سوويت عوام جي وڌندڙ خوشحالي مان فائدو ٿيندو، ان سان جمهوريت کي به ترقي ملندي. سوويت يونين ۾ جاري ڪيل سماجي ۽ معاشي پروگرام جو گهيرو ۽ مواد سندس امن پسند پرڏيهي پاليسي جي شاهدي ڏين ٿا ۽ ان ڳالهه جي ضمانت فراهم ڪن ٿا. تنهن ڪري منهنجو اولهه جي ملڪن جي اڳواڻن ڏانهن هڪ پيغام آهي ته، ”نئين تشڪيل کان نه ڊڄو. ان کي نفسياتي لڙائي جو موضوع نه بڻايو، پر معاشي لاڳاپن ۽ انسان دوستي ۽ ثقافتي ڏي وٺ جي ذريعي ان کي وڌايو، هٿيارن گهٽائڻ جي سوويت تجويزن تي غور ڪريو، انهن مسئلن تي ٺاهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو.“

گهڻن اهڙن جائزن کان هٽي ڪري، جن تي ڳالهه ٻولهه ٿي سگهي ٿي، اسان هن موقف کي حقيقت پسند سمجهي، ان جي تعميري صورت کي پليڪار چئون ٿا. هي رويو عوام جي جذبن جي نمائندگي

ڪري ٿو ۽ عالمي لاڳاپن کي بهتر بڻائي ٿو.

ڪجهه سياستدان ڏاهپ ڀري سوچ جو مظاهرو ڪندا آهن. هنن کي خبر هوندي آهي ته ماسڪو جي محبت ڀريي پيغام جو مناسب جواب نه ڏيئي، اولهه جا ملڪ هڪ وڏي تاريخي غلطي ڪندا. سوويت يونين جي باري ۾ پنهنجي غلط فهمين کي نه ڇڏڻ تي آماد گي ۽ پنهنجي جڙتو ۽ ڪوڙين ڳالهين سان چنبڙيل رهيل واري رويي رکڻ سان ڪين يا ٻئي ڪنهن کي به ڪو فائدو نه رسندو.

پر ان ڪان پنهه مختلف خيال وڏي ڪوشش سان اولهه جي پرچارڪ ذريعن ۽ سياسي مباحثن وسيلي ڦهلايو وڃي ٿو. اسان جي حڪمت عملين ۽ ارادن کي هيئنر به غلط ثابت ڪرڻ جون ڪوششون ٿي رهيون آهن. ڏيهي پرڏيهي پاليسن جي باري ۾ گهٽيون مايوس ڪندڙ اڳڪٿيون ڪيون وڃن ٿيون ۽ خوف ۽ هراس ڦهلائڻ جي ڪوشش اڃا به جاري آهي. ان مان هڪ پيرو وري اها ڳالهه چئي تي اڳيان اچي ٿي ته سرد جنگ جو پئدا ڪيل جمود ڪيترو نه شديد آهي. ۽ ڪجهه ماڻهن ۾ سوويت دشمني جون پاڙون ڪيتريون نه گهريون ڪتل آهن. جيڪڏهن انهن سيني جو مقصد رڳو فلسفي وارا مباحثا يا پرچار ڪرڻ آهي ته ان کي نظرانداز ڪري سگهجي ٿو. تجربو پاڻ پڌائيندو ته سچائي ڪنهن جي پاسي ڪان آهي، پر اها ڳالهه ضروري آهي ته ان سان گڏ ماڻهن کي نيئن تشڪيل ڪان ڊيڄاري سگهجي ٿو، ڇو ته سندن چوڻ مطابق ان سان سوويت يونين جي وڌندڙ معاشي ۽ فوجي طاقت وڌي ويندي، تنهن ڪري سوويت يونين سان لاڳاپن کي نئين تشڪيل جي ناڪامي جي پس منظر ۾ ڏسڻ گهرجي ۽ مقصد اهو هجڻ گهرجي ته مريضانه سوويت دشمني کي استعمال ڪندي نئين تشڪيل جي راه ۾ رنڊڪون وجهڻ ۽ ان کي ناڪام بڻائڻ جو ڀرپور ڪوششون ڪيون وڃن. ”جيترو به سوويت يونين جو نقصان ٿيندو اوترو اولهه جو فائدو ٿيندو.“

نهايت ذهني پسماندگي جي ڏيڻ ۾ غرق اولهندي جا ملڪ ڪا ڪي ماڻهو، نئين تشڪيل ڏانهن پنهنجي دشمنيءَ وارن لاڙن کي

لڪائڻ جي ڪوشش ڪونہ ٿا ڪن. ڇو تہ نئين تشڪيل ڪري سندن اهو خيال غلط ثابت ٿيو آهي، تہ سوويت يونين وٽ ’آزاد دنيا‘ کي ڏيکارڻ لاءِ ڪابہ ڏيان جوڳي شيءِ ناهي. انهن ماڻهن لاءِ سوويت ’سماجي جمود‘ جي اڏوهي ڪاڏل خيال کي غلط ثابت ڪرڻ هڪ نظرياتي بربادي‏ءَ جي برابر آهي ۽ اهو ان ڪري جو ان صورت ۾ ڪين سوويت دشمني جي سچي فلسفي ۽ ان مان اپرندڙ سيني سياسي حڪمت عملين کي بدلائڻو پوندو. ”سوويت خطري جو پوت“، جيڪو سندن چوڻ مطابق ان حقيقت مان پيدا ٿيندو آهي، تہ سوويت يونين پنهنجي اندرين مشڪلاتن سان منهن نہ ٿو ڏيئي سگهي، ان ڪري ”والار“ وارو لاڙو اختيار ڪندو آهي؛ سندن اهڙيون هوائي ڳالهيون هوا ۾ گم ٿي وينديون.

انهن اسان جي صاف گوئي ۽ جمهوريت جي تحريڪن کي بدنام ڪرڻ لاءِ بہ ڪوشش ڪئي آهي. هو سوويت يونين مان هٿ گهڙيون خبرون موڪليندا آهن ۽ چوندا آهن، تہ انهن خبرن جو بنياد روسي اخبارون آهن. پر جلد ئي اهو راز کلي ٿو ۽ تہ سوويت پريس يا ڪتابن ۾ اهڙي ڪابہ خبر ڪانہ ڇپي هئي. ائين ڪري هو اسان کي ان ڳالهہ تي مجبور ڪرڻ چاهين ٿا، تہ اسان پنهنجي صاف گوئي جي تحريڪ تي پابندي لڳائي ڇڏيون ۽ جمهوريت جي تحريڪ کي اڌ ۾ ڇڏي ڏيون ۽ پنهنجي پرچار جي ذريعن کان چڙي پئون يا بيزار ٿي پئون. سندن مقصد ڪنهن بہ طرح سان نئين تشڪيل جي عمل کي ڪنهن نہ ڪنهن نموني روڪڻ آهي. جيڪو صاف گوئي ۽ جمهوريت کان سواءِ اڳتي وڌي نٿو سگهي. هر طرف کان گهٽيون ڪوششون ڪيون ويون آهن، تہ جيئن اسان جي شهرين جي دلين ۾ نئين تشڪيل جي باري ۾ شڪ پيدا ڪيا وڃن. ڪين مشڪلاتن کان ديڇاري ۽ غير حقيقت پسندانہ اميدن ۾ ڦاسائي، اها اميد ٿا رکن تہ عوام ان عمل کان مايوس ٿي ويندو. هو عوام کي اسان جي اڳواڻن کان ڌار ڪرڻ چاهين ٿا. اهري طرح اڳواڻن، سماج ۽ پارٽي منجهہ ڏقيڙ وجهڻ گهرن ٿا.

ڪجهه ملڪن ۾ خاص طرح آمريڪا ۾ سياستدانن توڙي پرچار جا ذريعا اهو ظاهر ڪري رهيا آهن ته نئين تشڪيل اصل ۾ آزاد خيالي (Liberalisim) جي هڪ تحريڪ آهي، جيڪا اولهه جي ملڪن جي دٻاءَ ڪري ظاهر ٿي آهي. اسان اولهه جي پرچارڪ آفيسرن کي داد ڏيون ٿا، جن جمهوريت کي رڳو لفظن جي جادوگري بڻائي ڇڏيو آهي! پر اسان اولهه جي سماجن جي جمهوري فطرت کي، تنهن وقت اعتبار جوڳو سمجهنداسين، جڏهن اتان جا مزور ۽ دفتري ملازم، فيڪٽرين ۽ ڪارخانن جي مالڪن ۽ بئنڪن جي صدر وغيره جي چونڊ پاڻ ڪندا، انهن جا پرچار ذريعا وڏين وڏين صنعتي ڪارپوريشنن، بئنڪن ۽ سندن مالڪن تي تنقيد ڪندا رهندا ۽ اولهه جي ملڪن جي اندرين سماجي عملن تي پڻ کليو بحث ڪندا. في الحال ته هو رڳو سياستدانن سان اجاين اڻ-کٽ بحثن ۾ رڌل رهن ٿا.

اسان جي سڌارن جا ڪجهه نقاد چوندا آهن ته نئين تشڪيل جي ڪري وڏا اذيتناڪ مسئلا پڻ ضرور پيدا ٿيندا. مثال طور ناٽي جو ڦهلاءُ، بي روزگاري، سماجي طبقي واريت ۾ واڌارو يعني اهي خرابيون، جيڪي اولهه جي ملڪن جي خاصيت آهن، يا هو چوندا آهن ته پارٽي جي عهديدارن ۽ سرڪاري عهديدارن، پاران مرڪزي ڪميٽي جي شديد مخالفت ٿي رهي آهي. يا اهو ته اسان جي فوج نئين تشڪيل جي خلاف آهي، يا اهو ته .K.G.B (سوويت يونين جي حڪومت تحت ڪم ڪندڙ رياستي سلامتي ڪميٽي) ته اڃا پنهنجو فيصلو ئي ناهي ڏنو. مطلب اهو ته اولهه جا سياستدان ۽ اخبارون وغيره پنهنجا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪجهه به ڪرڻ لاءِ تيار آهن. پر مون کي پنهنجي مخالفن کي ڪجهه ڪڙيون ڪساريون ڳالهيون پڌائڻ گهرجن. اڄ پولٽ بيورو ۽ مرڪزي ڪميٽي، سيني اهم معاملن تي ايترو متفق آهن، جيترو هو اڳ ۾ ڪڏهن نه هئا، ۽ ان اتفاق راءِ کي ڪابه شيءِ ڪمزور نٿي بڻائي سگهي. فوج ۾ قومي سلامتي جي ڪميٽي (.K.G.B) ۽ هر

سرڪاري شعبي ۾ پارٽي ئي سڀ کان مٿانهون حاڪم ادارو آهي، ۽ سياست ۾ پارٽي جو آواز فيصلو ڪندڙ حيثيت رکي ٿي. نئين تشڪيل جي تحريڪ پارٽي کي وڌيڪ مضبوط بڻايو آهي ۽ سماج توڙي پوري ديس ۾ ان جي اخلاقي ۽ سياسي ڪردار کي هڪ نئين اهميت ڏني آهي. بهرحال انصاف پسند نقطهٔ نظر سان ڏسندي اهو ضرور چوندس ته: سمجهو ۽ ڏکهي نظر رکندڙ اولهه جا مبصر نيڪ طرح اسان جي سوشلسٽ مزاج جي جوهر کي سڃاڻي رهيا آهن ۽ چاڻن ٿا ته انهن تبديلين سان سوشلزم کي مضبوط بڻايو پيو وڃي. پر اهڙا ماڻهو، جي اولهندي ملڪن جي عوام کي نئين تشڪيل کان ڊيڄارين ٿا، اصل ۾ هو ان جي ڪاميابي کان ڊنل آهن. شايد هو رڳو ان ڪري نئين تشڪيل کان چڙڪن ٿا، جو هاڻي ”سوويت خطري“ کي پوٽ بڻائي پيش نٿو ڪري سگهجي. هو اسان جي ملڪ جي صحيح روپ کي دشمن جي روپ جو نالو ڏيئي، ان کان عوام کي ڊيڄارڻ چاهين ٿا. هو بي مقصد هٿيارن جي ڊوڙ کي جاري رکڻ چاهين ٿا، ان ڪم لاءِ هو ڏاڍي تقريربازن جا قول ورجائيندا آهن ۽ ان تي ٺپا ڏيندا آهن.

سچ اهو آهي ته جيڪڏهن اسان جا ترقياتي منصوبا ڪاميابي سان ٿي وڃن ٿا ته پوءِ هو ماڻهن کي دوکو ڏيڻ لاءِ، اهو ڪيئن ٻڌائي سگهندا ته سوشلزم عمل جوڳو نظام ناهي، ڇو ته هو پنهنجي شهرين کي کاڌو ۽ ڪپڙو مهيا نٿا ڪري سگهن؟ سندن اهو خيال ته اسان جو ملڪ برائي جي بادشاهت آهي، آڪٽوبر انقلاب تاريخ جي هڪ وڏي غلطي هو ۽ انقلاب کان پوءِ جو زمانو چڙواڳي جو دور هو ۽ هاڻي هي نظام ٽٽي ذرا ذرا ٿي ويندو، اصل ۾ نئين تشڪيل جو عمل ڪجهه ماڻهن کي بلڪل پسند ناهي. اولهه جرمني جي رسالي ”اسٽرن“ لکيو ”اڄ هو سوويت يونين منجهه تيل هاڻوڪي سڌارن کي بدنام ڪرڻ لاءِ لاهي پاهي ڪوششون ڪري رهيا آهن. اهي چوندا آهن ته اصل حقيقت هيءَ آهي ته سڌارا رڳو ڪميونسٽ نظام کي مضبوط ڪن ٿا، ۽

ڪريملن رڳو اهو چاهي ٿو ته اهو نظام اثرائتي نموني ڪم ڪري.
پر خدا جو قسم جيڪڏهن بي ايماني ۽ بدانتظامي خلاف تحريڪ
سان ۽ فڪر جي آزادي ۾ واڌاري سان ڪميونسٽ نظام مضبوط
ٿئي ٿو ته پوءِ ان منطق مطابق جمهوريت، مارڪسزم، لينزم جي
لاءِ بهترين خوراڪ آهي." آءٌ هن ڳالهه کي ڪجهه اڳتي وڌايان
ٿو ته جيڪڏهن سوشلزم ۾ واقعي جمهوريت ۽ معاشي ڪاميابي
جي جڳهه ناهي، جيئن مخالف چوندا آهن ته پوءِ کين پنهنجي
مستقبل ۽ پنهنجي نفعن جي باري ۾ ڪابه ڳڻتي نه هجڻ گهرجي.
جيڪڏهن اسان پنهنجي ڪم تي پاڻ ئي اهڙي تنقيد ڪريون ٿا،
جهڙي اولهه، اوپر يا ڪٿي به ناهي ڪئي وئي، ته رڳو ان لاءِ،
جو اسان مضبوط آهيون ۽ اسان کي پنهنجي مستقبل جي باري ۾
ڪو انڪو ڪونهي.

اسان ان تنقيد کي برداشت ڪري سگهون ٿا. عوام ۽
پارٽي پئي ان لائق آهن. جڏهن اسان جي سڌارن جا خاطريءَ وارا
نتيجا نڪرندا ته سوشلزم تي اعتراض ڪندڙن کي به هڪ نئين
تشڪيل مان گذرڻو پوندو.

اسان هنن کي ڏکيءَ صورتحال ۾ وجهي ڇڏيو آهي. اسان
پنهنجي ڪمزورين کي هنن جي پيٽ ۾، چڱيءَ طرح ڄاڻون ٿا.
اسان پنهنجي غلطين جي باري ۾، زبان ۽ قلم ذريعي وڏيڪ خلوص
۽ ايمانداري سان ان تي بحث ڪريون ٿا. اولهه جي ملڪن جو
عوام آهستي آهستي سوويت يونين جي باري ۾، انهن تنيڙين ۽
خصيص ڳالهين تي، جيڪي کين گهڙيءَ گهڙيءَ پڌايون وڃن،
ٿيون، اعتبار ڪرڻ ڇڏي ڏيندا. ائين ڪرڻ سان الهندي ملڪن
جي پاليسين تي، ماڻهن جي اعتبار ۽ اعتماد کي يقيناً ڇيهو رسندو.
آمريڪين ٿوري پين اولهه وارن ملڪن جي ماڻهن سان ڳالهه ٻولهه
۾، آءٌ هنن کي چٽيءَ طرح چوندو آهيان ته "ڇا توهان اهو چاهيو
ٿا ته سوويت يونين کي اهو موقعو ملي ته هو وڏيون رقمون پنهنجي
اقتصادي ۽ سماجي ترقي تي خرچ ڪري ۽ بچاءُ جي خرچن ۾

گهٽائي آهي.“ يا ان جي ابتڙ اولهہ جا ملڪ اهو چاهين ٿا تہ هٿيارن جي ڊوڙ کي تيز ڪري سوويت يونين جي معاشيات تي بار وجهي اسان جي عظيم رٿائن کي ناڪام بڻائڻو وجي ۽ سوويت اڳواڻن کي غير پيداواري مقصدن، مثال طور هٿيارن جي تياريءَ تي وڏ ڪان وڏ رقمون خرچ ڪرڻ تي آماده ڪيو وڃي؟ ڇا سندن مخالفت جو مقصد اهو آهي تہ سوويت يونين کي رڳو اندروني مسئلن تي ڌيان ڏيڻ تائين محدود ڪيو وڃي؟ اهڙي ريت اولهہ کي دنيا جي اقتدار تي قبضو ڄمائڻ جي کلي موڪل ملي وڃي.“

پر ان سڄي مسئلي جو هڪ ٻيو پاسو بہ آهي. جيڪي ماڻهو سوويت يونين تي گهڻو وزن وجهي، ان کي ڪمزور ڪرڻ چاهين ٿا، اهي پنهنجي اقتصادي خوشحالي جي خواب ۾ پنهنجي وت ڪان وڌيڪ محو آهن. اهي نلهي آڪڙ ۽ خيال پرستي جو شڪار آهن. آمريڪا (U.S.A) پلي ڪيترو بہ شاهوڪار ملڪ چونہ هجي، هو انهن خرچن کي برداشت نٿو ڪري سگهي. جو هر سال هٿيارن تي ڏهن ڪربن جو ٽيون حصو خرچ ڪري. اڄ آمريڪا هٿيارن تي جيڪو خرچ ڪري ٿو، ان جو بہ پاڱي تي حصو هو قرض وٺي ٿو. حقيقت هيءَ آهي تہ آمريڪا جي مرڪزي حڪومت جو قرض اصل ۾ آمريڪي بچاءَ واري محڪمي جي خرچن کي پورو ڪرڻ لاءِ ورتل قرض هجي ٿو ۽ ان کي موٽائڻ ۾ آمريڪين جا ڪيئي نسل پيو ڀڳيندا رهندا. هن ڏاڍ جي جو سرو ڪٿي تہ هوندو. بهرحال اهو آمريڪا جي مٿي جو سور آهي.

ڪڏهن ڪڏهن مونکي ائين لڳندو آهي، تہ ڪجهہ آمريڪي سياستدان جڏهن سرمائيداري نظام ۽ پنهنجي جمهوريت جي وصف ڪرڻ لڳندا آهن، تڏهن هو ٺڪيل ٺوڪيل ۽ مدلل ڳالهہ نہ ٿا ڪري سگهن. ڇو تہ ڪين پنهنجي ڳالهين تي بہ ڀروسو ناهي هوندو. هو امن جي زماني ۾ روس سان مقابلي ڪان خوف کائيندا آهن، تنهن ڪري هو جنگي صنعت کي چالو رکڻ لاءِ، قومن جي وچ ۾ ڇڪتاڻ پيدا ڪرڻ واري پاليسي تي عمل ڪندا آهن. مان چاٽان ٿو تہ انهن

سيٽن کي پڙهي ڪجهه مبصر لکندا ته افسوس آهي جو گورباچوف جو علم اولهه جي جمهوريت جي باري ۾ گهٽ آهي. پر افسوس مون کي به آهي جو آءٌ به چار ڳالهيون ان جمهوريت بابت چاڻندو آهيان. گهٽ ۾ گهٽ ايترو ته چاڻندو آهيان ته سوشلسٽ جمهوريت ۽ انسان دوستي تي منهنجو مڪمل ڀروسو آهي.

جن مسئلن تي ايمانداري سان بحث ٿيو آهي. اسان ان کي حل ڪنداسين. اسان جي عوام جي مزاج کي به نظر ۾ رکڻ گهرجي. جيڪڏهن هنن جي جذبات کي ڇيهو رسي يا جيڪڏهن هنن جي وطن دوستي جو امتحان اچي وڃي ته هو پنهنجي مقصدن جي حاصلات لاءِ ڪابه ڪثر ڪونه ڇڏيندا ۽ ان عمل ۾ وڏا وڏا ڪارناما ڪري ڏيکاريندا آهن. سوويت يونين هڪ وڏو ملڪ آهي. ان ۾ معدني ذخيرا به آهن، ماهر ڪاريگرن جي گهڻائي آهي ۽ عظيم سائنسي وسيلا به آهن. لڳ ڀڳ سڀ پورهيت مئٽرڪ تائين پڙهيل آهين. سو توهان اسان کي تاريخ جي پيرن ۾ اڇلائڻ جي اجائي ڪوشش نه ڪريو. اهڙيون ڳالهيون ٻڌي سوويت عوام رڳو مسڪرائي ڇڏيندو آهي.

گذريل اپريل ۾ آمريڪي ڪانگريس جي هڪ وفد سان ڳالهائيندي مون چيو هو ته نوان لاءِ اسان جي رٿائن تي عمل سان آمريڪي عوام يا ڪنهن ٻئي ملڪ لاءِ سياسي، اقتصادي يا ڪو ٻيو جوکو پيدا ڪونه ٿيندو. "ائٽمي هٿيارن کان پاڪ دنيا ۽ انسانيت جي بقا جو فورم" ۾ تقرير ڪندي، مون اها ڳالهه چئي هئي، ته: اسان چاهيون ٿا ته اسان کي چڱي طرح سمجهيو وڃي. اسان اميد ڪريون ٿا ته عالمي برادري اهو تسليم ڪندي ته ڪنهن کي به هارايل نه هئڻ گهرجي ۽ ان کان سواءِ ان ڳالهه ۾ به سڄي دنيا جو فائدو آهي، ته اسان پنهنجي ملڪ کي بهتر بڻائي رهيا آهيون. تنهن ڪري نه سوويت يونين ۽ نه ئي ان جي نئين تشڪيل کان ڪنهن کي خطرو محسوس ڪرڻ گهرجي، سواءِ ان جي ته اسان هڪ مثال قائم ڪري رهيا آهيون ۽ ماڻهو جيڪڏهن چاهين ته ان

ڪي قبول ڪري سگهن ٿا. هر پيري اسان تي الزام لڳايو ويندو آهي، ته اسان دنيا ۾ هر هنڌ ڪميونزم جي پيوندڪاري ڪري رهيا آهيون. اها ڪهڙي نه بي بنياد ڳالهه آهي. جيڪڏهن اهي الزام اهڙن ماڻهن پاران لڳايا وڃن، جيڪي لڪڻ وقت سچ ۽ ڪوڙ ۾ ڪو فرق نه ڪندا آهن، ته جيئن روزي ڪمائيندا رهن، ته پوءِ اها درگذر ڪرڻ جهڙي ڳالهه هئي، پر اهي ڳالهيون ظاهري طرح ذميوار سياستدانن جي واتان چيون ۽ ورجايون پيون وڃن. نئين تشڪيل جي نافذ ڪرڻ کان پوءِ مان هڪ اهڙي سياستدان جي واتان اها ڳالهه پڙهي حيران ٿي ويس، جنهن جي آءٌ عزت ڪندو هوس. ”پلا چو؟“ مون پڇيو ته اسان ٽرومين، آئزن هاور ۽ ريگن* جي نظرين کان واقف آهيون. پر ڪنهن اسان جي طرفان اهڙو بيان نه پڙهو هوندو، جنهن ۾ چيو ويو هجي، ته ”اسان ڪميونسٽن جو اقتدار قائم ڪنداسين.“ لينن چيو هو ته، ”اسان سوشلسٽ ملڪ پنهنجي معاشي ترقي سان اهو ثابت ڪنداسين ته سوشلزم نه رڳو سائنسي ۽ ٽيڪنالاجيڪل ترقي جي اوچاين تائين پهچڻ جو تاريخي فرض ادا ڪري سگهي ٿو، پر ان کي جمهوريت ذريعي، سماجي ۽ اخلاقي طرح، نهايت مهارت سان پورو پڻ ڪري سگهي ٿو. اهو فرض هو عوام جي بهتري جي ادا ڪندو ۽ عوام جي ڪوشش، ذهانت، مهارت ۽ ضمير توڙي پين لاءِ ان جي ذميواري واري احساس ذريعي ادا ڪندو.

نئين تشڪيل جي ڪاميابي اولهه ۾ حڪومت ڪندڙ انهن طاقتن جي طبقاتي تنگ نظري ۽ اجائي آڪڙ کي اگهاڙو ڪندي، جيڪي فوجي طاقت جي سهاري ۽ هٿيارن جي ڊوڙ تي قائم آهن ۽ جن کي زمين جي گولي تي رڳو دشمن تي دشمن نظر پيا اچن.

نئين تشڪيل جي ڪاميابي، اسرندڙ ملڪن جي معاشي ۽ سماجي نواڻ جي ڪوشش ۾ سندن مدد ڪن. انهن کي جديد بينڪي

---

* ٽيئي آمريڪا جا اڳوڻا صدر.

نظام جو شڪار بڻائڻ کان سواءِ ۽ سرمايا دارائي آڙاهه ۾ اڇلائڻ کان سواءِ، ترقيءَ جي رستي تي هلڻ جو طريقو سيکاريندي.

نئين تشڪيل ڏي فيصلو ڪندي، ته سوشلزم ۽ سرمائيداري نظام مان ڪهڙو نظام عوام جي مفادن جو جوڳو خيال رکي ٿو. نهايت سخت حالتن ڪري پيدا ٿيل بڇڙاين کي دور ڪرڻ کان پوءِ، سوويت يونين جي تصوير ۾ هڪ نئين چمڪ پيدا ٿيندي، جيڪا سوشسلٽ نظام مان پيدا ٿيل قائدن جي جيئري جاڳندي مورت هوندي. ان سان سوشلزم جي مثالي تصور کي اڃا وڌيڪ سگهه ملندي.

مون گهڻا پيرا اهو محسوس ڪيو آهي ته اولهه جي ملڪن جا رهاڪو، جيڪي مون کان سوال پڇندا هئا، انهن مان گهڻن کي اها ڳالهه چڱي طرح معلوم هوندي هئي. هڪ اولهه جي سياستدان جيڪو ڪميونسٽ ناهي، چيو: ”جيڪڏهن توهان اهو سڀ ڪجهه ڪريو، جيڪو توهان سوچيو آهي ته ان سان عجب جوڳا ۽ ڏاڍا ڪارائتا عالمي نتيجا نڪرندا.“

ڪنهن پرڏيهي پڙهندڙ لاءِ اسان جي گهڻين مشڪلاتن کي سمجهڻ ايڏو سولو ناهي. اها فطري ڳالهه آهي. هر ديس ۽ قوم جي زندگي جو پنهنجو ڍنگ آهي، پنهنجا پنهنجا قانون آهن. پنهنجون اميدون ۽ وسوسا آهن ۽ پنهنجا تصور آهن. اها انڌلئي فطرت ڏاڍي دلچسپ آهي، ان کي ويتر وڌائڻ گهرجي. ان کي ڇيهاڻ نه گهرجي. مان ته ڪجهه سياستدانن جي اهڙي ڪوشش کان خفا آهيان، جيڪي ٻين کي زندهه رهڻ جو طريقو سيکارڻ چاهين ٿا ۽ پنهنجي پسند جي حڪمت عملي ٻين مٿان مڙهڻ گهرن ٿا. اهڙا ماڻهو هن آڪڙ واري مفروضي تي عمل ڪندا آهن ته، ”سندن ملڪ جي زندگي ۽ حڪمت عملي، آزادي، جمهوريت، اقتصادي سرگرمي ۽ سماجي معيار ٻين جي لاءِ مثالي نمونو آهي.“ منهنجي خيال ۾ ته ان کان وڌيڪ جمهوري رويو اهو ٿيندو ته ٻين قومن کي هن نقطئہ نظر سان اختلاف رکڻ جو حق آهي. هن اُلجهيل ۽ پريشان حال دنيا ۾ هر

شيءِ کي رکو پنهنجن ماڻن سان پر ڪڻ ممڪن ناهي. فوجي آمريت، اخلاقي، سياسي ۽ معاشي دٻاءُ وجهڻ جون ڪوششون، اڄ جي زماني ۾ نتيون هلي سگهن ۽ اهي ڪوششون خطرناڪ به آهن. ان سان عالمي طرح عام راءِ ناراض ٿئي ٿي ۽ ان جي نتيجي ۾ امن ۽ گڏيل سهڪار ڏانهن پيش قدمي واري راهه ۾ رنڊڪ پوي ٿي.

نئين تشڪيل کي صحيح طرح سان سمجهڻ سان ئي سوويت يونين جي پرڏيهي پاليسيءَ کي سمجهي سگهجي ٿو. سچ ته هي آهي ته نئين تشڪيل جا پروگرام، عالمي امن ۽ عالمي سلامتي وارن مقصدن سان سلهاڙيل آهن. اسان اولهه جي ملڪن کي دعوت ڏني آهي ته اسان جي ڪم تي ذميواري ۽ ايمانداري سان غير جانبدارانه تنقيد ڪن. نئين تشڪيل کي پوري طرح سمجهڻ ۾، اولهه جي ملڪن جي ناڪامي يا شعوري ڌيان نه ڏيڻ جي ڪري گهڻيون غلط فهميون پئدا ٿيون ٿيون. مثال طور عالمي معاملن ۾ اسان جي نيت يا ارادن کي صحيح طرح سمجهيو نٿو وڃي يا ڪوشش ڪئي ويندي آهي ته قومن ۽ ملڪن جي وچ وارن لاڳاپن ۾ بداعتمادي واري ماحول منجهه واڌارو ڪيو وڃي.

هر ملڪ جي ڏيهي پاليسي وچ۾ هڪ زنده رشتو ٿيندو آهي. هي رشتو تاريخ جي اهم لمحن ۾ زياده بامعنيٰ ۽ مضبوط ٿيندو آهي. جيڪڏهن ڏيهي پاليسيءَ ۾ ڪا تبديلي ايندي ته لازمي طرح سان عالمي مسئلن تي به ان ملڪ جي رويي ۾ تبديلي ٿي ويندي آهي. ان ڪري نئين تشڪيل واري حالت ۾، اسان جي پنهنجي ملڪ ۽ عالمي ميدان منجهه سرگرمين ۾ هم آهنگي نظر اچي ٿي، جيڪا پهريان کان وڌيڪ چٽي ۽ سگهاري آهي. اڄ جي سوويت پرڏيهي حڪمت عملي جو نئون تصور، ان جون رهنما راهون ۽ ان سان تعلق رکندڙ عملي سرگرميون، نئين تشڪيل جي فسلفي، پروگرام ۽ ان تي عمل جو ئي عڪس آهن.

نئين تشڪيل جي عمل جي ڪري، عالمي سهڪار جنا ڏينهون ڏينهن نوان موقعا ايندا رهندا. غير جانبدار مبصرن جي

اڳڪتي آهي تہ عالمي معيشيت ۾ سوويت يونين جو حصو وڌي ويندو. ان سان پرڏيهي ملڪن سان معاشي، سائنسي ۽ ٽيڪنالاجيڪل لاڳاپا مضبوط ٿيندا. ان کان سواءِ عالمي اقتصادي تنظيمن ذريعي قائم ٿيندڙ لاڳاپا بہ يقيناً بهتر ٿيندا.

اسان سيني کي چوندا آهيون تہ پنهنجي سماج جي ترقي تي ڌيان ڏيڻ لاءِ، اسان کي ديرپا امن گهرجي، تہ جيئن اسان سوويت عوام جي زندگي کي بهتر بڻائڻ واري فرض کي پورو ڪري سگهون. اسان جون رٿائون بنيادي اهميت واريون ۽ ڊگهي مدت واريون آهن. تنهن ڪري هر شخص کي ۽ ان سان گڏوگڏ اسان جي اولهہ وارن اتحادين ۽ مخالفن کي چڱي طرح سمجهڻ گهرجي تہ اسان جي عالمي پاليسي هيءَ آهي تہ "ائٽمي هٿيارن کان پاڪ ۽ ڏاڍ بنا دنيا جي اڏاوت ڪرڻ. ملڪن جي وچ ۾ سٺا ۽ معياري لاڳاپا پيدا ڪرڻ." پنهنجي بنيادي اصولن جي لحاظ کان هي هڪ بنيادي ۽ اعتماد جوڳو مقصد آهي ●

باب ٽيون

اڄ جي دنيا کي اسان ڪيئن ٿا ڏسون ۽ اسان ڪٿي بيٺل آهيون

اسان نئين تشڪيل جي عمل جي ابتدا، وڏندڙ عالمي ڇڪتاڻ جي حالتن ۾ ڪئي هئي. ١٩٧٠ع جي ڏهاڪي ۾ شروع ڪيل جنگ نه ڪرڻ واري ٺاهه ڪي وقت کان اڳ ۾ ختم ڪيو ويو. امن برقرار رکڻ واريون اسان جون تجويزون، اولهه جي حڪمرانن جي ايوانن منجهه قبول نه پيون. سوويت پرڏيهي پاليسي کي، قوم اڳتي وڌائي نه سگهي. هٿيارن جي ڊوڙ نئين سر زور وٺڻ لڳي. جنگ جو ڄڻ ڪو هردم سر مٿان سوار هو.

اهڙين حالتن ۾ ڪو ڇڱو رستو ڳولڻ ضروري هو ۽ ان لاءِ ضروري هو ته انهن سوالن جا جواب ڳوليا وڃن ته، اهو سڀ ڪجهه ڇو ٿي رهيو آهي؟ اڄ دنيا ترقي جي ڪهڙي منزل تي پهتل آهي؟ ائين ڪرڻ لاءِ اسان کي دنيا جي حالتن جو ڏاڍي سنجيدگيءَ ۽ حقيقت پسنديءَ سان جائزو وٺڻو هو. اسان کي پنهنجي سوچ جي ڪيترن ئي اهڙن رٿيل طريقن کي ڇڏڻو هو، جن جا اسان ڪافي عرصي کان عادي ٿي چڪا هئاسين. جيئن اسان روس ۾ چوندا آهيون ته اسان کي هر شيءِ کي نئين نظر سان ڏسڻ گهرجي.

جنهن دنيا ۾ اسان رهون ٿا، اها ڪهڙي آهي؟ هيءَ دنيا جنهن ۾ انسانذات جا ڪيترا نسل زنده آهن، اها ڪهڙي آهي؟ هيءَ اڻبدلجندڙ دنيا مختلف رنگن مان جڙي آهي، ان ۾ ڪيترا الڳ الڳ قسم جا نظام آهن. هيءَ دنيا تيزيءَ سان ڦير ڦار ۾ آهي. ان ۾ مختلف لاڙا، هڪ ٻئي سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺا آهن ۽ شديد تضاد

پڻ موجود آهن. هن دنيا ۾ بنياد تبديلي اچي رهي آهي. اڄ سڄي دنيا ۾ هڪ سائنسي ۽ ٽيڪنالاجيڪل انقلاب اچي چڪو آهي. عالمي مسئلا خراب کان خراب تر ٿي رهيا آهن. انهن ۾ فضا ۽ قدرتي ذخيرن سان لاڳاپو رکندڙ اهم مسئلا به آهن ۽ اطلاع پهچائڻ ۾ انقلابي تبديليون پڻ آيون آهن. اڄ دنيا کي اڳتي وڌائڻ ۽ بهتر بڻائڻ جا بي شمار موقعا موجود آهن. ان سان گڏوگڏ دنيا جي ڪيترن حصن ۾، نهايت غريبي، پسماندگي ۽ قدامت پسندي موجود آهي. جيڪا وچين دؤر* جي ياد ڏياري ٿي. ٽين ڳالهه هي آهي، ته اڄ جي دنيا جي وسيع علائقن منجهه سخت ڇڪتاڻ واريون حالتون پيدا ٿي ويون آهن.

گهڻا سال اڳ هر شيءِ سولائي سان سمجهه ۾ اچي ويندي هئي. ڪجهه خاص ملڪ پنهنجي پنهنجي مفادن کي اهڙي نموني مقرر ڪندا هئا، جنهن سان حالتن ۾ توازن برقرار رهندو هو. جيڪڏهن هو توازن برقرار نه رکي سگهندا هئا، ته پوءِ بادشاهه چوندا هئا. عالمي لاڳاپن جو دارومدار انهن بااثر ملڪن جي مفادن ۾ توازن تي رکي سگهبو هو. هيءَ فلاڻي حڪومت آهي، هيءَ بي آهي ۽ هيءَ ٽئين آهي. هر شيءِ چٽي ۽ پڌري پئي هئي. جنگ کان پوءِ چاليهن سالن ۾، اڄ ڏائين جيڪو ڪجهه ٿيو آهي، ٿورو ان تي نظر وجهو.

اڄ دنيا جي سياسي نقشي تي چڱو خاصو تعداد انهن سوشلسٽ ملڪن جو آهي، جن تمام ٿوري عرصي اندر ترقي جي رستي تي ڏگهو سفر طئي ڪيو آهي. ان کان سواءِ آسريل ملڪن جو وڏو خطو آهي. جن جا پنهنجا خاص مفاد آهن ۽ خاص تاريخ آهي. سندن پنهنجا مسئلا ۽ ترجيحون پڻ آهن. ٽئين نمبر تي ٽين دنيا جي ملڪن جو وڏو تعداد آهي. ڇڙڪ سمنڊ هجي. هي ملڪ گذريل ٽيهارو چاليهارو سالن ۾ ظاهر ٿيا آهن، جڏهن ڪيترن ئي ايشيائي، آفريقي ۽ لاطيني آمريڪي ملڪن آزادي حاصل ڪئي.

---

* وچون دؤر- جاگيرداراڻو دؤر.

. اها ڳالهه پڌري آهي ته ملڪن جي گروپن ۽ انفرادي طرح هر ملڪ جا پنهنجا مفاد آهن. ابتدائي منطق جي لحاظ کان عالمي سياست ۾ سڀني جي مفادن کي مناسب جڳهه ملڻ گهرجي. پر ائين ناهي. مون سرمائيدار ملڪن سان تعلق رکندڙ جي سوال ڪرڻ وارن ماڻهن کي ڪيترا ڀيرا ٻڌايو آهي ته اچو ته ڀاڻ حقيقتن کي ڏسون ۽ انهن کي ذهن ۾ رکون. هڪ دنيا سرمائيداراڻي نظام واري آهي. هڪ دنيا سوشلسٽ نظام واري آهي ۽ هڪ وڏي دنيا اسرندڙ ملڪن جي آهي. هي دنيا ڪروڙين ماڻهن جي آهي. سڀني ملڪن جا پنهنجا پنهنجا مسئلا آهن. پر اسرندڙ ملڪن جا مسئلا ٻين ملڪن جي مسئلن کان سوين ڀيرا وڌيڪ گنڀير آهن ۽ انهيءَ حقيقت کي سامهون رکڻ نهايت ضروري آهي. انهن ملڪن جا پنهنجا قومي مفاد به آهن. ڪيترن ڏهاڪن تائين هو بيٺڪون بڻيل رهيا. ڪين گهڻن سالن تائين آزادي لاءِ شديد جدوجهد ڪرڻي پئي. جڏهن ڪين آزادي ملي وئي آهي، ته هاڻ هو پنهنجي عوام جي زندگي کي بهتر بڻائڻ چاهين ٿا. پنهنجي وسيلن کي پنهنجي مرضي سان استعمال ڪرڻ چاهين ٿا. جيڪڏهن رڳو سوويت يونين، آمريڪا (U.S.A) برطانيه يا جاپان جي مفادن واري خيال کان ڏٺو وڃي ته ڇا توازن جوڳن ۽ انصاف ڀرين لاڳاپن قائم ٿيڻ جي اميد رکي سگهجي ٿي، نه بلڪل نه. ان لاءِ ترقي يافته ۽ ترقي پذير ملڪن جي مفادن لاءِ هڪ توازن واري شڪل پيدا ٿيڻ گهرجي. في الحال اهڙو توازن ڪونهي. هن دؤر ۾ شاهوڪار ملڪ وڌيڪ شاهوڪار ۽ غريب ملڪ وڌيڪ غريب ٿيندا پيا وڃن. پر ٻي ڳالهه به آهي ته ٽين دنيا ۾ اهڙا عمل ظاهر ٿي رهيا آهن، جيڪي عالمي لاڳاپن جي سڄي نظام جي بنيادن کي ڌي لوڏي سگهن ٿا.

اڄ ڪير به سوشلسٽ دنيا کي دٻليءَ ۾ بند ڪري رکي نٿو سگهي. نه ترقي پسند ملڪن کي، نه ئي اسريل سرمائيدار ملڪن جي دنيا کي ئي ڪيڏانهن گم ڪري سگهجي ٿو. پر اهو عجيب خيال اڄ به ڪجهه ماڻهن جي ذهنن ۾ موجود آهي، ته سوشلزم تاريخ جو

هڪ حادثو آهي ۽ هاڻي بيڪار ٿي چڪو آهي ۽ ان کي تاريخ جي گند واري ڍير تي ڦٽو ڪرڻ گهرجي. پوءِ ٽين دنيا خاموشيءَ سان غلاميءَ تي راضي ٿي ويندي ۽ پراڻو زمانو موٽي ايندو. ٻين جي محنت مان ناجائز فائدو وٺندي، گهڻا ملڪ شاهوڪار ٿي ويندا. پر ماضي ڏانهن موٽڻ جي ڪري مستقبل جا مسئلا حل ڪونه ٿيندا. اهڙو رڳو مهم جوئي آهي، جنهن جو بنياد رڳو خوف ۽ بي اعتماديءَ تي قائم آهي.

اسان هڪ ٻيرو وري اها حقيقت سمجهي ورتي آهي ته هيءَ دنيا گهڻ رنگي ۽ گهڻ پاسائين آهي. اسان نه رڳو ملڪن جي انفرادي مسئلن جي وچ وارن اختلافن جو اندازو لڳايو آهي، پر اسان ان بنيادي مسئلي جي به کوجنا ڪئي آهي، ته عالمي برادري ۾ شامل سڀني ملڪن جي وچ ۾ هڪٻئي تي ڀاڙڻ وارو لاڙو ڏينهون ڏينهن وڌي رهيو آهي.“ اڄ جي دؤر ۾ انساني ترقي جي جدلياتي فلسفو اهو آهي. اڄ دنيا متضاد سياسي ۽ سماجي اختلافن جي باوجود اندر ۾ هڪ ايڪو آهي ۽ تضادن ۾ ڦاٿل هيءَ دنيا، سنهاري سنهاري قدم کڻي رهي آهي ۽ وڏي مشڪل سنزلن تان لنگهي، هڪ نئون ڪنڊ موڙي رهي آهي.

اهڙي ئي هڪ ٻي ظاهر حقيقت اها آهي، ته اهڙا گهڻا عالمي مسئلا پيدا ٿي ويا آهن، جيڪو ڏينهون ڏينهن شديد ٿيندا پيا وڃن. اهڙا مسئلا جن تي انساني سڀيتا جو دارومدار آهي، يعني فطرت جي سلامتي، ماحول، هوائي حدون، سمنڊ ۽ اسان جي ڌرتي جي قدرتي ذخيرن جي سلامتي (جيڪي لامحدود ناهن) جي خراب حالت آهي. نيون ۽ پراڻيون بيماريون ۽ سڄي انسانيت لاءِ اٿاهه ڳڻتي. اڄ سڄي دنيا جي سامهون هي سوال آهي، ته زمين جي تمام وڏي حصي تي بک ۽ غربت کي ڪيئن ختم ڪيو وڃي. خلا کان ٻاهر ۽ سمنڊ جي مسافريءَ ۾، ٻنهي بلڪه سڀني ملڪن جو گڏجي نهايت ذهانت سان ڪم ڪرڻ. انساني تجربي مان حاصل ڪيل علم کي انسانذات جي بهتري لاءِ استعمال ڪرڻ، اهي سڀ انساني

برادري جون گڏيل ذميواريون.

اسان پنهنجي ملڪ ۾ قومي سطح تي انهن مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ جيڪو ڪم ڪيو آهي، ان بابت گهٽيون ڳالهيون ڪري سگهجن ٿيون. نئين تشڪيل جو ذڪر ڪندي، مون انهن ڳالهين جو به ڪجهه ذڪر ڪيو هو. ان ڏس ۾ اسان پنهنجيون ذميواريون پوريون ڪنداسين.

پر سوويت يونين اڪيلي سر اهي سڀ مسئلا حل ڪري نٿي سگهي. اسان کي اهو قبول ڪرڻ ۾ ڪا به هٻڪ يا حجاب ڪونه ٿو ٿئي، تنهن ڪري اسان گڏيل عالمي سهڪار ذريعي انهن مسئلن کي حل ڪرڻ جي گهر ڪريون ٿا. اسان مڪمل ذميواري سان ۽ ڪوڙي شرم کي هڪ پاسي رکي اهو چئون ٿا، ته اڄ اسان وڌ کان وڌ هڪ ٻئي تي ڀاڙڻ لڳا آهيون، اسان کي هڪ ٻئي جي اشد ضرورت آهي. جيئن ته هي زندگيءَ جون حقيقتون آهن ۽ اسان هن زمين تي گڏ رهون ٿا. وڌ کان وڌ هڪ ٻئي سان مشابهت رکون ٿا، ڇو ته اسان سڀني جو مقدر ساڳيو آهي. ڇو ته اسان سڀ هڪ ئي ڌرتيءَ جا رهاڪو آهيون ۽ ان جي وسيلن مان سڀ فيض حاصل ڪندا آهيون. اسان کي خبر آهي، ته هي وسيلا لامحدود نه آهن ۽ انهن کي بچائڻ ضروري آهي. فطرت ۽ فضا کي محفوظ ڪرڻ ضروري آهي. انهن حقيقتن جو اثر اسان سڀني تي پئي ٿو. اهو تمام ضروري آهي ته هن ڌرتيءَ جي وسيلن کي سڄي انسانذات جي ملڪيت سمجهيو وڃي ۽ ان کي سوچي سمجهي خرچ ڪيو وڃي. ائين ڪرڻ لاءِ اسان کي اثرائتا عالمي قاعدا ۽ قانون جوڙڻ گهرجن، جيڪي انصاف تي ٻڌل هجن، هتان کان ئي اسان کي هڪ ٻئي تي ڀاڙڻ جو احساس ٿيندو آهي ۽ اهو ته دنيا هڪ ايڪو آهي ۽ ان جي سڀني ڪوشش ۽ وسيلن کي گڏ ڪري انساني نسل جي بقا لاءِ ضمانت فراهم ڪئي وڃي، جنهن سان اسان کي نه رڳو اڄ فائدو رسي، پر آئينده ۽ هميشه هميشه جي لاءِ پڻ.

هڪ ٻيءَ حقيقت کي تسليم ڪرڻ ضروري آهي، ته ائٽمي

دؤر ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ، جڏهن ائٽم جي سگهه کي فوجي مقصدن لاءِ استعمال ڪيو پيو وڃي، هاڻي انسان ذات جي لافاني هجڻ وارو خيال غلط ثابت ٿي سگهي ٿو. ماضي ۾ جنگيون ٿينديون هيون، جيڪي واقعي خوفناڪ به هونديون هيون ۽ انهن ۾ ڪروڙين انسان اجل جو شڪار بڻجي ويندا هئا. شهر ۽ ڳوٺ ويران ٿي ويندا هئا. قومون ۽ ثقافتون فنا ٿي وينديون هيون، پر انساني نسل جي بقا ڪڏهن به خطري ۾ نه پوندي هئي. ان جي ابتڙ، جيڪڏهن اڄ ائٽمي جنگ شروع ٿي وڃي ته سموري زنده مخلوق ڌرتي تان مٽجي ويندي.

جيتوڻيڪ اها ڳالهه منطقي طرح سان ناممڪن آهي ته اڄ جي ائٽمي هٿيارن جي استعمال سان موجوده انساني آبادي کي ڪيئي ڀيرا برباد ڪري سگهجي ٿو، پر اها ڳالهه هاڻي ٽيڪنيڪي طرح، درست ۽ ممڪن ٿي وئي آهي. اڄ ائٽمي هٿيارن جا ڍير ايڏا ته وڌي ويا آهن، جنهن سان هڪ وڏي خطي کي ساڙي رک ڪري سگهجي ٿو. اڄ هڪ ائٽمي آبدوز ۾ ايترو برباد ڪندڙ مواد موجود آهي، جيڪو ٻيءَ مهاڀاري لڙائي ۾ استعمال مواد کان ڪيئي ڀيرا وڌيڪ برباد ڪندڙ آهي ۽ اهڙين آبدوزن جو تعداد درجنن تائين پهچي ويو آهي. ائٽمي جنگ وانگر هٿيارن جي ڊوڙ ۾ پڻ ڪو به کٽي نٿو سگهي. هن ڊوڙ کي زمين تي جاري رکڻ ۽ ان کي خلا ۾ پهچائڻ سان ائٽمي هٿيارن جي ذخيرن ۾ تيزي سان واڌارو ايندو ۽ اهي وڌيڪ نوان ۽ مؤثر ٿي ويندا. اڄ به انهن جي موت ماري ۽ تيز رفتاري جو ڪاٿي حد تائين وڌي چڪي آهي. دنيا جون حالتون اهڙيون ٿي سگهن ٿيون، جو اهي سياستدانن جي وس ۾ نه رهن، پر رڳو اتفاق جي رحم ڪرم تي رهجي وڃن. اهڙي دنيا کي امن سان زنده رهڻ جي قابل بڻائڻ لاءِ اسان کي گهڻو ڪجهه سکڻو ۽ ڪرڻو ضروري آهي. اسان کي سوچڻ جو نئون طريقو اختيار ڪرڻ گهرجي. ڇو ته اڄ جون حالتون ۳۰۰۰ع سالن کان اڳ وارن حالتن کان گهڻو بدليل آهن. اڄ پرڏيهي پاليسي کي سامراجي دؤر جي

خيالن کان نه ڏسڻ گهرجي. نه سوويت يونين ۽ نه ئي آمريڪا (U.S.A) ان پوزيشن ۾ آهي جو هو پين ملڪن تي پنهنجي مرضي مڙهي سگهن. هڪ طاقتور ملڪ هڪ ڪمزور ملڪ کي دٻائي سگهي ٿو، مجبور ڪري سگهي ٿو، رشوت ڏيئي خاموش ڪري سگهي ٿو، ان کي ٽوڙي سگهي ٿو، يا ان کي ٻمن شاڻ اڏائي سگهي، پر اهو صرف محدود وقتي لاءِ ئي سگهي ٿو. هڪ ڊگهي عرصي لاءِ ۽ هڪ اعليٰ سياست ۾ ڪو به ملڪ ٻئي ملڪ کي غلام نٿو بڻائي سگهي. هاڻي رڳو هڪ ئي رستو رهجي وڃي ٿو. اهو آهي برابري جي بنيادي لاڳاپن جو رستو، اسان سڀني کي اها ڳالهه ذهن ۾ رکڻ گهرجي. مٿي ذڪر ڪيل ائٽمي هٿيارن جي حقيقت، ماحول جي حقيقتن، سائنسي ۽ ٽيڪنالاجي انقلاب، پرچار جي ذريعن جي ڪامياب ترقي، اسان کي هڪ ٻئي جو ۽ هر شخص جو احترام ڪرڻ تي مجبور ڪري ٿي.

ته اها آهي اسان جي اڄ جي دنيا. هي گهڻي پيچيده آهي، پر اميد کان خالي ناهي. اسان جي راءِ ۾ انهن سڀني اختلافن کي دور ڪري سگهجي ٿو، پر ايئن ڪرڻ لاءِ، هر ملڪ کي دنيا ۾ پنهنجي درست حيثيت ٻيهر مقرر ڪرڻ گهرجي ۽ ذميواري سان رهڻ گهرجي.

نئين سياسي سوچ

اپريل ١٩٨٥ع کان پوءِ ايندڙ سالن ۾ اسان اڄ جي حالتن جو چڱي طرح اڀياس ڪيو آهي ۽ انهن کي چڱي طرح سمجهيو آهي ۽ ان کي بهتر بڻائڻ جي طريقن تي به غور ڪيو آهي. آءٌ ان عملي قدمن جو ذڪر ڪندس، جيڪي اسان عالمي ماحول کي بنهه بدلائڻ لاءِ کنيا آهن. هاڻي آءٌ سڀ کان اهم نقطو بيان ڪريان ٿو.

ستاويهين (٢٧) ڪانگريس ۾ دنيا کي هڪ متضاد پر پاڻ ۾ ڳنڍيل، هڪ ٻئي تي ڀاڙيندڙ ملڪن تي مشتمل، پنهنجي جوهر ۾ متحد ۽ هڪ ايڪو تسليم ڪري، اسان پنهنجي پرڏيهي حڪمت

عملي جو بنياد، انِ اصول تي رکيو. اهو صحيح آهي ته جيستائين سماجي سرشتن، نظرين ۽ مذهبي تصورن ۽ زندگي جي نموني جو تعلق آهي ته اسان هڪ ٻئي کان مختلف آهيون. اهو به مڃان ٿو ته اهي اختلاف موجود رهندا، پر ڇا اسان انِ سبب ڪري هڪ ٻئي سان جهيڙي ۾ رهنداسين. ڇا اهو بهتر نه ٿيندو ته اسان انهن شين کي نظرانداز ڪري، جيڪي اسان کي الڳ ڪن ٿيون، سڄي انسانذات جي مفادن جي حفاظت خاطر، زمين تي زندگي جي حفاظت خاطر، صلح سانت جو رويو اختيار ڪريون. اهو به ٻڌي ڇڏيو ته اسان ان مسئلي تي پنهنجي لائحه عمل جي چونڊ ڪري ورتي آهي. اسان هڪ نئين سياسي سوچ اختيار ڪري ڇڏي آهي، جنهن جو اظهار اسان ٻه طرفن ڳالهين جي ذريعي ۽ پنهنجي ڪردار ۽ عمل سان ڪري رهيا آهيون.

عوام ڇڪتاڻ ۽ دشمني کان تنگ اچي چڪا آهن. اهي هڪ وڌيڪ محفوظ ۽ اعتماد جوڳي دنيا ۾ زنده رهڻ چاهين ٿا. اهڙي دنيا جنهن ۾ سڀ قومون ۽ ملڪ پنهنجي فلسفي ۽ پنهنجي خاص سياسي ۽ نظرياتي تصورات رکي سگهن. پنهنجي پنهنجي زندگي جي نموني کي اختيار ڪري سگهن.

دنيا ۾ جيڪو ڪجهه ٿي رهيو آهي، اسان ان کي چڱي طرح ڏسي رهيا آهيون. اسان ڏسون ٿا ته پراڻي نهيل ڏکيل فڪر ۽ عمل جا سانچا بدستور موجود آهن، پراڻن خيالن ۽ رسمن جون پاڙون گهٽيون پراڻيون ۽ گهريون آهن. انهن پراڻن خيالن مان فوجي مهم پسندي ۽ سامراجيت جون خواهشون پيدا ٿينديون آهن ۽ ٻين ملڪن کي پنهنجي سياسي ۽ ٻين سرگرمين جو نشانو بڻائڻو ويندو آهي. انهن کي پنهنجي پسند جي حڪومت ۽ پنهنجي آزاد پرڏيهي حڪمت عملي بنائڻ جو اختيار نٿو ڏنو وڃي.

اسان وٽ مختلف علائقائي مسئلن جو ڪو ضرورت کان وڌيڪ انقلابي حل موجود نه آهي، حالانڪ ضرورت پوڻ تي اهڙا طريقا ڪجهه حالتن ۾ ڪارائتا ثابت ٿيندا آهن. اسان عالمي مسئلن

ڪي اهڙي طرح حل ڪرڻ ٿا چاهيون، جنهن سان ڇڪتاڻ اچا وڌي وڃي.

اسان اولهه جي ملڪن ۽ اسرندڙ ملڪن جي وچ ۾ موجوده لاڳاپن ڪي سئو ٽڪا سمجهون، پر اسان اهڙن لاڳاپن ڪي زور زبردستي سان تبديل ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪنداسين ۽ نه ئي ان تي زور ڏينداسين، اسان چاهيون ٿا ته ان لاڳاپن مان جديد بينڪي عنصر ڪڍي ڇڏجي، جيڪو قديم بينڪي عنصر کان رڳو ان حد تائين مختلف آهي جو ان جي ڦرلٽ جا طور طريقا وڌيڪ اثرائتا ۽ نوان آهن. اڄ اهڙيون حالتون پيدا ڪرڻ ضروري آهن، جن ۾ اسرندڙ ملڪ پنهنجي قدرتي ذخيرن ۽ انساني وسيلن جا مالڪ هجن ۽ انهن کي پنهنجي مرضي سان پنهنجي بهتري لاءِ استعمال ڪرڻ تي قادر هجن، نه ڪي ٻين جي مرضي ۽ انهن جي فائدي لاءِ.

معاشيات، ماحوليات، ۽ پرچار جي شعبن ۾ عالمي لاڳاپن کي عام رواجي حالتن ۾ آڻڻ جي لاءِ، انهن جو بنياد وسيع تر بين الاقواميت تي رکڻ گهرجي. موجوده حالتن مان ظاهر آهي ته اولهه اڃا تائين 'ست وڏن' يا 'پنج اهم ملڪن' وغيره جي نالي ويڙهي ذريعي، رڳو محدود دائري اندر رهندڙ ڪجهه ملڪن جي مفادن جو محافظ بڻيل آهي، ۽ انهن محدود تنظيمن جو ئي اثر آهي جو گڏيل قومن کي ناڪام ثابت ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪيون ويون آهن. مثال طور اهو چيو وڃي ٿو ته گڏيل قومن جو ادارو ته آهي پر متحد ناهي. بلڪ آهستي آهستي ٽٽي ۽ ٽڙي پکڙي رهي آهي. ۽ اهو اڄ جي دور ۾ چيو پيو وڃي، جڏهن دنيا ۾ هر پل نيون تبديليون ظاهر ٿي رهيون آهن ۽ مختلف ملڪن جي مختلف مفادن منجهه ٽڪراءَ کان بچڻ لاءِ، هر پل هڪ ٽڪري ۽ نئين توازن جي ضرورت پيش اچي ٿي. اهڙين حالتن ۾ گڏيل عالمي سهڪار جي اعليٰ تجربي جي مدد سان، گڏيل قومن جو ڪردار اچا به ضروري ۽ اهم ٿي وڃي ٿو.

اهو درست آهي ته گڏيل قومن جون ڪوششون سدائين

ڪامياب نٿيون ٿين. پر منهنجو خيال آهي ته مختلف مفادن ۾ توازن پيدا ڪرڻ لاءِ اهو سڀ کان وڏيڪ موزون ادارو آهي. اڄ دنيا ۾ سڀ کان وڏيڪ ضرورت، ان توازن کي مضبوط ڪرڻ جي آهي.

مون کي خبر آهي ته هر شيءِ ڪي رات وچ ۾ تبديل نٿو ڪري سگهجي. مون کي اها به سڌ آهي ته خاص حالتن ۾ ولهه جي ملڪن ۽ اسان جي لاڙن ۾ فرق آهي. ان جي باوجود جيئن آءُ اڳ ۾ چئي چڪو آهيان ته اڄ دنيا جي ملڪن جو مثال اهڙن ڪوه-پيما جي ٽولي جهڙو آهي، جيڪي سڀ هڪ رسي ذريعي هڪ ٻئي سان سلهاڙيل آهن. يا هو سڀ پهاڙ جي چوٽي تي وڃي رسندا يا سڀ گڏجي گهري کڏ ۾ وڃي ڪرندا. مڪمل بربادي کان بچڻ لاءِ سياسي اڳواڻن کي پنهنجي محدود مفادن کان مٿڀرو ٿيڻ، هن وقت دنيا جي شطرنج تي ٽيندڙ انساني ڪيڏ کي ذهن ۾ رکڻ گهرجي. انهن حالتن جي تقاضا آهي ته موجوده صورتحال ۽ ان ۾ امن جي امڪانن کي نئين نظر سان ڏٺو وڃي ۽ نئين طريقي سان سمجهيو وڃي.

اڄ اهو ممڪن ناهي رهيو ته ١٩٤٧ع جي واقعن ۽ علم جي بنياد تي يا **ٽروبين** (١) جي نظرئي يا **چرچل** (٢) جي فلٽن واري تقرير جي بنياد تي ڪنهن مفيد، موثر يا عمل جوڳي پرڏيهي پاليسي کي جوڙي سگهجي. اڄ نئين نموني سوچڻ ۽ ڪرڻ جي ضرورت آهي. ياد رکو، تاريخ انتظار نٿي ڪري سگهي. ماڻهن وٽ وڃائڻ لاءِ فالتو وقت ڪونهي. جيڪڏهن اسان هن وقت درست فيصلو نه ڪيو ته ٿي سگهي ٿو ته سياڻي وقت گذري چڪو هجي ۽ سياڻي کان پوءِ اڳيون ڏينهن ئي نه اچي.

نئين سياسي سياڻپ جو بنيادي اصول ڏاڍو مختصر ۽ سمجهه جوڳو آهي. ائٽمي جنگ سياسي، معاشي، نظرياتي يا ڪو به مقصد

(١) آمريڪا جو سابق صدر (ٽرومين).
(٢) برطانيه جو سابق وزيراعظم (چرچل).

حاصل نہ ڪري سگهندي. هي فيصلو واقعي انقلابي فيصلو آهي. چو تہ ان جو مطلب آهي تہ جنگ ۽ امن جي روايتي معنيٰ کي هڪدم ڇڏيو وڃي. پهريان جنگ جو هڪ جواز قبوليت جو ڳڻو هوندو هو جو ان مان ڪو سياسي مقصد حاصل ٿيندو هو ۽ جنگ کي عقلي دليلن ذريعي جائز قرار ڏنو ويندو هو. پر ائٽمي لڙائي جنگ جي دائري کان ٻاهر آهي. ان جو منطق سان ڪوبہ تعلق ناهي. عالمي ائٽمي لڙائي ۾ نہ ڪو فاتح هوندو ۽ نہ مفتوح. انساني سڀيتا مڪمل طرح سڙي رک ٿي ويندي. ائٽمي جنگ عام روائتي معنيٰ واري جنگ ناهي، ان کي اجتماعي خودڪشي چوڻ گهرجي.

اڄ فوجي ٽيڪنالاجي ان حد تائين ترقي ڪري چڪي آهي، جو غير ائٽمي جنگ بہ انساني بربادي ۾ ائٽمي جنگ جيتري موتمار ٿي سگهي ٿي. ان لاءِ ضروري ٿي ويو آهي تہ ائٽمي جنگ ۾ اهڙي موتمار جنگ کي بہ ڳالهين ۾ شامل ڪيو وڃي، جيڪا ڪن بہ ٻن طاقتور ۽ ترقي يافتہ ملڪن جي وچ ۾ لڳي.

انهن ڳالهين جي روشني ۾ عالمي حالتن جو منظر بدلجي وڃي ٿو. هڪ اهڙي سوچ ۽ هڪ اهڙو طرز عمل، جنهن جو بنياد عالمي سياست ۾ طاقت تي رکيو ويو هو. صدين نہ پر ان کان بہ گهڻي عرصي کان رائج رهيو آهي. ائين ٿو لڳي تہ ڄڻڪ ان جون پاڙون ايتريون مضبوط ۽ گهريون آهن، جو انهن کي تبديل نٿو ڪري سگهجي. پر اڄ جي حالتن ۾ سوچ جي انهن پراڻن طريقن جي معنيٰ ئي ختم ٿي وئي آهي. ڪلازوٽز جو هي قول تہ "جنگ حڪمت عملي جو ئي ڦهلاءُ آهي، رڳو طريقا تبديل ٿي ويندا آهن." جنهن کي ڪنهن زماني ۾ ابدي سچائي سمجهيو ويندو هو، هاڻي پراڻو ۽ بي معنيٰ قول بڻجي ويو آهي. هاڻي هي رڳو لئبريري جي سونهن بڻجي ويو آهي. تاريخ ۾ پهريون ڀيرو انسان ذات جي گڏيل اخلاقي ۽ فلسفيائي قدرن تي عالمي سياست جو بنياد رکڻ ۽ ملڪن جي وچ ۾ لاڳاپن کي انساني قدرن تي تعمير ڪرڻ، اسان جي زندگي لاءِ بيحد ضروري آهي.

عالمي اختلافن جي ائٽمي يا فوجي حل جي ناممڪن هجڻ ڪري، لاڳاپن ۾ طاقت ۽ حفاظت جي هڪ نئين جدلياتي شڪل سامهون آئي آهي: فوجي وسيلن ذريعي پوري سلامتي ممڪن ناهي ۽ نه ئي وري هٿيارن جي استعمال سان اها ممڪن آهي ۽ نه ته هٿيارن جي خوف ڪري ائين ٿيڻ ممڪن آهي. نه ئي مستقل طور تي تلوار (حملي آور هٿيار) ۽ ڍال (بچاءُ جون ترڪيبون) کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ سان تحفظ ملي سگهي ٿو. فوجي برتري حاصل ڪرڻ جون ڪوششون رڳو ڏاڍون آهن. هاڻي خلا ۾ اهڙيون ڪوششون ٿي رهيون آهن. اصل ۾ اها جنگ پسند ديوانن جي رويي جي ايجاد آهي. ڇاڪاڻ ته ڪجهه ماڻهو پنهنجو پاڻ کي گهڻو اهم ۽ طاقتور ثابت ڪرڻ واري شوق منجهه بيوقوفن وانگر اڳتي وڌي رهيا آهن.

تحفظ جي خيال کان ته هاڻ هٿيارن جي ڊوڙ هڪ بي معنيٰ ۽ لا حاصل تصور بڻجي ويو آهي ڇو ته ان منطق پنهنجو پاڻ عالمي لاڳاپن کي خراب ڪري ڇڏيندو ۽ پوءِ نوبت ائٽمي تباهي تائين پهچندي. بين ضروري ڪمن کان ڌيان هٽائي اندا ڌنڌ وڌيون رقمون ان اونداهي کوهه ۾ اڇلائڻ سان سلامتي جو ڪي ۾ پئجي وڃي ٿي. هي ته امن دشمني آهي. سلامتي جي ضمانت ته سياسي فيصلن يا هٿيارن گهٽائڻ سان حاصل ٿي سگهي ٿي. اسان جي دؤر ۾ حقيقي سلامتي جيڪا سيني کي هڪجهڙي ميسر هجي، رڳو هٿيارن کي مسلسل گهٽائڻ سان حاصل ٿي سگهي ٿي. ائٽمي ۽ بين هٿيارن کي، جيڪي هڪ ئي وقت وڏيون آباديون کي تباه ڪري سگهن ٿا، مڪمل طرح ختم ڪرڻ گهرجي. ممڪن آهي ته ڪجهه ماڻهن کي ائين ڪرڻ کان خوف ٿيندو هجي. هو پڇن ٿا ته: ”پوءِ هن فوجي صنعت جو ڇا ٿيندو؟ هيڏا سارا ماڻهو جيڪي انهن صنعتن ۾ روزگار سان لڳل آهن، سندن گذرسفر ۽ پگهارن جو ڇا ٿيندو؟“ نوبل انعام حاصل ڪندڙ وي.ليونتيوو تازو پنهنجي ڪتاب ۾ ان مسئلي جو خاص طرح سان ذڪر ڪيو آهي. ۽ هن ثابت ڪيو

آهي ته معاشي نقطہ نظر کان جنگبازن جي دليلن ۾ ڪا جان ڪونهي:
منهنجو خيال آهي ته فوجي صنعتن ۾ هڪ نوڪري تي سول جي
هڪ نوڪري کان ٽي ڀيرا وڌيڪ خرچ ٿيندو آهي. ان جو مطلب
اهو ٿيو ته هڪ فوجي صنعتي ڪارڪن جي جڳهه تي ٽي غير فوجي
صنعتي ڪارڪن ڀرتي ڪري سگهجن ٿا. ٻيو اهو ته فوجي معاشيات
جا ڪيترا شعبا غير فوجي معاشيات سان ڳنڍيل آهن، جيڪي غير
فوجي شعبي سان ڳنڍيل آهن. مثال ڪان ئي انهن جي خدمتن کي
غير فوجي صنعتن ۾ کپائڻ جي شروعات ڪري سگهجي ٿي. ٽيون
اهو ته سوويت يونين ۽ آمريڪا گڏجي وڏا وڏا صنعتي پروگرام
ٺاهي سگهجن ٿا. جن ۾ ٻنهي جا وسيلا گڏ ڪيا وڃن ۽ ٻنهي جي
سائنسي ۽ صلاحيتن کي گڏ ڪري، انسانيت جي فائدي لاءِ، ڪيترائي
مختلف ڪم ڪري سگهجن ٿا.

نئين سياسي سوچ جو هڪ ٻيو مطالبو به آهي، ته هڪ سادي
چوٽيءَ تي عمل ڪيو وڃي، ”انساني سلامتي ورهائڻ جوڳي ناهي:“
يعني يا ته زمين جي سڀني رهواسين کي هڪ جهڙي سلامتي نصيب
ٿئي يا ڪنهن کي به نه. سلامتيءَ جي سڀ کان وڌيڪ سگهاري
پيڙهه اها آهي، ته سڀني قومن ۽ ملڪن جي مفادن کي صحيح ۽ اهم
مڃيو وڃي ۽ عالمي لاڳاپن ۾ سڀني کي هڪ جهڙو درجو مليل هجن.
هڪ قوم جي سلامتي کي عالمي برادريءَ جي سلامتيءَ سان
جوڙيو وڃي.

چيو اها ڳالهه آمريڪا جي فائدي ۾ ٿيندي، ته سوويت يونين
اهڙي حالت ۾ هجي جو کيس اهو احساس هجي، ته کيس آمريڪا
کان گهٽ سلامتي حاصل آهي؟ يا جيڪڏهن ان جي ابتڙ صورتحال
هجي، ته ڇا ان مان اسان کي ڪجهه فائدو ٿيندو؟ آءٌ اها ڳالهه پڪ
سان ٿو چوان ته اسان اها صورتحال پسند نه ڪنداسين. ڪالهه جي
دشمنن کي اڄ جو دوست بڻائڻ گهرجي ۽ ٻنهي کي گڏجي عالمي
سلامتيءَ لاءِ رستو ڳولڻ گهرجي.

هن نئين سوچ جون علامتون اسان گهڻن ملڪن ۾ سماج

جيڪي مختلف طبقن ۾ ڏسي سگهون ٿا ۽ ائين هجڻ به گهرجي. گڏيل مفيد معاهدن ۽ ٻه طرفن ٺاهن ۾، جن جو بنياد هڪ تمام وڏي اجتماعي مقصد تي رکيو ويو هجي. ائين ٿيندو آهي ۽ سڀ کان عظيم مقصد آهي، ائٽمي تباهي جي پاڙ پٽڻ. ان سان هيءُ نتيجو نڪري ٿو، ته ڪا قوم ٻين قومن جي سلامتي کي پوئتي رکي يا هنن جي سلامتي جو ڪي ۾ وجهي، پنهنجو تحفظ به ڪري نٿي سگهي.

نوان خيال فوجي نظرين جي مزاج تي به گهڻو اثر ڇڏين ٿا. فوجي نظريا رڳو بچاءَ وارا هجڻ گهرجن. هي خيال اهڙن نون خيالن سان هم آهنگ آهي، جنهن مطابق هڪ معقول تعداد هٿيارن جو رکيو وڃي ۽ اڳرائي کان پاسو ڪندڙ ناهه هجي. مختلف دفاعي طاقتن ۾ اڻ برابري ۽ عدم توازن کي ختم ڪيو وڃي. ٻنهي ملڪن ۽ بلاڪن جي اڳرائي واري قوتن کي هڪ ٻئي کان پري رکيو وڃي.

اسان جي هن دور ۾ عالمي سلامتي ممڪن آهي، پر جڏهن هر قوم جي اڻ حق کي تسليم ڪيو وڃي، ته هو پنهنجي سماجي ترقي جو رستو خود چونڊي. ٻين ملڪن جي ڏيهي معاملن ۾ هٿ چراند کان پاسو ڪرڻ جي ذميواري کڻي. ٻين جو احترام ڪري ۽ پاڻ پنهنجي سماج تي معروضي خود تنقيدي نظر وجهي. هر قوم کي حق آهي، ته هو سرمائيداري سرشتي جي چونڊ ڪري يا سوشلسٽ سرشتي جي. سڀ قومون ائين ڪري نه ٿيون سگهن ۽ نه ئي ائين ڪرڻ جي ضرورت آهي، ته آمريڪا يا سوويت يونين جي زندگيءَ جو نمونو اختيار ڪن. اسان سڀني جي سياسي موقفن ۾ نظرياتي تعصب جو ڪوبه ڪارڻ ڪونهي ۽ نه ئي نظرياتي اختلافن کي ملڪي لاڳاپن ۾ رنڊڪ بڻجڻ گهرجي. نه ئي پرڏيهي حڪمت عملي نظرياتي اختلافن جي تابع هجڻ گهرجي. انهن ٻنهي جا ڏاڪا الڳ الڳ آهن. نظرياتي نظامن ۾ اولهه اوڀر واري اوپرائپ ٿي سگهي ٿي پر انسان ذات جي بقا ۽ جنگ کي روڪڻ جا مقصد سڀ کان وڌيڪ اهم آهن.

ائٽمي خطري سان گڏوگڏ ٻيا به عالمي مسئلا آهن، جن کي

حل ڪرڻ لاءِ، نئين سياسي سوچ کي اختيار ڪرڻ ضروري آهي.
انهن ۾ اقتصادي ۽ ماحولياتي مسئلا گهڻو اهم آهن ۽ انهن جي
حل لاءِ لازمي آهي، ته اهڙن مسئلن کي حل ڪرڻ کان پوءِ انصاف
تي ٻڌل پائيدار امن قائم ٿي سگهي. نئين سوچ جو هي مطلب آهي
ته انساني ترقي ۽ بارود گهٽائڻ ۾ سڌو سنئون لاڳاپو قائم ڪيو وڃي.
اسان چاهيون ٿا ته بارود کي گهٽائڻ جي ڪوشش کي عالمي سطح
تي انساني ترقي جو هڪ اڻٽر وسيلو بڻايو وڃي. ان موضوع تي
آگسٽ ١٩٨٧ع جي آخر ۾ نيويارڪ ۾ ٿيندڙ عالمي ڪانفرنس جي
نالي پنهنجي پيغام ۾ مون لکيو هو ته، ”ترقيءَ جي لاءِ بارود
گهٽائڻ“ جي اصول تي عمل ڪرڻ لاءِ سڄي انسانيت کي گڏ
ڪرڻ ضروري آهي. ته جيئن ان مقصد جي حاصلات لاءِ هڪ عالمي
جاڳرتا پيدا ڪئي وڃي.“

دهلي ۾ ٿيل ”ائٽمي هٿيارن کان پاڪ ۽ ڏاڍ کان پاڪ
دنيا جي اڏوات“ وارئي اعلان ۾، جنهن تي نومبر ١٩٨٦ع ۾ جمهوريه
هندستان جي وزير اعظم ۽ مون صحيحون ڪيون هيون، چيو ويو ته
(جيڪو آءٌ ورجائڻ چاهيان ٿو) ”ائٽمي دور ۾ انسانن کي نئين
سياسي سوچ کي جوڙڻ گهرجي. دنيا جو تصور اهڙو بڻائڻ گهرجي.
جنهن سان انسانيت جي بقا لاءِ اعتبار جوڳي ضمانت حاصل ٿئي.
عوام هڪ وڏيڪ سلامتيءَ ۽ وڌيڪ انصاف تي ٻڌل دنيا ۾ زنده رهڻ
چاهي ٿو. ان بدران جو، انسان ائٽمي دهشت ۽ نااميدي جو شڪار
تي وڃي، ڪيس هڪ بهتر مستقبل جي خوشخبري پڌائي وڃي.
ضروري آهي، ته موجود عالمي صورتحال کي تبديل ڪيو وڃي ۽
اهڙي دنيا جي تعمير ڪئي وڃي، جيڪا ائٽمي هٿيارن کان پاڪ
هجي، جنهن ۾ ڏاڍ، نفرت، ڊپ ۽ بدگماني نه هجي.“

اهڙيون واضح ۽ اڻرائتيون علامتون ظاهر ٿي رهيو آهن، جن
مان خبر پئي ٿي ته نئين سوچ جو رواج پئجي رهيو آهي. عوام
سمجهڻ لڳا آهن ته دنيا ڪئي پهتل آهي. پر هي عمل نهايت
پيچيده آهي ۽ شئي کان ڏکيو ڪم اهو آهي، ته نئين انساني سوچ

قومن جي حڪمت عملي بنائڻ وارن اڳواڻن جي سرگرمين مان، سندن ذهنيت مان ظاهر ٿئي ٿي، مون کي يقين آهي ته نئين سياسي سوچ پاڻ پنهنجو رستو ٺاهيندي. ڇو ته اها اسان جي دؤر جي حقيقتن مان ڦٽي نڪتي آهي.

اسان نئون موقف ڪيئن اختيار ڪيو؟

اسان ٻين کي سيکارڻ جي قابل هجڻ جي دعويٰ نٿا ڪريون. ٻين کان گهٽيون هدايتون ۽ نصيحتون ٻڌڻ کان پوءِ، اسان ان نتيجي تي پهتا آهيون ته اهو بيڪار مشغلو آهي. سڀ کان وڏي ڳالهه اها آهي ته زندگي خود ئي انسانن کي نون طريقن سان سوچڻ سيکاري ٿي. اسان پاڻ هن نتيجي تي ڏاڪي به ڏاڪي پهچي رهيا آهيون. منزل به منزل علم ۽ تجربي تي پنهنجي گرفت کي مضبوط ڪندي، اسان هن منزل تي پهتا آهيون. رستي ۾ ڪيترن موضوعن تي، اسان پنهنجي روائتي سوچن جو ٻيهر جائزو ورتو آهي. مثال طور جنگ ۽ امن ۽ بين‌نظامن جي وچ ۾ لاڳاپا، اسان گهڻن عالمي مسئلن تي غور ڪيو آهي.

هي هڪ ڏکو رستو هو. لڳ ڀڳ ويهه (۲۰) سال اڳ سوويت يونين جي ڪميونسٽ پارٽي جي ويهين ڪانگريس، هڪ اهم نتيجي تي پهتي هئي. اهو هو ته ڪا به نئين مهاڀاري لڙائي اڻ ٽر ناهي. ۽ هر نئين مهاڀاري لڙائي کي ٻهريان کان روڪي سگهجي ٿو. ان جو مطلب هي هو ته مستقبل ۾ ٿيندڙ ڪو به جهڳڙو، رڳو وقتي امن کي ڏيکه ڏيڻ لاءِ ملتوي نٿو ڪري سگهجي، پر ان سان گڏوگڏ اها ڳالهه به ياد رکڻ گهرجي ته هر عالمي گهوٽالو پرامن ذريعن سان طئي ڪري سگهجي ٿو. اسان جي پارٽي پنهنجي هن يقين جو اعلان ڪيو ته جنگ جي خطري کي بنهه ٽاري سگهجي ٿو ۽ ائين ڪرڻ نهايت ضروري آهي. انسان ذات جي زندگي مان جنگ کي ٻاهر ڪڍي سگهجي ٿو. اعلان ۾ چيو ويو ته سماجي انقلابن جي لاءِ لڙائي ڪا اڻ ٽر ضرورت ناهي. پرامن بقاءِ باهم

(Peaceful co-existence) جي اصولن کي سنواريو سينگاريووڃيو. ۽ ان ۾ ٻيءَ مهاڀاري جنگ ۾ آيل تبديلين کي به سامهون رکيو ويو. ”ديتان“ (Detanta) جي دؤر ۾ اسان پرامن بقاء باهم جي جي اصولن ۾ انصاف تي ٻڌل عالمي ڳالهه ٻولهه ۽ سهڪار جون سوچون شامل ڪري ڇڏيون. هن دؤر ۾ يورپ جنگ کان پوءِ گهڻا اهم ڏاهه مڪمل ڪيا ويا. سوويت يونين ۽ آمريڪا جي وچ ۾ لاڳاپن کي بهتر بڻايو ويو ۽ ان جا عالمي حالتن تي سٺا اثر پيا.

ديتانت جي منطق کي ان وڌندڙ شعور کان مدد ملي ته ائٽمي جنگ ۾ ڪو به ملڪ فتح حاصل نٿو ڪري سگهي. ان حقيقت جي بنياد تي پنج سال اڳ ۾، اسان سڄي دنيا ۾ اعلان ڪيو ته اسان ڪنهن به حالت ۾، ائٽمي هٿيارن جي استعمال ۾ اڳوات ابتدا نه ڪنداسين.

هڪ ڏور رس نظرياتي مرحلو ان وقت سامهون آيو، جڏهن اپريل ١٩٨٥ع ۾ سوويت يونين جي ڪميونسٽ پارٽي جي مرڪزي ڪميٽي واري مڪمل ميڙ ۾ ۽ پوءِ ستاويهن ڪانگريس ۾، هڪ نئين سياسي سوچ ڏانهن رخ ڪيو ويو. جديد دنيا ۾ طبقاتي اصولن ۽ لساني اصولن جي وچ ۾ گڏيل تعلق جا نوان اصول جوڙيا ويا.

هي نئين سوچ ڪا ترت ايجاد جهڙي شيءِ ڪونهي، نه ئي وري رڳو ڪا ذهني ورزش آهي. هيءَ اڄ جي صداقتن جي ڳوڙهي سوچ ويچار جو نتيجو آهن. اڄ اها چاڻ پئي آهي ته سياسي حڪمت علمي ڏانهن ذميوارانه رويو رڳو سائنسي دليلن جي بنياد تي ئي ٿي سگهي ٿو. اها ڳالهه به چٽي ٿي وئي آهي ته گهڻيون چوٽيون ۽ نظريا جيڪي ڪلهه تائين پٿر تي ليڪو سمجهيا ويندا هئا، سي هاڻ مدي خارج بڻجي چڪا آهن. محدود هڪ طرفي سوچ، ترت ڪيل فيصلا، جن مان رڳو عارضي مقصد حاصل ٿيندا هجن ۽ حالتن جي غير سائنسي ڇنڊڇاڻ؛ اسان کي گهڻو نقصان پهچايو آهي.

ائين چئي سگهجي ٿو ته نئين سوچ، اسان مصيبتن جي ڪوري مان پڄي حاصل ڪئي آهي. اسان لينن جي ڪردار ۽ فرمانن مان

روشني حاصل ڪندا آهيون. هر پيري سندس فڪر جو نئين طريقي سان اپياس ڪرڻ وقت، هر پڙهندڙ عجب ۾ پئجي ويندو آهي ته هو ڪهڙي طرح ڳالهه جي ڳر تائين پهچي ويندو هو ۽ دنيا ۾ ٿيندڙ سماجي عمل جي جدليت جي باريڪين ۽ چٽن دليلن جي روشني ۾ پنهنجو صحيح لائحه عمل جوڙيندو هو. جيئن ته هو پورهيتن جي پارٽي جو اڳواڻ هو، تنهن ڪري هو نظرياتي ۽ سياسي طرح هن طبقي جي انقلابي مقصدن کي مقرر ڪندو هو، لينن طبقاتي مجبورين کان اڳتي، عام انسانيت جي قدرن ۽ ان جي مستقبل کي به جانچي ڏسندو هو. لينن ڪيئي ڀيرا سڄي انسانيت جي مفاد کي طبقاتي مفادن تي فوقيت ڏيڻ جو فڪر ڪيو آهي. انهن سوچن جي مڪمل گهرائي ۽ اهميت جو اسان کي اڄ احساس ٿيو آهي. اهي خيال اڄ اسان جي عالمي لاڳاپن لاءِ نئين سوچ ۽ فلسفي جي ڳرپ آهن.

اهو دليل به پيش ڪري سگهجي ٿو ته انساني تاريخ ۾ ، رڳو فلاسافرن ۽ مذهبي عالمن ابدي انساني قدرن جي تصورن جو ذڪر ڪيو آهي. هائو اهين درست آهي، پر انهن تصورن ۽ خيالن کي رڳو وچين دؤر جا اندازا چئي سگهجي ٿو. اهي رڳو خيالي خواب هئا. اڄ ، ۹۰-۱۹۸۰ع واري ڏهاڪي ۾، جڏهن اسان هن صدي جي ڏيڏين آنگريون وچهندڙ حصي پهچي چڪا آهيون، اسان کي انساني قدرن جي عظيم اهميت ۽ انهن جي مٿڀرائي جو اعتراف ڪرڻ گهرجي.

گهڻو اڳ پراڻي دؤر ۾ پرڏيهي ۽ داخلي حڪمت عملي جو بنياد طبقاتي مفادن تي رکيو ويندو هو. اهو جتائڻ جي بنهه ضرورت ڪونهي ته سرڪاري طرح انهن طبقاتي مفادن کي سڄي قوم، ملڪ يا گهڻن ملڪن جي اتحاد جا مفاد ٻڌائي پيش ڪيو ويندو هو. ان حقيقت کي لڪائڻ لاءِ اهڙا لفظ ۽ اصلاح ٺاهيا ويندا هئا، جن سان "عالمي خوشحالي" يا مذهبي مقصدن جو اظهار ڪيو ويندو هو. بهرحال مارڪسٽن ۽ ٻين عقلمند ماڻهن کي يقين آهي ته ڪنهن

ٻہ ملڪ يا ملڪن جي حڪمت عملي، اقتدار تي فائز سماجي سياسي قوتن جي مفادن جي طابع هوندي آهي. تاريخ شاهد آهي تہ عالمي سطح تي، انهن مفادن ۾ شديد ويڙهہ جي ڪري هٿيار بند جهيڙن ۽ ويڙهاڪن تيندي رهيون آهن. ان ڪري انساني آبادي جي سياسي ڪمائي گهٽو ڪري ويڙهہ جو داستان آهي. اڄ اها تاريخي روايت انسان ذات کي ايٽمي جنگ جي انديشي ڪوهہ ڏانهن ڌڪي رهي آهي. اسان يعني سڄي انسان ذات هڪ ٻيڙي جا سوار آهيون. اسان کي گڏجي زنده رهڻو آهي ۽ گڏجي ٻڏڻو آهي. تنهن ڪري بارود گهٽائڻ جي ڳالهہ ٻولهہ ڪا راند ڪونهي، جنهن ۾ ڪا هڪ ڌر کٽي سگهي. سڀ گڏجي کٽي سگهون ٿا يا سڀ هارائي سگهون ٿا. نئين سوچ جو ڪرنگهي وارو هڏو، انساني قدرن جي برتري کان آگاهي آهي. وڌيڪ صحيح لفظن ۾ اهو چوڻ گهرجي تہ: انسانيت جي بقا جو شعور هن دور جي سڀ کان وڏي ضرورت آهي.

ٿي سگهي ٿو، ڪجهہ ماڻهن کي حيرت ٿيندي هجي تہ ڪميونسٽ انساني مفادن ۽ قدرن تي ايڏو زور ڏيئي رهيا آهن. يقيناً سماجي زندگي ۾ طبقاتي شعور جو اظهار ٿي مارڪسزم جي الفابيٽ آهي. اڄ بہ طبقاتي سماج ۾ اها سوچ حقيقتن کي منهن ڏيئي سگهي ٿي. جو تہ اهڙي سماج ۾ مختلف طبقن جا مختلف مفاد هوندا آهن، جيڪي هڪ ٻئي سان ٽڪرائيندا آهن عالمي حقيقتن ۾ بہ مفادن جو ٽڪر موجود آهي ۽ ماضي قريب تائين بلڪ حال ۾ ٻي طبقاتي جدوجهد سماجي ترقي جو شروعاتي نقطو هوندي هئي ۽ طبقاتي ورهاست وارن ملڪن ۾ اڃا بہ ائين آهي ۽ ٿيڻ بہ گهرجي. ان مطابق جيستائين سماجي زندگي جي وڏن وڏن مسئلن جو تعلق آهي، مارڪسي فلسفو طبقاتي سوچ تي ٻڌل هو. انساني ڀلائي جا پروگرام يا سوچون، پورهيتن جي جدوجهد جي نتيجي ۾ ٿي عمل جوڳا ۽ حاصلات جوڳا ٿي سگهندا هئا. هي سماج جو سڀ کان آخري طبقو آهي، جيڪو پاڻ پنهنجي آزادي حاصل ڪندي، سڄي سماج کي طبقاتي دشمنين ۽ مخالفتن مان آزاد ڪرائيندو.

پر اڄ جي زماني ۾ جڏهن سڄي انسانيت کي تباهه ڪرڻ وارا هٿيار ٺهي چڪا آهن، عالمي ميدان ۾ طبقاتي ٽڪراءَ جي، هڪ معروضي حد مقرر ڪرڻ پڻ ضروري ٿي پيو آهي. ڇو ته هاڻي سڄي انسانيت جي تباهي جو جوکو، حقيقت ٺهي سامهون اچي بيٺو آهي. تاريخ ۾ پهريون ڀيرو اهڙين ٿيو آهي، جو هڪ بهتر عالمي انساني مفاد ظاهر ٿيو، جيڪو نه ته خيالي آهي ۽ نه ڪنهن وهمي مستقبل ۾ گم آهي. پر حقيقت ۾ موجود آهي ۽ اهو آهي، انسانيت کي تباهيءَ کان بچايو وڃي.

سوويت يونين جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي نئين پروگرام ۾ نئين سياسي سوچ جو روح جرڪي رهيو آهي. هن پروگرام کي پارٽي جي ستاويهين ڪانگريس منظور ڪيو. هن پروگرام جي خاص ڳالهه هيءَ هئي ته اسان فيصلو ڪيو، ته مختلف سماجي نظامن رکڻ وارن ملڪن جي وچ ۾، پرامن بقائي باهم جي معنيٰ اها نه ٿي وٺي سگهجي ته، ”اها به طبقاتي ڇڪتاڻ جي هڪ خاص شڪل آهي.“ اها ڳالهه هڪ تسليم ٿيل سچائي سمجهي ويندي هئي، ته عالمي لڙاين جو ڪارڻ بنهي سماجي سرشتن جي وچ ۾ تضادن جي موجود گي آهي. اها ڳالهه غور لائق آهي، ته ١٩١٧ع کان اڳ ۾ دنيا ۾ رڳو هڪ نظام هو يعني سرمائيداري، پر ان هوندي به هڪ ئي نظام وارن ملڪن وچ ۾ مهاڀاري جنگ لڳي. ان کان سواءِ ٻيون پڻ جنگيون لڳيون. ٻي مهاڀاري جنگ دوران، ان جي اُبتڙ صورتحال پيدا ٿي وئي. ٻن مختلف سماجي نظامن سان تعلق رکندڙ ملڪن گڏجي، فاشزم خلاف جنگ ڪئي ۽ نيٺ ان مٿان سوڀارا ٿيا. فاشي خطري جي موجودگيءَ ۾ سڀني ملڪن قومن جو گڏيل مفاد انهن جي وچ ۾ سماجي ۽ سياسي اختلافن تي غالب پئجي ويو. هڪ وڏي نظام تحت فاشسٽ دشمن اتحاد وجود ۾ آيو. ان مان هي نتيجو نڪري ٿو ته، اڄ پڻ فاشزم کان خراب خطري جي ڪارڻ ڪري مختلف سماجي نظامن سان تعلق رکندڙ ملڪ، امن جي نالي تي هڪ ٻئي سان سهڪار ڪري سگهن ٿا ۽ ڪين ائين ضرور

ڪرڻ گهرجي.

پنهنجي امن جي فلسفي کي جوڙيندي، اسان جنگ ۽ انقلاب جي، هڪ ٻئي تي پاڙڻ لاءِ نئين سر غور ڪيو آهي. ماضي ۾ گهڻو ڪري جنگ، انقلاب جو پڙاڏو هوندي هئي.

پئرس، ڪميون، فرانس ۽ پرشيا (جرمني) جي جنگ ڪري قائم ٿيو. روس ۾ ١٩٠٥ع وارو انقلاب، روس ۽ جاپان وچ ۾ جنگ ڪري آيو. پهرئين مهاڀاري لڙائي، هڪ سچي انقلابي طوفان کي جنم ڏنو. جنهن جي نتيجي ۾ اسان جي ملڪ ۾ آڪٽوبر انقلاب آيو. ٻئين مهاڀاري جنگ ڪري، اوڀر يورپ ۽ ايشيا ۾ انقلابن جي تازي لهر آئي ۽ هڪ وڏو سگهارو بيڪيت دشمن انقلاب ظاهر ٿيو. انهن سڀني واقعن مان اهو دليل ڪڍي سگهجي ٿو، ته اها مارڪسي ليننيي منطق درست آهي، ته سامراج اٽٽر طور تي هٿياربند مقابلن کي جنم ڏيندو رهندو آهي ۽ اهي هٿياربند مقابلا سماجي بي چيني جو هڪ خطرناڪ ذخيرو جمع ڪري ڇڏيندا آهن. نتيجي ۾ گهڻن ملڪن منجهه انقلابي حالتون پئدا ٿي وينديون آهن. تنهن ڪري اسان جي ملڪ ۾ گهڻن سالن تائين، اهي اڳڪٿيون ٿينديون رهيون، ته جيڪڏهن سامراج ٽين مهاڀاري جنگ شروع ڪري، ته ان جي نتيجي ۾ گهڻيون سماجي تحريڪون اڀرنديون، جيڪي سرمائيداري نظام کي هميشه هميشه لاءِ ختم ڪري ڇڏينديون ۽ ان کان پوءِ سڄي ڌرتي تي امن ۽ چين جو راڄ رهندو.

پر جڏهن حالتون بنهه بدلجي ويون ۽ ائٽمي جنگ جو نتيجو عالمي بربادي کان سواءِ ٻيو ڪجهه نظر نه آيو، ته اسان جنگ ۽ انقلاب جي وچ ۾، سبب ۽ نتيجي (Cause & Effect) جي رشتي ختم ٿيڻ جو شعور حاصل ڪيو. سماجي ترقي جا امڪان، ائٽمي جنگ کي روڪڻ جي امڪانن سان ڳنڍجي ويا آهن. سوويت پارٽيءَ جي ٢٧ هين ڪانگريس ۾ اسان انقلاب ۽ جنگ جي مضمونن کي هڪ ٻئي کان الڳ ڪري ڇڏيو ۽ پارٽي جي پروگرام جي نئين ڇاپي ۾، انهن ٻن جملن کي ڪڍي ڇڏيو ويو. "جيڪا" هن

سامراجي غاصب ان جي باوجود به، هڪ نئين مهاپاري جنگ شروع ڪرڻ جي ڪوشش ڪن، ته دنيا جون قومون اهڙي نظام کي برداشت نه ڪنديون. جيڪو کين تباهه ڪندڙ جنگين جي اوڙاهه ۾ اڇلائي ڇڏي. هو سامراج کي مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏينديون ۽ ان کي هميشه لاءِ دفن ڪري ڇڏينديون.“ ان بيان مان لفظي طرح سان هڪ نئين مهاپاري لڙائيءَ جي امڪان جي هاڪار ٿيندي هئي. تنهن ڪري ان کي پروگرام جي متن مان ڪڍيو ويو. پر ته هي بيان اڄ جي دور جي حقيقتن سان ٺهڪندڙ نه هو. سرمائيدار ۽ سوشلسٽ ملڪن جي وچ ۾ معاشي، سياسي ۽ نظرياتي چٽاڀيٽي اٽل آهي. پر ان کي پرامن چٽاڀيٽي جي دائري ۾ رکڻ ضروري آهي ۽ ائين ڪرڻ ممڪن به آهي. اهڙي چٽاڀيٽي ۾ هڪ ٻئي سان سهڪار جو تصور به ضروري آهي. هاڻي اهو تاريخ جو ڪم آهي، ته هو ٻنهي نظامن جي خوبين جي باري ۾ فيصلو ڏئي. تاريخ سڀني تفصيلن جو پاڻ ئي جائزو وٺندي ۽ صحيح يا غلط ۽ سٺي يا خراب جو فيصلو ڪندي. هر قوم کي پنهنجي لاءِ اهو فيصلو ڪرڻ جو اختيار آهي، ته ان لاءِ ڪهڙو نظام ۽ نظريو بهتر آهي. اهو فيصلو پرامن چٽاڀيٽيءَ سان ٿي سگهي ٿو. انسان جي ضرورتن ۽ مفادن کي پورو ڪرڻ جي ڪاميابي تي ڪڻ ٿي، هر نظام جي مقبوليت جو دارومدار هوندو. دنيا تي موجود ملڪ ۽ قومون هڪ ٻئي کان مختلف آهن ۽ سندن هڪ ٻئي کان مختلف هجڻ سٺو ئي آهي. ان اختلاف سان چٽاڀيٽي جو جذبو پيدا ٿئي ٿو. هي شعور نه ابتڙ نظريا ۽ نظام هڪ جدلياتي وحدت آهن، اها ڳالهه پرامن بقاءِ باهم جي تصور سان ٺهڪندڙ آهي.

امن جي نئين فلسفي ۽ اسان جي جديد دور ۾ گڏيل انساني ۽ طبقاتي مفادن ۽ اصولن جي جدليات جي صحيح ۽ مڪمل شعور جي حاصلات، ۾ اسان گهڻيون منزلون طئي ڪيون آهن. ڇا ان جو اهو مطلب آهي، ته اسان ائٽمي خطري جي ڪارڻ ۽ بين عالمي مسئلن جي طبقاتي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ ڇڏي ڏني آهي؟ نه، ائين ناهي عالمي ميدان ۾ ڪم ڪندڙ قوتن جي طبقاتي اختلافن کان ڪيئن

پوڻ بنهه غلط ٿيندو. اهڙي طرح عالمي مسئلن ۾ پين انساني مقصدن جي حاصلات جي ذريعن تي طبقاتي دشمني جي اثرن کي نظرانداز ڪرڻ به درست نه هوندو.

اسان ڏسي رهيا آهيون، ته وڏن سرمائيدار ملڪن جي حڪمران طبقن ۾، جنگ پسندن ۽ غاصبن جو پاسو ڪيترو وزني آهي. سپ کان وڏيڪ سندن مدد فوجي صنعتي نظام ڪري رهيو آهي. ان جي مفادن جون پاڙون سرمائيداري جي فطرت ۾ کتل آهن. هي نظام بارود جي پيداوار مان وڏا وڏا نفعا ڪمائيندو آهي. جنهن جو بار غريب ٽيڪس ڏيندڙن کي ادا ڪرڻو پوندو آهي. عوام کي اهو يقين ڏيارڻ لاءِ ته هي هيڏيون ساريون وڏيون رقمون بيڪار ڪونه ٿيون وڃن. ان لاءِ کين هڪ عدد پاهرين دشمن جي موجود گيءَ جو يقين ڏيارڻ نهايت ضروري آهي، جيڪو سندن خوشحالي کي کسي وٺڻ چاهي ٿو ۽ جيڪو سندن 'قومي مفادن' کي نقصان پهچائڻ چاهي ٿو. هتان ئي عالمي ميدان ۾ مختلف قومن جي وچ ۾ اقتدار جي جنگ شروع ٿئي ٿي. هائي ڏسڻو هي آهي، ته هن ائٽمي دؤر ۾ ڪابه قوم ڪيئن پنهنجي طاقت تي سؤ سيڪڙو ڀروسو ڪري سگهي ٿي. حالت اها آهي، ته هر قوم وٽ تيار ٿيل ائٽمي هٿيارن جو ايترو وڏو ذخيرو موجود آهي، ان جو هڪ ننڍو حصو به سڄي انساني نسل کي ختم ڪري سگهي ٿو. ان لاڙي کي اسان جڳ بدنام 'سرد جنگ' جو نالو ڏيون ٿا. هي لاڙو اڃا تائين بارود بنائڻ وارن وڏن وڏن عالمي ڪارخانن جي معاشي مفاد ۾ موجود آهي. ان جو اظهار هر ملڪ جي حڪمت عملي تي، سندن فوجن جي اثر رسوخ مان به ٿئي ٿو. اهڙن ملڪن جي فوج پنهنجي متاهين حيثيت کي ڇڏڻ تي راضي نٿي ٿئي. انهن ملڪن جي نوڪرشاهي به جنگ پسند طبقن جي پڌي پانهي بڻجي وڃي ٿي.

سوال پڇيو وڃي ٿو ته اسان ڇو پنهنجي بارود جي ذخيرن کي نه رکيو برقرار رکيو آهي، پر وقت سان گڏوگڏ ان کي جديدتر بڻائيندا رهندا آهيون. آءٌ ان سوال جو صحيح جواب ڏيئي سگهان

ٿو، ڇو ته مان سوويت يونين جي بچاءَ جي ڪائونسل جو صدر آهيان. آڪٽوبر انقلاب کان وٺي اڄ تائين اسان کي مسلسل ٻاهر کان قبضي گير اڳرائي جو جوکو هر گهڙي محسوس ٿيندو آهي. اسان جي حالتن ۾ پنهنجو پاڻ کي رکي ڏسو. سڀ کان اڳ اسان کي گهرو لڙائي سان واسطو پيو، جنهن ۾ ٻاهرين ١٤ ملڪن جون اڳرائي ڪندڙ فوجون به اسان جي خلاف هيون. اسان جي نئين حڪومت جي معاشي ناڪابندي ڪئي وئي ۽ اسان جي چوڌاري هڪ حفاظتي ڏائرو (Cordon Sanitaire) ٺاهيو ويو. اسان کي سفارتي طرح سان تسليم ئي نه ڪيو ويو. پر آمريڪا ته اسان کي ١٩٣٣ع تائين تسليم ئي نه ڪيو هو. اسان جي اوپر ۾ هٿياربند هٿ چراند ڪئي وئي ۽ سڀ کان وڏيڪ فاشزم خلاف تباهه ڪندڙ رتوڇاڻ واري ويڙهه. جيڪا اولهه طرفان اسان تي مڙهي وئي، تنهن کان پوءِ اسان آمريڪي فوج ۽ ان جي قومي سلامتي واري ڪائونسل جي، سوويت يونين تي ائٽمي حملي جي منصوبن کي، ڪڏهن به نٿا وساري سگهون. اسان پڇڻ چاهيون ٿا ته، اولهه جي ملڪن نيٽو (Nato) جو اتحاد ناهڻ ۾ اڳرائي ڇو ڪئي؟ اهي ئي هر دفعي نون نون هٿيارن جا سلسلا ڇو شروع ڪندا آهن؟ يا آمريڪا جي موجوده بااختيار حڪومت ائٽمي هٿيارن جي تجربن تي پابندي لڳائڻ تي ڇو راضي نه ٿي ٿئي؟ ڇو آمريڪي حڪومت آمريڪي عوام کي ”اسٽار وارو پروگرام“ تي لامحدود خرچ ڪرڻ تي اپاري رهي آهي؟ اسان هي سوال هرويرو نٿا ڪريون. ڇا هي سڀ ڪجهه جيڪو اولهه جا ملڪ ۽ خاص طرح آمريڪا ڪري رهيو آهي، ان کي ڪنهن طرح به امن پسند خواهش جو نالو ڏيئي سگهجي ٿو. آءٌ وري چوان ٿو ته پنهنجو پاڻ کي اسان جي جڳهه تي رکي ڏسو ۽ پوءِ ٻڌايو ته توهان جو ردعمل ڇا آهي.

انهن سڀني ڳالهين جي باوجود اسان هٿيارن تي بندش ۽ انهن کي ختم ڪرڻ جي حق ۾ آهيون، پر اها ڳالهه انصاف تي ٻڌل برابريءَ ۽ سلامتيءَ جي اصولن تحت ٿيندي ۽ ان لاءِ ٻنهي

ڏرين ڪي گهٽين معاملن ۾ هڪ ٻئي سان سهڪار ڪرڻو پوندو. پر ماضي جي تلخ تجربي کي ذهن ۾ رکندي، اسان کي اهڙا اهم هڪ طرفا قدم نه کڻنداسين، جن سان ’عالمي قومي مفادن‘ جي شوقينن کي ڪنهن بوتمار بيوقوفي لاءِ هشي ملي وڃي. اسان جي راءِ ۾ هن وقت سڀ کان اهم ڪم هي آهي، ته انساني بقا جي انتظام لاءِ مشينري کي شروع ڪيو وڃي ۽ امن، عقل ۽ نيڪ نيتي جي ذخيرن ۾ واڌارو ڪيو وڃي.

ماسڪو جو هٽ

ڪنهن به سوويت اڳواڻ طرفان اولهه جي ملڪن ۾ ڏنل سڀ کان وڌيڪ هلڪڙو بيان غالباً خروشچيف جو ڪاوڙ ۾ چيل هي جملو هو، ”اسان توهان کي دفن ڪري ڇڏينداسين.“ پرڏيهي ملڪ جي پڙهندڙن لاءِ ان جي وضاحت ضروري آهي. ١٩٢٠ع جي آخر ۾ ۽ ١٩٣٠ع جي ڏهاڪي جي شروعات ۾، اسان وٽ زراعت جي ماهرن ۽ سائنسدانن جي وچ ۾ وڏا زوردار بحث ٿيا. خروشچيف جو هي جملو انهن بحثن مان ورتو ويو هو. پر اهو جملو هر لحاظ کان بدقسمتيءَ جو شڪار ٿي ويو. بهرحال ان جملي کي ان جي سڄي تقرير جي پس منظر ۾ رکي ڏسڻ گهرجي ۽ پوءِ ان جي لفظي معنيٰ کي به نه وٺڻ گهرجي. هو ان وقت ٻن نظامن جي وچ ۾ چٽاپيٽي جي تفصيل ٻڌائي رهيو هو ۽ اهو چوڻ پئي گهريائين ته سوشلزم سرمائيداريءَ کان پيٽ ۽ چٽاپيٽي ۾ گهرائي نئو ۽ اهو ته مستقبل يقيناً سوشلزم جو آهي. خروشچيف ڪجهه جذباتي ماڻهو هو. ڪيس ان ڳالهه جو ڏاڍو ڏک هيو ته عالمي صورتحال کي سڌارڻ لاءِ سندس خلوص تي ٻڌل ڪوششون ۽ خاص تجويزون ذهني مخالفت ۽ ذهني مريضن جي پڪيءَ پيٽ جهڙن ميچالن سان ٽڪرائجي واپس اچي ويندڙيون هيون.

آءٌ پنهنجي چند چاڻ مان مثال پيش ڪريان ٿو. اولهه جي ملڪن سان هٿيارن گهٽائڻ ۽ پابنديءَ جي مسئلن تي بحث ڪندي، انسان وٽ سڄي دنيا جي صبر جا خزانا هجڻ گهرجن. ان ڪري

جو ان بحث ۾ معاشي مفادن جو ذڪر هرو ڀرو به ايندو. هاڻي ٿورو ان پاسي تي به نظر وجهو. جيڪڏهن اسان (سوويت عوام) ڪنهن ملڪ جي اڳواڻن جي انفرادي بيانن جي ڪري، ان ملڪ جي حڪمت عملي جي باري ۾ فيصلو ڪري ڇڏيون، ته ڇا اسان ڪڏهوڪو هڪ ٻئي تي گوليون هلائي نه چڪا هجون. پر اسان وٽ ائين ناهي ٿيندو. تنهن ڪري اولهه جي ملڪن جي ماڻهن جو هڪ اهڙي ماڻهوءَ جي لفظن کي پيري پيري خاص مقصدن لاءِ ورجائيندو رهڻ، جيڪو اسان ۾ موجود ناهي، مناسب ناهي ۽ نه ئي ان کي اسان جو موقف سمجهڻ گهرجي. جيستائين "وائٽ هائوس" ۾ رکيل سخنن جي پراسرار ڪتاب جو تعلق آهي، (جنهن جو حوالو اولهه جا ملڪ اڪثر ڏيندا رهندا آهن، ان مطابق ليئن جي ان اصول جو ذڪر ڏاڍو دلچسپ آهي ته هو سڄي دنيا ۾ اشتراڪيت کي مڙهڻ چاهيندو هو ۽ سڄي يورپ کي غلام بڻائڻ لاءِ آتو هو.) آءٌ چوندس ته ليئن ۽ ڪنهن به سوويت اڳواڻ ڪڏهن اهڙو اصول يا رٿ ناهي جوڙي، اهي نالي ماتر چوٽيون، جن کي ڪڏهن ڪڏهن اعليٰ درجي جا تقرير باز به ورجائين ٿا، اصل ۾ جهالت يا ذڳيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ناهن.

اصل ۾ اها ڳالهه آءٌ اولهندي جي جڳ بدنام جملي 'ماسڪو جو هٿ' جي باري ۾ ڪجهه چوڻ چاهيان ٿو. مارڪسي علم جي مطابق اهڙي سماج جي هٿ ۾ هوندو، جنهن ۾ انسان هڪ ٻئي جي قرليت نه ڪندا ۽ نه ئي قومي يا نسلي ظلم هوندو. ان سماج ۾ سماجي انصاف، فرد جي سڀ پاسائين واڌ جي ضمانت هوندي. پر اڄ جي حالتن ۾ هرقوم کي اهو فيصلو ڪرڻ جو حق آهي، ته ڇا هو انهن اصولن کي پنهنجي زندگي جي نئين اڏاوت ۾ اختيار ڪرڻ چاهي ٿي يا نه. جيڪڏهن هو ائين ڪرڻ چاهي ٿي ته ڪيس ٿي فيصلو ڪرڻو آهي، ته هو ڪيترو جلدي ۽ ڪهڙي طرح ائين ڪندي.

مارڪس جو هي بيان اسان جي درست رويي جي نمائندگي ڪري ٿو. جنهن مان اسان تي 'انقلاب جي برآمد' ڪرڻ جي الزام

جو واضح جواب ملي ٿو، ”سوڀارو پورهيت طبقو، خوشحالي زندگي واري پنهنجي مثالي تصور کي پين قوم ـ ن تي زبردستي نٿو مڙهي سگهي، ڇو تہ ان سان پاڻ ان جي پنهنجي ڪاميابي کي نقصان پهچڻ جو انديشو هوندو.“ لينن جيو هو، ”انقلاب ان وقت ظاهر ٿيندا آهن، جڏهن ڪروڙين ماڻهو اهو سمجهي ويندا تہ هو پراڻي طريقي سان زنده نٿا رهي سگهن.“ هو تاريخي واقعن جي عمل جي سانچي ۾ تيار ٿيندا آهن ۽ ان وقت اڳيان ايندا آهن، جڏهن ڪجھ اندريون ۽ ٻاهريون حالتون توڙي شرط هڪ هنڌ جمع ٿي وڃن ٿا.“

پنهنجي پسند جي انقلاب آڻڻ لاءِ ڪوشش يا انقلاب جي تاريخ کي مقرر ڪرڻ جي لاڙي کي لينن غلط سڏيو آهي ۽ ان کي جاهلانہ معتبري سڏيو آهي. اسان جنهن نظرئي کي سائنسي سوشلزم چئون ٿا، ان مطابق انساني سماج پنهنجي اوسر دوران ڪجھ خاص ڏاڪن مان گذرندو آهي. پراڻو اڻ سڌريل سماج، غلامي وارو نظام ان کان پوءِ جاگيرداري دؤر. جاگيرداري دؤر سرمائيداري جي سامهون گوڏا کوڙيا ۽ ٢٠ صدي ۾ سوشلسٽ سماج پيدا ٿيو.

اسان جو خيال آهي هي هڪ تاريخي ڏاڪڻ جا قدرتي ڏاڪا آهن.

دنيا جي اوسر ان اڻٽر طريقي تي ٿي آهي. اولهہ جا ملڪ ڀلي سوچيندا رهن تہ سرمائيداري نظام ئي انساني سڀيتا جو اعليٰ ترين قسم آهي. ڪين ائين سوچڻ جو حق آهي. پر اسان ان خيال سان بنهہ متفق ناهيون. تاريخ غلط ۽ صحيح جو پاڻ فيصلو ڪندي.

انقلاب ۽ آزاديءَ جون تحريڪون قومي رياستن جي زمين تي ظاهر ٿينديون آهن. اهي ان وقت اڀرنديون آهن، جڏهن عوام غربت مٿان ظلم ۽ ڏاڍ برداشت کان ٻاهر ٿي ويندا آهن. جڏهن قومي عزت نفس ڏڪار جو ڀو ٿيندو آهي ۽ جڏهن هڪ قوم کي پنهنجي تقدير جو فيصلو ڪرڻ جو حق نہ ڏنو ويندو آهي. جيڪڏهن عوام اُٿي پوندا آهن، تہ ڪين ڇتي طرح سڌ پئجي ويندي آهي، تہ سندن بنيادي حقن کي ڦريو لٽيو پيو وڃي. ان صورتحال ۾ ڪنهن ٻاهرين ملڪ جي خواهش يا ”ماسڪو جي هٿ“ جو ڪوبہ دخل ناهي

هوندو۔ حقيقت ۾ اهو الزام هڪ ابدي ڪوڙ ۽ دوکو آهي۔

نئين سوچ جا عالمي نتيجا

اسان هن نئين سوچ جي باوي ۾ اهو نتيجو ڪڍون ته هي هميشه جي لاءِ هڪ جامد حقيقت آهي۔ اسان اهو نتيجو سمجهون ته اسان ڪا حتمي يا آخري سچائي حاصل ڪري ورتي آهي ۽ اسان ڪي يا ڪنهن ٻئي ڪي هن نئين سوچ ڪي يا ته مڪمل طرح قبول ڪرڻ ضروري آهي يا ان ڪي غلط سمجهي ٺڪرائي ڇڏڻ لازم آهي. اهو رويو غلط ٿيندو ۽ ائين ٿيندو به ناهي۔ اسان لاءِ نئين سوچ هڪ اهڙو عمل آهي، جنهن دوران اسان مسلسل نيون ڳالهيون سکندا آهيون ۽ نئين ڪان نئون تجربو حاصل ڪندا آهيون۔ لينن چيو هو ته جيڪڏهن هڪ نه پر سئو مارڪس به هجن ها ته هو عالمي معشيت ۾ هڪ ٻئي سان ڳنڍيل سڀني عملن جو تجزيو ڪرڻ لاءِ ناڪافي هئا۔ ان وقت ڪان وٺي هينئر تائين دنيا اڃا به وڌيڪ پيچيده ٿي وئي آهي۔ سوچڻ جي هڪ نئين طريقي ڪي وڌائڻ لاءِ ضروري آهي، ته نه رڳو انهن ماڻهن سان بحث ڪيو وڃي، جيڪي اسان سان متفق آهن، پر انهن ماڻهن سان به بحث مباحثو ضروري آهي، جيڪي مختلف طريقي سان سوچين ٿا ۽ اهڙي فلسفي ۽ سياسي نظام جي نمائندگي ڪن ٿا، جيڪو اسان جي نظام ڪان مختلف آهي۔ اهو ان ڪري جو هو به تاريخ جو رڪن ٿا۔ اتان جي عوام جي به پنهنجي ثقافت ۽ روايتون آهن۔ اهي سڀ ماڻهو عالمي ترقي جو حصو آهن، ڪين پنهنجي راءِ رکڻ ۽ عالمي سياست ۾ هڪ فعال ڪردار ادا ڪرڻ جو حق آهي۔ مون کي يقين آهي ته اڄ جي سياستدانن جو ٻين ملڪن ۽ قومن جي ڪارنامن ۽ صلاحيتن ڪان واقف هجڻ ضروري آهي، نه ته سندن سرگرميون رڳو مقامي يا علائقائي حدن ۾ قيد ٿي وينديون ۽ سندن سوچ محدود قومي سوچ بڻجي ويندي يا ان ڪان به پوئتي پئجي ويندي۔ سو اسان وڏي پئماني تي ڳالهه ٻولهه جي حق ۾ آهيون، ته جيئن نظرين ۽ سوچن جي ڀيٽ ڪري سگهجي۔ پاڻ ۾ بحث

ڪيو وڃي ۽ ٻنهي طرفن کان دليل ڏنا وڃن. ائين ڪرڻ سان نوان خيال پيدا ٿيندا ۽ ماڻهو سوچ جي نهيل نڪيل طريقن ۾ قائل نه رهندا. ان ڏس ۾ اهم ڳالهه هي آهي ته ائين ڪرڻ سان نئين سوچ عالمي سطح تائين پهچي وڃي ٿي.

مختلف ”دنيائن جي عوام“ جي وچ ۾ ڳالهه ٻولهه، مختلف پيشن ۽ ڪمن سان تعلق رکندڙ ۽ مختلف سوچون رکندڙ ماڻهن جي وچ ۾، ڳالهه ٻولهه ۽ بحث مباحثو گهڻو اهم آهي. جيڪڏهن هي سڀ ماڻهو، هڪ گڏيل انساني مسئلي تي گڏجي وڃن ته انهن جي وچ ۾ ننڍا ننڍا جهڳڙا ۽ ڪافي اختلاف ان ڳالهه لاءِ رنڊڪ نه بڻبا ته هو پاڻ ۾ ويهي ٻڌي جا موقعا تلاش ڪن ۽ وڏن اهم مسئلن تي ڪو نه ڪو نباهه ڪري وٺن. اهو عمل سڄي دنيا لاءِ هڪ روشن مثال هوندو.

سائنسدانن، اديبن ۽ ثقافتي شخصيتن جي وچ ۾ ملاقاتن جي دوران، ان قسم جي اتحاد ۽ سهڪار جا مظاهرا ڏسڻ ۾ ايندا آهن. خلوص ۽ پنهنجي پنهنجي ڪم ۾ مهارت ۽ ڪمال، اُنهن جون خاص خوبيون آهن، ڪين دنيا جي مستقبل، انسان جي بهتري جي ۽ انساني ترقي جي امڪانن جي گهٽتي ۽ فڪر آهي. سندن اخلاقي مضبوطي ۽ اُنهن انسانن لاءِ پريشاني، جيڪي اڃان تائين اهڙين حالتن ۾ رهڻ تي مجبور آهن، جي انساني حيثيت ۽ مرتبي جي اُبتڙ آهن، سا ڳالهه سچ ته گهڻي عزت لائق آهي. اهڙي دؤر ۾ جڏهن سائنس ۽ انساني عقل، فطرت ۽ زندگي جي گهرن رازن تان پردو کڻي رهيا آهن ۽ تاريخ جي ڌارا ڪي مقرر ڪري رهيا آهن. ائين ڪرڻ اهم آهي. مان ته چوندس سياستدانن، سائنسدانن ۽ ثقافتي شخصيتن جي وچ ۾ غير رسمي ۽ جاندار بحث مباحثو، ڳالهه ٻولهه ۽ ميل ملاقات، وقت جي اهم ضرورت آهي.

اهڙن ماڻهن سان ملاقاتون نه رڳو اسان جي نظرياتي ۽ فڪري سرمائي ۾ قيمتي واڌارو ڪن ٿيون. پر گذريل ڪجهه سالن ۾ گهڻن سياسي عملن ۽ فيصلن تي اثرانداز پڻ ٿيون آهن. مون ڪي

نومبر ١٩٨٥ع ۾ تيل ”نوبل انعام حاصل ڪندڙ ماڻهن جي ڪانگريس“ جي وفد سان ملاقات چڱي طرح ياد آهي. انهن ۾ آمريڪا جو **جارج والڊ**، هالينڊ جو **ڊيوڊنپرگ** ۽ **سوزان گبريلي**، آسٽريا جو **الائيس ايڪليڊر** ۽ سوويت يونين جو **اليگزينڊر پروخوروف** شامل هئا. هن گڏجاڻي ۾ اسان جا اڪيڊميشن **اناتولي اليگزينڊروف** ۽ **يوجيني ولي ڪوف** به موجود هئا. هي ملاقات تڏهن ٿي هئي، جڏهن مان جلد ئي صدر ريگن سان پهرين ملاقات لاءِ جنيوا وڃڻو هيس. انهن سائنسدانن، سندن ڪانگريس ۾ شامل نمائندن طرفان مون کي هڪ اپيل ڏني. اسان جي وچ ۾ ائٽمي هٿيارن جي استعمال جي امڪاني نتيجن، ائٽمي تجرباتي ڌماڪن تي بندش ۽ خلا کي فوجي مقصد جي استعمال جي ڪري پيدا ٿيندڙ امڪاني خطرن تي ڏاڍو فڪري ۽ نتيجه خيز بحث ٿيو. اسان سڀ ان ڳالهه تي متفق هئاسين ته بارود کي گهٽائڻ سان، سلامتي جي ڪوشش کي انسان لاءِ سٺريل زندگي جي حاصلات واري ضمانت لاءِ ڪوشش سان ڳنڍڻ ضروري آهي.

مون کي ياد آهي ته انهن ماڻهن چيو هو ته اڄ جي دور ۾ امن جي حفاظت ڪرڻ لاءِ، جنگ جي تيارين کان وڌيڪ جرئت جي ضرورت آهي. هن ملاقات ۾ اسان کي آهو اخلاقي حوصلو مليو، جنهن آمريڪي صدر سان ملاقات ۾، اسان جي تجويز ڪيل موقف کي مضبوط بڻايو. هڪ بيو مثال وٺو، ماسڪو ۾ تيل عالمي مباحثي ۾، جنهن جو موضوع هو ”ائٽمي هٿيارن کان پاڪ دنيا ۾ انسانيت جي بقا لاءِ.“ ان ۾ ايترن ماڻهن شرڪت ڪئي ۽ ايترن بااثر ماڻهن راءِ ڏني، جيڪا ان کان اڳ ڪنهن به ميڙ ۾ ڪانه ڏني وئي هئي. مون کي عالمي سطح جي اعليٰ درجي جي ڏاهن جي خيالن کي پڙهڻ سمجهڻ ۽ سندن ڳالهين کي ڏسڻ جو موقعو مليو. ساڻن بحث سان مون تي تمام سٺو اثر پيو. مون پولٽ بيورو ۾ پنهنجي ساٿين سان ان ڪانگريس جي نتيجن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ ان جي نتيجي ۾ اسان هڪ وڏي ناهه ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ته رڪياوڪ ۾ پيش

ٿيندڙ شرطن جي ڳنڍڻ مان يورپ ۾ وچين درجي جي ميزائلن جي مسئلي کي ٻين مسئلن کان الڳ ڪيو ويو.

هڪ ٻيو مثال وٺو. سوويت يونين، هر پيري پنهنجي ائٽمي ڌماڪن تي پابندي جي هڪ طرفي مدي کي وڌايو. اهو ان ڪري ڪيو ويو، جو مختلف ملڪن جي سائنسدانن، اسان ڏانهن جيڪي اپيلون موڪليون هيون؛ انهن جو گهري غور سان جائزو ورتو ويو. اسان انهن جي ڳڻتي ۽ دليلن تي ٿڌيءَ دل سان غور ڪيو. اسان سمجهون ٿا ته ذميوارانه حڪمت عملي کي، عوام جي سڀ کان وڌيڪ موثر ماڻهن جي راءِ جو احترام ڪرڻ گهرجي، ۽ سندن ڳالهين تي ڌيان ڏيڻ گهرجي. مان سمجهان ٿو ته جيڪا حڪمت عملي انسان ذات جي مستقبل جي باري ۾ فڪرمند ناهي، (اها فڪرمندي هر ذهني ڪم ڪندڙ جي خاص خوبي هجڻ گهرجي.) اها غيراخلاقي آهي ۽ ڪنهن به احترام لائق ناهي.

اسڪيل فورم (Issyk-Kul) نئين سياسي سوچ جي ڏس ۾ قيمتي خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. هن ميڙ ۾ جڳ مشهور ثقافتي شخصيتن شرڪت ڪئي. جن کي آتي اچڻ جي دعوت سوويت اديب **چنگيز ايتماتوف** ڏني هئي. مان انهن ماڻهن سان ملاقات ڪئي. اسان جي ڳالهه ٻولهه جو موضوع ”انسان دوستي (Human-ism) ۽ سياست“ هو. ان ڏس ۾ اسان ائٽمي دؤر ۾ سياسي سرگرمين جي اخلاقي ۽ عملي پاسن تي به بحث ڪيو. مون ان ميڙ ۾ چيو هو ته قومن هميشه پنهنجي ماضي جي تلخ تجربن مان سبق سکيو آهي. هنن پنهنجي قوت کي ڪتب آڻي ۽ سوچن کي يڪجا ڪري، پنهنجي مشڪلاتن تي ضابطو حاصل ڪيو آهي. سختين ۽ نقصانن کي برداشت ڪيو آهي ۽ پيهر پنهنجي پيرن تي بيٺيون آهن ۽ پوءِ اڳتي وڌڻ لڳيون آهن. هر قوم پنهنجي رستي جي پاڻ چونڊ ڪئي آهي. جيڪڏهن اسان ائٽمي خطري کي روڪڻ ۾ ناڪام وياسين، جيڪو خطرو اسان جي گڏيل گهر يعني زمين تي، هر گهڙيءَ لامارا ڏيئي رهيو آهي، ته ڇا ٿيندو؟ اهو ٿيندو ته اسين هن غلطيءَ

جو ازالو ڪري نه سگھنداسين. تنهنڪري هن خطري جو تدارڪ ڪرڻ، اسان سڀني جو اهم فرض آهي. ان لاءِ ضروري آهي ته عالمي سپيتا جي ذهني ۽ ثقافتي سرمائي گڏ ڪري، ان عظيم مقصد جي حاصلات خاطر استعمال ڪيو وڃي.

"ائٽمي جنگ کي روڪڻ لاءِ، ڊاڪٽرن جي عالمي تنظيم" ٿوري وقت ۾ عالمي عام راءِ تي گھڻو وسيع ۽ گھرو اثر وڌو آهي. ان جي شروعات آمريڪي پروفيسر **بر نارڊ لان** ۽ اسان جي سوويت اڪيڊميشين **يوجيني چاروف** ڪئي هئي. آمريڪا، ايشيا، آفريقا ۽ آسٽريليا جي لکين ڊاڪٽرن، ان جي ميمبرشپ ورتي آهي. پروفيسر **لان** سان اڳ ۾ به منهنجي ملاقات ٿي هئي، پر هن دفعي ماسڪو ۾ هنن جي ڪانگريس ڪان پوءِ، مون سندن تحريڪ جي سڀني اڳواڻن سان ملاقات ڪئي. جيڪي ڪجھه هيءَ ڊاڪٽر حضرات چئي رهيا آهن، ان کي ٽاري نٿو سگھجي. اسان سڀني کي ڪين ٻڌڻو پوندو. هو جيڪي ڪجھه ڪري رهيا آهن، اهو ماڻهن جي نظرن ۾ عزت لائق آهي. هو جيڪي ڪجھه چون ٿا ۽ ڪن پيا، ان جو بنياد درست علم تي آهي ۽ ان جي پٺيان اها پرخلوص خواهش موجود آهي ته انسان ذات کي ان خطري کان خبردار ڪيو وڃي، جيڪو مٿن لامارا ڏئي رهيو آهي. سندن دليلن ۽ سائنسي انگ اکرن جي روشنيءَ ۾، اهو فيصلو ڪرڻو ئي پوندو ته هي وقت سياسي چالبازين جو ناهي. ڪوبه ذميوار ۽ سمجهو سياستدان، انهن انسانيت جي عظيم محسنن جي ڪڍيل نتيجن کي، رد نٿو ڪري سگھي يا انهن خيالن کي پوئتي نٿو رکي سگھي، جنهن تي عمل ڪري، هو عالمي عام راءِ کي اعليٰ سطح تي آڻڻ چاهين ٿا. هڪ قدم اڳتي وڌائڻ چاهين ٿا.

جيستائين سوويت اڳواڻن جو تعلق آهي، آءٌ توهان کي ٻڌائيندو هلان ته اڄ اسان دنيا جي مڙني مختلف قسم جي ماڻهن جي راءِ، بلڪ هنن جي تنقيد ٻڌڻ لاءِ آتا آهيون. هنن سان ملاقاتن ڪري اسان پنهنجي نئين سوچ جي سچائيءَ ۽ صلاحيتن جو ڪاٿو

لڳايون ٿا، ۽ پنهنجي پاليسيءَ جي سچائي جي آزمائش ڪندا آهيون. انهن ملاقاتن ۾ ڪڏهن ڪڏهن خيالن ۾ ويجهائپ ۽ ڪڏهن ڪڏهن بنهه ساڳيائپ نظر ايندي آهي. ان مان اسان کي اهو چاڻ به ملندي آهي ته اسان جي سوچ جا نوان طريقا، انسانيت لاءِ ايمانداري سان سوچڻ وارن ماڻهن جي فڪري تلاش سان مطابقت رکن ٿا.

هڪ ڪميونسٽ جي حيثيت ۾، منهنجي لاءِ پرڏيهي ڪميونسٽ تحريڪن جي نمائندن سان ملندو رهڻ، هڪ فطري ڳالهه آهي. گذريل سالن ۾ انهن لاڳاپن ۾ وڏي تبديلي آئي آهي. اسان آهستي آهستي مختلف ڪميونسٽ پارٽين سان نمائشي لاڳاپن کان پري ٿيندا پيا وڃون، جيڪي ڪڏهن ڪوڙي سچائي تي مٿاڇرا هئا. يا ان کان به خراب ڳالهه هي هئي ته سچائي جي جڳهه تي لقمان جي ڪهاڻين کان ڪم ورتو ويندو هو.

ڪميونزم جا مخالف چا به ڪئي سوچن، پر ڪميونزم ئي انساني مفادن ۽ سندس آزادي کي جنم ڏنو ۽ انهن انساني مفادن جي سلامتي ئي ڪميونزم جو جياپو آهي. ته جيئن زمين تي انسان جي جائز حقن جي حفاظت ۽ ڪيس عدل ۽ انصاف ميسر ٿئي. ڪميونزم ۾ انساني بهبود لاءِ ڪم ڪرڻ جون اڻ کٽ صلاحيتون موجود آهن. تنهنڪري سڄي دنيا جا ڪميونسٽ، عالمي مسئلن تي هڪ طريقي سان سوچيندا آهن. اسان جون سوچون، ڪاٿا، خاص رويا ۽ هڪٻئي تي پنهنجائپ واري تنقيد، جيڪا اسان دوستن وانگر هڪٻئي تي ڪندا رهندا آهيون، اسان لاءِ لازمي آهي. ان سان سوچڻ جو هڪ نئون انداز پيدا ٿئي ٿو ۽ اسان قيمتي عالمي تجربي مان گڏ حاصل ڪري، پنهنجي گهرجن تي لاڳو ڪريون ٿا. چو ته هي نظام سڄي دنيا جي پورهيتن جي مفادن ۽ جذبن جي ترجماني ڪري ٿو.

اسان سائنسدانن، ثقافتي شخصيتن ۽ ڏاهن جي وچ ۾، وڏ ۾ وڏ ويجهي بين القوامي ميل ميلاپ کي ۽ سندن پيشيور تنظيمن جي

ٻين قومن ۽ عوام جي بهترين قوتن کي، پنهنجي پنهنجي پيشيور تنظيمن جي، سڀني قومن ۽ عوام جي بهترين قوتن کي، پنهنجي پنهنجي پيشن ۾ جڳهه ڏيڻ واري ڪوشش کي ساراهه جي نظر سان ڏسون ٿا. هو پنهنجي قومن جي، موجوده دنيا کي صحيح طرح سان ڏسڻ ۽ سمجهڻ ۾ رهنمائي ڪندا آهن. ان جي مستقبل جي باري ۾ پڻ، هو پنهنجي پنهنجي قوم جي اڳواٽي ڪندا آهن ته جيئن انسانيت کي آخري بربادي کان بچايو وڃي.

بارود تي مڪمل بندش، انفرادي ۽ سماجي روين جي غير فوجي جوڙجڪ جي سلسلي ۾ ته اهي ڳالهيون سورنهن آنا سچيون آهن، پر انسانيت ۽ گڏيل مسئلن جي باري ۾ پڻ بلڪل سچيون آهن. مثال طور ماحولياتي خطري، ذخيرن ۽ توانائي جي مسئلن، صحت جي حفاظت، تعليم، خوراڪ، آبادي ۾ واڌاري ۽ ڇاڻ جي ڏس ۾ ڊانڊلي جا مسئلا آهن.

اسان ڏٺو آهي ته سائنسدانن ۽ ثقافتي نمائندن توڙي عوام جي مستند ۽ فعال نمائندن جي وچ ۾ ملاقاتن ڪري، گهڻن گڏيل موضوعن ۽ گهڻين مفيد-ڳالهين کي، هڪٻئي تائين پهچائڻ ۾ مدد ملندي آهي. مان ته چوندس ته سياستدانن، سائنسدانن ۽ ثقافتي نمائندن جو هڪٻئي سان ملندو رهڻ ۽ خيالن جي ڏي وٺ ڪرڻ تمام ضروري آهي. اڄ جي حالتن ۾ اهڙا عالمي ميڙ پوريءَ پابنديءَ ۽ باقاعدگيءَ سان ٿيڻ گهرجن.

گذريل ڏينهن مون کي لاطيني آمريڪا جي نامياري اديب **گيبريل گارشيا مارڪيز** سان ملڻ جو موقعو مليو. هو تمام ڪشادي ذهن جو مالڪ آهي. سندس سوچ جو دائرو سڄي ڌرتي آهي، سندس هڪ ڪتاب پڙهي، انسان ان نتيجي تي پهچي سگهي ٿو.

هن دلچسپ ڳالهه ڪئي ته سوويت يونين ۾ جاري نئين تشڪيل جو ذڪر ڪندي به انسان ان دور جي عالمي ۽ سماجي مسئلي جي گهرائي ۾ ليئو پائي سگهي ٿو. اصل ۾ سڄي دنيا کي نئين تشڪيل جي ضرورت آهي. يعني هڪ ڪيفيتي، خاصيتي ۽

مقداري تبديلي ۽ ترقي پسند چٽاڀيٽي جي ضرورت آهي. اهڙي ماڻهو جي راهه وڏي اهميت واري هوندي آهي ۽ اها ان ڪري ته ان ۾ ڪروڙين اڇي رنگ، ڪاري رنگ ۽ پيلي رنگ وارن، سڀني ماڻهن جي خيالن ۾ جذبن ۽ فڪر جي تصوير ملي ٿي. تنهن ڪري ان کي پڙهي حوصلو ملي ٿو. ان جو مطلب هي آهي ته جيڪو ڪم اسان پنهنجي ملڪ ۾ شروع ڪيو آهي، اهو پين قومن لاءِ به مفيد ٿي سگهي ٿو.

اسان گهڻين ئي الڳ الڳ عوامي تحريڪن جي عالمي سياست تي سڌي سنئين اثر کي پليڪار ڇڱون ٿا. مثال طور ٽريڊ يونين، عورتن ۽ ٻارن جون تنظيمون، جنگ خلاف يا ماحول جي بهتري لاءِ تنظيمون، اهي اثر گذريل ڪجهه سالن ۾ ڪجهه وڌيڪ طاقتور ٿيا آهن. انهن تنظيمن جو اثر پنهنجو پاڻ، پنهنجي ضروري مطالبن جي ذميوارين ۽ ترت اهميت جوڳي هئڻ ڪري، انهن شعبن ۾ پهچي ويندو آهي، جتي اڳي رڳو سفارتي لاڳاپن جو محڪمو پهچي سگهندو هو.

مناسب اهو آهي ته ماڻهن کي سياستدانن جي انهن ارادن بابت ذاتي چاڻ هئڻ گهرجي، جن تي عالمي حالتن جي تمام گهڻي حساس موضوعن جو دارومدار آهي. منهنجي تازو ٽريڊ يونين جي عالمي فيڊريشن جي هڪ وفد سان ملاقات ٿي. اها فيڊريشن ٽريڊ يونين جو سڀ کان وڏو مرڪز آهي. گهڻين قومن سان لاڳاپيل ڪروڙين پورهيت، هن اداري سان ڳنڍيل آهن. وفد "ٻارهين عالمي ٽريڊ يونين ڪانگريس" جو هڪ دستاويز مون کي ڏنو ۽ آمريڪا جي صدر ۽ مون کي اپيل به ڪيائون. هن دستاويز جي اهميت اها آهي ته اهو مزور طبقي جي مرضي کي ظاهر ڪري ٿو ۽ انسان ذات جي گڏيل پرامن زندگي جي ترجماني ڪري ٿو. هن دستاويز ۽ مزور اڳواڻن سان ڳالهه ٻولهه سان، مون کي پڪ ٿي وئي ته پورهيت طبقي جو هي تاريخي ڪردار ته هو پنهنجي طبقاتي مفادن کي حاصل ڪرڻ لاءِ، پين سڀني ماڻهن جي مفادن ۽

سماجي ترقي جي لاءِ نمائنده ڪردار ادا ڪندو، اج به درست آهي. هي ڪردار اج به پورهيت طبقي جي ذميواري آهي. جيتوڻيڪ حالتون بدلجي چڪيون آهن.

اهڙي طرح عورتن جي عالمي ڪانگريس، (جيڪا جون ١٩٨٧ع ۾ ماسڪو ۾ ٿي هئي) کان ڏاڍو متاثر ٿيس. مون کي اتي تقرير ڪرڻ لاءِ چيو ويو. عورتن جو وڏو نمائنده اجلاس هو. هڪ سؤ پنجاه ملڪن کان آيل عورتون ان ميڙ ۾ شريڪ ٿيون. جڏهن مون هنن جون تقريرون ٻڌيون ۽ ساڻن ڳالهه ٻولهه ڪئي ته مون کي ائين محسوس ٿيو ته دنيا ۾ جيڪو ڪجهه وهي واپري ٿو، ان سان عورتن جو به تعلق آهي. واقعي عورتون، جن جو فطري لاڙو انساني نسل کي محفوظ رکڻ ۽ ان کي اڳتي وڌائڻ آهي، سڀ کان وڌيڪ بي غرض، قرباني ڏيندڙ ۽ امن پسند نظريي جي سڀ کان وڌيڪ زوردار حمايت ڪندڙ آهن. هن ڪانگريس ۾ شامل ٿيڻ جي ڪري، مون کي سياسي ۽ جذباتي طرح ڏاڍو فائدو ٿيو. دنيا جي مختلف حصن مان مون کي روزانو گهڻائي خط، پيغام ۽ تارون ملنديون آهن. سڀني سياستدانن ۽ ناميارن شخصيتن، ميئرن طرفان، پارليامينٽ جي ميمبرن کان، واپارين طرفان ۽ سڀ کان وڌيڪ عام ماڻهن طرفان، شادي شده جوڙن طرفان، خاندانن طرفان ٻارن طرفان ۽ گهڻا خط گڏيل ٽولن يا ادارن جي طرفان هوندا آهن. انهن مان گهڻا خط ڏاڍو متاثر ڪندڙ هوندا آهن. ان ۾ شاعري، نظم، تصويرون، ننڍڙن هٿن جا ٺاهيل يادگار مجسما، ٽولن، ڪلبن ۽ اسڪولن جا سرٽيفڪيٽ ۽ دعائون شامل هونديون آهن، انهن بي شمار مختلف انساني خواهشن ۽ خيالن جي پس منظر ۾، امن جي آئيندي بابت ڳڻتي جهلڪندي نظر ايندي آهي. ۽ ان اميد جو اظهار ملندو آهي ته انسانيت کي، ائٽمي ڌماڪي جي خطري جي نتيجي ۾ ڪنهن بهتر سلوڪ جي اميد آهي.

مان ڪيترو به مصروف ڇو نه هجان، ڪوشش ڪندو آهيان ته انهن خطن جا جواب لکان. سڀ کان اهم ڳالهه، جيڪا ان

پيغامن ۽ اپيلن ۾ ملي ٿي، سا سوويت يونين ٿي اعتماد ۽ اسان جي موجوده حڪمت عملي تي مڪمل ڀروسو آهي. اسان ان ڀروسي جو دل سان قدر ڪريون ٿا ۽ ان کي صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ، اسان پنهنجي عمل سان، پنهنجي ملڪ ۾ ۽ ٻوڙي عالمي طرح هر ممڪن ڪوشش ڪنداسون.

دنيا جي ماڻهن سان لکپڙه، منهنجي ان يقين کي پختو ڪري ٿي ته انساني سڀيتا ۽ ثقافت جي آئينڌي ڪان نا اميد نه ٿيڻ گهرجي. بهترين انساني ذهن ۽ ايماندار ماڻهو، انساني سڀيتا جي باري ۾ سوچن ٿا ۽ ان جي حال ۽ آئينڌي جي باري ۾ سوچن ٿا ۽ ان جي حال ۽ آئينڌي جي باري ۾ ڳڻتي محسوس ڪن ٿا. هو پنهنجي اهليت، علم، صلاحيت ۽ جذباتي سگهه سيڙائي، هن دنيا کي محفوظ رکڻ چاهين ٿا. هو هڪ بهتر ۽ وڌيڪ انصاف تي ٻڌل دنيا جوڙڻ چاهين ٿا. پنهنجي حڪمت عملي کي نئين سوچ جي بنياد تي قائم ڪندي، اسان پاڻ کي رڳو ان خيالن تائين محدود نه رکنداسين، جن جا اسان عادي ٿيل چڪا آهيون ۽ نه ئي ان ٻولي تائين، جيڪا اسان جي خاص ٻولي سمجهي ويندي آهي. هر شخص کي مارڪسزم جو قائل ڪرڻ جو اسان جو ڪو به ارادو ڪونهي. اسان جي نئين سياسي سوچ ۾، سڀني قومن جو تجربو شامل هجڻ گهرجي، ۽ مختلف تهذيبي ۽ ثقافتي روايتن لاءِ هڪٻئي جي تهذيبي خزانن مان فائدو حاصل ڪرڻ نهايت ضروري آهي.

ايماندارانه ۽ ڪليل پرڏيهي پاليسي

سوويت سرواڻ ست، پرڏيهي مسئلن کي هڪ نئين طريقي سان حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. ان ڏس ۾ سڀ کان اڳ ۾ ٻه طرفي ڳالهه ٻولهه جو ذڪر ڪندس. ان ڪانسواءِ گڏيل سمجهڻ سمجهائڻ وارو عمل اڳتي وڌي نٿو سگهي. نئين سوچ جي اصولن کي تسليم ڪرڻ کان پوءِ، اسان ان کي عالمي مسئلن ۾، ٻه طرفي ڳالهه ٻولهه ذريعي آزمايو آهي ته اسان جا خيال، نيون سوچون ۽ اسان

جو عالمي عمل، ڪيترائي حقيقت پسندانه آهي. اسان کي ان ڳالهه مان تسلي ملندي آهي ته جيتوڻيڪ اهو لفظ Perestroika واتگر روسي ٻولي جو ناهي پر گذريل ڪجهه سالن ۾ ان لفظ جو ڦاڙون سفارتي لفظن جي خزاني ۾ گهڻيون گهريون ٿي ويون آهن ۽ ٻه طرفي سياسي ڳالهه ٻولهه، هاڻي عالمي لاڳاپن ۾ ڀريان کان اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي.

سون جنرل سيڪريٽري ٿيڻ کان پوءِ، ابتدائي سالن دوران گهٽ ۾ گهٽ ڏيڍ سؤ باقاعده ملاقاتن جي موقعن تي ملڪ جي سربراهن، پارليامينٽن ۽ سياسي پارٽين جي اڳواڻن سان ڪچهريون ڪيون آهن ۽ خيالن جي ڏي وٺ ٿي آهي. انهن ۾ ڪميونسٽ به هئا، سوشل ڊيموڪريٽ به لبرل ۽ قدامت پسند به. ان ڪانسواءِ يورپ، آمريڪا، ايشيا ۽ آفريقا جي مختلف خيالن جي سياستدانن ۽ نامياري سماجي ڪارڪنن ساڻ ڳالهه ٻولهه جو به موقعو مليو اٿم. سوويت اڳواڻن ۾ منهنجو ۽ منهنجي گهڻن ساٿين جو اهو باقاعده هڪ طريقو بڻجي ويو آهي. هي ملاقاتون اسان جي لاءِ هڪ اسڪول وانگر آهن. هن قسم جي ڳالهه ٻولهه، سوال پڇڻ وارن جي لاءِ به گهڻي فائديمند ٿيندي آهي. اهڙين ملاقاتن ۽ سوالن جوابن سان، سڄڙيل عالمي لاڳاپن جي جوڙجڪ ٿيندي آهي، ان کي سگهه ملندي آهي ۽ اهڙا لاڳاپا اڄ جي دور ۾ گهڻو اهم آهن.

ان ڪانسواءِ اسان چاهيون ٿا ته عالمي لاڳاپن دوران اسان جيڪي لفظ استعمال ڪيون. انهن جي اصل ۽ درست معنيٰ کي ٻيهر اختيار ڪيو وڃي. جڏهن اسان ڪليل ۽ ايماندارانه سياست ۾ يقين رکڻ جو اعلان ڪريون ٿا ته اسان شرافت، ايمانداري ۽ خلوص سان پنهنجي رشتي جو اعلان ڪندا آهيون. اسان انهن اصولن جي پيروي ڪندا آهيون. اهي اصول ڪي نوان ناهن، اسان کي لينن کان ورثي ۾ مليل آهن. انهن جي نواڻ هي آهي ته اسان انهن اصولن ذريعي ۽ انهن جو اظهار ڪندڙ لفظن ذريعي، اهي مونجهارا دور ڪرڻ چاهيون ٿا، جيڪي جديد دنيا ۾ هر طرف پکڙيل آهن. هڪ

بي نئين ڳالهه به آهي، اها هي ته موجوده حالتن ۾ هي اصول ۽ لفظ، هائي سيني قومن ۽ ملڪن تي لاڳو ٿين ٿا ۽ ڪوبه ان ڪان انڪار نٿو ڪري سگهي.

اصل ۾ حقيقت هي آهي ته اسان انهن ڳالهين، وچ ۾ فرق بنهه مٽائي ڇڏيو آهي. جيڪي اسان بند ڪمرن ۾ غيرملڪي سوال ڪندڙن کي ٻڌائيندا آهيون يا جيڪي اسان عوام اڳيان کلي عام چوندا ۽ ڪندا آهيون، مان اهڙيءَ ڊپلوميسي جي حق ۾ ناهيان، جنهن جي ڪري انسانُ، اهو سمجهڻ کان به عاري هجي ته سندس ساٿي ڪنهن ميڙ يا پيغام ۾ ڇا چوڻ چاهيندو آهي.

آءٌ کليل پاليسي جو حامي آهيان، جنهن سان عالمي ڳالهه ٻولهه ۾ تيزي ۽ سولائي ٿئي. حڪمت عملي به پاسائين نـه هجڻ گهرجي. ڇو ته ٻين ملڪن کي پهريان کان اهو اندازو ٿي وڃڻ گهرجي ته اسان جو مقصد يـا طريقو ڇا هوندو. عالمي لاڳاپن ۾ پائيداري لاءِ، ائين ڪرڻ اڻ ٽر آهي. عالمي لاڳاپن ۾ لفظي جادوگري يا چالبازي ۽ پيشاوارانه سياسي يا سفارتي داءُ پيچ گهٽ هجڻ گهرجن، صاف گوئي ۽ ايمانداري وڌيڪ هجڻ گهرجي. هن دور ۾ ڪوبه ڪنهن کي الو بڻائي نٿو سگهي. مان ته اولهه جي ملڪن سان تعلق رکندڙ پنهنجي ملاقاتين کي هر دفعي اها ڳالهه چوندو آهيان. اڄ اڳواڻن کان جنهن شيءِ جي سڀ کان وڌيڪ گهُر ڪري سگهجي ٿي، سا آهي ته هو حقيقتن جو درست ڪاٿو ڪن. سندن ذهن روشن هجن ۽ کين پنهنجي ذميواري جو وڌيڪ احساس هجي. اهو چوڻ وڌيڪ صحيح آهي ته اڄ اڳواڻن کان سنجيده سياست جي اميد ڪئي وڃي ٿي، نـه ڪي رڳو ڪيڏ ڪيڏڻ يا چالاڪيون ڏيکارڻ جي.

مان سمجهان ٿو ته عالمي لاڳاپن جي نئين طريقي جي گهرج آهي تـه انهن کي سفارتي پنجوڙ مان ڪڍي، سندن دائرو ڦهلايو وڃي. اڄڪلهه عالمي لاڳاپن ۾ مختلف ملڪن جون پارليامينٽون ۽ حڪومتون، پهريان کان وڌيڪ سرگرميءَ سان حصو وٺي رهيون آهن. اها ڏاڍي حوصله افزا ڳالهه آهي. آن مان عالمي لاڳاپن ۾

وڏيڪ جمهوري روّيو جهلڪي ٿو. هن ميدان ۾ عام راءِ ۽ عالمي ۽ قومي سطح جي عوامي تنظيمن جي وڌندڙ شرڪت، اسان جي دؤر جي اهم خاصيت آهي. عوامي ادارن ۽ شهرين جون سفارتي سرگرميون، جيڪي سڌو سنئون عوام سان ڳالهائي سگهن ٿيون، اڄ جي جديد دؤر ۾ مختلف ملڪن جي وچ ۾، رابطي جي هڪ تسليم ٿيل شڪل بڻجي ويون آهن.

شهرين جي سفارتي سرگرمي جي طريقي کي استعمال ڪرڻ کا ڏکيو يا ڏوکو ڪونهي. اسان ان ڳالهه کان ڳالهه شروع ڪريون ٿا ته هٿيارن جي ڊوڙ جو سڄو بار ۽ عالمي جهيڙن ۽ جنگين جي موتمار نتيجن جا اثر، سدا سنوان عوام تي پوندا آهن. اسان سڄي دنيا جي عوام کي اها ڳالهه ذهن نشين ڪرائڻ چاهيون ٿا.

ان موقعي تي مان سياست ۽ پروپئگنڊا جي وچ ۾، نازڪ ۽ هنگامي تعلق تي ڪجهه ڳالهيون ڪرڻ چاهيان ٿو. پرڏيهي حڪمت عملي ۾ اسان جي قدمن تي اولهه منجهه، اڪثر ان ردعمل جو اظهار ڪيو ويندو آهي ته، ”اها رڳو پروپئگنڊا آهي.“ اها ڳالهه تسليم ڪرڻي پوندي ته اڄ جي وسيع پرچارڪ وسيلن هوندي ۽ عالمي مسئلن ۾ ڪروڙين ماڻهن جي دلچسپي پيدا ٿيڻ ڪري، پرڏيهي حڪمت عملي جي سڀني تجويزن ۾، پرچار جو عنصر ضرور هوندو. اهڙي تجويزن کي گهٽو اثرائتو هجڻ گهرجي. مثال طور آمريڪي اڳواڻ پنهنجي عالمي چالن کي، ان جي سرڪاري اعلان کان اڳ ئي مشهور ڪرڻ شروع ڪندا آهن. ان بابت هو ”اهم“ ”تاريخي“ ”گهڻو ضروري“ وغيره جا ٺپا هڻي، انهن چالن کي اڳتي وڌائيندا آهن. پر جيڪا ڳالهه اهم آهي، اها اها ته اهڙي تجويزن جو صحيح ڪردار ۽ مقصد ڇا هوندو؟ ته ان تجويز تي حقيقت ۾ عمل ڪيو ويندو؟ ۽ ڇا اهي حقيقت پسندانه آهن؟ ڇا هو واسطيدار سڀني ڌرين جي ڀلائي کي پاڻ ۾ سموئين ٿيون؟ يا رڳو نلهو پرچار جو ذريعو ٿي آهن ۽ رڳو سگهي نمائش يا ڏيکاءُ واري مطلب سان پيش ڪيون پيون وڃن؟ آءٌ مڪمل ذميواري سان اعلان ڪيان ٿو ته اسان جون

سڀ تجويزون سچ پچ عمل جي لاءِ آهن. لينن جي لفظن ۾ ته، "آهي عمل ڪرڻ وارا نعرا آهن، ڪا نمائشي ڏاڻ ناهي."

مان صاف گوئيءَ سان اُها ڳالهه ورجايان ٿو، جيڪا مون آگسٽ ١٩٨٥ع جي ٽائيم مئگزين کي چئي هئي. جيڪڏهن هو اسان جي هر ڪم ۾ پروپيگنڊا کان سواءِ ڪجهه نٿا ڏسن ته "جهڙي ڪي تهڙو" مطابق هو به ان جو جواب ڇو نٿا ڏين؟ اسان ائٽمي ڌماڪا مهمل ڪري ڇڏيا هئا ته جواب ۾ آمريڪا ائين ڇو نه ڪيو؟ هو اسان کان پروپيگنڊا واري ڳوهه کٽڻ لاءِ، پنهنجي ڊور مار ميزائيل ناهڻ واري ڪم کي مهمل ڪري ڇڏين ها، ان کان پوءِ اسان اهڙي پروپيگنڊا ڪرڻ لاءِ وڏيڪ پابنديون قبول ڪندا وڃون ها. اهو به ڀڃي سگهجي ٿو ته اهڙي پروپيگنڊا ۾ ڪنهن جو ڪهڙو ٿي نقصان ٿيو؟

اڍائي سال ڪو وڏو عرصو ناهي. سيني ثبوتن کي ڏسندي، هي مختصر وقت، جنهن جو اسان ذڪر ڪري رهيا آهيون، ڪيترو اهم ۽ وڏن واقعن سان ڀريل آهي. ان ۾ سڀ کان وڏي ڳالهه ڪهڙي ٿي آهي؟ ڪجهه ماڻهو چئي سگهن ٿا ته نئين سياسي سوچ، عالمي سياست ۾ ڏاڍي سست رفتاري سان اڳتي وڌي رهي آهي ۽ اهو درست به آهي. ڪجهه ماڻهو چئي سگهن ٿا ته پراڻي سوچ جي طريقي جو جمود اڃا به نون لاڙن جي مقابلي ۾ وڌيڪ سگهارو آهي ۽ اها ڳالهه به صحيح آهي. ان جي باوجود وڏي ڳالهه هيءَ آهي ته عالمي لاڳاپن جي نئين تشڪيل لاءِ، زمين تيار ڪرڻ وارو ڏکيو ڪم ڪيو ويو آهي ۽ اسان کي يقين آهي ته هي دنيا اڳ کان بهتر بڻجي ويندي ۽ ان تبديليءَ لاءِ عمل شروع ٿي چڪو آهي.

سوويت يونين ۽ سوشلسٽ دنيا ۾ نئين تشڪيل

اسان جي بين الاقوامي اصول جو روح آهي، "پنهنجي ملڪ ۾ اهم با مقصد فيصلا ڪرڻ ۽ احتياط سان ڪاٿو ڪرڻ ته ان جو اثر سوشلزم تي ڇا پوندو." اهو چوڻ جي ضرورت ناهي ته ڀين برادر سوشلسٽ ملڪن سان اتحاد ۽ اتفاق، سمجهڻ سمجهائڻ يا هڪٻئي سان مفيد سهڪار ۽ هڪٻئي جي مدد کان سواءِ ڪوبه سوشلسٽ ملڪ مڪمل يڪجهتي ۽ هم آهنگيءَ سان اڳتي نٿو وڌي سگهي.

سچو سوشلزم ڇا آهي؟

جڏهن اسان نئين تشڪيل جو ڪم شروع ڪيو ته اسان هن اصول کان ابتدا ڪئي ته نئين تشڪيل جو عمل جاري تي چڪو آهي ۽ جاري رهندو. هي سڄي سوويت عوام جو گڏيل عظيم مقصد آهي، ته نئين تشڪيل ذريعي سوشلزم کي مضبوط بڻايو وڃي ۽ ان جو آخري نتيجو هي هجڻ گهرجي، ته اسان جي سماج کي هڪ بلندتر خاصيتي سطح تي پهچايو وڃي. اهو سڀ کان پهريون نڪتو آهي. ٻيون نڪتو هي آهي، ته اسان ڏسون ته هڪ وسيع تاريخي پس منظر ۾، ٻين سوشلسٽ ملڪن سان سهڪار کي ڪيئن وڌايو وڃي. ڇو ته اسان جيڪو رستو اختيار ڪيو آهي ۽ جنهن تيز رفتاري جي اسان کي ضرورت آهي. ان لاءِ اسان کي ان جي اشد ضرورت آهي. سڀني پارٽين جي غور ۽ فڪر جو اهو نتيجو نڪتو ته "اسان کي پنهنجي گڏيل سهڪار ۾ وڌيڪ چرپر پيدا ڪرڻ گهرجي."

ان ميدان ۾ به هڪ نئين تشڪيل جي اشد ضرورت آهي. اسان جي قدمن جو بنياد هيٺين سطح تي رکي ويو.

ٻيءَ مهاڀاري جنگ کان پوءِ جي ڏهاڪن ۾ سوشلزم هڪ مضبوط تنظيم بڻجي ويو آهي ۽ هاڻي ان جي حيثيت عالمي سياست ۾ اهميت ۽ طاقت واري آهي. گهڻن ملڪن تي مشتمل هڪ وڏي گروپ ۾ سوشلسٽ معاشيات موجود آهي. هڪ عالمي سوشلسٽ ورهاسٽ جي عمل جا بنياد رکيا ويا آهن. سوشلسٽ ملڪن جي گهڻ قومي تنظيمن کي مختلف قسمن جي سرگرمين جو تجربو ٿي ويو آهي. سائنسي ۽ ثقافتي متاستا وڌي وئي آهي، پر ان جو مطلب اهو ناهي ته عالمي سوشلزم جي ترقي حوڻ ڪوششون هميشه ڪامياب ٿيون آهن.

جن ملڪن پنهنجي ترقي لاءِ سوشلزم جو رستو اختيار ڪيو آهي، انهن جي شروعاتي اقتصادي سطح، هڪ ٻئي کان مختلف هئي. اڄ به اها سطح هڪجهڙي ناهي. سوشلزم جي عالمي امڪانن کي پورو ڪرڻ ۽ سوشلسٽ ملڪن جي وچ ۾، ميل ميلاپ کي مڪمل ڪرڻ جي رستي ۾، اها وڏي رڪاوٽ آهي.

سوشلزم ترقيءَ جي وڏن پيچيده مرحلن مان لنگهي آيو آهي. لڙائي کان پوءِ جي ڏهاڪن ۾ رڳو سوويت يونين کي ئي نئين سماج جو تجربو هو. اهو سٺو هو يا خراب، پر سڀني ڪمن جي ذميواري سندس ڪلهن تي پئي. ٻين سوشلسٽ ملڪن سان لاڳاپن ۾ ڪچي مال، ٻارڻ مهيا ڪرڻ ۽ بنيادي صنعتون لڳائڻ ۾ مدد ڏيڻ سوويت يونين جي فرض ۾ شامل هو. پنهنجي پنهنجي ملڪن جي نئين سر اڏاوت لاءِ به برادر سوشلسٽ ملڪن سوويت يونين تي ڀاڙيو. ڪنهن حد تائين اهو اثر هو ۽ اها ان وقت جي اشد ضرورت هئي. جنهن تي اعتراض ڪندڙن، اهو چئي تنقيد ڪئي ته ”انهن ملڪن ۾ هر ڪم سوويت نموني مطابق ڪيو ويندو آهي.“ دنيا جي پهرين سوشلسٽ ملڪ جو تجربو ۽ امداد ٻين سوشلسٽ ملڪن ۾، نئين سماج جي جوڙجڪ جي ڪوشش کي وڌائڻ ۾ مددگار ٿيو. پر هي

سڀ ڪجهه نقصان کان سواءِ نه ٿيو ۽ نقصان به تمام گهڻو. سوويت يونين جي تجربي مان سبق حاصل ڪندي گهڻن ملڪن پنهنجي خاص حالتن ۽ ضرورتن جي اڳڻن اکرن کي نظر انداز ڪري ڇڏيو. ان کان به وڌيڪ نقصانڪار ڳالهه هيءَ ٿي ته هتي اسان جي ڪجهه عالمن ۽ عملي زندگيءَ جي اڳواڻن جي، هڪ پراڻي ڍيل ڍڪيل طريقي کي، نظرياتي طرح سان وڌيڪ صحيح سمجهڻ بدقسمتي سان اهي ٿي ماڻهو 'سچائيءَ جا اڪيلا چوڪيدار' وارو ڪردار ادا ڪري رهيا هئا. نون مسئلن جي نون پاسن تي چڱي طرح غور ڪرڻ کان سواءِ ۽ مختلف سوشلسٽ ملڪن جي خاص شڪل کي ذهن ۾ رکڻ کان سواءِ، هو گهڻا دفعا ڪجهه مسئلن تي سندن خيالن ۽ قدمن کي شڪ واري نظر سان ڏسندا هئا.

ان سان گڏوگڏ اهو به ٿيو مختلف سوشلسٽ ملڪن ۾ داخليت پسندي وارا لاڙا پيدا ٿيا، جنهن جي نتيجي ۾ موضوعي (Subjective) ڪاشا ڪيا ويا ۽ ڪيترا ئي غير معقول قدم کنيا ويا. ان کان سواءِ ائين به آهي، ته سوشلسٽ ملڪن ۾ قومن کي پهرين ڏينهن کان وٺي، سامراج طرفان تمام گهڻي دٻاءُ جو شڪار ٿيڻو پيو. اهو دٻاءُ هر قسم جو هئو، سياسي، فوجي اقتصادي ۽ نظرياتي.

اهڙيءَ طرح ڪجهه قومن ۾ ته ڪيترا اهڙا خارجي (objective) ڪارڻ پيدا ٿي ويا، جن کي حڪمران پارٽي ۽ قيادت وقت تي ڏسي نه سگهي. سوشلسٽ ملڪن ۾ رهندڙ اسان جي دوستن، جيڪڏهن ڪا خرابي ڏٺي به ته هو خاموش رهيا، چو ته سچ ڳالهائڻ تي منهن خراب ڪرڻ جو رواج پيل هو ۽ ان جي 'غلط معني' به ورتي ويندي هئي. ڪيترن سوشلسٽ ملڪن کي پنهنجي ترقي جي گهڻن گهوٽالن مان لنگهڻو پيو. اهڙا مسئلا هنگري ۾ ١٩٥٦ع ۾، چيڪوسلوواڪيه ۾ ١٩٦٨ع ۾، پولينڊ ۾ ١٩٥٦ع ۽ پوءِ ١٩٨٠ع جي ڏهاڪي جي شروعات ۾ اڳيان آيا. انهن مان هر گهوٽالي جا پنهنجا خاص نشان ۽ علامتون هيون، هر هڪ جو حل مختلف طريقن

سان ڪيڏيو ويو. پر اها حقيقت آهي ته انهن گهوٽالن جي ڪري، انهن سوشلسٽ ملڪن مان ڪنهن هڪ ۾ به پراڻو نظام واپس نه وريو مان اها ڳالهه چوڻ چاهيان ٿو، ته اهي مشڪلاتون ۽ پيچيدگيون سوشلزم جي ڪري ڪونه پيدا ٿينديون هيون، پر حڪمران پارٽين جي غلط اندازن جي ڪري پيدا ٿينديون هيون. ڪجهه اولهه جا ملڪ به ان سلسلي ۾ شاباس جا حقدار آهن، جو انهن سوشلسٽ ملڪن کي ڪنهن نه ڪنهن تڪليف ۾ آڻي، هنن کي دنيا جي نظرن اڳيان ڪيرائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ انهن جون پاڙون کوٽيندا رهيا.

اهڙن شديد ۽ ڪڏهن ڪڏهن تمام تلخ تجربن مان لنگهي، سوشلسٽ ملڪن کي پنهنجي پنهنجي سماج ۾ سوشلسٽ تبديليون آڻڻ جو تجربو حاصل ٿيو. اهو تجربو گڏيل سرمايو بڻجي ويو. مختلف ملڪن ۾ ڪميونسٽ پارٽين جي عملي قدمن ۽ نظرياتي ڪم سان آهستي آهستي سماج ۾ 'سوشلسٽ جوهر' چٽو ٿيندو ويو. مارڪس، اينگلز ۽ لينن نظرياتي طرح انهن اصولن کي ثابت ڪيو، جن تي سوشلزم جي تصور جي پيڙه رکي وئي هئي ۽ انهن مستقبل جي تفصيلي صورت مهيا ڪرڻ جي ڪوشش ڪانه ڪئي هئي ۽ عام طور تي ائين ڪرڻ ممڪن به ڪونهي. ان مهانڊي جي صحيح صورت سيني سوشلسٽ ملڪن جي تخليقي انقلابي عمل دوران پڌري ٿي هئي ۽ اها صورت اڃا وڌيڪ واضح شڪل اختيار ڪري رهي آهي.

سوشلسٽ ملڪن جي پاڻ ۾ لاڳاپن ۾ اڃا گهڻيون ڪمزوريون آهن، خاص طرح سان سوويت يونين جي يوگوسلاويه، عوامي جمهوريه چين ۽ البانيه سان دوستاڻن لاڳاپن ۾ رنڊڪ پوڻ ڪري، سوشلسٽ ملڪن جي پڙي کي گهرو ڌڪ لڳو آهي. ان ڏس ۾ ڪڙا آزمودا ٿيا، ته پوءِ ڪميونسٽن تجربي مان سبق سکيو ۽ اڄ به اسان سکي رهيا آهيون.

سوشلزم جي هڪ تسليم ٿيل خاصيت اها آهي، ته ان ۾ نيون ڳالهيون سکڻ جي صلاحيت هميشه موجود رهي ٿي. زندگي

جي پيدا ڪيل گھوٽالي واري ڪيفيت ڪان بچڻ جا طريقا سکڻ، سوشلسٽ دنيا جي ملڪن کي الڳ الڳ ٽولن ۾ ورهائڻ ۽ هڪٻئي خلاف وڙهڻ جي ڪوشش سان مڙس ٿي منهن ڏيڻ. مختلف سوشلسٽ ملڪن جي مفادن جي وچ ۾ هم- آهنگي پيدا ڪري ۽ پيچيده مشڪلاتن جي سڀني لاءِ قبوليت جوڳي حل ڪي ڳولي، انهن جي وچ ۾ اختلافن ۽ جهڳڙن کي روڪڻ.

عالمي سوشلزم ١٩٨٠ع جي ڏهاڪي تائين ڪهڙيون ڪهڙيون ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن؟ هاڻي اسان صحيح طرح سان چئي سگهون ٿا، ته قومن جي هڪ وڏي گروپ ۾ سوشلزم مضبوطي سان پنهنجي پاڙون پختيون ڪيون آهن. سوشلسٽ ملڪن جي اقتصادي سگهه ۽ ان جا امڪان مسلسل ۽ درجي به درجي وڏي رهيا آهن. سوشلزم جا ذهني ۽ ثقافتي قدر، اعليٰ ۽ گهرا اخلاقي قدر آهن ۽ هي قدر عوام کي اعليٰ سطح ڏانهن وٺي وڃن ٿا. پر هتي هي سوال پڇي سگهجي ٿو ته جيڪڏهن اهي سڀ حالتون اهڙيون ئي سٺيون آهن، ته پوءِ نئين تشڪيل جي عمل سان، سوشلسٽ ملڪن جي وچ ۾ لاڳاپن لاءِ ڪهڙي نئين ڳالهه دلچسپي يا سرگرمي جو ڪارڻ بڻي آهي. واقعي اهو سوال پڇڻ جوڳو آهي. چوڻ لاءِ ته ان جو جواب ڏاڍو سولو آهي. عالمي سوشلزم جي ترقي ۽ واڌ جي پهريون منزل گذري وئي آهي، پر ان جي شروعاتي دور ۾ جيڪي لاڳاپا قائم ڪيا ويا هئا، اهي جيئن جو تيئن رهيا. ان سان گڏو گڏ، انهن لاڳاپن ۾ ڪي ناڪاري عنصر به شامل ٿي ويا آهن، جن جي صحيح وقت تي مناسب سچائي سان ڇنڊ ڇاڻ نه ڪئي وئي. يعني انهن جي ترقي جي راهه ۾ رنڊڪ وجهندڙ ۽ ڪين نئين ڏاڪي ڏانهن وڃڻ کان رنڊڪ وجهندڙ هر شيءِ کي صحيح وقت تي نه سڃاتو ويو. هر دور سان گڏو گڏ هر سوشلسٽ ملڪ ۽ هر سوشلسٽ سماج منجهه زندگي جي هر شعبي ۾، پنهنجو گهڻو تجربو ۽ صلاحيتون پيدا ٿيون آهن. جيڪڏهن اڄ به اسان سهڪار جي پراڻن طريقن کان ڪم وٺندا رهون يا رڳو انهن تائين محدود رهياسين، ته سوشلزم جي وقار

اعتماد ۽ صلاحيتن کي گهرو نقصان رسندو.

۱۹۷۰ع واري ڏهاڪي جي خاتمي تائين برادر سوشلسٽ ملڪن جي اڳواڻن وچ ۾ رڳو نمائشي لاڳاپا رهجي ويا هئا ۽ انهن پنهان کي سنجيده يا گڏيل مقصد نه رهيا هئا. لاڳاپا رڳو رسمي هئا ۽ ڪاروباري حد تائين ٺيڪ هئا، پر انهن ۾ اعتماد جي کوٽ پيدا ٿي چڪي هئي.

هاڻي ان حالتن ۾ گهڻيون تبديليون اچي چڪيون آهن. گذريل اڍائي سالن جي عرصي ۾ سوويت يونين ۽ سوشلسٽ برادري ۾ ان جي دوستن گڏجي سڄي وڏا وڏا ڪم ڪيا آهن. ان گڏيل ڪم کي جاري رکڻ گهرجي ۽ اسان انکي جاري رکنداسين. سوشلسٽ ملڪن سان سياسي، معاشي، اقتصادي ۽ انساني ڀلائي وارن لاڳاپن جي سموري ڍانچي کي، نئين سر جوڙي رهيا آهيون، هر ملڪ جي ترقي جي معروضي ضرورتن ۽ عالمي صورتحال جي تقاضن مطابق، اسان لاڳاپن ۽ رشتن کي وڌيڪ ڦل ڏاڏڪ ۽ فعال بڻائي رهيا آهيون. اسان ان کي جذباتي نقطهء نظر کان نٿا ڏسون. حقيقت هي آهي ته ان کانسواءِ ڪا واهه ئي ڪونهي.

نون لاڳاپن ڏانهن وک وڌائڻ

نئين تشڪيل جي عمل دوران، سوشلسٽ برادري ۾ سوويت يونين جي خاص حيثيت، معروضي حالتون مقرر ڪنديون آهن. جيڪڏهن اسان جي ملڪ ۾ ڪم ٺيڪ طريقي سان هلي رهيا آهن تڏهن به ۽ جيڪر خراب طريقن سان هلي رهيا آهن تڏهن به، ٻين سڀني ملڪن تي ان جو اثر پوندو آهي، پر اڄڪلهه ٻين ملڪن سان عمل ۽ رد عمل جي سلسلي واري جنهن سطح تي، اسان پهچي چڪا آهيون، ان جو دارو مدار رڳو انهن قدمن تي ناهي، جيڪي قدم اسان اندروني طرح پنهنجي ملڪ ۾ کنيا آهن. سڀ کان اڳ ۾ ته هي برادر ملڪن جي گڏيل سرگرمين ۾ مربوط ڪوشش جو نتيجو آهي. اسان پنهنجي ساٿين ۽ دوستن سان اڳ ۾ ئي گڏيل

سهڪار جي پاسي تي وڏيءَ ذميواري سان ڳالهه ٻولهه ۾ بحث ڪيو آهي.
اسان سڀ هن اصول کي بنياد بڻائي اڳتي وڌون ٿا ته دنيا جي ترقي جي هن اهم ۽ نازڪ دؤر ۾، سوشلزم کي پنهنجي سياسي ۽ معاشي تحرڪ ۽ انسان دوستي جي فلسفي ۽ زندگي جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي. تنهنڪري سوشلسٽ برادري جي وچ ۾ لاڳاپن کي، وقت جي ضرورت مطابق تبديل ڪيو پيو وڃي. اسان ان بابت وڏيڪ هجتون بلڪل نه ڪنداسين. رڳو اهو چئي سگهجي ٿو ته ڪم آهستي آهستي اڳتي وڌي رهيو آهي. اهو ضرور آهي ته ان جا مقصد مقرر ڪيا ويا وڃن.
انهن حوالن مان منهنجو مقصد ڇا آهي؟ پهرين ڳالهه ته هي آهي ته سوشلسٽ ملڪن جي وچ ۾ سياسي لاڳاپن جي سڄي جوڙجڪ کي مڪمل آزادي جي بنياد تي قائم ٿيڻ گهرجي. برادر ملڪن جي سيني اڳواڻن جي اها ئي سوچ آهي.
هر پارٽي جي آزادي، پنهنجي ملڪ جي مسئلن کي حل ڪرڻ جو حق ۽ پنهنجي قوم ڏانهن ذميواري، هي آهي اصول آهن، جن تي ڪوبه ڏاهه نٿو ٿي سگهي. اسان کي پختو يقين آهي ته سوشلسٽ برادري تڏهن ڪامياب ٿيندي، جڏهن هر پارٽي ۽ هر ملڪ پنهنجي مفادن جو خيال رکندو ۽ گڏيل سوشلسٽ مقصدن جو به خيال رکندو. جڏهن هو پنهنجي ساٿين ۽ دوستن جو احترام ڪندو، ان جي مفادن جو خيال رکندو ۽ ٻين جي تجربن ڏانهن مڪمل ڌيان ڏيندو. سوشلسٽ برادري جي اها خاصيت آهي ته هو قومي مسئلن ۽ عالمي سوشلزم جي مفادن جي وچ ۾، ان ضروري ۽ نازڪ رشتي جي اهميت کان واقف آهي. اسان متحد آهيون. اها ئي اسان جي سگهه آهي ۽ ٻڌيءَ ذريعي ئي اسانکي پروسو حاصل ٿيندو آهي ته اسان اڄ جي دؤر جي مسئلن کي حل ڪنداسين، جيڪي اسان جي سامهون آهن. سوشلسٽ ملڪن جي وچ ۾ سهڪار لاءِ نهايت ضروري آهي ته حڪمران ڪميونسٽ پارٽين جي وچ ۾ عملي اتحاد هجي. گذريل ڪجهه سالن ۾، اسان هر برادر ملڪ

جي اڳواڻن سان ملاقاتون ۽ تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي آهي. ان گڏيل سهڪار جا طريقا ۽ روپ جوڙي رهيا آهيون. هن عمل ۾ هڪ نئون وڏيڪ اهم طريقو هي آهي ته برادر ملڪن جي اڳواڻن وچ ۾، گهڻن مسئلن تي گڏيل اجلاس ٿي رهيا آهن. اهڙن اجلاسن ۾ اسان کي هڪٻئي سان ڀائپي واري صلاح مشوري جو موقعو مليو ٿو. ان ۾ سوشلسٽ ترقي متعلق، سڀني مسئلن ۽ انهن جي قومي ۽ عالمي پاسن تي گڏيل مشورو ڪيو ويندو آهي.

پيچيده عالمي صورتحال ۾ وارسا ڏاهه* جي مدي ۾ واڌاري تي يڪ راءِ فيصلو، هڪ اهم واقعو هو. وارسا ڏاهه جي سياسي مشاورتي ڪميٽيءَ جي باقاعده ميڙن ۾، شريڪ ڌرين جا خيال ۽ نوان تصور گڏ ٿي ويندا آهن ۽ هو ان لائق بڻجي ويندا آهن ته سڀ پنهنجي پنهنجي واڃن جا ڪاٿا ڪاٿي ڇڏين. ائين ڪرڻ سان اسان جو مقصد اهو هوندو آهي ته سڀني برادر ملڪن جي عالمي مسئلن تي سوچ کي، پاڻ ۾ هم آهنگ ڪيو وڃي ته جيئن هڪ گڏيل موقف طئه ڪري سگهجي. تجربي ثابت ڪيو آهي ته ان فارمولي جا ٻيئي جزا ڪيترو اهم آهن. ڪو برادر ملڪ (۽ اها ڳالهه سوويت يونين بابت به يقين سان چئي سگهجي ٿي) عالمي ميدان ۾ پنهنجا مسئلا حل نٿو ڪري سگهي، جيڪڏهن هو ٻين کان الڳ ٿلڳ آهي. اهڙي طرح اسان جي ملڪن جي گڏيل پرڏيهي پاليسي، تڏهن اثرائتي ٿي سگهي ٿي، جڏهن گڏيل ڪم ۾ هر ملڪ جي خصوصي جي قدر ۽ قيمت جو احساس ڪيو وڃي.

جيستائين معاشي لاڳاپن جو تعلق آهي ته اسان هميشه گڏيل فائدي ۽ گڏيل سهڪار جي اصولن جي پابندي تي ٿي، انهن کي قائم ڪيو آهي. اسان اهو به طئي ڪيو آهي ته اسان سڀني کي

* وارسا ڏاهه — سوشلسٽ ملڪن جي وچ ۾ ڏاهه - جيڪو سوشلسٽ ملڪ پولينڊ جي گادي هنڌ وارسا ۾ ٿيو. ان ڀوڀان، ان ڏاهه جو نالو وارسا ڏاهه رکيو ويو.

سائنس، ٽيڪنالاجي ۽ معاشيات ۾ هڪ نئين سطح تائين پهچڻ ضروري آهي. ان ڪانسواءِ وڏيڪ ترقي نٿي ٿي سگهي ۽ ان لاءِ اسان سائنسي ۽ ٽيڪنالاجيڪل ترقي جي هڪ وڏي ۽ جامع رٿا ناهي آهي. جنهن سان پئداوار جي ترقي کي ۲۰۰۰ع تائين هڪدم گهٽ ۾ گهٽ ٻيڻو يعني پيٽو ٽيٽو ڪيو ويندو. ڇا اهو رڳو خيال آهي؟ نه! سوشلسٽ برادري وٽ، اهو سڀ ڪجهه ڪرڻ جا ججها وسيلا موجود آهن. اسان وٽ ڪافي پيداواري صلاحيت موجود آهي. جديد ڪوجنا ۽ انجنيئرنگ جا گهڻا ۽ وسيع ادارا آهن ۽ گهڻا قدرتي وسيلا ۽ ذخيرا آهن ۽ افرادي قوت پڻ آهي. اسان جو سرشتو باقاعده منصوبه بندي سان هلي ٿو ۽ اسان زياده اهميت جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ، وڏيون رقمون رٿائن تي لڳائي سگهون ٿا. ”گڏيل اقتصادي سهڪار جي ڪائونسل“ (Council for Mutual Economic Assistance) (C.M.E.A) جي ميمبر ملڪن جا اڳواڻ بحث ڪانپوءِ، ان نتيجي تي پهتا آهن ته سوشلسٽ نظام جي سيني حصن کي، پنهنجي پنهنجي جڳهه تي گهڻي تيزي سان ۽ اڳ کان بهتر ڪم ڪرڻ گهرجي. ان ڳالهه تي اسان سڀ متفق آهيون. پر ان جو مطلب اهو ناهي ته سيني سوشلسٽ ملڪن ۾ اهي سڌاري ۽ ترقي جا عمل، هڪ طريقي سان ڪم ڪندا. هر قوم جون پنهنجون الڳ روايتون آهن ۽ خاصيتون آهن. انهن جي سياسي ادارن جي ڪم ڪرڻ جو خاص طريقو آهي. بنيادي طرح سان سڀ سوشلسٽ ملڪ ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان پنهنجي سماج جي نواڻ ۽ خاصيتي تبديلي جا رستا ڳولي رهيا آهن. پر هر ملڪ، ان جا اڳواڻ ۽ عوام پاڻ پنهنجي مرضي سان اهو فيصلو ڪندا آهن ته انهن تبديلين جو دائرو، قد ڪاٺ، رفتار ۽ طريقو ڇا هجڻ گهرجي. ان موضوع تي اسان ۾ ڪو اختلاف ڪونهي. هر ملڪ جي ڪم جو پنهنجو خاص انداز آهي.

فرانس جي وزيراعظم **ژاڪس شيراڪس** مون کان پڇيو ته، ”ڇا توهان سمجهو ٿا ته نئين تشڪيل جو جذبو اوڀر يورپ

جي سيني ملڪن تي اثر ڪندو؟" ته مون ڪيس جواب ڏنو ته اهو اثر ٻه طرفو ٿيندو آهي. اسان پنهنجي دوستن جي تجربن مان ڪجهه نيون ڳالهيون سکندا آهيون ۽ هو اسان کان اُهي ڳالهيون سکندا آهن، جن کي هو پنهنجي لاءِ بهتر سمجهندا آهن. مختصر اهو ته اسان وٽ هڪٻئي کان سکڻ ۽ فائدو حاصل ڪرڻ جو گڏيل عمل رائج آهي.

ايمانداري سان ڳالهائيندي، آءٌ سمجهان ٿو ته هن اهو سوال ان ڪري ڪو نه ڪيو هو جو هو، اسان جي طريقي ۽ ان جي ڪاميابي جو ڪاٿو ڪرڻ چاهيندو هو. اصل ۾ ڪنهن حد تائين ان سوال جو ڪارڻ، اهي افواه هئا ته نئين تشڪيل جي مسئلي تي سوويت اڳواڻن ۽ سندس دوستن ملڪن جي وچ ۾ گهرا اختلاف آهن. ان ڏس ۾ آءٌ ڇا چوان؟ مان اهو چئي سگهان ٿو ته اسان ۽ اسان جي ساٿين ۽ دوستن وچ ۾، ڪي حل نه ٿيڻ جوڳا اختلاف ناهن. اسان سچائي ۽ صاف گوئي واري چڱائي چکي ڏٺي آهي ۽ مان سمجهان ٿو ته اسان جي سرگرمين ۽ نون خيالن جي باري ۾ سچي ۽ سڌي (بنان رک رکاءُ واري) تنقيد سان، اسان کي وڏيڪ فائدو ٿيندو آهي، نه ڪي اسان جي ڪنهن هڪ ڪم جي ججهي تعريف سان. اهو سڀ کان پهريون اهم نڪتو آهي. ٻيو نڪتو هي آهي ۽ هتي مان ان ڳالهه کي ورجائيندس به ته اسان اها دعويٰ نٿا ڪريون ته رڳو اسان ئي سچ ڄاڻڻ وارا آهيون. پر اسان سڀ رلي ملي سچ جي تلاش ڪريون ٿا.

هاڻي مان معاشي معاملن جي باري ۾ وڌيڪ ڪجهه ڳالهيون چوندس. پاڻ ۾ اسان جي معاشي اتحاد جو بنياد، سڀ کان وڌيڪ هڪٻئي جي ڪمپنين ۽ ڪارخانن جي وچ ۾ سڌي لاڳاپي ۽ خاص شعبن ۾ مهارت جي ڏي وٺ جي ذريعي ٿيندو آهي. اها اسان جي اتحاد لاءِ بي بها دولت ۽ طاقت آهي. انهن بنيادن تي، اسان پنهنجي پرڏيهي معاشي سرگرمين جي نئين تشڪيل ڪري رهيا آهيون. اسان دوست ملڪن جي صنعتي ادارن سان، پنهنجي صنعتي ادارن

جي سڌن لاڳاپن رستي، رڪاوٽون دور ڪري رهيا آهيون ته جيئن هو پاڻ سان گڏ ڪم ڪندڙن جي، آزادي سان چونڊ ڪري سگهن، ۽ پاڻ ۾ مناسب رابطو رکي سگهن. اسانجون گڏيل سوشلسٽ ڪمپنيون به انهن ۾ شامل آهن. انهن ۾ اهي ڪمپنيون به شامل آهن، جيڪي اسان جي ملڪن جي اعليٰ سامان جي ضرورتن کي ترت پورو ڪري سگهن ٿيون. اهڙيون ڪمپنيون عوامي خدمتن جي محڪمن يعني عمارت سازي ۽ ٽرانسپورٽ جي شعبن ۾ خاص طرح سان قائم ڪيون پيون وڃن. سوويت يونين برادر سوشلسٽ ملڪن کي چڱا ڀلا نفعي بخش آرڊ ڏنا آهن. اسان اولهه جي ڪاروباري ادارن جي به اهڙين ڪمپنين جي ڪاروبار ۾ شرڪت ڪرڻ تي غور ڪري رهيا آهيون.

اسان آئينده ڪجهه سالن ۾ گهڻي تيزي سان، هڪٻئي سان وڌيڪ عملي لاڳاپا قائم ڪنداسين ۽ انهن کي وڌائينداسين ۽ زياده مضبوط بڻائينداسين. (C.M.E.A) کي ان ڏس ۾ ٻن اهم نقطن تي ڌيان ڏيڻ گهرجي. پهريون اهو ته مختلف ملڪن جي معاشي پاليسين کي پاڻ ۾ هم آهنگ ڪرڻو پوندو. ڪجهه اهم شعبن ۾ ڊگهي مدي جي گڏيل سهڪار وارن پروگرامن جا تفصيل مهيا ڪرڻا پوندا ۽ کوجنا ۽ انجنيئرنگ جي گڏيل پروگرامن ۽ رٿائن کي ترقي ڏيڻي پوندي. اڃن ڪرڻ ۾ گهڻن موقعن تي غير سوشلسٽ ملڪن ۽ انهن جي تنظيمن مثال طور E.E.C سان سهڪار ڪرڻو پوندو.

ٻيون نڪتو هي آهي ته C.M.E.A پنهنجو ڌيان گڏيل اتحاد جي بنياد تي صحيح معيارن کي قائم ڪرڻ ۽ باهمي برابري جي اصولن تي ڏيندي، ۽ سڌي سهڪار جي طريقن ۽ قيمتن جي باري ۾ قانوني ۽ معاشي شرطن جا تفصيل طئه ڪندي.

اسان چاهيون ٿا ته C.M.E.A ۾ انتظامي پابنديون گهٽايون وڃن. ان ۾ ڪميٽين ۽ ڪميشن کي گهٽايو وڃي ۽ هي ادارو اقتصادي ترغيبن، نئين سوچ ۽ نون قدمن، ڪارخانن جي سوشلسٽ مزاج ۽ ان عمل ۾ اجتماعي صنعتي ادارن جي ذميواري وڌائڻ وارن

مسئلن تي ويچار ڪري. اسان جو ۽ اسان جي دوستن C.M.E.A
ڪي فالتو دفتري ڪم ۽ نوڪرشاهي جي وچن ڪان نجات ڏيارڻ
ضروري آهي.

C.M.E.A ڪنهن به رڪن ملڪ جي آزادي تي پابندي
نٿي لڳائي ۽ نه ئي ان جي ذريعن ۽ صلاحيتن جي استعمال ۽ پنهنجي
عوام جي مفاد جي لاءِ سيني قدمن کڻڻ جي مڪمل اختيارن تي،
ڪنهن به قسم جي بندش وجهي ٿو. C.M.E.A کو "قوم کان
مٿانهون" ادارو ناهي. ان جا سڀ فيصلا اتفاق راءِ سان ٿيندا آهن،
نه ڪي اڪثريت راءِ سان. ان ڏس ۾ اهم ڳالهه هي آهي، ته ڪنهن
هڪ ملڪ جي ڪنهن خاص مشترڪ منصوبي ۾ شرڪت نه ڪرڻ
جي خواهش تي ٻين ملڪن جي ڪابه پابندي نه لڳڻ گهرجي.
جيڪو شامل ٿيڻ چاهي، اهو شامل ٿي وڃي. جيڪڏهن ڪو ملڪ
في الحال ڪنهن گڏيل منصوبي ۾ شريڪ ٿيڻ نٿو چاهي ٿي، ته هو
بيشڪ الڳ رهي ۽ اهو ڏسي ته شريڪ ملڪن جو تجربو ڪيئن
رهيو. هر ملڪ اهو فيصلو ڪرڻ ۾ آزاد آهي، ته هو ان قسم جي
گڏيل سهڪار جي رٿائن ۾ ڪنهن حد تائين شرڪت ڪندو. مان
سمجهان ٿو ته اهو ئي صحيح طريقو آهي.

علمي شعبي ۾ هڪ ٻئي سان سهڪار هڪ وڏو ۽ اهم مسئلو
آهي. هن ميدان ۾ به تبديلين جي ضرورت آهي. اصل ۾ هر سوشلسٽ
ملڪ هڪ وڏي تجربيگاهه آهي. جنهن ۾ سوشلسٽ تعمير جا مختلف
طريقا ۽ قاعدا، آزمودي طور جاري ڪيا ويندا آهن. ان ڪري اسان
جي خيال ۾ سوشلسٽ تعمير جي تجربن جي ڏي وٺ ۽ اهڙن تجربن
جو نچوڙ وڌ کان وڌ اهميت اختيار ڪندو پيو وڃي.

جڏهن اسان سوويت ڪميونسٽ، سوشلزم جي باري ۾
سوچون ٿا، ته اسان لينن جي هن خيال سان شروعات ڪريون ٿا ته
"هي مستقبل گهڻن ملڪن جي ڪوششن جي تسلسل جي نتيجي
۾ ايندو." ان ڪري اسان سمجهون ٿا، ته هڪ حڪمران پارٽي
جي ڪوشش جي سنجيدگيءَ جو ان مان ڪاٿو ڪري سگهجي ٿو،

هوءَ پنهنجي تجربي مان ڪهڙو فائدو حاصل ڪري ٿي. پنهنجي دوست ملڪن جي تجربن مان ڇا حاصل ڪندي آهي ۽ دنيا جي تجربي مان ڇا سکندي آهي ۽ انهن تجربن کي ڪيئن مفيد طريقي سان استعمال ڪندي آهي. ان تجربي جي اهميت ۽ قدر قيمت سڃاڻڻ جي، اسان وٽ ڪسوٽي آهي. سماجي ۽ سياسي عمل يعني سماجي ترقي، اقتصادي واڌارو ٿيو آهي. اسان جي سائنس اسان جي پريس ۽ اسان جا ماهر، هن وقت اسان جي بردار ملڪن جي تجربي جي ڇنڊڇاڻ وڏي ڌيان سان، اعليٰ سطح تي ڪري رهيا آهن ۽ ته جيئن ان تجربي کي سوويت حالتن ۾ لاڳو ڪري سگهجي.

جيستائين برادر ملڪن جو تعلق آهي، ته هو سوويت يونين ۾ ٿيندڙ واقعن ۾ گهري دلچسپي وٺي رهيا آهن. مون ٻاهر جي ملڪن جي دوري ۾، سوشلسٽ ملڪن جي اڳواڻن ۽ عام شهرين سان ملاقات دوران، اهو محسوس ڪيو. هڪ مثال وٺو. چيڪوسلوواڪيه جي دوري ۾ مون کي عام راهگيرن ۽ پراگ جي ڪارخانن ۾ ڪم ڪندڙن سان ڳالهه ٻولهه جو موقعو مليو. هنن مون کي ٻڌايو ته، ”توهان هن وقت جيڪو ڪم ڪري رهيا آهيو، سو درست آهي.“ هڪ نوجوان چيو، ”مختصر ڳالهه هيءَ آهي، ته سچ ڳالهايو، سچ سان محبت ڪريو ۽ ٻين لاءِ به سچ جي ئي خواهش ڪريو.“ مون ان ۾ واڌارو ڪيو، ”۽ سچ مطابق عمل به ڪريو. اهو سڀ ڪان ڏکيو علم آهي.“ پوءِ مون ڳالهه کي اڳتي وڌائيندي چيو، ”زندگي سڀ کان وڏيڪ ڏکيو اسڪول آهي. سڀ شيون سولائي سان ٿيون ٿين. گهڻا دفعا پوئتي هٽڻو پوندو آهي ۽ پوءِ اسان اڳتي وڌندا آهيون. سوچڻ، ڇنڊ ڇاڻ ۽ ٻيهر ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ ڏاڍو اذيتناڪ ڪم آهي. پر توهان کي ان کان ڊڄڻ نه گهرجي.“

سوويت اڳواڻن هڪ ڪليل اندازو لڳايو آهي، ته اسان سوشلسٽ ملڪن سان دوستيءَ جي نئين سطح کي ان طرح پهچي سگهون ٿا، جو ان جي گڏيل محنت جي ادارن ۽ انهن جي ماڻهن سان دوستي جا رشتا وڌايا وڃن ۽ انهن سان تجربي جي ڏي وٺ

ڪئي وڃي، اسان سڀني شعبن ۾ هنن سان لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط ۽ فعال بڻائي رهيا آهيون. شروع ۾ ئي اسان کي سٺا امڪان نظر آيا. پارٽي ملڪ ۽ عوامي ادارن ذريعي مضبوط دوستاڻا لاڳاپا، برادر ملڪن جي وچ ۾ سهڪار وڌائڻ ۾ فيصلہ ڪن ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. اسان جا پاڻ ۾ ڪيترن ئي قسمن جا لاڳاپا آهن. ڪارخانن سان گڏيل محنت ڪندڙ ٽولن جي وچ ۾، خاندانن جي وچ ۾، ٻارن ۽ نوجوانن جي تنظيمن جي وچ ۾، يونيورسٽن ۽ اسڪولن جي وچ ۾، تخليقي ڪم ڪندڙن جي سنگتن جي وچ ۾ ۽ ثقافتي شخصيتن جي وچ ۾ ۽ وري محڪمن جي آفيسرن، سرڪاري عهديدارن، تجارتي ۽ صنعتي ڪارڪنن جي وچ ۾ ۽ پارٽين جي مرڪزي ڪميٽن جي سيڪريٽرين مطلب تہ زندگيءَ جي سڀني شعبن ۾، سهڪار جون منظم صورتون وجود ۾ اچي چڪيون آهن.

ڪجهہ ڳالهيون چين سان اسان جي لاڳاپن جي باري ۾ چوڻ ضروري آهن. جتي ”۽ قسمن جي تجديد“ جي باري ۾ دلچسپ ۽ ڪيترن ئي مفيد خيالن کي عمل ۾ آندو پيو وڃي، اسان چين کي هڪ وڏي سوشلسٽ طاقت جي حيثيت سان ڏسون ٿا ۽ اسان اهڙا خاص قدم کڻي رهيا آهيون تہ چين سوويت لاڳاپا، سٺي پاڙيسري، پاڻپي ۽ سهڪار واري بنياد تي وڌايا ۽ مضبوط ڪيا وڃن. هينئر ٻنهين لاڳاپن ۾ ڪافي بهتري اچي چڪي آهي. ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ اوپرائپ جو دؤر ختم ٿي چڪو آهي. اسان پنهنجي چيني ساٿين کي گڏ ڪم ڪرڻ جي دعوت ڏيون ٿا، تہ جيئن ٻنهي ملڪن ۽ قومن ۾ سٺا لاڳاپا قائم ٿين.

تاريخي ارتقا جي موجوده منزل، سوشلسٽ ملڪن کان هڪ اهم گهر ڪري ٿي تہ پنهنجي رفتار تيز ڪئي وڃي. اقتصادي، سائنسي ۽ ٽيڪنالاجيڪل طرح سان، سڀ کان پهرين پوزيشن حاصل ڪئي وڃي ۽ سوشلسٽ زندگي جي پسنديدگي کي فيصلي ڪن نموني ۾ ثابت ڪيو وڃي.

اسان ماضي جي تجربن جي باري ۾ صاف گوئي کان ڪم

ورتو آهي ۽ پنهنجي ڪم ۽ سوچ تي تنقيد ڪئي آهي ۽ سوشلسٽ برادري جي ناڪامين ۾ پنهنجي ذميواري به قبول ڪئي آهي ۽ اسان جي دوستن پڻ اسان جي نيڪ جذبن جو نيڪ جذبن سان جواب ڏنو آهي. ان سان هاڻي لاڳاپن جي نئين سر اڏاوت لاءِ ماحول سازگار ٿي ويو آهي. هاڻي اسان هن سان نئين ۽ هاڻوڪين حالتن مطابق، اعليٰ سطح تي لاڳاپا قائم ڪنداسين. اسان سڀني گڏجي سڏجي گذريل سالن ۾ سياست، اقتصاديات ۽ معلومات جي ڏي وٺ جي سلسلي ۾ گهڻي پيش رفت ڪئي آهي. جيڪڏهن في الحال اسان جون سڀ ڪوششون ڪامياب نه ويون ته ان سان اسان ڪي ڪابه گهبراهٽ نه ٿيندي. اسان ان لاءِ مسلسل ڪم ڪري رهيا آهيون ۽ نوان طريقا ڳولي رهيا آهيون. وڏي ڳالهه هي آهي ته اسان کي يقين آهي، ته اسان جو سهڪار نهايت ضروري آهي ۽ ان کي وڌائيندو رهڻ گهرجي. تاريخ جي موجوده ڏاڪي تي، جيڪو هڪ اهم موڙ آهي، سوشلسٽ ملڪن (جي حڪمران پارٽين) کي پنهنجي قومي ۽ عالمي ذميوارين جو پوري طرح احساس آهي ۽ سماجي ترقي جي رفتار کي تيزڪرڻ لاءِ، هو مسلسل نوان طريقا ڳولي انهن کي ڪتب آڻي رهيا آهن.

سائنسي ۽ ٽيڪنالاجيڪل ترقي ڏانهن وڌيل لاڙي، عوام جي تخليقي ڪوشش ۽ جمهوريت جي ترقي سان، ان ڳالهه جي ضمانت ملي ٿي، ته ايندڙ سالن ۾ سوشلزم پنهنجي بدخواهن جي اڳڪٿين جي اُبتڙ اڃا به وڌيڪ صلاحيتن کي وجود ۾ آڻيندو.

وسيع سوشلسٽ دنيا ۾ انقلابي تبديليون، هاڻي هڪ دستور بڻجي ويون آهن. اهي تبديليون وڌيڪ اثرائتيون ٿينديون پيون وڃن جيتوڻيڪ هتي سوشلسٽ ملڪن جي ترقي جو ذڪر ڪري رهيو آهيان، پر هي ترقي عالمي تهذيب ۽ ثقافت جي ترقي ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي. ●

باب پنجون

عالمي برادريءَ ۾ ٽين دنيا جو وجود

اڄ جي دنيا ۾ وڏي ڪان وڏي حقيقت عالمي نقشي تي هڪ سؤ ڪان وڌيڪ ايشيائي، آفريقي ۽ لاطيني آمريڪي ملڪن جو ظاهر ٿيڻ آهي. جن آزاد ملڪن جي حيثيت سان پنهنجي ترقي جي رستي تي سفر جي شروعات ڪئي آهي. اسان ويهين صديءَ هن عظيم عمل کي پليڪار چئون ٿا. هن تمام وڏيءَ دنيا ۾، مختلف ملڪن ۽ قومن جا مفاد ۽ مشڪل مسئلا آهن. اسان سمجهون ٿا، ته انساني ثقافت جي مستقبل جو دارومدار گهڻي حد تائين ان ڳالهه تي آهي. ته هي ٽين دنيا ڪيئن ۽ ڪيتريءَ حد تائين ترقي ڪري ٿي.

انهن ملڪن جي مجموعي آبادي ڪيئي ڪروڙ آهي. انهن جي وسيع ذخيرن ۽ صلاحيتن کي، عالمي ترقي جي لاءِ استعمال ڪرڻ جي ذميواري، رڳو سندن ڪلهن تي نه پر سڀني اسريل (Developed) ملڪن تي عائد ٿئي ٿي. ٽين دنيا ۾، هڪ طرف ته اسان تيزي سان ٿيندڙ غير هموار ۽ اذيتناڪ اقتصادي ترقي جي عمل کي ڏسون ٿا، انهن مان گهڻا ملڪ جديد صنعتي ملڪ بڻجي رهيا آهن ۽ ڪجهه ملڪ وڏي طاقت بڻجي رهيا آهن. ٽين دنيا جي گهڻن ملڪن جي آزاد حڪمت عملي، جنهن جي پيڙهه سندن قومي وقار تي رکي وئي آهي، سا هاڻي عالمي مسئلن کي وڌ کان وڌ متاثر ڪري رهي آهي.

ٻي طرف غربت، زندگي جون غير انساني حالتون، تعليم جي اڻهوند ۽ جهالت، مناسب خوراڪ جو کوٽ ۽ بک، ننڍي

عمر ۾ فوت ٿيندڙ ٻارن جي تعداد جو وڏو سيڪڙو ۽ وچڙندڙ بيماريون هي سڀ شيون هن ٽين دنيا جي مڙني ملڪن جي ادائي ارب انسانن لاءِ روزانو جو معمول بڻجي ويو آهي. هي سڀ ملڪ پهريان يورپي ملڪن جون بينڪون ۽ نيم بينڪون هئا. اهو ڪڙو سچ آهي. ١٩٨٠ع جي ڏهاڪي جي منڊ کان ٽي، ٽين دنيا ۾ في ماڻهو جي آمدني، سرمائيدار صنعتي ملڪن جي ڀيٽ ۾ يارهن ڀيرا گهٽ هئي. اڄڪلهه اهي فرق اڃا به وڌي ويو آهي ۽ ڏينهون ڏينهن ويتر وڌي رهيو آهي. اولهه جا شاهوڪار ملڪ، ان جي باوجود، نيم بينڪي ملڪن کان هڪ قسم جو ”ڏن“ اڄ به وصول ڪري رهيا آهن. رڳو گذريل ڏهاڪي ۾، آسرندڙ ملڪن مان آمريڪا جي وڏين ڪمپنين، پنهنجي سيڙايل ناڻي کان چئوڻي رقم پنهنجي ملڪ واپس موڪلي آهي. آمريڪين لاءِ ته اهو ڪاروبار نفعي بخش آهي، پر اسان ان صورتحال کي ٻئي طريقي سان ڏسون ٿا. ان تي اسان پوءِ ڳالهه ڪنداسين.

آسرندڙ ملڪن مٿان ڳرن پرڏيهي قرضن جو بار پيل آهي. جڏهن هن صورتحال کي نفعي جي وڏين وڏين رقمن سان ڏٺو وڃي، جيڪي هر سال ٻاهر موڪليون وينديون آهن، ته وڌندڙ قرض جو هڪ ئي نتيجو ٿي سگهي ٿو. انهن ملڪن جي ترقي جي رفتار تي اونڌيرو ڇانيل رهي ۽ سماجي، معاشي ۽ ٻين مسئلن جي صورتحال ويتر خراب ٿيندي وڃي، جيڪا هاڻي به ڪافي حد تائين خراب آهي.

هڪ ڀيرو آءٌ فرانس جي صدر مترانَ سان ڳالهه ٻول ڪري رهيو هوس. گفتگو جو تت هيءُ هو، ته هر سرمائيدار ڪارخاني مان وڌ کان وڌ نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ان جي باوجود هڪ سرمائيدار يا ادارو مزورن جي دٻاءُ تحت اهڙين حقيقتن سان ٺاهه ڪري وٺي ٿو، ته جيڪڏهن ڪارخاني کي موثر طرح ڪم ڪرڻو آهي، ته اهو ضروري آهي ته ملازمن جي آمدنين کي يقيني بڻايو وڃي. پلي انهن جي سطح هيٺائين رکي وڃي. پوءِ به اهي ايتريون ضرور هجن جو، انهن جي (مزورن جي) پئداواري صلاحيت کي برقرار رکي سگهن، انهن جي صحت کي برقرار

رکن. انهن جي لياقت ۽ مهارت کي بهتر بڻائين ۽ انهن جي ٻارن جي پرورش جو انتظام ڪري سگهن. سرمائيدار ائين ڪرڻ تي مجبور هوندو آهي. ڪپس يقين آهي ته ائين ڪرڻ سان ڪيس اڄ ۽ سڀاڻي جي نفعي جي اڳواٽ ضمانت مهيا ٿيندي آهي. پر سرمائيداراڻي نظام جنهن جي نمائندگي اوله يورپ جا ملڪ ۽ آمريڪا ڪن ٿا، پنهنجي ۽ پنهنجي اڳوڻين ڪالونين جي وچ ۾ لاڳاپن جي ان سادي سچائي کي سمجهڻ کان به اکيون ٻوٽي ڇڏيون اٿن. سرمائيداري ايشيا، آفريقا ۽ لاطيني آمريڪا سان پنهنجي اقتصادي لاڳاپن کي، اهڙي ڏاڪي تائين پهچائي ڇڏيو آهي، جتي سڀ جون سڀ قومون، معاشي جمود جو شڪار ٿي ويون آهن. هو خود پنهنجي زندگي جي اشد ضرورتن کي پورو نٿيون ڪري سگهن ۽ ڳرن قرضن جي جو ڪائنتي گهچڙ ۾ ڦاسي بيوس بڻجي چڪيون آهن.

اها ڳالهه ڏينهن وانگر پڌري آهي، ته هي نوان آزاد ٿيل ملڪ، پنهنجي موجود حالتن ۾ پنهنجا قرض واپس نه ڪري سگهندا. جيڪڏهن بظاهر حل نه ٿيندڙ مسئلي، جو مناسب حل نه ڳوليو ويو ته تمام خطرناڪ نتيجا به نڪري سگهن ٿا. اسرندڙ ملڪن جو مجموعي ڳرو طرح قرض، اهڙي ٻم وانگر آهي، جيڪو ڪنهن به لمحي ڦاٽي سگهي ٿو. هڪ چڻنگ ان کي رڪ يڻائي ڇڏيندي ۽ ان جا نتيجا ڏاڍا تباهه ڪن هوندا. اها ڳالهه سيني کي چڱي طرح سمجهڻ گهرجي ته هڪ وڏو موتمار ڌماڪو ٿي رهيو آهي.

اسرندڙ ملڪن جو قرض اڄ دنيا جي سڀ کان اهم مسئلن مان هڪ آهي. اهو قرض ڪيتري وقت کان هلندو ٿو اچي. پر يا ته ان کي ملتوي ڪيو ويندو آهي يا ان ڏانهن اکيون ٻوٽيون وينديون آهن. يا ان کي رڳو ڳالهه ٻولهه جو موضوع بڻايو ويندو آهي. اوله جي ملڪن جي اڳواڻن، ان مسئلي جي سنگينيءَ جو ڪاٿو ناهي ڪيو ۽ هو ان مان جنم وٺندڙ معاشي اٿل پٿل جي خطري کي چاڻي واڻي نظرانداز ڪري رهيا آهن. هو ان مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ ڪمزور، اڻپورا ۽ بي اثر طريقا پيش ڪندا آهن ۽

هو هن سنگين صورتحال کي ڪڏهن به خوش رنگ نسخن سان ٽارڻ جي خواهش ڪندا رهندا آهن. هو اُسرندڙ ملڪن سان معاشي سهڪار کي صحتمند بنائڻ جي لاءِ مثبت ۽ حقيقت پسند قدم کڻڻ لاءِ تيار ناهن. اصل ۾ هو ائين ڪرڻ ئي نٿا چاهين.

جيڪڏهن دنيا ۾ حقيقت پسندانه تبديليون اَچيون آهن ۽ هڪ نئون عالمي اقتصادي نظام قائم ڪرڻو آهي ته وڏيون ڪوششون ڪرڻيون پونديون. هي هڪ ڏکيو ۽ اڙانگو سفر هوندو. ان ڪانسواءِ غير متوقع صورتحال جي لاءِ به تيار رهڻو پوندو. عالمي لاڳاپن جي نئين تشڪيل جي تقاضا آهي ته سڀني ملڪن جي مفادن جو خيال رکيو وڃي. سڀني ملڪن جي مجموعي مفادن ۾ هڪ توازن جي ضرورت آهي. پر هي ڳالهه وڏي ڳڻتي جوڳي آهي ته گهڻا اهڙا ماڻهو به آهن، جيڪي پنهنجي طرفان ڪا رعايت ڏيڻ لاءِ تيار ناهن.

عالمي جهڳڙا

ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا ۾، گهڻن جهڳڙن جو بنياد، اُسرندڙ ملڪن جون سنگين معاشي حالتون آهن. جنيوا ۾ اسان جي ملاقات دوران، ان موضوع تي گفتگو ڪندي مون چيو هو ته سڀ کان اڳ ۾ اهو ڏسڻ گهرجي ته اهي علائقائي جهڳڙا ڪٿان ٿا اچن؟

سچ هي آهي ته جيتوڻيڪ هي علائقائي جهڳڙا پنهنجي ڳڙ جي لحاظ کان هڪ ٻئي کان مختلف هوندا آهن ۽ هڪ ٻئي جي مخالف طاقتن وانگر نظر ايندا آهن ته به هو عام طور تي مقامي سطح تي مقامي سببن جي ڪري ظاهر ٿيندا آهن. انهن جي پويان انهن اندروني يا علائقائي جهڳڙن جو وجود آهي. جيڪي سامراجي شهنشاهيت پنهنجي پويان ورثي طور ڇڏيا آهن يا نون سماجي عملن جي ڪري پيدا ٿيا يا پرائين غاصبانه جنگين کان يا ان ئي مان پيدا ٿيا آهن.

هي گهوٽالا ۽ جهڳڙا عالمي دهشت گردي جي پرورش ڪن ٿا. سوويت يونين اصولي طرح دهشت گردي کي غلط سمجهي ٿو

۽ پين قومن سان گڏجي هن سماجي برائي جي خاتمي لاءِ ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهي. ان ڪم لاءِ مرڪز گڏيل قومن ۾ قائم ٿيڻ گهرجي. گڏيل قومن جي تحت هڪ اهڙي عدالت قائم ٿيڻ گهرجي، جيڪا عالمي دهشت گردي جي واقعن جي کوجنا ڪري. گذريل سال اسان ۽ آمريڪا، برطانيه، فرانس، اولهه جرمني، اٽلي، ڪئناڊا ۽ سويڊن جي وچ ۾ ان موضوع تي سنجيده ڳالهه ٻولهه ٿيندي رهي. ان ڳالهه ٻولهه ۾ اسان دهشت گردي جي خلاف اثرائتي قدمن کڻڻ جون تجويزون پيش ڪيون. اسان ان لاءِ ٻه طرفي ناهن لاءِ به تيار آهيون.

مونکي اميد آهي ته آئنده ڪجهه سالن ۾ دهشت گردي خلاف گهڻن ملڪن جي گڏيل جدوجهد ۾ واڌ اچي ويندي ۽ حصو وٺندڙ ملڪن جي انگ ۾ واڌارو اچي ويندو. بهرحال هڪ ڳالهه بلڪل غيرمتنازعه آهي ته جيڪڏهن دهشت گردي جي پاڙ پٽڻي آهي ته ضروري آهي ته اسان ان سڀني کي ختم ڪريون، جيڪي جهيڙن دهشت گردي کي جنم ڏين ٿا.

مون کي ڪيترا ڀيرا اولهه جي نالي چڙهين سياستدانن جي انهيءَ الزام جو جواب ڏيڻو پيو ته علائقائي جهيڙن جو وجود "ڪريملن جي سازشي سرگرمين" جي پيداوار آهي. پر ڏسڻو اهو آهي ته حقيقت اصل ۾ ڇا آهي؟

وچ اوڀر ۾ گهڻن سالن کان اسرائيل ۽ سندس پاڙيسرين جي وچ ۾ هڪ جهيڙو هلي رهيو آهي. ڇيو وڃي ٿو ته ماسڪو اصل ڏوهي آهي. ڇا ان ڪري جو هو هميشه اسرائيل جي واڌار پسندي جي مخالفت ڪندو آهي ۽ عرب قومن جي آزادي ۽ خودمختياري جي حقن ۽ فلسطيني باشندن جي حقن جي حفاظت چاهي ٿو. تعجب آهي ته سوويت يونين تي اسرائيل دشمن رويي جو بي بنياد الزام هنيو ويندو آهي. حالانڪ اسان جو ملڪ اسرائيل جي قائم ٿيڻ ۾ مدد ڏيڻ وارن ملڪن مان هڪ هو.

اهم مسئلن تي سنجيدگي سان غور ڪرڻ ضروري هوندو

آهي. وچ اوڀر وارو مسئلو ڏاڍو منجهيل مسئلو آهي. ڇو ته ان ۾ گهڻن ملڪن جا مفاد هڪٻئي سان ٽڪرائجي رهيا آهن.

هن علائقي ۾ صورتحال هميشه جوکن سان ڀريل رهي آهي. اسان اوڀر ۽ اولهه جي مسئلن جي حل لاءِ، انهن مشڪل صورتحال کي حل ڪرڻ ضروري سمجهون ٿا. ڇو ته ائين ڪرڻ سڄي دنيا لاءِ ضروري آهي. هڪ سوچ اها به آهي ته وچ اوڀر جا مسئلا حل ٿيڻ جوڳا ناهن. اها سوچ سمجهه ۾ نه اچڻ جوڳي آهي ۽ سياسي ۽ اخلاقي، ٻنهي سببن ڪري، هن خيال سان سهمت ٿيڻ ناممڪن آهي. منطقي طرح سان ان جو نتيجو اهو نڪرندو ته وچ اوڀر جون حالتون، اڃا خراب ٿينديون. يقيناً وڏيڪ لڙايون ٿينديون ۽ هن خطي جي قومن کي وڌيڪ تڪليفون پهچنديون. ڇا هن وقت ان مسئلي کي حل ڪرڻ جي لاءِ عملي قدم کڻڻ بهتر نه ٿيندو؟

اسان سمجهون ٿا ته اسان سڀني کي اهڙن ماڻهن جي مدد ڪرڻ گهرجي، جيڪي وچ اوڀر جي مسئلن جي انصاف پرڻي سياسي ناه لاءِ، نيون تجويزون پيش ڪن ۽ جمود کي ختم ڪري عملي قدم کڻڻ لاءِ تيار هجن.

اسان مڃون ٿا ته موجوده حالتن ۾ وڙهندڙ ڌرين جي مفادن کي هم آهنگ ڪرڻ ڏکيو آهي. پر اهو نهايت ضروري آهي ته عربن، اسرائيل ۽ سنڌس پاڙيسري ملڪن ۽ ٻين طاقتن جي مفادن ۾، اهڙي اهم عنصرن جي تلاش ڪريون جن تي سڀ ڌريون متفق هجن. بهرحال اسان قطعاً نٿا چاهيون ته ڪنهن ناه تائين پهچڻ لاءِ يا ان حل جي مقصدن جي حاصلات لاءِ، ڪنهن به طرح آمريڪا ۽ اولهندي جي ملڪن جي مفادن کي نقصان پهچي. اسان آمريڪا کي وچ اوڀر مان ڪيڍڻ جو ارادو نٿا رکون. ڇو ته ائين سوچڻ حقيقت کان اڪيون پورڻ برابر آهي. پر آمريڪا کي پنهنجون اکيون کولڻ گهرجن.

سڀ کان اهم ڳالهه هي آهي ته هن مسئلي سان واسطيدار سڀني ڌرين جي مفادن کي تسليم ڪرڻ ضروري آهي. اها ڳالهه

خاص طرح سان، اسان جي ان پراڻي تجويز جي باري ۾ چوڻ ضروري آهي، جيڪا اسان وچ اوڀر جي موضوع تي هڪ عالمي ڪانفرنس سڏائڻ لاءِ پيش ڪئي هئي. مون ان جو ذڪر اڳوڻي آمريڪي صدر **جمي ڪارٽر** سان هڪ ملاقات ۾ ڪيو هو. آمريڪين پاڻ پنهنجي تجربي مان، اها ڳالهه ذهن سالن جي ڏکي عرصي ڪانپوءِ وڃي سمجهي آهي. حالانڪ هو پنهنجي گذريل اڳواڻن جي تجربن مان، اها ڳالهه چاڻي پئي سگهيا ته الڳ الڳ معاهدن سان ڪجهه حاصل ڪونه ٿيندو. معلوم ائين ٿو ٿئي ته هنن پيهر حالتن مان سبق سکيو آهي ۽ واشنگٽن صورتحال جو وڌيڪ حقيقت پسندي سان اڀياس ڪيو آهي ۽ وچ اوڀر جي مسئلن تي وسيع تر پس منظر ۾، ڳالهيون ڪرڻ طرف ڌيان ڏيئي رهيو آهي.

هاڻي نهايت ضروري آهي ته انهن مسئلن تي مفيد ڳالهه ٻولهه کي مثبت انداز ۾ شروع ڪيو وڃي. هاڻي جيڪا به ڳالهه ٻولهه ٿئي، ان ۾ پهريان طئه ڪيل به ڌرڻي ۽ گهڻ قومي ناهه به شامل ڪيو وڃي ۽ هڪ انصاف تي ٻڌل سياسي ناهه جي ڳولا ۾، سچي سرگرمي ڏيکاري وڃي. جيڪڏهن تجويز ڪيل ڪانفرنس الڳ الڳ معاهدن کي پنهنجي دائري ۾ نٿي آڻي، جيڪڏهن هو وچ اوڀر جي مسئلن جو هڪ سچو ۽ اثرائتو ناهه ڪرڻ چاهي ٿي، جنهن ۾ عرب ملڪن، فلسطين ۽ اسرائيل جي مفادن جو خيال رکيو وڃي ته اسان هن ڪانفرنس جي مختلف سطحن تي شامل ٿيڻ لاءِ تيار آهيون ۽ هن ڪم ۾ هر قسم جي مدد پڻ ڪنداسين ۽ ان ڏس ۾ اسين تعميري رويو اختيار ڪنداسين.

آءٌ ان ڳالهه تي زور ڏيڻ چاهيان ٿو ته اسان کي اصولي طرح اسرائيل سان ڪا دشمني ڪونهي. اسان سندس وجود جي جائز حق کي تسليم ڪريون ٿا. پر موجوده حالتن ۾ ۽ اسرائيل جي عمل کي ڏسندي، اسان اسرائيل سان سفارتي لاڳاپا قائم نٿا ڪري سگهون. جيڪڏهن حالتون بدلجي وڃن. جيڪڏهن اسان کي وچ اوڀر ۾ توازن وارو ۽ معتدل ماحول آيرندو نظر اچي. جيڪڏهن ناهه جا

امڪان روشن هجن، ته اِن موضوع تي ڀيهر سوچي سگهجي ٿو. اسان جي ذهن ۾ ڪو مونجهارو ناهي. جيستائين اسان ٻنهي ملڪن جيءَ وچ ۾، اڳ ۾ موجود لاڳاپن وارو تعلق آهي، اسان ان کي برقرار رکنداسين.

هاڻي ڌرتي تي موجود هڪ ٻئي نازڪ صورتحال واري علائقي جو ذڪر ڪندس. يعني وچ آمريڪا جو. ان علائقي ۾ سچو جهڳڙو ڇا جو آهي؟ نڪاراگوا ۾ عوام دشمن سمورا حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو ويو ۽ عوامي انقلاب سوڀارو ٿيو. هتي به اسان جي مخالفن "ساندي نما انقلاب" کي بنان سوچڻ سمجهڻ جي ماسڪو ۽ ڪيوبا جي ڪاروائي چيو. اها ڪسوٽي آهي، اسان جي اولهندي جي دوستن جي، سطحي نظرياتي دليلن ۽ سياسي اخلاقيات جي. انجي بنياد خيال تي هنن هڪ ننڍي ملڪ خلاف غيرقانوني جنگ شروع ڪري ڇڏي آهي. هن ملڪ جو 'قصور' هيءُ آهي ته اتان جي عوام پنهنجي پسند جو رستو چونڊيو آهي ۽ ٻاهرين مداخلت کي رد ڪري ڇڏيو آهي. جيڪو نڪاراگوا ۾ ٿيو آهي، ان مان اندازو ٿئي ٿو ته ٻين ملڪن ۾ ڇا ڪجهه ٿي سگهي ٿو. اسان کي اهو الزام ٻڌي عجب لڳندو آهي ته نڪاراگوا کان آمريڪا جي سلامتي کي خطرو آهي ۽ اهو ته هتي سوويت يونين پنهنجا اڏا ناهي رهيو آهي. انهن اڏن جي باري ۾ اهو سمجهيو ويندو آهي ته آمريڪين کي ان جي خبر آهي پر يقين ڪريو ته مون انهن جي خبر ناهي!

ان موضوع تي مارگريٽ ٿيچر سان منهنجو ڏاڍو گرما گرم بحث ٿيو. مون چيو ته زندگي جي برداشت نه ٿيڻ جوڳي حالتن، نڪاراگوا جيءَ عوام کي انقلاب آڻڻ تي مجبور ڪيو هو. اهي حالتون برطانيه جي آمريڪي دوستن پيدا ڪيون هيون. آمريڪين سڄي وچ آمريڪا کي، پنهنجي جاگير سمجهي ورتو آهي. هو بيرحمي سان انهن جي وسيلن کي ڪوٽي ڪڍي رهيا آهن ۽ هاڻي هو حيران ٿي رهيا آهن ته هتان جو عوام سندن خلاف ڇو اٿيو آهي! جيڪو

نڪاراگوا ۾ ٿيندو رهيو آهي آهو ته ساندينستا (Sanduista) * پارٽي ۽ نڪاراگوا جي عوام جو معاملو آهي. مون مسز ٿيچر کان پڇيو ته، ”توهان اسان تي نڪاراگوا جي عوام سان دوستي جو الزام هڻو ٿيون. ڇا توهان ان کي درست سمجهيو ٿيون ته نسل پرستي ۽ نسل پرستن جي مدد ڪئي وڃي. ڇا ائين ڪرڻ ڪانپوءِ به توهان دنيا سان اکيون اکين ۾ ملائڻ کان گهبرايو نٿيون؟ اسان انهن قومن جي آزاديءَ جي تحريڪن جي حمايت ڪندا آهيون، جيڪي سماجي انصاف لاءِ وڙهي رهيون آهن. پر توهان ائين نٿا ڪريو، هتي پنهنجا رويا هڪٻئي جي اُبتڙ آهن.

حقيقت هي آهي ته جيڪڏهن آمريڪا، نڪاراگوا کي، امن سان رهڻ ڏئي ته ان ۾ پاڻ آمريڪا جو ئي فائدو آهي ۽ اها ڳالهه لاطيني آمريڪي عوام جي حق ۾ به ڪارائتي ثابت ٿيندي ۽ سڄي دنيا جي حق ۾ ڪارائتي ٿيندي.

وڏن خطرناڪ مسئلن کي پوئتي نٿو ڇڏي سگهجي. آهي پنهنجو پاڻ حل ڪونه ٿيندا. ڏکڻ آفريقا جون حالتون گهڻي عرصي کان خراب آهن. ڏکڻ آفريقا جي سڄي آبادي نسلي مت ڀيد جي مخالف آهي ۽ ان غيراخلاقي ظالم حڪومت جي به مخالفت ڪري ٿي، جنهن جو بائيڪاٽ عالمي ادارن ۾ وڌندو پيو وڃي. پر اولهه ۾ گهڻا ماڻهو ان جهيڙي واري صورتحال ۾ پڻ ڪميونسٽن جي سازش ۽ 'ماسڪو جو اثر' محسوس ڪندا آهن، حالانڪ ڏکڻ آفريڪا ۾ سوويت يونين جي موجودگي جو ڪو به ثبوت نه آهي. پر آمريڪا ۽ ان جي ساٿين جي باري ۾ اها ڳالهه نٿي چئي سگهجي. اها ساڳي ڳالهه نار جي علائقي جي صورتحال جي باري ۾ به آهي.

---

* ساندينو نيشنل لبريشن فرنٽ (S.N.L.F) نڪاراگوا جي انقلابي تنظيم جنهن نڪاراگوا کي سوموزا جي آمريڪا نواز آمرائي آپيشاهي کان آزاد ڪرايو. ساندينو نڪاراگوا جي قومي هيرو آهي. (سنڌيڪار)

صورتحال جو جيڪو جائزو سوويت يونين ورتو آهي، ان جي خيال ۾ حالتن جي خرابي جا ڪارڻ اهي آهن، جيڪي سيني کي معلوم آهن. اها ڳالهه سرڪاري اعلانن ۾ به چئي وئي آهي. گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل ۾ هڪ ٺهراءُ بحال ڪيو ويو. ان ۾ گهر ڪئي وئي، ته لڙائي ترت بند ڪئي وڃي ۽ سڀ فوجي ڪاروائيون روڪيون وڃن ۽ ايران ۽ عراق ٻنهي جون فوجون عالمي طرح تسليم شده سرحدن ڏانهن واپس هليون وڃن. سوويت يونين ان ٺهراءَ جي حق ۾ ووٽ ڏنو. پر آمريڪا سلامتي ڪائونسل جي ٺهراءَ واري روح جي ابتڙ قدم کڻندي، عراق، ايران جهڳڙي ۾ هٿ چراند جا بهانا ڳولي رهيو آهي ۽ نار جي علائقن ۾ پنهنجي فوجن جو انگ وڌائي رهيو آهي. سندس چوڻ آهي، ته سوويت يونين کان اولهه جي ملڪن جي مفادن کي خطرو آهي ۽ انهن مفادن جي حفاظت بهرحال ضروري آهي. آمريڪا اهو به چوندو آهي، ته هن جهڳڙي جي پڄاڻي کان پوءِ به هو نار ۾، پنهنجون فوجون مستقل طور رکندو.

اهو آهي سوويت آمريڪي مخالفت جي نقطئه نظر کان مختلف علائقائي جهڳڙن جو جائزو. اسان جو تاثر هي آهي، ته آمريڪا کي ان قسم جي علائقائي جهڳڙن جي ضرورت آهي، ته جيئن هو مخالفتن کي وڌائي چڙهائي، سوويت دشمن پرچار ڪري سگهي ۽ پنهنجي طاقت جي ٻل تي جيئن وڻيس تيئن ڪندو رهي. ان جي ابتڙ سوويت يونين جو نقطئه نظر هيءُ آهي ته ان علائقائي جهڳڙن کي ٻن سرشتن جي وچ ۾ دشمني وڌائڻ لاءِ استعمال نه ڪيو وڃي. اهو خاص طرح اڃا وڌيڪ ضروري ٿي پئي ٿو، جڏهن سوويت يونين ۽ آمريڪا جو، هڪ ٻئي سان وڙهندڙن ڌرين جي حيثيت ۾، آمهون سامهون ٿيڻ جو خطرو هجي.

جيئن ته اسان علائقائي جهڳڙن جي سوال تي ڳالهه ٻولهه جي شروعات ڪئي آهي. پڙهندڙ پڇي سگهي ٿو، ته افغانستان جي مسئلي تي آءٌ ڇا چوڻ چاهيان ٿو. شايد هي ڳالهه دنيا جي

گهٽ ماڻهن کي معلوم ناهي ته افغانستان پهريون ملڪ هو، جنهن سان سوويت يونين سفارتي لاڳاپا قائم ڪيا هئا. اسان هميشه هن ملڪ، هن جي بادشاهن ۽ قبائلي سردارن سان دوستاڻا لاڳاپا رکيا آهن. اهو صحيح آهي ته افغانستان جي نهايت پوئتي پيل هجڻ ڪري، ان جا مسئلا به آهن ۽ افغانستان جي پسماندگي انگريز حڪومت جي ڪري پيدا ٿي هئي. اها قدرتي ڳالهه هئي ته ڪيترائي افغان پنهنجي ساڻين جي پراڻن طريقن کان، نجات حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڪرڻ چاهيندا هئا. رياستي ۽ عوامي ادارن جي لائينن تي سڌارو چاهيندا هئا ۽ ملڪ جي ترقي جي رفتار کي، تيز ڪرڻ چاهيندا هئا. پر جيئن نئي ترقي پسند تبديلين جون رٿون ناهيون ويون، ته افغانستان کان ٻاهر جي سامراجي طاقتن ان تي دٻاءُ وجهڻ شروع ڪيو. تنهن ڪري افغان سوويت ناهه مطابق افغانستان جي اڳواڻن سوويت يونين کان مدد گهري. هنن ٻارهن دفعا اسان کي مدد لاءِ چيو، تڏهن وڃي اسان هڪ مختصر ۽ محدود فوج هن ملڪ ڏانهن موڪلي.

اسان چاهيون ٿا ته اسان جا سپاهي جلد کان جلد پنهنجي گهرن ڏانهن ورن. هي مسئلو گهٽي حد تائين طئي ٿي چڪو آهي. پر ان مسئلي جو سڌو سنئون تعلق ان ڳالهه سان آهي، ته افغانستان جي چوڌاري علائقن ۾ سياسي ناهه جي صورت پيدا ٿي وڃي. اسان موجوده افغان اڳواڻن جي قومي صلح جي پاليسي جي حمايت ڪريون ٿا. سوويت يونين چاهي ٿو، ته افغانستان اڳ وانگر هڪ آزاد، خودمختيار ۽ غيرجانبدار ملڪ بڻجي وڃي. اهو افغان قوم جو بنيادي حق آهي، ته هو ڪهڙو به رستو اختيار ڪن، ڪنهن به قسم جي حڪومت قائم ڪن ۽ ترقيءَ جي ڪهڙن پروگرامن تي عمل ڪن. آمريڪي هٺ چرانڊ جي ڪري اسان کي فوجون ڪيڻ ۾ رنڊڪ پئجي رهي آهي ۽ اٿين افغانستان جي مسئلي جي حل ۾ رنڊڪ پيدا ٿي رهي آهي.. انقلاب دشمنن کي اسٽنگر ميزائيل ڏيڻ، جيڪي مسافر هوائي جهازن کي نشانو بڻائڻ لاءِ استعمال ڪن ٿا، هڪ غير اخلاقي ۽ قطعي طرح سان غير منصفاڻو قدم آهي.

سڀني قومن کي پنهنجي ترقيءَ لاءِ پنهنجي پسند جو رستو چونڊڻ جو حق آهي.

هر قوم کي ترقيءَ جي لاءِ پنهنجي پسند جو رستو اختيار ڪرڻ جو حق آهي. ڪين پنهنجي مستقبل، علائقي، قدرتي ۽ انساني وسيلن کي استعمال ڪرڻ جو پورو پورو حق آهي. جيستائين سڀ ملڪ ان اصول کي مڪمل طرح نٿا سمجهن يا تسليم نٿا ڪن، تيستائين عالمي لاڳاپن ۾ توازن ۽ بهتري پيدا نه ٿيندي. ملڪن يا قومن جي وچ ۾ نظرياتي ۽ سماجي اختلاف ۽ سياسي نظامن جي وچ ۾ اختلاف، اصل ۾ انهن ملڪن جي عوام جي خاص چونڊ ڪري ئي پيدا ٿيا. تنهن ڪري ان قومي پسند کي عالمي لاڳاپن ۾ اهڙي طرح استعمال نه ڪرڻ گهرجي، جنهن سان اهڙا لاڙا ۽ واقعا پيدا ٿين، جن سان جهيڙن کي چرچ ملي ۽ فوجي ٽڪر جو خطرو پيدا ٿي پئي.

وقت اچي ويو آهي، ته اولهه جي ملڪن جا اڳواڻ، بيٺڪي دور جي نفسيات ۽ سوچن کي الوداع چون. جلد يا دير ڪين ائين ڪرڻو ئي پوندو. جيستائين اولهه جا ملڪ ٽين دنيا کي پنهنجي اثر هيٺ رکڻ ضروري سمجهن ٿا ۽ ٽين دنيا جي ملڪن مٿان پنهنجو تسلط ۽ اقتدار قائم رکڻ تي بضد آهن، تيستائين عالمي لاڳاپن ۾ ڇڪتاڻ رهندي ۽ جيئن جيئن اولهه جي سامراج خلاف تحريڪون اٿنديون رهنديون. مختلف هنڌن تي نوان محاذ کلندا رهندا . جڏهن اسان اهڙي انداز سان ڳالهه ڪندا آهيون ته اولهه جي ملڪن جا اڳواڻ ان کي پسند نه ڪندا آهن. جڏهن اسان اچي کي اڇو ۽ ڪاري کي ڪارو چوندا آهيون ته اسان جا مخالف چڙي پوندا آهن. اسان جا مخالف اسان جي سياسي جائزن کي هڪ پاسي آمريڪا ۽ اولهه يورپ جي روائتي لاڳاپن ۾، اسان جي پاران حدون اورانگهڻ سمجهندا آهن، ٻي پاسي هو انهن کي اسرندڙ ملڪن ۽ آمريڪا وچ ۾ لاڳاپن منجهه هٿ چراند سمجهندا آهن. هو اسان تي الزام هڻندا آهن ته اسان سرمائيدار

ملڪن جي رهواسين جو معيار زندگي ڪيرائڻ چاهيون ٿا.

مون ڪيترن موقعن تي وضاحت ڪئي آهي، ته اسان اهڙن مقصدن لاءِ ڪم نٿا ڪريون، جيڪي اولهندي وارن ملڪن جي مفادن خلاف هجن. اسان کي خبر آهي، ته آمريڪي ۽ اولهه يورپ جي معيشيت لاءِ وچ اوڀر، ايشيا، لاطيني آمريڪا، ٽين دنيا جا ٻيا ڪيترا ئي ملڪ ۽ ڏکڻ آفريقا پڻ ڪيتري قدر اهميت رکن ٿا. اسان هرگز اهو نٿا چاهيون ته انهن لاڳاپن کي ٻنهي ختم ڪيو وڃي. اسان تاريخي طرح قائم ٿيل گڏيل معاشي مفادن ۾، ڪنهن به قسم جي رنڊڪ وجهڻ نٿا چاهيون.

پر هي تسليم ڪرڻو پوندو ته هاڻي وقت اچي ويو آهي، ته ٽين دنيا جون قومون پنهنجي مقدر جون پاڻ مالڪ بڻجن ۽ پنهنجو پاڻ تي حڪومت ڪن. هنن اڻ ڳڻين سالن جي سخت جدوجهد کان پوءِ سياسي آزادي حاصل ڪئي آهي. هاڻي هو معاشي طرح به آزاد ٿيڻ چاهين ٿا. انهن ملڪن جي اڳواڻن کي جن مان گهڻن سان آءٌ ملي چڪو آهيان، پنهنجي عوام جو اعتماد حاصل آهي. هو پنهنجي عوام جي بهتريءَ لاءِ گهڻو ڪم ڪرڻ گهرن ٿا، هو پنهنجي ملڪن کي حقيقي معنيٰ ۾ آزاد ڏسڻ چاهين ٿا، ته جيئن هو ٻين ملڪن سان برابريءَ جي بنياد تي لاڳاپا قائم ڪري سگهن. پنهنجي وسيع قدرتي ۽ انساني وسيلن کي، پنهنجي قومي ترقيءَ لاءِ استعمال ڪرڻ جي سندن خواهش ڏاڍي معقول ۽ جائز آهي. اسريل ملڪن وانگر سٺي زندگي گذارڻ چاهين ٿا. پر انهن ملڪن ۾ خوراڪ جي کوٽ آهي. بک ۽ بيماري آهي. هنن جي وسيلن ۽ ذخيرن جي ترقي يافته ملڪ ڦرلٽ ڪري رهيا آهن. جيڪي انهن مان ٿيندڙ آمدنين مان پنهنجا خزانا ڀري رهيا آهن. اسرندڙ ملڪن سان سندن ڏي وٺ جا لاڳاپا برابري وارا ناهن. اهڙي طرح هو انهن ملڪن کي غريب رهڻ تي مجبور ڪن ٿا. جڏهن هو انهن جي دولت مان شاهوڪار ٿيندا پيا وڃن. اسرندڙ ملڪ هاڻي گهڻو عرصو هن غير منصفاڻي صورتحال کي برداشت نه ڪندا.

هي ان دؤر جي هڪ وڏي حقيقت آهي، جنهن کي گهڻا اولهندي جا ملڪ ڏسڻ جي باوجود، تسليم ڪرڻ کان ڪن ٽار ڪري رهيا آهن. بهرحال هي اهڙي حقيقت آهي، جنهن کي مڃڻ کانسواءِ ڪا ٻي واهه ڪانهي. اهو ان ڪري به ضروري آهي، جو ڪيترا ئي ملڪ ان تجربي مان گذري رهيا آهن.

جيترو جلد هي حقيقت سڀني ڪنڊن جي ماڻهن کي سمجهه ۾ ايندي، اوترو جلد عالمي لاڳاپن ۾ صحيح توازن اچي ويندو. ان ۾ عالمي لاڳاپا بهتر ٿي ويندا. هي تمام اهم ۽ بنيادي مسئلو آهي. سو ضروري آهي ته ان کي عالمي مسئلو مڃيو وڃي ۽ ان کي ان ڪنڊ کان ڏٺو وڃي ۽ ان کي اهڙي نموني حل ڪيو وڃي، جو سڀني جي مفادن ۾ توازن رهي. انتظامي جوڙجڪ تيار ڪئي وڃي ۽ عالمي برادري جي گڏيل دائري ۾ رهي، ان مسئلي جو حل ڳوليو وڃي. ان مسئلي تي غور ڪرڻ لاءِ اقوام متحده ئي بهترين ادارو فراهم ڪري سگهي ٿي. اسان پنهنجي طرف کان هن موضوع تي تجويزن جو مسودو ناهي رهيا آهيون. مون هڪ ملاقات دوران اقوام متحده جي سيڪريٽري جنرل **پيريز ڊي ڪوئيار** کي اها ڳالهه ٻڌائي هئي. هن ان مسئلي کي گڏيل قومي ادارن ۾ پيش ڪرڻ جي حمايت ڪئي هئي. آسرنڌڙ ملڪن جي اڪثريت غير جانبدار پاليسين جي پوئلڳ آهي. ان رويي جي ڪري، غيرجانبدار تحريڪ جي شروعات ٿي. ان ۾ هڪ سؤ کان وڌيڪ ملڪ شامل آهن، جيڪي دنيا جي آبادي جي وڏي حصي تي مشتمل آهن، هي تحريڪ عالمي معاملن ۾ هڪ عظيم طاقت ۽ اهم عنصر بڻجي چڪي آهي. هن تحريڪ هڪ نئين قسم جي عالمي لاڳاپن جو تصور ڏنو آهي، جنهن ۾ ڪيترا نوان رويا ۽ خاصيتون موجود آهن. غيرجانبدار تحريڪ نين آزاد ٿيل قومن جي، هڪ ٻئي سان برابري جي اصول تي گڏيل سهڪار ۽ عالمي لاڳاپن ۾ ڌمڪي ۽ ڌانڌلي ختم ڪرڻ جي خواهش جي مادي علامت بڻجي وئي آهي. سوويت يونين هن تحريڪ جي مقصدن کي چڱي طرح سمجهي ٿو ۽ ان جي مڪمل

ڪري ٿو.

ڪجهه وقت اڳ گهڻن غير جانبدار ملڪن جو خيال هو ته بارود کي گهٽائڻ ۽ ائٽمي هٿيارن جي ذخيرن کي مڪمل طرح سان ختم ڪرڻ، رڳو ٻن وڏي طاقتن جي خاص اختيارن ۾ شامل هو (يعني آمريڪا ۽ سوويت يونين) ۽ آسرندڙ ملڪن جو ان مسئلي سان ڪو خاص تعلق ناهي. بهرحال هراري (زمباوي جي گاديءَ جو هنڌ) جي اٺين سرواڻ ڪانفرنس ۾، هن تحريڪ بارود گهٽائڻ ۽ سڄي دنيا جي عوامي ترقيءَ وچ ۾، اهم تعلق کي جلدي سمجهي ورتو. هن تحريڪ پنهنجو سرڪاري موقف بيان ڪيو ۽ جيڪو دليلن تي ٻڌل هو. جيڪڏهن هٿيارن جي ڊوڙ ختم ڪئي وڃي ۽ بارود کي ختم ڪيو وڃي ته تين دنيا جي اهم ترين مسئلن جي حل لاءِ، گهڻا وسيلا ملي سگهن ٿا.

مون بارود گهٽائڻ ۽ ترقي (Disarmement & Develop-ment) جي تعلق تي محترم پيريز ڊي ڪوئيار سان ڳالهه ٻولهه ڪئي. اسان ٻئي ان ڳالهه تي متفق هئاسين ته گڏيل قومن کي، ان مسئلي تي خاص ڌيان ڏيڻ گهرجي. سوويت يونين ”بارود گهٽائڻ ۽ ترقي جي وچ ۾ تعلق“ تي گڏيل قومن جي ڪانفرنس ۾، چٽيون تجويزون پيش ڪيون، پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته آمريڪا هن ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ کان ئي انڪار ڪيو.

اڄ رڳو سوشلسٽ ملڪ ئي نه پر ڪيترا سرمائيدار ملڪ به غير جانبدار تحريڪ کي عالمي سياست ۾ اهم ۽ مضبوط عنصر سمجهن ٿا. سوويت يونين ان حقيقت کي خوش آئنده سمجهي ٿو ۽ ان کي پنهنجي پرڏيهي پاليسي ۾ اهم رتبو ڏئي ٿو.

آيشيا ۽ پئسيفڪ سمنڊ جو مسئلو

خاص طرح سان ايشيا ۽ پئسيفڪ سمنڊ جي علائقي ۾، هن دؤر ۾ ثقافت تيزي سان ترقي ڪري رهي آهي. اسان جي معيشيت جي ترقي هاڻي سائبيريا ۽ ڏور اوڀر ڏانهن به وڌي رهي آهي. ان

ڪري اسان جائز طرح سان، ايشيا ۽ پئسيفڪ علائقي ۾ سهڪار جي خواهش رکون ٿا.

سوويت يونين ايشيائي ملڪ به آهي ۽ يورپي ملڪ به، هو ايشيا ۽ پئسيفڪ جي وسيع علائقي ۾، جيڪو ايندڙ صديءَ ۾، دنيا جي سياست ۾ ڌيان جو وڏو مرڪز هوندو، آهي سڀ سهولتون ڏسڻ چاهي ٿو، جن سان هتان جون حالتون سڌرن ۽ هن علائقي ۾ سڀني ملڪن جي مفادن جو مناسب خيال رکيو وڃي ۽ توازن پيدا ڪيو وڃي. اسان هن علائقي ۾ ڪنهن به ملڪ يا قوم جي هڪ ٻئي جي خلاف آهيون. اسان چاهيون ٿا ته هن علائقي ۾ هر ملڪ کي ۽ قوم کي سچي برابري، گڏيل سهڪار ۽ سلامتي ميسر ٿئي. ايشيا جو امن ڏاڍي نازڪ ۽ اذيت ناڪ صورتحال ۾ آهي. گهڻن علائقن ۾ حالتون خاص طرح سان خراب آهن. ان سوويت يونين، هندستان ۽ ٻين متاثر ٿيل ملڪن، ان باري ۾ مختلف موقعن تي، ڪيتريون مفيد ۽ مثبت تجويزون پيش ڪيون آهن. انهن ۾ وڏيڪ مشهور تجويزون، آهي آهن، جن ۾ هندي وڏي سمنڊ کي، امن جو علائقو قرار ڏنو ويو آهي. ان جي حمايت گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي به ڪئي هئي ۽ غيرجانبدار ملڪن جي تحريڪ به ان جي ڀرپور حمايت ڪئي. ائٽمي هٿيارن جي استعمال ۾ اڳرائي جو ناه، جيڪو سوويت يونين ۽ چين پيش ڪيو هو، هاڻي ايشيا پئسفڪ بلڪ سڄي دنيا جي لاءِ امن جي قائم ڪرڻ ۽ بقا لاءِ هڪ بنيادي عنصر بڻجي ويو آهي.

سوويت يونين جي ڪميونسٽ پارٽي جي جنرل سيڪريٽري جي حيثيت منجهه، جڏهن مون مئي ١٩٨٥ع ۾ پهريون ڀيرو هندستان جي وزيراعظم راجيو گانڌي سان مليس ته مون کيس چيو ته گڏيل تجويزن ۽ يورپ جي حالتن جي چند چاڻ جي روشني ۾، ايشيا جي ملڪن جي گڏيل ڪوشش جي موضوع تي، هڪ متفق موقف اختيار ڪرڻ جي باري ۾ سوچيو وڃي. جڏهن مان يورپي اڳواڻن ۽ سياسي شخصيتن سان ملي رهيو هوس ته مان غيرارادي طرح سان،

ايشيا جي حالتن جي يورپ جي حالتن سان ڀيٽ ڪئي. ان جي ڪري مون کي پئسفڪ جي علائقي جو خيال آيو. جتي وڏندڙ فوجي تيارين جي ڪري، اهم تحفظات جي نظام جي اشد ضرورت آهي. اهو اهڙو ئي معاهدو هوندو، جهڙو يورپ ۾ هيلسنڪي وارو ناهم آهي.

سوويت يونين جي ڪميونسٽ پارٽي جي مرڪزي ڪميٽي ٢٧ ڪانگريس ۾ جيڪا رپورٽ پيش ٿي، ان ۾ سوويت پرڏيهي پاليسي ۾ ايشيائي ۽ پئسيفڪ جي علائقن جي اهميت تي زور ڏنل آهي. اسان چيو ته هن علائقي ۾ خطرناڪ مسئلن جو مقامي ۽ علاقائي حل ڳولڻ ضروري آهي. پهريان هن باري ۾ سڀني ملڪن جي ڪوشش کي گڏ ڪري، انهن کي پاڻ ۾ هم آهنگ ڪيو وڃي. ۽ نازڪ مسئلن جا سياسي ناه ڪرايا وڃن، ته جيئن ايشيا جي مختلف حصن ۾ موجود جنگ جي خطري کي گهٽايو وڃي ۽ انهن علائقن ۾ امن ۽ سلامتي جي ابتدائي صورت پيدا ٿي سگهي. جولاءِ ١٩٨٦ع ۾ مون ولاڊي واسٽڪ ۾ ان موضوع تي مناسب تجويزون پيش ڪيون هيون. ان ۾ ايشيا ۽ پئسيفڪ جي علائقي ۾ ائٽمي هٿيارن جي ڦهلاءَ ۽ ذخيري ڪرڻ خلاف هڪ مضبوط بند ٻڌڻ، پئسيفڪ ۾ ساموندي فوج جي سرگرمين کي گهٽائڻ، ايشيا ۾ مقرر ٿيل هٿياربند فوجن ۽ روائتي هٿيارن ۾ گهٽتائي، اعتماد بحال ڪرڻ لاءِ قدم ۽ سڀني علائقي ۾ طاقت استعمال نه ڪرڻ جون تجويزون شامل هيون.

هن شهر (ولاڊي واسٽڪ) جي دوري دوران ايشيا ۽ پئسيفڪ جي نقطه نظر کان عالمي سياست جي موضوعن کي جاچڻ قدرتي ڳالهه آهي. ڏور اوڀر جي صورتحال، ايشيا ۽ هن علائقي سان لڳندڙ وسيع سمنڊ جي صورتحال، اسان جي لاءِ قومي لحاظ کان خاص اهميت جوڳي آهي. ڇو ته اسان هن علائقي ۾ گهڻي عرصي کان رهون ٿا پيا ۽ ٻيڙا هلائيندا آهيون. هن وسيع ۽ وڏي علائقي ۾، جيڪو دنيا جي اڌ برابر آهي، ڪيترائي اهم ۽ وڏا ملڪ موجود آهن جن

۾ سوويت يونين، آمريڪا، هندستان، چين، جاپان، ويٽنام، ميڪسيڪو ۽ انڊونيشيا شامل آهن. ان ڪانسواءِ وچين درجي جا اهڙا ملڪ به آهن، جيڪي يورپ جي جاگرافيءَ جي لحاظ کان گهڻو وڏا آهن. مثال طور ڪئناڊا، فلپائين، آسٽريليا ۽ نيوزليند. ان ڪانسواءِ گهڻا ئي ننڍا ننڍا ملڪ به آهن.

هلندي هلندي ٿورو اهو ڏسو ته منهنجي ولاڊي واسٽڪ واري تقرير تي ڪهڙو نه ممڻ مچايو ويو. سوويت يونين جي پئسفيڪ علائقي ۾ 'ڪجهه ڪرڻ' ۽ آتي پنهنجي بالادستي قائم ڪرڻ جي باري ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون تهمتون نه مڙهيون ويون. سڀ کان وڏيڪ زور ان تي هو ته آمريڪا جي مفادن تي ڙاڙاهو هنيو پيو وڃي. پر هاڻي اسان ان 'غفائن جي زماني واري انسانن' جي منطق ۽ اسان جي تجويزن تي رُدِعمل جا عادي ٿي چڪا آهيون. هن علائقي ۾ مختلف ملڪن سان سنا لاڳاپا قائم ڪرڻ يا سفارتي يا واپاري لاڳاپا قائم ڪرڻ جي، اسان جي سيني ڪوشش ڪي، پلي هو شروعاتي تجرباتي دور ۾ چونه هجن، مڪاري تي بڌل ارادن ۽ منصوبن جو نالو ڏنو ويندو آهي.

پر حقيقتون ڇا آهن؟ منهنجي ڏور اوير جي سوويت علائقي واري دوري کان هڪ سال پوءِ، مون انڊونيشيا جي اخبار "مرديڪا (Merdika)" کي هڪ انٽرويو ڏنو. هن اخبار جي ايڊيٽر بي. ايم ڊايا (B.M.Diah) بلڪل درست طرح سان منهنجي هن تقرير کي، علائقي جي سيني ملڪن لاءِ هڪ کلي دعوت سڏيو ته "سڀ گڏجي ويهن ۽ پنهنجي گڏيل مسئلن جو حل ڳولين." انهن ملڪن ۾ هو آمريڪا جو ٽالو ونڻ وساري ويٺو. مون ان طرف اشارو ڪيو ۽ چيو ته اسان آمريڪا سان به گڏجي ڪم ڪرڻ چاهيون ٿا ۽ اهو اندازو بلڪل غلط آهي ته هن علائقي ۾ اسان جون سر گرميون پين ملڪن جي لاءِ جو ڪو بڻجي سگهن ٿيون. مون جيڪو ڪجهه ولاڊي واسٽڪ ۾ چيو هيو آها سوچيل سمجهيل رٿا ۽ پاليسي هئي. ڪنهن کي به ان مان ڳڻتي نه هجڻ گهرجي. اسان اعلان ٿا ڪريون

تہ اسان آمريڪا سان، اهڙو سهڪار چاهيون ٿا جيئن جاپان، آسين (Asean) جي ملڪن، هندستان ۽ ٻين قومن سان. اسان سينيٽ کي امن خاطر ۽ سيني جي گڏيل فائدي خاطر گڏ ٿيڻ جي دعوت ڏيون ٿا.

”مرديڪا“ جي ايڊيٽر کي جواب ڏيندي، مون هن علائقي جي باري ۾، پنهنجي ارادن جي وضاحت ڪندي واضح ۽ ٺوس تجويزون پيش ڪيون. انهن ۾ سڀ کان اهم سوويت يونين جي ايشيائي حصي ۾ مڙني وچين فاصلي تائين مار ڪندڙ ميزائلن جي خاتمي جي تجويز هئي. اها تجويز ان شرط تي عمل ۾ اچي ها تہ آمريڪا بہ هن علائقي ۾، پنهنجي وچين فاصلي تي مار ڪندڙ ميزائلن کي ختم ڪري ڇڏي. ڇو تہ سڄي دنيا ۾ اهڙن هٿيارن کي ختم ڪرڻ ضروري آهي.

دنيا جي هن وڏي علائقي جي باري ۾ جتي هيترا مختلف ملڪ ۽ قومون رهن ٿيون، اسان جي سوچ ۽ لائحہ عمل جي پيڙه هن علائقي ۾ موجود حقيقتن کي تسليم ڪرڻ ۽ انهن کي سمجهڻ تي رکي وئي آهي . ايشيا ۽ پئسيفڪ ۾ اسان جا عالمي تحفظ ۽ پرامن بقا ۽ ٻاهم جا تصور، انهن حقيقتن جي بنياد تي ٻيل آهن. اهي تصور هن علائقي ۾ نون ۽ انصاف تي ٻڌل لاڳاپن قائم ڪرڻ لاءِ اسان جي سچي خواهش ظاهر ڪن ٿا.

هڪ سال ڪانپوءِ اسان پنهنجي دعوت جا گهڻا مضبوت اثر ڏٺا. مون مرديڪا جي ايڊيٽر سان پنهنجي انٽرويو ۾ انهن جو ذڪر ڪيو. پر اجا تائين مونجهارا ۽ تضاد نہ گهٽيا هئا ۽ فوجي ڇڪتاڻ جا لاڙا پڻ وڏي رهيا هئا. هن صورتحال اسان کي وڌيڪ اهڙا قدم تجويز ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو، جن سان ايشيا ۽ پئسيفڪ ۾ ڇڪتاڻ کي گهٽائي سگهجي. انهن قدمن ۾ ولاڊي واسٽڪ ۾ پيش ڪيل تجويزن جي وڌيڪ وضاحت ٿيل هئي.

اسان دنيا جي هن علائقي ۾ موجود ملڪن جي موقفن ۽ تجويزن جو غور سان اڀياس ڪيو. گڏزيل ڏينهن ۾ نوان ۽ تعميري

خيال سامهون آيا آهن. جيڪي مختلف ملڪن جي وچ ۾ بحث هيٺ اچي رهيا آهن. هن خطي جي رهواسين جي عالمي سوچ جا خاص ڏيکاءُ، انهن جو پنهنجو پنهنجو تاريخي ۽ سياسي تجربو، انهن جي پنهنجي خاص جدا گانه ثقافتي خاصيت، اهي سڀ عنصر هن علائقي جي مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهن ٿا. انهن ۾ اهڙا خيال به پيدا ٿي سگهن ٿا، جيڪي ٻين لاءِ به سمجهه ۽ قبوليت جوڳا هجن.

عالمي معاملن ۾ آسين (Asean) جي ڪارڪردگي اسان کان گهڻا متاثر ٿيا آهيون. اسان آسين جي ميمبر ملڪن سان انفرادي طرح ۽ سڄي تنظيم سان سهڪار ۽ لاڳاپا وڌائڻ لاءِ تيار آهيون. اسان آسين جي ميمبر ملڪن جي انفرادي ۽ اجتماعي خدمتن جو اعتراف ڪريون ٿا، جيڪي هنن عالمي صورتحال کي بهتر بنائڻ لاءِ ڪيون آهن.

هتي اهو به سوال ڪري سگهجي ٿو ته مان هڪ ملڪ يا ملڪن جي گروپ جي آزاد پاليسي جي اهميت تي زور ڇو ٿو ڏيان؟ اهو ان ڪري ناهي ته اسان اهڙي پاليسي جي حمايت ڪري، ٻي ڌر جي خلاف ڪو قدم کڻڻ گهرون ٿا. پر ان ڪري جو نون عالمي لاڳاپن جو بنياد ئي اصل ۾ انفرادي لائحه عمل ۽ فڪري رويي تي ٻڌل آهي. اڄ ڏاڍين عالمي لاڳاپن جي پيڙهه گهڻو ڪري، ڪجهه خاص ملڪن يا ملڪن جي گروپن جي عمل تي رکي ويندي هئي. ان سان عالمي حالتن ۾ ڪو سڌارو ڪونه آيو. ماضي مان حاصل ڪيل هي سبق سڀني سنجيده سياستدانن کي ياد رکڻ گهرجي. اسان جي هن مونجهارن سان ڀريل ۽ مختلف طريقن سان هڪٻئي سان ڳنڍيل ملڪن جي دنيا ۾ ۽ خاص طرح سان ايشيا ۽ پئسيفڪ جي مختلف نوع قومن واري علائقي ۾، نوان لاڳاپا رڳو ڳنڍيل سهڪار جي ذريعي قائم ڪري سگهجن ٿا، جنهن ۾ سڀني ملڪن جا مفاد ڳنڍيل هجن، ماضي کان ورثي ۾ مليل لاڳاپا، جيڪر ڪو وڏو ملڪ هڪ طرف هوندو هو ۽ ان جون ٻيڪون مخالف رخ ۾

مورچو هٿنديون، هيون سي هاڻي نبي مُغنيءَ تي پهچي چڪا آهن. اج ملڪن وچ ۾ نئين قسم جا لاڳاپا قائم ٿيڻ گهرجن.

جڏهن اهو تجويز ڪيو ويو ته مستقبل قريب ۾ پئسيفڪ جي علائقي وارن ملڪن جي ڪانفرنس ڪوٺائي وڃي ته جيئن خيالن جي ڏي وٺ ٿئي. اسان اهو خيال انڪري پيش ڪيو ته جيئن انکي موضوع بڻائي، وڏيڪ سوچ ويچار ڪيو وڃي. هن قسم جي ڪانفرنس جي هيلسنڪي جي ڪانفرنس سان ڀيٽ ائين پڌري ٿئي ٿي ته عالمي برادري وٽ ٻيو اهڙو ڪو تجرباتي نمونو موجود ڪونه هو. بهرحال ان جو مطلب اهو ناهي ته يورپي نمونو ڪي ايشيا ۽ پئسيفڪ ۾ هوبهو زبردستي مڙهي سگهجي ٿو. پر اج جي دؤر ۾ هر عالمي تجربي منجهان، ڪي عمومي عالمي صفتون موجود هونديون آهن.

اخبار "مرديڪا" جي ايڊيٽر ٻين سوالن کان سواءِ اهو سوال به پڇيو هو ته "علائقائي معاشي سهڪار ۾ سوويت يونين جو ڪردار ڪهڙو هوندو؟" اسان جي ملڪ جي وڌندڙ سماجي ۽ اقتصادي ترقي جي مطابق، اسان يورال جي اوڀر ۾ موجود علائقن طرف خاص ڌيان ڏيندا آهيون. جو ته ان علائقي جون اقتصادي سلاميتون، سوويت يونين جي يورپي حصي کان گهڻا ڀيرا وڏيڪ آهن. اسان کي يقين آهي ته ايشيا ۽ پئسيفڪ جي ملڪن جي صنعتي ۽ واپاري ادارن سان، گڏيل ڪارخانن ۽ تجارتي ڪمپنين کي قائم ڪري، انهن علائقن ۾ قدرتي وسيلن جي کوجنا ۽ انهن کي ٻاهر ڪڍڻ جو ڪم ٿي سگهي ٿو.

ايشيا ۾ ائٽمي بارود کي گهٽائڻ

ايشيائي ملڪن جي گڏيل ۽ سٺن راءِ تي ڌيان ڏيندي، سوويت يونين عالمي سطح تي پنهي وڏين طاقتن لاءِ، ائٽمي هٿيارن تي مڪمل بندش هڪ وڏو قدم کنيو آهي. ان جو تعلق وچين مفاصلي ۽ ان کان به گهٽ فاصلي جي مار ڪندڙ ميزائلن کي بنهه ختم ڪرڻ جي اعلان سان آهي.

اسان هن ڳالهه تي رضامندي ظاهر ڪئي، ته جيڪڏهن آمريڪا اهو واعدو ڪري ته هو ڏور اوڀر ۾ وڌيڪ ائٽمي هٿيار نه رکندو، جيڪي سوويت يونين تائين پهچندا هجن ته اسان به پنهنجي ايشيائي علائقي ۾ اهڙن هوائي جهازن جي انگ ۾ واڌارو نه ڪنداسين، جيڪي ائٽمي صلاحيت رکندا هجن. اسان کي اميد آهي ته انهن سيني قدمن سان ايشيا ۾ ائٽمي بارود گهٽتائي واري عمل کي قوت ملندي.

جيئو ٽيڪ ايشيائي ۽ پئسيفڪ ۾ مختلف متضاد حالتون هڪ ئي وقت موجود آهن، روشن ۽ اونداهن رنگن جو هڪ دلچسپ ميلاپ آهي ته به سڄي تصوير ۾ هڪ ائٽمي بارود مخالف رنگ غالب آهي ۽ هاڻي اهو ممڪن ٿي ويو آهي، ته ايشيا ۾ ائٽمي هٿيارن جي پکيڙ ٻاڏائي ڏانهن وڌجي. ان ڏس ۾ هڪ اهم قدم هي هوندو ته، ائٽمي هٿيارن کان پاڪ علائقا، جو هند قائم ڪيا وڃن، سيني کي خبر آهي ته سوويت يونين ڏکڻ پئسيفڪ ۾ اهڙي علائقي قائم ڪرڻ جي ڳالهه تي صحيح ڪيون آهن، جيڪو "رادو ٽونگا" جو نالو چيو وڃي ٿو. اسان بين ملڪن جي اهڙي تجويزن سان به متفق آهيون، جيڪي ڏکڻ اوڀر ايشيا ۽ ڪوريا ۾ ائٽمي هٿيارن کان پاڪ علائقا قائم ڪرڻ جي سلسلي ۾ پيش ڪيون ويون آهن. هندي وڏي سمنڊ جي باري ۾ هڪ عالمي ڪانفرنس، ائٽمي اسلحه کي گهٽائڻ واري مقصد کي اڳتي وڌائي ٿي، اهڙي ڪانفرنس ۾ دنيا جي هن حصي کي، ائٽمي هٿيارن کان پاڪ علائقو قرار ڏيڻ جو فيصلو به ڪري سگهجي ٿو.

يورپ وانگر، ايشيا ۾ پڻ ائٽمي بارود کي گهٽائڻ جي مسئلي تي، اسان جو طريقو ۽ رويو ساڳيو آهي. بارود گهٽائڻ جو عمل عالمي نگرانيءَ ۾ ٿيڻ گهرجي. جنهن ۾ موقعي تي معائني ڪرڻ وارو شرط به شامل هجي. اسان آمريڪا کي چئون ٿا ته ايشيا ۽ پئسيفڪ جي علائقي ۾، ائٽمي هٿيارن جي باري ۾ ڳالهه ٻولهه جي شروعات ڪئي وڃي ۽ سيني ڌرين جي تحفظ جي تقاضن کي مدنظر

رکندي، ان مسئلي جو حل، ٻه طرفي عمل جي بنياد تي ڳوليو وڃي.

مختصراً اسان جو خيال هي آهي ته ائٽمي بارود جي مشڪل مسئلي کي نبيرڻ لاءِ، هي عمل جو ڳچو حل آهي. هن مسئلي تي بحث جي شروعات ڪري، علائقي ۾ موجود ملڪ گڏجي سڏجي هڪ علائقائي سلامتي جي تنظيم جوڙي سگهن ٿا. آخر اهڙي علائقي ۾ جتي اڍائي ارب انسان وسن ٿا، اتي عام رواجي لاڳاپن ۽ مناسب حالتن جي ڇا معني آهي؟ اهو ائين آهي جيئن هڪ گهر ٺاهڻ لاءِ، اسان مان هر هڪ، هڪ يا ٻه سرون هڪ پٽ ٺاهڻ لاءِ هڻندو وڃي ته جيئن سهڪار ۽ نيڪ نيتي واري عظيم عمارت، گڏيل ڪوششن سان جڙي راس ٿئي. هي ڪم صبر ۽ تحمل وارو آهي، پر اسان سڀني لاءِ هي هڪ عظيم ڪارنامو ٿيندو.

ٻن وڏن کنڊن (يورپ ۽ ايشيا) جي ملڪن جي ڪوششن کي گڏي، هڪ نئين يورپي، ايشيائي عمل کي شروع ڪري سگهجي ٿو. جيڪو هڪڙي وسيع عالمي سلامتي جي سرشتي کي جوڙڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو، جنهن ۾ دنيا جا سڀ ملڪ شامل هوندا.

ويجهڙائي وارا واقعا، هن ڳالهه جي وڌ ۾ وڌ تصديق ڪن ٿا ته ايشيا ۽ پئسفڪ جي علائقائي سلامتي واري مسئلي منجهه اسان درست وقت تي پيش ڪيو آهي. تازو علائقائي ۽ کنڊ جي سطح تي، تعميري سهڪار وارن طريقن لاءِ جا کوڙ واري عمل کي گهڻن ملڪن دلچسپي ظاهر ڪئي آهي. ان ڪانسواءِ ايشيا پئسيفڪ علائقي جي ڪجهه ملڪن سان، اسان جي ٻه طرفي لاڳاپن ۾، ڪافي چرپر پيدا ٿي وئي آهي.

سوويت يونين ۽ هندستان جا لاڳاپا

هندستان اسان جو ڏکڻ طرف موجود هڪ پاڙيسري ملڪ آهي، جنهن جي آدمشماري ٨٠ ڪروڙ آهي. هي ملڪ هڪ وڏي طاقت آهي. دنيا ۾ ۽ غير جانبدار تحريڪ اندر ان ملڪ کي وڏو اثر رسوخ حاصل آهي. هي ملڪ ايشيا ۽ سڄي دنيا ۾ امن لاءِ وڏي

اهميت رکي ٿو.

سوويت - هندستان لاڳاپا ڪيترن سالن کان مضبوط بنيادن تي قائم آهن ۽ انهن ۾ ڏينهون ڏينهن ترقي اچي رهي آهي. هندستان جي وزير-اعظم راجيو گانڌي سان، منهنجي ڪيترا ڀيرا ماسڪو ۽ دهلي ۾ ملاقات ٿي آهي. ۱۹۸٦ع جي هندستان واري دوري مون تي هڪ اڻ - مٽ اثر ڇڏيو. ان دوري دوران اسان جڳ مشهور ”دهلي پڌرنامون“ منظور ڪيو. ان پڌرنامي ۾ عالمي دلچسپي، هڪ فطري ڳالهه هئي. دهلي پڌرنامون هڪ بيمثال دستاويز آهي. ان ۾ عالمي لاڳاپن کي هڪ نئين فلسفياڻي سياسي سوچ کان ڏنو ويو آهي. جنهن ۾ اڄ جي خلائي ۽ ائٽمي دؤر ۾ آفاقي انسانيت قدرن جي اوليت کي مڃيو ويو آهي. اهو ئي ان دستاويز جو فلسفياڻو ۽ اخلاقي بنياد آهي. جيتوڻيڪ اهو دستاويز ٻنهي ملڪن گڏجي تيار ڪيو هو، پر ان جي اهميت ٻه طرفي ۽ علائقائي حدن کان گهڻي وڌيڪ ڦهليل آهي.

دهلي ”پڌرنامي“ جو ظاهر ٿيڻ، سوويت هندستاني لاڳاپن جي بيمثال نموني ڏانهن اشارو ڪري ٿو. اسان جي سماجي نظامن ۾ فرق ۽ اختلاف آهي، پر ان فرق ڪري اسان جي وچ ۾ اهڙو سهڪار قائم ڪرڻ لاءِ ڪابه رڪاوٽ ڪونهي، جنهن سان ٻنهي کي روحاني طرح سان فائدو ٿئي ۽ جيڪو هن دؤر جي سيني اهم بنيادي مسئلن تي وڏ کان وڏ فڪري هم آهنگي پيدا ڪري. ٻنهي مان هر ملڪ پنهنجي پنهنجي خاص طريقي ذريعي، ان گڏيل موقف تائين پهتو آهي ۽ هر ملڪ جي روين پنيان، ان جا پنهنجا خاص مقصد آهن.

سوويت هندستان لاڳاپا، ڪيترن سببن جي ڪري مثالي لاڳاپا آهن. پنهنجي پنهنجي مختلف سياسي، معاشي، سائنسي، ٽيڪنيڪل ۽ ثقافتي تجربي ۾، هڪٻئي لاءِ دلي احترام جيڪو ڳا ۽ پسنديدگي ۽ وارا تعلقات، خلوص ۽ ايمانداري، جنهن سان هڪٻئي تي ڀرسو ظاهر ٿئي ٿو. دوستي لاءِ، اسان جي سچي خواهش مطابق،

اسان جا لاڳاپو واقعي مثالي آهن. اهو ڪيئن ٿيو، جو هندستان ۽ سوويت يونين، الڳ الڳ سياسي ۽ سماجي نظام رکڻ وارن ملڪن، اهڙا اعليٰ سطح جا ڳنڍيل لاڳاپا قائم ڪيا؟ ان جو جواب هي آهي. ته ٻنهي ملڪن پنهنجي پاليسين جو بنياد، لفظي نه پر عملي طرح، ملڪن جي آزادي ۽ خودمختياري، برابري ۽ ٻين جي معاملن ۾ هٿ چراند کان پرهيز توڙي ڳنڍيل سهڪار جي اصولن تي رکيو آهي. ٻيئي ملڪ هر قوم جي لاءِ پنهنجي پسند جي سياسي سرشتي ۽ سماجي ترقي جي طريقي، اختيار ڪرڻ جي حق جي حمايت ڪن ٿا.

انهن سڀني ڪري اسان فخر سان اهو چئي سگهون ٿا، ته اسان (سوويت يونين) ۽ هندستان، سڄي عالمي لاڳاپن جو عمدو نمونو پيش ڪريون ٿا. هي اهڙو نمونو آهي، جيڪو ٻيا به اختيار ڪري سگهن ٿا، جنهن ۾ پرامن بقاءُ باهمي ۽ ٻه طرفي مفيد ڳنڍيل سهڪار جي پاليسي، آفاقي قدر بڻجي ويندا، جن جو بنياد، دوستي ۽ نيڪ نيتي تي ٻڌل هوندو.

هڪ ڀوائتي ڏند

ڳذريل ڏيڍ سال دوران، مون کي آفريڪا جي گهڻن سياسي ليڊرن سان ملڻ جو موقعو مليو آهي. ڪجهه ماڻهن سان ته ٻه ٻه ٽي ٽي ڀيرا به ملاقاتون ٿيون آهن. منهنجي انهن سان ڳالهه ٻولهه ڪچهري به ٿي آهي. انهن ۾ **رابرٽ گيبريل موگابي، مينگسٽو هيل، مريم، مارسي لي ڊوس سانتوس، اوليور ٽمبو، موسا ٽراورلي، ميٿيو ڪيريڪو ۽ شاذلي بن جديد** شامل آهن، هي سڀ ماڻهو وڏي اثر رسوخ وارا، ناميارا ۽ مڃيل قومي اڳواڻ آهن. انهن سان ڳالهه ٻولهه کان پوءِ اندازو ٿيو ته آفريڪا پنهنجي ترقي جي مصروف ترين ۽ اهم دور مان ڳذري رهيو آهي ۽ هن دور ۾، هن کي ذميواري کان ڪم وٺڻو آهي. آفريڪا ۾ اڄ گهڻو جوش ۽ جذبو آهي. هتي اهم تبديليون اچي رهيون آهن. دنيا

جو هي خطو وڏن اهم مسئلن ۾ گهيريل آهي.

اسان آفريڪا کي ساڳئي ئي قسم جي الڳ حصن تي مشتمل نٿا سمجهون، جتي سڀ عمل هڪ واحد مقصد جي لاءِ ۽ هڪ ئي طريقي تي ڪم ڪري رهيا آهن. دنيا جي هر ملڪ وانگر آفريڪا جو هر ملڪ ڪجهه نہ ڪجهه اهڙين خاصيتن جو حامل آهي، جيڪي رڳو ان ملڪ جون ئي هجي سگهن ٿيون. تنهن ڪري هر ملڪ وٽ پنهنجي الڳ الڳ حڪمت عملي آهي، تنهن ڪري دنيا هنن کي چاڙهي تي پيا اهي آهن، جيڪي گذريل ڪجهه سالن کان آفريڪا ۾ ۽ دنيا اڳيان آيا آهن ۽ عملي تجربو حاصل ڪري رهيا آهن.

اسان آفريڪا جي، ترقي پسند حڪومتن جي مشڪلاتن کان، چڱي طرح واقف آهيون. حقيقت هي آهي، تہ اهي ملڪ تاريخي لحاظ کان، سندن اڳوڻن بيٺڪي حڪمران ملڪن سان ڳنڍل آهن. انهن مان ڪيترا تہ انهن سامراجي ملڪن جا اقتصادي طرح سان محتاج بہ آهن. جيتوڻيڪ سامراج اقتصادي ۽ معاشي ذريعن سان پنهنجو اقتدار برقرار رکڻ لاءِ بيقرار آهي ۽ ان مقصد لاءِ فوجي ڪاروائيون ڪرڻ کان بہ نٿو مڙي، پر آفريقي اڳواڻن بہ پنهنجي ڪاميابين جي حفاظت جي رستي تي هلڻ جو پڪو ارادو ڪري ورتو آهي.

سوويت يونين سندن اهڙين ڪوششن ۽ سندن پاليسين جي حمايت ڪري ٿو. ناقابل تسخير سياسي اقتدار اعليٰ ۽ معاشي آزادي ئي، اڄ جي دنيا ۾ عالمي لاڳاپن جي لاءِ، مضبوط بنياد فراهم ڪري سگهن ٿا. هر آفريقي قوم کي پنهنجي ترقي لاءِ، آزاد نموني پنهنجي پسند موجب ڪو بہ رستو اختيار ڪرڻ جو جائز ۽ قانوني حق حاصل آهي. تنهن ڪري اسان مڪمل طرح سان، انهن آفريقي ملڪن جي ڏيهي معاملن ۾، هٿ چراند جي مذمت ڪريون ٿا. اسان جي ملڪ هميشہ آفريقي قومن جي قومي آزاديءَ جي جدوجهد جي، عملي طرح مدد ڪئي آهي ۽ آئنده بہ ڪندا رهنداسين، خاص طرح سان ڏکڻ آفريقا جي قومي رياستن جي، جيڪي نسل پرستي جو آخري

مورچو آهن.

جڏهن آءٌ اوليور ٽمبو سان مليس، جيڪو آفريڪن نيشنل ڪانگريس (A.N.C) جو صدر آهي، ته مون ان کي چيو، "اسان نسلي مت پيداواري ظالم حڪومت ۽ انهن جي چالاڪين خلاف ۽ آزاد جمهوري حڪومت کي قائم ڪرڻ لاءِ، آزاد ترقي ۽ سڀني نسلن ۽ نسلي گروهن ۾ برابري جي اصولن جي قيام لاءِ، توهان جي جدوجهد جي هميشه حمايت ڪئي آهي ۽ اهم ڳالهه هي آهي ته هاڻي ڏکڻ آفريڪا جا گهڻا سفيدفام شهري پڻ نسل پرستيءَ جي مخالفت ڪري رهيا آهن ۽ آفريڪن نيشنل ڪانگريس جي مقصدن جي حمايت ۾ آواز بلند ڪري رهيا آهن ۽ ان ۾ شامل ٿي رهيا آهن. ان مان صاف ظاهر آهي، ته نسل پرستي جا ڏينهن پورا ٿيڻ وارا آهن."

ڏکڻ آفريڪا جي گهٽين پهرين صف وارن ملڪن سان، اسان جا ويجها دوستاڻا لاڳاپا آهن. اسان هنن جي منصفاڻي موقف جي ڪلي حمايت ڪريون ٿا ۽ سندن خلاف ڏکڻ آفريڪا جي رجعت پرست حڪومت جي اڳرائيءَ وارين ڪاروائين جي شديد مذمت ڪريون ٿا.

سوويت يونين جا ڏکڻ آفريڪا ۾ پنهنجا ڪي خاص مفاد ناهن. اسان رڳو هڪ ڳالهه چاهيون ٿا، ته هن علائقي جي قومن ۽ ملڪن کي امن ۽ مضبوطي جي ماحول ۾، پنهنجي ترقي جي مسئلن کي حل ڪرڻ ۽ پنهنجي ڏيهي توڙي پرڏيهي پاليسي کي آزاديءَ سان جوڙڻ جو موقعو ملڻ گهرجي.

لاطيني آمريڪا اندر عظيم تبديلين جو دؤر

لاطيني آمريڪا جي ملڪن سان لاڳاپن ۾ به اسان انهن عام اصولن جي بنياد تي ڪم ڪريون ٿا. دنيا جي هن علائقي جون پنهنجون خاص روايتون آهن ۽ اتي ترقي جا ڪٿ امڪان آهن. هتان جون قومون بهتر مستقبل لاءِ وڏي جدوجهد ڪري رهيون آهن. سڀني رنڊڪن جي باوجود هنن پنهنجي اميدن کي ڪاميابي

تائين پهچائڻ جو عزم ڪري ورتو آهي. اصل ۾ حقيقي آزاديءَ جو رستو هميشه مشڪلاتن سان ڀريل هوندو آهي. پر اسان کي يقين آهي ته لاطيني آمريڪا جون اڳتي وڌڻ واريون ڪوششون، اڃا به وڌيڪ سگهاريون ۽ اثرائتيون ٿينديون وينديون.

آمريڪا جا ساڄي ڌر جا عنصر ۽ سندن پروپيگنڊا، ظاهر ڪرڻ چاهين ٿا ته لاطيني آمريڪا ۾ اسان جي دلچسپي، رڳو ان ڪري آهي، ته انهن ملڪن ۾ هڪ ٻئي پٺيان سوشلسٽ انقلاب اچن. ڪهڙي نه بي تڪي ڳالهه آهي. ڪيترن ڏهاڪن کان، اسان جو رويو ثابت ڪري ٿو ته اسان جا اهڙا ڪي منصوبا ڪونهن. حقيقت ۾ اهڙيون رٿائون، اسان جي نظرين، اصولن ۽ پرڏيهي پاليسي واري تصور جي بنهه ابتڙ آهن.

مون آمريڪي صدر ريگن کي چيو هو، ”صدين کان توهان چاهيو، لاطيني آمريڪا کي پنهنجي گهر جو آڳر بڻائي رکيو آهي ۽ هن علائقي ۾ اوهان جون سرگرميون، ان ڳالهه لاءِ کليو دليل آهن. لاطيني آمريڪا جون سڀ قومون اوهان جي ان رويي کان بر آهن. پوءِ ڀلي هو پنهنجي خواهش کي پر امن طريقي سان پورو ڪن يا فوجي ٽڪتاڻ ذريعي، اهو سندن ذاتي معاملو آهي. پر اهي توهان ئي آهيو، جن لاطيني آمريڪا ۾ اجگر جيڏو قرض جو بم فٽ ڪري رکيو آهي. توهان کي ان حقيقت تي غور ڪرڻ گهرجي.“ شايد آمريڪا جا حڪمران طبقا ان ڳالهه کي چڱيءَ طرح ڄاڻن ٿا ۽ سمجهن ٿا، پر هو ان ڳالهه کي کليءَ طرح ڪونه مڃيندا، ڇو ته ان صورت ۾ کين پنهنجي حڪمت عملي تبديل ڪرڻي پوندي ۽ سڀني کي خبر پئجي ويندي ته ”ماسڪو جو هٿ“ وارو الزام سراسر ڪوڙ ۽ دوکو آهي.

يقيناً اسان لاطيني آمريڪا جي ملڪن جي هر شعبي ۾ ٿورڙي پنهنجي آزادي جي حفاظت ڪرڻ ۽ سڀني جديد بينڪي زنجيرن کي ٽوڙڻ واريءَ سندن ڪوشش جي حمايت ڪريو ٿا ۽ انهيءَ ڳالهه کي اسان ڪڏهن به لڪائڻ مناسب نه سمجهو آهي. اسان ميڪسيڪو

۽ ارجنٽائين جي فعال ۽ مضبوط پرڏيهي پاليسين ڪي ساراهيو آهي- باوجود گهٽائڻ ۽ عالمي سلامتي تي، انهن جي ذميوارانہ موقف کي قدر جي نظر سان ڏسون ٿا ۽ ڇهن ملڪن جي عمان ۾ هنن جي سهڪار ڪي عزت جي نظر سان ڏسون ٿا. اسان ڪانٽا دورا* گروپ جي امن جي بحاليءَ وارين ڪوشش جي حمايت ڪريون ٿا. وچ آمريڪا جي حڪومتن جي سربراهن جي قدمن جي پڻ حمايت ڪريون ٿا. شهر گوئٽي مالا ۾ ٿيل معاهدن جي بہ حمايت ڪريون ٿا ۽ هن کنڊ جي گهڻن ملڪن جي گڏيل اتحاد لاءِ ڪوشش جي تعريف ڪريون ٿا، جن مان انهن جي قومي آزادي جي بقا ۽ ان جي ترقيءَ جي ضمانت فراهم ٿئي ٿي.

ان سان گڏو گڏ ٻي آءٌ هڪ دفعو وري ان ڳالهہ تي زور ڏيندس تہ اسان لاطيني آمريڪا ۾ ڪنهن بہ مطلب ڪارڻ دلچسپي نٿا وٺون. اسان ڪي نہ انهن جو ڪجهو مال کپي ۽ نہ ئي انهن جي سستي مزوري مان فائدو وٺڻو آهي. هنن ڪي هتي ڏيڻ تہ پري جي ڳالهہ آهي، اسان هنن جي آمريڪا دشمن جذبن مان بہ ڪو ناجائز فائدو وٺڻ نٿا چاهيون ۽ نہ ئي اسان آمريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جي وچ ۾ روايتي لاڳاپن کي ڪمزور ڪرڻ چاهيون ٿا. ان ڳالهہ کي اسان مهم جوئي سمجهون ٿا. اها سنجيده سياست نہ چئبي، ۽ اسان حقيقت پسند ماڻهو آهيون. لاپرواهہ مهم جو ناهيون، پر اسان جون همدريون هميشہ انهن قومن سان هونديون، جيڪي پنهنجي آزادي ۽ خودمختياريءَ لاءِ ويڙهہ وڙهن ٿيون. ان بابت ڪنهن کي بہ اجائي شڪ ۾ رهڻ نہ گهرجي.

مون کي يقين آهي تہ هاڻي انسانذات ان منزل تائين پهچي وئي آهي، جڏهن اسان سڀني کي هڪٻئي جي ضرورت آهي. ڪو

---

* اهو ڇهہ (ڪانٽا دورا) ملڪن ڏانهن اشارو آهي، جنهن ۾ ميڪسيڪو، ايڪئاڊور، ڪوسٽاريڪا وغيره شامل آهن، جيڪي وچ آمريڪا ۾ امن جي قيام لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهن.

ملڪ يا قوم ڪنهن ٻئي ملڪ يا قوم کان ٻنهه الڳ نٿو رهي سگهي. هڪ ٻئي سان وڙهڻ جو ته سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. اسان ڪميونسٽن جي لغات ۾ ان صورتحال کي ”بين الاقوامت“ چوندا آهن ۽ ان جي معني آهي آفاقي انساني قدرن جو ڦهلاءُ.

اولهه وارن ملڪن جي حڪمران طبقن کي آخرڪار ٽين دنيا جي مفادن جي مسئلي تيان منهن ڏيڻو پوندو. سون آمريڪي صدارت جي اميدوار گيري هارٽ کان پڇيو هو، ”ڇا آمريڪا اسرندڙ ملڪن جي سلسلي ۾ پنهنجي هاڻوڪي پاليسي کان بهتر پاليسي اختيار نٿو ڪري سگهي؟ آمريڪا نوان عالمي لاڳاپا قائم ڪرڻ ۾ گهڻو ڦل دائڪ ڪم ڪري سگهي ٿو ۽ ان ۾ سندس ڪو مالي نقصان پڻ نه ٿيندو. ان جي ابتڙ، وڌيڪ آمريڪا کي فائدو رسندو. آخر آمريڪا ان موقعي کي ڇو هٿان وڃائي رهيو آهي؟ ان مان ته ظاهر ٿو ٿئي ته کيس پنهنجي نفعي ۽ نقصان جي به سڌ ڪانهي!“

اصل ۾ انڱالهين جو دارومدار آمريڪا ۽ اولهه جي ملڪن جي خاص صورتحال تي آهي. سڀ کان وڌيڪ دارومدار هن ڳالهه تي آهي، ته سڀ گڏجي ڪيئن ۽ ڪڏهن جديد دنيا جا مسئلا حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا سين. موجوده ماناز کي ٽوڙي وڌيڪ ترقي جي موقعن مان فائدو وٺنداسين. جيڪڏهن اسان برابري ۽ جي بنياد تي ۽ سڀني قومن جي مناسب مفادن جو احترام ڪندي، تعلقات جوڙيون ته اسان کي موجوده فوجي بندوبستن جي ڪهڙي ضرورت پوندي، جيڪي رڳو والار پسندي لاءِ ٺاهيا ويا آهن.

اهو درست آهي ته هي فوجي بندوبست صدين کان ٺهيل آهن ۽ انهن کي فوراً سري کان ٽوڙي اڇلائي نٿو سگهجي. پر هاڻي اسان انهيءَ نقطي کي پهچي چڪا آهيون، جتي پراڻي مشنري کي ٽوڙڻ ضروري آهي. ڇوته ڪروڙين ايشيائي، آفريقي، لاطيني آمريڪي باشندا به انسانن جهڙي زندگي گذارڻ چاهين ٿا. مون کي يقين آهي ته آمريڪا ۽ سوويت يونين نون انساني رشتن جي جوڙ ۾ هڪ ٻئي جا مددگار ثابت ٿي سگهن ٿا.

اسان آمريڪي انتظاميه کي دعوت ڏيون ٿا ته: اچو ته گڏجي سڏجي ٽين دنيا جي مسئلن جو حل ڳوليون ۽ ائين ڪرڻ لاءِ اسان وٽ هڪ ٻئي تي دٻاءُ وجهڻ کان سواءِ ٻيا طريقا به ٿي سگهن ٿا. اسان جون تجويزون حقيقت پسندانه آهن. آمريڪا کي پنهنجي طاقت ۽ سرمائي کي ۽ ٻين انهن وسيلن کي، جنهن کي هو هن وقت فوجي مقصدن لاءِ ضايع ڪري رهيو آهي، انهن وسيلن کي هو انهن ضرورتن جي پورائي لاءِ خرچ ڪري، جنهن سان جديد دنيا جا معاشي مسئلا حل ٿي سگهن. مون کي يقين آهي ته ائين ڪرڻ ممڪن آهي، اهو ڏي ته پر آمريڪا ٻين اولهه جي ملڪن کان به مدد وٺي سگهي ٿو ۽ آءٌ ورجايان ٿو ته ائين ڪرڻ سان ڪيس به فائدو رسندو ●

باب ڇھون

سوويت پرڏيهي پاليسيءَ ۾ يورپ جي اهميت

هتي آءٌ پنهنجا ذاتي تاثر ظاهر ڪرڻ چاهيان ٿو. سوويت يونين جي ڪميونسٽ پارٽي جي جنرل سيڪريٽري واري حيثيت ۾ مون پنهنجو پهريون دؤر آڪٽوبر ۱۹۸۵ع ۾ فرانس جو ڪيو. ان کان لڳ ڀڳ هڪ سال اڳ سپريم سوويت جي وفد جي اڳواڻ واريءَ حيثيت سان برطانيه ويس. انهن ملڪن جي سفر دوران مون گهڻيون ڳالهيون سوچيون ۽ سڀ کان وڌيڪ مون ان ڳالهه تي سوچيو ته اڄ جي دنيا منجهه يورپ جي ڪهڙي حيثيت ۽ ڪردار آهي.

فرانس جي صدر **فرانسوا مٽران** ملاقات دوران هڪ خيال جو اظهار ڪيو، جيڪو ان وقت مون کي اهم ۽ معقول لڳو ته، ”اسان هن مفروضي کي چوڻ ممڪن سمجهون ٿا، آهستي آهستي اسان هڪ وسيع پاليسي تائين پهچي ويندا سين.“ هڪ سال کان پوءِ هن ماسڪو ۾ چيو، ”اهو ضروري آهي ته هڪ ڀيرو وري يورپ پنهنجي تاريخ جو سڀ کان اهم ڪردار ٻڌجي وڃي، ته جيئن هو عالمي لاڳاپن ۾ توازن ۽ مضبوطي پيدا ڪرڻ واري پنهنجي ذميواري نيڪ طرح سان پوري ڪري سگهي.“ منهنجو پنهنجو پڻ ساڳيو ئي خيال هو. اولهه يورپ جي ٻن اهم ۽ وڏن ملڪن جي اڳواڻن سان روبرو ملاقات، پارليامينٽ جي ميمبرن ۽ سياسي جماعتن جي نمائندن ۽ واپاري برادري سان خيالن جي ڏي وٺ ڪري، مون کي يورپ جي صورتحال جو ڀلي ڀت اندازو ٿيو.

سوويت يونين جي ڪميونسٽ پارٽي جي ۲۷- ڪانگريس

۾، اسان جي پرڏيهي پاليسي منجهه يوروپ کي تمام گهڻي اهميت ڏنل آهي. اسان چاهيون ٿا ته اولهه يوروپ جي باري ۾، سوويت اڳواڻن جي موقف کي هر ماڻهو چڱيءَ طرح سمجهي.

٢٧ ڪانگريس کان اڳ ۽ ان کان پوءِ به مون اولهه يوروپ جي گهڻن ناميارن ماڻهن، جن جو تعلق مختلف سياسي پارٽين مان هو، ملاقاتون ڪيون آهن. انهن ملاقاتن مان، ان ڳالهه جي تصديق ٿي وئي آهي ته اولهه يوروپ جا ملڪ به سوويت يونين سان لاڳاپا وڌائڻ ۾ دلچسپي رکن ٿا. انهن جي پرڏيهي پاليسي ۾ اسان جي ملڪ کي اهم حيثيت ڏني وڃي ٿي. يوروپ ڏانهن ايترو ڌيان ڏيڻ جو ڪهڙو سبب آهي؟

تاريخ جو ورثو

اولهه يوروپ جا ڪجهه ماڻهو ذهني طرح سوويت يونين کي يوروپ مان نيڪالي ڏيڻ چاهن ٿا. ڪڏهن ڪڏهن هو ڳالهين ائين ڳالهين ۾، يوروپ رڳو اولهه يوروپ کي سمجهندا آهن. اهڙين چالاڪين سان تاريخي ۽ جاگرافيائي حقيقتون تبديل ٿي نٿيون سگهن. روس جا پين يوروپي قومن ۽ ملڪن سان واپاري، ثقافتي ۽ سياسي لاڳاپا تاريخ ۾ هڪ خاص جاءِ والارين ۽ گهريون پاڙون رکن ٿا. اسان هڪ يوروپي قوم آهيون. قديم روس، يوروپ سان عيسائيت جي ذريعي ڳنڍيل هو. اسان جي بزرگن جي وطن ۾ عيسائيت جي آمد کي ايندڙ سال هڪ هزار سال پورا ٿيندا. روس جي تاريخ يوروپ جي عظيم حصو تاريخ جو هڪ زنده آهي. روسي، يوڪريني، بائيلو روسي، مولودين، لتوانين، ليٽ، ايسٽونين، ڪاريل ۽ اسان جي ملڪ جي ٻين قومن گڏجي يوروپي ثقافت جي ترقي ۾ وڏو حصو ادا ڪيو آهي ۽ هو پنهنجو پاڻ کي هن ثقافت جا وارث سمجهڻ ۾ حق بجانب آهن.

اسان جي يوروپي تاريخ ڏاڍي منجهيل ۽ سبق آموز آهي ۽ ان سان گڏ عظيم دردناڪ به آهي ۽ اسان کي جق آهي، ته اسان ان جو ابياس ڪريون ۽ ان مان ڪي سبق سکون.

گهڻو اڳ يوروپ جي تاريخ ۾ لڙايون نمايان سنگ ميل

واري حيثيت رکنديون هيون. ويهين صديءَ ۾ هي ڪِنڊ ٻن مهاڀاري جنگين جو ميدان بڻيو، جيڪي انساني تاريخ جون تمام تباهه ڪن ۽ رتوڇاڻ واريون لڙايون هيون. هٽلري فاشزم خلاف آزادي جي جنگ ۾، اسان جي عوام عظيم ترين قربانيون ڏنيون. ٻه ڪروڙ کان وڌيڪ سوويت باشندا ان جنگ ۾ شهيد ٿيا. اسان اها ڳالهه ان ڪري ياد نه ٿا ڪرايون ته اسان فاشزم جي خلاف جنگ ۾ ٻين يورپي قومن جي ڪردار کي گهٽ اهميت ڏيون ٿا. سوويت عوام سڀني هٽلر مخالف جي اتحاد ۽ مزاحمت ڪندڙ سپاهين جي عظيم قربانين جو احترام ڪري ٿو، جنهن جي نتيجي ۾ فاشسٽن کي نيٺ شڪست کائڻي پئي. پر اسان ان ڳالهه سان ڏري برابر به نه آهيون، ته سوويت يونين نازي جرمني خلاف رڳو ١٩٤١ع ۾ شامل ٿيو ۽ ان کان اڳ ٻين کي 'اڪيلو' هٽلر خلاف وڙهڻو پيو.

جڏهن مسز ٿيچر مون سان اهڙي ڳالهه ڪئي ته مون ان تي اعتراض ڪيو ۽ کيس ياد ڏياريم ته سوويت يونين سياسي محاذ تي ١٩٣٣ع کان فاشزم خلاف وڙهي رهيو هو ۽ ١٩٣٦ع کان هٿيار بند ويڙهه ۾ پڻ، اسان اسپين جي جمهوري حڪومت جي مدد ڪئي هئي. جيستائين اسان جي جرمني سان اگرائي نه ڪرڻ واري ناهه جو تعلق آهي، جنهن جي ڪري اسان جا مخالف هميشه توڙي مروڙي پيش ڪندا آهن، باقي سچ اهو آهي ته هي ناهه بلڪل نه ٿئي ها، جيڪر برطانيه ۽ فرانس جا حڪمران، اگرائي ڪندڙ خلاف، وقت تي سوويت يونين سان سهڪار ڪرڻ تي راضي ٿين ها. اهڙي طرح تاريخ ۾ پيا اهڙا گهٽا واقعا نه ٿين ها، جيڪي ٿيا. چيڪوسلواڪيه کي ڪنهن نازين جي حوالي ڪيو. ميونخ کان واپسي بعد چيمبرلين چيو هو ته هو برطانوي عوام جي لاءِ امن ڪٺي آيو آهي. پر نتيجا ان جي ابتڙ نڪتا. اصل ۾ هو انهن لاءِ جنگ جو ٻارڻ ڪٺي آيو هو. ان جو وڏو سبب هيءَ هو ته برطانوي حڪمرانن جي ذهن تي هڪ ئي ڌن سوار هئي، ته ڪنهن طرح هٽلر جي جنگ جو رخ اوڀر ڏانهن ڦيريو وڃي، ڪيئن ان کي سوويت

يونين سان ويڙهايو وڃي ۽ هي وجهه وٺي ڪهڙي طرح ڪميونزم کي چيپائي ڇڏجي؟

اڄ معاملن کي سطحي انداز ۾ پيش ڪرڻ نٿو چاهيان. اصل ۾ اوڀر يورپ جي قومن کي هڪ اهڙو ورثو مليو هو، جنهن جا گهڻا پاسا خطرناڪ هئا. مثال طور روس ۽ پولينڊ جي لاڳاپن کي وٺو. اهي لاڳاپا صدين کان پنهي ملڪن جي حڪمرانن وچ ۾ جنگ ڪري خراب ٿي چڪا هئا.

بادشاهن ۽ راڄ پولينڊ جي ماڻهن کي روسين خلاف ۽ روسين کي پولينڊ خلاف ويڙهائڻ ۾ رڌل رکيو هو. انهن سڀني جنگين ۽ ڏاڍ، پنهي قومن جي دلين ۾ زهر ڀري ڇڏيو ۽ هو هڪبئي کان وير وٺڻ لاءِ سندرو ٻڌيو وتندا هئا.

سوشلزم هن علائقي ۾ صدين جي پراڻي تاريخ کي بنهه نئون رخ ڏيئي ڇڏيو. فاشزم جي هار ۽ اوڀر يورپ جي ملڪن ۾ سوشلسٽ انقلاب جي ڪاميابي وڏي ڪنڊ يورپ اندر هڪ بلڪل ئي نئين صورتحال پيدا ڪري ڇڏي. هڪ عظيم سگهه ابري سامهون آئي، جنهن جنگين جي ڏکي سلسلي کي درهم برهم ڪري ڇڏيو. توهان ڏسي سگهو ٿا، ته يورپي قومن جنگ کان پاڪ پنجين ڏهاڪي ۾ قدم رکيو آهي.

ان سان گڏ ئي اهو چوڻ به ضروري آهي، ته يورپ هاڻي به شديد نظرياتي، سياسي ۽ فوجي ڇڪتاڻ جو آکاڙو بڻيل آهي. ڪجهه ماڻهو يورپ جي ورهاست کي ديالٽاءِ پوسٽڊيم جو نتيجو قرار ڏيندا آهن ۽ انهن هنڌن تي ٿيل تاريخي ناهين کي شڪ جي نظر ڏسندا آهن. پر اهو رويو حقيقتن کي الٽو ڪري ڏسڻ وارو آهي. يالٽاءِ پوسٽڊيم بي مهاڀاري جنگ کان پوءِ يورپ جي تنظيمي صورتحال جو بنياد وڌو. اهي ان ڪري به اهم آهن، جو اهي پنهنجي مزاج ۾ فاشسٽ دشمن جمهوري ناهه هئا. انهن ئي هٽلر جي تجويز ڪيل ”نئين انتظام (New Order)“ کي مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيو. اهو ’نئون انتظام‘ ڪيترين قومن ۽ ملڪن کي آزادي کان محروم

ڪري ڇڏي ها ۽ انهن جي خودمختياري ۽ اقتدار اعليٰ جي بقا جي ڪا اميد باقي نه رهي ها. اڌوهي ڪاڏل سياسي منطق، يورپ کي پاڻ ۾ وهندڙ فوجي ٽولن ۾ ورهائي ڇڏي. اوائل جي ملڪن ۾ هڪ روايت اها به آهي ته "يورپ کي ڪميونسٽن ورهايو آهي." ڊرونسٽن چرچل جي فلٽن واري تقرير ته ڪجهه پهو ئي چوندي آهي ۽ ٽروي ڊاڪٽرين جو اصول ڇا ٿو چئي. يورپ جي ورهاست انهن ماڻهن شروع ڪئي هئي، جن هٽلر دشمن اتحاد کي پرزا پرزا ڪيو هو. جن سوشلسٽ ملڪن خلاف سرد جنگ جي شروعات ڪئي هئي. جن نيٽو (Nato) بلاڪ ٺاهيو هو. جيڪو يورپ ۾ فوجي ۽ سياسي ڇڪتاڻ جو ذريعو بڻيو. ڇا اها ڳالهه ورجائڻ جي ضرورت آهي ته وارسا ٺاهه تي نيٽو ٺاهه قائم ٿيڻ کان پوءِ ئي، صحيح ٿيو هيو.

نيٽو جي ڪري يورپ هڪ دفعو وري پنهنجو پاڻ کي هڪ جنگي رٿ سان بدل محسوس ڪيو. پر هاڻي هن جنگي رٿ ۾ ائٽمي هٿيارن جا انبار به شامل آهن. اڄ يورپ جي مستقل ورهاست جي ذميواري، انهن ماڻهن تي وجهڻ گهرجي، جن يورپ کي ائٽمي ميزائلن جي ٽڪراءَ وارو ميدان بڻائي ڇڏيو آهي ۽ هر پيري يورپ جي سرحدن کي تبديل ڪرڻ جي گهر ڪري رهيا آهن. هنن سياسي ۽ علائقائي حقيقتن کان بنهه اکيون پوري ڇڏيون آهن.

صلح ۽ امن جي ماحول کي قائم ڪرڻ لاءِ، اسان هر پيري اها ڳالهه ڪئي آهي، ته شروع ۾ ٻنهي ٺاهن جي فوجي ڌريندين کي ٽوڙيو وڃي يا گهٽ ۾ گهٽ ان جي فوجي حصن کي ختم ڪيو وڃي. پر اسان جي تجويز قبول نه پيئي، اسان کي ان حقيقت ڏانهن به نظر وجهڻ گهرجي، پوءِ به اسان اهو سمجهون ٿا ته پلي هي فوجي بلاڪ هجن يا نه، اسان کي هڪ بهتر دنيا لاءِ دڳ کولڻ گهرجي، ته جيئن بهتر عالمي لاڳاپا قائم ٿين، جيڪي اڳتي هلي سيني معاهدن کي نيٺ ختم ڪرڻ جو سبب بڻجي سگهن.

ٻي مهاڀاري جنگ کان پوءِ، يورپ ۾ ڪجهه اهم واقعا

رونما ٿيا. بهرحال يورپي ملڪن ، انهن ٻنهي حالتن ۾ موقعن رچي روشني ۾، پنهنجي بهتري لاءِ مناسب روين جي چونڊ ڪئي آهي. انهن مان ڪيترا ملڪ ته سرمائيداريءَ سان ڳنڍيل آهن، جڏهن ته ٻين سوشلزم ڏانهن قدم وڌايو. هڪ صحيح يورپي پاليسي ۾ عمل ڪري تڏهن اڳتي وڌائي سگهجي ٿو، جڏهن انهن سوشلسٽ ملڪن کي نه رڳو تسليم ڪيو وڃي، پر انهن جو احترام به ڪيو وڃي.

اسان اِن خيال ته ”يورپ ۾ مخالف ٽولن جو ذڪر ضروري آهي ۽ هتي هميشه هڪ ٻئي خلاف جنگ لاءِ تياريون. ٿينديون رهنديون.“ کي بلڪل رد ٿا ڪريون ۽ ان ڳالهه تي ٻنهي سخت ڳڻتي جو ڪليو اظهار ڪريون ٿا ۽ اهو چئون ٿا ته سوشلسٽ ملڪ ان نظرئي جا شڪار ناهن ٿيا. هو هاڻي به اهڙيون تجويزون پيش ڪري رهيا آهن، جيڪي هيلسنڪي ٺاه جو ڪارڻ بڻيون هيون. جنهن ۾ سڄو يورپ، آمريڪا ۽ ڪئناڊا به شامل آهن. هيلسنڪي ۾ جيڪا ڳالهه طئه ٿي ان ۾ وڏي کنڊ ۾، سچي اتحاد قائم ڪرڻ لاءِ، پرامن ۽ انصاف تي ٻڌل بنيادي اصول موجود آهن.

بهرحال فن لينڊ جي گادي واري هنڌ ۾ ٿيل هن جڳ مشهور ڪانفرنس جي اميد افزا ۽ مصروف روين ۾ هڪ نئين سرد جنگ جي هوائن، ڪجهه سرد مهري پيدا ڪئي آهي. ان جي سببن تي گهڻو ڪجهه چئي سگهجي ٿو، پر اسان هن وقت انهن ڳالهين ۾ نٿا پئون. خود تنقيدي ڪان ڪم وٺندي، سان رڳو هڪڙو سبب بيان ڪندس ۽ اهو آهي، سوشلزم جي معاشي حالت جي ڪمزوري، جيڪا اسان وٽ ١٩٧٠ع جي ڏهاڪي واري آخري حصي ۽ ١٩٨٠ع جي شروع تائين جاري رهي. ان جي ابتڙ اها صورت ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته ڊيتان (Detante) جي دشمنن کي شڪست ڏيڻ لاءِ ۽ سيني ملڪن جي وچ ۾ سٺي پاڙيسرين وارا سنٻنڌ پيدا ڪرڻ لاءِ سوشلزم کي ئي فيصلو ڪندڙ ڪردار ادا ڪرڻو آهي. جڏهن به سوشلزم پنهنجون مصروفيون سرگرميون گهٽائي ٿو ته فوجي چڪتاڻ جنگي تياري، سياست ۾ طاقت جو استعمال ۽ سامراجي خواهشون

ڪندڙ ڪيڻ شروع ڪن ٿيون.

اڄ سوويت يونين ۽ سوشلسٽ برادريءَ، حالتون وري پنهنجي ضابطي ۾ آڻي ڇڏيون آهن. سوشلزم کي مضبوط بڻائي اسان هيلسنڪي جي عمل کي وڌيڪ زندگي ۽ سگهه ڏيون ٿا. وقت اچي ويو آهي ته هر ماڻهو اها سادي سچائي مڃي ڇڏي ته موجوده رڪاوٽون اولهه جي ملڪن جي مرضي، اوڀر جي ملڪن مٿان مڙهڻ سان ختم ڪونه ٿينديون ۽ نه ئي اوڀر جي ملڪن پاران، اولهه جي ملڪن مٿان ماضي مڙهڻ سان ڪجهه حاصل ٿيندو. پنهي ڌرين لاءِ، گڏيل ڪوششن ذريعي، فوجي مخالفت ۽ ڇڪتاڻ واري پاليسي کان منهن موڙڻ، پرامن بقاءِ باهم ۽ گڏيل سهڪار جو رستو اختيار ڪرڻ ضروري آهي. اهڙي سمجهه پري واٽ وٺڻ سان ئي اسان جو هي عظيم کنڊ متحد ٿي سگهي ٿو.

يورپ اسان جو گڏيل گهر آهي

هڪ بحث دوران اها چوڻي منهنجي ذهن ۾ آئي. ظاهري طرح سان ته مون اها ڳالهه هلندي هلندي چئي هئي. پر گهڻي وقت کان آءٌ يورپ جي باري ۾ اهڙي حل لاءِ، سنجيدگيءَ سان سوچيندو رهيو آهيان. هي فارمولا اوچتو آسمان تان نازل نه ٿيو آهي، پر گهڻو سوچ ويچار ۽ گهڻن يورپي اڳواڻن سان ملاقات کان پوءِ، هن خيال انهيءَ چوڻي جو روپ ورتو. پنهنجو پاڻ کي نئين سياسي سوچ لاءِ تيار ڪرڻ کان پوءِ، يورپ جي سياسي نقشي کي ماڻي آءٌ مختلف رنگن جي چٽيل وارو ڪمبل سمجهي نه ٿي سگهيس. هن کنڊ ۾ ضرورت کان وڌيڪ جنگيون ۽ ماتم ٿيندا رهيا آهن. هاڻي اها صورتحال بنهه بدلجڻ گهرجي.

ڏکي غرضي کان اڏيتون ۽ عذاب يوگيندڙ هن ڌرتي جي ٽڪري کي ڏسندي ۽ ان جي رنگ برنگي پر اصل ۾ گڏيل ثقافت تي غور ڪرڻ سان، مون کي اهو شدت سان احساس ٿيو ته ٽولن ۽ بلاڪن وچ ۾ مخالفت، اصل ۾ هٿ ٺوڪي ۽ عارضي آهي ۽ "لوهي پڙدي"

(Iron wall) وارو تصور بہ اڏوھي ڪاڏل بڻجي ويو آھي. شايد ان مان منهنجي ذھن ۾ "گڏيل يورپ گھر" جو تصور پيدا ٿيو ۽ اھي لفظ پنھنجو پاڻ صحيح موقعي تي منھن.واتان نڪري ويا.

ھاڻي ھي خيال پنهنجي جڳھہ تي ھڪ زندھہ حقيقت بڻجي ويو. اخبارن ۾ ان تي واھ واھ ٿي، ڪجھہ ماڻھن گھڻ وڌ بہ ڳالھايو ۽ چيو تہ اھو تصور رڳو خيالي ۽ بيمعنيٰ آھي. تنھنڪري مون ان مسئلي تي سيني خيالن کي گڏ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. چيڪوسلوواڪيا جي ڏوري دوران، مون کي ان لاءِ اھو مناسب موقعو مليو. ھي ملڪ يورپ جي وچ ۾ آھي. ان ڪري مون کي پراگ جي عوامي ميڙ ۾ يورپ جي موضوع تي ڳالھائڻ لاءِ اتساھ مليو.

يورپ واقعي اھڙو گڏيل گھر آھي، جتي جاگرافيءَ ۽ تاريخ، گھڻن ملڪن ۽ قومن جي تقدير کي ھڪ ٻئي سان رلائي ملائي ڇڏيو آھي. اھو صحيح آھي تہ سڀ ڪنھن جا پنھنجا انفرادي مسئلا بہ آھن ۽ ھرڪو ملڪ پنھنجي انفرادي ڍنگ سان زندگي گذارڻ چاھي ٿو ۽ ھر ڪنھن جون پنھنجون پنھنجون روايتون آھن. سو ان چوڻي کي اڳتي وڌائيندي، اسان چئي سگھون ٿا تہ "اھو سچ آھي تہ گھر گڏيل آھي، پر ان ۾ ھر خاندان جو پنھنجو پنھنجو حصو آھي ۽ اندر داخل ٿيڻ لاءِ ھر ڪنھن لاءِ الڳ الڳ در آھي، پر ھي گھر ٻوءِ بہ گڏپ سان زندھہ آھي ۽ تيستائين محفوظ رھندو جيستائين سڀ يورپي ماڻھو گڏ رھڻ جي معقول اصولن تي عمل پيرا رھندا ۽ ان طرح سان ئي پنھنجي گڏيل گھر کي مڙني آفتن کان بچائي سگھجي ٿو. ھن گھر جا سڀ رھاڪو گڏجي سڏجي ان کي جنگجو تباھي ۽ ٻين مصيبتن کان محفوظ رکي مثالي بنائي سگھن ٿا ۽ ان جي سارسنڀال لاءِ چڱو بندوبست بہ ڪري سگھن ٿا.

ڪجھہ ماڻھو ان ڳالھين کي پلي خيالي سمجھندا ھجن، پر اھو نلھو ھڪ خيال ناھي. ھن ڪنڊ جي صورتحال جي صحيح ۽ متوازن جائزي جو نتيجو آھي. جيڪڏھن اڄ دنيا کي، مڙني

ملڪن وچ ۾ نوان لاڳاپا ڳهربل آهن، ته انهن لاڳاپن جي سڀ کان اڳ ججهي لوڙ يورپ کي آهي. اسان چئي سگهون ٿا ته يورپي قومن مصيبتن ۽ عذابن مان لنگهي، انهن نون لاڳاپن کي جنم ڏنو آهي ۽ انهن لاڳاپن تائين پهچ انهن جو اولين حق آهي.

هڪ 'گڏيل يورپي گهر' جي تصور سان هڪ اتحاد جي ثابتي ملي ٿي. پلي ملڪن جا پنهنجا الڳ الڳ سماجي نظام هجن ۽ اهي پل هڪٻئي جي مخالف سياسي ۽ فوجي معاهدن ۾ شامل هجن. هن تصور جي پيڙه "ضرورت ۽ موقعي جي مناسبت" پنهي تي رکي وئي آهي.

هڪ ضرورت: گڏيل يورپي پاليسي جون گهرجون

١- گڏيل يورپي پاليسي جي ضرورت، گهڻين معروضي حالتن مان ثابت ڪري سگهجي ٿي. يورپ جي آبادي گهڻي گتيل آهي ۽ زندگي جي نسبت، آبادي گهڻو ڪري شهري آهي، هن علائقي ۾ ائٽمي روايتي هٿيارن جا انبار آهن. هن کي "بارود جو ڍير" چوڻ ڪافي ناهي. هتي سڀ کان وڏا ۽ سڀ کان طاقتور فوجي گروپ موجود آهن. جيڪي جديد هٿيارن سان هٿياربند آهن ۽ هڪٻئي خلاف آمهون سامهون سندرا پڌيو بيٺا آهن. هن علائقي ۾ ان- ڳڻيا ائٽمي هٿيار موجود آهن. جن مان ڪجهه درجن ئي يورپ کي ساڙي رک بنائڻ لاءِ ڪافي آهن.

٢- اڄ جي دور ۾ ائٽمي جنگ ته ڇا، هڪ روايتي جنگ به يورپ جي لاءِ تباهه ڪن ٿي سگهي ٿي. اهو رڳو ان ڪري ناهي ته اڄ جا روايتي هٿيار ٻيءَ مهاڀاري جنگ ۾ استعمال ٿيل هٿيارن کان ڪيئي ڀيرا وڌيڪ موت-مار آهن، پر ان ڪري به ته اڄ مجموعي طرح سان يورپ ۾، ائٽمي توانائي جي ڪارخانن اندر ٻن سون کان وڌيڪ ائٽمي ريئڪٽر ڪم ڪن ٿا ۽ وڏي تعداد ۾ وڏا وڏا ڪيميائي ڪارخانا موجود آهن. عام روايتي جنگ ۾ انهن ڪارخانن جي تباهي ڪانپوءِ، هي کنڊ انساني آبادي لائق نه رهندو.

٣- يورپ دنيا جي سڀ کان وڏن صنعتي علائقن مان هڪ آهي. هن جي صنعت ۽ ٽرانسپورٽ جا وسيلا ايترو ته وڏي چڪا آهن، جو ماحول کي انهن مان گنڀير خطرو لاحق ٿي ويو آهي. هي مسئلو هاڻي ملڪي حدن کان وڌي ۽ سڄي يورپ جو مسئلو بڻجي ويو آهي.

٤- يورپ جي ٻنهي حصن ۾ ملڪن جي هڪٻئي سان ملڻ جا عمل گنڀيرتا سان وڌي رهيا آهن. اسانکي هن وقت سوچڻ گهرجي ته اڳتي جا ٽيڻ وارو آهي. جا يورپ جي ٻنهي حصن ۾ چڪتاڻ وڌي ويندي يا اهڙي مليل جليل رتا ناهي سگهجي ٿي، جنهن سان اوڀر ۽ اولهه يورپ کي فائدو ٿئي. يورپ جي ٻنهي حصن ۾ معاشي ۽ اقتصادي ترقي جي ضرورتن ۽ سائنسي ۽ ٽيڪنيڪل ترقي جي تقاضا آهي، ته گڏيل طرح سان سٺي سهڪار جي شڪل ڳولي وڃي. منهنجو اهو مطلب ڪونهي ته يورپي پاڻ پرائي وارو نظام قائم ڪيو وڃي. پر يورپ جي گڏيل صلاحيتن جو بهتر استعمال ڪيو وڃي. جنهن سان هن علائقي ۾ رهندڙ قومن کي فائدو ٿئي ۽ ان سان دنيا جي ٻين ملڪن سان لاڳاپن ۾ به بهتري پيدا ٿئي.

٥- يورپ جي ٻنهي حصن وچ ۾ ”اوڀر ۽ اولهه“ نوعيت جا ڪيترا مسئلا آهن، پر سڀ کان شديد ’اتر ڏکڻ‘ جو مسئلو سامهون آهي. ان جو اهو مطلب ناهي اوڀر يورپ جي ملڪن تي اولهه يورپ جي ملڪن جون بيٺڪي دور واريون ذميواريون عائد ٿيندديون، پر هتي مسئلو اهو ناهي. مسئلو هي آهي ته جيڪڏهن آسرندڙ ملڪن جي تقدير کان لاپرواهي ڪئي وئي ۽ آسرندڙ ۽ صنعتي طرح آسريل ملڪن جي وچ ۾ فرق کي ختم نه ڪيو ويو، ته يورپ ۽ باقي دنيا لاءِ ان جا ڏاڍا تباهي آڻيندڙ نتيجا نڪرندا. ان ڏس ۾ اسان ”برانڊ ڪميشن“ جي ”اتر ڏکڻ رپورٽ“ وارن مقصدن ۽ دليلن سان متفق آهيون. اهڙي طرح سوشلسٽ انٽرنيشنل جي رپورٽ، ’هڪ عالمي چئلينج‘ جيڪا ولي برانٽ ۽ ماڊيڪل ميڪلي جي نگراني ۾ تيار ڪئي وئي، جي مقصدن سان به سهمت

آهيون. اولهه يورپ جا ملڪ به سوويت يونين ۽ ٻين سوشلسٽ ملڪن وانگر، ٽين دنيا سان لاڳاپن ۾ ڳنڍيل آهن. هو به انهن جي بهتري ۽ ترقي لاءِ پنهنجي ڪوشش ۽ وسيلن کي گڏ ڪري سگهن ٿا. اهي آهن عام طرح سان هڪ وسيع يورپي پاليسيءَ جون تقاضائون جن جو بنياد سڄي گڏيل يورپ جي مفادن ۽ ضرورتن تي رکيو ويو آهي.

يورپ جي ڀلائي جا امڪان

اچو ته انهن امڪانن جو ذڪر ڪريون، جيڪي يورپي ماڻهن کي ميسر آهن. انهن ضروري شرطن جو جائزو وٺون، جيڪي کين هڪ گڏيل گهر جي رهواسي واري حيثيت سان پورا ڪرڻ گهرجن.

١- يورپي قومن کي ٻن مهاڀاري جنگين جو ڏکوئيندڙ ۽ اڏوئيندڙ تجربو آهي. هڪ ٽينءَ عالمي جنگ جي ناقابل قبول هجڻ جي اميد سان هنن جون دليون ٽمٽار آهن. اهو فقط اتفاق ناهي ته يورپ ۾ سڀ کان وڏي ۽ وڌيڪ اثرائتي "جنگ مخالف تحريڪ" موجود آهي، جنهن ۾ سڀ سماجي طبقا شامل آهن.

٢- عالمي لاڳاپن ۾ يورپ جي سياست جي ڪردار سطح دنيا ۾ سڀ کان مٿاهين به آهي. يورپي قومن جا هڪٻئي جي باري ۾ خيال، ٻين علائقن جي نسبت وڌيڪ حقيقت پسنديءَ تي ٻڌل آهن. هنن جي سياسي ميل جول وسيع تر ۽ بهتر هئڻ ڪري، وڌيڪ ويجهائپ وارو آهي.

٣- ڪنهن به ٻئي کنڊ ۾ هڪ ايڪي واري حيثيت ۾، ٻه طرفي ۽ گهڻ پاسائين ڳالهه ٻولهه، مشورن، معاهدن ۽ ڪيترين سطحن تي لاڳاپن جو اهڙو مضبوط ۽ وسيع جار وڇايل ناهي. هن کنڊ کي اهو فخر حاصل آهي ته هن کنڊ ۾، عالمي لاڳاپن جي تاريخ جو، هڪ اهڙو بيمثال نمونو موجود آهي، جنهن کي هيلسنڪي ناهه چيو وڃي ٿو. اسٽاڪ هوم ڪانفرنس جا اڳان به سٺا نتيجا نڪتا، ان کان پوءِ ويانا ۾ جتي اسان جي خيال ۾ هيلسنڪي

واري عمل ڪي هڪ قدم اڳتي وڌايو ويو. تنهنڪري هڪ گڏيل يورپي گهر جي نئين سر اڏاوت لاءِ سڀ نقشا تيار ٿي چڪا آهن.

٤- يورپ جي اقتصادي، سائنسي ۽ ٽيڪنيڪل صلاحيتون گهڻيون عظيم آهن. پر اهي ٽڙيل پکڙيل آهن. هن کنڊ جي اوڀر اولهه جي وچ ۾، علحدگيءَ وارو لاڙو قدرتي جي ڪشش کان وڌيڪ سگهارو آهي. بهرحال اوڀر ۽ اولهه ٻنهي ۾ موجوده اقتصادي حالتن ڪري ان ڳالهه جا چٽا امڪان پيدا ٿيا آهن ته ٻنهي جي اقتصادي عملن کي گڏ ڪري، سڀني جي فائدي ۾ استعمال ڪرڻ لاءِ ڪو بهتر طريقو ڳوليو وڃي. يورپ جي وڌيڪ مادي ترقي لاءِ، اهوئي مناسب رستو آهي. ائٽلانٽڪ سمنڊ کان يورال تائين يورپ هڪ ثقافتي ۽ تاريخي وحدت آهي. جنهن وٽ پيهر جياپي (Renaissance) جي تحريڪ ۽ ڏاهپ، اڻويهين ۽ ويهين صدي جي عظيم فلسفائي ۽ سماجي علم جهڙيون مقناطيسي قوتون موجود آهن، جيڪي عالمي سطح تي سڪ سلوڪت ۽ گڏيل سهڪار جا رستا ڳولڻ ۾، يورپي ملڪن جي پرڏيهي پاليسي بنائڻ وارن لاءِ مددگار ثابت ٿيندڙيون آهن. يورپ جي ثقافتي ورثي ۾ اهڙيون ڪيتريون ئي عظيم صلاحيتون موجود آهن، جيڪي امن ۽ سٺي پاڙيسري تي رهڻ واريءَ پاليسي ناهڻ ۾ ڪافي ڪارڪر ثابت ٿي سگهن ٿيون. پين علائقن جي پيٽ ۾ جتي پيئي سرشتا موجود آهن، يورپ ۾ نئين نڪور ۽ مصبت سوچ لاءِ، ججهي زرخيز زمين موجود آهي. مان صاف دلي سان قبول ڪريان ٿو ته اسان کي انهيءَ ڳالهه مان گهڻي خوشي حاصل ٿي آهي. "هڪ گڏيل يورپي گهر" جو خيال نه رڳو اوڀر پر اولهه يورپ جي ناميارن سياسي شخصيتن ۽ عوامي اڳواڻن ۾ به مشهور ٿي رهيو آهي. انهن ۾ اهڙا ماڻهو به شامل آهن، جن جا سياسي نظريا اسان کان گهڻو مختلف آهن. تنهنڪري وفاقي جرمني جي پرڏيهي وزير گينشيئر (Geuscher) هڪ "گڏيل يورپي گهر" جي تصور کي قبول ڪندي چيو آهي، ته يورپ کي سچ پچ

هڪ ”گڏيل گهر“ بنائڻ لاءِ، سوويت يونين سان گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ بلڪل تيار آهن.“ وفاقي جرمني جي صدر **رچرڊ وان ويزيڪر** اٽلي جي پرڏيهي وزير **گيوليو ايڊيئر يوٽي** ۽ ٻين اڳواڻن به مون سان اهڙيون اميد افزا ڳالهيون ڪيون آهن. انهن سان سڌ پئي ٿي ته يورپي ثقافتي وحدت جو تصور، وڏي ڪنڊ جي مڙني ملڪن جي مستقبل جو هڪ پئي تي دارومدار ۽ هڪ ٻئي سان ويجها لاڳاپا ۽ پاڻ ۾ گڏيل سهڪار جي ضرورت وارو شعور فنا ناهي، ٿيو اچا زندهه آهي.

بهرحال اهڙا ڏاها سياستدان به موجود آهن، جيڪي سوويت يونين جي خلاف بد اعتمادي ڦهلائڻ واري مهم ۾ هر پل مصروف آهن. اولهه يورپ جا اڪثر ملڪ، آمريڪا جي نگراني ۾ ڏاڍا چڙ ڏياريندڙ مضمون ڇپائيندا آهن. هميشه وانگر فرانس جي ساڄي ڌر جا رسالا ۽ اخبارون انهيءَ عمل ۾ اڳ اڳ آهن. اهي ته يورپ ۾ بهتر صورتحال جي تصور ڪان ئي چرڪ پرندا آهن. مثال طور فرانس جي رسالي ”ايڪسپريس“ ڪي ٽي ڏسو ٦ مارچ ١٩٨٧ع جي شماري ۾، ان لکيو ته اسان جي خواهش آهي، ته اسان يورپ تي پنهنجو اقتدار قائم ڪريون. مضمون جو عنوان هن ريت هو: ”گورباچوف ۽ يورپ“ ۽ آهو ننڍڙي ريڊ رائڊنگ هڊ ۽ وڏا ظالم بگهڙ Little Red Riding Hood and Big Bad Wolf جي نموني لکيو ويو هو.

مون سوچيو، ڇا يورپي پڙهندڙ ۽ يورپي قومون ايڊيون اڻوجهه به ٿي سگهن ٿيون، جو اهڙين بي بنياد لکڻين تي ويهي يقين ڪن؟ اسان کي يورپي ماڻهن جي سمجهه ۽ ساڃهه تي ڀروسو آهي. ۽ اسان کي سڌ آهي ته جلد يا دير هو سچ ۽ ڪوڙ ۾ فرق کي سمجهي وٺندا. اسان کي اها ڳالهه محسوس ٿئي ٿي ته عام راءِ جي انگن اکرن (جيڪي اخبارن ۾ ڇپجي چڪا آهن) جي مطابق، اولهه يورپ جي ماڻهن جي اڪثريت، سوويت يونين جي صاف گوئيءَ واري پاليسي کي پسند ڪري ٿي. جنهن پاليسي جو مقصد هن

وڏي ڪنڊ ۾ هميشه ڪان هلندڙ جهيڙن جهڳڙن کي بنهه ختم ڪرڻ آهي.

ٻه جرمن ديس

"هڪ گڏيل گهر" جي تصور تي غور ڪندي، اسان کي لازمي طرح ان صورتحال جو ذڪر ڪرڻو پوندو، جيڪو ٻي مهاڀاري جنگ جي ڪري وچ يورپ ۾ پيدا ٿي هئي. جتي اڄ ٻه جرمن ديس، جرمن ڊيموڪريٽڪ جمهوريه (G.D.R) ۽ فيڊرل ريپبلڪ آف جرمني (F.R.G) جي نالن سان موجود آهن. ان موضوع تي اولهه جرمني جي صدر رچرڊ وان ويزيڪر، ڏکهي ڳالهه ٻولهه ڪئي. هن چيو ته اولهه جرمني جا ماڻهو "گڏيل يورپي گهر" جي نعري تي ڪن ڏينهن زهيا آهن. مون ڪانئس پڇيو ته، "اولهه جرمني ۾ ان کي ڇا تو سمجهيو وڃي؟" ان تي جيڪا ڳالهه ٻولهه ٿي ان جو تت هتي پيش ڪريان ٿو.

رچرڊ وان ويزيڪر: اهو نعرو ان ڳالهه جي ابتدا ٿئي سگهي ٿو ته اسان ان "گڏيل يورپي گهر" ۾ کهڙا-ڪهڙا انتظام ڪريون. خاص طرح سان "گڏيل گهر" جي مختلف حصن ۾، ڪيستائين ماڻهن کي هڪٻئي سان ملڻ جو موقعو ملندو.

ميخائيل گورباچوف: توهان ٺيڪ چيو، پر سڀ ماڻهو اڌ رات جو ايندڙ مهمان کي پسند نه ڪندا آهن.

رچرڊ وان ويزيڪر: اسان ٻه هڪ گڏيل ڪمري جي وچ ۾ ڪوئيل اونهيء ڪڏ مان خوش ناهيون." سندس مطلب هو ته ايف - آر - جي (F.R.G) ۽ جي - ڊي - آر (G.D.R) کي هڪ پٽ هڪٻئي کان الڳ ڪري ٿي. اها پٽ انهن جي وچ ۾ عالمي سرحد آهي، جيڪا برلن شهر جي وچ ۾ موجود آهي. اها هڪ حقيقت آهي، جنهن کي تاريخ جوڙيو آهي. هي ان معاهدي جي ڪري قائم ٿي هئي، جيڪو ٻي مهاڀاري جنگ جي پڇاڙي وقت ٿيو هو.

تصور ڪريو. جيڪڏهن جرمني ٻوسلاڊم ٿاهر تي مڪمل

طرح سان عمل ڪري ها ته اڄ ان جي شڪل صورت ٻي هجي ها. پوسٽڊم ٺاهه ڪري پيدا ٿيل اتحاد جو پيو ڪوبه بنياد نه هو. پر ان وقت جي برطانوي، آمريڪي ۽ فرانسي اڳواڻن اسان سان ڪيل معاهدن کي سبوتاز ڪيو. طاقت جي پاليسي جي حمايتي اولهه جرمنن به پوسٽڊم جي ٺاهه جي وڏي واڪ مخالفت ڪئي ۽ پوسٽڊم هنن لاءِ هڪ ڊيچار ينڊز خواب بڻجي ويو. نتيجو اسان سڀني کي معلوم آهي. ظاهر آهي ته اسانکي اهڙن بيانن مان خطرو محسوس ٿيندو آهي، جنهن ۾ چيو ويندو آهي ته "جرمن مسئلو" اڃا ختم ناهي ٿيو. "آپرندي جي علائقن جي باري ۾ اڃا سڀني ڳالهين جي وضاحت ناهي ٿي." يا اهو ته "**پالٽا ۽ پوسٽڊم** غيرقانوني ٺاهه آهي." وفاقي جرمني ۾، گهڻو ڪري اهڙا بيان ڏنا ويندا آهن. آءٌ اها ڳالهه چٽن لفظن ۾ چوڻ چاهيان ٿو ته جرمن اتحاد جي باري ۾ اهي سڀ بيان جرمن لفظ Real politicks سان ڪوبه واسطو نٿا رکن. گذريل ڇاليهن سالن اندر ان مان وفاقي جرمني کي ڪوبه فائدو نه رسيو. "١٩٣٧ع جي سرحدن واري جرمني" جي خواب ڏسڻ جي حمايت ڪرڻ جو مطلب هي آهي ته پاڙيسرين ۽ ٻين قومن جو وفاقي جرمني ۾ اعتماد ڪمزور ٿي وڃي.

رونالڊ ريگن ۽ ٻيا اولهه جا اڳواڻ هن موضوع تي ڇا به ڪٿي چون، پر هو جرمن مسئلي تي وفاقي جرمني کي ڪوبه حقيقت تي ٻڌل پروگرام نٿا ڏيئي سگهن. جيڪي شيون هن علائقي ۾ تاريخ پنهنجي هٿن سان ٺاهيون آهن، بهتر اهو آهي ته اهي شيون تاريخ جي حوالي ڪيون وڃن. اها ڳالهه جرمن قوم ۽ جرمن ملڪ جي شڪل ۽ صورت تي لاڳو ٿئي ٿي. هن وقت اهم ڳالهه سياسي پهلو آهي. ٻه جرمن ديس موجود آهن، جن ۾ مختلف سياسي ۽ سماجي نظام رائج آهن. هرڪنهن وٽ پنهنجا پنهنجا قدر آهن. پنهي تاريخ کان سبق سکيو آهي ۽ پنهي مان هرڪو يورپ جي معاملن ۽ عالمي معاملن لاءِ مفيد ڪم ڪري سگهي ٿو. سؤ سالن کانپوءِ ڇا ٿيندو، اهو فيصلو تاريخ پاڻ ڪندي. في الحال اسان کي موجوده

حقيقتن کي سامهون رکي ئي اڳتي وڌڻو آهي. اسان کي چڙ ڏياريندڙ مفروضن کان پرهيز ڪرڻ گهرجي.

آءٌ ٿورو موضوع کان هٽي پنهنجي ۽ اولهه جرمني جي صدر **ويزيڪر** جي ڳالهه ٻولهه جو ذڪر ڪيان ٿو. ۱۹۸۵ع ۾ جڏهن نازي ازم تي سوڀ جي ٽيهين سالگره ملهائي پئي وئي ته آءٌ اولهه جرمني ۾ هوس. **فرينڪفرٽ** * ۾ مون گئس اسٽيشن جي مالڪ سان ڳالهه ٻولهه ڪئي. ان چيو: ”اسٽالن اعلان ڪيو هو ته هٽلر ايندا ويندا رهندا آهن ۽ جرمن قوم هميشه قائم رهندي. پر جنگ جي پڄاڻي تي سوويت يونين جرمن قوم کي ورهائي ڇڏيو.“

هاڻ اسان ٻنهي ۾ هڪ بحث شروع ٿي ويو. مون کيس ٻڌايو ته جنگ دوران ئي چرچل ۽ آمريڪي سياستدانن گڏجي جرمني کي ٻن حصن ۾ ورهائڻ جا منصوبا تيار ڪيا هئا. اسان ان وقت رٿائن جي مخالفت ڪئي هئي ۽ هڪ متحد، خودمختيار ۽ جمهوري جرمني جي قائم ٿيڻ جي ڀرپور حمايت ڪئي هئي. مون کيس ياد ڏياريو ته اولهه جي طاقتن اولهه جرمني ۾ هڪ الڳ رياست قائم ڪرڻ جي حمايت ڪئي هئي ۽ جرمن جمهوري ريپبلڪ ان کان پوءِ وجود ۾ آيو هو. ان کان سواءِ يالٽا ۽ پوٽسڊم جي ڪانفرنس کان پوءِ اسان هڪ متحد، خودمختيار ۽ سڀ کان وڌيڪ اهو ته امن پسند جرمن رياست جي قيام جي حق ۾ هئاسين. جنهن جو بنياد نازي اثر کان آزادي، جمهوريت ۽ جرمني جي بلڪل غير فوجي ڪردار تي رکيو ويو هو. پر اولهه ۾ اهڙيون طاقتون ڪم ڪري رهيون هيون، جن اهڙيون سازشون ڪيون، جنهن جي نتيجي ۾ موجوده صورتحال سامهون آئي، تنهن ڪري جرمني جي ورهاست جو ڏوهي سوويت يونين ناهي، پر جن ماڻهن اهو منصوبو سٽيو سي پين ملڪن جا رهواسي هئا. سو هاڻي ٻه جرمن ديس موجود آهن. هن حقيقت کي عالمي معاهدن ۾ تسليم ڪيو ويو آهي. ڪوبه حقيقت

---

* . اولهه جرمني جو شهر.

پسند سياستدانن کان سواءِ ٻئي ڪنهن دليل سان قائل ٿي نه سگهندو، ته اها هٿي اسان جي ڳالهه ٻولهه هن خوفناڪ جنگ مان گذرڻ کان پوءِ سوويت يونين هڪ اصولي موقف اختيار ڪيو. اسان جي حقيقت پسنديءَ اسان کي دوکو نه ڏنو، اسان جرمن عوام ۽ نازي حڪمرانن کي ڪڏهن به هڪ ٻئي سان نه ملايو. اسان هٽلر جي اڳرائيءَ ڪري پيدا ٿيل مصيبتن لاءِ جرمن عوام کي ڏوهي نٿا سمجهون.

وفاقي جمهوريه جرمني سان لاڳاپن ۾ اسان هن ملڪ جي عظيم امڪانن، صلاحيتن ۽ پوءِ يورپ ۾ ان جي سياسي اهميت ۽ ڪردار کي گهڻي اهميت ڏيندا آهيون. تاريخ اسان کي مجبور ڪري ٿي ته هڪ ٻئي سان سٺو سلوڪ روا رکون: اسان پنهنجي قومن جي باعمل سهڪار کان سواءِ يورپ جي ترقي ممڪن ناهي. وفاقي جرمني ۽ سوويت يونين جي وچ ۾ مضبوط لاڳاپا، تاريخي اهميت وارا آهن. پنهنجي الڳ سڃاڻپ رکندي، پنهنجي پنهنجي نظام اندر رهندي ۽ پنهنجي الڳ معاهدن هوندي به، ٻئي ملڪ يورپ ۽ سڄي دنيا جي ترقي ۾ وڏو اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. سوويت يونين جي خواهش آهي، ته وفاقي جرمني کي مڪمل تحفظ مليل هجي. جيڪڏهن وفاقي جرمني مضبوط ناهي ته سڄي يورپ ۾ بلڪ پوري دنيا ۾ امن ۽ پائيداريءَ جي اميد نٿي ڪري سگهجي. ان جي اٻتڙ اولهه جرمني ۽ سوويت يونين وچ ۾ مضبوط لاڳاپا يورپ جي حالتن کي بهتر بڻائي سگهن ٿا.

يورپ ۾ بارود گهٽائڻ

رڪياوڪ ۾ بحث هيٺ ايندڙ هر موضوع جو تعلق سڌو سنئون يورپ سان هو. آمريڪا سان ملاقاتن ۾ اسان ڪڏهن به يورپ جي مفادن کي نظرانداز ناهي ڪيو. رڪياوڪ جي سرواڻ ميٽنگ کان پوءِ مون نيٽو جي ميمبر ڪيترن ملڪن جي سربراهن سان ملاقات ڪئي. انهن ۾ ڊنمارڪ جو پول شلوٽر، هالينڊ جو

روڊولف لبرس، ناروي جو گروهارليم برنٽ لينڊ، آئير لينڊ جو اسٽين گري مور هرمينسن ۽ اٽليءَ جي اڳواڻن مان اهن ڊوري فينفني ۽ گيوليو آنڊريوٽي شامل آهن. اسان ”يورپ ۽ بارود گهٽائڻ“ جي موضوع تي گهڻا پيرا خيالن جي ڏي وٺ ڪئي آهي.

جن ماڻهن سان مون ڳالهه ٻولهه ڪئي، انهن وٽان مون ڪي ڪيترا ئي دلچسپ تبصرا ٻڌڻ جو موقعو مليو. ان سان گڏ سوويت اڳواڻن به هنن جا خيال ۽ دليل سنجيدگيءَ سان ٻڌا. انهن مان جيڪي خيال ۽ دليل، اسان کي صحيح محسوس ٿيا، تن کي اسان پنهنجي حڪمت عملي ۾ شامل ڪيو. خاص طرح سان يورپ اندر ميزائلن گهٽائڻ جي باري ۾ ڳالهه ٻولهه وڏيڪ اهميت والاريندي هئي ۽ پاڻ ۾ گنڀير اختلاف به ٿيندا رهندا هئا. خاص طرح سان برطانيه جي مسز ٿيچر ۽ فرانس جي ژاڪ شيراڪ سان ڪڙيون ڪساريون ڳالهيون به ٿيون ۽ هڪ ٻئي سان ٽڪراءَ به ٿياسون. ”ائٽمي هٿيارن ذريعي جنگ کان ڇوٽڪارو“ واري موضوع تي انهن اڳواڻن ۽ نيٽو جو موقف اسان کي عجيب لڳندو هو. رڪياوڪ ۾ ٿيل سربراه ڪانفرنس جي فيصلن تي الهندي جي ملڪن جي گاديءَ وارن شهرن ۾ مون کليءَ طرح ڳڻتي ۽ ناراضگيءَ جو اظهار ڪيو. مون چيو ته هٿيارن گهٽائڻ سان اولهه يورپ جي سلامتي کي ڪو به خطرو ڪونهي، پر اصل ۾ اهڙا بي تڪا نتيجا ڪڍڻ وارا سرد جنگ واري پراڻي دور جي سڙي ڪاڌل سوچ سان سلهاڙيل آهن.

پنهنجي ملڪن جي اڳواڻن سان ڳالهه ٻولهه ڪندي، آءُ اڪثر انهن کان سوال ڪندو آهيان، ”ڇا توهان کي يقين آهي ته سوويت يونين توهان جي ملڪ تي يا اولهه يورپ تي حملي ڪرڻ جو ارادو رکي ٿو؟“ لڳ ڀڳ سڀني جو جواب هو ته، ”نه اسان نٿا سمجهون“ پر ڪن ان جواب سان گڏ ڪجهه شرط به لاڳو ڪيا. هنن جو چوڻ هو ته ”سوويت يونين جو ايتري وڏي فوج رکڻ امڪاني خطري جو مستقل خوف پيدا ڪري ٿو.“ اها ڳالهه سمجهه ۾ اچي

ٿي، پر جڏهن قومي وقار ۽ عظمت کي ائٽمي هٿيارن سان ماپيو وڃي ته پوءِ هي مسئلو چڱيءَ طرح سمجهه ۾ نٿو اچي. حقيقت هيءَ آهي ته سڀ ماڻهو ان حقيقت کان باخبر آهن، ته جيڪڏهن ائٽمي جنگ لڳي ته اهي هٿيار حملي جو نشانو بڻبا ۽ ان کانسواءِ انهن جي ڪابه اهميت ڪونهي.

جڏهن اسان چئون ٿا ته ”يورپ جي گڏيل گهر“ جي نئين سر اڏاوت ۾ بارود گهٽائڻ کي هڪ اهم عنصر جي حيثيت حاصل آهي، ته اسان سڀ کان وڌيڪ يورپ جي انهن ملڪن سان مخاطب هوندا آهيون، جن وٽ ائٽمي هٿيارن جا ڍڳ موجود آهن. يعني برطانيه ۽ فرانس. سوويت يونين اولهه يورپ تي پنهنجي پختي ويساهه جو اظهار ڪندي، بارود گهٽائڻ واريءَ هاڻوڪي ڳالهه ٻولهه ۾، ان ڳالهه تي رضامندي ڏيکاري هئي ته انهن ملڪن جي ائٽمي طاقت کي ڳالهين ۾ شامل نه ڪندو. هن فيصلي جي پس منظر ۾ اهو ارادو هو ته اسان برطانيه ۽ فرانس خلاف جنگ ڪرڻ جي امڪان کي تصور ۾ به نٿا آڻيون. باقي انهن يورپي ملڪن سان، جن وٽ ائٽمي هٿيار ئي ناهن، ته انهن لاءِ اها ڳالهه بنهه بحث کان ئي خارج آهي. اسان جي رٿائن ۾ هي تصور ماڳهين موجود ئي ناهي.

جڏهن اسان جي تجويز تي راءِ ڏيندي، اهو چيو ويو ته ماسڪو وارا چالاڪي ڪري ڪٿي نيٽو جي ملڪن ۾ قوت ته نه ٿا وجهڻ چاهين يا اولهه يورپ جي تياري کي ٽٻو ڪري ان کي اوچتو فتح ته نه ڪري وٺندا يا جڏهن يورپ کي ائٽمي هٿيارن کان پاڪ علائقو قرار ڏيڻ جي تجويز کي خطرناڪ ۽ نقصانڪار قرار ڏنو ويو ته مون انهن سيني ماڻهن کي مخاطب ٿيندي چيو ته: ”توهان ڇا کان ٿا ڊڄو؟ ڇا سوويت يونين ۽ سڄي سوشلسٽ دنيا ۾ جاري عظيم تاريخي تشڪيل جو صحيح اندازو ڪرڻ لاءِ بلند سطح تي سوچڻ ايڏو ئي ڏکيو ڪم آهي؟ ڇا توهان پرڏيهي پاليسي ۾ انهن عملن ۽ بهتر خواهشن جي وچ ۾، ان معروضي ۽ ناقابل شڪست رشتي کي نٿا سمجهي سگهو؟“ آءٌ اهو محسوس ڪريان ٿو ته وقت اچي ويو آهي جو ”سوويت يونين جي اڳرائيءَ“ جي باري ۾ ڦهلايل ڪوڙ

کي پڌرو ڪيو وڃي. ڪڏهن به ۽ ڪنهن به حالت ۾ اسان جو ملڪ اولهه يورپ جي خلاف فوجي ڪاروائي نہ ڪندو جيستائين نيٽو طرفان اسان تي يا اسان جي اتحادين تي اڳواٽ حملو نٿو ٿئي.

اولهه يورپ کي سوويت يونين پاران خطري جي خوف کي الوداع چوڻ گهرجي. اهو خوف مٿس ٻاهر کان مڙهيو ويو آهي. ڪيس ان خيال تي غور ڪرڻ گهرجي، تہ يورپ ۾ ائٽمي هٿيارن جي ضايع ڪرڻ سان نہ فقط اولهه ۾ صورتحال سڌاريندو، پر اهو اسان لاءِ بہ سٺو ٿيندو. اسان انهيءَ ڳالهہ کي ڪڏهن بہ وساري نٿا سگهون، تہ ائٽمي دور کان اڳ، اسان جي ملڪ تي اولهہ طرفان ڪيئي حملا ٿيا هئا. ڇا اها هڪ کلي حقيقت ناهي تہ نيٽو جون سڀ فوجي مشقون حملو ڪرڻ جي رٿائن واريون هونديون آهن. اهو عمل سندن نيت کي پڌرو ڪري ٿو؟

اسان انهيءَ ڳالهہ کي گهڻي سياسي اهميت ڏيون ٿا، تہ يونان هالينڊ، اسپين، اٽلي، سويڊن، فن ليند ۽ ٻين ڪيترن يورپي ملڪن، يورپ ۾ ائٽمي ميزائلن جي مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ آواز اٿاريو آهي.

اولهہ ۾ ماڻهو هٿيارن ۾ اڻبرابري ۽ عدم توازن جو گهڻو ذڪر ڪندا آهن. اها ڳالهہ درست آهي، تہ ٻنهي پاسن کان هٿيارن ۽ فوجن جي ڏس ۾ ڪجهہ اڻبرابري ۽ عدم توازن موجود آهي. اها تاريخي، جاگرافيائي ۽ ٻين سببن ڪري آهي. اسان چاهيون ٿا تہ ڪجهہ علائقن ۾ جيڪا اڻبرابري آهي، سا دور ڪئي وڃي، پر ائين ڪرڻ لاءِ انهن علائقن ۾ جتي هٿيار يا فوجون گهٽ هجن، اتي انهن جو انگ وڌائي نہ پر جتي وڌيڪ هجن، اتان انهن جو ڳاڻيٽو گهٽائي توازن پيدا ڪيو وڃي.

ان مسئلي جا ڪيترا ئي ذيلي مسئلا آهن، جن جو حل ضروري آهي، مثال طور پري مار ڪندڙ ائٽمي ميزائلن ۾ ڪمي ڪرڻ ۽ آخرڪار انهن کي ضايع ڪرڻ. ان سان گڏ ئي روايتي هٿيارن ۽ فوجن ۾ گهٽي ڪمي، اڳرائي وارن هٿيارن جو هڪ ٻئي جي سامهون نہ هجڻ تہ جيئن اوچتو حملي جو خطرو نہ رهي. فوجن جي

موجود تنظيم کي اڻين بدلايو وڃي، ته جيئن اهي خالص بچاءُ جو ڪردار ادا ڪن. پراگ ۾ هڪ اجلاس دوران، سوين خاص طرح سان ان موضوع تي ڳالهه ٻولهه ڪئي. وارسا ناهه جي تنظيم جي بنيادي پروگرام ۾ ان متعلق تجويزون ڏنيون ويون آهن.

پنهنجي "سياسي مشاورتي ڪميٽي" جي اجلاس ۾ جيڪو مئي ۱۹۸۷ع ۾ برلن ۾ ٿيو، وارسا ناهه جي ميمبر ملڪن، پنهنجي فوجي اصولن جي باري ۾ اعلان ڪري، هڪ اهم قدم کنيو. جيڪو باهمي اعتماد کي قوت بخشيندو. اهو اعلان نئين سوچ جي جوهر کي پڌرو ڪري ٿو. هن اعلان مطابق ناهه جون سڀ فوجي سرگرميون رڳو بچاءَ جي نوعيت واريون آهن.

اهڙن قدمن سان جهڙوڪ "ائٽمي ۽ ڪيميائي هٿيارن کان پاڪ علائقا" قرار ڏيڻ سان، يورپ جي سلامتي کي مضبوط بڻايو ويندو. اوير جرمني ۽ چيڪوسلواڪيه اوله جرمني کي اها پيشڪش ڪئي آهي، ته وچ يورپ ۾ هڪ ائٽمي هٿيارن کان پاڪ ڏگ قائم ڪيو وڃي. سڀني کي خبر آهي، ته جرمني جي سوشل ڊيموڪريٽڪ پارٽي اهڙي رستي جوڙڻ ۾ ڪيترو حصو ورتو آهي. اسان پنهنجي پاران اعلان ڪريون ٿا، ته اسان هن علائقي جي غير ائٽمي حيثيت جو احترام ڪنداسين ۽ ان جي تحفظ جي ضمانت به فراهم ڪنداسين. اسان جو خيال آهي، ته بارود گهٽائڻ ۽ اعتماد قائم ڪرڻ لاءِ، پولينڊ جو منصوبو جيڪو گهڻن شرطن جي وچ ۾ هڪ ناهه جي حيثيت رکي ٿو، وقت تي سامهون اچي ويو آهي ۽ ان سان وڏيون اميدون وابسته ڪري سگهجن ٿيون.

اسان سمجهون ٿا ته هٿيارن کي هڪ اهڙي مناسب حد تائين گهٽائجي، جيڪا معقول هجي ۽ بچاءُ جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ ڪافي هجي. وقت اچي ويو آهي، ته ٻنهي فوجي معاهدن* سوچڻ ۾ اهڙيون مناسب ترميمون ڪيون وڃن، جو هو دفاعي ضرورتن جي

* نيٽو ۽ وارسا معاهدن ڏانهن اشارو آهي.

مقصدن کي پورا ڪندا هجن. "يورپ گهر جي" هر حصي کي اهو حق حاصل آهي، ته هو پنهنجو پاڻ کي ڦورن ۽ رهزنن کان محفوظ رکي. پر هرڪو اهو حق اهڙي طرح استعمال ڪري ۽ جو پاڙيسري جي ملڪيت کي رتي ۽ برابر ڇيهو نه رسي.

يورپ ۾ سهڪار

يورپي گهر جي نئين سر اڏاوت لاءِ هڪ پڪي پختي بنياد جي گهرج آهي ۽ اهو بنياد آهي، مختلف شعبن ۾ تعميري سهڪار. اسان سوويت ماڻهو ان ڳالهه لاءِ تيار آهيون. انهن ۾ سهڪاري-ون نيون شڪليون ڳولڻ جو ڪم به آهي. مثال طور مشرڪه رٿائون شروع ڪرڻ، ٻين ملڪن ۾ گڏيل منصوبا مڪمل ڪرڻ. اسان سائنسي يا ٽيڪنيڪل سهڪار جو مسئلو ان ڪري نٿا کڻون، ڇاڪاڻ ته اسان ضرورتمند يا فقير آهيون، جن وٽ ٻين کي ڏيڻ لاءِ ڪجهه ڪونهي.

بدقسمتي اها آهي، ته هن شعبي ۾ گهڻيون هٿرادو رڪاوٽون پيدا ڪيون پيون وڃن. ڪيترن معاملن ۾ اهڙيون ڳالهيون ڪيون پيون وڃن ته، "انهن ڳالهه جو واسطو جنگي اهميت واري حساس ٽيڪنالاجي سان آهي." حساس ٽيڪنالاجي جا لفظ سڀ کان وڌيڪ اليڪٽرانڪس جي لاءِ استعمال ٿيندا آهن. پر اليڪٽرانڪس لڳ ڀڳ سڀني اهڙين صنعتن ۾ استعمال ٿيندي آهي، جيڪي پيداوار جي ترقي يافته طريقن کان ڪم وٺنديون آهن.

اولهه يورپ، فوجي نوعيت جي "اسٽاروار پروگرام" جي ذريعي ڪڏهن به ٽيڪنالاجي جي ميدان ۾ اسان کان اڳتي نٿو وڌي سگهي ۽ نه ئي خلا کي فوجي مقصدن لاءِ استعمال ڪرڻ سان ٽيڪنالاجيڪل ترقي ٿيندي. اهڙي دعوي ڊاڙ هڻڻ جي برابر آهي، جنهن سان ڪجهه ٽيڪنالاجيڪل سامراج جو روپ ظاهر ٿئي ٿو. پر امن سائنسي ۽ ٽيڪنيڪل سهڪار لاءِ ڪم ڪرڻ جا ڪيترا ميدان ۽ موقعا ميسر آهن. خلائي کوجنا جي پروگرام ويگا (Viga)

جي ذريعي "هيلز ڪومٽ" جي خلا ۾ سفري اپياس جهڙي گڏيل پروگرام جو تجربو موجود آهي. هن منصوبي جي ذريعي نئين اڏاوتي عنصرن جي دريافت ٿي ۽ ريڊيو اليڪٽرانڪس ڪنٽرول سسٽم، رياضي ۽ اڪين متعلق نئين ڳالهين جي سڌ پئي. گيوليو اينڊ روويائي جو "عالمي تجربيگاهه" جو تصور به خوش آئنده آهي. هي هڪ ڪوجنا جو عالمي منصوبو آهي، جيڪو هائي ويجهڙائيءَ ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪندو.

ائٽمي گرميءَ سان پيدا ٿيندڙ توانائيءَ جي استعمال ۾ سهڪار واري مسئلي کي منهن ڏيڻ لاءِ، گهڻن ملڪن جي سائنسدانن، ان جو بنياد رکي ڇڏيو آهي. اهو بنياد سندن سوويٽ سائنسدانن ساٿين جي پيدايل خيالن تي رکيو ويو آهي، آمريڪي سائنسدان به ان ڪوجنا ۾ شريڪ ٿي سگهن ها. اهڙا امڪان به موجود هئا جهڙوڪ ٻاهرين خلا ۽ شمسي نظام جي سيارن جي گڏيل ڪوجنا ۽ استعمال (Super-Conduetivity Biotechonology) جي شعبن ۾ ڪوجنا، انهن ۾ گڏجي گهڻو ڪم ڪرڻ جي گنجائش ۽ ضرورت آهي. اهو سچ آهي، ته اهڙن گڏيل منصوبن تي ڪم ڪرڻ سان يورپي ملڪن جو هڪ ٻئي تي دارومدار گهڻو وڌي ويندو، پر ائين ڪرڻ سان سيني جو پلو به ٿيندو ۽ وڌيڪ احساس ذميواريءَ ۽ رواداري پيدا ٿيندي.

سهڪار جي جذبي سان ان وسيع ميدان ۾ گهڻو ڪم ڪري سگهجي ٿو، جنهن کي "انساني همدردي ۽ ڀلائي" چيو ويندو آهي. ان رستي ۾ هڪ اهم قدم اهو هوندو ته هڪ عالمي ڪانفرنس ماسڪو ۾ گهرائي وڃي، جنهن جو مقصد انساني ڀلائيءَ لاءِ سهڪار جا رستا ڳولڻ هجي. ان ۾ سڀ ملڪ اهڙن انساني مسئلن تي غور ڪندا، جيڪي اوير ۽ اولهه لاءِ اهميت رکن ٿا. انهن ۾ "انساني حقن" جو ڏکيو مسئلو به شامل آهي. ان سان هيلسنڪي ۾ شروع ڪيل عمل کي پڻ اتساهه ملندو.

جڏهن اسان اولهه جي ملڪن کي سنجيدگيءَ سان ۽ تعميري مقصدن لاءِ "انساني حقن" تي بحث ڪرڻ لاءِ دعوت ڏني ته چيئن

گڏيل سچائي واري ماحول ۾ پيش ڪجي ته پنهي نظامن اندر عوام حقيقي زندگي ڪيئن گذاري رهيو آهي ته اسان جا دوست پريشان ٿي ويا ۽ هاڻي هو فقط انفرادي مشڪلاتن ۽ پريشانين جي ذڪر تائين محدود رهندا آهن ۽ وسيع بلند تر انساني حقن جي اجتماعي تصور تي وڌيڪ زور ڏيڻ کان نٽائيندا آهن. مون ڪيترا پيرا عوامي جلسن، اولهه جي اڳواڻن توڙي وفدن سان ڳالهه ٻولهه ۾ اها ڳالهه پئي ورجائي آهي، ته اسان انسان دوستي جي نقطئه نظر کان انفرادي عذابن تي غور ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. پر اسان کليل دل ۽ دماغ سان ان سڄي موضوع تي تفصيلي گفتگو ڪرڻ جو پڻ ارادو رکون ٿا. اهو چئي سگهجي ٿو تہ پرامن سهڪار ۽ مقابلي سان اوپير ۽ اولهه ٻنهي کي فائدو ٿيندو. ننڍا ۽ وچئين درجي وارا يورپي ملڪ، ان مقصد کي اڳتي وڌائي سگهن ٿا. اسان آئرلينڊ جي اڳوڻي وزيراعظم **هو هن سن**، نيدرلينڊ جي وزيراعظم **لبرس**، سويڊن جي وزيراعظم **ڪارل سن** ۽ ٻين اڳواڻن سان ان موضوع تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي آهي.

يورپ ۾ نئين سوچ جي ڀرين علامت

منهنجو خيال آهي ته گڏريل ڏينهن، خاص ڪري رڪياوڪ ڪانفرنس کان پوءِ، اولهه يورپ شدت سان محسوس ڪيو آهي، ته يورپ کنڊ ۾ صورتحال کي بهتر بنائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو آهي. اسان هن ڳالهه کي ساراهيون ٿا ته يورپي ماڻهو دنيا ۾ سياسي ماحول کي سڌارڻ لاءِ گهڻو ڪم ڪري رهيا آهن.

آءٌ هي ڪهاڻي عجب ۾ وجهڻ لاءِ نٿو ٻڌايان. هي ڪهاڻي مون کي اٽلي جي ناميارې سياستدان **ايمنوري فين فيني** ٻڌائي هئي. هڪ ڀيرو هو اٽلي جي جڳ مشهور فلمساز ايڊوارڊو ڊي فلپو سان منجهيل عالمي صورتحال تي ڳالهه ٻولهه ڪري رهيو هو. ڊي فلپو پڇيو، ”ته پوءِ اسانکي ڇا ڪرڻ گهرجي؟“ فين فيني جواب ڏنو، ”خدا تي ڀرسو رکڻ گهرجي.“ ڊي فلپو وراڻيو، ”ته پوءِ اسان

ماڻهن کي خدا لاءِ رنڊڪون پيدا نہ ڪرڻ گهرجن!"

اهو احساس تہ اسان سڀ سڄي دنيا جي مستقبل لاءِ ذميوار آهيون، اڄ جي دؤر ۾ خاص ڪري اهم ۽ قدر لائق آهي ۽ ڪجهہ اولهندي جا سياستدان ساراهہ لائق آهن، جو هنن ان ضرورت کي سڃاتو آهي تہ سڀني يورپ واسين کي گڏجي رڪياوڪ ۾ طئہ ڪيل اصولن جي حفاظت ڪرڻ گهرجي.

اسان ڏسون پيا تہ اولهہ يورپ ۾ عالمي مسئلن تي، نئين سوچ جون پهريون علامتون ظاهر ٿي رهيون آهن. حڪمرانن جي سوچ ۾ تبديليون اچي رهيون آهن. اولهہ يورپ جون گهڻيون سوشلسٽ ۽ سوشل ڊيموڪريٽڪ پارٽيون، پنهنجي بچاءُ جي پاليسين ۾ ۽ سلامتي لاءِ نوان رويا اختيار ڪري رهيون آهن. انهن سڀني پارٽين جي اڳواڻي وڏن تجربيڪار سياستدانن جي هٿ ۾ آهي، جيڪي سڄي دنيا جي مسئلن تي ڏگهي نظر رکندا آهن. ١٩٨٥ع ۾ منهنجي فرانس جي دؤر کان ڪجهہ ڏينهن اڳ، فرانس جي صحافين مون کان اهو پڇيو هو تہ اسان جا يورپ جي سوشل ڊيموڪريٽڪ حڪومتن سان ڪهڙا لاڳاپا آهن. مون وراڻيو هو تہ ڪجهہ سالن کان اسان امن ۽ جنگ جي باري ۾ گهڻن معاملن تي سوشل ڊيموڪريٽڪ پارٽين سان سهڪار ڪري رهيا آهيون. سوشلسٽ ۽ سوشل ڊيموڪريٽڪ پارٽين جي اڳواڻن سان منهنجون ملاقاتون منهنجي پرڏيهي دورن ۾ ضروري شامل هونديون آهن.

مون کي سوشلسٽ انٽرنيشنل جي مشاورتي ڪائونسل سان، جنهن جي اڳواڻي **ڪاليوي سورسا** (Kalevi Sorsa) ڪري رهيو هو. ملاقات جو موقعو مليو. منهنجي ملاقات **ولي برانٽ** (Villy Brandt)، **ايگزبار، فلپ گونزالز** Filip Gonzales ۽ ٻين سوشل ڊيموڪريٽڪ اڳواڻن سان پڻ ٿي. مون ڏٺو تہ هر پيري عالمي سلامتي ۽ بارود کي گهٽائڻ جي ڪيترن ئي اهم مسئلن تي، اسان جو موقف يا ساڳيو هو يا وري هڪ ٻئي جي گهڻو ويجهو هو. مون کي افسوس آهي تہ **رولف پالمي** سان منهنجي

ملاقات نہ ٿي سگهي، جنهن جي دکدائڪ موت اسان لاءِ عظيم سانحو ”سپين لاءِ سلامتي“ جي نعري ۾، جيڪو هن ڏنو هو ۽ (جنهن کي عالمي پالمي ڪميشن اجا بہ اڳتي وڌايو آهي) اسان جي وسيع ڌر تحفظ ۾ گهٽيون ڳالهيون ڳنڍيل ۽ هڪجهڙيون آهن.

ڪميونسٽن ۽ سوشل ڊيموڪريٽن جي هاڻوڪي ڳالهہ ٻولهہ سان، پنهنجي وچ ۾ نظرياتي فرق کي تہ ختم نٿو ڪري سگهجي. پر اسان اهو بہ نٿا چئي سگهون، تہ هن ڳالهہ ٻولهہ ۾ شامل ڪنهن ڌر جي عزت گهٽجي يا وڌي آهي يا وري ڪا هڪ ڌر ٻي ڌر جي دٻيل هيٺ آهي. تجربي ٻڌايو آهي تہ اهڙو ڪو بہ امڪان ڪونهي.

اسان جا اولهہ جرمني، فن لينڊ، سويڊن، ڊنمارڪ، برطانوي ليبر پارٽي ۽ اسپين جي سوشلسٽن سان سٺا لاڳاپا آهن ۽ اسان جون ملاقاتون ٿينديون رهنديون آهن. اسان انهن ملاقاتن ۽ ڳنڍيل عمل کي وڏي عزت جي نگاہ سان ڏسون ٿا. عام طور تي اسان انهن سيني قوتن سان گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهيون، جيڪي عالمي صورتحال ۾ خطرناڪ لاڙن خلاف جدوجهد ۾ رڌل آهن بهرحال مان محسوس ڪريان ٿو تہ امن ۽ سلامتي جي مقصدن لاءِ يورپ ۾ اڃا گهڻو ڪم ڪرڻو آهي ۽ يورپ اهو ڪم ڪري سگهي ٿو. اولهہ يورپ جي گهڻن اڳواڻن ۾ تہ اها سياسي اُمنگ يا تہ آهي ئي ڪونہ يا وري ڪين اهڙو ڪم ڪرڻ جا موقعا ميسر ناهن. پوءِ بہ زندگي اسان سڀني کي مجبور ڪندي تہ اسان سڀ اڄ جي حالتن جو حقيقت پسندانہ جائزو وٺون.

يورپ ۽ آمريڪا

اها وڏي افسوس جي ڳالهہ آهي تہ نيٽو (Nato) ۾ شامل حڪومتون، پنهنجي لفظن ۾ انتها پسندي واري خطرناڪ آمريڪي پاليسي سان پنهنجي لاتعلقي جو اعلان ڪنديون رهنديون آهن، پر نيٽ ڊپاءُ ۾ اچي وينديون آهن ۽ اهڙي طرح هشيارن جي ڊوڙ ۽ عالمي ڇڪتاڻ وڌائڻ لاءِ اهي هڪ هشيار ٻڌجي وينديون آهن.

آءٌ هڪ مثال ڏيان ٿو. اپريل ٨٦ع ۾ آمريڪي جنگي هوائي جهاز طرابلس ۽ بن غازي ۽ لبيا جي ٻين شهرن جي اهم هنڌن تي حملو ڪيو. ان اڳرائي لاءِ آمريڪا جيڪو بهانو پيش ڪيو اهو هڪ سڌريل سماج جي اخلاقي قدرن کان گهٽو هيٺ ڪريل هو. آمريڪي جنگي هوائي جهاز برطانيه جي هوائي اڏن کان اڏاڻا ۽ اولهه يورپ جي فضائي حدن مان لنگهي، لبيا تي حملو ڪيائون. هاڻي ان معاملي ۾ اولهه يورپ ڪهڙو ڪردار ادا ڪيو؟ نيٽو جون حڪومتون خاموشيءَ سان انهن واقعن کي ڏسنديون رهيون ۽ هنن آمريڪي ڪاروائي جي مخالفت جي همت جو پاڻ ۾ ست نه سمجهيو.

انهن هوائي حملن جي سڌ پوڻ سُتت مون سوئيڊن جي وزيراعظم سان ڳالهائيندي ڪيس محسوس ڪرايو ته اهڙي عمل کي ڏسي، مون کي ٻي مهاڀاري جنگ کان اڳ جي اڳرائي پسندن کي خوش ڪرڻ واري پاليسي ياد اچي رهي هئي. جيڪڏهن آمريڪي فوجي وارسا ناهه جي ڪنهن ميمبر ملڪ کي سزا ڏيڻ لاءِ، ان تي بمباري ڪن ته پوءِ ڇا ٿيندو؟ ڇا اسان ائين ظاهر ڪنداسين ته ڄڻڪ ڪجهه ٿيو ئي ناهي؟ پر اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ اهو ته نج جنگي قدم آهي ۽ اسان جي ائٽمي دؤر ۾ جنگ ڪرڻ يا نه ڪرڻ ۾ اسان سڀني جي ذميواري ڪيترا ڀيرا وڌي وئي آهي.

هڪ گهڻو پراڻي يوناني ڏند ڪٿا (Myth) آهي، جنهن ۾ يورپ کي اغوا ڪرڻ جو فرضي واقعو بيان ٿيل آهي. ان ”يورپ جي ڪهاڻي“ جو موضوع، اڄ جي حالتن سان ٺهڪندڙ آهي. اها ڳالهه بنان ڪنهن شڪ جي درست آهي ته يورپ جو جاگرافيائي تصور ساڳيو رهندو. تڏهن به ڪڏهن ڪڏهن ائين لڳي ٿو ته ڄڻڪ اولهه يورپ جي آزاد حڪمت عملي کي اغوا ڪيو ويو آهي، ان کي سمنڊ پار کڻي ويو وڃي ۽ قومي مفادن جي تحفظ جي بهاني، ٻين کي نيڪي تي ڏنو پيو وڃي.

يورپي ثقافت مٿان اڄ به هڪ وڏو خطرو لامارا ڏيئي رهيو آهي. ان خطري جو اظهار ائٽلانٽڪ پار ڪري ايندڙ طاقتور گڏيل

ثقافتي حملي سان ٿئي ٿو. ان حملي تي اولهه يورپ جي دانشورن جي گهڻي جو سبب اسان کي سمجهه ۾ اچي ٿو. واقعي انسان حيران ٿي ويندو آهي ته هڪ گهري، تمام گهڻي ذهانت تي واري ۽ پنهنجي فطرت ۾ انتهائي انسان دوست يورپي ثقافت، پس منظر ۾ گم ٿيندي پئي وڃي ۽ هڪ وحشياڻي، ڏاڍ تي ٻڌل ۽ اگهاڙپ ۽ ٻيڌ تهذيبي جي مظهر طور اڀري سامهون اچي رهي آهي. جنهن جو انعام هلڪڙي لذيت پرستي ۽ ڪريل خيال آهن.

جڏهن اسان يورپ جي آزادانه موقف جي اهميت جي ڳالهه ڪريون ٿا ته گهڻو ڪري اسان تي اهو الزام لڳايو وڃي ٿو ته اسان يورپ ۽ آمريڪا کي ويڙهائڻ چاهيون ٿا. نه ڪڏهن اڳ اهڙو ارادو هو ۽ نه ئي هاڻ ائين سوچون ٿا. اسان آمريڪا ۽ اولهه يورپ جي وچ ۾ پراڻن لاڳاپن جي اهميت کي نٿا گهٽايون ۽ نه ئي ان کان لاپرواهي ڪريون ٿا. سوويت يونين جي يورپي پاليسي کي آمريڪا دشمني سمجهڻ، اسان تي وڏو الزام آهي. اسان سفارتي جادوگري يا هٿ ناٽ ۾ ملوث ٿيڻ نٿا چاهيون. اسان عالمي لاڳاپن ۾ وڳوڙ پيدا ڪرڻ نٿا چاهيون. ائين ڪرڻ، اسان جي پرڏيهي پاليسي جي، سڀ کان وڏي مقصد جي سراسر خلاف آهي ۽ اهو مقصد هي آهي ته قومن جي وچ ۾ باهمي اعتماد ۽ سهڪار جي بنياد تي هڪ پائيدار ۽ متوازن امن لاءِ ڪوشش ڪئي وڃي. اسان جي گڏيل يورپي گهر جي اها ضرورت ناهي ته اسان ڪنهن ٻئي ملڪ لاءِ پنهنجا دروازا بند ڪريون. اهو درست آهي ته اسان اهو هرگز نٿا چاهيون ته ڪو ٻاهر کان اچي، يورپي گهر جي دروازي کي لتون هڻي اندر داخل ٿئي ۽ ڪنهن گهر جي ميز تي اعزازي سيٽ اچي سنڀالي ويهي. پر اها ته ان گهر جي مالڪ جي ذميواري آهي. ماضي ۾ سوشلسٽ ملڪن ڪليءَ دل سان آمريڪا ۽ ڪئناڊا جي هيلسنڪي ناهه ۾ شرڪت کي ڀليڪار چئي هئي.

يورپ جي ذميواري

اسان هن وقت پين ڪنڊن ۽ قومن جي ڪردار جي اهميت کي گهٽائڻ ڪانسواءِ، يورپ جي خاص ڪردار جوذڪر ڪري رهيا آهيون. هيلسنڪي واري يورپي عمل جي ڪاميابي، يورپ کي سڄي دنيا جي ترقي ۾ وڏيڪ حصو وٺڻ لائق بنائيندي. يورپ کي بک قرضن ۽ پسماندگي وارن مسئلن کي حل ڪرڻ ۽ هٿياربند جنگين کي روڪڻ جي ڪوششن ۾ شريڪ ٿيڻ کان هٽڪڻ نه گهرجي.

ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته سڀ يورپي قومون، بنان ڪنهن فرق جي سٺي پاڙيسري، اعتماد، ٻه طرفي بقا ۽ سهڪار جي ماحول پيدا ڪرڻ جي حق ۾ آهن. نئين سياسي سوچ لاءِ اهو هڪ وڏو ڪارنامو هوندو. يورپ واقعي هڪ اعليٰ مثال بڻجي سگهي ٿو. اڄ دنيا هڪ ٻه واٽي تي بيٺي آهي. اها ڪهڙي دڳ سان اڳتي وڌندي، انجو دارومدار گهڻو تڻو يورپ جي سياسي موقف تي آهي.

پنهنجي وسيع امڪانن، صلاحيتن، عالمي سياست ۽ ترقي ۾ سندس وسيع تجربي جي ڪري، يورپ جو ڪوبه متبادل ٿي نه ٿو سگهي. يورپ هڪ تعميري، سمجهه پرديو ۽ مصبت ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو ۽ کيس ائين ڪرڻ به گهرجي ●

باب ستون

بارود گهٽائڻ جا مسئلا ۽ سوويت يونين آمريڪي لاڳاپا

جڏهن آءٌ ماسڪو يونيورسٽي جو شاگرد هيس، تڏهن آءٌ آمريڪا جي تاريخ ۾ دلچسپي وٺندو هيس. مون آمريڪي ليکڪن جا ڪيترائي ڪتاب پڙهيا، آمريڪا سان پنهنجن لاڳاپن جي تاريخ جو گهڻو ابياس ڪيم. مونکي ان ۾ وڏيون لاهيون چاڙهيون نظر آيون. ٻي مهاڀاري جنگ دوران اتحاد ڪان وٺي، ١٩٤٠ع ۽ ١٩٥٠ع جي ڏهاڪن جي سرد جنگ تائين، وري ١٩٧٠ع جي ديتانت ڪان وٺي ١٩٨٠ع جي ڏهاڪي وارن لاڳاپن ۾ نهايت خرابي تائين، هڪ گراف ٺهي ٿو.

اپريل ٨٥ع جي اهم موڙ ڪان وٺي، جيڪو اسان لاءِ هڪ اهم تاريخي موڙ هو، هن ڪتاب جي ڇپائيءَ تائين واري عرصي دوران گهڻا واقعا ظاهر ٿيا، جن مان گهڻن جو تعلق سوويت آمريڪي لاڳاپن سان هو. اڄ تائين اسان آمريڪا سان مسلسل ڳالهه ٻولهه جاري رکندا پيا اچون. آمريڪي صدر ۽ منهنجي لکپڙهه هلندي رهندي آهي. اسان جا نمائندا اهم مسئلن تي ڳالهيون ٻولهيون ڪندا رهندا آهن.

هن وقت تائين ڳالهه ان حد تائين اڳتي وڌي آهي ته گذريل ٻن سالن ۾ سائنسي ۽ ثقافتي شعبن ۾ سهڪار ۾ ڪجهه واڌ ٿي آهي. اڄڪلهه سوويت يونين ۽ آمريڪا مختلف سطحن تي، اهڙن معاملن تي ڳالهه ٻولهه ڪري رهيا آهن، جن جي بنياد تي هو پهريان هڪٻئي تي الزام هڻندا هئا. هاڻي نون لاڳاپن جي شڪل

۽ صورت اُڀري سامهون اچي رهي آهي. اطلاعن جي شعبن ۾ به سهڪار جي شروعات ٿي چڪي آهي. هن شعبي ۾ ڏاڍ ۽ دشمني جي پرچار ۽ هڪ ٻئي جي اندرين معاملن ۾ مداخلت کي بلڪل ختم ڪرڻ تمام ضروري آهي.

ڇا برف پگهرڻ شروع ٿي وئي آهي؟ ۽ اسان جا لاڳاپا هاڻي نسبتاً سمجهه ڀريءَ ۽ تعميري منزل ۾ داخل ٿي چڪا آهن؟ اسان جي ته اها خواهش آهي ته اهو عمل جاري رهي، پر اها دعويٰ ڪرڻ ته ڪا ذڪر جوڳي پيش رفت ٿي آهي، سچائي کان منهن موڙڻ واري ڳالهه آهي. جيڪڏهن اسان سوويت آمريڪي لاڳاپن ۾ واقعي ڪا بهتري چاهيون ٿا ته اسان کي ان لاڳاپن جو درست ڪاٿو ڪرڻو پوندو. هتي اسان کي اهو چوڻو پوندو ته جيڪڏهن ڪا ناليو ماتر بهتري ٿي به آهي ته ان طرف واڌ جو عمل ڏاڍو سست آهي. ڪڏهن ڪڏهن پراڻا غير معمول طريقا، وقت جي ضرورت تي حاوي ٿيندا ويندا آهن. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سوويت آمريڪي لاڳاپن کي ٻيهر سرگرم بڻايو وڃي.

اعليٰ درجي واري جديد ٽيڪنالاجي ۽ پرچار جي ترقيءَ، ماڻهن کي هڪ ٻئي جي بلڪل ويجهو آڻي ڇڏيو آهي. اهڙن ذريعن کي وڏيڪ بهتر سڪ سلوڪ لاءِ ڪتب آڻڻ گهرجي. انهن ذريعن (پرچار جي) کي قومن ۾ ڏڦيڙ وجهڻ لاءِ استعمال ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي. ان سان اڳ به وڏا نقصان ٿي چڪا آهن. اڄ دنيا اهڙي هنڌ پهچي چڪي آهي جو سوويت يونين ۽ آمريڪا کي اهو سوچڻو آهي ته آئنده لاڳاپا ڪيئن رکون. جيڪڏهن اسان اڄان به لاڳاپن ۾ ڪا تبديلي نه ڪئي ته اهو چوڻ مشڪل آهي ته ايندڙ ڏهن پندرهن سالن ۾ اسان ڪهڙن حالن ۾ هونداسين. مون کي ته ائين لڳي رهيو آهي ته آهستي آهستي اسان ٻنهي ملڪن ٿيوڙي پوري دنيا ۾ سڄي انساني ثقافت جي مستقبل لاءِ ڳڻتي ڏينهون ڏينهن وڌي رهي آهي.

ڪو ڇا به ڪٿي چوي پر مان ان دعويٰ کي تسليم ڪرڻ لاءِ

تيار ناهيان ته آمريڪي عوام سوويت يونين جي خلاف اڳرائي جا خواهشمند آهن، پر پوءِ به ڪجهه ماڻهو اهڙا موجود آهن، جيڪي انهيءَ ڳالهه مان ڏاڍا خوش آهن ته اسان ٻنهي ملڪن وچ ۾ مستقل طور ڇڪتاڻ، دشمني يا رقابت موجود رهي. شايد هنن کي ائين ڪرڻ سان ڪجهه فائدو به ٿيندو هجي. پر اهڙيون حالتون اسان جي عوام جي ڊگهن مفادن لاءِ ڏاڍيون نقصانڪار آهن.

اسان جي اها سوچ آهي ته ٻنهي ملڪن جا لاڳاپا بهتر ٿي وڃن ۽ ان ڳالهه جي ضرورت به سخت آهي. جو ته اسان نه رڳو ١٩٧٠ع جي ڏهاڪي جي وچ کان پنهنجن لاڳاپن کي اڳتي وڌائي نه سگهياسين، پر ان وقت جيڪا ڪجهه بهتري پيدا ٿي هئي، اها به هاڻي ختم ٿي چڪي آهي ۽ ان ۾ قصور آمريڪين جو ئي آهي. پر آمريڪي چون ٿا ته هن خرابي جي سچي ذميواري سوويت يونين تي آهي. پر اسانکي ان حقيقت پٺيان جيڪي سبب لڪل آهن، انهن کي ڳولڻ گهرجي ۽ ماضي مان ضرور سبق سکڻ گهرجي. اهو هڪ علم آهي، سنجيدگيءَ ۽ ذميواري وارو علم. پر ان لاءِ اسان کي سچائي کي هٿان نه ڇڏڻ گهرجي. اڄ اسان سڀني کي سڀ کان وڌيڪ ان ڳالهه تي سوچڻ گهرجي ته اسان هن دنيا ۾ ڪيئن ۽ ڪهڙي سهڪار سان گڏجي رهي سگهون ٿا.

مون ڪيترا ڀيرا آمريڪي سياستدانن ۽ اهم شخصيتن سان ملاقات ڪئي آهي. گهڻو ڪري آءٌ ڏاڍو مصروف هوندو آهيان. پر پوءِ به هر موقعي تي اهڙين ملاقاتن جو خواهشمند رهندو آهيان ۽ ان لاءِ ڪجهه نه ڪجهه وقت ڪيندو آهيان. ان مان منهنجو مقصد هي هوندو آهي ته نه فقط پاليسي ۽ مستقبل جي باري ۾، پنهنجا رايا ۽ ارادا انهن تائين پهچايان، پر آمريڪي ذهن کي ۽ آمريڪي مسئلن کي چڱي طرح سمجهي سگهان ۽ خاص طرح سياسي عملن کان واقف ٿيان. ان ڪانسواءِ رابطي جو مون وٽ ٻيو ڪو به چارو ڪونهي. هڪ معقول پاليسي جي تعمير جو بنياد، حقيقت جي درست اندازي تي رکي سگهجي ٿو. جيستائين اسان سڀ

نظرياتي مفروضن سان واڳيڙا ٿيندا رهنداسين. ٿيستائين آمريڪا ۽ سوويت يونين جي لاڳاپن ۾ بهتري جي اميد رکڻ اجائي آهي.

حقيقت اها آهي تہ جيستائين اسان هڪ ٻئي سان وڌيڪ ڳالهيون نہ ڪنداسين، تيستائين هڪ ٻئي کي چڱي طرح سمجهي نہ سگهنداسين. يا هڪ ٻئي جو مناسب احترام نہ ڪري سگهنداسين. اهڙين حالتن پيدا ڪرڻ ۾ مختلف قوتن وڏو ڪم ڪيو آهي. ڪجهيون غلط فهميون گڏ ٿي ويون آهن، جن جي ڪري گڏيل سهڪار ۾ رڪاوٽ پيدا ٿي آهي ۽ اهي ترقي جي راه ۾ رنڊڪ بڻجي ويون آهن. "ٻي مهاڀاري جنگ کان پوء واري سوويت آمريڪي لاڳاپن جي تاريخ" هن ڪتاب جو موضوع ناهي. پر ذهن جي اک سان ماضي قريب جي واقعن کي ڏسي، اسان ان نقصان جو اندازو ڪري سگهون ٿا، جيڪو تعصب ۽ ڀلين خيالن کي نہ قبول ڪرڻ ڪري ٿيو آهي. جڏهن مون آمريڪا جي اڳوڻي صدر جمي ڪارٽر سان ١٩٨٧ع جي اونهاري ۾ ابتدائي ملاقات ڪئي، تہ مون کيس صاف صاف ٻڌايو هو تہ اسان سندس صدارت دوران ڪيل هر ڪم کي منفي نہ سمجهون. ڪيترين مصيبت ڳالهيون بہ ٿيون، خاص طرح سان منهنجو اشارو سالٽ II معاهدي ڏانهن هيو. جيتوڻيڪ ان معاهدي جي منظوري نہ ملي سگهي هئي. تڏهن بہ آمريڪي حڪومت جي هاڻوڪي پاليسي ڪري، ان ناهم جو ڪردار اهم ۽ مفيد آهي. ان ناهم جو روح اڃا بہ زنده آهي. پر ان شان گڏ ان ڳالهہ کي بہ نظرانداز نٿو ڪري سگهجي تہ گهڻا سنا موقعا هٿان وڃايا ويا آهن. اسان کي ان وقت بہ يقين هو ۽ هاڻي بہ آهي تہ جيئن جيئن ١٩٨٠ع جو ڏهاڪو ويجهو ايندو ويو، وڏن وڏن مسئلن تي اتفاق راء ٿيندو پئي ويو ۽ اهي وڏا مسئلا هئا، مصنوعي سيارن کي تباه ڪرڻ وارا هٿيار، ٻارود جو واپار، هندي وڏي سمنڊ ۾ فوجي ڪاروائين جي گهٽتائي ۽ وچ اوڀر ۾ ٺاه. اها ڳالهہ اڄ کان ڏهہ سال اڳ جي آهي. ان دوران ڪيترو وقت ۽ ڪيترا وسيلا هٿيارن جي ڊوڙ تي ضايع ڪيا ويا آهن. ڪيترين انساني حياتيون موت

چو منهن ڏسي چڪيون آهن.

اسان آمريڪا مان ڪهڙي اميد رکون ٿا؟

آگسٽ ۱۹۸۵ع ۾ مون ٽائيم مئگزين کي جواب ڏيندي لکيو هو، ”اها ڳالهه اسان ٻنهي ملڪن جي هر ڳز فائدي ۾ ناهي، ته حالتن کي اهڙي منزل تي پهچائجي، جتي جهيڙو اٿڻ ٻڌجي وڃي. ان ۾ سوويت ۽ آمريڪي عوام جي گڏيل مفاد جو ساهه سمايل آهي. ان کي عملي سياست جي ٻوليءَ ۾ بيان ڪرڻ ۽ لکڻ ۾ آڻڻ ضروري آهي. بارود جي ڊوڙ کي ختم ڪرڻ ۽ سوويت آمريڪي لاڳاپن کي متوازن بڻائڻ ضروري آهي. ايمانداريءَ سان ڏٺو وڃي ته ٻن عظيم قومن جي، پنهنجن لاڳاپن کي سندن تاريخي ڪردار جي شايان شان بڻائڻ گهرجي. ڇو ته دنيا جي بهتري ۽ عالمي ثقافت جي بهتري جو دارومدار اصل ۾ اسان جي لاڳاپن تي آهي. اسان ان مقصد لاءِ ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. اسان کي هڪ حقيقي دنيا ۾ رهڻ جو ڍنگ سکڻ گهرجي. اهڙي دنيا جيڪا سوويت يونين ۽ آمريڪا، فرانس، برطانيه ۽ اولهه جرمني جي مفادن کي نظر ۾ رکندي هجي. پرچين، هندستان، آسٽريليا ۽ پاڪستان، تنزانيه، انگولا، ارجنٽائن ۽ ٻين قومن جي مفادن کي به ته پولينڊ، ويٽنام، ڪيوبا ۽ ٻين سوشلسٽ ملڪن جي مفادن کي به نظر ۾ رکي. انهن کي تسليم نه ڪرڻ جو مطلب اهو هوندو ته انهن قومن کي اهڙي سماجي نظام جي چونڊ جو حق ۽ آزادي نه ڏني وڃي، جيڪو کين پسند آهي. جيڪڏهن هو چونڊ ۾ ڪا غلطي به ڪن ته ان جو ازالو به کين ڪرڻ گهرجي. اهو سندن بنيادي حق آهي.

مون ان باري ۾ آمريڪي اڳواڻن سان ڳالهه ٻولهه ڪئي آهي، جن ۾ **جارج شلز** * به شامل آهي، جيڪو ۱۹۸۷ع جي بهار جي مند ۾ ماسڪو آيو هو. اسان گهڻن موضوعن تي ڳالهه ٻولهه

* آمريڪي وزير خارجه.

ڪئي. پر اڄ هر پيري موضوع جو رخ ان ڳالهه ڏانهن موڙيندو هئس ته ”اسان کي هڪ حقيقي دنيا ۾ زنده رهڻ کپي.“ اچو ته پنهي قومن جي مفادن کي نظر ۾ رکون ۽ ائين ڪرڻ عالمي برادريءَ جي ٻنهي قومن جي مفادن کي نظر ۾ رکڻ کان سواءِ ناممڪن آهي. جيڪڏهن اسان فقط سوويت يونين ۽ آمريڪا جي مفادن جو خيال رکنداسين ته اسان صحيح عالمي لاڳاپا قائم ڪري نه سگهنداسين. ان معاملي ۾ توازن رکڻ ضروري آهي.

تاريخ جي هر نئين منزل تي هي مسئلو هڪ نئون روپ ڌاريندو آهي. مفاد تبديل ٿي ويندا آهن ۽ انهن ۾ توازن به تبديل ٿي ويندو آهي. ان جو مطلب هي آهي ته ان مسئلي تي نئين سر سوچڻ جي ضرورت آهي. اڄ ان ڳالهه کي ورجايان ٿو ته ويهين صديءَ جي آخري حصي ۾ اها ڳالهه نهايت خطرناڪ ۽ نقصانڪار ٿيندي ته سياست جو بنياد ان نظرئي جنهن جو اظهار چرچل جي فلٽن ۾ ڪيل تقرير يا ٽرومين جي اصول تي رکيو وڃي. سوويت آمريڪي لاڳاپن جي ڀيهر جوڙجڪ جي سچي ڪوشش جي ضرورت آهي. جيڪڏهن هن حقيقت کي تسليم ڪيو وڃي، ته پوءِ ٻين تي حڪم هلائڻ واري عادت کي ڇڏڻو پوندو ۽ پوءِ نه سوويت يونين، نه آمريڪا، نه ئي ڪو ٻيو ملڪ، دنيا کي يا ان جي ڪنهن حصي کي پنهنجي ورلت جو شڪار بڻائي سگهندو. ڪوبه ”قومي مفادن“ جو نقاب ڏيکي ائين ڪري نه سگهندو. اهڙي طرح ڏاڍ، ڌاڪمانه ۽ آپيشاهاڻي روين جي بنياد تي لاڳاپا قائم ڪرڻ جون ڪوششون ڪامياب ٿي نه سگهنديون. ڪجهه عرصي کان پوءِ اهو طريقو بلڪل بيڪار بڻجي ويندو. نئين حقيقتن کي پروڙڻ ۽ سمجهڻ جو عمل ايترو سولو ناهي، ان لاءِ هر شخص کي محنت ڪرڻي پوندي ۽ وقت ڏيڻو پوندو. هڪ ڀيرو ان عمل جي ابتدا ٿيڻ کان پوءِ، اهو عمل خودبخود جاري ساري رهندو. هن وقت اسان کي هڪ ٻئي جي ڳالهه ڌيان سان ٻڌڻ جي پاڻ ۾ عادت وجهڻ گهرجي ۽ هڪ ٻئي کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. مون مسٽر شلز کي

چيو هو ته اسان آمريڪا سان گڏ ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهيون ۽ اسان کي گڏجي تعميري ڪم ڪرڻ گهرجي. چو ته پيو ڪير به اها ذميواري پاڻ تي نه کڻندو، جيڪا آمريڪا ۽ سوويت يونين جي حصي جي آهي. مون کي آمريڪا جي اڳوڻي صدر **رچرڊ نڪسن** سان ٿيل ڳالهه ٻولهه ياد آهي. هن **چرچل** جا لفظ ورجايا مون کي اميد آهي ته اهي ڪڏهن سچا ثابت نه ٿيندا. هن چيو هو ته تي سگهي ٿو ته سائنس جا چمڪندڙ پر پيهر پٿر جي زماني کي زمين تي واپس نه وٺي اچن ۽ هن ان ڳالهه تي زور ڏنو هو، ته تي سگهي ٿو ته جنرل سيڪريٽري جي حيثيت ۾ مون کي ۽ صدر ريگن ۽ سنڌس پوئلڳن کي هڪ پرامن مستقبل لاءِ پنهنجو تاريخي فيصلو ڪرڻو پوي. مون مسٽر نڪسن کي ٻڌايو ته هڪ دفعي مون فلم ڏٺي هئي، ان ۾ هڪ سفر جي آڪاٽي بيان ٿيل هئي. ڪجهه آمريڪي سياح **والگا*** سان گڏو گڏ سفر ڪري رهيا هئا. هن فلم ۾ اسان جي شهرين ۽ آمريڪي سياحن کي گڏ ڏيکاريو ويو هو. روسين ۽ آمريڪين کي سچائي ڏکيو هو. ماڻهو ڳالهيون ڪري رهيا هئا ۽ ائين محسوس ٿي رهيو هو، ڄڻ ڪي دوست پاڻ ۾ ڳالهائي رهيا هجن ۽ هڪ ٻئي کي دل جي گهراين سان سمجهندا هجن ۽ اهو ئي اهو ڪم آهي، جيڪو سياستدان چڱي طرح ڪري نٿا سگهن.

اها سٺي ڳالهه آهي، ته رڳو پنهي ملڪن جا سياستدان ئي هڪ ٻئي سان ڳالهه ٻولهه نٿا ڪن، پر عوام جا مختلف حصا پڻ پاڻ ۾ ڳالهيون ٻولهيون ڪري رهيا آهن ۽ اها ڳالهه سڀ کان اهم آهي. آءٌ ان کي ڀليڪار چوان ٿو. سوويت ۽ آمريڪي عوام کي وڌيڪ مان ملڻ گهرجي ۽ هڪ ٻئي جي باري ۾ ڪين خيالن جي جنگي طرح ڏي وٺ ڪرڻ گهرجي. هڪ ٻئي سان خيالن جي ڏي وٺ ۽ عوام جو سڌو سنئون ميل ميلاپ وڏي عظيم شيءِ آهي.

* والگا — روس جي هڪ نديءَ جو نالو.

ان ڪان سواءِ ماڻهن جي وچ ۾ مڪمل پرچار ۽ گڏيل دوستي ڪان سواءِ سياست ڪجهه به نٿي ڪري سگهي.

مون نڪسن کي چيو هو ته اها ڪلي حقيقت آهي، ته اسان ٻنهي ملڪن وٽ، فوجي هٿيارن جا وڏا انبار آهن، جنهن ۾ ائٽمي هٿيار پڻ شامل آهن ۽ اها دنيا جي سڀ کان وڏي اهم حقيقت آهي. مون کيس چيو ته جيڪڏهن اسان هڪ ٻئي جي باري ۾ ۽ دنيا جي ٻين ملڪن جي باري ۾، پنهنجي پاليسيءَ جو بنياد ڪنهن غلطيءَ تي رکنداسين، ته حالتون اهڙيون خطرناڪ ٿي وينديون، جو ڪو وڏو ممڪن سچندو. جنهن جا سوويت يونين، آمريڪا ۽ سڄي دنيا لاءِ ڏاڍا اڳرا نتيجا نڪرندا. اڄ آءٌ ان ملاقات دوران ٿيل ڳالهيون کي ورجائڻ چاهيان ٿو، ته سوويت سماج اهو پڪو پهه ڪيو آهي، ته نه رڳو اڳواڻن ۾ پر سڄي سماج ۾ سوويت آمريڪي لاڳاپن منجهه توازن پيدا ڪيو وڃي. گڏيل دلچسپي جي شعبن ۾ واڌارو ۽ وسعت پيدا ڪئي وڃي ته جيئن آخرڪار دوستاڻا لاڳاپا قائم ٿي سگهن. ممڪن آهي، ته ان موقعي تي اهڙي اميد ڪرڻ ڪجهه وڌيڪ ناممڪن ڳالهه نظر ايندي هجي، پر اسان کي يقين آهي ته اسان کي اهو فيصلو ڪرڻو پوندو، جو ته ٻي حالت ۾ اهو تصور ڪرڻ مشڪل آهي، ته اسان جو انجام ڇا ٿيندو. سٺو يا خراب. سياست ۾ رڳو مفروضن ۽ خواهشن جو دخل ناهي. تاريخ ڊراماءِي تياري ڪان سواءِ نٿي ٿي. ان کي ورجائي نٿو سگهجي. ان ڪري اها ڳالهه اڃا به اهم آهي ته تاريخ جي رستي کي غور سان ڏٺو وڃي ۽ ان مان سبق آموز نتيجا حاصل ڪيا وڃن.

آمريڪا: "جبل جي چوٽيءَ تي هڪ چمڪندڙ شهر"

ڪيئي ڀيرا اسان جو پنهنجي ملڪ جي باري ۾، غلط تصورن سان واسطو پوندو رهيو آهي، ان ڪان سواءِ هڪ رٿا موجب سوويت دشمن ذهيل ذڪيل خيال به عام ڪيا ويا آهن. اسان کي اها چڱي ڀلي پت چاڻ آهي، ته سوچيل سمجهيل يا اڻڄاڻائيءَ ۾ ڦهلايل

ڪوڙيون ڳالهيون ڪيتري ٻرائي ڦهلائن ٿيون. تنهن ڪري اسان آمريڪا کي مڪمل طرح سان سٺو يا خراب نٿا سمجهون.

آمريڪي پروپئگنڊا، آمريڪا کي ”جبل جي چوٽيءَ تي هڪ چمڪندڙ شهر“ جي طور پيش ڪري ٿي. آمريڪا جي هڪ عظيم تاريخ آهي. انسان جي سماجي ترقي ۾ آمريڪي انقلاب جي اهميت کان پهرين ڪير انڪار ڪري سگهي ٿو يا آمريڪا جي سائنسي ۽ ٽيڪنالاجيڪل مهارت، ادب، فن تعمير ۽ آرٽ ۾ ان جي شهه پارن جي عظمت کان ڪير انڪاري ٿي سگهي ٿو. بيشڪ آمريڪا ۾ اهي سڀ خوبيون آهن، پر ان سان گڏوگڏ اڄ آمريڪا ۾ شديد سماجي مسئلا ۽ به موجود آهن، انهن مسئلن جو ڪو حل، آمريڪي سماج اڃا تائين ڳولي نه سگهيو آهي، ته ان جو حل اهڙن هنڌن تي ۽ اهڙن طريقن سان ڳولي رهيو آهي، جنهن جي قيمت ٻين کي ادا ڪرڻي پوندي.

آمريڪا ۾ وڏيون پيداواري صلاحيتون آهن. وٽس وڏي مادي دولت آهي. پر ان سان گڏوگڏ ان ۾ لکين ڪروڙين بدقسمت انسان به رهندا آهن. اها ڳالهه ان ڪري به سوچڻ لائق آهي ته هڪ طرف ”انساني حقن“ ۽ ”آزادين“ تي وعظ ڏيڻ جي زبردست خواهش ۽ ٻئي طرف انهن بنيادي حقن کي پنهنجي ملڪ ۾ رائج ڪرڻ کان ڪن تار. اهو عجيب تضاد آهي. اها ڳالهه به اسان کي سوچڻ تي مجبور ڪري ٿي.

اسان جي آزاديءَ جي باري ۾ اجايون اڻ ڪٿ ڳالهيون ۽ پنهنجي زندگيءَ جي نموني کي مڙهڻ جون ڪوششون، ان کان سواءِ ڏاڍ ۽ طاقت جي فلسفي جو وسيع پيماني تي پرچار، ان کي ڇا سمجهڻ گهرجي؟ اقتدار جو تڪبر، خاص طرح سان فوجي اقتدار جو هٿيارن تي خرچ ۾ مسلسل واڌارو ۽ بجيٽ ۾ گهاٽا خالي خانا. ملڪي قرض ۽ هاڻي ته پرڏيهي قرض به شامل آهي. ڪهڙي ڪم لاءِ؟ ڪهڙا ڪارڻ ڪين اهو ڪرڻ تي اڀاريندا؟ اسان پنهنجي پاڻ کان اهي سڀ سوال ڪريون ٿا. اڃا به گهڻا سوال آهن، ته جيئن اسان

آمريڪي حقيقت کي سمجهي سگهون ۽ آمريڪي پاليسي جي محرڪات کي سمجهي سگهون.

آءٌ سچائيءَ سان چوان ٿو ته آمريڪا جي باري ۾ اسان چاهيون ٿا ته اسان آمريڪا کي ”جبل جي چوٽيءَ تي چمڪندڙ شهر“ مجڻ ۾ هڪ محسوس ٿئي ٿي. اهڙي طرح آءٌ وڏي واڪ اهو به چئي سگهان ٿو ته اسان آمريڪا کي شيطاني طاقت نٿا سمجهون. سيني ملڪن وانگر آمريڪا به روشني ۽ اونداهه جو مرڪب آهي. اسان آمريڪا کي بلڪل ان شڪل ۾ ڏسون ٿا، جيڪا هن جي واقعي آهي: يعني آمريڪي سماج اندر ۽ ان بابت گهڻا مختلف ۽ متضاد رايا رکندڙ ملڪ.

سوويت اڳواڻ آمريڪا کي هڪ ئي شڪل ۾ نٿا ڏسن، پر اسان آمريڪي سماج جي مختلف پاسن جي وچ ۾ فرق کي ڏسي سگهون ٿا. لکين ڪروڙين پورهيت، جيڪي مڪمل ڏيان سان پنهنجي روز جي ڪم ۾ رڌل آهن. هو سڀ امن پسند آهن، حقيقت پسند سياستدان، اڻراڻا قدامت پسند ۽ ان سان گڏ اهو رجعت پسند ٽولو، جيڪو فوجي صنعتي شعبن سان تعلق رکندڙن تي مشتمل آهي، جيڪي بارود ٺاهڻ نفعو ڪمائين ٿا، اهي سڀ آمريڪا جا ئي روپ آهن. انهن مان گهڻن جي دلين ۾ اسان جي ملڪ لاءِ دلچسپي موجود آهي ۽ انهن مان گهڻا ماڻهو دلي طرح اسان جا ۽ ڪميونزم جا انڌا مخالف آهن.

اسان سمجهون ٿا ته آمريڪا جو سماجي ڍانچو ۽ سياسي نظام اُتان جي عوام جي مرضي مطابق آهي، اهي ئي اهو فيصلو ڪري سگهن ٿا، ته پنهنجي ملڪ ۾ ڪهڙو انتظامي ڍانچو قائم هجي يا ڪهڙي طرح ٿا پنهنجي اڳواڻن ۽ حڪومت کي چونڊين. اسان سندن اقتدار اعليٰ جي حق جو احترام ڪريون ٿا. جيڪڏهن اسان آمريڪي عوام جي چونڊ يا پسند کي شڪ جي نظر سان ڏسڻ لڳون ته ان مان ڇا حاصل ٿيندو. سياست جو بنياد حقيقتن جي بنياد تي رکڻ گهرجي. ان حقيقتن کي سمجهڻ ۽ مڃڻ تي هجڻ گهرجي ته

هر قوم کي پنهنجي زندگي جي طريقي ۽ حڪومتي نظام جي چونڊ جو پورو حق حاصل آهي.

آمريڪا اهڙو ملڪ آهي، جنهن سان اسان کي گڏ رهڻو آهي ۽ لاڳاپا رکڻا آهن. اها هڪ حقيقت آهي. اسان جي لاڳاپن اندر موجود ابتڙ لاڙن جي باوجود، اها ڳالهه صاف ظاهر آهي ته اسان امن جي مضبوطيءَ لاءِ آمريڪا ڪانسواءِ ڪجهه نٿا ڪري سگهون ۽ هڪٻئي کان پري رهڻ به ناممڪن آهي. تنهن ڪري ميل ميلاپ هجڻ گهرجي ۽ ڳالهه ٻولهه جو سلسلو جاري رکڻ گهرجي ۽ اسان کي پنهنجا لاڳاپا بهتر بڻائڻ جا گس ڳولڻ گهرجن.

اسان کي چڱي طرح ڄاڻ آهي ته آمريڪا ۾ هڪ انتظاميه آهي جيڪا وائيٽ هائوس ۾ رهندي آهي ۽ هڪ ڪانگريس آهي. اسان انتظاميه ۽ ڪانگريس سان سهڪار چاهيون ٿا. اسان اڄڪلهه آمريڪا جي سياست جي باري ۾ پنهنجي خيالن ۾ وسعت پيدا ڪري رهيا آهيون. خاص طرح سان اسان بچاءَ جي سيڪريٽري، جيڪو هڪ غير فوجي شهري آهي ۽ آمريڪا جي پيشه ور فوج جي خيالن وچ ۾ اختلاف ڏسون ٿا. پهرين لاءِ واپار ۽ بارود جا آرڊر اهم آهن. پر حقيقت پسند پيشه ور فوجي ڄاڻن ٿا ته هن جي هٿن ۾ ڪيڏي طاقت آهي، ۽ ان سان دنيا کي ڪهڙو نقصان پهچي سگهي ٿو. ان ڳالهه مان فوجين جي حقيقت پسندي ظاهر ٿئي ٿي ۽ سندن احساس ذميواريءَ جي ان مان سڌ پوي ٿي. تنهن ڪري اهو ضروري آهي ته فوج موجوده صورتحال کي صحيح طرح سمجهي. مان اهو چوڻ ضروري ٿو سمجهان ته اسان آمريڪا سان پنهنجا لاڳاپا آتان جي اندرين سياسي حالتن جي روشني ۾ نه جوڙيندا آهيون، پر حقيقت هي آهي ته اڄ جيڪڏهن ريپبلڪن پارٽي حڪومت ۾ آهي ته سڀاڻي ڊيموڪريٽڪ پارٽي به اچي سگهي ٿي. يا وري ريپبليڪن ٻيهر اقتدار ۾ اچي سگهي ٿي. ان سان ڪو خاص فرق نٿو پئي. جيڪا ڳالهه اهم آهي، اها هيءَ آهي ته هڪ ملڪ جي حيثيت ۾ آمريڪا جي مفادن جو خيال رکيو وڃي. اسان اقتدار

۾ موجود انتظاميہ سان سٺا لاڳاپا برقرار رکنداسين. آمريڪا جا معاملا، آمريڪا ڄاڻي ۽ اسان جا معاملا اسان ڄاڻون. بنيادي طرح اسان جو موقف اهو آهي.

دشمن جو تصور

اسان کي آمريڪا جي دشمن واري تصور جي ڪا ضرورت ڪونهي، نه پنهنجي ملڪ اندر، نه وري پرڏيهي پاليسي ۾. هڪ فرضي يا حقيقي دشمن جي ضرورت تڏهن پوي ٿي، جڏهن اسان ڇڪتاڻ کي قائم رکڻ چاهيون. يا جهيڙي لاءِ تيار بيٺا هجون، جنهن جو نتيجو ڏور رس ۽ غير يقيني هجي. اسان جو مزاج مختلف ڍنگ ۽ طريقي سان جڙيو آهي.

جيستائين اسان جو تعلق آهي، اسان آمريڪين سان نفرت يا ڪين نظر انداز ڪرڻ واري پروپيگنڊا نٿا ڪريون. اسان جي ملڪ ۾ اوهان کي ڪٿي به دشمنيءَ واري پروپيگنڊا جو نالو نشان نه ملندو. نه سياست ۾ نه تعليم ۾. اسان جنهن پاليسي سان متفق نه هوندا آهيون، ان تي تنقيد ڪندا آهيون. پر اها ڳالهه ٻي آهي. ان جو مطلب اهو هرگز ناهي ته تنقيد وقت اسان جو آمريڪي عوام ڏانهن نفرت وارو رويو هوندو آهي.

١٩٨٧ع جي اونهاري ۾ پنهنجي ملاقات، آمريڪا مان آيل روسي ٻوليءَ جي استادن جي هڪ گروپ سان ٿي، جيڪي لينن گراڊ ۾ هڪ ٻه ماهي تربيتي ڪورس ختم ڪري واندا ٿيا هئا. اها ڳالهه ٻولهه ڏاڍي مفيد هئي. گرمجوشي ۽ صاف گوئيءَ سان ڳالهيون ٿيون، آءٌ هڪ مختصر حصو پڙهندڙن لاءِ هتي پيش ڪريان ٿو:

م - گورباچوف: توهان کي هتي رهڻ دوران ڪنهن وقت بدسلوڪي سان منهن ڏيڻو پيو؟

ڊي پاڊولا: نه. البت هڪ پيرو روڊ تان لنگهندي هڪ ماڻهو مون کان پڇيو "امن ڪڏهن قائم ٿيندو؟" مون وراڻيو اميد آهي ته امن جلد ئي قائم ٿيندو."

م. گورباچوف: اها ڏاڍي دلچسپ خبر آهي. دوستو مون کي يقين آهي ته توهان سوويت يونين ۾ ڪتني به وڃو، توهان کي آمريڪين سان بدسلوڪي وارو رويو نه ملندو. توهان اسان جون اخبارون ۽ رسالا ڏسو. ماڻهو تنقيد ڪندا، چند چاڻ ڪندا. پنهنجي مدلل راءِ ڏيندا. حڪومت جي پاليسي، مختلف ٽولن ڪان بيانن ۽ قدمن تي راءِ زني ۽ تبصرو ٿيندو، پر ڪڏهن آمريڪا يا آمريڪين بابت بدسلوڪي واري ڳالهه نه ڪنداسين. تنهن ڪري جيڪڏهن اهو چيو وڃي ته، "سرخا اچي رهيا آهن." ته ان جو مطلب آهي ته هو توهان سان گڏجي انسانيت جي گڏيل رستي تي وک وڌائي رهيا آهن.

پر ان جي باوجود اها هڪ حقيقت آهي ته آمريڪا ۾ ڪجهه اهڙا ماڻهو موجود آهن، جن کي سوويت يونين جي دشمني واري تصور جي سخت ضرورت آهي. ان مان هنن جا ڏهه ڪم پورا ٿين ٿا. ائين نه هجي ها ته اهڙين فلمن، ميوزڪ مان ٿيندڙ چڙ ڏياريندڙ آمريڪي نشريات ۽ سوويت عوام خلاف نفرت ۽ بڇان وارن مضمونن ۽ پروگرامن جي هڪ پوڏ نه اچي ها. اهو سڀ ڪجهه جيڪڏهن اڳي نه ته، به گهٽ ۾ گهٽ ١٩٤٠ع جي ڏهاڪي ڪان ٿي رهيو آهي.

آءٌ پنهنجي گڏريل ڪيترن ڏهاڪن جي پرڏيهي پاليسي واري هر قدم کي مثالي نٿو چوان. غلطيون ٿيون، پر گهڻو ڪري اهي آمريڪا جي غير دانشمندانه قدمن جي رد عمل ۾ ٿيون. چوته آمريڪي پاليسي جوڙيندڙ اُن پاليسي کي ڪميونزم کي پوئتي ڌڪڻ لاءِ استعمال ڪري رهيا هئا.

اسان ڏاڍا حساس آهيون ۽ چٽي ڳالهه آهي ته سوويت يونين کي دشمن وانگر پيش ڪرڻ جي ڪوششن جي باري ۾ ڏاڍا محتاط آهيون. اسان کي بدنام ڪندڙ نظرياتي جنگ جي سلسلي ۾ اهڙيون ڪوڙيون آکاڻيون ڦهلائڻ تي به بس نٿا ڪن، جهڙوڪ "سوويت فوجي خطرو"، "ماسڪو جو هٿ"، "ڪريملن جا ارادا" يا اسان

جي ڏيهي حالتن جي سراسر منفي تصويرڪشي مان اهڙن ڪوڙن ۽ بي مقصد بيانن کي سامهون نه آڻيان ها، پر اسان انهيءَ حقيقت کان اکيون ٻوٽي نٿا سگهون ته سياست ۾ هر ڳالهه جو هڪ خاص مقصد هوندو آهي، تنهن ڪري هي سڀ ڪجهه ڇا آهي؟ دراصل هي هڪ سياسي قدم آهي، جنهن جي پويان ڪجهه خاص ارادا ۽ رٿائون آهن: اسان کي پنهنجي پنهنجي ملڪن ۾ هر قسم جي شاونزم (Chvanism) کان نجات حاصل ڪرڻ گهرجي. اها ڳالهه ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي ته اسان پنهي ملڪن وٽ ڪيتري قوت موجود آهي. شاونزم سياست ۾ اهڙا عناصر داخل ڪري ڇڏي ٿو، جيڪي زهر برابر آهن.

اها هڪ افسوسناڪ حقيقت آهي ته سوويت آمريڪي لاڳاپا گهٽي وقت کان زوال پذير آهن. حالتن ۾ بهتري وارا مختصر وقفا به ايندا رهندا آهن. پر ان کان پوءِ وري ڏکيون ساهيون ڇڪتاڻ ۽ دشمني ۾ واڌاري جون به ايندڻ رهنديون آهن. مون کي يقين آهي ته اسان وٽ صورتحال کي سڌارڻ جا گهڻا موقعا موجود آهن ۽ اسان پنهنجي پاران صورتحال کي بهتر بڻائڻ لاءِ هر قدم کڻڻ لاءِ تيار آهيون.

هٿيارن جي تياري جي ضرورت، ڪنهن کي ۽ ڇو؟

آخر ڪهڙي شيءِ بهتر سوويت آمريڪي لاڳاپن جي رستي ۾ رنڊڪ بڻيل رهي آهي؟ ان موضوع تي غور فڪر ڪرڻ کان پوءِ اسان هن نتيجي تي پهتا آهيون ته اها رنڊڪ گهڻو ڪري هٿيارن جي ڊوڙ آهي. آءٌ هتي ان جي مڪمل تاريخ بيان ڪونه ڪندس پر آءٌ هڪ ڀيرو وري اهو چوڻ تي مجبور آهيان ته ان جي هر منزل تي سوويت يونين ٻي ڌر جي زيادتي ۽ پنهنجي ڪوٽ کي پورو ڪيو آهي. ١٩٧٠ع جي ڏهاڪي جي شروعات ۾ اسان ائٽمي فوجي هٿيارن جي معاملي ۾ لڳ ڀڳ ٻيءَ ڌر جي برابر هئاسين، پر هٿيارن جو اهو ڳاٽيتو خوفناڪ هو. ۽ هاڻ ته سوويت يونين توڙي

آمريڪا وٽ ائٽمي هٿيارن جا ايڏا وڏا انبار آهن، جو هڪٻئي کي ڪيئي ڀيرا مڪمل طرح سان تباهه ڪري سگهن ٿا.

ائٽمي سائنس جي هن ساهي ۾، اها ڳالهه معقول نظر اچي ٿي ته هٿيارن جي ڊوڙ کي بند ڪري، بارود گهٽائڻ جهڙي موضوع تي سنجيدگي سان ڪم ڪيو وڃي، پر حقيقت ان جي ابتڙ آهي. بارود جا گودام جيڪي اڳ ۾ ئي ضرورت کان وڌيڪ ڀريا پيا آهن، تن ۾ ته ويتر وڌيڪ جديد ۽ موثر قسم جا ائٽمي هٿيار سٿيا پيا وڃن. فوجي هٿيارن جي ٽيڪنالاجي ۾ نون شعبن جو واڌارو ڪيو پيو وڃي. هن خطرناڪ ۽ موت واري ڊوڙ ۾، آمريڪا ئي رفتار جو معيار مقرر ڪري ٿو.

جيڪڏهن اهو چوان ته سوويت يونين اعتبار جوڳي ۽ جديد ترين بچاءُ لاءِ سڀ ضروري قدم کڻي رهيو آهي، ته آءٌ ڪا ڳجهي ڳالهه ظاهر ڪونه پيو ڪريان ۽ اسان جي قوم ۽ اسان جي اتحادين طرفان اها ڳالهه، اسان جي فرض ۾ شامل ٿيل آهي. ان سان گڏ اها ڳالهه به وضاحت سان چوڻ ٿو چاهيان ته هي رستو اسان جو چونڊيل ناهي. هٿيارن جي ڊوڙ اسان تي مڙهي وئي آهي.

آمريڪي عوام ۾ بارود گهٽائڻ لاءِ سوويت ارادن جي باري ۾ هر قسم جا شڪ ڦهلايا پيا وڃن. پر تاريخ ثابت ڪيو آهي ته اسان جيڪو وعدو ڪندا آهيون، اهو پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون ۽ جيڪا ذميواري کڻندا آهيون ان کي نڀائڻ ڄاڻندا آهيون. بدقسمتي سان اها ڳالهه آمريڪا بابت نٿي چئي سگهجي. آمريڪي انتظاميه عام راءِ کي غلط انداز سان متاثر ڪندي آهي. هو ڪين هميشه سوويت خطري کان ڊيڄاريندي رهندي آهي ۽ خاص طرح سان ان وقت جڏهن سال جي نئين بجيٽ ڪانگريس ۾ منظوري لاءِ پيش ٿيندي آهي. اسان پنهنجو پاڻ کان سوال ڪندا آهيون ته اهو سڀ ڪجهه ڇو پيو ڪيو وڃي؟ ائين ڪرڻ مان آمريڪا جو ڪهڙو مقصد آهي؟

اها ڳالهه ڏيڻهن واڌ گهڙي پڌري آهي ته اسان جنهن دنيا ۾

رهون ٿا. اُها ايٽمي هٿيارن اوٽ ۾ هڪڙي ننڍڙي گهر وانگر آهي، ان صورت ۾ سوويت آمريڪي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ، ايٽمي هٿيارن جو استعمال اجتماعي خودڪشي جي برابر آهي. اها حقيقت آهي ۽ مان نٿو سمجهان ته آمريڪي سياستدان ان کان بي خبر هوندا. ان کان سواءِ هڪ متضاد صورتحال پيدا ٿي وئي آهي. جيڪڏهن هڪ ملڪ هٿيارن جي انبار ۾، ساندهه واڌرو ڪندو رهي ۽ پيو ڳرو ڏسندو رهي، تڏهن به جيڪو ملڪ هٿيارن ۾ واڌارو ڪري ٿو، ان کي فوقيت حاصل نه ٿيندي. ڪمزور ملڪ پنهنجا سڀ هٿيار هلائي ڇڏيندو. ڀلي هو پنهنجي علائقي ۾ ئي هلائي، ته اها هن لاءِ خودڪشي هوندي ۽ ٻئي لاءِ آهستگيءَ وارو موت. تنهنڪري هن ميدان ۾ ڪنهن قسم جي فوجي برتري جي ڪوشش جو مطلب، خود پنهنجي لاءِ هاڃيڪار آهي. سنجيده سياست ۾ اهڙو رستو اختيار ڪري نٿو سگهجي.

آمريڪا هڪ ٻيءَ غلط فهمي مان پنهنجي جان آجي ڪري نه سگهيو آهي، اُها آهي سوويت يونين کي معاشي طرح ڪنگال ڪرڻ جي غير اخلاقي خواهش. اسان کي هٿيارن جي گهڙ ۾ گهلي، هو اسان کي پنهنجي منصوبن کي پورو ڪرڻ کان روڪڻ چاهي ٿو.

آءٌ هن ڪتاب جي پڙهندڙن کي، جنگ کان پوءِ وارن ڏهاڪن تي نظر وجهڻ لاءِ چوندس. ٻي مهاڀاري جنگ کان پوءِ سوويت يونين مٿان ڏاڍا ڏکيا ڏينهن آيا. اسان فاشزم خلاف اڪٽ جدوجهد ڪري جنگ کٽي ورتي هئي. اسان آمريڪا ۽ پين هٽلر دشمن اتحادين سان گڏجي اها جنگ کٽي هئي، پر جيستائين آمريڪا جي پنهنجي علائقي جو تعلق آهي ته ان تي نه ڪو بم ڪريو ۽ نه ئي دشمن جي گولي جو آواز ان تائين پهتو، انجي ابتڙ اسان جي علائقي جو وڏو حصو ڪيترين خونريز معرڪن جو ميدان بڻيو. اسانجو نقصان (انساني جانين جي تباهي ۽ مادي ذريعن جو ذيان) ڏاڍو هاڃيڪار هو. ان هوندي به اسان پنهنجي تباه ٿيل وسيلن کي

پيهر ڏاهڻ، پنهنجي معاشي صلاحيت کي تعمير ڪرڻ ۽ پنهنجي دفاعي فرضن کي پر اعتماد طريقي سان پوري ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿياسين. ڇا اهو مستقبل لاءِ هڪ سبق ناهي.

ملڪن جي پاليسين جو بنياد غلط مفروضن تي نه رکڻ گهرجي. اسان کي خبر آهي ته اولهه يورپ ۽ آمريڪا ۾ هڪ خيال اهو به آهي ته سوويت يونين کان خطرو اهو ناهي ته هن وٽ ائٽمي هٿيار آهن، هنن جو منطق اهو آهي، جيئن آءٌ هڪ موقعي تي چئي به چڪو آهيان ته، ”سوويت يونين سمجهي ٿو ته جيڪڏهن هن آمريڪا تي حملو ڪيو ته پاڻ به جوابي حملي کان بچي نٿو سگهي ۽ حقيقت هي آهي ته آمريڪا پڻ چڱي طرح ڄاڻي ٿو ته سوويت يونين تي حملي جي جواب ۾ ڪيس مٿان ڪا گلن جي ورکا ڪانه ٿيندي، تنهنڪري ڪو پاڳل ئي ائٽمي جنگ جي ابتدا ڪري سگهي ٿو. اصل خطرو تڏهن هوندو، جڏهن سوويت يونين پنهنجي سماجي ۽ اقتصادي منصوبن کي مڪمل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو ۽ ان جي جدوجهد ۽ سياسي صلاحيتون استعمال ٿينديون.“ تنهنڪري سندن خواهش آهي ته سوويت يونين کي ان کان اڳ ئي پورو ڪيو وڃي.

اسان آمريڪين کي مخلصانه مشورو ٿا ڏيون ته اسان جي ملڪ لاءِ اهڙي اڻنگي سوچ مان پنهنجي جان ڇڏايو. ٽيڪنالاجي ۾ فوقيت يا زياده موثر ۽ جديد سامان سان، اسان جي ملڪ تي برتري حاصل ڪرڻ واريون، اوهان جون اميدون اجايون آهن. هن مفروضي تي عمل ڪرڻ ته، سوويت يونين جي حالت گهٽي خراب آهي ۽ هن وقت ڪيس اچان وڏيڪ داٻو ڏيڻ سان، آمريڪا جيڪي به فائدا چاهيندو حاصل ڪري وٺندو، اها انتهائي غلط سوچ آهي. اهڙن منصوبن مان ڪو نتيجو نه نڪرندو. حقيقت پسند سياست ۾ خيالي پلاءُ پچائڻ جي گنجائش ناهي هوندي. جيڪڏهن سوويت يونين ان وقت (ٻي جنگ عظيم) سيني مشڪلاتن سان مڙس تي منهن ڏيڻ جي لائق هو، توڙي هو گهڻو ڪمزور هو ته پوءِ اڄ ڪو

نسا سمجهي ٿي. اها ڳالهه سوچي سگهي ٿو ته مضبوط بچاءُ قائم رکڻ ۽ ان سان گڏ سماجي ۽ پيا فرض پورا ڪرڻ لاءِ، اسان جي اڄ جي اهليت ۽ قابليت اڳي کان ڪيئي ڀيرا اڳري آهي.

آءٌ ٻيهر چوندس ته جيستائين آمريڪا جي پرڏيهي پاليسي جو تعلق آهي ته ان جو بنياد گهٽ ۾ گهٽ ٻن غلط نظرين تي ٻڌل آهي. پهريون هي ته سوويت يونين جو معاشي نظام صفا ٽٽڻ جي ويجهو آهي ۽ سوويت يونين، ان کي ٻيهر جوڙڻ ۾ ڪامياب نه ٿيندو. ٻيو هي ته اولهه کي جنگي سامان، ٽيڪنالاجي ۽ آخرڪار فوجي تياري ۾، اسان تي برتري حاصل آهي ۽ رهندي. انهن ٻنهي غلط خيالن جي ڪري اهڙي پرڏيهي پاليسي وجود ۾ اچي ٿي، جنهن ۾ اهو مفروضو به شامل آهي ته هٿيارن جي ڊوڙ ڪٿي، سوشلزم کي ڪمزور ڪيو وڃي ته جيئن دلپسند شرطن تي انهن سان ڳالهه ٻولهه ٿي سگهي. ته اها آهي هنن جي اسڪيم ۽ اها انهن جي بيوقوفيءَ جي انتها آهي.

اولهه جي ملڪن جي موجوده پرڏيهي پاليسي ۾، ڪنهن به طرح پوريءَ ذميواريءَ جو احساس نظر نٿو اچي. انهن ۾ نئين سوچ جي کوٽ آهي. ان ڳالهه کي آءٌ صاف صاف چوندس، جيڪڏهن اسان هٿيارن جي اجائي ڊوڙ ڇڏي، اچوڪي پنڌ تي نتا ٿيهون ۽ بارود گهٽائڻ جي ڪم کي عملي طرح اڄ کان شروع نٿا ڪريون ته ٿي سگهي ٿو ته سڀائي، اسان هڪ ٻئي کي خطرناڪ جبل جي چوٽيءَ وٽ بيٺل نظر اچون، جتان ڪرڻ کان سواءِ ڪو ٻيو رستو به نه هجي. ان ڪري سوويت يونين ۽ آمريڪا کي ذميوار پرڏيهي پاليسي جي جيتري ضرورت اڄ آهي، ايتري اڳ ڪڏهن به نه هئي.

ٻنهي ملڪن جا پنهنجا پنهنجا سياسي، سماجي ۽ اقتصادي مسئلا آهن. انهن کي حل ڪرڻ هڪ وڏو ڪارنامو آهي ۽ ان ۾ گهڻا قدم کڻڻا پوندا. هاڻي انهن مسئلن کي حل ڪرڻ بجاءِ، ڪيترائي علمي ۽ تحقيقي ادارا، اهڙا جنگي منصوبا جوڙي رهيا آهن، جن سان ڪروڙين جانيون ختم ٿي وينديون. انهن ادارن جي تحقيق

جي نتيجن تي پڌل جيڪي رپوٽون نهن ٿيون، انهن ۾ چيو ويو ته، ”سوويت يونين کان آمريڪا ۽ پوري دنيا کي سڀ کان وڏيڪ خطرو آهي.“ آءُ وري چوان ٿو، ”وقت اچي ويو آهي ته غارن جي زماني واري ذهنيت کي خدا حافظ چيو وڃي.“ اها حقيقت آهي ته گهڻا ڏهاڪا اڳي ڪيترائي سياسي اڳواڻ ۽ سفارتي نمائندا، ان قسم جي ذهنيت سان، اهڙي قسم جون پاليسيون ٺاهيندا هئا، پر هاڻي انهن جو دؤر گذري چڪو آهي. ائٽمي دؤر ۾، هڪ نئين دنيا لاءِ، هڪ نئين نڪور سوچ جي ضرورت آهي. آمريڪا ۽ سوويت يونين کي ٻه طرفن لاڳاپن ۾، سڀ کان وڏيڪ اهڙي نئين سوچ اپنائڻ جي سخت ضرورت آهي.

اسان حقيقت پسند آهيون. اسان هن حقيقت کي سامهون رکون ٿا ته پرڏيهي پاليسي ۾ سڀ ملڪ، وينديسڀ کان ننڍي کان ننڍا ملڪ پڻ، پنهنجو مفاد اڳيان رکن ٿا. اج وقت اچي ويو آهي جو وڏا ملڪ اهو سمجهي وٺن ته هو پنهنجي پسند مطابق دنيا جا نقشا ٺاهي نٿا سگهن. اهو دؤر گذري ويو ۽ آهستي آهستي ماضي جو حصو بڻبو پيو وڃي.

حقيقتن جي باري ۾ وڌيڪ ڳالهيون

ملڪن جي لاڳاپن ۾ نظرياتي اختلاف کي جهڳڙي جو ڪارڻ نه بڻائجي.

عرصي کان اسان چاهيو ٿي ته پنهنجي چوڌاري سچي دنيا ۽ پنهنجي ماضي جو سنجيدگيءَ سان جائزو وٺون. بغير ڪنهن هٻڪ جي، هڪ نظر پاڻ تي به وجهون ته اسان ڪٿي بيٺا آهيون. جڏهن ڪو ٻئي ملڪ کي ”برائي جو بت“ ۽ پاڻ کي ”سڀ کان سٺو“ سمجهي ته ان مان ثابت ٿئي ٿو ته انهن جا لاڳاپا جمود جو شڪار ٿي ويا آهن. منهنجي ذهن ۾ هن وقت آهي ڪميونسٽ دشمن ۽ حد کان وڌيڪ چڙ ڏيارينڊڙ تقريرون ناهن. آءُ هن وقت

ان ڳالهه کي 'نئين سمجهه' ۽ 'ڄاڻي واڻي نه سمجهڻ جي رويي' جو ذڪر ڪري رهيو آهيان ته اسان سڀ 'واحد انساني نسل' آهيون، اسان مڙني جو مستقبل هڪ آهي ۽ اسان کي هن ڌرتيءَ تي سڌريل پاڙيسرين وانگر رهڻ جو ڍنگ سکڻ گهرجي. اڄ جي مسئلن کي سوويت آمريڪي ڇڪتاڻ وارو رويو ماضي کان ورثي مليو آهي. پر ڇا ان دشمني کي جاري رکڻ اسان جو مقدر بڻجي ويو آهي.

مجموعي طرح ڏٺو وڃي ته اسان هڪ ٻئي سان گهڻو عرصو امن سان رهيا آهيون. پر اڄ جي عالمي صورتحال کي ڪنهن به طرح تسلي بخش نٿو چئي سگهجي. هٿيارن جي ڊوڙ ۽ خاص ڪري ائٽمي هٿيارن جي ڊوڙ تيزيءَ سان جاري آهي. علائقائي جهيڙا ڏينهون ڏينهن وڌي رهيا آهن. جنگ جو خطرو وڌندو پيو وڃي. ان صورتحال ۾ بچاءَ جو واحد اهوئي رستو آهي ته عالمي لاڳاپن کي وڌيڪ سڌريل ۽ انسان دوست بڻايو وڃي، پر اهو ڪم ڪجهه ڏکيو آهي. اسان جنهن مسئلي کي اٿين ٿا ڏسون ٿا: اسانکي نظرياتي اختلافن جي سطح کان مٿاهون ٿي سوچڻو پوندو. هر ملڪ کي پنهنجي نظرين جي چونڊ جو حق حاصل آهي، اسان سڀني تي، ان چونڊ جو احترام ڪرڻ لازم آهي ۽ ان لاءِ هڪ نئين سياسي سوچ کي اختيار ڪرڻ ضروري آهي. ان سوچ جا ابتدائي اصول آهن، هڪ ٻئي تي ڀاڙڻ جو احساس ۽ انساني ثقافت جي بقا. جيڪڏهن اسان نئين سوچ جي ڪسوٽيون تي مقرر ڪري وٺون ته اسان عالمي مسئلن جي صحيح حل تائين پهچي سگهون ٿا. جيڪڏهن سياسي اڳواڻ اها ڳالهه سمجهي وٺن ۽ ان تي عمل ڪن ته اها اڄ جي انساني عقل جي وڏي کان سڀ سوڀ ٿيندي.

جڏهن اسان عالمي صورتحال کي بهتر بنائڻ جو ذڪر ڪندا آهيون ته اسان هڪ حقيقت پسند پرڏيهي حڪمت عملي لاءِ به ڪسوٽيون ضروري سمجهندا آهيون: پنهنجي قومي مفادن جو احترام. اهو موقف معقول به آهي ۽ صحيح به ۽ ان موقف جي

مستقل حمايت ڪندو رهڻ ضروري آهي. اسان هميشه ان موقف مطابق سوچيندا ۽ عمل ڪندا آهيون.

اوپراڳيپ هڪ بيچيني آهي

اسان اڪثر اهو پڙندا رهيا آهيون ته سوويت يونين ۽ آمريڪا هڪ ٻئي کان سواءِ به گذارو ڪري سگهن ٿا. سچ ته ڪڏهن ڪڏهن مان پاڻ به ائين چوندو آهيان. خير، معاشي طرح اها ڳالهه صحيح به آهي. ان جو ثبوت هي آهي ته اڄڪلهه اسان جا اقتصادي لاڳاپا ته هئڻ جي برابر آهن. لاڳاپا هجن يا نه، اسان پوءِ به زنده آهيون ۽ جيڪو سبق آمريڪي اسان کي سيکاريندا آهن، اهو انهن کان سکندا آهيون.

چاري لاءِ اناج جي گهرج، اسان جي ڪمزور رڳ هئي. هاڻي اسان پنهنجي پوزيشن مضبوط بنائي ڇڏي آهي. اسان ڪيترن ملڪن سان اناج گهرائڻ لاءِ معاهدا ڪيا آهن ۽ پنهنجي ملڪ اندر اناج جي پيداوار وڌائڻ لاءِ، زرعي ٽيڪنالاجي جو وڏي ۾ وڏ استعمال ڪري رهيا آهيون. هاڻي اسان جو زور ان ڳالهه تي آهي ته مستقبل قريب ۾، اسان اناج ڊيساور موڪليندا سين.

اولهه جي ملڪن "ڪوڪوم (Cocom)" جو ادارو قائم ڪيو آهي. آمريڪا ان ڳالهه جي چوڪسي رکي ٿو ته ڪٿي سندس لڳل پابنديون ختم ته نٿيون ڪيون وڃن. آمريڪا جو خيال آهي ته سوويت يونين کي گهٽي کان گهٽيون شيون وڪرو نه ڪيون وڃن. جيڪي ملڪ ان بندش جي خلاف آهن، آمريڪا انهن جي گهريلو معاملن ۾ مداخلت ڪرڻ کان به نٿو مڙي.

سوويت يونين جوابي ڪارروائي جي طور "ترت پروگرام" جاري ڪيو، جنهن ۾ هڪ سئو شيون اسان کي پاڻ ناهيون هيون. اسان ٽن سالن کان به گهٽ عرصي ۾، ان کي ٽارگيٽ کي پورو ڪيو. هاڻي اسان جي استعمال جون ۹۰ سيڪڙو شيون اسان جون پنهنجون ناهيل آهن. ان ڪري اسان اها دعوى ڪري سگهون ٿا

ته اسان ان منصوبي جو وڏو حصو پورو ڪري ورتو آهي.

اسان شروع ۾ ئي اهو فيصلو ڪيو هو ته اسان کي پنهنجي احساس ڪمتري مان جان ڇڏائڻي آهي. اسان جو ملڪ جيڪو گهڻو وسيع آهي ۽ اسان جا وسيلا به جججها آهن. اسان وٽ عظيم سائنسي صلاحيتون به آهن. اسان جا پرڏيهي سرمائيدار دوست هميشه پروسي جو ڳيا ناهن هوندا ۽ ڪڏهن ڪڏهن هو واپار کي سياسي دٻاءَ لاءِ به استعمال ڪندا آهن. اسان جي قدمن جا همت افزا نتيجا نڪري رهيا آهن. ڪمپيوٽر ۽ سپر ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي ۽ ٻين شعبن ۾ اسان شروعاتي ڪامياب تجربا ڪيا آهن. آمريڪا سمجهي ٿو ته هو هميشه اڳتي رهندو، پر گهڻن آمريڪي سائنسدانن به اهو قبول ڪري ورتو آهي ته اها هڪ بي بنياد خوش فهمي آهي.

گهڻن سالن کان اسان ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ هڪ ٻئي کان اوپرائپ پيدا ٿي پئي آهي، نتيجي ۾ سوويت يونين ۽ آمريڪا جي اقتصاديات ڪيترا سونهري موقعا هٿان وڃائي چڪي آهي. گڏيل پروسي جي کوٽ ۽ شڪ جي ڪري، اسان کي جيڪي ڪم گڏجي ڪرڻا هئا، آهي اسان ڪري نه سگهيا آهيون. اوپرائپ هڪ بيچڙائي آهي. گڏيل پروسي سان ئي اقتصادي ڏي وٺ ۽ سٺن سياسي لاڳاپن جو مضبوط بنياد پئجي سگهي ٿو. اقتصادي لاڳاپن مان به طرفا مفاد پيدا ٿيندا آهن، جيڪي سياست ۾ مددگار ثابت ٿيندا آهن. جيڪڏهن اسان پنهنجي واپار ۽ اقتصادي لاڳاپن کي وڌايون ۽ هاڻوڪي گڏيل ثقافتي عمل کي جاري رکون، جيتوڻيڪ اهو عمل اسان جي خواهش جي ڀيٽ ۾، ڪجهه سست رفتار آهي، ته به اسان ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ جو گهو اعتماد قائم ڪري سگهون ٿا. پر آمريڪا اقتصادي شعبن ۾ سهڪار جي رستي ۾ گهڻيون رڪاوٽون وجهي ڇڏيون آهن.

اسان هاڻي ته آمريڪا کان اناج گهرائيندا آهيون. پر اهو فقط واپار کي برقرار رکڻ لاءِ، اسان جيڪڏهن اها ڏيتي ليتي بند ڪري ڇڏيون ته اسان جو آمريڪا سان واپار بنهه بند ٿي ويندو.

بهرحال هاڻي اسان کي اناج درآمد ڪرڻ جي ضرورت نہ پوندي. ٻئي سامان جو واپار نہ هجڻ جي برابر آهي. جيئن ڪجهہ سوويت شيون آمريڪي منڊيءَ ۾ پهتيون، آمريڪا گهٻرائجي فوراً ٻئي واپار کي بند ڪرڻ يا گهٽ ڪان گهٽ ڪرڻ جا قدم کڻڻ شروع ڪيا. آمريڪا ۾ اهڙا گهڻا قانون آهن، جيڪي سوويت يونين سان واپار وڌائڻ ۾ رنڊڪ بڻيل آهن.

آمريڪا سوويت يونين کان سواءِ هلي سگهي ٿو ۽ جيستائين واپار جو تعلق آهي تہ اسان بہ آمريڪا کان سواءِ گذارو ڪري سگهون ٿا ۽ ڪري رهيا آهيون. پر جيئن تہ اسان سوچيندا آهيون تہ دنيا اسان ٻنهي ملڪن تي ڪيترو پاڙي ٿي ۽ اسان جي سک سلوڪت جي، ان کي ڪيتري ضرورت آهي تہ اسان کي خيال ايندو آهي تہ اسان ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ سک سلوڪت وڌڻ گهرجي. اهو هڪ مناسب قدم هوندو ۽ ان سان هڪ نئين دلچسپي پيدا ٿيندي.

آمريڪا ۾ ڪجهہ اهڙا بہ ٽولا آهن، جيڪي هن ڏس ۾ اڳتي نٿا وڌڻ ۽ اسان جي نيڪ نيتي جو جواب نيڪ نيتيءَ سان نٿا ڏين. هنن ۾ سچائي جي صلاحيت آهي ئي ڪانہ. سندن فلسفو هي آهي تہ، ”جيڪڏهن سوويت يونين کي ڪجهہ گهرجي تہ آمريڪا حاضر آهي. پر جڏهن گڏيل نفعي جو سوال اٿيو تہ اسان ان ڳالهہ تي راضي نہ آهيون.“ ڪجهہ ذميواري سوويت يونين جي بہ آهي. ٿي سگهي ٿو تہ اسان سٺا واپاري نہ هجون يا اسان پوري ڪوشش نہ ڪندا هجون. ڇو تہ اسان جو ان کانسواءِ بہ گذارو ٿي سگهي ٿو. پر ٻنهي ڌرين جي ڪوشش اها هجڻ گهرجي تہ وچ واريون رنڊڪون ختم ٿي وڃن.

گڏيل اعتماد قائم ڪرڻ لاءِ اهو صحيح رستو آهي. فقط لفظن ۽ ترڪيبن کي ورجائڻ سان ڪجهہ حاصل نہ ٿيندو. اعتماد عملي قدم لاءِ جرئت پيدا ڪندو آهي. جنهن ۾ واپاري، معاشي، سائنسي، ٽيڪنالاجيڪل، ثقافتي ۽ ٻيا معاملا بہ شامل آهن. ٻنهي

ڏرين ڪي بارود جي ڍوڙ ختم ڪرڻ ۽ بارود جي مڪمل خاتمي لاءِ ڪوشش ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن اسان علائقائي جهڳڙن جو نباه ڪرڻ لاءِ، گڏجي ڪم ڪريون ته اسان جي گڏيل اعتماد ۾ پڻ واڌارو ٿيندو.

جڏهن مان اهو ٻڌندو آهيان ته پهريان اسان کي اعتماد بحال ڪرڻ گهرجي ته پوءِ بنيادي مسئلا حل ٿيندا، ڀون ڪسي اها ڳالهه سمجهه ۾ نه ٿي اچي. اهو رڳو بهانو آهي. ڇا اعتماد ڪو آسماني تحفو آهي؟ يا جيڪڏهن سوويت يونين ۽ آمريڪا اهو ورجائيندا رهن ته هو ٻاهمي اعتماد جي حق ۾ آهن ته ڇا پوءِ اعتماد پنهنجو پاڻ پيدا ٿي پوندو؟ بلڪل نه. اعتماد پيدا ڪرڻ هڪ ڏکيو عمل آهي. ان ۾ شدت ۽ خلوص، ٻنهي ملڪن جي عملي لاڳاپن تي دارومدار رکن ٿا. ان ڪري گهڻن شعبن ۾ سهڪار جي ضرورت آهي.

جيڪڏهن اسان تباه ڪن نتيجن کان بچڻ چاهيون ٿا ته اسان کي هڪ ٻئي کي چڱي طرح سمجهڻو پوندو. مان وري چوان ٿو ته فقط معاشي ڪارڻ ئي، اسان کي گڏيل سهڪار لاءِ آماده نٿا ڪن، پرهتي سياسي مقصد اقتصادي مقصدن کان وڌيڪ اهم آهن. اسان کي هميشه ياد رکڻ گهرجي ته اسان جو وڏي کان وڏو مقصد سوويت آمريڪي لاڳاپن کي فطري ۽ متوازن بڻائڻو آهي. پر اهو مقصد ڪيڏو به پري نظر ڇو نه اچي ۽ ان تائين پهچڻ جي رستي ۾ ڪيتريون به مقامي ۽ عالمي رنڊڪون موجود ڇو نه هجن.

ذاتي ميل ميلاپ مان اسان اها ڄاڻ ڄاتي ورتي آهي ته ٻين ملڪن ۽ آمريڪا اندر حقيقت پسند ماڻهو سهڪار چاهين ٿا چڪتاڻ نه. اهڙا ماڻهو سوويت پاليسي جي حقيقت پسندي کي پليڪار چون ٿا ۽ ان مان سٺيون اميدون رکن ٿا. منهنجي ملاقات گهڻن واپارين سان ٿيندي رهندي آهي. مون انهن جي ڳالهين مان ڄاتو آهي ته هو سڄي دنيا جي پس منظر ۾ واقعن کي ڏسندا آهن. جيٽوڻيڪ سندن نظر ۾ هنن جو پنهنجو ڪاروبار سڀ کان اهم

شيءِ هوندو آهي، جنهن کي هو ڪڏهن به نظرانداز نٿا ڪري سگهن. مثال طور ڊاڪٽر آمنڊ هيمر سان ملاقات گهڻو بهتر هوندي آهي. هو پنهي ملڪن جي وچ ۾ سڪ سلوڪ وڌائڻ لاءِ ڪوشش ڪندو رهندو آهي. تازو مون محترم برانف مين (Bronf Man) جو ذڪر ٻڌو آهي، جيڪو آمريڪا جي شاهوڪار ترين ماڻهن مان هڪ آهي، هن پوين ڏينهن ۾ منهنجي تندرستيءَ لاءِ دعا گهري ۽ پنهنجي ويجهي ساٿي کي چيو: ”جيڪو مادي آرام ۽ آسائش زندگي ۾ ملي سگهي ٿو، سو مون کي حاصل آهي. هاڻي مون کي انسان جي مستقبل جو فڪر آهي. جيڪڏهن سوويت يونين ائين ترقي ڪندو رهيو ته هو طاقت جي توازن قائم رکڻ ۾ ڪامياب ويندو. ان جي نتيجي ۾ اسان کي هڪ منڍي ملندي ۽ دنيا ۾ امن قائم ٿيندو.“

ان ۾ شڪ ناهي ته سوويت يونين ۽ آمريڪا ٻه طاقتور ملڪ آهن. جن جا وسيع مفاد آهن. هرڪنهن جا پنهنجا ساٿي ۽ دوست آهن. اسان جي پرڏيهي حڪمت عملي جون پنهنجون ترجيحون آهن، پر ضروري ناهي ته ان جو مطلب اهو هجي ته ٻنهي ملڪن جو جهيڙو اڻٽر آهي. وڏيڪ عقل تي ٻڌل، ان کان مختلف نتيجو اهو آهي ته اڄ دنيا جي مستقبل جي ذميواري سوويت يونين ۽ آمريڪا تي عائد آهي.

ائٽمي هٿيارن جو وڏو تعداد سوويت يونين ۽ آمريڪا وٽ آهي ۽ حقيقت هي آهي ته ان مقدار جو هڪ سيڪڙو به سڄي ڌرتي ۽ سڄي انساني تهذيب کي ناقابل تلافي نقصان پهچائڻ لاءِ ڪافي آهي.

ان جي معنيٰ اها آهي ته سوويت يونين ۽ آمريڪا تي دنيا جي مڙني قومن پاران سڀ کان وڏيڪ ذميواري عائد ٿئي ٿي. ٻنهي قومن ۽ انهن جي سياستدانن تي، سڄي انسانذات طرفان هڪ خاص ۽ بينظير ذميواري لاڳو ٿئي ٿي. آمريڪي عوام پنهنجي سگهه سان آمريڪا کي، اچوکي عظيم روپ ۾ آندو آهي ۽ اسان جي عوام پنهنجي طاقت جو ثبوت ان طرح ڏنو ته اڪ چنپ ۾ هڪڙي

پوئتي پيل ملڪ کي هڪ ترقي يافته ملڪ بڻائي ڇڏيو. اڄ انهن سڀني مشڪلاتن جي باوجود، جيڪي اسان کي تاريخ جي ڏکين ڏينهن ۾ پيش آيون، سوويت يونين هڪڙي طاقتور، ترقي يافته ۽ هڪ تعليم يافته قوم آهي. جنهن جون صلاحيتون گهڻيون وسيع آهن. ان ڪري مان سوچيندو آهيان ته پنهي قومن کي پنهنجي تاريخي ڪاميابين سان گڏ عقل، قابليت، ذميواري ۽ هڪ ٻئي لاءِ احترام سان به مالامال هجڻ گهرجي، ڇو ته اڄ اسان کي حقيقت سان منهن ڏيڻ ۽ تباهي کان بچڻ لاءِ اهي گهرجون گهربل آهن.

اسان چڱي طرح سمجهون ٿا ته اسان ٻنهي ملڪن وچ ۾ مسئلن جا جبل اڏجي ويا آهن. جيڪي مسئلا ڪيترن سالن کان لڳاتار گڏ ٿي رهيا آهن، انهن کي ٿوري وقت ۾ ٿوري بحث سان حل ڪري نٿو سگهجي، ائين سوچڻ به غلط آهي. سوويت آمريڪي لاڳاپن ۾ سڀ کان اهم ڳالهه مفروضن پٺيان ڀڄڻ ناهي، پر حقيقتن کي ائين ڏسڻ گهرجي، جيئن اهي واقعي آهن. اسان دنيا کي، جنهن ۾ آمريڪا به شامل آهي، حقيقت پسند سياست جي نظر سان ڏسون ٿا. اسان هن حقيقت سان ڳالهه شروع ڪريون ٿا ته آمريڪي ۽ سوويت عوام هڪ ٻئي کي ختم ڪرڻ نٿا چاهن. اسان کي انهيءَ ڳالهه جو پڪو پختو يقين آهي، تنهنڪري اسان هن بنياد تي آمريڪا سان لاڳاپا بهتر بڻائڻ لاءِ ڪوشش ڪريون ٿا ۽ ان پاران پڻ ساڳئي عمل جا خواهشمند آهيون.

جنيوا ملاقات ڏانهن هڪ وک

سوويت ڪميونسٽ پارٽي جي مرڪزي ڪميٽيءَ جي ڀرپور مڪمل ميڙ کان پوءِ جيڪو اپريل ١٩٨٥ع ۾ ٿيو، داخلي مسئلن ۽ عالمي صورتحال جو هڪ وسيع ۽ گهرو جائزو ورتو ويو. ان دوران سوويت سرواڻ ان نتيجي تي پهتا ته هن وقت عالمي صورتحال ان حد تائين خطرناڪ بڻجي چڪي آهي، جو اسان کي بنا ڪنهن دير ۽ ڪنهن به نندي کان ننڍي بهتري جي امڪان

کي هٿان وڃائڻ کان سواءِ، ترت پائيدار امن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ گهرجي. اسان فيصلو ڪيو ته ترغيب سان عمل جو نمونو پيش ڪري ۽ عقل سان ثابت ڪري، سگهون ته سلوڪ جو ماحول پيدا ڪيو وڃي ته جيئن حالتن جي خطرناڪ نتيجن کان بچڻ لاءِ بهتر رستو اختيار ڪري سگهجي. صورتحال جي خرابيءَ جي ڪري آمريڪي صدر سان هڪ ذاتي ملاقات نهايت ضروري هئي. پهرين ان جو مقصد ڪو خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ويو نه هجي. ان سان هڪ ٻئي جي نقطه نظر کي سمجهڻ ۾ گهڻي مدد ملي.

ان ملاقات کان گهڻا مهينا اڳ اسان بهتر ماحول لاءِ رستي کي هموار ڪرڻ شروع ڪيو. ١٩٨٥ع جي اونهاري ۾ سوويت يونين سڀني ائٽمي ڌماڪن تي بندش وجهڻ جي ۽ آزمائشي ڌماڪن تي مڪمل بندش واري ڳالهه تي، ترت ٻيهر ڳالهيون شروع ڪرڻ لاءِ پنهنجي آمادگي ظاهر ڪئي. اسان ائٽمي سيٽلائيٽ هٿيارن جي آزمائشي ڌماڪن تي، پنهنجي طرف کان هڪ طرفي پابندي جو پڻ اعلان ڪيو. اسان ائٽمي ذخيرن ۾ گهٽتائي لاءِ هڪ نهايت اثرائتي تجويز پڻ پيش ڪئي، انهيءَ پختي يقين کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ته بارود جي ڊوڙ کي خلا ۾ ڦهلائڻ نه گهرجي. اسان هڪ تجويز اها به پيش ڪئي ته خلا جي پرامن استعمال ۽ ان جي سفر ۽ کوجنا لاءِ هڪ وسيع عالمي سهڪار جو سلسلو شروع ڪيو وڃي.

جنيوا ملاقات کان اڳ، وارسا ناهه جي ملڪن جي صوفيه ۾ ٿيندڙ پنهنجي سياسي مشاورتي ڪميٽي جي ميڙ ۾ اعلان ڪيو ته هو امن ۽ ديتانت جي حق ۾، بارود جي ڊوڙ ۽ جهيڙي جي خلاف مسلسل ڪم ڪندا رهندا ۽ دنيا جي سڀني ملڪن جي مفادن جي حفاظت لاءِ دنيا جي صورتحال کي بهتر بنائڻ لاءِ جاکوڙ جاري رکندا.

جنيوا

جنيوا ملاقات جا سڀ تفصيل منهنجي ذهن ۾ بلڪل تازا آهن. پر مڪمل ڏينهن اندر منهنجون صدر ريگن سان گهڻيون ملاقاتون ٿيون.

جيئن مون چيو آهي ته اسان جي ڳالهه ٻولهه بلڪل چٽي ۽ ڏکي هئي ڪنهن وقت تيز ۽ تکي به ٿي ويندي هئي. اسان ڏٺو ته اسان وٽ اڳتي وڌڻ لاءِ اها هڪ سٺي ابتدا هئي. سوويت آمريڪي لاڳاپن کي بهتر بڻائڻ لاءِ ڳالهه ٻولهه اڳتي وڌي پئي سگهي. ڳالهين ڪئي اها ڳالهه چٽي ٿي اڳيان آئي ته ائٽمي جنگ کٽي نٿي سگهجي ۽ اهڙي جنگ کان بچڻ گهرجي.

اها سوچ سوويت وفد طرفان هر پيري پيش ڪئي وئي ۽ آمريڪين طرفان به. ان جو مطلب هيءُ آهي ته اسان پنهي ملڪن جي وچ ۾ لاڳاپن ۾ اڄ خاص اهميت جوڳو مسئلو تحفظ جو آهي. مون صدر ريگن کي چيو ته اسان کي سوويت ۽ آمريڪي قومن جي مفاد لاءِ پاڻ ۾ لاڳاپن کي بهتر بڻائڻ لاءِ ڪي رستا ڳولڻ گهرجن، ۽ اسان کي گهرجي ته اهي تعلقات دوستاڻا هجن. اسان کي ان ڳالهه جو خيال رکڻ گهرجي ته اسان جا ملڪ رڳو هڪ ٻئي کان مختلف ناهن پر هڪٻئي سان واسطي ۾ به آهن، جيڪڏهن اسان ائين نٿا ڪريون ته اسان کي وڏيءَ بربادي جو منهن ڏسڻو پوندو.

هن سوچ سان اسان خلا ۾ هٿيارن جي ڊوڙ کي شروع ڪرڻ کان اڳ ئي روڪڻ ۽ زمين تي ان کي بند ڪرڻ جي ضرورت تي ڳالهه ٻولهه ڪئي. اسان ڏور مار ميزائلن جي تعداد ۾ برابري ۽ انهن جي انگ کي گهٽائڻ جي اهميت تي زور ڏنو. ان موقف جي حوالي سان اسان پاهرين دنيا جي باري ۾ ڳالهه ٻولهه ڪئي. هي دنيا مختلف قومن جي گهڻ پاسائين دنيا آهي، جنهن ۾ هر قوم جا پنهنجا مفاد آهن. پنهنجون خواهشون ۽ پاليسيون آهن، ۽ هر قوم وٽ پنهنجون روايتون ۽ خواب آهن. اسان هر قوم جي ان فطري خواهش جو ذڪر ڪيو ته هر قوم سياسي، معاشي ۽ سماجي دائرن ۾ پنهنجو اقتدار اعليٰ استعمال ڪرڻ چاهي ٿي. هر ملڪ کي ترقي جو رستو چونڊڻ جو حق حاصل آهي. هرڪنهن کي اهڙو سماجي نظام ۽ اهڙن دوستن چونڊڻ جو حق آهي، جيڪي کيس پسند هجن. گهڻن موقعن تي آمريڪي صدر منهنجي راءِ سان اتفاق ٿي ڪيو.

پر ڪيترين ڳالهين ۾ اسان هڪ ٻئي سان متفق نه ٿي سگهياسين. اصولن تي اختلاف جا ڪيترا موقعا آيا ۽ اهي اختلاف اڄ سوڌا قائم آهن. جنيوا ۾ اسان بارود جي ڊوڙ کي روڪڻ ۽ امن جي طاقتن کي مضبوط بڻائڻ جي بنيادي مسئلن جو حل ڳولڻ ۾ ناڪام ٿياسين.

۱۹۸۵ع جي سرءُ جي منڊ ۾، مون کي يقين هو جيئن اڄ آهي، اها ملاقات ضروري هئي، ۽ مفيد ثابت ٿي. تاريخ جي دؤر ۾ سچائي جي لمحن جي شديد ضرورت پوندي آهي، جيئن ساهه کڻڻ لاءِ هوا جي. بارود جي ڊوڙ عالمي صورتحال کي ڏاڍو پريشان ڪري ڇڏيو آهي، ۽ ان مسئلي تي گهڻيون بيڪار ڳالهيون ڪيون ويون آهن. وقت اچي ويو آهي ته لفظن جا انبار هٽائي، لفظن کي عمل سان پرکڻ گهرجي. ان لاءِ سنئين سڌي ڳالهه سڀ کان وڌيڪ ڪارائتي ثابت ٿي سگهي ٿي. ملڪي سربراهن جون ملاقاتون اهو ئي فرض ادا ڪنديون آهن. روبرو بحث ۾ ڪا به سچائي لڪي نٿي سگهي.

جنيوا ۾ اسان هڪٻئي کي بهتر طرح سان سمجهڻ لڳاسين. اسان کي پنهنجي اختلافن جي اصل حقيقت سمجهه ۾ آئي، ۽ اسان ٻه طرفي گفتگو جي شروعات ڪئي. اسان ثقافتي سرگرمين جي ڏي وٺ جي هڪ ناهه تي صحيحون ڪيون، جنهن تي ٻنهي ملڪن جي مفاد ۾ عمل ٿي رهيو آهي. اسان اندازو لڳايو ته تسلي بخش سلوڪ تائين پهچڻ لاءِ اسان کي گهڻو انتظار ڪرڻو پوندو، ۽ سوويت امريڪي لاڳاپن ۽ عالمي حالتن ۾ بهتري جي حاصلات لاءِ اسان کي گهڻي محنت ڪرڻي پوندي.

جنيوا کان پوءِ

جنيوا ملاقات کان پوءِ ڇا ٿيو؟ اسان کي چاڻ هئي ته ڪابه تبديلي پنهنجو پاڻ نه ايندي، ۽ جيڪو ڪجهه جنيوا ۾ حاصل ٿيو هو، ان کي اڳتي وڌائڻ لاءِ گهڻن نون قدمن جي ضرورت

پوندي. جنيوا ۾ صحيح ڪيل اثرائتا ناهم ٿيا، جن ۾ پنهي ڌرين وعدو ڪيو ته ائٽمي جنگ ڪڏهن نه ٿيڻ گهرجي. ڪابه ڌر فوجي برتري لاءِ ڪوشش نه ڪندي ۽ جنيوا ۾ جاري بارود گهٽائڻ جي ڳالهه ٻولهه کي تيز ڪيو وڃي. هاڻي انهن ڳالهين کي عملي ميدان ۾ آڻي خاص ڪم ڪرڻ گهرجي. تنهن ڪري اسان ان ڏس ۾ ڪيترائي قدم کنيا آهن.

ائٽمي ڌماڪن تي بندش

پهرين جنوري ١٩٨٦ع کان اسان جي ائٽمي ڌماڪن تي هڪ طرفي بندش جو عرصو ختم ٿي ويو ۽ پر سوويت يونين ان عرصي کي وري وڌايو. هي نهايت اهم فيصلو هو. جنهن سان اسان لاءِ ڪجهه خطرا پيدا ٿي سگهيا ٿي. ڇو ته خلا ۾ ائٽمي ڪارروايون جاري هيون ۽ ٻي ڌر کي ان ٽيڪنالاجي ۾ برتري حاصل ڪرڻ لاءِ کليل ڇڏيو ويو. هنن نوان ائٽمي هٿيار مثال طور ائٽمي قوت سان هلندڙ هٿيار به ٺاهي ورتا هئا، ان جي باوجود اسان ۾ ايتري همت ۽ ڀروسو هو ته جيڪي ڪجهه اسان کي ڪرڻو هو سو ڪيوسين ۽ آمريڪا کي عالمي امن لاءِ پنهنجي 'پابندي جي پوئواري' جي دعوت ڏنيسين.

ائٽمي آزمائشي ڌماڪن تي مڪمل پابندي، هڪ وڏي ڪسوٽي آهي. جيڪڏهن توهان خلوص سان ائٽمي هٿيار ختم ڪرڻ چاهيو ٿا ته توهان آزمائشي ڌماڪن تي پابندي لاءِ راضي ٿي ويندؤ. ڇو ته اهڙي پابندي سان موجوده گودامن جي گهٽتائي ڏانهن هڪ وک وڌندي ۽ انهن کي وڌيڪ ترقي ڏيڻ وارو ڪم ختم ٿي ويندو. جيڪڏهن توهان ائين نٿا چاهيو ته توهان آزمائشي ڌماڪن کي جاري رکڻ لاءِ سڄو زور لڳائيندؤ؟

ائٽمي تجرباتي ڌماڪن تي پابندي اهڙو قدم آهي، جنهن سان ٽرت سوويت آمريڪي لاڳاپن ۾ ۽ مجموعي طرح عالمي صورتحال ۾ هڪ نئون ۽ اميد افزا عنصر شامل ٿي ٿو. هن قدم جي لاءِ هڪ

مناسب بنياد به موجود هو. سوويت يونين ۽ آمريڪا ٻن علائقن ۾ ائٽمي تجرباتي ڌماڪن بند ڪرڻ جي ناهن تي صحيح ڪيون آهن. اسان زمين جي هيٺان ائٽمي ڌماڪن کي محدود ڪرڻ لاءِ هڪ ناه جي تياري ڪري رکي هئي ۽ ان جي مڪمل بندش تي ڳالهه ٻولهه جو به اسان وٽ ڪجهه تجربو موجود هو.

شروع شروع ۾ "بندش جي تصديق" هڪ رنڊڪ بڻيل هئي. ان کي دور ڪرڻ لاءِ، اسان اعلان ڪيو ته تصديق لاءِ ٻلي آها ڪهڙي به صورت ۾ هجي، اسان قبول ڪرڻ لاءِ تيار آهيون ۽ ان مقصد لاءِ قومي ٽيڪنيڪل سهولتن کي ۽ عالمي سهولتن کي به، جن جو تعلق ٻن ملڪن سان هوندو استعمال ڪنداسين.

ائٽمي ڌماڪن تي سوويت پابندي رڳو هڪ تجويز نه هئي. پر هڪ عملي قدم هو. ان مان اسان جي ائٽمي هٿيارن تي پابندي جي پروگرام جي سچائي ۽ سنجيدگي ظاهر ٿئي ٿي. ۽ اسان جي هن اپيل جي صداقت ثابت پئي ٿي ته هاڻي عالمي لاڳاپن لاءِ هڪ نئين پاليسي بڻائڻ تمام ضروري آهي. اهڙي پاليسي جنهن جو بنياد حقيقت پسندي، امن ۽ گڏيل سهڪار ته هجي.

نيڪ نيت ماڻهن ڌماڪن تي مڪمل پابندي لڳائڻ لاءِ اسان جي فيصلي جي تعريف ڪئي. دنيا جي هر ڪنڊ مان، اسان جي قدم کي ساراهيو ويو ۽ ان جي حمايت ڪئي وئي. سياستدانن ۽ جمهوري ادارن جي ميمبرن، مشهور شخصيتن ۽ تنظيمن، ان قدم کي اڄ جي مسئلن کي منهن ڏيڻ جو هڪ صحيح رويو قرار ڏنو. جنهن سان سنو قائم ڪيو ويو هو. ان قدم سان ائٽمي تباهي کان بچڻ جي اميد به وڌي وئي هئي. سوويت پابندي جي منظوري گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي به ڪئي. جيڪو دنيا جي ملڪن جو بهترين نمائنده ادارو آهي. وڏن وڏن فزڪس جي ماهرن ۽ ڊاڪٽرن به اسان جي حمايت ڪئي. اهي ماڻهو عام ماڻهن جي ڀيٽ ۾ ائٽمي خطرن کي، بهتر طرح سان سمجهي سگهن ٿا. گهڻن ملڪن جا سائنسدان سوويت پابندي جي قدم کان ڏاڍا متاثر ٿيا ۽ هنن ناروڊ-

تي مڪمل پابندي جي پروگرام ٺاهڻ ۾ وڏي سرگرمي ڏيکاري.

نئين سوچ جي سيني مظاهرن جي جواب ۾ اولهه جي حڪومتن اڇا وڏيڪ فوجي قدم کنيا آهن ۽ سندن سياسي رويا به فوجي ڪاروائين جي باري ۾ آهن. افسوس جي ڳالهه آهي ته انهن حڪومتن جو رد عمل، عالمي ميدان ۾ ٿيندڙ وسيع تبديلين سان خطرناڪ طرح سان تضاد ۾ آهي ۽ اهي حڪومتون وقت کان پوئتي رهجي ويون آهن. سوويت يونين جي پنهنجي طرفان لاڳو بندش جي مدي وڌائڻ جو رد عمل آمريڪي انتظاميه طرفان اهو ٿيو ته هن تجرباتي ڌماڪن جو جاري رکيو. ان جي نمائندن سرڪاري طرح سان اعلان ڪيو ته ائٽمي ڌماڪن کي جاري رکڻ يا کين بند ڪرڻ، سوويت يونين کي ذاتي معاملو آهي. جيستائين گڏيل رياستن جو تعلق آهي ته هو پنهنجا ائٽمي تجرباتي ڌماڪا بنان ڪنهن رنڊ روڪ جي جاري رکندي. ائٽمي آزمائش جي سوويت مرڪزن تي مانيٽرنگ چالو رهي. اسان واشنگٽن جي قدمن ڪري پيدا ٿيل خطري جو ڏاڍي غور سان جائزو وٺندا رهياسين ۽ ڏسندا رهياسين ته آمريڪي انتظاميه کين نه ڪا جي پڪائي ۽ ديده دليري سان ائٽمي ڌماڪن کي بند ڪرڻ جي سيني اپيلن کي نظرانداز ڪندي، پنهنجي پراڻي رومانس تي قائم هئي. انهن مسئلن جي سيني پاسن کان جائزو وٺڻ کان پوءِ ۽ سڄي انسانذات جي مستقبل جي تحفظ واري ذميواري محسوس ڪندي، سوويت ڪميونسٽ پارٽي جي پولٽ بيورو آگسٽ ١٩٨٦ع ۾ ائٽمي ڌماڪن تي هڪ طرفي بندش کي، ڦهرين جنوري ١٩٨٧ع تائين وڌائڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو. پر آمريڪا پوءِ به پنهنجي هوڏ ۽ هٺ تي قائم رهيو.

مان اهو بلڪل نٿو سمجهان ته اسان طرفان ائٽمي ڌماڪن تي هڪ طرفي بندش بيڪار هئي. عالمي راءِ کي معلوم ٿي ويو ته ائٽمي ڌماڪا بند ڪري سگهجن ٿا. ان کي اهو به معلوم ٿيو ته ان جي مخالفت ڪير ڪري رهيو آهي. اهو سچ آهي ته اهڙي طرح بارود جي ڍير کي روڪڻ جو هڪ ٻيو تاريخي موقعو هٿان

وڃايو ويو هو، پر ان تجربي مان حاصل ٿيل سبق وڏا ڪارائتا ثابت ٿيا آهن. اڄ جڏهن پهرين ڊسمبر تائين ائٽمي ڌماڪن کي بند ڪرڻ لاءِ، مڪمل ۽ ڏاڪي به ڏاڪي ڳالهه ٻولهه جو ڏاهه ٿي ويو آهي ته اسان پنهنجو پاڻ کي ۽ سڀني قومن کي لک مبارڪون ٿا ڏيون، جو انسان جي مستقبل واري گنڀير مسئلي تي ڪم جي ابتدا ٿي وئي آهي.

ائٽمي ٻارود کي ختم ڪرڻ جو پروگرام

۱۵ جنوري ۱۹۸٦ع تي اسان هڪ پندرهن سالهه پروگرام تجويز ڪيو، جنهن مطابق ويهين صدي جي پڄاڻي تائين، ائٽمي هٿيارن جو ڏاڪي به ڏاڪي خاتمو ڪري سگهجي. تو اسان وڏي محنت ۽ احتياط سان، ان پروگرام عمل تي ڪرڻ جي طريقن بابت وضاحت ڪئي. ته جيئن هر منزل تي پنهي ڌرين جي مفادن جو گڏيل طرح، قبوليت جوڳو توازن برقرار رهي ۽ ڪنهن به ڌر جي سلامتي کي ڪنهن به مرحلي تي ڪوبه خطرو نه هجي. ان ڪانسواءِ ڪابه ٻي تجويز غيرحقيقت پسندانه هوندي. هن پروگرام جي بنياد تي اسان جي نمائندن جنيوا ۾ ٿيل ڳالهه ٻولهه ۾، وڏيون اهم متبادل تجويزون پيش ڪيون. انهن تجويزن ۾ وچين فاصلي تائين مار ڪندڙ ميزائلن، ڏور مار ڪندڙ هٿيارن ۽ خلا کي فوجي مقصدن لاءِ استعمال نه ڪرڻ جي مسئلن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي.

۱۵ جنوري وارو اعلان، حڪمت عملي جي سطح تي ڪيو ويو هو. ان ذريعي اسان انساني تهذيب لاءِ، ائٽمي هٿيارن ۽ ڌماڪن جي سڀ کان وڏي خطري جي نشاندهي ڪرائڻ چاهيون پيا. ان جو مقصد اهو نه هو ته ڪيميائي هٿيارن تي بندش ۽ خاتمي جي مسئلن کي نظرانداز ڪيو وڃي، يا عام رواجي هٿيارن ۾ شديد ڪمي جي مسئلي کي پوئتي ڇڏيو وڃي. هن اعلان ۾ وڏن وڏن قدمن جو خاڪو پيش ڪيو ويو هو. سڀني ڏاڪن تي سڀ کان وڏو اصول اهو هو ته توازن قائم رهي. ان اعلان سان ڪا سياسي

رانڊ ڪيڊن يا فقط ڏيکارڻ لاءِ ڪجهه ڪرڻ چوڻ وارو پهلو اڳيان نہ هو. ذهن ۾ اها ڳالهہ واضح هجڻ گهرجي تہ ڪنهن هڪڙي ملڪ يا ملڪ ڪي ٻئي ڪي ڏيڻ جو پروگرام ڪونہ ٿاهيو هو. چو تہ هي سڀ کان نازڪ مسئلو هر هڪ ملڪ جي پنهنجي تحفظ جو هو.

اهڙو قدم کڻڻ لاءِ، جيئن مون ۱۵ جنوري ۱۹۸۶ع تي ڪيو، اسان کي نہ رڳو پنهنجي ذميواري سمجهڻ جي ضرورت هئي، پر هڪ سياسي ارادي جي بہ ضرورت هئي. اسان پنهنجي سوچ جي شروعات ان نقطي کان ڪئي تہ ائٽمي خلائي دؤر ۾ سلامتي جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ، نون رستن جي ضرورت آهي. اهو اسان جي سڄي قوم جو ارادو هو. اسان هن قدم کي ٻي ڌر تي برتري لاءِ پروپئگنڊا طور استعمال ڪونہ ڪري رهيا هئاسين. اهو قدم ان احساس ذميواري جي تقاضا هو تہ ائٽمي جنگ کي روڪيو وڃي جيئن امن کي محفوظ رکي سگهجي. اسان جو رويو اهو هو جيڪو عالمي عام راءِ جي بارئي ۾ هو. ٻين ڳالهين کانسواءِ اهو ڇهن ملڪن (هندستان، ارجنٽائين، سويڊن، يونان، ميڪسيڪو ۽ تنزانيہ) جي اپيل جي جواب ۾ هو.

اسان ائٽمي هٿيارن کان پاڪ دنيا جي تصور کي ڏاڍو عزيز رکندا آهيون. هندستان جي سياسي روايتن مان فائدو وٺندي ۽ هندستاني فلسفي ۽ ثقافت سان مالا مال هوندي، اصل ۾ اهو تصور ان دستاويز مان اڀريو هو، جنهن کي ”ائٽمي هٿيارن کان پاڪ ۽ عدم تشدد واري دنيا جي اصولن تي ٻڌل دهلي جو اعلان“ چوندا آهن.

اسان لاءِ اهو ڪو نعرو ناهي، جيڪو انساني خيال کي وائڙو ڪرڻ لاءِ لڳايو ويو هجي. تحفظ هڪ اهم سياسي مسئلو آهي. هي فوجن جي جهيڙي جي ڳالهہ ناهي. ان کي نہ سمجهڻ جو نتيجو جنگ آهي، جنهن جا تباهہ ڪن نتيجا نڪرندا. جيڪڏهن ائٽمي، ڪيميائي ۽ ٻين هٿيارن جا ذخيرا هڪ ڀيرو استعمال ڪيا ويا تہ دنيا ۾ باقي ڪجهہ نہ بچندو. ان ڪري اسان انساني بقا جو ذڪر

ڪريون ٿا. ائٽمي هٿيارن کان پاڪ دنيا جو تصور اسان جي ايمان جو حصو آهي. اسان گهڻيون تڪليفون برداشت ڪري، هن نقطهءِ نظر تائين پهتا آهيون. اسان سلامتي کي هڪ وسيع تصور سمجهندا آهيون. جنهن جا رڳو فوجي ۽ سياسي پاسا ناهن، پر ان جا اقتصادي، ماحولياتي ۽ انساني ڀلائي جا پاسا به اهم آهن.

سوويت يونين جي پارٽي جي ٢٧ ڪانگريس ۾، اسان سڀ پاسائين سلامتي جي هڪ اهڙي وسيع عالمي نظام * جي عمل جوڳي هجڻ جا ثبوت پيش ڪيا، جيڪو سڀني ملڪن تائين ڦهليل آهي. اهو نظام اسان سڄي دنيا جي سامهون پيش ڪيو. حڪومتن کي، پارٽين کي، عوامي تنظيمن کي ۽ انهن تحريڪن کي، جيڪي خلوص ۽ سنجيدگيءَ سان زمين تي امن جي قيام لاءِ سوچن ٿيون.

---

* هن نظام جا بنيادي اصول هي آهي.

١- فوجي شعبي ۾:

(١) ائٽمي طاقتن جو پاڻ ۾ ۽ ٻين خلاف ائٽمي ۽ روائتي جنگ نه ڪرڻ جو معاهدو.

(٢) خلا ۾ هٿيارن جي ڊوڙ جو تدارڪ، سڀني ائٽمي هٿيارن جي تجرباتي ڌماڪن تي مڪمل بندش ۽ آخرڪار انهن هٿيارن کي ختم ڪرڻ. ڪيميائي هٿيارن جي تياري تي بندش انساني نسل جي وڏن وڏن ٽولن کي مارڻ وارن هر قسم جي هٿيارن جي تياري تان مڪمل طرح هٿ کڻڻ.

(٣) سڀني ملڪن جي فوجي ساز ۽ سامان ۾ نگراني جي طئه ٿيل طريقن مطابق اهڙي معقول حد تائين ڪمي جو، انهن جي ضرورتن لاءِ گهٽ سامان بچي وڃي.

(٤) سڀني فوجي معاهدن جو خاتمو ۽ هن منزل تائين پهچڻ لاءِ ان جي موجوده حدن ۾ واڌاري ۽ نئين فوجي نظامن جي قيام جي منع.

اسان ڪانگريس ۾ ڪيل فيصلن مان، ڪنهن هڪ تان به پوئتي نه هٽنداسين. اسان انهن سڀني خيالن تي احتياط ۽ ڌيان سان غور ڪرڻ لاءِ تيار آهيون، جيڪي پر امن بقاءِ باهم جي تصور کي اڳتي وڌائيندا آهن، جو هو ان کي عالمي لاڳاپن جو بلند ترين ۽ همه گير اصول سمجهندا آهن.

---

(٥) فوجي ميزانن ۾ متوازن ۽ متناسب ڪمي.

٢- سياسي شعبي ۾:

(١) عالمي ميل ميلاپ ۾، هر قوم جي آزادانه طرح سان پنهنجي ترقي جي رستن ۽ طريقن جي چونڊ واري حق جو احترام.

(٢) علائقائي جهيڙن ۽ عالمي گهوٽالن جو انصاف تي ٻڌل سياسي حل.

(٣) اهڙين قدمن کي اڳتي وڌائڻ جن سان ملڪن جي وچ ۾ اعتماد پيدا ٿئي. ٻاهر کان حملن ۽ ملڪن جي سرحدن جي خلاف ورزيءَ خلاف موثر ضمانت مهيا ڪرڻ.

(٤) عالمي دهشت گرديءَ کي روڪڻ لاءِ موثر طريقن جو قيام، جن ۾ هوائي، زميني ۽ سامونڊي سفر جي سلامتي به شامل هجي.

٣- اقتصادي شعبي ۾:

(١) عالمي واپار ۾ هر قسم جا مٽ ڀيد ختم ڪرڻ. هر قسم جي ناڪه بندين ۽ پابندين کي ڇڏي ڏيڻ، جيستائين عالمي برادري خاص طرح سان، ان جي سفارش نه ڪري.

(٢) قرضن جي مسئلي جي انصاف پرئي حل لاءِ گڏيل ڪوشش.

(٣) هڪ نئين عالمي اقتصادي نظام کي قائم ڪرڻ، جنهن ۾ سڀني ملڪن کي مساوي طرح اقتصادي سلامتيءَ جي ضمانت

اسان ٢٧ ڪانگريس ۾ سوويت آمريڪي لاڳاپن تي به ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ توهان کي ياد ڏيارڻ چاهيان ٿو ته اسان هن موضوع تي هي چيو هو: "سوويت يونين جو اهو پڪو ارادو آهي ته اسان ٻنهي ملڪن جي عوام ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي انهن اميدن کي پورو ڪيو وڃي، جيڪي هو سوويت يونين ۽ آمريڪا مان رکن ٿا. هو چاهين ٿا ته اسان اهڙا اثرائتا قدم کڻون ۽ اهڙا حقيقت پسند

ڏني وڃي.

(٤) اهڙا اصول جوڙڻ، جن جي ذريعي فوجي خرچن ۾ گهٽتائي جي ڪري بچيل رقم جو هڪ حصو عالمي برادري جي بهتري لاءِ خرچ ڪري سگهجي. سڀ کان اڳ آسرندڙ ملڪن ۾ اهو عمل شروع ڪيو وڃي.

(٥) خلا جي سفر ۽ ان جي پرامن استعمال لاءِ گڏيل ڪوششون ڪرڻ. اهڙيءَ طرح عالمي مسئلن جي حل جي لاءِ به گڏيل ڪوششون ڪرڻ گهرجن، جن تي انساني ثقافت جو دارومدار آهي.

٤- انساني ڀلائيءَ جي شعبي ۾:

(١) امن، بارود کي گهٽائڻ، عالمي سلامتي جي تصورات کي ڦهلائڻ ۾ سهڪار، عام سائنسي ڄاڻ جو ڦهلاءُ ۽ قومن جي وچ ۾ ميل ميلاپ ته جيئن هو هڪ ٻئي جي باري ۾ وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪن ۽ هنن جي به طرفي لاڳاپن ۾ نيڪ نيتي جو واڌارو ٿئي.

(٢) نسل ڪشي، نسلي مت ڀيد، فاشزم جي حمايت ۽ هرقسم جي نسلي، قومي ۽ مذهبي علحدگي پسندي جو مڪمل خاتمو ۽ انهن بنيادن تي انسانن ۾ مت ڀيد جي رويي جي پڄاڻي.

(٣) سڀني ملڪن جي قانون جو احترام ڪندي، انسانن جي سياسي، سماجي ۽ انفرادي حقن جي حاصلات لاءِ عالمي سهڪار ۾ واڌارو.

ناهه ڪريون، جن سان بارود جي ڍور کي روڪي سگهجي.“ ٢٧ ڪانگريس جي سوويت آمريڪي لاڳاپن جي باري ۾ موقف کي ڪجهه لفظن ۾ بيان ڪري سگهجي ٿو، ”اسان هڪ گولي تي گڏجي رهون ٿا ۽ آمريڪا ڪانسواءِ اسان امن جو تحفظ نٿا ڪري سگهون.“

جنيوا کان پوءِ آمريڪي عمل:

جنيوا جي سرواڻ ميڙ کان پوءِ آمريڪي انتظاميه ڪهڙو ڪردار ادا ڪيو آهي؟ ماضي وانگر هزارين ڀيرا سوويت دشمن جذبن کي اڀارڻ لاءِ، هڪ زوردار تحريڪ هلائي وئي. بار بار سوويت يونين کي هڪ ”جن“ بڻائي پيش ڪيو ويو، ته جيئن آمريڪي عوام جي دلين ۾ خوف پيدا ڪري تازي، فوجي خرچ کي ڪانگريس ۾ منظور ڪرايو وڃي.. هن دوڙ ۾ ”شيطاني سلطنت“ جو نالو مشهور ڪيو ويو. آمريڪا جي حڪمرانن ٻيهر اسرار ڪيو آهي ته هو ان ترڪيب کي ڇڏڻ لاءِ تيار ناهي.

انهن سيني ڳالهين کي تقرير بازي چئي ٽاري سگهجي ٿو، پر جيئن مان اڳ ۾ ئي چئي چڪو آهيان، ته دشمني واري تقرير به لاڳاپن کي خراب ڪري سگهي ٿي. اهڙا لفظ آهستي آهستي گهٽيون معنائون حاصل ڪري وٺندا آهن. هاڻي معاملا گهڻو ڪري سنجيده ٿي ويا آهن، مثال طور سوويت يونين کان مطالبو ڪيو ويو آهي،

(٤) قومن، ماڻهن ۽ تنظيمن جي وچ ۾ لاڳاپن ۽ ميل ميلاپ وڌائڻ ۽ انسان دوستي جي جذبي ۽ مثبت طريقي سان خاندانن کي هڪ ڪرڻ ۽ شادي جي مسئلي کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ.

(٥) ثقافت، آرٽ، سائنس، تعليم ۽ طب جي شعبن ۾ سهڪار جي نون رستن جي تلاش ۽ موجوده سهڪار کي مضبوط بڻائڻ.

تہ آمريڪا منجهہ پنهنجي سفارتي عملي ۾ ۴۰ سيڪڙو ڪمي ڪري ڪرائميا جي ساموندي ڪناري پرسان آمريڪي جنگي جهازن، سوويت يونين جي ساموندي حدن اندر غير قانوني مداخلت ڪئي. لبيا جي خودمختيار حڪومت خلاف فوجي حملو ڪيو ويو. جنيوا ملاقات کان پوءِ اسان آمريڪي انتظاميہ جي انهن حرڪتن کي نہ رڳو سوويت يونين، پر سڄي دنيا توڙي آمريڪي عوام لاءِ هڪ چئلينج سمجهون ٿا.

ان زماني ۾ آمريڪا پنهنجي هن ارادي کي ظاهر ڪيو تہ هو سالٽ II جي ناهہ کان دست بردار ٿيڻ چاهي ٿو. ان جي باري ۾ چيو ويو تہ اهو مرٽينگ تي چڪو آهي.

بارود جي ڊوڙ کي ختم ڪرڻ لاءِ نوان معاهدا ڪرڻ بدران آمريڪي حڪومت اڳ ۾ ڪيل معاهدن کي بہ ٽوڙي ناڪام بڻائي رهي هئي. آمريڪي ماڻهن ۽ عالمي عوام جي سوچ کي غلط طرح متاثر ڪرڻ لاءِ هڪ تحريڪ هلائي وئي، تہ جيئن غير محدود اينٽي بلاسٽڪ ميزائيل معاهدي کي تباهہ ڪيو وڃي.

جنيوا ملاقات کان پوءِ واري، دور ثابت ڪيو آهي، تہ جتي ماضي ۾ اسان فقط اندازن سان ڳالهيون ڪندا هئاسين اتي، اڄ اسان وٽ اهڙا انگ اکر موجود آهن، جيڪي ان ڳالهہ جي تائيد ڪن ٿا، تہ آمريڪي حڪومت جنيوا معاهدن تي عمل ڪرڻ کان نٽائي رهي آهي. جيتوڻيڪ هو اڄ بہ عمل ماضي وانگر ڪري رهي آهي، پر هو عوام کي پنهنجي پيلائي خاموش رکڻ چاهي ٿي. اسان پنهنجو پاڻ کان پڇيو تہ ڇا واشنگٽن اڃا بہ اهو سمجهي ٿو تہ سندس مقابلو ڪمزور ارادن وارن ماڻهن سان آهي؟ يا ڇا هو هڪ جواريءَ واري ايڪٽنگ ڪندو رهندو. سندس هي بہ وهم آهي، تہ سوويت يونين سندس نون فوجي ڪارنامن کان ڪنبي ويندو.

انهن ڏينهن ۾ مون کي ٽوگلياٽي شهر ۾ تقرير ڪرڻي هئي. مون کي ان شهر جي پورهيت طبقي ۽ سوويت عوام جي سامهون وضاحت ڪرڻي هئي، تہ جنيوا ملاقات کان پوءِ ڇا ٿيو هو.

اسان گهڻو ڪم ڪيو ۽ سڄي دنيا پاران اسان مٿان جيڪا ذميواري عايد ٿيل هئي، ان کي اسان پورو ڪيو. اسان جنيوا معاهدي جي نتيجي ۾، پنهنجا فرض پورا ڪرڻ ۾ مڪمل توجه ۽ احساس ذميواري جو مظاهرو ڪيو.

پر آمريڪا ڇا ڪيو؟ سو ان انگ اکر پيش ڪيا. پوءِ اهو سوال اڀريو ته آخر آمريڪا ڇا ٿو چاهي؟ سندس بيانن کان هٽي حقيقي پاليسي کي ڏٺو وڃي ته حيرت ٿيندي ته ٻنهي ۾ ڪيڏو نه فرق آهي؟ آمريڪي حڪومت نه رڳو ديتانت کي الوداع چئي ڇڏيو هو، پر هو تعلقاتن ۾ بهتري جي هر موقعي کان ڊنل رهندو هو. سون کي، سوويت عوام کي صاف صاف پڌائڻو پيو ته اهڙيون پاليسيون آخر ڪنهن جي مفاد ۾ آهن؟ يقيناً اهو آمريڪي عوام نه هو، جنهن فوجي خطري کي وڌائڻ پئي چاهيو؟ مجبوراً اسان کي ”آمريڪي فوجي صنعتي ٽولي“ جو پول پڌرو ڪرڻو پيو. پراڻين لوڪ آکاڻين جي ديو (Moloch) وانگر مخصوص فوجي صنعتي ٽولو نه رڳو آمريڪا ۽ ٻين ملڪن جي عوام جا وڏا وسيلا چٽ ڪري ويندو آهي، پر ائٽمي جنگ جي خطري ختم ڪرڻ جون سڀ ڪوششون به تباهه ڪري ڇڏيندو آهي.

واقعي اسان جو عوام آمريڪا جي ائٽمي دفاعي پروگرام (اسٽاروارز) کان خطرو محسوس ڪري ٿو. اها ڳالهه اسان ڪيئي ڀيرا ورجائي چڪا آهيون. ممڪن آهي ته هو اسان کي وڏيڪ ڏيڇارڻ لاءِ بار بار ان جو ذڪر ڪندا هجن. شايد اهو بهتر ٿيندو ته اسان Strategic Defence Initiative (S.D.I) کان ڊڄڻ ڇڏي ڏيون.

ان معاملي ۾ لاپرواهي جو قطعاً ڪو جواز نه هو. اسان ڏسي رهيا هئاسون، ته جيتوڻيڪ ڪروڙين آمريڪي جن ۾ نامياري سائنسدان، اڳواڻ، عام ماڻهو، سياستدان، مذهبي اڳواڻ، يونيورسٽين ۽ اسڪولن جا شاگرد به شامل هئا، سي سڀ S.D.I جا مخالف هئا، ۽ ائٽمي ڌماڪن جا پڻ. ان جي باوجود آمريڪا ۾ اهڙا ماڻهو به

موجود هئا، جيڪي S.D.I پٺيان ڇريا پئي ٿيا. اها صورتحال وڏيڪ جو ڪائني هئي، ڇو ته هائي سياسي خيالن کي فوجي روپ ڏنو پئي ويو. ان جي باوجود اسان کي ان تاثر مان نجات حاصل ڪرڻي هئي، جيڪو اسان جي باري ۾ ڦهلايو پئي ويو ۽ جنهن جي پيدا ڪرڻ ۾ اسان جو ڪو به حصو پنهنجي ڪونه هو. هو سمجهن ٿا ته جيڪڏهن سوويت يونين S D.I کان ڊڄي ٿو ته ڪيس اخلاقي، معاشي، سياسي ۽ فوجي طرح سان به S.D.I کان مرعوب ڪرڻ ضروري آهي.

ان ڪري هو S.D.I تي ايترو زور ڏيئي رهيا آهن. ان جو مقصد آهي ته اسان کي ڪمزور ڪيو وڃي. اسان اهو چوڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي ته، ”هاڻو اسان S.D.I جي سخت خلاف آهيون، ان ڪري جو S.D.I دنيا کي ويتر وڏيڪ غير محفوظ بڻائي ٿو. پر ان سلسلي ۾ اسان کي پنهنجي ذميواري جو گهڻو خيال آهي. ائين ناهي ته اسان خوف جي ڪري ان جي مخالفت ڪري رهيا آهيون. ڇو ته ان جي نتيجن جي باري ۾ اڳواٽ ڪجهه به نٿو ڪٿي سگهجي. تحفظ جي احساس کي وڌائڻ بدران S.D.I ته انهن ٿورن ذريعن کي تباهه ڪري رهيو آهي، جيڪي سلامتي پيدا ڪرڻ ۾ مدد گار ثابت ٿي سگهن ٿا.

تو گلتاتي ۾ تقرير ڪندي، مون هڪ دفعو وري چيو ته S.D.I جو جواب اسان موثر طريقي سان ڏينداسين. آمريڪا کي اميد آهي ته اسان به S.D.I جي پروگرام تي عمل ڪنداسين ۽ اهڙا سسٽم بڻائينداسين. ٽيڪنالاجي جي ميدان ۾ هو اسان کان اڳتي هوندو ۽ هو ان برتري جو فائدو وٺندو، پر اسان چاهون ٿا ته اهڙي شيءِ جيڪا آمريڪا ناهي سگهندو هجي ۽ اسان جا انجنيئر ۽ سائنسدان نه ناهي سگهن ته پوءِ S.D.I کي بيڪار بنائڻ لاءِ آمريڪا جي لڳايل رقم جو ڏهون حصو اسان لاءِ ڪافي هوندو. تنهنڪري اسان اهو پڪو ارادو ڪيو آهي ته اهڙي ڪوڙيءَ پٽاڪ کي ناڪام بڻايو وڃي، جنهن مطابق اسان S.D.I جي اڳيان ڀيوس بڻجي چڪا

آهيون. پنهنجي تقرير ۾ مون پارٽي ڪانگريس جي اصول کي ورجايو، ”اسان کي وڏيڪ سلامتي جي ضرورت ڪونهي، پر اسان هن کان گهٽ سلامتي تي به راضي نه ٿينداسين.“

جنيوا ملاقات کانپوءِ گهٽ ۾ گهٽ مون ٽن نتيجن کي سهڙيندڙ ڏٺو، اسان اولهه جي ملڪن کي ۽ خاص طرح سان آمريڪا ۽ نيٽو کي پڌائڻ چاهيو پيا ته ڪنهن به صورت ۾، اسان پنهنجي امن جي پاليسي نه ڇڏينداسين. اسان يقيناً اولهه جي پاليسين کي سندن حقيقي روپ ۾ ڏسندا آهيون. اسان امن جي خيرات نه گهرنداسين. اسان اڳ ۾ به ڪيترن چئلينجن جو مقابلو ڪيو آهي ۽ هاڻي به اٿين ٿي ڪنداسين. ظاهر ۾ ته اهو صحيح لڳي ٿو ته آمريڪا کي جنيوا ڳالهه کان پوءِ، اسان جون گهٽيون تجويزون قبول ڪرڻ گهرجن ها. اسان اڳتي وڌيا هئاسين ته ڪجهه هنن کي به پيش قدمي ڪرڻ گهربي هئي. ان سان عوام جون گهٽيون اميدون پوريون ٿي وڃن ها، پر ائين نه ٿيو. هتي جي حڪمران ٽولي پنهنجي خود غرضائي مفاد کي انسانيت ۽ پنهنجي عوام جي مفاد تي فوقيت ڏني. اها ڳالهه اهم هئي ته هنن وات قاڙي آڪڙ واري انداز ۾ ائين ڪيو ۽ عالمي راءِ کي بنهه نظرانداز ڪري ڇڏيو.

اهڙين رويـن مان ظاهر ٿئي ٿو ته هنن وٽ ذميواري جي احساس جي جڳهه تي پراڻي ذهنيت وري موٽي آئي آهي ته هو دليري سان سڀ ڪجهه ڪري سگهن ٿا ۽ انهن کي ڪير ڪجهه به نه چوندو. جنيوا جي سرواڻ ملاقات کان پوءِ، جيڪي اميدون هر طرف ۽ خود آمريڪا ۾ پيدا ٿيون هيون، گهڻو جلدي دٻجي ويون ۽ ان جي جڳهه اتاهه نا اميدي ورتي - آمريڪا جي عملي سياست ۾ هر چيز اهڙي ئي رهي جهڙي اڳ هئي.

چرنوبل مان گهڙو سبق مليو

اپريل ۱۹۸٦ع اسانکي اهو دردناڪ سبق ڏنو ته جيڪڏهن هڪ ائٽم اسان جي ضابطي کان نڪري وڃي ته هو ڪهڙي تباهي

مچائي سگهي ٿو. پلي آهو اُتم امن وارن مقصدن لاءِ ڪي ڇو نه استعمال ٿي رهيو هجي. هتي آءٌ چرنوبل جي سانحي جو ذڪر ڪريان ٿو. اهو حادثو ڪيئن ۽ ڇو ٿيو ۽ ان جا نتيجا ڪهڙا هئا. ان بابت سڀ ڳالهيون سچيون بيان ڪيون ويون آهن ۽ جيڪي ان سلسلي ۾ ڏوهي هئا، انهن تي ڪيس هلايا ويا آهن. هن افسوسناڪ حادثي جي اثرن کي گهٽائڻ لاءِ، اسان جي ملڪ ۾ جيڪو ڪجهه ڪيو ويو، سڄي دنيا ان کي ڄاڻي ٿي.

ڪميونسٽ پارٽي جي مرڪزي ڪميٽي جي پوليٽ بيورو ۾، اسان ڪيترا ڀيرا ان واقعي تي بحث ڪيو. پهريون چند رپورٽون مليڻ کانپوءِ اسان کي جلد اندازو ٿي ويو ته صورتحال گهڻي سنگين آهي ۽ اها اسان جي ذميواري هئي ته ان حادثي جو پورو پورو جائزو وٺون ۽ ان مان درست نتيجا ڪڍون. اسان جو ڪم سڄي قوم ۽ دنيا جي سامهون آهي. اهو سوچڻ ته اسان ڪنهن به ذميواري کي پورو ڪرڻ لاءِ قدم نه کڻنداسين يا ڪنهن به مسئلي کان ڪن ٽار ڪنداسين، ناممڪن آهي. جيڪو ڪجهه ٿيو ان جي سچي ۽ پوري ڄاڻ تائين پهچڻ ضروري آهي. بزدلن وانگر ذميواري سان ڪم نه ڪرڻ جو مطلب آهي ته اسان قبول نه ٿيڻ جوڳي پاليسي تي عمل ڪرڻ چاهيون ٿا. اهڙا خاص مفادات ڪونهن جيڪي سچائي کي لڪائڻ تي مجبور ڪن. هن حادثي جي تباه ڪن نتيجن سان منهن ڏيڻ جي ڪوشش ۾، سوويت شهريت سڀني سطحن تي شامل هئا. اهو فرض عوام طرفان اسان تي لاڳو ٿيو هو ۽ اها اسان جي عالمي ذميواري پڻ هئي. ان حادثي جي نقصانن کي دور ڪرڻ لاءِ بهترين سائنسدانن، ڊاڪٽرن ۽ ٽيڪنيڪل ماهرن کي ڪم ڪيو ويو. اسان کي پرڏيهي سائنسدانن، صنعتي ادارن ۽ ڊاڪٽرن جي به مدد ملي ۽ ان لاءِ اسان سندن شڪرگذار آهيون. ان ۾ آمريڪا به شامل آهي. آخرڪار اسان ڪجهه گهڻا اهم نتيجا ڪڍيا، جن جو واسطو ائٽمي توانائي تي هلندڙ صنعت جي وڌيڪ ترقي سان هو. هزارين لکين ماڻهن جي بيغرض ڪوشش ۽ سڄي قوم جي

حمايت سان، جنهن ۾ عطيات بہ شامل هئا، آخرڪار اسان هن حادثي جي اثرن کي ضابطي ۾ قابو ڪيو. پر اسان ان فرض جي ادائگي کي چپ رهڻ جو ڪارڻ نتا بڻائي سگهون. ان صورتحال کي سطحي اندازڪان ڏسڻ جا قائل ناهيون. نہ پنهنجي طور تي ۽ نہ ٻين جي خيال کان ڪم هاڻي بہ ٿي رهيو آهي، جيتوڻيڪ هن وقت صورتحال ضابطي ۾ اچي چڪي آهي. پر هن ڪم ۾ گهڻا سال لڳي ويندا. هي تہ هي هڪ ائٽمي ريئڪٽر سان ٿيندڙ حادثو هو. چرنوبل جي رحم سان اسان کي ياد ڏياريو تہ جيڪڏهن ائٽمي طوفان اچي وڃي تہ اسان سڀني کي ڪهڙا نہ عذاب ڀوڳڻا پوندا.

آءٌ چرنوبل جي باري ۾ ڳالهايل ڪوڙ جي گهڙڻ ڏانهن اوهان جو ڌيان ڇڪائڻ نٿو چاهيان. آءٌ رڳو اهو چوندس تہ اسان انهن سڀني ماڻهن جي همدردي ۽ امداد جي وڏي عزت ڪئي، جن مصيبت واري وقت ۾، اسان جي ڏکن کي ورهايو. پر هن موقعي تي پڻ اسان ڏٺو تہ دنيا ۾ ڪيترو نہ ڪينو ۽ بدنيتي موجود آهي.

رڪاوٽ

اسان سمجهي ورتو تہ آمريڪا ۾ موجود جنگ پسندن جو ٽولو، اسان ٻنهي ملڪن وچ ۾ لاڳاپن منجهہ ٽوڙي بہ سڌاري کان ٿهي ٿو ۽ مسلسل خوف ۾ رهي ٿو. هي ٽولو هر ناممڪن ٽوڙي ممڪن طريقي سان جنيوا ملاقات جي صلح پسند روح کي متاثر ڪرڻ چاهي ٿو. هو پنهنجي رستي جي هر رنڊڪ دور ڪرڻ چاهي ٿو ۽ بارود جي ڊوڙ کي بيان ڪنهن رنڊڪ جي جاري رکڻ چاهي ٿو. آءٌ هتي ريپبليڪن ۽ ڊيموڪريٽڪ پارٽي ۾ فرق نٿو ڪريان. پر هي آهي ماڻهو آهن، جيڪي بارود جي ڪاروبار سان اٽوٽ رشتي ۾ ٻڌل آهن. پر اسان کي چڱي طرح خبر آهي تہ آمريڪي سياسي منظرنامي ۾ رڳو جنگ پسندن جو ٽولو ناهي. پر اهڙا آمريڪي سياستدان بہ آهن، جيڪي حقيقت پسند موقف اختيار ڪن ٿا.

هنن کي عالمي صورتحال جي باري ۾ ڪا غلط فهمي ڪانه هئي. هنن جي خواهش هئي ته سوويت يونين سان آمريڪي لاڳاپن کي بهتر بنائڻ لاءِ، ڳالهه ٻولهه جاري رکي وڃي. هنن کي خبر آهي ته بارود جي ڊوڙ ڀاڻ آمريڪا جي خق ۾، وڏا ناڪاري نتيجا آئيندي، پر آخرڪار جنگ پسندن جي ٽولي جي مفادن کي ڪنهن نه ڪنهن طرح ڪاميابي حاصل ڌي. اصل ۾ اڳ کان اڻين ٿيندو پئي آيو، مڪمل ۽ مفيد سوويت آمريڪي سرواڻ ملاقات جا موقعا تيزي سان گهٽجي رهيا هئا. رڳو هٿ ملائڻ ۽ دوستي نڀائڻ لاءِ سرواڻ ملاقات ۾ شرڪت، اجائي دل لڳي هئي. پر اسان پنهنجي مختلف موقعن وچ ۾ هم آهنگي لاءِ ۽ معقول نساهه لاءِ، پنهنجي مسلسل ڪوشش جي جواب ۾، آمريڪا جي مسلسل انڪار کي، ڪنهن به طرح قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه هئاسين. اسان کي پختو يقين هو ته هن ڏکيائي کي دور ڪرڻ لاءِ، اسان کي ئي اڳتي وڌڻو آهي. وقت جيترو اڳتي وڌي رهيو هو، انسانيت جي مفاد کي ايترو وڌيڪ ڇيهو رسي رهيو هو. نيٺ اسان کي اها ڳالهه سمجهي آئي ته ڇو نه هڪ مختصر ۽ محدود مقصدن واري سوويت آمريڪي ڪانفرنس ڪوٺائجي. ته جيئن ائٽمي هٿيارن کي گهٽائڻ جي مقصد کي اڳتي وڌايو وڃي ۽ خطرناڪ لاڙن کي روڪي، واقعن کي صحيح رخ ڏانهن موڙيو وڃي. آمريڪي صدر اسان جي دعوت قبول ڪئي، ان سان اسان جي اميد وڌي. اهڙي طرح آڪٽوبر ١٩٨٦ع ۾ رڪياوڪ * سرواڻ ميڙ جو رستو صاف ٿيو.

رڪياوڪ ۾ اسان جي پهرين ڳالهه ٻولهه جي دوران مون صدر کي ڇيو جنيوا جي سرواڻ ڪانفرنس کان پوءِ، اسان پيچيده ۽ وسيع سوويت آمريڪي ٻه طرفي ڳالهين کي نئين سر زنده ڪيو هو، پر ان تنظيم ۾ گهڻا پيرا ڳڙ ٻڙ ٿي چڪي هئي. وڏن وڏن

* آئيس لينڊ جي گادي وارو هنڌ جتي سوويت اڳواڻ گورباچوف ۽ آمريڪي صدر ريگن وچ ۾ پهريون پيرو ڳالهيون ٿيون.

مسئلن تي جن جي باري ۾ ٻنهي ڌرين کي ڳڻتي هئي ۽ انهن ۾ ڪا خاطر خواهه واڌ نه ٿي هئي. هڪ مسئلو هي هو ته ائٽمي خطري کي ڪيئن ناڪاره بڻايو وڃي ۽ جنيوا سربراهي ڪانفرنس ۾ پيدا ٿيل جذبي کي ڪيئن بهتر انداز سان ڪم ۾ آندو وڃي. واضح ۽ نوس مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيئن معاهدا ٿين. اسانکي سيني مسئلن جي باري ۾ پريشاني هئي. مون صدر ريگن کي اهو به چيو ته جنيوا ۾ ٿيل بارود کي گهٽائڻ جي ڳالهه ٻولهه به پراڻن غيرمتعلق معاملن جي ذڪر سان پرپل آهي ۽ هتي ڪابه پيش رفت نه ٿي ٿئي. ان پيش رفت جي لاءِ پنجاهه ڪان سو متبادل حل پيش ڪيا ويا. پر انهن مان ڪو هڪ به اهڙو نه هو جيڪو ترقي جو رستو ڏيکاري اسان رڪياوڪ سربراهي ڪانفرس جي پوري پوري منصوبه بندي ڪئي هئي ۽ ان لاءِ گهڻو شروعاتي ڪم به ڪيو ويو. اسان هڪ واضح ۽ مستقل رويو اختيار ڪيو. آخرڪار ائٽمي هٿيارن جي مڪمل خاتمي جي ناهه تائين پهچڻ، جنهن ۾ ان مقصد جي هر منزل تي آمريڪا ۽ سوويت يونين کي هڪجيتري سلامتي حاصل هوندي. ان ڪانسواءِ ڪوبه طريقو غير واضح، غيرحقيقت پسند ۽ غلط هجي ها. اسانکي يقين هو ته رڪياوڪ جي اجلاس ڪانپوءِ بارود جي پابندي جي بنيادي مسئلن جي معاهدن تي آئنده اجلاس ۾ دستخط ڪرڻ لاءِ رستو کلي ويندو. رڪياوڪ سربراهي اجلاس ۾ اسان نهايت موثر قدمن جو هڪ مسودو پيش ڪيو. جيڪڏهن ان کي منظور ڪجي ها ته اڄ انساني نسل هڪ نئين دور جي آڳر تي بيٺل هجي ها. اهڙو دور جيڪو ائٽمي هٿيارن کان پاڪ هجي ها. بحث، هيٺ مسئلو اهو نه هو ته ائٽمي هٿيارن ۾ ڪمي ڪئي وڃي. اهو مسئلو سالٽ I ۽ سالٽ II جي معاهدن جو موضوع هو. هاڻي جيڪا تجويز اسان پيش ڪري رهيا هئاسين، اهو انهن ائٽمي هٿيارن جي مستقبل قريب ۾ خاتمي جو ناهه هو. اسان جي ٻهرين تجويز پري تائين مار ڪندڙ ائٽمي هٿيارن جي باري ۾ هئي. مون اعلان ڪيو ته اسان آئنده پنجن سالن ۾ انهن هٿيارن کي اڌ انگ تائين پهچائڻ

لاءِ تيار آهيون. ان جي جواب ۾ ٻڌڻ ۾ آيو ته غير ضروري ڳالهيون پڌايون ويون. هٿيارن کي ٽيندڙ تباهي ۽ ڳالهين جي الڳ الڳ سطحن، ان کان هيٺين سطح ۽ ذهن کي پريشان ڪندڙ تخمينن جو ذڪر ڪيو ويو. اهي اهڙيون ڳالهيون هيون، جيڪي جنيوا منجهه بارود تي ٿيل ڳالهين دوران مهينن تائين بار بار ورجايون ويون هيون ۽ جن جي ڪري ڳالهين ۾ منجهيل پيدا ٿي رهي هئي. مون انهن تي دليل پيش ڪيا، پر جلد محسوس ڪيم ته بحث مفيد طرح سان اڳتي نٿي وڌيو. ان ماٺار مان نڪرڻ لاءِ جيڪا چاڙهي واٽي جنيوا منجهه بارود گهٽائڻ وارين ڳالهين ۾ پيدا ڪئي وئي هئي ته جيئن اهو سچو عمل هڪ تماشو بڻجي وڃي ۽ جنيوا ڳالهه ٻولهه کي ناڪام بڻايو وڃي. مون هڪ آسان چٽو حل پيش ڪيو ته ڏور مار ميزائلن جا ٻه قسم هئا. زمين تي نصب ٿيل بلاسٽڪ ميزائيل، سمنڊ مان مار ڪندڙ ميزائيل ۽ هوائي جهاز مان مار ڪندڙ. اهي سڀ هٿيار ٻنهي ملڪن سوويت يونين ۽ آمريڪا وٽ موجود هئا. ٻنهي ترين جي ڏور مار ميزائلن ۾ وڏو فرق هو. اسان جي تجويز اها هئي ته انهن ٽنهي قسمن وارن هٿيارن ۾ اڌ واڌ ڪمي آندي وڃي.

معاهدي کي آسان بڻائڻ لاءِ اسان هڪ وڏو ڏاهپ ڪيو. اسان انهيءَ مطالبي تان هٿي وياسين ته ڏور مار ميزائلن جي ڏاهپ ۾ وچين فاصلي تائين مار ڪندڙ انهن آمريڪي ميزائلن کي به شامل ڪيو وڃي، جيڪي اسان جي علائقي تائين پهچي ٿي سگهيا ۽ انهن آمريڪي ميزائلن جي سلسلن کي به، جيڪي اڳين مورچن تائين وڃي سگهن ٿا. اسان پنهنجي ڳرن ميزائلن جي ٻاري ۾ آمريڪي گهٽتي کي به جائز سمجهڻ لاءِ تيار هئاسين.

آمريڪي صدر ان تجويز سان اتفاق ڪيو. ان ڪانسواءِ هن ايندڙ پنجن سالن ۾ ڏور مار ميزائلن جي مڪمل خاتمي جو تصور پيش ڪيو. اها اهڙي ڳالهه هئي جنهن جي مون مڪمل حمايت ڪئي. اسان جي ٻي تجويز وچين فاصلي تائين مار ڪندڙ

ميزائلن جي باري ۾ هئي. سون صدر ريگن کي چيو تہ يورپ ۾ ڪنتل اهڙن سوويت ۽ آمريڪي هٿيارن کي بنهہ ختم ڪيو وڃي. ان مسئلي تي بہ اسان ڪين وڏيون رعايتون ڏنيون. ان برطانوي ۽ فرانسي ائٽمي هٿيارن کي، جن جو منهن اسان جي ملڪ ڏانهن هو، نظر انداز ڪري ڇڏيو. اسان ان تي بہ راضي ٿي وياسين تہ اهڙا ميزائيل جن جو مار هڪ هزار ڪلوميٽر تائين آهي، انهن کي هاڻوڪي سطح تي ئي روڪيو وڃي ۽ انهن جي مستقبل جي باري ۾ ترت ڳالهہ ٻولهہ شروع ڪئي وڃي. اسانجي خواهش اها هئي تہ ائين ڪرڻ سان آخرڪار يورپ کي اهڙن هٿيارن کان بنهہ پاڪ ڪيو ويندو ۽ يورپ امن جو گهر ٿي پوندو اسان آمريڪا جي اها تجويز بہ مڃي ورتي تہ سوويت يونين جي ايشيائي علائقي ۾ ڪنتل وچين مفاصلي تائين مار ڪندڙ ميزائلن کي گهٽايو وڃي. اهڙي طرح يورال جبل جي اوير پاسي کان سوويت علائقي ۽ ان جي سامهين آمريڪي علائقي ۾، ٻنهي طرفن کان موجود اهڙن ميزائلن تي لڳل رڳو هڪ سئو وارهيڊ باقي رهڻ ڏجن. ان سڀ ڪجهہ ڪرڻ جي نتيجي ۾، هاڻي اهو ممڪن ٿيو آهي تہ اسان پنهنجي پرڏيهي وزيرن کي چئي ڇڏيون تہ وچين فاصلي تائين مار ڪندڙ ميزائلن کي ختم ڪرڻ جي معاهدن جو مسودو تيار ڪرڻ شروع ڪن. پهرين ملاقات دوران، مون آمريڪي صدر کان تيون سوال پڇيو تہ ڇا ائٽمي بيلسٽڪ ميزائلن جي معاهدي وارن شرطن کي مڪمل طرح فعال ڪيو وڃي؟ ڇو تہ اهو مسئلو ان موضوع تي اسان جي تجويزن جو اهم حصو هو ۽ اسان جي خواهش هئي تہ ائٽمي هٿيارن جي تجرباتي ڌماڪن کي مڪمل طرح بند ڪيو وڃي.

مون آمريڪي صدر کي ان ڳالهہ جي قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ جيئن تہ اسان ائٽمي هٿيارن کي گهٽائڻ چاهيون ٿا، تنهنڪري ان ڳالهہ کي يقيني بڻائڻ گهرجي تہ اسان اهڙو ڪو بہ قدم نہ کڻنداسين، جنهن سان ٻيءَ ڌر جي سلامتي لاءِ جو ڪو پيدا ٿي پوي. تنهنڪري ”اي-بي-ايم معاهدي“ کي مضبوط ۽ موثر بڻائڻ

هڪ اهم فرض آهي. جنهن جي بنيادي اهميت آهي. اسان آمريڪي صدر جي S.D.I سان گهري دلچسپي جو به خيال رکيو. اسان تجويز ڏني ته ان ڳالهه کي لکت ۾ آندو وڃي ته S.D.I جي لاءِ سائنسي کوجنا وارن تجربيگاهن ۾ تجربو ڪرڻ جي اجازت آهي، ۽ اهو به لکيو وڃي ته "اي. بي. ايم معاهدي" کي ختم ڪرڻ جي حق کي ڏهن سالن تائين استعمال ڪيو ويندو. اهو ان ڪري ضروري هو ته جيئن اسان کي پڪ ٿي وڃي ته بارود تي ضابطي جي عمل دوران، اسان گڏيل سلامتي کي يقيني بنائينداسين ۽ ڪنهن هڪ ڌر جي خلا ۾ موجود ائٽمي سرشتي کي استعمال ڪرڻ واري، هڪ طرفي برتري حاصل ڪرڻ جي ڪوشش جو تدارڪ ڪري سگهبو. آءٌ ان نڪتي تي ڪڏهن به پيري ڳالهائيندس. في الحال اهو ياد ڏيارڻ چاهيندس ته "رڪيا وڪ" ۾ اسان آمريڪي صدر سامهون اها تجويز رکي هئي ته جيئن آئيس لينڊ جي هن گڏجاڻي واري هنڌ ۾ ڳالهه ٻولهه ختم ٿئي ته اسان جا عيوضي ائٽمي ڌماڪن کي بند ڪرڻ واري معاهدي تي ڳالهه ٻولهه جي شروعات ڪن. اسان ان ڏس ۾ پڻ هڪ لچڪدار موقف اپنايو ۽ اسان چئي ڇڏيو ته اها ڳالهه چئي ته ائٽمي ڌماڪن تي مڪمل ۽ حتمي پابندي واري معاهدي کي هڪ اهڙو مرحلي وار عمل ٿا سمجهون، جنهن ۾ آهستگيءَ سان ڏاڪي به ڏاڪي وک وڌائڻي پوندي. ان ڏس ۾ پهرين وک اها هجي سگهي ٿي ته ائٽمي ڌماڪن بابت سڀ کان پهرين وک کڻڻي کپي. هڪ سال اندر اهڙن ڌماڪن جو ڳاڻيٽو ڪيترو هئڻ گهرجي. اهڙي طرح ١٩٧٤ع ۽ ١٩٧٦ع ۾ ڪيل معاهدن جي مستقبل بابت پڻ سوچ ويچار ڪيو وڃي. اسان ان ڏس ۾ مناسب اصولن جي ڳولا ۾، ڪاميابي جي ويجهو اچي پهتا آهيون.

آءٌ اڄ به اهو مناسب ٿو سمجهان ته ائٽمي ڌماڪن تي مڪمل بندش واري وات اڃا بلڪل بند نه ٿي آهي. توڙي جو اها حقيقت آهي ته اسان کي ائٽمي ڌماڪا ٻيهر شروع ڪرڻا پيا، پر اها ڳالهه

اهو ثابت نٿي ڪري ته رڳو اڪيلي سر آمريڪا ئي دنيا جي تقدير جو خاڪو لکي سگهي ٿو. اهو چوڻ ڏاڍو ڏکيو آهي ته اسان هڪ ٻئي جو صحيح اندازو لڳائڻ لاءِ ڪڏهن حقيقت پسنديءَ کان ڪم وٺڻ شروع ڪنداسين، پر هڪڙو ڏينهن اهڙو ضرور ايندو. پوءِ ئي سگهي ٿو ته اوچتو ئي اوچتو اڳين ٿي پوي. ڇو ته زندگيءَ جو تجربو اسان کي وڌيڪ عقلمند بڻائي ٿو. تاريخ ۾ اهڙا انيڪ مثال ملن ٿا، جو اوچتو ئي اوچتو صورتحال سري کان بدلجي ٿي وئي.

رڪياوڪ واريءَ سربراهي ملاقات جي نتيجي ۾ ان ڳالهه جو ڪافي امڪان هو ته پرڏيهي وزيرن کي، ان معاهدن جي مسودن تيار ڪرڻ لاءِ چيو ويندو، جن تي ايندڙ سوويت - آمريڪي اڳواڻن جي ملاقات ۾ صحيحون ڪيون وينديون. پر اهو مقصد جيڪو چٽو ۽ عمل جوڳو هو ته سوويت يونين ۽ آمريڪا وچ ۾ هڪ تاريخي ڳالهه ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل ٿئي، سو پورو نه ٿي سگهيو. سچ ته ان مقصد جي حاصلات بس اڳيئين وک تي هئي.

انهيءَ ناڪاميءَ جو ڪارڻ ”اينٽي بئلاسٽڪ ميزائيل جي معاهدي“ جي باري ۾، آمريڪا جو رويو هو. رڪياوڪ ۾ ٿيل ملاقات کان پوءِ، مون ڪيئي ڀيرا پنهنجي پاڻ کان سوال پڇيو ته: آخر آمريڪا ان چالو عرصي تائين واري ناهه جي شرطن کي فعال بنائڻ کان ڇو ٿي نٽائيو؟ هر ڀيري آءٌ ان نتيجي تي پهتس ته آمريڪا اڃا تائين پنهنجي ان اميد جي نشي ۾ ڌت آهي ته هو ايٽمي ميدان ۾، اسان تي برتري حاصل ڪري وٺندو. هاڻ آمريڪا S.D.I جي تحقيق ۾ تيزي پيدا ڪري، اسان تي ايٽمي ميدان ۾ برتري حاصل ڪرڻ ٿو چاهي. ان لاءِ آءٌ هڪ ڀيرو وري ورجايان ٿو ته: جيڪڏهن آمريڪا S.D.I ڳالهه ۾ ڪامياب ٿي به وڃي (جنهن جو اسان کي ڪو امڪان نظر نه ٿو اچي) ته پوءِ اسان ڪي به ان جي توڙ جاچڻ ۾ ڪا دير ڪانه لڳندي، جيڪڏهن آمريڪا S.D.I واري پروگرام مان هٿ نه ڪڍيا، ته پوءِ اسان به آمريڪا کي سک چين سان ويهڻ ڪونه ڏينداسين ۽ موٽ ۾ اسان جو جواب

مناسب ۽ موثر هوندو. ان تي اسان جو ايڏو وڏو خرچ به ڪونه ايندو. S.D.I کي ناڪاره بنائڻ لاءِ اسان وٽ به هڪ عمل جوڳو منصوبو موجود آهي. ان لاءِ اسان کي ڪا ايتري وڏي ڳاتي ٿوڙ رقم خرچ ڪرڻي به ڪانه پوندي، جيتري آمريڪا هن منصوبي تي خرچ ڪري رهيو آهي. آمريڪا وٽ اڃا به هڪ موقعو موجود آهي ته هو صحيح نموني سوچي وٺي ته S.D.I لاءِ ڪيس پنهنجو پاڻ کي ڪمزور ڪرڻ ڪيترو فائديمند ٿيندو؟ ۽ اڃا اهو به ته S.D.I ڪنهن به صورت ۾ اعتماد جوڳو تحفظ ڏئي نٿو سگهي.

S.D.I جو مطلب هي آهي ته ائٽمي هٿيارن جي ڊوڙ کي هڪ نئين ۽ نرالي منزل تائين پهچايو وڃي. جنهن ڪري هاڻوڪي خطرناڪ ائٽمي صورتحال ويتر وڌيڪ ابتر ٿي ويندي. ان سان گڏوگڏ S.D.I واري تصور سان چنبڙي پوڻ ڪري، آمريڪا جي سياسي ارادن توڙي ان پويان لڪل مقصدن جو پتو پوي ٿو. هو سوويت يونين کي ڪنهن نه ڪنهن نموني پوئتي رکڻ چاهي ٿو ۽ اهو ئي آمريڪا جو سياسي مقصد آهي. يعني S.D.I ذريعي سوويت يونين کي ڦندي ۾ ڦاسايو وڃي. اهو ئي سبب هئو جو رڪياوڪ ۾ تاريخي اهميت جوڳا فيصلا ٿي نه سگهيا. ان موضوع تي رونالڊ ريگن مون سان وڏا وڏا بحث مباحثا ڪيا. بحث ڪندي تڪيون مٿيون ڳالهيون به ٿيون. مون دل جي گهرائيءَ سان صدر ريگن کي چيو ته اسان جي هن ملاقات مان ڪوبه هڪ فاتح ٿي نه اٿندو يا ته اسان ٻنهي کي ڪاميابي نصيب ٿيندي يا بدترين ناڪامي.

انهن سڀني ڳالهين جي باوجود رڪياوڪ جي ملاقات عالمي تاريخ ۾ هڪ اهم موڙ جي حيثيت رکي ٿي. هن ملاقات چٽي طرح ثابت ڪيو ته صورتحال کي بهتر بڻائي سگهجي ٿو. ان ملاقات ڪانپوءِ مواد جي لحاظ کان نئين صورتحال پيدا ٿي وئي. هاڻي ڪوبه پراڻي طريقي سان ڪم ڪري نه سگهندو، جيئن اڳ ۾ ٿيندو آيو هو. رڪياوڪ ۾ اسان ان ڳالهه جا قائل ٿياسين.

ان ڳنڍجاڻيءَ ۾ سوويت آمريڪي لاڳاپن کي هڪ نئين ۽

بلند سطح تائين پهچائي ڇڏيو. هن اوپر ۽ اولهه جي وچ ۾ ڳالهه ٻولهه کي عالمي سطح تائين بلند ڪري ڇڏيو. هائي اها ڳالهه ٻولهه ٽيڪنيل مسئلن جي گهڙ، واقعاتي حقيقتن جي پيٽ ڀوڙي سياسي حساب ڪتاب جي پابندين کان آزاد ٿي وئي آهي. هاڻي هن جون حدون وسيع ٿي ويون آهن. رڪاياوڪ مشڪل مسئلن کي حل ڪرڻ جي ڳولا جو هڪ نڪتو بڻجي ويو آهي. هتي اڄ عالمي شلامتي ۽ ائٽمي بارود جي خاتمي ۽ بارود جي ڊوڙ کي ڦهلائڻ کان روڪڻ جي ضرورت جي اهم موضوعن جو ذڪر ڪري رهيو آهيان. رڪ ياوڪ اهڙو رستو ڏيکاريو، جنهن تي هلڻ سان انسانيت کي لافانيت حاصل ٿي ويندي، جيڪا هن ان وقت وڃائي ڇڏي هئي، جڏهن ائٽمي هٿيارن هيروشما ۽ ناگاساڪي کي ساڙي رک ڪري ڇڏيو هو. اسان محسوس ڪريون ٿا ته آئس ليند (رڪ ياوڪ) ۾ ٿيل ملاقات هڪ سنگ ميل واري حيثيت رکي ٿي. ان ذريعي بارود گهٽائڻ جي منزل طئه ٿي وئي ۽ ان کان ايندڙ منزل جي پيڙه پئجي وئي. هن ملاقات دوران اسان ڳالهه ٻولهه جي پر امن طريقن کي ڇڏي، سوويت آمريڪي ڳالهه ٻولهه کي سياسي ڪوهيڙي ۽ بيڪار تقرير بازي مان ڪڍي حقيقي رخ ڏانهن موڙي ڇڏيو. ڪيترن سالن جي ڳالهه ٻولهه دوران ٻنهي طرفن کان پيش ٿيل تجويزن جي ڳنڍڻ، بارود گهٽائڻ واري مسئلي کي، سياسي اڳواڻن لاءِ سمجهه کان ٻاهر ڪري ڇڏيو هو. عام ماڻهو ته انهن موضوعن جي تفصيلن کي بلڪل ڪونه سمجهندا هئا. اسان جو ائٽمي بارود گهٽائڻ جو نئون پروگرام سولو ۽ سڀ لاءِ سمجهڻ جوڳو آهي. ان کي مختصر طرح سان ۽ نڪتن ۾ بيان ڪري سگهجي ٿو. جيڪي ڏيڍ صفحي تي لکي سگهجن ٿا (جيئن ته ٣٦٥ صفحي تي لکيل آهي) عام ماڻهو ان کي سمجهي سگهن ٿا. اهو اسان جو سوچيل منصوبو هو ته جيئن سڄي دنيا جي عوام کي پنهنجي ڳالهه ٻولهه ۾ شامل ڪري سگهون.

رڪياوڪ کان پوءِ

رڪياوڪ جي اجلاس ۾ ٿيل ڳالهه ٻولهه ۽ واقعن جي منطق هن طرح سمجهه ۾ اچي ٿي. منزل ۽ مقصد ويجهو ٿي چڪا آهن ۽ انهن جا منهن مهانڊا چٽا ٿي ويا آهن. صورتحال ڦيرين کان وڌيڪ پيچيده ۽ تضادن سان پريل نظر اچي ٿي. اهو چوڻ درست ٿيندو ته هڪ طرف ته معاهدو، جنهن جي اهميت ۽ وسعت بي مثال آهي، حاصل ڪرڻ جوڳو نظر اچي ٿو ۽ ٻئي طرف هن ناهه جي راهه ۾ وڏيون رنڊڪون پڻ موجود آهن. عام طرح سان ڏٺو وڃي ته ڌرين جي رضامندي ايترو ممڪن ۽ ويجهو اڳ ڪڏهن به نه هئي.

۽ واقعي ائي ائين ٿيو اسان طرفان ڦيرين ۽ ٻين تجويزن ٿي جيڪي ڏور مار ميزائلن ۽ وچئن مفاصلي تائين مار ڪندڙ ميزائلن جي باري ۾ هيون. ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ سڪ سلوڪت پيدا ٿي. جينوئيڪ اها ڏاڍي ڏکيائي سان ٿي هئي. ان ڪاميابي اسان جي تجربي ۾ قيمتي واڌارو ڪيو. اسان کي آمريڪي صدر جي ڏکيائين جو احساس هو ڇو ته اسان کي خبر هئي ته هو پاڻ قطعي فيصلو ڪرڻ جي حيثيت ۾ نه هو. اسان ان موضوع تي به گهٽي ڏي وٺ نه ڪئي ته "اي. بي. ايم معاهدي" جي معاملي رڪياوڪ جي ملاقات کي مڪمل ڪاميابي ڏيان روڪي ڇڏيو هو. اسان سمجهيو پئي ته ان ملاقات ۾ جيڪي فيصلا ڏنيا آهن، آمريڪي صدر کي انهن تي غور ڪرڻ لاءِ وقت گهربل آهي. ڪيس ڪانگريس سان صلاح ڪرڻ جو به موقعو ملڻ گهرجي. اختلافن کي بلڪل ختم ڪرڻ لاءِ، اسان کي هڪ ٻي ڪوشش ڪرڻي پوندي، اسان انتظار ڪنداسين. رڪياوڪ ۾ پيش ڪرڻ لاءِ، اسان جيڪي تجويزون پاڻ سان آنديون هيون، انهن مان اسان ڪابه واپس نه ورتي هئي.

رڪياوڪ جي ملاقات اسان کي پنهنجي موقف جي باري ۾، اهم سمجهه عطا ڪئي، ته اسان کي هاڻ نئين ۽ واضح سوچ جي ضرورت آهي ۽ مسئلن جي حل طرف اسان جو رويو قدامت پسندي ۽

وارو نه هجڻ گهرجي. آءٌ رڪياوڪ جي ملاقات کي ناڪام تصور ڪرڻ لاءِ تيار ناهيان. اها ڳالهه ٻڌي ڏک ٿيو ته ڳالهه ٻولهه جي عرصي ۾ هڪ اهم منزل هئي. هتي اسان اهڙا حل ڳولڻ آيا هئاسين، جن جو دائرو وسيع هو. ائين سوچي ٿي اسان ڪنهن ناهه تائين پهچي سگهون ٿا. اسان رڪياوڪ مان اهو نتيجو ڪڍيو، ته ٻي طرف ڳالهه ٻولهه جي ضرورت اڃا به وڌي وئي هئي. ان ڪري رڪياوڪ کان پوءِ آءٌ اڳ کان وڌيڪ بهتر اميد تي ويو آهيان.

هن ڪتاب جو مسودو ناشر وٽ پهچي چڪو هو، جڏهن **ايڊورڊ شيورڊ نادزي ۽ جارج شلز** * واشنگٽن ۾ ان ڳالهه تي متفق ٿيا ته ننڍي ۽ وچئين مفاصلي تائين مار ڪندڙ ميزائلن جي معاهدي جو مسودو جلد تيار ٿي ويندو ۽ سال جي ختم ٿيڻ کان اڳ ان تي صحيحون به ٿي وينديون. هي معاهدو بارود گهٽائڻ طرف پهريون وڏو قدم هوندو ۽ اهو به عملي لحاظ کان رڪياوڪ جي ملاقات جو ئي نتيجو هوندو. ان مان ثابت ٿئي ٿو ته رڪياوڪ ملاقات تاريخي هئي. تاريخي جو اهم موڙ هئي. هي ان سوال جو جواب آهي، جيڪو اڪثر گهڻو پڇيو وڃي ٿو "ڇا رڪياوڪ جي ملاقات کان پوءِ دنيا وڌيڪ پرامن ٿي وئي آهي؟"

ڪجهه ماڻهن رڪياوڪ جي ڊرامي (ان ملاقات جون حالتون واقعي ڊرامائي هيون) جي هن طرح وضاحت ڪئي: ڇاڪاڻ ته سڄي معاملي جو دارومدار هڪ لفظ تي هو ۽ ان هڪ لفظ جي ڪري سڄو معاملو واريءَ جي ڪوٽ وانگر ڊهي اچي پٽ پيو، نه ائين ناهي. ڳالهه اصول جي هئي. اسان ٻي ڏر کي قائل ڪرڻ لاءِ وڏا وڏا قدم کنيا، پر اسان اهڙي رعايت نه ٿي ڏيئي سگهياسين، جنهن سان، اسان جي ملڪ جي سلامتي خطري ۾ پئجي وڃي.

ماسڪو واپس پهچڻ کان پوءِ، مون رڪياوڪ جي ملاقات جي نتيجن تي ٻه پيرا تقرير ڪئي. اهو مون رڳو حقيقتن جي صحت

* سوويٽ يونين جو وزير خارجه ۽ آمريڪا جو وزير خارجه.

۽ سچائي کي ثابت ڪرڻ لاءِ نہ ڪيو هو، جن کي ٽوڙي مروڙي پيش ڪيو پئي ويو، اصل ۾ منهنجو پهريون مقصد اهو طئہ ڪرڻ هو تہ اڳتي اسان کي ڇا ڪرڻو آهي: ان وقت سون ڇيو هو ۽ مون کي هاڻي بہ ان ڳالهہ جو يقين آهي، تہ رڪياوڪ جي ناڪامي پڻ اهم غلط فهمين جي ڪري ٿي. اهڙيون غلط فهميون اولهہ جي ڪجهہ حلقن جي هڪ خاص خاصيت آهي.

پهرين غلط فهمي اها آهي، تہ روسي S.D.I ڪان ڊڄن ٿا، تنهن ڪري هو سڀ رعايتون ڏيڻ تي راضي ٿي ويندا. ٻي غلط فهمي اها آهي، بارود گهٽائڻ سان روسين کي آمريڪين جي بنسبت وڌيڪ فائدو پهچندو. رڪياوڪ جي ڳالهين تي انهن غلط فهمين جو اثر پيو. اسان کي جلد احساس ٿي ويو، تہ اسان مان کهڙيون اميدون رکيون پيون وڃن. آمريڪي وفد وٽ، ان ملاقات لاءِ ڪوبہ پروگرام نہ هو ۽ هو رڳو فائدا حاصل ڪرڻ آيا هئا. اسان جي آمريڪي دوستن اسان کي وزائي ورائي انهن شرطن ڏانهن آڻڻ جي ڪوشش ڪئي، جن تي جنيوا ۾ اسان ٻنهي ملڪن جا وفد ڏگها بحث ڪندا رهيا ۽ جن مان ڪوبہ نتيجو نہ نڪتو. اسان اهو چاهيو تہ ڳالهيون اصولي طرح جنيوا جي ڪانفرنس ۾ طئہ ٿي چڪيون هيون، انهن تي مادي ۽ عملي طرح ڪم ڪرڻ گهرجي. ٻين لفظن ۾ اسان ائٽمي هٿيارن جي خاتمي واري عمل کي تيز ڪرڻ چاهيون ٿا.

حقيقت هي آهي تہ ان کان اڳ سڀ ڳالهيون ائٽمي هٿيارن کي محدود ڪرڻ لاءِ ٿينديون رهيون هيون، هاڻي انهن ۾ گهٽتائي ۽ کين ختم ڪرڻ جي ڳالهہ ٻولهہ ٿي رهي هئي. ان صورت ۾ انهن سيني طريقن کي روڪڻ جي ضرورت هئي، جن جي ذريعي بندش کان پوءِ بہ ائٽمي هٿيارن جي تياري، لڪ چوري ۾ ڪنهن نہ ڪنهن بهاني جاري رکي سگهجي ۽ ائين ٻيءَ ڌر تي برتري حاصل ڪري سگهجي. ان لاءِ اي. بي. ايم ٺاهہ جي شرطن تي عمل درآمد هڪ بنيادي حيثيت رکندو هو. رڪياوڪ ۾ آمريڪا جي موقف ان ڳالهہ کي ظاهر ڪيو ٿي، تہ آمريڪي ڌر اجا تائين برتري جو خيال نہ ڇڏيو

آهي. پر ان موقف ۾ ذميواريءَ جو احساس ۽ هيٺاهين سطح کان مٿاهون ٿيڻ لاءِ سياسي ارادي جي کوٽ هئي. ڇو ته ائين ڪرڻ لاءِ فوجي صنعتي گٺ جوڙ جي چار مان چوڏڪارو حاصل ڪرڻ نهايت ضروري هو.

ان جي باوجود اسان ان مسئلي کي حل کان ٻاهر نٿا سمجهون ۽ ان کي حل ڪرڻ جي ڪوشش کي فضول نٿا سمجهون، اسان هن نقطي کان شروعات ڪريون ٿا ته رڪ ياوڪ جي ملاقات سڀني لاءِ نوان موقعا پيدا ڪيا آهن. يورپين، آمريڪين ۽ اسان لاءِ هاڻي موقعو آهي ته جيڪو ڪجهه عالمي صورتحال ۾ ٿي رهيو آهي ته ان کي غور سان ڏسون ۽ سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون . اسان لاءِ هڪ ڳالهه بنهه چٽي ٿي چڪي آهي. جيستائين ته آمريڪي اي . بي . ايم معاهدي کان نجات حاصل ڪري S D.I پروگرام کي مڪمل ڪرڻ چاهين ٿا، جيڪو سندن خيال ۾ انهن جي برتري کي يقيني بڻائيندو. ته پوءِ اسان کي به اهڙي معاهدي جي ضرورت آهي، جنهن ۾ اهڙن سڀني معاملن کي نئوس شڪل ۾ پيش ڪيو وڃي. اسان ان معاملي ۾ انصاف تي ٻڌل رويو رکندا آهيون . پنهنجون نيون تجويزون پيش ڪري، اسان دنيا تي واضح ڪرڻ چاهيون ٿيا ته S.D.I ئي ائٽمي بارود کي گهٽائڻ واري معاهدي جي رستي ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ آهي.

رڪ ياوڪ جي ملاقات کان وٺي اڄ تائين وارو عرصو، اسان لاءِ هڪ سبق جي حيثيت رکي ٿو. جنگباز حلقن ۾ ڏاڍو خوف ۽ دهشت ڦهلجي وئي هئي. انهن اها ڪوشش ڪئي ۽ هاڻي به ڪري رهيا آهن ته رڪ ياوڪ ۾ شروع ٿيل عمل جي راهه ۾، رنڊڪن جا جبل کڙا ڪري ڇڏجن ته جيئن هن ملاقات جي اثرن کي آهستي آهستي بي اثر ڪيو وڃي. وڏيون وڏيون ڪوڙيون آڪاڻيون گهڙيون ويون ته رڪ ياوڪ ۾ ڪهڙو بحث ٿيو هو . هرممڪن ڪوشش ڪئي وئي ته ان حقيقت کي لڪايو وڃي ته آمريڪي ڏر خالي هٿين ڪانفرنس ۾ شامل ٿي هئي ته جيئن سوويت يونين کان وڏيڪ

رعايتون حاصل ڪري.

رڪ ياوڪ جي ملاقات کان پوءِ، ڏينهن، هفتن ۽ مهينن (بلڪ هاڻي ته پورو سال ٿيڻ تي آهي) ۾ گهڻن قسمن جا نوان نوان واقعا ٿيا آهن. مان رات کي رات ئي چوندس. آمريڪي حڪومت حقيقت ۾ اهڙو رستو اختيار ڪيو آهي، جنهن سان رڪياوڪ ۾ حاصل ڪيل نتيجن کي ختم ڪيو وڃي. هن جو هر قدم اهوئي ثابت ڪري ٿو. اسان ڏٺو ته آمريڪا چاڻي واڻي معاملن کي خراب ڪري رهيو آهي، ۽ رڪ يا وڪ ۾ ٿيندڙ ڳالهه ٻولهه جي غلط تصوير پيش ڪري رهيو آهي. جنهن سان اولهه يورپ ۾ هراس ڦهلجي رهيو آهي.

پر وڏي ڳالهه هي آهي ته آمريڪا جون سرگرميون ڇا آهن؟ آمريڪا ۱۳۱ ڏورمار ائٽمي بمبار هوائي جهاز تيار ڪري ورتو، جنهن ۾ ڪروز ميزائل لڳل آهن. اهڙي طرح هن سالٽ-II جي حدن کي اورانگهيو. ان ڪانسواءِ سرڪاري حلقن ۾ ان موضوع تي زوردار نمائشي بحث جاري ڪيا ويا، جن ۾ اي. بي. ايم. ٺاهه جي نام نهاد وسيع تر وضاحت تي زور ڏنو ويو. ۱۹۸۷ع جي منڍ ۾ اسان واشنگٽن مان ٻڌو ته وقت اچي ويو آهي ته آمريڪا هاڻي S.D.I جي مختلف حصن کي خلا ۾ موڪلڻ شروع ڪري.

جنيوا ۾ بارود گهٽائڻ جون ڳالهيون به ڏاڍي سست رفتاري سان هلي رهيون هيون. اسان کي پوئتي موٽائڻ جون وڏيون ڪوششون ڪيون ويون، ۽ وري اهي پراڻيون ڳالهيون ٿيڻ لڳيون، پروپيگنڊا لاءِ انهن سيني ڳالهين کي سوويت يونين جي هوڏ ۽ غير معقول رويني جو ردعمل چيو ويو. اها دعوي ڪئي وئي ته، سوويت يونين پنهنجي سيني تجويزن کي هڪ ئي مسودي ۾ پيش ڪري، ڪم کي پوئتي هٽائي رهيو آهي، حالانڪ گهڻا مسئلا ته اهڙا آهن جو ان جا حل ممڪن آهن ۽ انهن کي الڳ الڳ حل ڪري سگهجي ٿو. هاڻي اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ ٺيڪ ائين ئي ڪريون جيئن آمريڪي ڪري رهيا آهن؟ پر ان قسم جي انتقامي

رويي ڪري ڪجهه هٿ حاصل ڪونه ٿيندو.

تنهن ڪري اسان آمريڪي ناڪاري رويي جي پيروي نه ڪئي. اسان چيو ته سالٽ-II تحت اسان جيڪو واعدو ڪيو آهي ان کي پورو ڪنداسين. سوويت يونين ۽ آمريڪا جي وچ ۾ ڏور مار ميزائلن جو جيڪو توازن هو، ان کي ڏسندي هڪ بمبار هوائي جهاز جو واڌارو يا ان جي گهٽتائي ڪا معني نٿي رکي: واشنگٽن طرفان سالٽ-II جي خلاف ورزي، فوجي ڪان وڌيڪ سياسي اهميت واري هئي. اصل ۾ ان طريقي سان به ڊر سوويت يونين کي "دعوت" ڏيئي رهي هئي ته ان کي رڪ يا وڪ کان اڳ واري دؤر ۾ موٽي وڃڻ گهرجي. جڏهن آمريڪي ساٿي ڊر جا تولا S.D.I جي ڪم کي تيز ڪرڻ لاءِ چئي رهيا هئا ته اسان پاڻ کي ضابطي ۾ رکيو. هو ته هونئن به دابو ڏيئي رهيا هئا ته خلا ۾ رکيل اي.بي.ايم سسٽم کي ترت تجرباتي ڌماڪي کان پوءِ ڪتب آندو وڃي.

سوويت تجويزن جي مسودي جي باري ۾ هتي جيڪي ڳالهيون ڪيون هيون، مون کي يقين آهي ته جيڪڏهن آمريڪا ان مسودي سان متفق ٿي وڃي ها، جنهن ۾ ڪجهه خاص ڳالهيون پيون به لکي سگهجن ها ۽ ڪجهه ترميمون به ڪري سگهجن ها ته هن عظيم مقصد جي حاصلات ۾ وڏي ڪاميابي حاصل ٿئي ها. ان کان اڳي به اسان جي مسودي ۾ اهڙيون شقون هيون، جن جو تعلق ڏور مار ميزائلن جي انگ کي محدود ڪرڻ ۽ خلا کي فوجي استعمال ۾ آڻڻ کان روڪڻ هو. اهي مسئلا پاڻ ۾ ڳنڍيل آهن. هن تنظيم کي ڏور مار ميزائلن ۽ واسطيدار مسئلن جو گڏوگڏ ڪم ڪرڻ چوندا آهن. جيڪڏهن خلا ۾ ائٽمي هٿيارن جي ڊوڙ کي ناممڪن بڻائڻ لاءِ سخت پابنديون نه لڳايون وڃن ته ڏور مار ميزائلن جو تعداد نه گهٽبو. اها ڳالهه هر شخص کي چڱي طرح سمجهڻ گهرجي.

رڪ يا وڪ ۾ اسان پنهنجي تجويزن جي مسودي ۾،

ڏور مار فاصلي تائين مار ڪندڙ ميزائلن جي سوال کي به شامل ڪري ڇڏيو. اسان چاهيون پيا ته سيني اهم علائقن ۾ هڪ ئي وقت بارود جي ڊوڙ کي گهٽايو وڃي. اڳ ورڻي ورجايان ٿو ته ان سان گڏوگڏ اسان S.D.I تي ڌيان ڏيڻ چاهيو پئي. ته جيئن سڄي دنيا کي خبر پوي ته ائٽمي بارود جي بندش جي راهه ۾ اهائي سڀ کان وڏي رڪاوٽ آهي. گهڻن اولهه جي سياستدانن اسان تي تنقيد ڪئي ۽ اسان کي ڏوهي قرار ڏنو ڇو ته اسان وچين فاصلي تائين مار ڪندڙ ميزائلن کي پيهر پنهنجي تجويزن واري مسودي ۾ شامل ڪري ڇڏيو هو. مون کي سڌ آهي ته گهڻن عوامي حلقن به اسان سان اتفاق نه ڪيو، ان جي باوجود منهنجو خيال آهي ته اسان درست فيصلو ڪيو هو.

ماسڪو فورم ۽ وچين فاصلي تائين مار ڪندڙ ميزائيل

ماسڪو ۾ ٿيل ميڙ، جيڪو "ائٽمي هٿيارن کان پاڪ دنيا ۽ انسان ذات جي بقا" جي موضوع تي ٿيو هو، تنهن مون تي ۽ پين سوويت اڳواڻن تي وڏو اثر وڌو. اسان رڪ پيا وڪ گڏجاڻي جي نتيجن جي باري ۾ عالمي راءِ جي جيڏين سنڌين گهٽتي ۽ پريشاني کان چڱي طرح واقف ٿياسين. رڪ يا وڪ ملاقات کان پوءِ جلد ئي سوويت يونين کي ائٽمي ڌماڪن تي پنهنجي هڪ طرفي پابندي کي ختم ڪرڻو پيو. هوڏانهن آمريڪا، سالٽ-II جي معاهدي کي بي اثر بڻائي ڇڏيو، ۽ اي. بي. ايم معاهدو پڻ جهو ڪي ۾ هو. سوويت يونين ۾ اسان انهن ڳالهين تي گهڻي سوچ ويچار ڪئي ۽ هڪ اهڙي قدم کڻڻ جو فيصلو ڪيو، جنهن سان جنيوا ۾ جاري بارود گهٽائڻ واري ڳالهه ٻولهه کي وڌيڪ موثر بڻائي سگهجي، ۽ هٿيارن ۾ گهٽتائي جي عمل جو رخ هاڪاري پاسي ڏانهن تبديل ڪيو وڃي. تنهن ڪري سڄي مسودي مان وچين فاصلي تائين مار ڪندڙ ميزائلن جي مسئلي کي الڳ ڪيو ويو. ان جو نتيجو ڇا نڪتو؟

جيئن رڪ ياوڪ ملاقات ڪان پوءِ ٿيو هو. نيٽو فوجي معاهدي جي ميمبر ملڪن فوراً خطري جي گهنٽي وڄائڻ شروع ڪري ڇڏي. اولهه ڏانهن پيش قدمي واري اسان جي نئين قدم جي جواب ۾ ۽ سڄي دنيا جي اکين جي سامهون، نيٽو جي حڪمران طبقن پنهنجن پراڻن موقفن تان هٽڻ شروع ڪيو. جن تي هو سالن کان بيٺل هئا. هنن ”زيرو آپشن“ کي به رد ڪري ڇڏيو يا ان سان گڏ گهٽ ۾ گهٽ ٻين شرطن کي شامل ڪري ڇڏيو، جن سان ان جي حيثيت ختم ٿي پئي وئي. هو ته ان حد تائين اچي ويا جو هنن يورپ ۾ مختصر مفاصلي تائين مار ڪندڙ آمريڪي ميزائلن تي مشتمل ائٽمي ذخيرا قائم ڪرڻ جي تجويز پيش ڪري ڇڏي. ان حالتن ۾ اهڙن ذخيرن ۾ گهٽتائي آڻڻ جي ڳالهه ته پري رهي، اهڙا بيان به ٻڌڻ ۾ پيا اچن ته: ”اولهه هٿيارن ۾ ڪمي جي سوويت تجويزن تي تڏهن اعتبار ڪندو، جڏهن سوويت يونين پنهنجو سياسي نظام تبديل ڪندو. جڏهن هو اولهه جي سماج جي پيروي ڪندو.“ ظاهر آهي ته اها ڳالهه ڪُل جو ڪُل جوڳي آهي.

رڪ ياوڪ کان پوءِ ۽ خاص طرح سان، اسان جي ان تجويز کان پوءِ ته اسان وچين مفاصلي تائين مار ڪندڙ ميزائلن تي هڪ الڳ ٺاهه ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. نيٽو جي حلقن شور مچايو ته ائٽمي هٿيارن کانسواءِ يورپ ۾ امن جي حفاظت نٿي ڪري سگهجي.

ان مسئلي تي منهنجو مسز ٿيچر سان زوردار بحث ٿيو. هن دعويٰ ڪئي ته جيڪڏهن يورپ ۾ روائتي جنگ شروع ٿئي ته ائٽمي هٿيار ئي اهو واحد ذريعو آهن، جن سان برطانيه پنهنجي سلامتي کي يقيني بڻائي سگهي ٿو. اهو دراصل تباهي جو فلسفو آهي. مون برطانوي وزير اعظم کي چيو: جڏهن توهان قسم کڻنديون آهيو ته ائٽمي هٿيار هڪ نعمت آهن، ۽ اها ڳالهه ته پهرين ”آمريڪا ۽ سوويت يونين پنهنجي ائٽمي هٿيارن ۾ ڪمي ڪن، پر برطانيه هن معاهدي کان الڳ رهندو“ تڏهن ڳالهه بلڪل پڌري ٿي ويندي آهي ته اسان ائٽمي هٿيارن جي هڪ زبردست حمايتي سان ڳالهائي

رهيا آهيون. فرض ڪريو ته اسان بارود ڪي گهٽائڻ جو عمل شروع ڪريون ٿا. وچين مفاصلي تائين مار ڪندڙ ميزائلن کي يورپ مان ڪڍي ڇڏيون ٿا ۽ ڏور مار ميزائلن جو انگ گهٽائي اڌ ڪري ڇڏيون ٿا يا ڪنهن به تناسب سان ان ۾ گهٽتائي آڻيون ٿا ۽ توهان پنهنجي ائٽمي هٿيارن جي ذخيري ۾ واڌارو ڪنديون رهو ٿيون. ڇا توهان ڪڏهن تصور ڪيو آهي ته عالمي عام راءِ جي نظر ۾ توهان ڪيئن نظر ايندئون؟"

مون سوچيو ته ڪيس ياد ڏياريان ته برطانيه ان ڳري ڳالهه ٻولهه ۾ شريڪ ٿي چڪو هو. جيڪا ائٽمي ڌماڪن تي عام ۽ مڪمل پابندي عائد ڪرڻ لاءِ شروع ڪئي وئي هئي ۽ هاڻي هي حال هو جو ڪيس ڳالهه ٻولهه سان ڪا به دلچسپي نه رهي هئي. اسان ارڙهن مهينن تائين ائٽمي ڌماڪن کي بند رکيو، پر برطانيه ائين بلڪل نه ڪيو.

ائٽمي هٿيارن جي موجودگي جي ڪري انساني بقا جي مستقبل کي مستقل خطرو رهي ٿو. ڪجهه ننڍو ڇئي سگهجي ته ڪڏهن ڇا ٿيندو؟ پر جيڪڏهن اسان اهڙي فلسفي تي عمل رهيا سين ته ائٽمي هٿيار هڪ نعمت آهن ۽ حفاظت لاءِ اعتماد جوڳي ضمانت آهن، ته پوءِ انهن کي ڦهلجڻ کان روڪڻ جي معاهدي (N.P.T) (Non Proliferation Treaty) کي به رد ڪرڻ گهرجي. خاص طرح سان هاڻي ته گهڻن ملڪن وٽ پنهنجيون اهڙيون سائنسي، ٽيڪنالاجيڪل ۽ مالي صلاحيتون موجود آهن، جو پنهنجا پنهنجا بم ٺاهي سگهن ٿا. اڄ جي ائٽمي طاقتن وٽ ڪهڙو اخلاقي جواز آهي، ته هو مثال طور، پاڪستان، اسرائيل، جاپان، ڏکڻ آفريڪا يا برازيل سميت ڪنهن به ٻئي ملڪ کي ائين ڪرڻ جي اجازت نه ڏين؟ پر پوءِ دنيا جو ڇا ٿيندو؟ عالمي لاڳاپن جو ڇا ٿيندو؟

سوويت يونين جي ڪميونسٽ پارٽي جي مرڪزي ڪميٽي جي پولٽ بيورو صورتحال جو جائزو وٺندي سوويت قيادت جي ان موقف جي تائيد ڪئي، جنهن مطابق ان نقطه نظر کي بنهه

غلط چيو ويو آهي. جيڪو دعويٰ ڪري ٿو ته بهتر عالمي لاڳاپا ۽ قومي سلامتي رکيو ائٽمي هٿيارن جي ذريعي حاصل ڪري سگهجي ٿي.

هاڻي آءٌ وري وچين مفاصلي تائين مار ڪندڙ ميزائلن ڏانهن اچان ٿو. صحيح ڳالهه هيءَ آهي ته يورپ جي لاءِ ”زيرو آپشن“ جي تجويز صدر ريگن پيش ڪئي هئي، اولهه جرمني جو هيلمٽ شمٽ پاڻ کي ان خيال جو واحد مالڪ سمجهي ٿو. حقيقت هي آهي ته شمٽ (Schmidt) جڏهن وفاقي جمهوريه جرمني جو چانسلر هو، تڏهن هن اها تجويز پيش ڪئي هئي. ريڪياوڪ ملاقات ۾ آمريڪا جي صدر ۽ مون هڪ حل ڳوليو ۽ ان کي عملي طرح معاهدي جو روپ ڏنوسين. هاڻي ان مقصد کي حاصل ڪري سگهجي ٿو. اولهه جرمني جي هڪ اخبار لکيو آهي، ته اولهه جرمني ۾ اهڙا ماڻهو موجود آهن، جيڪي زور پريندا آهن، ته گورباچوف جي ڳالهه جو اعتبار ڪندي اها ڳالهه مڃڻ گهرجي. پر سندن ”زيرو آپشن“ کي تسليم ڪرڻ کان پوءِ، گورباچوف انهن جي ڳالهه جو اعتبار ڪيو. اخبار لکيو آهي ته هاڻي هن کي اهو ثابت ڪرڻ گهرجي ته جڏهن هن ”زيرو آپشن“ جي پيشڪش ڪئي هئي ته هو رڳو بنان سوچ سمجهه جي بي معنيٰ آواز ڪڍي رهيا هئا يا اهو سوچي ته روسي ته بهرحال هن کي رد ڪندا، تنهنڪري اها تجويز پيش ڪئي هئي؟ ان کي پڙهي مون کي کل آئي. پوءِ مون سوچيو ته ٿي سگهي ٿو ته اخبار واقعي سچ لکندي هجي.

گهٽ مفاصلي تي مار ڪندڙ ميزائلن جو معاملو به حل ڪري سگهجي ٿو. اسان انهن ميزائلن کي ختم ڪرڻ جي حق ۾ آهيون. اچو ڏسون ته ان سلسلي ۾ ڇا ٿيندو رهيو آهي. اپريل ۱۹۸۷ع ۾ جارج شلز ماسڪو آيو ۽ هن اسان کي قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته آمريڪا کي اهو حق ملڻ گهرجي ته هو اهڙا ميزائل ناهي، پنهنجي بارود جي گودام ۾ واڌارو ڪري، جيستائين سوويت يونين پنهنجي ميزائلن کي ختم نٿو ڪري. اها

عجيب منطق آهي. اُبتي منطق. اسان پاڻ گهٽ مفاصلي تائين مار ڪندڙ ميزائلن کي ختم ڪرڻ تي رضامند آهيون ۽ ان لاءِ اولهه جرمني ۽ چيڪوسلوواڪيه مان به اسان ميزائل هٽائي رهيا آهيون ۽ ان ڪانسواءِ بچيل ميزائل به ختم ڪندا سين. پر جڏهن اسان هي تجويز پيش ڪئي هئي، ته آهي ماڻهو جيڪي نيٽو ۾ هئا، ان جي ڇوڏاري گهبرايل گهبرايل ڦري رهيا هئا، جيئن هڪ ٻلي گرم ڪاڏي جي پيالي جي چوڌاري چڪر هڻندي آهي. هتي تاريخ پنهنجو پاڻ کي ورجائي ٿي. پر پوءِ به اسان همت نه هاري، بهار جي منڊ ۾ جنيوا ۾ ٿيل ڳالهين مان پيدا ٿيل صورتحال جو غور سان اڀياس ڪرڻ کان پوءِ، يورپ ۽ ايشيا جي عوام جي آواز تي ڪن ڏيندي، اسان هڪ ٻيو اهم قدم کنيو.

۲۲ جولائي ۱۹۸۷ع تي مون سوويت سرواڻن پاران اعلان ڪيو ته سوويت يونين پنهنجي ايشيائي علائقي ۾ ڪوڙيل، پنهنجي سيني وچين مفاصلي تائين مار ڪندڙ ميزائلن کي به ختم ڪرڻ لاءِ تيار آهي. ان اعلان سان ٻنهي وچين مفاصلي جي ميزائلن تي لڳل هڪ سو وار هيڊ بقايه رکڻ جو معاملو به ختم ٿي ويندو. جن تي اسان جو ۽ آمريڪي صدر جو اتفاق ٿي ويو هو ۽ بعد ۾ اسان جي نمائندن جنيوا ۾ ان تي بحث به ڪيو هو. ظاهر آهي ته اهو ان شرط تي ڪيو ويو هو ته آمريڪا به ائين ئي ڪندو ۽ گهٽ مفاصلي تائين مار ڪندڙ ميزائلن کي به ختم ڪيو ويندو. مختصراً هي ته سوويت يونين سچي ڌرتي جي گولي تي ”ڊبل زيرو آپشن“ تي عمل ڪرڻ لاءِ تيار آهي.

اسان صاف دلي سان اهو چئون ٿا ته سوويت يونين اهو سيڪجهه ڪيو آهي، جيڪو هو ڪري سگهيو ٿي، ته جيئن هڪ نه پر ٻن قسمن جي ائٽمي هٿيارن کي ختم ڪرڻ کان اڳ، اهم تاريخي معاهدي کي زنده ۽ بحال بنائي سگهجي پر معاهدي تي مڪمل عمل ڪرڻ کان اڳ ۾ ڪيتريون رنڊڪون پيدا ڪيون ويون آهن ۽ اڃا به پيدا ڪيون پيون وڃن. ائٽمي چٽ ڪٽائي تي عقل

۽ انساني تجربي جي فتح لاءِ اڻ ڳڻين مشڪلاتن جا پهاڙ جهاڳڻا آهن.

توهان پاڻ ئي اندازو ڪريو ته ”ڊبل زيرو“ تي راضي ٿي، جڏهن اسان کي چيو ويو ته ٢٧ پرشنگ A-۲ ميزائل اولهه جرمني جي ڌرتي تي کوڙيا ويندا ۽ اُن جي انگ جي مناسبت سان آمريڪي ائٽمي وار هيڊ به گڏ هوندا ته اسان کي ڪيئن لڳو هوندو، ته اوهان پاڻ ئي ڏسو، ڪٿي، اولهه جرمني جي غير ائٽمي حيثيت، ائٽمي هٿيارن کي ڦهلجڻ کان روڪڻ جو معاهدو ۽ ڌرين جي برابري جو اصول، اهي سڀ ڳالهيون ڪيئن منسوخ ٿي ويون. پر جڏهن حالتون اِن قسم جون هجن ۽ **اوڀر جرمني، چيڪوسلوواڪيا يا پولينڊ** اسان کان انهن هٿيارن جو مطالبو ڪن، جيڪي آمريڪا ۽ اولهه جرمني جي ائٽمي ميزائلن جو مقابلو ڪري سگهن ته پوءِ اسان ڇا ڪنداسين. ڇا اسان اهڙي صورتحال کي قبول ڪري وٺنداسين، ته بارود جي ڊوڙ کي هڪ طرف کان روڪيو وڃي، پر ٻئي طرف کان آها ڊوڙ تيز ٿي رهي هجي.

مون آمريڪا جي پرڏيهي وزير کي چيو، ”ڇا توهان واقعي اهو سمجهو ٿا ته اسان ايترو ڪمزور آهيون، جو توهان جي حڪومت کي خوش ڪرڻ لاءِ، اسان هر گهڙيءَ راضي ۽ تيار ملنداسين؟ يا توهان اهو سمجهو ٿا ته اسان سوويت - آمريڪا لاڳاپن کي سڌارڻ ۾ ايترو وڌيڪ دلچسپي وٺندا آهيون، جو ٻي ڌر يعني آمريڪا تي ڪجهه به ڪرڻ جي ذميواري ڪونهي؟ جيڪڏهن توهان اهو سوچيو ٿا ته اها اوهان جي غلط فهمي ڇئبي، جيڪا مهانگي پوندي. آءٌ اها ڳالهه صاف صاف ۽ بغير ڪنهن رک رکاءَ جي چوان ٿو.“

دنيا چڪتاڻ مان تنگ اچي وئي آهي. ٿڪجي چور ٿي پئي آهي، ماڻهو ڪافي وقت کان بي صبري سان انتظار ڪري رهيا آهن ته حالتن کي سڌارڻ جو ڪو موقعو پيدا ٿئي ۽ جنگ جو خطرو گهٽجي. سوويت يونين اهڙيون بي مثال رعايتون ان ڪري ڏنيون آهن ته جيئن اهڙو امڪان پيدا ٿئي. جيڪڏهن اهڙي موقعي کي ضايع ڪيو ويو، ته دنيا جي سياست تي اُن جا اثرات ابدي

ھوندا . سوال ٿو پيدا ٿئي ته اسان يعني سوويت يونين ئي اھڙن معاملن ۾ تڪڙ ڇو ٿو ڪري؟ حقيقت ھي آھي، ته اولھ کان وڏيڪ اسان ۰ کي وچين مفاصلي تي مار ڪندڙ ميزائلن کي تباھ ڪرڻو پوندو ؛ اھو ئي معاملو گھٽ فاصلي تائين مار ڪندڙ ميزائلن جو آھي. اسان کي ڪير اڳڀري رھيو آھي؟ اسان کي ھڪ ڳالھ انهن قدمن ڏانهن اڳڀاري ٿي. آھا اِھا آھي ته اسان واضح طرح سمجهي ويا آھيون، ته بارود گھٽائڻ جي عمل کي واقعي شروع ٿيڻ گھرجي ۽ ان لاءِ اسان کي ڪجھ ڪرڻو آھي، اھڙا موثر قدم کڻڻا آھن، جن سان اھو عمل ھڪ دفعو شروع ٿي وڃي. پلي اھو عمل سستي سان ئي اڳتي وڌي، ان لاءِ خاص حالتون پڻ درڪار نه ھجن، پر ان جي شروعات ٿيڻ گھرجي.

گھڻن اھم مسئلن جي حل لاءِ ھر ڳالھ ٻولھ ۾ ۽ ھر پليٽ فارم تي خيالن جي ڏي وٺ ضروري آھي ۽ جنيوا ۾ جاري مستقل ڳالھ ٻولھ ۾ ان جو سڀ کان وڏيڪ موقعو ميسر آھي. اسان انهن ڳالھين کي لامحدود اھميت ڏيون ٿا . منھنجو خيال آھي ته ھن ڪتاب جا پڙھندڙ ھن وقت اھا ڳالھ سمجهي ويا آھن ته اسان جنيوا مذاڪرات کي اڳتي وڌائڻ لاءِ ڇا ڇا قدم کنيا آھن.

اسان رڳو ڳالھيون ئي ڪرڻ نٿا چاھيون. مان اھا ڳالھ چڱي طرح ڇوندس ته آمريڪا ۾ ڪجھ ماڻھن لاءِ اھا شيءِ فائديمند آھي ته ”نيڪ آھي ڳالھ ٻولھ ته ھلي رھي آھي.“ پر اسان کي اھو مفيد محسوس نٿو ٿئي. ڳالھين ٻولھين جو سلسلو جاري رھڻ سٺو آھي. پر اھو ضروري آھي ته ڳالھ ٻولھ جي نتيجي ۾ اسان ڪجھ اڳتي وڌون ۽ اھڙي منزل تي پھچون، جتي سوويت يونين ۽ آمريڪا جا معاھدا ٿين . انهن ٻنهي ملڪن جي عوام ۽ سڄي دنيا کي جنيوا معاھدن جي ڪري، انهن ٻنهي ملڪن جي عوام ۽ سڄي دنيا جي ماڻھن کي سک جو ساھ کڻڻ جو موقعو ملي يعني اھو سمورو عمل ان تي ختم ٿئي، ائٽمي خطرو دور ٿئي ۽ بارود گھٽائڻ لاءِ رستو ھموار ٿئي.

اهو آهو مقصد آهي، جنهن لاءِ ايسان ڪم ڪري رهيا آهيون. جيڪڏهن جنيوا مذاڪرات کي سيني فوجي پروگرامن جي جاري رکڻ لاءِ ۽ فوجي خرچن کي وڌائڻ لاءِ هڪ دوکي جي ديوار طور استعمال ڪيو وڃي، ته اسان انهن ڳالهين جي حق ۾ ناهيون ۽ شدت سان انهن جي مخالفت ڪنداسين.

اهو درست آهي، ته انهن موقفن کي، جن تي اوير ۽ اولهه جي لاڳاپن کي گذريل پنجاهه سالن کان قائم رکيو ويو آهي، تبديل ڪرڻ سولو ڪم ناهي، پر نئين سوچ نيون حالتون ۽ نوان رويا هر دروازي جو ڪڙو ڪڙڪائي رهيا آهن ۽ هر دري ۾ کان ليئا پائي رهيا آهن. اسان ماڻهن کي جيڪي، اڄ جي نسل جا سياسي اڳواڻ آهيون. انهيءَ طرف ڌيان ڏيڻ گهرجي. بدقسمتي اها آهي، ته گهڻا سياستدان اڃا به پراڻن خيالن ۽ نهيل ڌڪيل تعويذن جي اثر ۾ آهن.

فيصلي جي گهڙي اچي وئي آهي. اڄ اسان جي نيڪ نيتي سياسي همت ۽ سمجهه توڙي شعور جو امتحان ٿيڻو آهي. اها ڳالهه ڏينهن وانگر پڌري آهي، ته وچين فاصلي ۽ گهٽ فاصلي تائين مار ڪندڙ ميزائلن بابت مسئلي جي ڪامياب حل جو، بارود گهٽائڻ جي پوري عمل تي گهڻو اثر پوندو ۽ ان جا ڏور رس ۽ اهم نتيجا نڪرندا. گذيل اعتماد قائم ڪرڻ لاءِ، اهو هڪ موثر قدم ثابت ٿيندو ۽ هن وقت باهمي اعتماد جي سڀ کان وڌيڪ ضرورت آهي.

ان ڪري اسان ڏور مار ميزائيل ۽ انهن ۾ ڪمي جي باري ۾ ڳالهيون جاري رکنداسين. ڏور مار ميزائيلن جي انگ ۽ قوت جي لحاظ کان آمريڪا ۽ سوويت يونين ۾ لڳ ڀڳ برابري وارو تناسب موجود آهي. مون ڪيترا ڀيرا آمريڪي ڌر کان اها ڳالهه پڌي آهي، ته آمريڪا اسان جي بين البراعظمي بلاسٽڪ ميزائلن (I.C.B.M) کي تمام وڏو خطرو سمجهندو آهي ۽ اسان وري آمريڪا جي پاڻي هيٺان هلندڙ بلاسٽڪ ميزائلن (Sub Merine Iaunech-ed Ballistic Missiles) کي پاڻ لاءِ وڏو خطرو سمجهندا آهيون، جو ته انهن کي سولائيءَ سان نقصان نٿو پهچائي سگهجي، پيو هنن

مثال آٽوميٽڪ وارهيڊ لڳل آهن، جن کي نشان تي ڇڏڻ سگهجي ٿو. ۽ هنن جا نشانا گسندا ناهن. اسان کي هڪ پيو به خطرو آهي. اهو خطرو سوويت يونين جي چوڌاري ڦهليل فوجي اڏن مان آهي. ان جي باوجود اسان جي وچ ۾ ڏور مار ميزائيلن جي معاملي ۾ لڳ ڀڳ برابري جو تناسب موجود آهي. تنهن ڪري موجوده دائري ۾ رهندي ۽ موجوده حملي آور ڏور مار هٿيارن جي انگ کي ڏسندي، جيڪڏهن اسان جي وچ ۾ برابريءَ جو تناسب موجود آهي، ته ظاهر آهي ته انهن ۾ اڌو اڌ ڪمي ڪرڻ سان اهو توازن برقرار رهندو. مجموعي انگ پنهنجي طرفان گهٽجي ويندو. ان سان صورتحال ۾ فرق پئجي ويندو. سون صدر ريگن جي سامهون رڪياوڪ ۾ اهو تجويز رکي هئي ته ٽن قسمن جي ائٽمي ميزائلن کي ۽ انهن مان هرهڪ کي اڌ تائين گهٽايو وڃيءَ. ائين ٿئي ها ته يقيناً اها هڪ وڏي ڪاميابي ٿئي ها.

اهو درست آهي ته اي. بي. ايم معاهدي تي اڪر به اڪر عمل ٿيڻ گهرجي. جيستائين S.D.I جو تعلق آهي، ته اسان کي انهن ادارن، ڪارخانن ۽ آزمائشي علائقن ۽ تجربيگاهن ۾ ڪو جنا تي ڪو اعتراض ناهي. حقيقت اها آهي ته اسان جي تجويز ۾ آمريڪا جا پنجن ڪان اڌن تائين S. D. I جي باري ۾ ضروري شرط شامل ڪيا ويا آهن. هاڻي ڪرڻو اهو آهي، ته ماهر ويهي سيني معاملن کي سامهون رکن ۽ اهو فيصلو ڪن ته S.D.I جي ڪهڙن حصن کي خلا ۾ موڪلڻ گهرجي ۽ ڪن کي نه موڪلڻ گهرجي. اسان جي ان ناهن ۾ هن مسئلي جي حل لاءِ سٺو موقعو موجود آهي.

سوويت يونين آمريڪا سان لاڳاپن کي سڌارڻ ۽ انهن کي وڌيڪ سرگرم بڻائڻ لاءِ گهڻا قدم کنيا آهن، ته جيئن نئين صورتحال ۽ نوان موقعا پيدا ٿين. موجوده آمريڪي انتظاميه سان اڳ ۾ ڪيترن ڏهاڪن تائين، ڪنهن به آمريڪي حڪومت کي سوويت يونين سان لاڳاپا سڌارڻ جا اهڙا موقعا نه ڏنا ويا هئا. پوءِ به انهن سيني ڳالهين جو نتيجو ڇا نڪتو آهي؟ ڪو فخر جوڳو نتيجو نه نڪتو

آهي. اسان جي پنهي ملڪن هن رستي تي ڪا نئين پيش رفت ڪونه ڪئي آهي ۽ وقت پيري سان گذرندو پيو وڃي. اسان کي ته يقين هو ته يا ته اسان جي وچ ۾ معاهدا ٿي ويندا يا ته اسان لاءِ سواءِ ان جي ڪو رستو نه رهندو، ته اسين سوويت آمريڪي لاڳاپن جي برندڙ باهه ۾ ويٺا سڪيون ڪانيون وجهون ته جيئن اها باهه پڙڪا ڏيندي رهي.

اسان اهڙا ضروري قدم کنيا آهن، ته اسان جي حڪمت عملي ۾ نظرياتي تعصب نه رهي. اولهه کي ائين ڪرڻ گهرجي. سڀ کان اڳ ۾ کين ان غلطي فهمي مان نجات حاصل ڪرڻ گهرجي، ته سوويت يونين کي بارود جي گهٽائڻ جي اولهه کان وڌيڪ ضرورت آهي ۽ اسان تي ٿورو به دٻاءُ وڌو ويو، ته اسان برابري جي اصول تان هٿ کڻي ويندا‌سين. اسان ڪڏهن به ائين نه ڪنداسين.

غور ڪيو ته سوويت يونين جي سڀني تجويزن ۾ پهرين ان جو گهرائيءَ سان اڀياس ڪيو وڃي، هميشه ۽ هر طرح تي برابر ۽ توازن جا شرط موجود آهن. پل اهو ائٽمي هٿيارن جو ذڪر هجي يا روائتي ۽ ڪيميائي هٿيارن جو ۽ ان جو تعلق پل ڪنهن به جاگرافيائي علائقي سان هجي. اوير يا اولهه يورپ هجي يا آمريڪا. اسان پنهنجون تجويزون گهڻي محنت ۽ غور فڪر سان تيار ڪندا آهيون، اسان هميشه ان بنيادي خيال کان شروعات ڪندا آهيون، ته ڪو به ملڪ ڪو ڪم پنهنجي سلامتيءَ کي جو کي ۾ وجهي ڪڏهن به نه ڪيندو.

جڏهن اسان ڪنهي ٻنهي ڳالهين لاءِ پنهنجون تجويزون پيش ڪندا آهيون، مثال طور جنيوا ۾ يا ٻئي هنڌ اسان هتان شروعات ڪندا آهيون، ته جيڪڏهن اسان فقط سوويت يونين جو ئي خيال ڪيو ۽ ٻي ڌر جي مفادن جو ذرو به خيال نه ڪيو ته ڪڏهن به معاهدو نه ٿيندو. اسان آمريڪين کان مطالبو ٿا ڪريون، ته هو به ائين ئي ڪن. اسان سان اهڙو ئي سلوڪ ڪن جهڙو اسان هنن سان ڪندا آهيون. ڇو ته اسان ڪڏهن به ٻيءَ ڌر جي برتري يا پنهنجي

سلامتي جي ذرو به خلاف ورزي برداشت نه ڪنداسين. اسان آمريڪا جي گڏيل رياستن (U.S.A) جي سلامتي کي ڪنهن طرح به خطري ۾ نٿا وجهڻ چاهيون. جيڪڏهن ٻئي ڌريون ساڳيو رويو رکن ته سوويت آمريڪي سهڪار جي سيني شعبن ۾ گهڻي ترقي يقيني آهي. اهو به ممڪن آهي، ته اسان نئين آمريڪي حڪومت جو انتظار ڪريون * پر اسان موجوده حڪومت سان معاملا ڳالهين کي ترجيح ڏينداسين.

اسان شروعات ڪري چڪا آهيون. ذاتي ملاقاتون ۽ سڪ سلوڪ ڪنهن حد تائين پيدا ٿي چڪي آهي. اسان هن ڳالهه کي گهڻو اهم سمجهندا آهيون، ته هڪ معتدل ماحول پيدا ڪيو وڃي. جنهن ۾ آخر اهو ممڪن هجي، ته معاهدي ڏانهن ڪڙي وک وڌائبي. پر آمريڪي ڌر هر بار ٽاڻ جي ٽي پوي. افسوس جي ڳالهه اها آهي، ته جڏهن به واشنگٽن سان صلح جي ڳالهه ٻولهه ڪريون ٿا ته امن ۽ صلح دشمن قوتون سڄي مسئلي کي الجهائڻ لاءِ، سرتوڙ ڪوششون شروع ڪري ڏين ٿيون ۽ پنهنجون سرگرميون تيز کان تيز ڪري ڇڏين ٿيون، ته جيئن امن ۽ صلح ڏانهن پيش قدمي کي روڪي سگهجي.

ان جو تازو مثال اها جاسوسي آهي، جيڪا سفارت خانن ۾ ڪئي ويندي آهي. مون جارج شلز جي سامهون هڪ نئون خيال پيش ڪيو ته هو ۽ شيورڊ نادزي ٻئي وڏا جاسوس آهن ۽ ماسڪو ۽ واشنگٽن ۾ اسان ٻنهي جا سفير به جاسوس آهن. انهن ٻنهي جو ته ڪم اهو آهي، ته پنهنجي پنهنجي ملڪ کي ٻئي ملڪ جي حالتن ۽ ان جي ارادن کان باخبر رکن.

سفارت خانن ۾ جاسوسي جي تصور واري ڇڙپ سخت چسائپ آهي. اسان آمريڪا جي باري ۾ سڀ اهم ڳالهيون ڄاڻون

---

* هي ڪتاب ريگن انتظاميه جي وقت ۾ لکيل آهي ۽ ايندڙ انتظاميه مان مراد هاڻوڪي بش انتظاميه وٺڻ گهرجي.

ٿا ۽ اهڙيءَ طرح آمريڪا اسان جي باري ۾ سڀ ڪجهه ڄاڻي ٿو. هن پيري جاسوسيءَ جو شوشو ان ڪري ڇڏيو ويو، ڇو ته هاڻي اها عادت بڻجي چڪي آهي. جڏهن اسان جي لاڳاپن ۾ ڪنهن الجهن کي سلجهائڻ جا امڪان چٽا ٿيڻ لڳندا آهن، ته هو ڪاميابي جي امڪانن کي ناڪام بڻائڻ لاءِ ڪو بهانو يا ڪوڙو هٿ ناٽ گهڙيندا آهن.

مون کي سڌ آهي، صدر ريگن طرفان سوويت قيادت جي رويي جي باري ۾ ڪيترا ڪوڙا ڪاٿا ڪيا ويا آهن. صدر جي باري ۾ منهنجا ڪي ذاتي تاثرات آهن. اسان جي ٻه ڀيرا ملاقات ٿي چڪي آهي ۽ اسان ڪلاڪن تائين پاڻ ۾ ڳالهايو آهي. سڀني مشڪلاتن جي باوجود منهنجي راءِ ۾ اڄ تائين صدر ۽ منهنجي وچ ۾ هڪ نهايت سنجيده گفتگو جاري آهي. ڪيترا ڀيرا اسان هڪ ٻئي کي اڻ وڻندڙ ڳالهيون به ڇئي ڏينداآهيون ۽ اهو عوام جي سامهون به ٿيندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن سخت لفظن ۾ به ڳالهه ٻولهه ٿيندي آهي. جيستائين منهنجو تعلق آهي، ته آءٌ چوان ٿو ته اسان پنهنجون ڪوششون جاري رکنداسين. اسان هر آمريڪي صدر ۽ حڪومت سان، جنهن کي آمريڪي عوام چونڊيو هجي، سهڪار ۽ ڳالهه ٻولهه ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. آمريڪي صدر جي چونڊ (ڀلي هو ڊيموڪريٽ هجي يا ريپبليڪن) آمريڪين جو پنهنجو معاملو آهي. آءٌ اها ڳالهه ورجايان ٿو ته اسان هر ان آمريڪي حڪومت سان سهڪار ڪنداسين، جنهن جي هٿ ۾ آمريڪي عوام پنهنجي ملڪ جي واڳ ڏيندو. منهنجو خيال آهي ته اهڙن معاملن ۾ هميشه ائين ڪرڻ گهرجي. آمريڪي پنهنجي ملڪ ۾ اهڙي طرح زنده رهڻ جيئڻ هو چاهين ٿا ۽ اسان سوويت يونين ۾ هميشه اهڙي نموني رهنداسين، جيڪو اسان کي پسند آهي. اسان ڪڏهن به سياستدانن ۾ وڻندڙ ۽ اڻ وڻندڙ، محترم ۽ نامحترم جي ورهاست ڪانه ڪرڻ چاهيون. اهي حقيقتون آهن ۽ اسان ڪيئي انهن جو هميشه احترام ڪرڻ گهرجي، نه ته سياست هٿ جي صفائيءَ ۽ هڪ چيڙيءَ کان

ٻئي ڇيڙي تائين تپ ڏيڻ جو نالو وڃي رهندي ۽ سياست ۾ ڪابه ڳالهه يقيني نه رهندي. سياست ۾ اهڙيون حرڪتون غلط آهن، خاص طرح سان جڏهن معاملو اهڙن ٻن ملڪن جي لاڳاپن جو هجي، جيئن آمريڪا ۽ سوويت يونين آهن. اهو معاملو گهڻو سنجيده آهي.

اها ڳالهه نهايت اهم آهي، سوويت يونين ۽ آمريڪا ان يقين سان شروعات ڪئي ته اسان کي معاهدو ضرور ڪرڻو آهي. اهو اسان جو فرض آهي، ڇو ته اسان پاڻ ۾ امن سان زنده رهي سگهون.

سوويت يونين ۽ آمريڪا کي تاريخي اهميت جا ڪم ڪرڻا آهن. ٻنهي مان ڪوبه هڪ ملڪ، اڪيلي سر اهو ڪم ڪونه ڪري سگهي. اهو ڪم اڄ جي مسئلن کي سلجهائڻ جو آهي. اڄ اسان جو سڀ کان وڏو فرض هي آهي، ته ائٽمي جنگ ۾ انسان ذات جي تباهي کي روڪيون. جيڪڏهن اسان اهو ڪم ڪرڻ ۾ ڪامياب ويا سين ته پوءِ سوويت آمريڪي لاڳاپن ۾ بهتر کان بهتر تبديليءَ جي اميد رکي سگهجي ٿي. هڪ اهڙي دور جي اميد به رکي سگهجي ٿي. جڏهن سان سوويت يونين آمريڪا ٻنهي ملڪن ۾ سڄي انسان ذات کي گڏيل فائدو حاصل ٿيندو.●

آخري لفظ

هاڻي ڳالهه کي پورو ڪرڻ جي وقت اچي ويو آهي. پڇاڙي ۾ ڪجهه ڳالهيون ڪري وٺون. مون کي پڪو يقين آهي، ته هي ڪتاب اڃا ختم ناهي ٿيو ته هي ڳالهه ڳالهه ختم ٿي سگهي ٿي. هن ڪتاب جي پورنتا ته عمل سان ٿيندي. ان لاءِ انهن مقصدن جي حاصلات لاءِ، جن جو مون هنن صفحن ۾ سچائيءَ سان اظهار ڪيو آهي، تن لاءِ عملي قدم کڻڻا پوندا.

نئين تشڪيل جو عمل اسان لاءِ ڪو سولو ڪم ناهي. اسان پنهنجي هر قدم جو هر پيري تنقيدي جائزو وٺندا آهيون ۽ عمل مان نڪتل نتيجن سان پنهنجو امتحان وٺندا آهيون ۽ شدت سان محسوس ڪندا آهيون، ته جيڪي ڳالهيون يا خيال اڄ وڏنڌڙ ۽ موثر نظر اچن ٿا، ٿي سگهي ٿو ته سڀاڻي اهي پراڻا ۽ قسا لڳن.

گذريل اڍائي سالن ۾ اسان کي گهڻو ڪجهه حاصل ٿيو آهي. ايندڙ سال بلڪ مهينا پڻ نيون تبديليون آڻيندا. نئين تشڪيل دوران اسان سوشلزم جي ماضي، حال ۽ مستقبل جي باري ۾ پنهنجي خيالن کي وسيع تر ڪندا پيا وڃون. هن عمل ۾ اسان پنهنجو پاڻ کي ڀيهر ڳولي رهيا آهيون. اهو سڀ ڪجهه ان لاءِ نه ٿي رهيو آهي، ته رڳو خيالي جذبي جي تسڪين ٿئي، نه ئي 'همدرديون' حاصل ڪرڻ جي لاءِ، جيئن مخالفن جو چوڻ آهي ۽ نه ئي ماڻهن جي 'شاباس' لاءِ. اسان کي عمل تي اڀارڻ واريون شيون، آڪٽوبر انقلاب جا خيال آهن. لينن جون سوچون آهن ۽ عوام جا مفاد آهن.

اسان کي يقين آهي ته نئين تشڪيل مان عالمي لاڳاپن منجهه به فائدو ٿيندو، جن ۾ سوويت آمريڪي لاڳاپا به شامل آهن، جو ته نئين سياسي سوچ اڄ جي دؤر جي اهم ضرورت آهي.

انسانيت کي عظيم خطرن سان منهن ڏيڻو آهي. چتاءُ جا گهڻا سبب موجود آهن. پر چتاءُ جي خلاف سرگرم قوتون

اسان جي اکين آڏو وڏي ويجهي رهيون آهن ۽ وڏيڪ سگهاريون ٿي رهيون آهن.

شڪ ۽ دشمني کان اعتماد تائين پهچڻ، خوف ٿي بدل توازن کان عقل ۽ نيڪ نيتي تي بدل توازن تائين، تنگ نظر قومي خود پسندي کان گڏيل سهڪار تائين پهچڻ آهي اسان جا مقصد آهن. اسان جي امن جي منصوبي جي اها منزل آهي. ان لاءِ اسان مستقل طور تي لڳاتار ڪم ڪندا رهنداسين. قومن ۾ گڏيل سڪ سلوڪ جي خواهش دنيا ۾ عام ٿي رهي آهي. سياستدانن ۾ ان ڳالهه جو احساس پيدا ٿي رهيو آهي. پڙهيل-لکيل ماڻهن ۾ ان جو اثر وڌي رهيو آهي. ثقافت جي نمائندن ۽ عام ماڻهن ۾ اهو جذبو قلبي قولجي رهيو آهي، ته جيڪڏهن روسي لفظ "پرسترائيڪا" عالمي لغت جو سولائي سان حصو بڻجي ويو آهي، ته ان جو ڪارڻ عام هورا ڪورا آهي، ته سوويت يونين ۾ ڇا ٿي رهيو آهي. پيو به گهڻو ڪجهه آهي. اڄ سڄي دنيا کي نئين نموني جوڙڻ جي ضرورت آهي. يعني ڏاڪي بڏ ڏاڪي واري ترقي. اها اڄ بنيادي تبديلي آهي.

عوام ان ڳالهه کي محسوس ڪن ٿا ۽ ان کي چڱي طرح سمجهن ٿا. ڪين موجوده دنيا ۾ پنهنجي حيثيت کي به مقرر ڪرڻو آهي. انسانيت کي درپيش مسئلن کي سمجهڻو آهي. ڪين اهو به سمجهڻو آهي، ته مستقبل ۾ هو ڪيئن زندهه رهندا. هڪ اهڙي دنيا کي جيڪا ائٽمي هٿيارن سان ڀريل آهي، جتي شديد اقتصادي گهوٽالا ۽ ماحولياتي مسئلا پيدا ٿي چڪا آهن. هي دنيا جيڪا غربت، پسماندگي ۽ بيماري جي بار هيٺيان دٻيل آهي، تنهن کي نئين تشڪيل جي ضرورت آهي ۽ انساني نسل کي پنهنجي بقا کي يقيني بنائڻ لاءِ، سڄي دنيا کي نئين سر اڏڻ جي ضرورت آهي.

اسان سڀ شاگرد آهيون ۽ زندگي ٿوڙي وقت اسان جا استاد. منهنجو اندازو آهي ته آهستي آهستي وڌ کان وڌ ماڻهو، ان ڳالهه کي سمجهڻ لڳندا ته وسيع تر معنيٰ ۾ نئين تشڪيل ئي اهو ذريعو آهي، جنهن سان دنيا جي اتحاد ۽ سلامتي ۾ واڌارو ٿيندو.

پنهنجي وڏي استاد زندگي کان سنئون مارڪون کٽي، جڏهن اسان ايڪهين صديءَ ۾ داخل ٿينداسين، ته اسان جي تياري سٺي هوندي ۽ اسان کي اعتماد هوندو ته اسان آئينده به اڳتي وڌندا رهنداسين.

اسان چاهيون ٿا ته ايندڙ صديءَ ۾ دنيا جي هر ڪنڊ ۾ آزادي جو ماحول مٿانهون هجي. اسان چاهيون ٿا ته مختلف سماجي سرشتن جي وچ ۾ بغير ڪنهن رنڊڪ جي پرامن مقابلو هجي، ته جيئن اڳتي وڌي. ملڪن ۽ نظامن ۾ گڏيل طرح مفيد سهڪار پيدا ٿئي، نه ڪي هڪ ٻئي سان ٽڪر يا بارود جي ڍوڙ وارو خطرو هميشه سر مٿان لامارا ڏيندو رهي. اسان چاهيون ٿا ته هر ملڪ جا ماڻهو ججهي خوشحالي ۽ انڌ مٺي خوشي ماڻين. ان منزل ڏانهن رستو ايٽمي هٿيارن ۽ ڏاڍ کان پاڪ ۽ پرامن دنيا مان لنگهي ٿو. اسان هن رستي تي وک وڌائي آهي ۽ ٻين ملڪن ۽ قومن کي سڏيون پيا ته هو به اسان سان گڏجي ان پنڌ جا پانڌيئڙا ٿين ●

پرسترو ئڪا

ميخائيل گورباچوف

ميخائيل گورباچوف- جنوبي روس جي علائقي اسٽاوروپول جي ڳوٺ پريوولونو منجهه 2 مارچ 1931ع ۾ پيدا ٿيو ۽ پندرهن سالن جي ڄمار ۾ بطور "هارويسٽر آپريٽر" عملي زندگيءَ ڏانهن وک وڌايائين.

- □ 1952ع ۾ هو ڪميونسٽ پارٽيءَ جو ميمبر ٿيو. 1955ع جي لڳ ڀڳ هو ڪيمسومول (نوجوان ڪميونسٽ ليگ) جي اڳواڻ طور اڀريو. پهريائين ڪيمسوسول جي شهري ڪميٽي جو سيڪريٽري چونڊيو ۽ پوءِ علائقائي ڪيمسومول جو سيڪريٽري ٿيو.

- □ 1966ع ۾ هو اسٽاوروپول شهر جي ڪميونسٽ پارٽي جو سيڪريٽري چونڊيو ويو ۽ ستت ئي سٽاورپول جي پوري علائقي جي پارٽي جو سيڪريٽري چونڊيو.

- □ 1970ع ۾ هو سوويت يونين جي سپريم سوويت جو رڪن چونڊيو ۽ 1971ع ۾ پارٽي جي چوويهين ڪانگريس جي موقعي تي پارٽيءَ جي مرڪزي ڪميٽي جو پڻ رڪن چونڊيو ويو.

- □ 1978ع ۾ هو سوويت يونين جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي مڪمل اجلاس ۾ مرڪزي ڪميٽي جو سيڪريٽري چونڊيو ويو ۽ ان حيثيت ۾ هو مستقل طور ماسڪو منتقل ٿي ويو.

- □ 1979ع ۾ هو پولٽ بيورو جو متبادل رڪن بڻيو ۽ پوءِ 1980ع ۾ مستقل ميمبر بڻيو.

- □ هن وقت سوويت يونين جي ڪميونسٽ پارٽي (C.P.S.U) جو سيڪريٽري جنرل ۽ سوويت يونين جو صدو آهي.

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاٺو، ياجوڪڙُ ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسُل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ ٽالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ ڪان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ ڪان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، جاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........
... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ ٽاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڃي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهہ ٽاٽن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نسُل جا پَنَ سيني کي چوڻ، چالاڪ ۽ ڪينئن جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا يارُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)